More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح نامهٔ سِنڌ

عُرف

چچ نامو

سنڌي ادبي بورڊ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح نامهٔ سنڌ

عُرف

چچ نامو

ترجمه ڪندڙ

مخدوم امير احمد

تصحيح، تحقيق ۽ تشريح ڪندڙ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڇاپو پهريون ۱۹۵۴ع تعداد ۲۰۰۰
ڇاپو ٻيو ۱۹۶۶ع تعداد ۱۰۰۰
ڇاپو ٽيون ۱۹۷۶ع تعداد ۲۰۰۰
ڇاپو چوٿون ۱۹۹۳ع تعداد ۲۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ]

قيمت [illegible] سؤ پنجاهه رپيا
[Price: R[illegible]s]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ناشر طرفان

پيشڪش

”سنڌ جو فتحنامو“، جيڪو ”چچنامو“ جي نالي سان مشهور آهي، ٽين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ واري عرصي دوران عربيءَ ۾ لکيو ويو، جنهن جي تاليف ڪندڙ جو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. ستين صدي هجريءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾، بکر سنڌ جي قاضين وٽ موجود عربي نسخي تان، علي بن حامد ڪوفيءَ ان جو فارسي ترجمو ڪيو، جنهن تان پوءِ انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ان جا مختصر ۽ مڪمل ترجما ٿيا.

فارسي متن کي اول شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي درست ڪيو، جيڪو حيدرآباد دکن جي ”مجلس مخطوطات فارسيہ“ پاران ١٩٣٩ع ۾ شايع ڪيو ويو.

انگريزيءَ ۾ سڀ کان پهرين، ١٨٣٨ع ۾، ليفٽيننٽ پوسٽنس ”چچنامي“ جو مختصر ترجمو شايع ڪرايو، جنهن کان پوءِ، ١٩٠٠ع ۾، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ان جو مڪمل انگريزي ترجمو شايع ڪرايو.

سنڌي ترجمو اول ميرن جي دور ۾ ڪيو ويو، ۽ پوءِ وري، ١٩٢٣ع ۾، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ بہ سنڌي ترجمو شايع ڪرايو. پر اهي ترجما جيئن تہ صحت ۽ تحقيق کان خالي هئا، تنهنڪري ”سنڌي ادبي بورڊ“، پنهنجيءَ سنڌ جي بنيادي تاريخي ڪتابن جي اشاعت واريءَ اسڪيم هيٺ، سنڌيءَ ۾ هڪ مڪمل ۽ مستند نسخو تيار ڪرائڻ جو ارادو ڪيو. ان طرح، ”چچنامي“ جو هي معتبر نسخو، مرحوم مخدوم امير احمد صاحب کان ترجمو ڪرائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾، ١٩٥٤ع ۾، شايع ڪيو ويو، جنهن کي ڊاڪٽر صاحب، گهڻيءَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محنت ۽ تحقيق سان، متن جون سموريون غلطيون سڌاري، شرحن ۽ حاشين سان سنواري ڇڏيو آهي.

هن وقت هي ڪتاب گهڻي وقت کان ڪٿي ويل هو ۽ تاريخ جي طالبن طرفان ان جي گهڻي طلب ٿي رهي هئي، تنهنڪري ٽڪڙن انتظامن سان اسين ان جو هي ٽئون ڇاپو ڪافي تعداد ۾ پڌرو ڪري رهيا آهيون.

سنڌ جو هي فتحنامو نه رڳو سنڌ پر هند-پاڪ جي سڀ کان پهرين ۽ پراڻي تاريخ آهي، جيڪا هن علائقي ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ جي حالتن ۽ ان کان پوءِ مسلمانن جي اوائلي فتحن جو لاڳيتو تفصيل پيش ڪري ٿي.

عربيءَ مان فارسي ۽ فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ سان ظاهر آهي ته، اصل ڪان ٿي ڏاڪا هٽي، انداز ۽ بيان ۾ ڪافي ردبدل ٿي هوندي، ۽ خاص ڪري فارسي ٻوليءَ جي ليکڪن ۾ عبارت جي رنگينيءَ ۽ "زيبِ داستان" واري انداز سان، ڳالهه کي وڌائڻ ۽ موڙ ڏيڻ واري طريقي جي ڪري، ڪافي فرق آيو هوندو. پر تڏهن به بنيادي طرح، خود هڪ عرب مورخ جي قلم سان سنڌ جي باري ۾ هن تاريخ ۾ اهڙا ۽ ايترا تفصيل ۽ انگ اکر يڪجا ٿيل آهن، جن جو مطالعو اسانجن تاريخ جي طالبعلمن توڙي عام پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ازحد قيمتي ۽ سبق آموز آهن.

پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ جي مطالعي بنا، حال ۾ جيئڻ ۽ مستقبل ۾ منزل ماڻڻ جي ارادن جو ڪوبه بنياد نٿو رهي. ان ڪري، سنڌ جي سڀ کان اوائلي تاريخ هجڻ سبب، هن ڪتاب جو مطالعو اثر آهي.

شمشيرالحيدري
سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ،
ڄام شورو، سنڌ

۲۰ - سيپٽمبر، ۱۹۹۴ع

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

باسمہ تعاليٰ

ديباچو

سنڌ سرڪار جي ”سنڌي ادبي بورڊ“ پنهنجي ٻهرئين نشست مورخ ٢٠ـ آڪٽوبر ١٩٥١ع ۾ فيصلو ڪيو هو ته سنڌ جي تاريخ جا ٽي مکيه ڪتاب: (١) فتحنامه سنڌ، (٢) تاريخ معصومي ۽ (٣) تحفة الڪرام فارسي مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا وڃن، انهيءَ لاءِ ته اهل وطن پنهنجي تاريخ کي پنهنجي زبان ۾ آساني سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن. بورڊ طرفان انهن ڪتابن جي ترجمي جو ڪم مخدوم امير احمد صاحب، پرنسپال اورنٽيل ڪاليج حيدرآباد سنڌ کي سونپيو ويو ۽ ان جي نگراني ۽ ذميواري بنده راقم الحروف جي حوالي ڪئي وئي.

جناب مخدوم صاحب ۽ بنده هن ڪم کي هڪ اهم قومي خدمت سمجهي ان کي جلد از جلد پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”تاريخ معصومي“ جو ترجمو ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿي چڪو، ۽ هينئر ”فتحنامه سنڌ“ جو هي ترجمو پيش ڪجي ٿو. تحفة الڪرام جو ترجمو پڻ تيار آهي، جو اميد ته ١٩٥٧ع ۾ ڇپجي شايع ٿيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي ٻهرئين رٿيل تجويز عنقريب پوري ٿيندي.

”تاريخ معصوميءَ“ جي ترجمي ۽ اشاعت وقت بنده وٽ جو ٿورو مواد موجود هو، سو فاضل مترجم جي حوالي ڪيو ويو، ترجمي، حواشي، ۽ آخر ۾ فهرست بابت ضروري مشورا ڏنا ويا، ڪتاب جي تمهيد لکي وئي ـ ۽ اهڙي طرح ترجمي جي نگراني ۽ ذميواري جو حق ادا ڪيو ويو. ان کان وڌيڪ مصنف جي حالات يا تاريخي مواد جي زياده گهري تحقيق کي في الحال درگذر ڪيو ويو، ڇو ته ان سلسلي ۾ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽه جي ڪيل تحقيق سنڌي ترجمي لاءِ قدري ڪافي هئي؛ ازان سواءِ مير محمد معصوم جي حالات

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خواهه "تاريخ معصوميءَ" ۾ بيان ٿيل هوئين سنڌي تاريخي دؤر (سلاطين دهلي تاعهد اڪبر) بابت فارسي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ڪافي مواد موجود آهي، جنهن جي بناء تي باقي رهيل تحقيق جي آساني سان تڪميل ٿي سگهي ٿي آهي.

هي ڪتاب "فتحنامه سنڌ" (عرف چچنامه) قبل از اسلام ۽ اوائلي اسلامي فتوحات واري سنڌ جي تاريخي دؤر سان تعلق رکي ٿو؛ پر ته هيءُ ڪتاب فارسي ترجمي جي صورت ۾ اسان تائين پهتو آهي ۽ اصل ڪتاب عربي، فنا ٿي چڪو آهي؛ ۽ تيئن ته ڪتابت جي تاريخي قدامت، ان جي اصل عربي ماخذن سان وابستگي، ۽ فارسي ترجمي جي پيچيدگين سبب ان ۾ ڪافي تصحيح ۽ تحقيق جي گنجائش باقي آهي. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ فاضل مترجم مخدوم امير احمد صاحب فارسي متن جي ترجمي جو ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيو ۽ پنهنجي ذميواري پوري ڪئي، مگر محض ان لفظي ترجمي کي شايع ڪرڻ سان تاريخ جو حق ڪماحقه ادا نه ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته خود فارسي متن ۾، باوجود شمس‌العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽه جي فاضلانه نظر جي، ڪافي تصحيح جي گنجائش باقي هئي.

انهيءَ ڪري بنده مناسب سمجهيو ته هن ڪتاب جي سلسلي ۾ محض ترجمي جي نگرانيءَ کان ذرا اڳتي قدم وڌائجي ۽ متن جي نئين سر تصحيح ڪري سنڌي ترجمي کي به انهيءَ لحاظ سان درست ڪجي. هن وٿيل تصحيح جي دوران ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي سيڪريٽري طرفان خط پهتو، جنهن سان گڏ بورڊ جي فاضل ميمبر دوست محترم پير حسام‌الدين صاحب راشديءَ جي زوردار راء شامل هئي ته آءٌ هن اهم تاريخي ڪتاب جي نئين سر تصحيح ۽ تحقيق جو ڪم پنهنجي ذمي ڪريان، جيئن هيءُ ڪتاب محض "سنڌي ترجمي" جي بدران هڪ مستقل، نئين ايڊيشن جي صورت ۾ شايع ٿئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيءُ ڪم ڪافي اڻانگو هو، مگر وطن جي محبت ۽ خدمت خاطر لبيڪ چئي هيءُ ڪم شروع ڪيو ويو، جو تقريباً ٻن سالن جي محنت بعد پورو ٿيو آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾ هن ڪتاب جي اصليت توڙي هن سنڌي ايڊيشن جي اهميت تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي؛ جملي ڪيل محنت بابت هت هيءُ اشارو ڪافي ٿيندو ته 'فتحنامه' جو اصل فارسي متن صرف ٢٤٨ صفحا آهي ۽ هن سنڌي ايڊيشن جي ضخامت تقريباً ٧٠٠ صفحا ڪن آهي. تصحيح ۽ تحقيق جي لحاظ سان 'فتحنامه' جي هيءَ سنڌي ايڊيشن، هن ڪتاب جي جملي اڳين ڇپيل ترجمن توڙي فارسي متن کان عام پڙهندڙ کي هر لحاظ سان بي نياز ڪري سگهي ٿي؛ بلڪ آئيندي هن ڪتاب بابت لکندڙ يا ان مان تاريخي معلومات آخذ ڪندڙ محقق ۽ مؤرخ کي سواءِ هن ايڊيشن جي ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي. انهيءَ لحاظ سان فن تاريخ بابت سنڌي ۾ هيءُ ڪتاب سردست هڪ نهايت ئي قيمتي اضافو آهي.

اهل وطن کي سنڌي زبان ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب جي اهميت کان واقف ڪرڻ لاءِ مٿيان اشارا ضروري هئا، ورنه بندو پنهنجي هن ڪافي محنت کي اڃا ناڪافي سمجهي ٿو. اميد ته اسان مان، ٻئي ڪنهن صاحب علم کي ڌڻي توفيق ڏيندو جو هن تحقيق کي اڃا به وڌيڪ مڪمل ڪري، سنڌ جي تاريخ جي ڪماحقه خدمت ڪندو.

آءٌ پنهنجي فاضل استاد مولانا عبدالعزيز ميمڻ، سابق پروفيسر و صدر شعبهٔ عربي مسلم يونيورسٽي علي گڙهه، جو رهين منت آهيان جنهن سندم شاگرديءَ واري عرصي (١٩٤٣-١٩٤٥) ۾ منهنجي تاريخي ۽ ادبي معلومات ۾ قيمتي اضافا ڪيا، جي هن ترجمي جي تصحيح ۽ تحقيق ۾ مشعل راه بڻيا آهن. پڻ آءٌ پنهنجي محترم رفيق ۽ مهربان دوست قاضي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

احمد ميان اختر صاحب پروفيسر ”اسلامي تاريخ“ سنڌ يونيورسٽي جو شڪرگذار آهيان، جنهن وقت بوقت بندي جي تحقيقي بحثن کي غور سان ٻڌو، پنهنجا مفيد مشورا ڏنا، ۽ منهنجي مسلسل همت افزائي ڪئي. ازان سواء ٽن نوجوانن: مراد علي خان، محمد شريف ۽ مسعود عليءَ ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل ماڻهن، ملڪن ۽ ماڳن وغيره جي ٽن اٺانگين فهرستن (نمبر ٢ ص ٥٦٥، ۽ نمبر ٣ ص ٥٨٢) تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، بورڊ جي لائق سيڪريٽري محمد ابراهيم جوئي، ڪتاب جي تڪميل ۽ طباعت ۾ خاص دلچسپي ورتي، ۽ بورڊ جي پريس جي عملي، ڪتاب کي صحيح ڇاپڻ ۾ حتي المقدور ڪوشش ڪئي. آءٌ انهي سڀني صاحبن جو شڪرگذار آهيان.

خادم العلم

نبي بخش بلوچ

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

٢٢- آڪٽوبر ١٩٦٦ع

ضروري اشارا

١- ڪتاب جي متن ۾ چورس ڏنگين اندر ٿلهي ٽائيپ ۾ ڏنل انگ، اصل فارسي متن جا صفحا ڏيکارين ٿا. مثلاً ص ١٦ جي سٽين سٽ ۾ [١١] جو انگ ڏيکاري ٿو ته انهيءَ جاء تي اصل فارسي متن جو ٻارهون صفحو پورو ٿيو. حاشين ۽ نوٽن ۾ وچ چورس [ ] ڏنگين ۾ ڏنل صفحن جي انگن مان مراد فارسي متن جا صفحا آهن، ۽ باقي ٻيا صفحن جا عدد هن سنڌي ترجمي جا صفحا ڏيکارين ٿا.

٢- ڪتاب جي مطالع ڪان اڳ ۽ آخر ۾ ڏنل صحتنامي مطابق درستيون ڪرڻ ضروري آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مقدمہ

هيءُ ڪتاب جو عام طرح ”چچ نامہ“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو آهي، سو نہ فقط سنڌ جي تاريخ بابت پهريون بنيادي ڪتاب آهي، پر سڄي برعظيم پاڪستان- هندستان جي تاريخي سلسلي جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قبل از اسلام وارين حڪومتن جو مختصر احوال ۽ سنہ ١٥ کان ٩٦ هجري (٦٣٧-٧١٤ع تائين هندستان جي اتر- الهندين سرحدن تي اسلامي فوجن جي اوائلي بري ۽ بحري حملن ۽ آخر ۾ مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات جو مفصل ۽ مستند ذڪر موجود آهي. انهيءَ ڪري قدامت جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب وڏي تاريخي اهميت رکي ٿو.

هيءُ ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيل هو، ۽ سنہ ٦١٣ هجري ڌاري ان جو فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اسان تائين هن ڪتاب جو فقط اهو فارسي ترجمو پهتو آهي، جنهن جا وري انگريزي ۽ سنڌي ۾ ترجما ڪيا ويا آهن. گهڻن ئي مصنفن ”چچ نامہ“ بابت ڪاني ڪجهہ لکيو آهي، مگر هن ڪتاب جا هيٺيان پهلو اڃا تائين تحقيق طلب آهن: (١) اصل عربي ڪتاب ڪهڙو هو، ڪنهن جو لکيل هو، ۽ ڪڏهن لکيو ويو؟ (٢) فارسي ترجمو، جو اسان تائين پهتو آهي ان جي اصل عربي ڪتاب سان مطابقت يا ان ۾ ڪيل ڦير گهير ۽ اختلاف بابت ڪهڙي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي؟ (٣) خود فارسي ترجمي جي ترجمن يا ڇاپي ۾ ڪيترين غلطين جي اصلاح ڪئي وئي آهي، ۽ ڪيتريقدر اڃا تائين گنجائش باقي آهي؟

اسان هن مقدمي ۾ انهن مکيہ مسئلن کي قدري حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون، ۽ آخر ۾ هن سنڌي ترجمي ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق تي روشني وجهنداسون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

2

اصل عربي ڪتاب

علي ڪوفي جو بيان:- اول ته علي ڪوفي جنهن هيءُ ڪتاب عربيءَ مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو، تنهن جي اصل عربي ماخذ بابت سندس هيٺيون بيان قابل غور آهي:

'اُونجاهه سالن جي عمر ۾، سنه ٦١٣ (ڇهه سوَ تيرهن) ۾ سڀني ڪمن مان هٿ ڪڍي، قيمتي ڪتابن کي پڙهڻ جو ولاءُ هنڌ ۽ همنشين (ٻنائي)..... جيئن ته اڳيان مصنف خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن مان هرهڪ جو بيان تفصيل سان نظم خواهه نثر ۾ لکي ويا آهن (اهڙيءَ طرح) هندستان جي فتح (بابت لکيل ڪتاب) (ص ١٢) جي ڳولا لاءِ نفس اماره کي تڪليف ڏنم ۽ اُچ مبارڪ کان اروڙ- ڀڪر جي شهر ڏانهن رخ رکيم. ڇاڪاڻ ته اتان جا امام عربن جي خاندان ۽ بنياد مان هئا ۽ جڏهن انهيءَ شهر ۾ پهتس ته...... مولانا قاضي اسمٰعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان بن عثمان ثقفي (ص ١٣) سان ملاقات ٿي؛ ڪانئس پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته: هن فتح جي تاريخ سندس ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين حجازي ٻوليءَ (عربي) ۾ هڪ ڪتاب (جي صورت) ۾ لکيل آهي، جا هڪٻئي کان ميراث ٿيندي ورثي ۾ ايندي ٿي رهي، مگر جيئن ته اها عربيءَ جي پردي ۽ حجازيءَ جي حجاب ۾ ڍڪيل هئي، تنهنڪري عجمين (غير عربن) ۾ مشهور نه ٿي. جڏهن بندو انهيءَ ڪتاب کان واقف ٿيو ته (ڏٺائين ته) اهو حڪمت جي جوهرن سان سينگاريل ۽ نصيحت جي موتين سان سنواريل هڪ ڪتاب هو (ص ١٤) بندي، هن ڪتاب کي عربيءَ جي پردي مان ڪڍي فارسي بيان ۾........ آندو آهي (ص ١٩)؛ هيءُ ڪتاب...... هند ۽ سنڌ جي فتح بابت عرب جي عالمن ۽ ادب وارن حڪيمن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي تصنيف آهي.......... اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لئي ۾ وڏو درجو هوس، ۽ عرب جي بادشاهن کي هن جي ٻڙهڻ ڏانهن نهايت توجه ۽ ان تي حد کان وڌيڪ فخر هو، ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي ٻردي ۾ (ڍڪيل) ۽ پهلوي (فارسي) ٻوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو (ص ٣٦٩).

مٿئين بيان مان هن ڪتاب متعلق هيٺيان اهم نڪتا واضح ٿين ٿا ته: (١) جهڙيءَ طرح خراسان جي فتح، عراق جي فتح، يا ايران ۽ شام جي فتحن بابت ڪتاب لکيل هئا، اهڙيءَ طرح هيءُ ڪتاب ”هند ۽ سنڌ جي فتح بابت“ هو؛ (٢) پهو ته اهو ڪتاب عربيءَ ۾ لکيل هو ۽ دراصل ”عرب عالمن“ جوئي تصنيف ڪيل هو؛ (٣) ٽيون ته اهو اصل عربي ڪتاب سنه ٦١٣هه ڌاري اروڙ ۽ بکر جي وڏي قاضي مولانا اسمٰعيل وٽ هو، جو عربن جي ثقفي خاندان مان هو ۽ عثمان ثقفي جي ڏهين پيڙهي ۾ هو*. هيءُ ڪتاب هن خاندان ۾ آڳاٽي وقت کان موجود هو ۽ ڏڪهڻي کان ميراث طور ورثي ۾ هلندو پئي آيو؛ ۽ (٤) چوٿون ته اهو ڪتاب مولانا قاضي اسمٰعيل جي ”ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين“ عربيءَ ۾ لکيل هو.

جيڪڏهين خود هن قاضين جي خاندان مان هيءُ ڪتاب ڪنهن جو تاليف يا تصنيف ڪيل هجي ها ته قاضي اسمٰعيل اهڙي خبر علي ڪوفي کي ٻڌائي ها، مگر علي ڪوفي جي بيان مان ظاهر آهي ته هيءُ ڪتاب دراصل ڪن ٻين ”عرب عالمن“ جو تصنيف ڪيل هو ۽ مولانا قاضي اسمٰعيل جي ”ابن ڏاڏن“ جي محض ”هٿ اکرين“ لکيل هو؛ جنهن جي معنيٰ ته هيءُ ڪتاب ٻئي ڪنهن مؤلف يا مصنف جي اصل قلمي نسخي جو ٻيهريون نقل يا ان نقل جو به نقل هو، جنهن کي علي ڪوفي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

---

* مولانا قاضي اسمٰعيل جي مٿي ڄاڻايل نسب نامي جي صحت بابت ڏسو آخر ۾ ص ٣٧٥، حاشيه ١٣/[٩]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي تاريخ ۽ عرب مؤرخ: هن وقت تائين ڪنهن به اهڙي عربي تاريخ جو انڪشاف نه ٿيو آهي، جا محض سنڌ ۽ هند جي اوائلي اسلامي فتوحات بابت هجي. البت جن عرب مورخن جا تواريخي ڪتاب هن وقت موجود آهن ۽ جن پنهنجن انهن تاريخن ۾ سنڌ جي فتوحات ۽ سنڌ جي عربي دؤر حڪومت بابت ٿورو يا گهڻو احوال ڏنو آهي، سي هي آهن:-

(١) احمد بن يحيٰ بن جابر بن داؤد الڪاتب البغدادي، جو "البلاذري" جي لقب سان مشهور آهي. سنه ٢٧٩/٢٨٠ هجري ۾ وفات ڪيائين. بلاذري پنهنجي مشهور تاريخ "ڪتاب فتوح البلدان" ۾ هڪ خاص خلاصو باب "فتوح السند" (سنڌ جون فتوحات) جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي.

(٢) احمد بن داؤد بن ونَند، جو "ابو حنيفه الدينوري" جي نالي سان مشهور آهي. مهيني جماديالاول سنه ٢٨٢ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس تاريخ "ڪتاب الاخبار الطوال" ۾ سنڌ بابت ڪي ٿورا مختصر حوالا موجود آهن

(٣) احمد بن ابي يعقوب اسحاق بن جعفر بن وهب بن واضح الڪاتب العباسي "الاصفهاني" (١) جو "اليعقوبي" جي لقب سان مشهور آهي. سنه ٢٨٤ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتاب "التاريخ الڪبير" جا عام طرح سندس نالي پٺيان "تاريخ اليعقوبي" سڏجي ٿي، تنهن جي سنه ٢٥٢ هجري جي واقعات تي پڄاڻي ٿئي ٿي. هن تاريخ ۾ محمد بن قاسم جو سنڌ فتح ڪرڻ جو احوال ذرا تفصيل سان ڏنل آهي ۽ سنڌ جي عرب گورنرن بابت پڻ ڪي چند حوالا موجود آهن.

---

(١) يعقوبي وطن جي لحاظ سان اصفهان جو هو (ڏسو ابن الفقيه الهمداني جو ڪتاب البلدان ص ٢٩٠.)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۴) ابو جعفر محمد بن جرير الطبري، جو سنہ ۲۲۴ھ ۾ ڄائو ۽ مهيني شوال سنہ ۳۱۰ ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس ”تاريخ الرسل والملوڪ“ جنهن کي عام طرح ”تاريخ الطبري“ سڏجي ٿو، تنهن ۾ سنہ ۳۰۲ هجري تائين تاريخي واقعات جو ذڪر آهي. سنڌ جي فتوحات متعلق ان ۾ ڪي ٿورا مختصر حوالا ڏنل آهن.

مٿين مؤرخن جي علاوه، ابن الاثير (عزالدين ابوالحسن علي بن محمد ۵۵۵–۶۳۰ ھ) جي ”الڪامل في التاريخ“ ۽ ابن خلدون (عبدالرحمان ابو زيد ولي الدين ۷۳۲–۸۰۸ ھ) جي تاريخ ”ڪتاب العبر“ ۾ پڻ سنڌ جي اوائلي اسلامي فتوحات جو ذڪر آهي، مگر اهي پڇاڙيءَ جا مؤرخ گهڻو پوءِ جا آهن ۽ سندن تواريخن ۾ انهن اوائلي فتوحات جو مواد اڳين تواريخن تان، خصوصاً بلاذري ۽ طبري تان نقل ٿيل آهي. انهيءَ ڪري مٿين چئن اڳاڻن مؤرخن جا ڪتاب نسبتاً اصولي حيثيت رکن ٿا.

انهن چئني مؤرخن جي وفات جي سالن (۲۷۹ ھ، ۲۸۲ھ، ۲۸۴ ھ ۽ ۳۱۰ ھ) مان ظاهر آهي ته هنن ٽين صدي هجري ۾ پنهنجون تاريخون لکيون. هند ۽ سنڌ جون اوائلي اسلامي فتوحات پهرين صدي هجري (۱۵–۹۶ ھ) ۾ واقع ٿيون. ان جي معنيٰ ته هنن مؤرخن ۽ سنڌ جي اوائلي فتحن جي وچ ۾ هڪ سؤ ورهيه کان به ڪجهه زياده عرصو حائل هو: انهيءَ ڪري هنن خود اهي حالات ڪانئن اڳ وارن مؤرخن يا سندن ڪتابن تان ورتا هوندا. هائي سوال آهي ته هند ۽ سنڌ جي فتحن بابت خود انهن چئني مؤرخن جا ماخذ ڪهڙا هئا؟

عرب مؤرخن جو مکيه ماخذ ”المدائني“:- ابو حنيفة الدينوري جي ”ڪتاب

الاخبار الطوال“ ۾ خاص سنڌ جي فتوحات بابت ڪو اهم حوالو موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري اسان بلاذري، يعقوبي ۽ طبري جي سنڌ بابت حوالن جي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذري پنهنجي ڪتاب ”فتوح البلدان“ ۾ جن مؤرخن ۽ راوين کان تاريخي واقعات نقل ڪيا آهن، تن ۾ ابوالحسن علي بن محمد المدائني جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. ڇو ته ان کان ڪافي مواد نقل ڪيو اٿس ۽ سنڌ جي فتوحات جو احوال ته خصوصاً ان کان ورتو اٿس. مختلف واقعات ۽ حالات بابت بلاذري ڪم از ڪم ٢٥ بيان اهڙي قلمبند ڪيا آهن، جي هن خود سنئون سڌو ابوالحسن المدائني جي زباني ٻڌا (١)، ۽ ٢١ بيان ٻيا مدائني جا ڪري ڄاڻايا اٿس، جي غالباً بلاذري، مدائني جي مختلف ڪتابن تان نقل ڪيا (٢).

”فتوح السند“ يعني سنڌ جي فتحن وارو باب ته شروع ئي هن طرح ٿئي ٿو: ”آخبرنا علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف-الخ“ (٣) يعني ته (اسان سان علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف خبر ڪئي) هت شروع ۾ ئي بلاذري، ابو الحسن المدائني جو خاص سچو ذاتي نالو ڪنيو آهي، ۽ گمان غالب آهي ته بلاذري هيءُ سچو باب خود مدائني جو زباني ٻڌو ۽ ان کي پنهنجي ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو. هيٺيان دليل هن نظريي جي تائيد ڪن ٿا:

---

(١) اهڙن بيانن لاءِ ”حدثني“ ”حدثنا“ ”اخبرني“ يا ”اخبرنا“ جا الفاظ آڻي مدائني جو نالو کنيو اٿس. ڏسو ”فتوح البلدان“ (مطبوع يورپ) ص ص ٩، ١١، ١٣، ٣٥، ٥٦، ٧٣، ٧٧، ٢٧٧، ٢٨٠، ٢٨١، ٣٠٠، ٣١١، ٣٢٣، ٣٢٧، ٣٣٦، ٣٤٢ (ٻه روايتون)، ٣٥٣، ٣٥٦، ٣٨٢، ٣٨٤، ٣٩٢، ٤٣١، ٤٣٨ ۽ ٤٦٤.

(٢) اهڙن بيانن آڏو ”قال“ يا ”في رواية“ جا الفاظ آڻي مدائني جو نالو کنيو اٿس. ڏسو ”فتوح البلدان“ (مطبوع يورپ) ص ص ٧، ٤٧، ١٢٨، ٢١٩، ٢٤٠، ٢٤٧، ٣٣٧، ٣٤٤، ٣٥٣، ٣٥٨، ٣٥٩ (ٻه روايتون)، ٣٦٢، ٣٦٥، ٣٦٧، ٣٧٣، ٣٧٤، ٣٨٢، ٤٣٨، ٤٦٥ ۽ ٤٦٨.

(٣) ايضاً، ص ٤٢١.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(١) باب جي شروعات ۾ مدائني جي ذاتي نالي جي سَنَدَ سان ڏنل ٻه روايتون آهن ۽ انهن سان گڏ ٻين ڪيترن راوين جا نالا آندل ناهي.

(٢) باب جي شروع ۾ جنهن پهرئين واقعي جو ذڪر آهي، سو آهي حضرت عمر رضه جي خلافت ۾ عمان ۽ بحرين جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي طرفان ١٥ هجري ۾ سندن ڀائرن حڪم ۽ مغيره جي ڪمانڊ هيٺ ديبل، ڀروچ ۽ ٿاڻي جي بندرن تي ماموندي حملا ۽ فتحون. جيڪڏهن مدائني جي سَنَدَ ۽ زباني جو تعلق فقط هن واقعي سان هجي ها ته ان کان پوءِ ٻئي واقعي (حضرت عثمان رضه جي خلافت ۾ 'محاذ هند' بابت سرگرمي) يا ان بعد ٽئين واقعي (حضرت علي رضه جي خلافت ۾ ان محاذ تي فتحون) بابت بلاذري ضرور ڪنهن ٻئي راوي جي سَنَدَ پيش ڪري ها، جو سندس اصولي دستور آهي. مگر صرف باب جي شروع ۾ مدائني جي زباني جي سَند پيش ڪرڻ بعد بلاذريءَ ٻين ڪنهن بہ سند جي مسلسل طور واقعات جو ذڪر ڪندو ٿي ويو آهي.

(٣) تيون ته هن باب ۾ بلاذري، جڏهن بہ ڪن ٻين راوين جون روايتون ڏنيون آهن ته اهي صرف معترضہ جملن طور هلندڙ بيان جي تصديق يا تڪميل يا ان کان اختلاف واضح ڪرڻ لاءِ آنديون آهن (١). سڄي باب ۾ اصولي هلندڙ بيان

(١) اهڙيون جملي ١٢ روايتون آهن، جن تي غور ڪرڻ سان اسان جي ان نظريي جي پڪي تائيد ٿئي ٿي. مثلاً (١) ص ٤٣٧ تي ديبل جي ڦتحاني جي ذڪر بعد تصديق طور محمد بن يحيٰ جي روايت ۾ منصور بن حاتم جي زباني پيش ڪئي اٿس، جنهن خود بلاذري جي ڏٺين ۾ ڦتحاني جو احوال ڏنو هو. ساڳي طرح ص ٤٣٨ تي تصديق خاطر منصور بن حاتم جي زباني نقل ڪئي اٿس جنهن ڏاهر (ڏسو حاشي صفحو ٨)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهوئي آهي جو سنڌ کان ئـي ابوالحسن المدائني جـي زباني شروع ٿئي ٿو. انهن مان ظاهر آهي بلاذري جي هن ”فتوح السند“ واري باب جو اصل راوي ۽ مصنف مدائني آهي.

يعقوبي فتوحات سنڌ بابت پنهنجي بيانن ۾ مدائني جو نالو سنڌ

(اڳئين حاشي صفحي ۷ تان)

۽ سنڌس قاتل جون تصويرون ديبل ۽ پڙوچ ۾ ڏيون. (۲) هلندڙ بيان جي تڪميل طور ص ۴۳۷ تي محمد بن قاسم جو صلح ذريعي نيرون فتح ڪرڻ جي روايت آندي اٿس. مگر ان ۾ ڪنهن ٻئي راوي جو نالو ڪونه آندو اٿس ۽ ”قالوا“ (يعني ”چون ٿا“) جو لفظ آندو اٿس. ساڳي طرح ”قالوا“ (”چون ٿا“) جي شروعات سان ص ۴۲۹ تي محمد بن قاسم جي طرفان حجاج ڏانهن موڪليل سون ۽ روڪڙ جو ذڪر ڪيو اٿس. ص ۴۴۶ تي هلندڙ بيان جي تڪميل خاطر پنهنجي همعصرن مان هڪ منصور بن حاتم جو بيان (فضل بن ماهان متعلق) ۽ ٻيو ابوبڪر جو بيان (عسيفان جي حڪم بابت) ڏنو اٿس. (۳) هلندڙ بيان کان اختلافي رايون لاءِ، ص ۴۳۳ ۽ ص ۴۳۸ تي ”وقال“ جي لفظن سان معترض، جملن طور ”ابن الڪلبي“ جا بيان ڏنا اٿس، جن مان هڪ ۾ هن مڪران جو فاتح ”حڪيم بن جبله“ ڄاڻايو آهي ۽ ٻئي ۾ هن ڏاهر جي قاتل جو نالو ”قاسم بن ثعلبه“ ڏنو آهي. ساڳي طرح صفحن ۴۳۴، ۴۳۶ ۽ ۴۴۲ تي هلندڙ بيان کان ڪي مختلف رايون ڏنيون اٿس، مگر خود پاڻ انهن راين کي ضعيف سمجهي، انهن کي ”قال قوم“ (ڪي چون ٿا ته)، ”قال بعضهم“ (”ڪن جو چوڻ آهي ته“)، ۽ ”وقيل“ (”چيو وڃي ٿو ته“) جي لفظن سان آندو اٿس.

بهرحال اهي جملي روايتون يا ته هلندڙ بيان (جو يقيني مدائني جو آهي) جي تصديق خاطر، يا ان جي مزيد تڪميل خاطر، يا ان کان اختلاف ڏيکارڻ خاطر آنديون اٿس.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طور ڪونہ آندو آهي، مگر هيٺين دليلن جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي واقعات بعد، يعقوبي جو سڀ ماخذ مدائني آهي:

پهريون تہ سنڌ جي فتوحات بابت يعقوبي جا بيان اصولي طور اهي ساڳيا آهن، جي بلاذريءَ ”فتوح‌السند“ جي باب هيٺ مدائني جي زباني نقل ڪيا آهن. يعقوبي اختصار سببان البت ڪي ڳالهيون حذف ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان سان گڏ ڪن چند ضعيف روايتن جو اضافو ڪيو آهي. ٻيو تہ يعقوبي پنهنجي تاريخ ۾ اختصار کان ڪم ورتو آهي ۽ اسناد جا سلسلا اڪثر ڇڏي ڏنا اٿس. انهيءَ ڪري ئي سنڌ جي واقعات بابت پڻ مدائني جي سند کي حذف ڪري ڇڏيو اٿس. حالانڪ انهن واقعات بابت سندس بيان اهيئي ساڳيا آهن، جي ٻين ڪتابن ۾ مدائني جي سند سان بيان ٿيل آهن. مثلاً يعقوبي (جلد ۲ ص ۲۷۸) امير معاويہ جو عبدالله بن سوار کي ”چئن هزارن“ سان مڪران تي چاڙهي موڪلڻ جو ذڪر ڪيو آهي. بالڪل اهو ساڳيو بيان ”چئن هزارن“ فوج جي ذڪر سميت فتحنامي (ص ۱۰۵) ۾ ابوالحسن مدائني جي روايت سان موجود آهي. ٽيون تہ اهو پڻ ثابت آهي تہ مدائني کان يعقوبي واقف هو، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي تاريخ (جلد ۲ ص ۶) ۾ مدائني جو نالو ڪنيو اٿس.

ابو جعفر الطبري، پنهنجي ضخيم تاريخ ۾ ابوالحسن مدائني کان بالواسطه گهڻو ڪجهہ نقل ڪيو آهي. ڪم از ڪم ۵۰۰ روايتون مدائني جي سند سان نقل ڪيون اٿس (۱). خراسان جا جملي حالات شروع کان آخر تائين گهڻو ڪري مدائني جي روايت سان آندا اٿس ۽ ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ مدائني جو ”ڪتاب فتوح خراسان“ سڄو استعمال ڪيو اٿس. ساڳيءَ طرح عراق جي فتوحات ۽ نظام

(۱) اسان جي ڳاڻيٽي موجب طبري ۳۰۵ دفعا مدائني جو نالو ڪنيو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪومت بابت پڻ اڪثر حالات مدائني جي روايتن مان نقل ڪيا اٿس، ۽ غالباً مدائني جي "ڪتاب فتوح العراق" کي به طبري پوريءَ طرح استعمال ڪيو آهي. البت خاص مشرقي ملڪن، جهڙوڪ: ڪرمان، سجستان، ۽ مڪران، جون فتحون، جي سنڌ جي فتح جو پيش خيمو آهن، تن جا حالات مدائني جي بدلي (جنهن انهن ملڪن جي فتوحات بابت مستقل ڪتاب لکيا هئا) ٻين ذريعن کان ورتا آهن، ٻنهنجن جداگانه روايتن ذريعي نقل ڪيا اٿس (١).

سنڌ جي فتح، ان بعد سنڌ جي عرب گورنرن، يا سنڌ متعلق بين بالواسطه اشارن بابت طبري تقريباً (٤٠) چاليهه کن حوالا پنهنجي تاريخ ۾ آندا آهن. جن مان اڪثر مختصر ۽ سندن ڪان سواءِ ڏنل آهن. جملي تقريباً ٩ حوالا اهڙا آهن، جي سندن سان آهن (٢). جن مان هڪ حوالو، منصور بن جمهور جو سنڌ ۾ رهڻ اچڻ بابت، مدائنيءَ جي روايت سان ڏنل آهي (٣). ان کان سواءِ مدائني جي شاگرد عمر جي وساطت سان طبري هڪ خاص بيان مدائني جي روايت سان نقل ڪيو آهي (قال عمر قال علي واخبرنا ابو عاصم الزيادي عن الهلوات الڪلبي قال ڪنا بالهند مع محمد بن القاسم. الخ ١٢٧٥×٢) جنهن جو اصل راوي محمد بن قاسم سان هندستان ۾ گڏ هو. ان مان ظاهر آهي ته سنڌ متعلق طبري، مدائني جي روايتن کان بخوبي واقف آهي.

---

(١) مثلاً ڏسو طبري جلد ١ ص ص ٢٧٠٥، ٢٧٠٧ ۽ ٢٧٠٨ جتي سجستان، ڪرمان ۽ مڪران جي فتوح واري روايت هن طرح بيان ٿيل آهي: "ڪتب الي السري عن شعيب عن سيف عن محمد و طلحة و المهلب و عمرو قالوا - الخ". (٢) ڏسو تاريخ طبري ٢×١٨٣٦، ٢×١٩٤٦، ٢×١٩٧٩، ٣×١٤٩، ٣×٢٨٢، ٣×٣٥٩-٣٦٠، ٣×٣٦٣، ٣×٤٠٩، ٣×١٢٢٣. (٣) تاريخ طبري ٣×١٩٧٩ جتي مدائني جي روايت هن طرح ڄاڻايل آهي: "ذڪر علي بن محمد ان عاصم بن حفص التميمي وغيره حدثوه الخ".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتوحات سنڌ جو پهريون مصنف ”المدائني“:- سندس سڄو نالو ”ابو الحسن علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف المدائني“ آهي ۽ هو شمس بن عبد مناف جي خاندان مان عبدالرحمان بن سمرة جو آزاد ڪيل غلام هو. تقريباً سنه ١٣٥ هجري ۾ بصره ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو. اتان پوءِ لڏي وڃي ”مدائن“ جي شهر ۾ رهيو، جنهنڪري ”المدائني“ (مدائن جو) جي نسبت سان مشهور ٿيو. اتان پوءِ موٽي اچي بغداد ۾ رهيو، جتي غالباً سنه ٢٢٤/٢٢٥ هه ۾ وفات ڪيائين (١).

مدائني اسلامي تاريخ جي واقعات جو وڏو ڄاڻو هو. خصوصاً خلافت اسلاميه جي مشرقي ملڪن جهڙوڪ عراق، خراسان، بحرين، عمان، ڪرمان، سجستان، ڪابل ۽ زابلستان، مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات جي پوري ۽ ويرائتي خبر هوس ۽ انهن متعلق هيٺيان مختلف ڪتاب لکيائين: ڪتاب فتوح العراق، ڪتاب فتوح خراسان، ڪتاب فتح الأبُلة، ڪتاب امر البحرين، ڪتاب ڪرمان، ڪتاب فتوح سجستان، ڪتاب ڪابل و زابلستان، ڪتاب فتح مڪران، ڪتاب ثغر الهند ۽ ڪتاب عُمّال الهند (٢).

مدائني جي انهن تصنيفن جو سڌي يا اڻسڌي طرح سنڌ جي اوائلي اسلامي فتوحات ۽ تاريخ سان لاڳاپو آهي: عراق جي فتح ٿيڻ سان اتي مضبوط فوجي طاقت جو پايو پيو، جتان سنڌ ۽ ٻين مشرقي ملڪن جي فتحن ۾ آساني ٿي. بصره لڳ قديم بندر ”ابلة“، عمان ۽ بحرين جي فتحن ٿيڻ سان مسلمانن

---

(١) سندس مفصل حالات لاءِ ڏسو فهرست ابن نديم (طبع يورپ) ص ص ١٠٠-١٠٣؛ ياقوت جو معجم الادباء (گب سيريز) ٥×٣٠٩-٣١٨؛ تاريخ بغداد (قاهره) نمبر (٦٤٣٨-ج ١٢ ص ٥٤)؛ انساب السمعاني (المدائني)؛ شذرات الذهب (طبع قاهره ٢×٥٤)؛ مروج الذهب (طبع پئرس) ٧×٢٨٧ (٢) ڏسو فهرست ابن نديم ص ١٠٣ ۽ معجم الادباء ٥×٣١٥-٣١٦.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ساموڊيءَ طاقت جو بنياد پيو ۽ ديبل، پڙوچ ۽ ٿاڻي تي پورين ساموڊيءَ حملن ۽ فتحن ۾ آساني ٿي. ڪرمان ۽ سجستان جي فتحن ذريعي، اسلامي فوجون هندستان جي اتر-اولهه سرحد طرف وڌيون ۽ اول مڪران، زابلستان ۽ ڪابل (ايرانو افغانستان) فتح ڪيائون ۽ ان بعد اتان سنڌ ۽ هندستان جا ڪي حصا فتح ٿيا. مدائنيءَ جا ٽي ڪتاب: ١. ڪتاب فتح مڪران ٢. ڪتاب ثغرالهند (هند يعني سنڌ جو محاذ) ۽ ٣: ڪتاب عمال الهند (هند يعني سنڌ جا گورنر) سڌيءَ سنئون سنڌ جي فتح ۽ اتي جي عربي حڪمرانن سان تعلق رکن ٿا.

ازان سواءِ مدائنيءَ "ڪتاب اخبار ثقيف" يعني ثقفي خاندان جي حالات بابت ڪتاب لکيو، ياد رهي ته سنڌ جي فتح ۾ ثقفي خاندان جو وڏو هٿ آهي: اول اول عثمان بن ابي العاص الثقفي سنه ١٥ هجريءَ ۾ عمان مان پنهنجي ٻن ڀائرن حڪم ۽ مغيره جي ڪمانڊ هيٺ ديبل، پڙوچ ۽ ٿاڻي جي بندرن تي ساموڊي لشڪر موڪليو، ان بعد حجاج ثقفيءَ محمد بن قاسم يعني ثقفي خاندان مان هئا، جن جي همت ۽ حڪمت عملي سان سنڌ فتح ٿي. "ڪتاب فتوح خراسان" ۾ خاص طور خراسان جي گورنر جنيد بن عبدالرحمان المري جا حالات لکيائين (١). معلوم هجي ته هي جنيد تقريباً ٥ يا ٦ سال (١٠٥-١١١ هه) سنڌ جو گورنر هو، جنهن هت وڏيون فتحون حاصل ڪيون ۽ غالباً سنڌس انهيءَ شهرت سبب ئي کيس سنڌ مان بدلي ڪري، سڌو خراسان جو گورنر مقرر ڪيو ويو، جتي هو سنڌس وفات (محرم ١١٦هه) تائين رهيو.

مدائنيءَ جي مٿين تصنيفن تي غور ڪرڻ بعد هي نتيجو نڪري ٿو ته مدائني خلافت اسلاميه جي مشرقي ملڪن جي فتوحات ۽ تاريخ کان پوري طرح واقف هو. خاص طرح محاذ هند يعني فتوحات

---

(١) فهرست ابن نديم، ١٠٣

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مڪران ۽ سنڌ ۾ اتي جي عرب گورنرن جي حالات جو بورو چاڻو هو ۽ انهن مسئلن تي جدا جدا ڪتاب لکيائين. نه صرف ايترو پر جن مکيه شخصن جو سنڌ جي فتوحات ۽ حڪمراني سان واسطو هو، انهن جي حالات کان بہ واقف هو ۽ انهن تي ڪتاب لکيائين. "فتحنامه" جو بنياد مدائني جي تصنيفن تي:- مٿئين بيان مان

واضح ٿيو ته ابوالحسن مدائني ٿي هر نقطہ نگاهہ کان سنڌ جي فتح ۽ تاريخ جو ڀرپور مؤرخ ۽ مصنف آهي: بلڪ مدائني ئي هند، سنڌ ۽ مڪران جي فتحن جو اڪيلو مؤرخ ۽ مصنف آهي، ڇاڪاڻ تہ عربي تاريخ ۾ ٻئي ڪنهن بہ مصنف جو نالو نٿو ملي، جنهن مڪمل طور انهن ملڪن جي تاريخ ڏانهن توجهہ ڏنو هجي يا انهيءَ موضوع تي ڪو بہ ڪتاب لکيو هجي. مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات بابت جو احوال اسان تائين پهتو آهي، سو فقط مدائني جي ذريعي پهتو آهي. ڇاڪاڻ تہ مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات با تاريخ متعلق بلاذري، يعقوبي ۽ طبري جا بيان اڪثر مدائني جي روايتن تي مبني آهن. مطلب تہ سنڌ جي فتح بابت جي بنيادي حقيقتون اڳاڻن عرب مؤرخن ذريعي اسان تائين پهتيون آهن، سي اڪثر مدائني جي روايتن ذريعي ئي پهتيون آهن. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ "فتحنامه سنڌ" جو اصل عربيءَ ۾ هو ۽ جنهن ۾ سنڌ جي اوائلي اسلامي فتوحات جو ذڪر آهي، تنهن جو گهڻو مدار مدائني جي تصنيفن ۽ روايتن تي آهي. هيٺيان دليل هن نظريي جي مزيد تائيد ڪن ٿا:-

(١) اسان هن کان اڳ واضح ڪري چڪا آهيون تہ اڳاڻن عربي تاريخن ۾ بلاذري جي "ڪتاب فتوح البلدان" ۾ ئي سنڌ جي اسلامي فتوحات جو بيان ٻين سڀني ڪتابن جي ڀيٽ ۾ زياده تفصيل سان ملي ٿو، جو تہ ان ۾ بلاذري سڄو سارو ١٥ صفحن (ص ص ٤٣١-٤٤٨) جو هڪ خاص خلاصو باب "فتوح السند" جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي. هن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

باب ۾ ڏنل روايتن تي غور ڪرڻ سان هي پڻ معلوم ٿئي ٿو ته هن باب جو اصل راوي ۽ مصنف مدائني آهي.

هن باب جي متن ۽ مواد تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته: (١) ان جي شروعات، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان مان سنڌ ۽ هند جي بندرن (ديبل، ڀڙوچ ۽ ٿاڻي) تي ڪيل ڀورٿين سامونڊي حملي ۽ فتوحات جي واقعي سان ٿئي ٿي. يعني ته محاذ هند (سنڌ ۽ هند) جي ذڪر سان ان جي شروعات ٿئي ٿي. (٢) ان بعد حضرت عثمان رضه جي خلافت کان وٺي عبدالملڪ جي عهد تائين، اسلامي فوجن جي مڪران ۾ جنگين ۽ فتحن جا حالات ڏنل آهن. يعني ته اهي واقعات مڪران جي فتح سان تعلق رکن ٿا. (٣) ونيد جي ڏينهن ۾ وري محاذ سنڌ ۽ هند جو ذڪر، ديبل تي عبيدالله بن نبهان ۽ بديل جي سامونڊي حملن سان شروع ٿئي ٿو ۽ محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي مڪمل فتح ۽ هند جي ڪن ڀاڱن جي فتح سان پورو ٿئي ٿو. (٤) ان بعد سليمان جي خلافت کان وٺي سنڌ ۽ هند جي عرب گورنرن جو ذڪر شروع ٿئي ٿو جو معتصم جي خلافت بعد عمر بن عبدالعزيز الهباري جي سنڌ تي قبضي تي ختم ٿئي ٿو.

باب ”فتوح السند“ جي متن ۽ مواد جي مٿين تفصيل مان ظاهر آهي ته هن باب جي روايت ۾ مدائني غالباً پنهنجي ٽن ڪتابن هرهڪ ”ڪتاب ثغرالهند“ (هند ۽ سنڌ جو محاذ)، ”ڪتاب فتح مڪران“ (مڪران جون فتحون) ۽ ”ڪتاب عمال الهند“ (هند ۽ سنڌ جا گورنر) کي يڪجاءِ جمع ڪيو آهي. اهو قرين قياس معلوم ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته بلاذري سنه ٢٧٩/٢٨٠ هه ۾ وفات ڪئي ۽ مدائني سنه ٢٢٥ هه ۾، يعني ته بلاذريءَ کان ڏهه ورهيه اڳ: جنهن جي معنيٰ ته بلاذري جڏهين هن باب جي روايت خود مدائني کان سندس زباني ٻڌي هوندي، تڏهين مدائني يقيني طور پيريءَ ۾ هوندو ۽ مٿيان ٽي ڪتاب ان کان ڪافي اڳ تصنيف ڪيا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏونديائين؛ انهيءَ ڪري زباني روايت ۾ سنڌ جي فتحن بابت بلاذري کي غالباً پنهنجن انهن تصنيفن جو ماحصل بيان ڪري ڏنائين: خود بلاذري کي به پنهنجي ڪتاب لاءِ اختصار جي ضرورت هئي، انهيءَ ڪري غالباً مدائني جي روايت جو اختصار قلمبند ڪيائين.

”فتحنامي“ جي اسلامي تاريخ واري حصي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته بلاذري جي باب ”فتوح السند“ وارو سڄو مواد ترتيبوار ان ۾ شامل آهي. مثلاً صفحي [۷۲] ۹۷ تي ان جي شروعات ٿي، بلاذري جي باب مطابق، حضرت عمر جي خلافت ۾ عمان مان عثمان بن ابي العاص، ثقفي جي هٿان سنڌ ۽ هند جي بندرن (ديبل، ڀڙوچ ۽ ٿاڻي) تي ساموندي حملي ۽ فتح جي واقعي سان ٿئي ٿي؛ ان بعد حضرت عثمان رضه جي خلافت کان ولي عبدالملڪ جي عهد تائين، اسلامي فوجن جي مڪران ۾ جنگين ۽ فتحن جا واقعات بلڪل بلاذري جي سلسلي مطابق ڏنل آهن؛ ۽ ان بعد، وليد جي ڏينهن ۾ وري محاذ هند ۽ سنڌ جو ذڪر، ديبل تي عبيدالله بن نبهان ۽ بديل جي ساموندي حملن سان شروع ٿئي ٿو؛ ۽ محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي فتح جي تفصيلوار بيان سان ختم ٿئي ٿو. البت محمد بن قاسم بعد، جي عرب گورنر سنڌ ۾ آيا تن جو بيان فتحنامي ۾ ڪونهي، جنهن جي معنيٰ ته فتحنامي جي هن اسلامي فتوحات واري حصي ۾ صرف مدائني جي ٻن ڪتابن يعني ”ڪتاب ثغر الهند“ (محاذ هند ۽ سنڌ) ۽ ”ڪتاب فتح مڪران“ (مڪران جون فتحون) جو مواد موجود آهي، مگر سندس ٽئين ڪتاب ”ڪتاب عمال الهند“ (هند ۽ سنڌ جا گورنر) جو مواد شامل ڪونهي.

(۲) ”فتحنامي“ جي اندروني شهادتن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ غالباً مدائني جا اهي ٻه ڪتاب يعني ته ”ڪتاب ثغرالهند“ ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"ڪتاب فتح مڪران" مڪمل طور شامل آهن. هيٺيان دليل ان نظريي جي تائيد ڪن ٿا:-

(الف) پهريون ته بلاذري، باب "فتوح السند" ۾ مختلف واقعات بابت مدائني جي زبان کي اجمالي طور ۽ اختصار سان قلمبند ڪيو آهي. فتحنامي ۾ اهي ساڳيا واقعات ساڳي ترتيب موجب مگر زياده تفصيل سان بيان ٿيل آهن. مدائني پنهنجي پيريءَ ۾ بلاذري کي غالباً پهنجي لنهي ڪتابن جو "خلاصو" بيان ڪري ٻڌايو، ۽ ان جي برعڪس "فتحنامي" ۾ غالباً مدائني جا ٻه ڪتاب "ڪتاب ثغرالهند" ۽ "ڪتاب فتح مڪران" سندس پوري روايت سان شامل آهن، جنهنڪري جملي واقعات جو تفصيل موجود آهي. ازان سواء باب "فتوح السند" ۽ "فتحنامي" جي ساڳين بيانن ۾ نه فقط اصولي مگر جزئياتي مطابقت موجود آهي: مثلاً فتحنامي (ص ١٠٨) ۾ ڄاڻايل آهي ته ديبل جي حملي وقت حجاج جو خط پهتو، جنهن ۾ هدايت هئي ته "مناسب ائين آهي ته سج کي پٺي ڏيو، جيئن دشمن کي چڱي طرح ڏسي سگهو." اهي الفاظ بلاذري جي عبارت (ص٤٣٧) ۾ حجاج جي حڪم "ولتڪن مسايلي المشرق" جي عين مطابق آهن؛ فتحنامي (ص ٢١٥) ۾ ڄاڻايل آهي تہ حجاج ڏانهن محمد بن قاسم سرڪي سوڪلڻ لاءِ لکيو، ۽ ان جي انتظام لاءِ حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپهه آئي، جا سرڪي ۾ پوڙي، خشڪ ڪندا ويا. بلاذري (ص ٤٣٦) جي عبارت بہ ان مطابق آهي ته "وعمد الحجاج الي القطن المحلوج، فنقع في الخل الخمر الحاذق"؛ پهريون مجاهد جو ديبل قلعي جي ديوار تي چڙهيو ان جو نالو بہ بلاذري جي بيان توڙي فتحنامي مطابق ساڳيو آهي (ڏسو فتحنامي ص ٤٥٦ نوٽ ص ١٥٠)؛ ڏاهر جي قاتل جي باري ۾ پڻ فتحنامي ۽ بلاذري جي بيانن ۾ مطابقت آهي (ڏسو فتحنامو ص ٤٩٠، نوٽ ص ٢٦٦) انهيءَ جزئياتي مطابقت مان ظاهر آهي تہ فتحنامي جا تفصيلي بيان مدائني جي روايت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مطابق آهن جا بلاذري خود مدائني جي زباني پنهنجي باب "فتوح السند" ۾ قلمبند ڪئي آهي.

(ب) پيو ته، بلاذري ڪي مدائنيءَ خود پنهنجي زباني وڌيڪ فتوحات جي واقعات جو بيان ڪري ڏنايو، انهيءَ ڪري بلاذري باب "فتوح السند" جي شروع ۾ سندس نالو سند طور پيش ڪيو آهي ۽ ان بعد مسلسل طور واقعات نقل ڪندو ويو آهي. تان جو ڏاهر جي قتل بعد (ص ۴۳۸) وري اڳتي هلندڙ بيان لاءِ دوباره مدائني جو نالو ڪئي، پنهنجي ماخذ جي تصديق ڪئي اٿس. مطلب ته بلاذري سچو بيان مدائني جي زباني هئو. انهيءَ ڪري بار بار سندس نالي آڻڻ جي ڪيس ضرورت ڪانه هئي.

اوائلي عرب مصنفن جو دستور هو ته خود پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ اڪثر هر نئين بيان آڏو پنهنجو نالو ڪئي ان بعد، پنهنجو سلسلي اسناد (يعني انهن راوين جا نالا جن کان مصنف تائين ان بيان يا واقعي جي روايت پهتل هجي) پيش ڪري، پوءِ ان بيان کي پيش ڪندا هئا. مؤرخن ۾ ابو جعفر طبري پنهنجي تاريخ ۾ خاص طرح انهيءَ دستور جي پابندي ڪئي آهي؛ طبري هر نئين واقعي بيان ڪرڻ وقت چوندو ته: قال ابو جعفر.... حدثني فلان قال حدثني فلان" (يعني ابو جعفر چوي ٿو ته مون سان فلاڻي هي ذڪر ڪيو)؛ جنهن جيو ته مون سان فلاڻي اهو ذڪر ڪيو)؛ يا "حدثني" (مون کي ٻڌايو) جي بدران "عن" (فلاڻي کان) جو لفظ آڻيندو. مطلب ته خود مصنف جي ڪتاب ۾ اڪثر بار بار خود مصنفن ۽ سندس اسناد راوين جو ذڪر ايندو.

فتحنامي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ هڪ ته زماني جي دستبرد سبب ۽ ٻيو غالباً فارسي مترجم علي ڪوفي جي بي احتياطي سبب مختلف واقعات جي روايتن جي آسنادکي يا ته ناقص حالت ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي (يعني ته ڪي راوين جا نالا ڇڏي ڏنا ويا آهن) يا ته بالڪل حذف ڪيو ويو آهي، مگر تنهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوندي ۽ مدائني جي نالي سان سندس سڱتدن سميت سڄيون ساريون ۱۳ روايتون (۱) فتحنامي ۾ موجود آهن، ۽ ٻيون روايتون (ص ص ۲۳۴ ۽ ۲۳۸) "محمد بن حسن" ۽ "محمد بن ابوالحسن مدني" جي نالن سان آندل آهن، جي ٻئي غالباً مدائني جون آهن ۽ سندس نالي "ابوالحسن علي بن محمد" کي غلط نموني ۾ لکيو ويو آهي (۲). ٻيون ۸ روايتون انهن ماڻهن جي نالن سان ڏنل آهن، جن کان ٻيون روايتون فتحنامي ۾ خود مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن (۳)؛ جنهن جي معنيٰ ته اهي اٺ روايتون ب يقيني طور مدائني جي ذريعي ئي پهتل آهن،

(۱) ڏسو ص ص ۱۰۵، ۱۰۷، ۱۰۹، ۱۳۱، ۱۳۳، ۱۳۴، ۱۴۵، ۲۳۶، ۲۶۱، ۳۲۵، ۳۴۶، ۳۵۶ ۽ ۳۵۷. مدائني جو نالو "ابوالحسن بن "علي بن محمد" کري آندو ويو آهي. (۲) ڏسو فتحنامي جي آخر ۾ ص ۴۸۶ تي حاشيه ص ۲۳۸/[۱۶۴]. (۳) مثلاً تي روايتون (ص ص ۱۰۳، ۱۰۴ ۽ ۱۰۸) هذلي جي نالي سان ڏنل آهن، مگر صفحن ۱۰۵ ۽ ۱۰۹، تي خود هذلي جون روايتون ابوالحسن مدائني جي زباني ڏنل آهن؛ ٻه روايتون (ص ص ۱۱ ۽ ۱۳۹) عبدالرحمان بن عبدربه السليطي جي نالي سان ڏنل آهن؛ حالانڪ صفحن ۳۲۵ ۽ ۳۴۶ تي عبدالرحمان بن عبدربه السليطي جون روايتون پڻ ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن؛ صفحي ۲۶۷ تي هڪ روايت ابو محمد هندي جي نالي سان ڏنل آهي، مگر صفحن ۱۴۵ ۽ ۳۵۶ تي ابو محمد هندي جون ٻئي روايتون ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهن؛ صفحي ۱۳۷ تي هڪ روايت اسحاق بن ايوب جي نالي سان ڏنل آهي، حالانڪ صفحي ۱۳۳ تي اسحاق بن ايوب جي روايت ابوالحسن مدائني جي زباني نقل ٿيل آهي؛ ۽ صفحي ۱۶۴ تي هڪ روايت ابو الليث التيمي الهندي جي نالي سان آندل آهي؛ حالانڪ صفحي ۲۶۱ تي ابو الليث هندي جي روايت ابوالحسن مدائني جي زباني بيان ٿيل آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مگر انهن جي اڳيان مدائني جو نالو حذف ٿيل آهي. انهيءَ لحاظ سان فتحنامي ۾ جملي ٢٣ روايتون مدائني جون تسليم ڪري سگهجن ٿيون؛ انهن کان سواءِ ٻيون باقي روايتون جملي ١٤ آهن. جي ٻين راوين جي نالن سان ذڪر آهن ۽ گمان غالب آهي ته انهن روايتن مان گهڻن جي اسناد جا اوائلي ياتا حذف ٿيل آهن ۽ شايد انهن مان ڪي ٻيون به مدائني جي ذريعي آيل هجن. بهرحال مجموعي طور فتحنامي ۾ وڏو حصو مدائني جي روايتن جو آهي ۽ سواءِ "فتحنامي" جي، سنڌ جي فتوحات بابت مدائني جون ايتريون تفصيلوار روايتون ٻي ڪنهن به عربي يا فارسي جي تاريخي ڪتاب ۾ موجود نه آهن. هيءَ حقيقت ان نظريي جي تائيد ڪري ٿي ته فتحنامي جو اسلامي فتوحات ۽ تاريخ وارو گهڻو ڀاڱو مدائني جي ٻن ڪتابن "ڪتاب ثغر الهند" ۽ "ڪتاب فتح مڪران" جو مجموعو آهي.

فتحنامي جي جملي مواد جا ماخذ ۽ انهن جي اندروني صحت:-

فتحنامي جي جملي مواد جا ٽي سر چشما نظر اچن ٿا: (الف) مدائني جون روايتون، (ب) مدائني کان سواءِ ٻين عرب عالمن ۽ راوين جون روايتون، ۽ (ج) سنڌ جون مقامي روايتون. اسان هيٺ انهن ٽنهي ماخذن تي تنقيدي نگاهه سان مختصر بحث ڪنداسون.

(الف) مدائني جون روايتون:- مدائني کي عرب مؤرخن هڪ معتبر مؤرخ ڪري تسليم ڪيو آهي، جو سندس روايتون اڪثر پڪيون ۽ پختيون آهن. افسوس جو فتحنامي ۾ سندس روايتن جون ڪڙيون حذف ٿيل آهن، انهيءَ ڪري سندس روايتن جو پورو تنقيدي جائزو وٺي نٿو سگهجي، تنهن هوندي به هيٺيون حقيقتون مدائني جي روايتن جي اندروني صحت کي ثابت ڪن ٿيون:-

(١) اول ته سنڌ بابت فتحنامي ۾ ذڪر مدائني جون اڪثر روايتون سندس انهن اسناد راوين کان بيان ٿيل آهن، جن کان هن مرڪزي خلافت ۽ ٻين واقعات بابت احوال پڻ نقل ڪيا آهن، ۽ جن جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيان کي بلاذري ۽ طبري جهڙن معتبر مؤرخن پڻ صحيح تسليم ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ داخل ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ هيٺيون روايتون غور طلب آهن:-

١ـ ص د ١٠٥/[٧٨] تي عبدالله بن سوار بابت بيان ابوالحسن مدائني ٻن روارين يعني ”هذلي“ ۽ ”مسلمة بن محارب“ کان نقل ڪيو آهي. فتحنامي ۾ چار ٻيون روايتون (ص ص ١٠٩، ١٠٣، ١٠٤، ۽ ١٠٨) ”هذلي“ جي وساطت سان ۽ هڪ روايت (ص ٣٤٦) مسلمة بن محارب جي ذريعي بيان ٿيل آهن، جن مان ص ١٠٩ تي هذلي واري روايت ۽ ص ٣٤٦ تي ”مسلمة“ واري روايت آڏو ابوالحسن جو نالو ڏنل آهي، مگر ص ص ١٠٣، ١٠٤ ۽ ١٠٨ تي هذلي وارين روايتن آڏو ابوالحسن جو نالو غالباً فارسي مترجم جي بيتوجهي سبب حذف ٿيل آهي (١).

سُلمي بن عبدالله بن سُلمي (٢) جو ابوبڪر الهذلي جي عام نالي سان مشهور آهي، سو اسلامي تاريخ جو مڃيل ۽ مسلم راوي آهي. طبري پنهنجي تاريخ ۾ تقريباً ٢٠ روايتون سندس سلسلي اسناد سان نقل ڪيون آهن، جن مان ٨ روايتون ابوالحسن مدائني جي ذريعي نقل ڪيل آهن (٣)، يعني ته هذلي جون گهڻي ۾ گهڻيون روايتون

(١) ڏسو آخر ۾ ص ص ٤٢١-٤٢٢ تي ڏنل حاشيه ١٠٣/[٧٧] (٢) طبري (٢×٢٥٥) سندس نالو بالڪل انهيءَ طرح ڏنو آهي، جو صحيح سمجهڻ گهرجي. طبري جي ايڊيٽرن اسماء خاص جي فهرست ۾ سندس نالو ”سامه بن عبدالله“ ڪري لکيو آهي ۽ ابن رسته جي ڪتاب ”الاعلاق النفيسة“ (ص٣١٢) ۾ سندس نالو ”سليمان بن عبدالله“ لکيل آهي. وڌيڪ سندس حالات لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ص ٤٢٢-٤٢٣ (٣) ڏسو تاريخ طبري ص ص ١×٢٨٣١، ١×٢٨٧٢، ١×٣٠٦٨، ١×٣١٣٥، ١×٣١٩٨، ٢×١٧٣، ٢×١٣٢٦ ۽ ٢×١٣٢.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مدائني جي ذريعي نقل ٿيل آهن. مطلب ته هذلي، مدائني جي استادن مان هو ۽ سندس روايتون نه صرف طبري مگر ٻين مصنفن به مدائني جي زباني نقل ڪيون آهن (١). ابوبڪر هذلي عباسي خليفي منصور (وفات ١٥٨هه/٧٧٥ع) جي ڏينهن تائين زنده هو (٢) ۽ مدائني، جو سنه ١٣٥هه ۾ ڄائو، ان جي عمر ان وقت تائين تقريباً ٢٣ ورهيه هئي جنهنڪري هن، هذلي کان براه راست سندس زباني جمله تاريخي حالات ٻڌا ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ لکيا، ۽ ٻين تائين به پهچايا (٣).

"مسلمة" جنهن جو پورو نالو "مسلمة بن محارب بن مسلم بن زياد" آهي ۽ هو مشهور اموي سپه سالار "زياد" جي اولاد مان هو (٤). مسلمة نه صرف تاريخي راوين ۾ معتبر آهي مگر حديث جي راوين ۾ به شمار ٿيل آهي (٥) هو مدائني جي استادن منجهان آهي ۽ سندس تاريخي روايتون گهڻو ڪري مدائني جي ذريعي ئي بلاذري توڙي طبري تائين پهتيون. مدائني براه راست ڪانئس اهي روايتون ٻڌيون بلاذري "فتوح البلدان" (ص ص ٧٣، ٢٣٠ ۽ ٢٨٠) ۾ ٽي روايتون "مسلمة" جي سلسله اسناد سان نقل ڪيون آهن، ۽ پنهنجي ٻي تصنيف "ڪتاب انساب الاشراف" جي جلد ٤ ۽ ١١ ۾ جمله ڇهه روايتون مسلمة جي سلسله اسناد سان مدائني جي زباني سان نقل ڪيون آهن (٦).

---

(١) مثلاً بلاذري "فتوح البلدان" (ص ١٨) ۾ فقط هڪ روايت "هذلي" جي اسناد سان آندي آهي ۽ اها ابوالحسن مدائني جي زباني نقل ٿيل آهي ساڳيءَ طرح بلاذري پنهنجي ٻئي ڪتاب "انساب الاشراف" (جلد ١١ ص ٢٢٧) ۾ ٻه هذلي جي روايت مدائني جي ذريعي نقل ڪئي آهي. (٢) ڏسو طبري ٣×٤٠١، ٤٢٤، ٤٢٥ ۽ ٤٢٦. (٣) طبري، مدائني جون هذلي کان ٻڌل روايتون مدائني جي شاگرد عمر بن شبه جي زباني نقل ڪيون آهن (٤) ڏسو تاريخ طبري، ٢×٤٤٥ (٥) ڏسو بخاري جي "التاريخ الڪبير" جلد ٤ ص ٣٧٩. (٦) ڏسو ڪتاب انساب الاشراف جلد ٤ ص ص ٧٣، ٨١، ١٠٦ ۽ جلد ١١ ص ص ٢٧، ١٦٨، ٢٢٦.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طبري جلد ۴۳ روايتون مسلمة جي سلسلہ اسناد سان نقل ڪيون آهن ۽ اهي سڀئي مدائني جي ڪتابن تان يا مدائني جي شاگرد عمر بن شبه کان خود مدائني جي زباني نقل ڪيل آهن. خود فتحنامه ۾ ص ۳۴۶ تي بہ هڪ روايت ۾ ابوالحسن مدائني، مسلمة بن محارب کان نقل ڪئي آهي.

مطلب تہ هذلي توڙي مسلمة، مدائني جا وڏا معاصر ۽ تاريخ جا ڄاڻو هئا. افسوس جو فتحنامه ۾ ڪاٿن جيڪي روايتون مدائني بيان ڪيون آهن تن مان ڪن جا پورا سلسلا (يعني تہ خود هذلي ۽ مسلمة جن ماڻهن کان اهي ڳالهيون ٻڌيون ۽ انهن وري جن کان ٻڌيون، تن جا نالا) حذف ٿيل آهن جنهنڪري اڪين ڏٺل يا معاصرانہ روايتن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. تاهم ڪن روايتن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو مدائني جي روايتن جو سلسلو بالآخر انهن ماڻهن تائين پهچي ٿو جي بيان ٿيل واقعات کان پوري طرح واقف هئا. مثلاً ص ۱۰۹ تي ابوالحسن مدائني جي روايت ابوبڪر هذلي کان ۽ هذلي جي روايت آسود کان آهي ۽ اها امير معاويہ جي عهد (۴۱-۶۰ هہ) ۾ راشد بن عمرو جي محاذ هند تي مقرري بابت آهي. هن روايت ۾ جيتوڻيڪ هذلي ۽ آسود جي وچ وارن راوين جا نالا حذف ٿيل آهن (۱) تہ بہ بيروني شهادتن جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ "اسود" مان مراد الاسود بن يزيد النخعي آهي

---

(۱) جاڪاڻ تہ هذلي ۽ مسلمة ٻئي همعصر ۽ مدائني جا مکيہ ماخذ آهن ۽ مدائني کي روايتون ٻنهي کان ساڳي وقت پهتيون آهن (ڏسو تاريخ طبري ۲×۷۳۰). طبري هڪ روايت ڏني آهي جا هن ابن حميد کان ٻڌي ۽ هن مسلمة کان ٻڌي، مسلمة ابو اسحاق کان ٻڌي ابو اسحاق عبدالرحمان کان ٻڌي ۽ عبدالرحمان سنڌس پيءُ اسود کان ٻڌي (۱×۲۲۵). هن سلسلي اسناد مطابق مسلمة ۽ اسود جي وچ ۾ ٻہ راوي آهن. ان مان ظاهر آهي تہ فتحنامي جي متين روايت ۾ مسلمة جي همعصر هذلي ۽ اسود جي وچ ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ ٻن راوين جا نالا هئڻ کپن جي حذف ٿيل آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو تاريخ جو مشهور راوي آهي. تاريخ طبري ۾ ڪم از ڪم ۹ تاريخي بيان اهڙا آهن جن جي سلسلہ اسناد جي آخري ڪڙي اسود آهي. اسود، ڪوفہ جي برگزيده تابعين مان هو ۽ حضرت عثمان جي شهادت (سنہ ۳۵ هہ) وقت حضرت عثمان طرفان مدافعت ۾ مشغول هو (۱). ان بعد امير معاويہ جي عهد تائين سنڌس زندهہ رهڻ ۽ راشد بن عمرو جي تقرري دان واقف هئڻ بالڪل قرين قياس نظر اچي ٿو. انهيءَ لحاظ سان مدائني جي هي روايت نمونہ طور ثابت ڪري ٿي ته سنڌس روايتن جا ماخذ بالڪل پختہ ۽ معاصرانہ آهن.

مٿين تفصيلي بحث بعد اسان هيٺ فتحنامہ ۾ مدائني جي باقي ٻين روايتن جي ماخذن تي مختصر روشني وجهنداسون.

۲_ص ۱۰۷ تي ابو الحسن مدائني جو حاتم بن قبيصة بن المهلب (۲) جي زباني هڪ بيان ڏنل آهي. حاتم بن قبيصة سنہ ۹۸ هہ ۾ طخارستان جو گورنر هو (۳). هو تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ راوي عمر بن شبة جهڙيءَ طرح مدائني کان تاريخي روايتون نقل ڪيون آهن اهڙيءَ طرح هن حاتم بن قبيصة کان بہ روايتون نقل ڪيون آهن (۴). انهيءَ ڪري مدائني جو حاتم بن قبيصة کان نقل ڪرڻ بالڪل قرين قياس آهي. البت هي روايت عبدالله بن سوار جي جنگ بابت آهي جنهن کي امير معاويہ تقريباً سنہ ۴۱_۴۲ هہ ۾ محاذ هند تي مقرر ڪيو ۽ انهيءَ جنگ ۾ حاتم بن قبيصة جو هجڻ ممڪن نظر نٿو اچي. طبري سنہ ۵۰ هہ جي ٻن واقعن جا اکين ڏٺا حالات جن مائهن جي زباني حاتم بن قبيصة جي وساطت سان نقل ڪيا آهن انهن مائهن ۽ حاتم بن قبيصة جي وچ ۾ ڪم از ڪم هڪ

---

(۱) ڏسو تاريخ طبري ۱+۲۸۹۶، ۲۹۱۶ ۽ ۲۹۶۰. (۲) متن ۾ "حاتم بن قتيبہ الباهلي" غلط آهي ۽ صحيح نالو "حاتم بن قبيصة بن المهلب" آهي. ڏسو آخر ۾ صحتنامو ص ۱۰۷ (۳) ڏسو تاريخ طبري ۱۳۲۴X۲، (۴) تاريخ طبري ۱۰۰۹X۲-۱۰۱۰.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راوي جو واسطو آهي. (۱) انهيءَ ڪري فتحنامه جي هن روايت جو پويون حصو ظاهرا حذف ٿيل آهي ۽ جنهن ماڻهو ابن اسوار کي جنگ ۾ ڏٺو سو خود حاتم قبيصة ناهي مگر اهو راوي جنهن کان حاتم بن قبيصة هي روايت نقل ڪئي ٿي پائنجي.

۳-ص۱۳۳ تي ابوالحسن مدائني جي اسحاق بن ايوب جي زباني هڪ بيان ڏنل آهي، جو سنه ۹۲ هه ۾ حجاج جو محمد بن قاسم کي سنڌ تي روانه ڪرڻ لاءِ فوج گڏ ڪرڻ بابت آهي. طبري، ابوالحسن مدائني جون اسحاق بن ايوب کان نقل ڪيل ٻه روايتون ڏنيون آهن جي امير معاويه جي عهد ۽ وليد بابت آهن (۲). فتحنامه جي هي روايت ٻئي وليد جي عهد جي آهي ۽ روايت جي اعتبار کان مڪمل آهي. ص ۱۳۷ تي ٻي روايت ۾ اسحاق بن ايوب ۽ هلواث ڪلبي جا نالا ڏنل آهن، ۽ ظاهراً آڌو مدائني جو نالو ڇڏيل آهي ڇو ته هلواث جون روايتون ٻئي مدائني ذريعي پهتل آهن (۳).

۴-ص ۱۴۵ تي ابوالحسن ”ابو محمد مولي بني تميم“ کان ديبل جي محاصره جو نقل ڪيو آهي ۽ ۳۵۶ تي ابوالحسن ساڳئي ”ابو محمد هندي“ کان ملتان جي مندوي بتخاني جو بيان نقل ڪيو آهي. ان مان ظاهر آهي ته ابو محمد هند يعني سنڌ جو هو ۽ بنو تميم جو پرورده هو. ٿي سگهي ٿو ته ابو محمد کي انهن واقعات جي سنئين سڌي خبر هجي ڇاڪاڻ ته اهي واقعات سنه ۹۳-۹۵ هه جا آهن ۽ ممڪن آهي ته ابو محمد ڪم از ڪم ۵۰ سال پوءِ به جيئرو رهيو هجي جو سنه ۱۵۰ هه ڌاري جڏهين

---

(۱) طبري سنه ۵۰ هجري جي ٻن واقعات کي هن ساڳي روايت سان بيان ڪيو آهي ته: ”طبري، عمر بن شبه کان؛ عمر بن شبه، حاتم بن قبيصة کان؛ حاتم بن قبيصة، غالب بن سليمان کان، غالب بن سليمان، عبدالرحمان بن صبح کان (ايضا ۲X۱۰۹-۱۱۰) (۲) ڏسو تاريخ طبري ۲X۱۰۱ ۽ ۲X۱۷۴۱ (۳) ڏسو مٿي ص ۱۰.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابوالحسن مدائني جي عمر ١٥ سال هئي، تہ ڳالهين جي خبر ڏني هجيس. مگر غالباً فتحنامہ جو بہ بوبون حصہ حذف ٿيل آهي ۽ ابو محمد ڪنهن ڪان اهي حالات ٻڌا: ڇاڪاڻ تہ بلاذري (ص ٤٣٨) ۾ محمد بن قاسم جي فتح بابت هڪ بيان نقل ڪيو آهي جو مدائني، "ابو محمد الهندي" کان ٻڌو، ۽ ابو محمد وري "ابو الفرج" ڪالي راوي کان ٻڌو. بهرحال بلاذري جو هي حوالو ثابت ڪري ٿو تہ ابو محمد، مدائني جي استاد راوين منجهان آهي.

البت فتحنامہ ۾ ص ٢٦٧ تي، ڏاهر جي قتل، لاڏيءَ جي گرفتاري ۽ محمد بن قاسم جو لاڏي کي خريد ڪرڻ واري حڪايت پڻ ابو محمد هنديءَ کان نقل ٿيل آهي جنهن اها "ابو مسهر عابي" کان ٻڌي جنهن وري اها "هند جي ڪنهن شخص" کان ٻڌي. هي روايت مشڪوڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ ابو محمد مشهور راوي آهي، ۽ پڻ جيڪڏهين "ابو مسهر عابي" کي صحيح طور "ابو مسهر عبدالاعلي" تسليم ڪجي جو پڻ مشهور راوي آهي (١) تہ بہ روايت جي آخري ڪڙي مشڪوڪ ۽ مبهم آهي.

د- ٣٥٧ تي ابوالحسن مدائني، خريم بن عمرو کان ملتان جي ڏن بابت روايت نقل ڪئي آهي. خود فتحنامہ مان ظاهر آهي تہ حجاج، خريم کي محمد بن قاسم سان گڏ موڪليو هو (٢) ۽ خريم سنڌ جي فتوحات ۾ ساڻس گڏوگڏ هو (٣) ۽ غالباً ويندي آخر تائين

---

(١) ابو مسهر عبدالاعلي بن مسهر تاريخ جي راوين مان آهي ۽ طبري تن روايتن (٢X٤، ٣X١١٣٠، ۽ ٣X٢٤٢٦) ۾ سندس نالو ڪنيو آهي، جن مان هڪ (٣X١٣٠) منجهان گمان نڪري ٿو تہ هو مامون جي حڪومت جي آخر سال سنہ ١٨ هہ ۾ جيئرو هو. (٢) ڏسو فتحنامہ، ص ص ١٢٧ ۽ ١٤٣-١٤٤، (٣) ايضاً، ص ص ١٥٠، ٢٧٨، ٢٩٤، ٣٢٤.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم سان گڏ رهيو (١). انهيءَ ڪري ملتان جي فتح ۽ خزاني وارو احوال سندس اکين ڏٺو آهي.

٦ـ ص ٢٦١ تي ابوالحسن جي ابوالليث هنديءَ کان ٻڌل روايت (ڏاهر جي قتل بابت) ڏنل آهي جا هن (ابو الليث) پنهنجي پيءُ کان ٻڌي؛ ان کان اڳ ص ١٦٤ تي پڻ محمد بن قاسم جي ديبل ڏانهن روانگي وارو بيان "ابو الليث التميمي الهندي" کان بيان ڪيل آهي مگر بيان ڪندڙ (ابو الحسن مدائني) جو نالو حذف ٿيل آهي. ابوالليث هي پويون بيان "جعونه بن عتبة السلمي" کان ٻڌو. هاڻي خود فتحنامه جي ص ١٤٧ تي ڏنل بيان مان ظاهر آهي ته جعونه السلمي، محمد بن قاسم سان گڏ هو ۽ خاص مهمن جي چارج ۾ هو. انهيءَ حوالي مان انهن روايتن جي صحت جي تصديق ٿئي ٿي.

٧ـ ص ص ٣٢٥ ۽ ٣٤٦ تي مدائني (علي بن محمد) جون ٻه روايتون عبدالرحمان بن عبدربه السليطي کان ڏنل آهن. پوئين روايت ساڳئي وقت مسلمة بن محارب ۽ عبدالرحمان بن سليطي کان نقل ٿيل آهي جنهن جي معنيٰ ته عبدالرحمان ۽ مسلمة ٻئي مدائنيءَ جا وڏا معاصر هئا.

وري ص ص ١١٠ ۽ ١٣٩ تي عبدالرحمان بن عبدربه کان ٻه روايتون ڏنل آهن جن جو ناقل پڻ مدائني ڪي ٿي سگهي ٿو، مگر سندس نالو حذف ٿيل آهي. عبدالرحمان بن عبدربه کان ابوالحسن جون اهي چارئي روايتون مستند آهن، ڇاڪاڻ ته ساڳين واقعن بابت بلاذريءَ جا ابوالحسن کان نقل ڪيل بيان انهن سان ملي اچن ٿا.

(١) محمد بن قاسم جي سنڌ مان معزولي سنه ٩٦ هه، جي نصف اول ۾ واقع ٿي. ان وقت تائين خراج جي ڪنهن ٻئي هند موجود ڪي ثابت ڪانهي ۽ فتحنامه جي حوالن مان قوي گمان نڪري ٿو ته هو سنڌ ۾ هو. محمد بن قاسم جي معزولي بعد سنه ٩٦ جي نصف آخر ۽ ٩٧ هه ۾ ڏاڙي قتيبة جي قتل وقت خراج خراسان ۾ نظر اچي ٿو (ڏسو طبري ٢×١٣٠ ۽ ١٣١٢).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مٿين وضاحت مان قدري ظاهر آهي ته "فتحنامه" ۾ مدائني مان واسطو رکندڙ روايتون تاريخي اعتبار کان صحيح آهن. البته ص ٣٦٣ تي "محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني" جي قالب مان ڏاهر جي ڏيئرن جي محمد بن قاسم خلاف سازش بابت جا ڪهاڻي نقل ٿيل آهي، سا جملہ مستند تاريخي ماخذن جي خلاف آهي ۽ انهيءَ ڪري ان جو سلسلہ اسناد به غالباً مصنوعي آهي (١).

(ب) مدائني کانسواءِ (؟) باقي ٻيا عرب راوي:- جملي ٻيون ١٤ روايتون اهڙيون آهن. (٢) جي ٻيا عرب راوين کان آهن مگر انهن جي سلسلي اسناد ۾ نه مدائني جو نالو ڏنل آهي ۽ نه وري اهڙي ڪنهن ٻئي راوي جو جنهن کان (فتحنامه ۾ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي) مدائني جي ئي ڪا روايت موجود هجي. جيتوڻيڪ ته اهي ڪي مستقل روايتون آهن جن سان مدائني جو تعلق ناهي، جاڪاڻ ته انهن جي اسناد جا سلسلا بلڪل مختصر ۽ هڪ ٻن راوين جي نالن تائين محدود آهن. بالڪل ممڪن آهي ته انهن مان ڪاني روايتون مدائني جي ذريعي پهتل هجن مگر مدائني جو نالو ۽ ٻين راوين سان گڏ جڏي ڏنو ويو هجي.

جيئن ته انهن روايتن جي اسناد جا سلسلا بلڪل مختصر ڏنور ڏنل آهن ۽ يقيني طور راوين جا نالا حذف ٿيل آهن انهيءَ ڪري مزيد تحقيق لاءِ ميدان تنگ آهي. البته ڪي تاريخي اهڃاڻ موجود آهن جي هنن روايتن جي صحيح هجڻ تي شاهد آهن: مثلاً ص ٢٠٥/[١٥١] تي ڏنل داستان جي روايت خواجه امام ابراهيم طرفان آهي ۽ آخر ۾ ص ٤٨٠ واري حاشيه ۾ ڏنل تفصيلي بحث هن روايت جي صحت کي ثابت ڪري ٿو. ٻين روايتن کي بلاذري ۽ يعقوبي جي

---

(١) ڏسو آخر ۾ ص ص ٥٣٥-٥٥٣ جتي هن مصنوعي حڪايت ۽ صحيح تاريخي حالات تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي. (٢) ڏسو فتحنامه ص ص ٩٩، ١٠٢، ١١١، ١١٨، ١٢٢، ١٢٥، ١٤٠، ١٥٥، ٢١٥، ٢٥٥، ٢٦٨، ٢٧٥، ٢٧٨ ۽ ٣٠٠.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح سنڌ بابت بيانن سان پيش ٿي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته اهي به انهن صحيح ۽ مستند بيانن جي منافي نه آهن سواءِ ٻن روايتن جي: هڪ ص ٢٦٨ تي ڏاهر لاڏي بابت 'عقيل بن عمرو' ثالي راوي جو بيان، ۽ ٻيو ص ٢٧٥ تي بنو تميم جي ڪنهن نامعلوم شخص ذريعي نقل ڪيل بيان جنهن ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان سنڌس ڌيءُ جو سڱ گهرڻ وارو قصو بيان ٿيل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ص ٤٣٩، حاشيه ١٣١/[٩٤] ۾ محمد بن قاسم جي شادي متعلق تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي جنهن مان مٿين ٻنهي روايتن جي ترديد ٿئي ٿي.

(ج) مقامي روايتون:- مدائني جون روايتون خواهه اهي ٻيون روايتون جي عرب راوين جي سَنَدن جي سلسلن سان موجود آهن سي عرب محققن جي فن روايت جي اصولن موجب ڏٺل آهن. انهن مان اڪثر روايتن جا سلسلا انهن عرب راوين تائين پهچن ٿا جن کي واقعات جي براهِ راست خبر هئي. ڪن ٻِن روايتن جا سلسلا سنڌ جي مقامي روايتن مثلاً ابو محمد (١)، ابو الليث هندي (٢) ۽ امير محمد والي ساوندي سمه (٣) تائين پهچن ٿا. انهن راوين مان ابو محمد ۽ ابو الليث ٻئي عرب قبيلي بنو تميم سان وابسته هئا ۽ سندن روايتون مدائني ۽ ٻين عرب راوين ذريعي پهتل آهن. ساوندي سمه جو والي امير محمد، غالباً عرب هو، مگر ڪانئس نقل ڪيل روايت جو سلسلهءِ اسناد حذف ٿيل آهي. انهن ٽن راوين مان صرف ابو محمد هندي جو ص ٢٦٧ تي ڏاهر جي قتل ۽ لاڏي جي گرفتاري بابت بيان دراصل ٻئي هڪ نامعلوم مقامي شخص کان نقل ٿيل آهي ۽ انهيءَ ڪري ان گمنام شخص جي سند کي مستند چئي نٿو سگهجي جيئن ته مٿي ص 2 تي ڄاڻايو ويو آهي.

---

(١) ڏسو فتحنامه ص ص ١٤٥، ٣٥٦ ۽ ٢٦٧. (٢) ايضاً، ص ص ١٦٤ ۽ ٢٦١. (٣) ايضاً ص ٣٢٠.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عرب راوين سان وابسته. انهن ٽن مقامي شخصن جي بيانن کانسواءِ به فتحنامه ۾ ڪافي اهڙو مواد موجود آهي جنهن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي. اهڙين روايتن مان صرف هڪ روايت ص ٢٥٨ تي (شجاع ذلي شخص جي ڏاهر سان مقابلي بابت) اهڙي آهي جنهن ۾ مقامي راوي، رام سيه برهمڻ، جو نالو ڪنيل آهي. باقي هيٺيون روايتون، ٿن روايت جي اصول موجب نه آهن ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڪنهن به راوي جو نالو ڏنل ڪونهي:

١. صفحي ٢١ کان صفحي ٩٧ تائين اسلامي فتوحات کان اڳ واري سنڌ جي تاريخ واري سڄي بيان جو مدار ٻڌل سڌل ڳالهين تي آهي ۽ ڪٿي به ڪنهن راوي جو نالو ڄاڻايل ڪونهي. مثلاً ص ١١ تي شروعات ئي غير معلوم ”خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن“ سان ٿئي ٿي ۽ ص ٢٩ تي ”هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو لکندڙ“ پڻ نامعلوم آهي. هن ٻنهي ۾ ص ٤٩ تي عرب امير عين الدوله ريحان مدني جو ذڪر، ص ٦٦ تي رسول الله صلعم جي هجري ٻئي سال ڏانهن اشارو ۽ ص ٩٥ تي عرب قبيله بنو سامه جي علافين جو سنڌ ڏانهن ڀڄي اچڻ وارو ذڪر ڏيکارين ٿا ته هي باب يقيني طور ڪنهن مسلمان مؤرخ جو جمع ڪيل آهي. ان کان سواءِ هن باب ۾ سنڌ جي ڪن مقامي واقعات ۽ حالات جا تفصيل ڏيکارين ٿا ته هن تاريخي باب مرتب ڪرڻ ۾ ڪافي تحقيق کان ڪم ورتو ويو آهي. البته هن باب ۾ ڇچ ۽ راڻي سوهڻديوي جي عشق واري داستان وارو افسانوي رنگ غالباً فارسي مترجم جو اضافو آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

٢– ص ٢٠٧ تي، ڏاهر جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ مهراڻ جي ٻئي ڪناري تي سامهون تيار ٿيڻ واري بيان جو مدار به مقامي روايت تي آهي مگر غالبا ان جي صحت جي تصديق لاءِ ان کي خاص طرح ”هند جي داناءُن“ ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣- ص ٣٠١ تي لاڏي بابت بيان ظاهراً غير معتبر آهي ڇاڪاڻ ته اتي صاف ڄاڻايل آهي ته اهو بيان ”برهمڻاباد جي مکيه ماڻهن کان ٻڌل ڪهاڻين ۾ آيل آهي“.

٤- ص ٣٢٨ تي اروڙ جي جادوگرڻ وارو قصو محض هڪ قصو ئي آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي روايت مبهم آهي ۽ ڄاڻايل آهي ته ”هن ڳالهه جي منوارينڌڙن هن طرح بيان ڪيو آهي“.

٥- ص ٣٢٤ تي، اروڙ جي برهمڻ قيدي سپاهي وارو قصو به محض هڪ افسانو آهي ڇاڪاڻ ته ”هن ڳالهه جا راوي ۽ هن تاريخ جا بيان ڪندڙ“ مبهم ۽ نامعلوم آهن.

٦- ص ٣٣٦ تي جيسينه جو ڪيرج ڏانهن مدد لاءِ وڃڻ وارو بيان ”وڏن ۽ مکيه ماڻهن کان ٻڌل ڳالهين“ تي مبني آهي، ۽ جيتوڻيڪ ”وڏن ۽ مکيه ماڻهن“ وارا الفاظ جيسينه جي ڪيرج ڏانهن وڃڻ واري بيان جي صحت جي تائيد ڪن ٿا مگر ان بيان ۾ جيسينه سان ’چچيءَ‘ جي محبت وارو افسانو غالباً فارسي مترجم طرفان ٺاهي جوڙي بيان ڪيل آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

٧- ص ٣٣٦ تي جيسينه جي ولادت ۽ بهادري وارو قصو ”اروڙ جي ڪن برهمڻن“ کان بيان ٿيل آهي ۽ محض هڪ حڪايت آهي جنهن کي ڪا تاريخي اهميت ڪانهي.

مٿين مواد جي علاوه، مترجم علي ڪوفي به پنهنجي طرفان عبارت آرائي جي لحاظ سان اضافا ڪيا آهن جن جي هيٺ وضاحت ڪئي ويندي.

اصل عربي ڪتاب جي تاليف بابت راءِ- فتحنامه جي تاريخي پس منظر

۽ ان جي مصوري مواد جي جملي ماخذن بابت مٿين ڪيل وضاحت مان معلوم ٿيو ته فتحنامه جي تاليف جو مدار هيٺين سرچشمن تي آهي: (١) مدائني جا ٻه ڪتاب، ”ڪتاب فتح مڪران“ ۽ ”ڪتاب ثغرالهند“، (٢) مدائني کانسواءِ (؟) ٻين ڪن عرب مؤرخن ۽ راوين جا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي فتح بابت بيان؛ ۽ (٣) سنڌ ۾ اسلام کان اڳ واري دؤر حڪومت ۽ محمد بن قاسم جي فتح سان واسطو رکندڙ ڪن حڪايتن بابت سنڌ جي مقامي ماڻهن، داناڻن، مسڪينن، برهمڻن ۽ وڏي عمر وارن جا زباني بيان.

ٻنهين ۽ ٽئي سرچشمي ۾ تميز ڪرڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ ته روايتن جا سلسلا حذف ٿيل آهن ۽ بالڪل ممڪن آهي ته فارسي ترجمي ۾ جي روايتون ٻين راوين ڏانهن منسوب آهن سي دراصل مدائني جي واسطي سان قلمبند ٿيل هجن مگر سندس نالو ڇڏي ڏنو ويو هجي. هن دليل جي تائيد هن حقيقت مان ٿئي ٿي ته انهن راوين مان جن بابت ڪجهه معلوم ٿي سگهيو آهي، سي مدائني کان اڳ ٿي آهن ۽ غالباً سندن بيان مدائني ذريعي ئي ٻوين تائين پهتا. بهرحال ٻنهين ۽ ٽئي سرچشمه جي راوين ۾ ابوالحسن مدائني سڀ کان پوءِ آهي ۽ انهيءَ ڪري يا ته هيءَ ڪتاب خود مدائني (١٣٥-٢٢٥ھ) تصنيف ڪيو يا ته مدائني جي وفات (سنه ٢٢٥ ھ) بعد تصنيف ٿيو. فتحنامه ۾ خود ابوالحسن مدائني وارين روايتن مان ڪن جي اڏو چاٿايل آهي ته ٻين ڪن راوين جي ذريعي ابوالحسن کان اهي بيان نقل ٿيل آهن (١)، جنهنجي معني ته شايد ابوالحسن کان پوءِ اهي بيانات ڪي انهن صدري روايتن ذريعي يا سندس ڪتابن ذريعي قلمبند ٿيا.

جنهن مواد جو خاص مقامي روايتن تي مدار آهي ان جي سنه تاليف بابت يقيني طور ڪجهه به چئي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ

---

(١) مثلاً، فارسي متن ۾ صفحي [١٠٣] تي هي الفاظ آهن: حڪماء دورين و بزرگان برگزين از ابوالحسن روايت ڪردند"؛ صفحي [١٥٧] تي "از ابوالحسن مدائني روايت ڪردند" جا الفاظ آندل آهن؛ ۽ صفحي [١٦٤] تي "در احاديث مي آرند از (علي بن) محمد ابي الحسن المدائني" جا الفاظ آندل آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تہ سواءِ 'راڄ سيھ برهمڻ' جي پين راوين جا ڳالا ناپيد آهن ۽ خود راڄ سيھ جو اڪيلو ڳالهو ڪابہ رهنمائي ڪنو ڪري سگهي.

فتحنامه جي سڄي متن ۾ ڪابہ اهڙي مستقل اندروني شهادت موجود ڪانهي جنهن جي بناءَ تي ان جو سنہ تاليف متعين ڪري سگهجي. البتہ ص ۳۴۹/ [۲۳۶] تي هڪ عربي شعر ڏنل آهي جو ابو الفتح بستي جي قصيده مان آهي (۱)، جنهن سنه ۴۰۰/۴۰۱ ھ ۾ وفات ڪئي. مگر جيئن تہ ان شعر جو نفس مضمون سان ڪوبہ واسطو ڪونهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو فارسي مترجم طرفان وڌايل هجي، انهيءَ ڪري ان کي فتحنامه جي سنہ تاليف بابت سند طور پيش ڪرڻ منطقي طور صحيح نہ ٿيندو.

البتہ مترجم علي ڪوفي جي ديباچي ۾ ڄاڻايل آهي تہ اصل عربي ڪتاب "عرب عالمن" جو لکيل هو ۽ ان جو نسخو قاضي اسمٰعيل (سنہ ۶۱۳ ھ) جي "ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين" لکيل هو ۽ سندس خاندان ۾ اڳاٽي وقت کان ميراث طور ورثي ۾ هلندو پئي آيو (۲). "ابن ڏاڏن" ۽ "ميراث طور ورثي ۾ هلندو اچڻ" مان هڪ گماني اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شايد هي ڪتاب تقريباً ٻن اڍائن سون ورهين کان هن خاندان ۾ هجي. اهو اندازو چوٿين صدي هجري تائين پهچي ٿو ۽ انهيءَ بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ اصل عربي ڪتاب مدائني جي وفات کان وٺي چوٿين صدي هجري جي آخر واري عرصي، يعني تہ ۲۲۵ ھ کان ۴۰۰ ھ واري عرصي ۾ تاليف ٿيو هجي.

---

(۱) ڏسو آخر ۾ ص ۵۲۳، حاشيه ۳۴۹/[۲۳۶].

(۲) ڏسو مٿي مقدمه ص 3. اليٽ (Elliot) "هٿ اکرين لکيل" مان مراد "تصنيف ڪيل" ورتو آهي (ڏسو تاريخ اليٽ جلد ۱، ص ۱۳۴) مگر اهڙي گمان لاءِ ڪابہ ثابتي موجود ڪانهي، جيڪڏهن هيءُ ڪتاب قاضي اسمٰعيل جي وڏن مان ڪنهن جو تصنيف ڪيل هجي ها تہ هو اهڙي خبر علي ڪوفي کي ٻڌائي ها.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مدائني کان سواءِ ٻيءَ جنهن به هيءَ ڪتاب تاليف ڪيو تنهن مدائني جي تصنيف ”ڪتاب فتح مڪران“ ۽ ”ڪتاب ثغرالهند“ تي ئي ان جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ ڪري هيءَ ڪتاب محمد بن قاسم هٿان سنڌ جي فتح واري بيان تي ختم ٿيو، جيڪڏهن ٢٢٥ هه – ٤٠٠ هه واري عرصي ۾ لکندڙ مؤلف ڪي تاريخ سنڌ بابت ڪنهن ٻئين تاريخ تصنيف ڪرڻ جو خيال هجي ها ته ان وقت تائين جا ٻيا به ڪيئي گورنر حڪمراني ڪري چڪا هئا ۽ انهن جو ذڪر به ڪتاب ۾ شامل ڪري ها.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب جو تعلق هڪ محدود تاريخي عرصي سان آهي، مگر واقعات جي تفصيل سبب هي ڪتاب هڪ ممتاز تاريخي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جي اسلام کان اڳ واري تاريخ جو حتي الامڪان تفصيلي بيان، محمد بن قاسم جو شيراز کان روانگي ٿيڻ کان وٺندي آخر ۾ ملتان جي فتح تائين مفصل تاريخي بيان، محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي درميان لڙائي جي تياري، توڙي لڙائي جي ڪيفيت ۽ مختلف معرڪن جا ڏڙي پرزي حالات، جنگي واقعن ۽ خاص موقعن تي عرب شاعرن جا اشعار، حجاج ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ خط و ڪتابت جو تفصيلي رڪارڊ – چچنامي ۾ اهو جملي تاريخي مواد اڪثر نئون ۽ انوکو آهي بلڪ ٻين عرب تاريخن ۾ ڪمياب آهي. ڪتاب جي تاليف ۾ اوڻايون هڪ ته غير معتبر مقامي روايتن کي داخل ڪرڻ سان پيدا ٿيون آهن؛ ٻيو ته نسخن جي نقل در نقل سبب، اسماءِ خاص ۽ واقعات جي سنن ۽ ماڻهن ۾ تحريف ۽ تصحيف ۽ عبارتن جي خلل سبب وجود ۾ آيون آهن؛ ۽ ٽيون وري غالباً فارسي مترجم طرفان روايتن جي سلسلن کي حذف ڪرڻ ۽ رنگين عبارت آرائي طرف توجهه ڏيڻ سبب واقع ٿيون آهن. روايتن جي سلسلن ۾ قطع بريد سبب واقعات جي صحت کي پرکڻ البته ناممڪن ٿي پيو آهي، باقي ٻيون جملي ڪميون بيشين جي علمي تحقيق ۽ تنقيد سان تلافي ٿي سگهي ٿي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اصل عربي ڪتاب جو نالو: اصل ڪتاب جنهن جو علي ڪوفي ٦١٣ھ ڌاري ترجمو ڪيو، ان جو سر ورق تي يا شروع ۾ ڪتاب ٽوڙي اصل مصنف جو نالو هئڻ قرين قياس نظر اچي ٿو، مگر فارسي مترجم علي ڪوفي ان بابت پنهنجي ديباچي ۾ ڪابه وضاحت ڪانه ڪئي، بلڪ پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ هڪ نئون نالو تجويز ڪيو، جو غالباً هڪ ته ٻه ٽڪاڻ هئڻ سبب ۽ ٻيو ته ترجمي جي آخر ۾ هئڻ سبب رائج ٿي سگهيو، انهيءَ ڪري پوءِ پڙهندڙن ان کي مختلف نالن سان سڏيندي بالآخر ان کي "چچ نامه" سڏيو ۽ اهو آسان مگر غلط نالو مشهور ٿي ويو. گذريل صدي ۾ ايلفنسٽن پهريون دفعو، انڊيا آفيس لئبرري واري قلمي نسخي جي مطالعي بعد، ڪتاب جو نالو "تاريخ هند و سند" ڄاڻايو (١). ان بعد ايليٽ پنهنجي تاريخ ۾ واضح ڪيو ته "چچ نامه" جي نالي لاءِ خود ڪتاب اندر ڪابه ثابتي موجود ڪانهي، بلڪ ڪتاب جي شروع ٽوڙي آخر ۾ ان کي "فتحنامه" سڏيو ويو آهي (٢). آخر ۾ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي فارسي متن مان ڪتاب جي نالي بابت حوالا جمع ڪري واضح ڪيو ته ڪتاب جو "فارسي ۾ اصل نالو فتحنامو" هو (٣) ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي ايڊيشن جي سر ورق تي ڪتاب جو نالو "فتحنامه سند المعروف به چچ نامه" ڪري لکيائين. اسان هيٺ هن مسئلي تي قدري تفصيل سان روشني وجهنداسون.

جيئن ته ڪتاب جو اصلي عربي نالو اسان ڄاڻون ٿا بهتر آهي، انهيءَ ڪري خود فارسي ترجمي جي اندروني شهادتن جي آڌار تي

(١) ڏسو ايلفنسٽن جي انگريزي ۾ لکيل "هندستان جي تاريخ"، ڇاپو پنجون، لنڊن ١٨٦٦ع، ص ٣١١ حاشيه ٣١. (٢) ايليٽ جي تاريخ جلد ١ ص ١٣١. (٣) "فتحنامه سند المعروف به چچنامه"، تصحيح ڊاڪٽر دائود پوٽو، مقدمه ص "يو".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ان جو اندازو لڳائي سگهبو. ڊاڪٽر دائود پوٽه ص ص [١١]، [١۴] ۽ [٢۴٨] جا حوالا ڏنا آهن جني ۾ ڪتاب لاءِ ”اين فتحنامه“ جا الفاظ آيل آهن؛ انهن کانسواءِ ٻين صفحن تي هيٺين قسم جا حوالا موجود آهن: ”اين ڪتاب تاريخ هندو.... فتح سند“ [ص ٨]، ’تاريخ اين فتح‘ [ص ١٠]؛ ’اين فتحنامه [١٣] ”فتح نامه“ (بمعني فتح جو احوال جو محمد بن قاسم حجاج ڏانهن لکيو) [ص ص ١٨٦–١٨٧ ۽ ١٩١، ١٩٦ ۽ ١٩٩] انهن حوالن مان ظاهر آهي ته لفظ ”فتحنامه“ مترجم ٻن معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي: لفظي طور بمعني ’فتح جو احوال يا خط‘ ۽ اصطلاحي طور هيءَ ڪتاب جنهن جو خاص تعلق سنڌ جي فتح سان آهي. هاڻي اگر تسليم ڪجي ته لفظ ”فتحنامه“ اصل عربي ڪتاب جي نالي واري مفهوم کي قدري ادا ڪري ٿو، ته پوءِ صرف ايترو چئي سگهبو ته اصل نالي ۾ شايد ”فتح“ جو لفظ هو. ص [١٠] تي ”تاريخ اين فتح“ وارو فقرو به قدري ان گمان جي تائيد ڪري ٿو. ٻئي طرف ص [٨] تي ڏنل عبارت، ”محرر اين ڪتاب تاريخ هندو مقرر فتح سند“، به ڇڙ ٻڌائي معلوم ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن انهيءَ عبارت مان اصل عربي ڪتاب جي نالي جو اندازو لڳائجي ته به صرف ايترو چئي سگهبو ته شايد انهيءَ اصلي نالي ۾ ”تاريخ هند و فتح سند“ جهڙا الفاظ هئا.

ياقوت پنهنجي ڪتاب ”معجم البلدان“ (۴٥٧×٣) ۾ ملتان جي ٻُت بابت لکندي چوي ٿو ته ”ذڪره المديني في فتوح الهند و السند“ يعني ته ”مديني انهيءَ (ٻت) جو ذڪر فتوح الهند و السند“ ۾ ڪيو آهي. ياقوت جو هي اڪيلو حوالو جيتري قدر قيمتي ۽ دلچسپ آهي اوتري قدر مبهم به آهي. جيڪڏهن ان ۾ ”المديني“ کي ”المدائني“ تسليم ڪجي ۽ ”فتوح الهند و السند“ کي ڪتاب جو خاص نالو ڪري وٺجي ته پوءِ چئبو ته ابوالحسن مدائني هڪ ڪتاب ”فتوح الهند والسند جي“ نالي سان به لکيو هو (جو ياقوت ١١٧٩–١٢٢٩ع جي مطالعي هيٺ رهي چڪو هو)، ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي مترجم جا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مٿيان الفاظ يقيني طور انهيءَ ڳالهه تي غمازي ڪن ٿا. جيڪڏهين هي وضاحت تسليم ڪجي، ته پوءِ چئبو ته هي 'فتحنامه' غالباً ابوالحسن مدائني جي تصنيف آهي، ان جو اصل نالو ”فتوح الهند و السند“ هو، ۽ مدائني جي تصنيف جي حيثيت ۾ اهو ڪتاب تقريباً سنه ١٥٠ هه (جڏهين مدائني جي عمرڪم از ڪم ١٥ ورهيه هئي) ۽ ٢٢٥ هه (جڏهين مدائني وفات ڪئي) جي وچ ڌاري تصنيف ٿيو. مگر ڪنهن ٻي مستقل شهادت جي غير موجودگي ۾، هن اڪيلي حوالي جي بناء تي اهو نتيجو فيصلہ ڪن بنجي نٿو سگهي، جو ته ياقوت جي مٿين حوالي جا ٻيا مطلب به ٿي سگهن ٿا (١)، مگر ان جي باوجود به ايترو چئي سگهجي ٿو ته هن حوالہ ۾ ”فتوح الهند والسند“ وارو فقرو،

---

(١) پهريون ته هن حوالي ۾ مصنف جو نالو ”المديني“ آهي ۽ نه ”المدائني“ ۽ انهيءَ ڪري مذڪور ڪتاب ”فتوح الهند و السند“ جو مصنف ”المديني“ هو ۽ نه ”المدائني“ جيئن ته فتحنامي ۾ ”المديني“ نالي شخص جو ايترو ذڪر ناهي. انهيءَ ڪري ”فتوح الهند و السند“ يقيني طور بالڪل هڪ ٻيو جداگانہ ڪتاب هو. خود ياقوت پنهنجي ٻئي ڪتاب ”معجم الادباء“ ۾ المدائني جي تصنيفن جا نالا ابن نديم جي ڪتاب الفهرست تان نقل ڪري ڏنا آهن مگر نڪي ياقوت جي انهن نقل ڪيل نالن ۾ ۽ نڪي ابن نديم جي اصل ڪتاب ۾ مدائني جي ڪتاب ”فتوح الهند و السند“ جو ذڪر آهي. ٻيو ته جيڪڏهن فرض ڪجي ته هن حوالي ۾ صورتخطي جي غلطي سبب ”المديني“ لکجي ويو آهي ۽ دراصل اهو صحيح نالو ”المدائني“ آهي ته به ”فتوح الهند و السند“ واري فقره مان لازمي طور مراد ڪو خاص ڪتاب وٺي نٿو سگهجي: بلڪ اهو اشارو مجموعي طور المدائني جي ڪتابن ”ڪتاب فتح مڪران“، ”ڪتاب ثغر الهند“ ۽ ”ڪتاب عمال الهند“ ڏانهن ٿي سگهي ٿو جن ۾ هند ۽ سنڌ جي ٻين فتوحات جو ذڪر هو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذري جي باب ”فتوح السند“ جو عنوان، ۽ فتحنامي جون مٿيون عبارتون انهيءَ نتيجي ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون ته غالباً اصل عربي ڪتاب جو نالو ”فتوح الهند و السند“ هو.

افسوس جو فارسي مترجم علي ڪوفي نه اصل ڪتاب جي نالي بابت ڪا وضاحت ڪئي، ۽ نه وري پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ ڪو صاف ۽ واضح نالو منتخب ڪيو. هڪ ته پنهنجي ترجمي لاءِ نالي چونڊڻ جي تجويز ٿي ڪري ڪتاب پوري ڪرڻ بعد ياد آئي ۽ ٻيو ته ترجمي جي نالي چونڊڻ ۾ پڻ پنهنجي مربي وزير عين الملڪ جي نالي جو لحاظ رکيائين ۽ انهيءَ ڪري هڪ آسان ۽ صاف نالي جي بدران پنهنجي ترجمي لاءِ هڪ ڏکيو ۽ پر تڪلف ”لقب“ ايجاد ڪيائين- يعني ته ”منهاج الدين و الملڪ، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ (۱). مگر هڪ ته خود انهيءَ ڏکي لقب جي اٺوڪي ساخت ۽ سٽاءَ ۾، معنوي لحاظ سان، شڪ ڪاڏئين آهي، ۽ ٻيو ته وري فتحنامي جي قلمي نسخن ۾ ڪاتبن جي غلطين سبب يا خود مترجم جي مختلف عبارتن سبب، هن ڏکي لقب کي ”سماءالدين و الملڪ، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ به پڙهي سگهجي ٿو، ته وري ان ۾ ”عين الملڪ“ واري فقره کي ”علاءالملڪ“ به پڙهي سگهجي ٿو (۲).

ظاهر آهي ته مترجم علي ڪوفي بعد، ٻين ماڻهن جن سندس فارسي ترجمي جا قلمي نسخا پڙهيا هوندا انهن کي به هن ڏکي ۽ مبهم لقب سان ڪتاب کي ياد ڪرڻ ۾ آساني نه ٿي هوندي. اهوئي سبب آهي جو ”طبقات اڪبري“ (تصنيف ۱۰۰۲ هه) جي مصنف (جنهن جو حوالو اڳتي ۾ آيو آهي) توڙي ان بعد ”زبدةالتواريخ“ (تصنيف سنه ۱۰۰۴-۱۰۲۵ هه) جي مصنف، هن ڪتاب کي علي ڪوفي جي ان ڏکي ”لقب“ جي بدران هڪ مختصر نالي ”منهاج المسالڪ“

---

(۱) فتحنامي ص ۳۶۸ (۲) ڏسو حاشيه (۱)- (۱) ص ۳۶۸ ۽ آخر ۾ ص ۵۵۳ تي ذيل حاشيه ۳۶۸/[۲۴۷].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سان ياد ڪيو آهي. ٻيو ته جيڪڏهن مترجم علي ڪوفي پنهنجي ايجاد ڪيل انهيءَ ڊگهي لقب کي پنهنجي ترجمي جي شروع واري ديباچه ۾ بيان ڪري ها ته ٻوڏان پڙهندڙ ان کي آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهن ها، ۽ پوءِ ڪلي ڪتاب کي "منهاج الدين" يا "منهاج المسالڪ" جهڙن مختصر نالن سان سڏين ها ته بہ مستقل طور "منهاج" لفظ هن ترجمي جي نالي جو ڀڪو ڀاڱو بنجي وڃي ها. مگر جيئن مٿي بيان ٿي چڪو، علي ڪوفي کي پنهنجي ترجمي لاءِ موزون لقب چونڊڻ جي ديرسان ياد ڪري آئي ۽ اهو لقب ڪتاب جي آخر ۾ بيان ڪيائين. انهيءَ ڪري پوين پڙهندڙن کي ديباچه ۾ ڪتاب جو ڪوبہ نالو نظر ڪرنہ آيو، ۽ شروع واري تاريخي باب ۾ چچ بابت ڊگهي بيان ۽ چچ جي حرفت ۽ هوشياري ڪان متاثر ٿي، "شاهنامه" ۽ "سڪندر نامه" جي مناسبت سان، هن ڪتاب کي "چچنامه" سڏيائون. پاڻهجي ٿو تہ ڪتاب جو اهو مصنوعي نالو ڪافي اڳڀالي وقت کان مشهور ٿيو، ڇاڪاڻ تہ "طبقات اڪبري"، جو سنہ ۱۰۰۲ ھ ۾ تصنيف ٿيو، ۽ جو اڳڀالي ۾ اڳڀالو موجود ڪتاب آهي جنهن ۾ فتحنامي جو ذڪر مليو، تنهن جا ان متعلق هي الفاظ آهن تہ: "تاريخ منهاج المسالڪ کہ مشهور به چچ نامه است" (۱). ان جي معني تہ ڪم از ڪم ۱۰۰۲ھ کان گهڻو اڳ علي ڪوفي جو هيءُ فارسي ترجمو "چچنامه" جي غلط مگر آسان نالي سان مشهور ٿي چڪو هو. "طبقات اڪبري" بعد "بيگلارنامه" جو سنہ ۱۰۱۷ ھ جي تصنيف آهي ان ۾ بہ هن ترجمي کي "ڪتاب چچنامه" جي عام نالي سان سڏيو ويو آهي (۲). خود فتحنامي جي سيني موجوده قلمي نسخن ۾ سڀ کان اڳڀالو قلمي نسخو جو شوال سنہ ۱۰۶۱ھ ۾ لکيو ويو ۽ جو پنجاب يونيورسٽي لئبريري ۾ محفوظ آهي، ان جي سرورق تي بہ هيءَ عبارت لکيل آهي: "اين تاريخ فتح سند است متعلق

---

(۱) طبقات اڪبري، جلد ۳ ص ۵۰۶ (۲) بيگلارنامه، نسخہ قلمي مڪتبہ عاليہ هزهائنس مير نور محمد خان مرحوم حيدرآباد سنڌ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچنامه خوانند امست محمد بن قاسم خويش حجاج" (١). هن مبهم عبارت ۾ پڻ "چچنامه" جو نالو موجود آهي. انهن حوالن مان ظاهر آهي ته ١١- صدي هجري جي شروع کان هيءَ ڪتاب "چچنامه" جي عام نالي سان سڏجڻ لڳو، بلڪ ان کان به اڳ انهيءَ نالي سان مشهور ٿي چڪو هو. ان وقت کان اڄ تائين اهو ڪتاب انهيءَ نالي سان مشهور رهيو آهي، حالانڪ علمي طور انهيءَ نالي کي متفقه طور استعمال ڪونه ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جي قلمي نسخي ن ۾ (جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو) جو سنه ١٢٣٢ هه جو لکيل آهي، ان ۾ ڪتاب جو نالو "مهناج الدين معروف به چچنامه" ڄاڻايل آهي، ۽ ٻئي نسخي ڪ ۾ (جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو) جو سنه ١٠٨٨ هه جو لکيل آهي ان ۾ ڪتاب جو نالو "تاريخ قاسمي" يا "چچنامه" لکيل آهي.

بهرحال ڪتاب جي اصل عربي نالي جو نشان نه ملڻ، خود اصل فارسي نالي جو مبهم هئڻ، ۽ آساني خاطر ڀين بدليل ۽ غلط نالن جي رائج ٿيڻ جو وڏو سبب مترجم علي ڪوفي جي اصل ڪتاب متعلق بي احتياطي ۽ پنهنجي ڪيل ڦيرگهير آهي. هيٺ اسان انهيءَ اهم مسئلي تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندا سون.

---

(١) هن ساڳئي سر ورق جي چوٽي تي کبي طرف "فتح نامه ابا مسلم" جا الفاظ لکيل آهن ۽ ان بعد مٿين ڄاڻايل عبارت آهي؛ ان جي هيٺان وري هيءَ ناقص عبارت آهي: "ابن قصه ابا مسلم مروذي که جنگ کرده باشد...... مروروذ...... وکشتن او درين کتاب تمام مذکور شد...... فتحنامه ابن...... مروروذ...... و حافظ محمد ظهور الدين." هن عبارت جو سلسلو وري نسخي جي بالڪل پوئين صفحي تي پڇاڙي شروع ٿئي ٿو جنهن جو تعلق ابو مسلم مرورودي (خراساني) ۽ خراسان جي گورنر نصر بن سيار جي لڙائي سان آهي، مگر انهيءَ سڄي عبارت جو هن نسخي جي اندروني مواد سان ڪو، تعلق ڪونهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مترجم علي ڪوفي ۽ سندس فارسي ترجمه

مترجم:- خود مترجم بابت اسان کي صرف اهڙا محدود حالات ملن ٿا جي هن پاڻ پنهنجي متعلق پنهنجي فارسي ترجمي جي ديباچي ۾ ۽ وري ڪتاب جي آخر ۾ ڏنا آهن.

پنهنجو سڄو نالو ”علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي“ (١) ڄاڻايو اٿس (ص ١١). سنه ٦١٣ هه ۾ سندس عمر ٥٨ ورهيه هئي (ص ١٢)، جنهن جي معنيٰ ته هو تقريباً ٥٥٥ هه ۾ ڄائو. سندس نسبت ”ڪوفي“ مان گمان نڪري ٿو ته شايد هو ڪوفي ۾ ڄائو ۽ اتي ئي وڏو ٿيو. سندس بيان موجب هو جڏهن ”پنهنجي عمر جو هڪ عرصو آرام ۽ نعمت ۾ گذاري چڪو ۽ ڪميني دنيا مان وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو کڻي چڪو تڏهن حادثن جي مصيبتن ۽ زماني

---

(١) اصل فارسي عبارت هن طرح آهي، ”بنده دولت محمدي علي بن محمد بن ابي بڪر ڪوفي- ص [٨]. ڪتاب جي قلمي نسخن ۾ ڪن صاحبن غلطي وچان لفظ ”محمدي“ کي ”محمد“ يا ”محمد بن“ ڪري پڙهيو آهي ۽ اهڙي طرح ”اليٽ“ (جلد ١ ص ١٣١ تنوڙي ”ايٿي“ (فهرست انديا آفيس لئبرري No. 435) مؤلف جو نالو ”محمد علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي“ ڪري لکيو آهي، ۽ ”ريو“ (فهرست متحف برطانيه جلد ١، ص ٢٩٠) وري ”محمد بن علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفي“ ڪري ڄاڻايو آهي، حالانڪ فارسي متن ۾ ٽن هنڌن تي مؤلف پنهنجو ذاتي نالو صاف طور ”علي“ ڪري لکيو آهي- ڏسو ص ١١/ [٨]، ٥/[١١] ۽ ١٩/[١٣]. روهڙيءَ جي سيد محب الله پنهنجي مختصر تاريخ سنڌ (فارسي قلمي نسخي) ۾ ٻه دفعا مؤلف جو نالو ”علي بن ابراهيم الڪوفي“ ڪري لکيو آهي مگر خود مؤلف جي پنهنجي عبارت انهيءَ گمان جي ترديد ڪري ٿي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي اوچتي آنتن کان [مجبور ٿي] پنهنجي اصلوڪي وطن ۽ پيدائش جي جڳهه کان جدا ٿي ڪي ڏينهن اچي اُچ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين" (ص ص ١١-١٢) هن مان ظاهر آهي ته سندس اوائلي زندگي ڪافي آرام ۽ شان سان گذري، ۽ زندگي ۾ "مڪمل" ڪاميابي واري فقره مان گمان نڪري ٿو ته شايد هو جواني بعد، يعني اندازاً چاليهن ورهين جي ڄمار کان پوءِ، پنهنجي اصلي وطن (ڪوفي؟) مان مجبوراً هجرت ڪري آخر "ڪي ڏينهن اچي اُچ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين" (ص ص ١١-١٢). ان وقت اتي جي حڪومت سنڌ ۽ ملتان جي سلطان ناصرالدين قباچه (٦٠٢-٦٢٥ هه) جي هٿ ۾ هئي جو هڪ بهادر، بيدار مغز ۽ علم پرور سلطان هو، ۽ مغلن جي فتنه سبب خراسان، غور ۽ غزنه جي فاضلن ۽ عالمن اچي سندس دربار ۾ آجهو ورتو هو ۽ سلطان مٿن مهربانيون ڪيون. سندس وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر پڻ هڪ وڏو علم دوست ۽ عالمن جو قدردان هو. وزير شرف الملڪ، علي ڪوفي جي وڏي عزت ڪئي ۽ ڪيس دل کولي نوازيو، ۽ اهڙيءَ طرح هو ڪيئي سال سندس "مهرباني جي باغ" ۾ رهيو ۽ سندس "احسان تي پلجي" آرام ورتائين (ص ١٥). وزير شرف الملڪ بعد سندس اولاد به ڪيس نعمتن سان نوازيو جو ياد لکي ٿو ته "سندس اولاد........ جي نعمت جا حق ٺهنجي گردن تي لازم آهن" (ص ١٥).

فتحنامه جي ديباچي مان ظاهر آهي ته علي ڪوفي هڪ دينداد شخص هو. ص ٩ تي سلطان ناصرالدين قباچه بابت سندس دعائيه اشعار ۽ ص ١٨ تي ذڪل قطعه ڏيکارين ٿا ته هو هڪ چڱو خاصو شاعر هو. فتحنامي جو ترجمو سندس سادي فارسي نثر ۽ مؤثر اسلوب بيان جي ساک پري ٿو، ۽ پڻ اسلامي تاريخ سان سندس خاص دلچسپي ثابت ڪري ٿو. غالباً انهن علمي ۽ ادبي لياقتن سبب ئي سلطان ناصرالدين ۽ سندس قابل وزيرن جي دربار ۾ علي ڪوفي کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مقبوليت حاصل ٿي. مگر سنہ ٦١٣ ھ ۾ جڏھن سندس عمر اٺونجاهہ ورهيہ هئي، سندس بخت ڦيرو کاڌو ۽ خوشي خاڪ ٿي وئي. انهيءَ ڪري هيءَ سڀ آسانگا ڀلي تصنيف ۽ تاليف طرف توجهہ ڪيائين ۽ هندستان جي اوائلي اسلامي فتوحات بابت ڪتاب جي ڳولا ۾ اُچ مان اروڙ جو سفر اختيار ڪيائين، جتي مولانا امام قاضي اسماعيل سان ملاقات ٿيس. قاضي اسماعيل کيس اوائلي اسلامي فتوحات جي تاريخ متعلق هڪ عربي ڪتاب ڏيکاريو جو قاضي صاحب جي ”ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين“ لکيل هو ۽ جو سندس خاندان ۾ هڪڙي ڪان ميراث طور رهندو پئي آيو (ص ١٤). علي ڪوفي هن ڪتاب کي عربي مان فارسي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ترجمي کي پنهنجي مرحوم مربي وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر جي زنده فرزند عين الملڪ فخرالدين حسين جي نالي نامي اسم گرامي سان منسوب ڪيو (ص ص ١٦–١٧). غالباً وزير عين الملڪ ڪانئس بنهہ موڙيو هو ۽ انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي انتساب ذريعي سندس رضامندو حاصل ڪرڻ ٿي چاهيائين: ”جنهن هن ڪولي وٽ جي وسيلي آساني سان درجا حاصل ڪري سگهي، ۽ بلند درگاهہ ۾ ويجهڙائي حاصل ٿئي ۽ قبوليت جي اقبال سان مشرف ٿئي“ (ص ٢٠).

علي ڪوفي جو اهوئي ترجمو تيل ڪتاب ”فتحنامہ“ جو هن وقت ”چچنامہ“ جي نالي سان سڏجي ٿو، اسان تائين پهتو آهي. اهو معلوم نہ آهي تہ ان تاليف بعد علي ڪوفي ڪيترو وقت زنده رهيو ۽ ٻيا ڪهڙا ڪتاب لکيائين. مگر جيئن تہ هن باقي عمر لاءِ تصنيف ۽ تاليف کي ئي پنهنجو خاص مشغلو بنايو هو، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هن ٻيا بہ ڪي ڪتاب لکيا هجن. هن بوئين ڏوڙ جي هڪ مصنف سيد محب الله پنهنجي مختصر ”تاريخ سنڌ“ ۾ علي ڪوفي جي ٻن ٻين ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن ۽ سندس نالو غلطيءَ وچان ”علي بن ابراهيم ڪوفي“ ڪري ڄاڻايو اٿس. تاريخ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ”حصي ٻئي“ (”در تفصيل امصار و بلاد و حصار و قصبات سنده و وجه تسميه و لغة آنها“) ۾ حيدرآباد ٽوڙي ماٽيلي جي بناء بابت ڪتاب ”تنقيح الاسناد“ جون عبارتون اختصار سان نقل ڪيون اٿس. ۽ شهر سيرپور (اڄ ماٽيلي) بابت ٻئي ساڳئي ڪتاب مان نقل ڪري بعد لکيو اٿس ته: ”انتهي ترجمه ’تنقيح الاسناد في تشريح الامصار و البلاد‘ تصنيف علي بن ابراهيم الڪوفي صاحب چچنامه.“ وري ڪتاب جي ”حصه سوم“ (”بقية ذيل الاوراق در تشريح ذوات سنده“) ۾ ذات ”ڪلتاس“ بابت لکي ٿو ته ”صاحب ڪتاب الانساب علي بن ابراهيم الڪوفي ميگويد ڪه ڪلتاس نام مردي بود از مغول ڪه حالا ڪلتاسيان منسوب باواند.“ ڪتاب جي حصه چهارم“ (”تتمه خاتمه در تشريح بعضي اماڪن و جبال مشهور وغيره“) ۾ ”ٺٽو شهر“ (شهر جو ٺٽو) بابت ٻئي ساڳئي ”ڪتاب الانساب“ مان عبارت نقل ڪيل آهي جنهن جي آخر ۾ آهي ته: ”انتهي خلاصه عبارت سيد علي اصغر ٺٽوي.“ جنهن جي معني ته دراصل سيد علي اصغر ٺٽوي ”ڪتاب الانساب“ جو حوالو پنهنجي ڪتاب ۾ آندو هو ۽ سيد محب الله اها عبارت نقل ڪئي آهي. سيد محب الله پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺين ماخذن جا نالا ڏنا آهن: چچنامه، تحفة الڪرام، تاريخ طاهري، جمع الجوامع، طبقات بهادر شاهي، تاريخ بي بدل، رساله سيد علي اصغر ٺٽوي الملقب به خاڪسار، ۽ تاريخ سيوستاني. علي ڪوفي جي ڪتابن جو ذڪر ماخذ طور ڪرڻ ڪيو اٿس، جو غالباً علي ڪوفي جا ڪتاب وٽس ڪين هئا ۽ جن ڪتابن مان نقل ڪيائين تن ۾ علي ڪوفي جي انهن ڪتابن جا حوالا موجود هئا. چنانچه علي ڪوفي جي ”ڪتاب الانساب“ جو حوالو ”رساله سيد علي اصغر ٺٽوي“ جي عبارت ذريعي نقل ٿيل آهي ۽ ٻئي ”ڪتاب تنقيح الاسناد في تشريح الامصار والبلاد“ جو حوالو به غالباً هن ساڳئي رساني، يا تاريخ سيوستاني تان ورتل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، جيترڏيڪ اهو چاڻايل نہ آهي ۽ اُين بہ معلوم ٿئي ٿو ته اهو ڪتاب خود سيد محب الله جي آڏو موجود هو.

بهرحال علي ڪوفي جي انهن ٻن ڪتابن جا اهي انوکا ۽ مبهم مگر دلچسپ حوالا ڏيکارين ٿا تہ علي ڪوفي پنهنجي باقي زندگي تصنيف ۽ تاليف ۾ صرف ڪئي ۽ "فتحنامہ" جي علاوه غالباً ٻيا ڪتاب به لکيائين، پر فقط سنڌس "فتحنامہ" وارو فارسي ترجمو ئي سندس تصنيفات ۾ سڀ کان مشهور ٿيو. فارسي ترجمہ تي تنقيدي نظر:- اصل عربي ڪتاب جي حقيقت تائين پهچڻ لاءِ هيءَ معلوم ڪرڻ ضروري آهي تہ مترجم علي ڪوفي سنڌس هن فارسي ترجمي ۾ پنهنجي طرفان ڪهڙا اضافا ڪيا آهن يا ڪهڙيون ترميمون ڪيون.

مترجم "مخلص ڪتاب" يعني ڪتاب جي خاتمي واري عنوان هيٺ، هن ڪتاب کي عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت ۽ اهميت کي واضح ڪندي لکي ٿو تہ:

"اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لغي ۾ وڏو درجو هوس...... ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي پرده ۾ (ڍڪيل) هو ۽ پهلوي (فارسي) ٻوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نہ ٿي سگهيو. ايران جي ڪنهن بہ سينگاريندڙ، نہ هن فتح نامي جي ڪنوار کي سينگاريو هو، ۽ نڪي زبان جي سينگار خاني ۽ حڪمتن جي بجڪي (بغچہ) مان هن کي ڪو وڳو ڏيکاريو هو، نہ عقل جي خزاني مان ڪو زيور پهرايو هو، ۽ نہ وري فصاحت جي ميدان ۽ بلاغت جي باغيچن مان هن ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو هو" (ص ٣٦٩).

مترجم جا مٿيان الفاظ "فارسي ترجمي" بابت سنڌس خيالات جي ترجماني ڪن ٿا. سنڌس خيال موجب (١) ايراني مصنفن جي طرز موجب ان کي سينگارڻ، (٢) زبان جي رنگينيءَ سان ان کي چمڪائڻ، (٣)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهپ ۽ عقل جو زيور پهرائڻ يعني ته ضرورت مطابق تشريح ڪرڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ، ۽ (۴) اسلوب بيان کي فصاحت ۽ بلاغت جي سانچي ۾ سموهڻ- اهي جملي ضرورتون هن ”فارسي ترجمي“ ۾ درڪار هيون. مترجم جي انهيءَ نظريي جو عڪس سنڌس هن ڪيل فارسي ترجمي ۾ جابجا نظر اچي ٿو ۽ سنڌس انهيءَ نظريي کي سمجهڻ سان سنڌس طرفان ڪيل اضافن ۽ ترميمن جو به پتو لڳائي سگهجي ٿو.

شروع ۾ ويهن صفحن (۱-۲۰) ۾ ڪتاب جو ديباچو، ۽ آخر ۾ ”دعاء“ ۾ مخلص ڪتاب“ (ص ص ۳۶۸-۳۷۰) وارا عنوان ته ظاهراً مترجم طرفان آهن جن کي شامل ڪرڻ ۾ هو بالڪل حق بجانب آهي. مگر انهن کانسواءِ به ٻيا ڪافي اضافا آهن جي مترجم جي مٿي ڏيکاريل نظريي جي زير اثر ڪتاب جي متن جو جز بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ هيٺيان اضافا غور طلب آهن:-

(۱) عورتن جا قصا ۽ عشقيه افسانا:- ’فتحنامه‘ ۾ جو خالص تاريخي مواد، واقعات ۽ فتوحات جي ذڪر جي صورت ۾ موجود آهي، ان جي تسلسل خواه تفصيل تي معتبر عرب تاريخون شاهد آهن ازانسواءِ خود فارسي عبارت جي جملن جي سٽا ۽ ساخت ظاهر ڪن ٿا ته اهو اصل عربي متن تان ترجمو ٿيل آهي. انهيءَ خالص تاريخي مواد جي برعڪس جي حڪايتي ۽ روايتي مواد آهي تنهن جي فارسي عبارت تي ڏيکاري ٿي ته اهو مواد اصل عرب مؤرخن جو نه آهي ڇاڪاڻ جو نه ان ۾ خالص تاريخي حقائق سان بحث آهي ۽ نڪي وري ان ۾ انهن اڳين عرب مؤرخن جي اسلوب بيان وارو ايجاز ۽ اختصار آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته اهو حڪايتي مواد اڪثر مقامي روايتن تي مبني آهي، ۽ شايد ازوڙ ۽ بڪر جي عربي النسل قاضين جي ڪوشش سان ان کي گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو هجي. انهيءَ مواد ذريعي فارسي مترجم علي ڪوفي کي هن ڪنوارڪي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سينگارڻ لاءِ ميدان ملي ويو، ۽ جتي جتي عورتن بابت اشارا هئا تن کي هن پنهنجي ترجمي ۾ فارسي وارو افسانوي ۽ روماني رنگ ڏيئي بنائي ناهي پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح راڻي سونهن ديوي ۽ چچ جو عشق (ص ص ٢٨–٣٢)، ڏاهر جي ڀيڻ ”ماين“ ۽ سوين راڻ پاڻيءَ جي مڱڻي جو قصو (ص ص ٧٤–٨٠)، ڏاهر جي زال ”لاڏي“ ۽ محمد بن قاسم جي شادي جو قصو (ص ص ١٣١–٢٦٨)، ڏاهر جي ڌيئيجي ’جمنا‘ ۽ سندس نڪاح جي حڪايت (ص ص ٢٨٤–٢٨٥)، جيسينه سان ڪيرج جي راجا دروهر جي ڀيڻ ’چڱي‘ جي محبت جو داستان (ص ص ٣٣٦–٣٤٦)، ۽ آخر ۾ ڏاهر جي ٻن ڌيئرن، محمد بن قاسم ۽ خليفي وليد وارو قصو (ص ص ٣٦٣–٣٦٧)- انهن سڀني قصن کي افسانوي رنگ ڏيئي، مرچ مصالح ڳنڍي، نوڙي سان ناٽڪ بنائي پيش ڪرڻ ۾ فارسي مترجم علي ڪوفي جو غالباً وڏو هٿ آهي. اهو سندس روماني تخيل جو نتيجو آهي جو راڻي سونهن ديوي فارسي شعر ۾ پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ٿي (ص ٢٩)، ۽ پڻ ”ڪيرج“ جي حاڪم دروهر جي ڀيڻ ’چڱي‘، جيسينه جي عشق جي آگ ۾ ٻچي ۽ ٻجري ٿي ۽ بستري تي ليٽندي فارسي رباعي جهونگاري ٿي (ص ٢٤٠). مطلب ته اصل متن ۾ انهن ڳالهين بابت جي ڪو اشارو هو ته ان کي ڇڪي افسانو بنايائين. سندس اهو وڏاءُ صرف عشقيه حڪايتن تائين محدود نه رهيو بلڪ جتي به گنجايش ڏٺائين اتي ڳالهه کي وڌايائين. ص ص ٣٢٨–٣٢٩ تي اروڙ جي جادوگرٻائي واري ڳالهه محض هڪ اجائي ڏيکھ آهي، ۽ ص ص ٢٣٤–٢٣٦ تي برهمڻ سپاهي ۽ محمد بن قاسم جي ڳالهه به سندس هن وڏاءَ جو ٻيو مثال آهي جنهن ۾ اروڙ جو برهمڻ سپاهي فارسي شعر پڙهي ٿو!!

(٢) عبارت آرائي: مترجم، ترجمي متعلق ”عبارت جي هار“ (ص ١٥) ۽ ”زبان جي سينگارخانه“ (ص ٣٦٩) جي خصوصيتن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان مطابق پنهنجي هن ترجمي ۾ ٻه محض عبارت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آرائي ۽ رنگين بياني خاطر ڪي اضافا ڪيا اٿس جن جو نفس مضمون سان ڪوبه تعلق ڪونهي.

انهن اضافن سان هڪ ته (غالباً سندس پنهنجا) اهي فارسي اشعار آهن جي ڪنهن نه ڪنهن زال يا مرد جي واتان چوايا اٿس (جن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي) يا موقعي جي مناسبت سان آندا اٿس- مثلاً ص ٢٣٣ تي هڪ فارسي رباعي وعده وفائي جي اصول جي تصديق خاطر، ۽ ص ٣٤٩ تي شاعر ابوالفتح بستي جي هڪ عربي قصيده (١) جو بيت "صلاح مشوره جي حڪمت عملي بابت، شاهد طور آندا اٿس.

ٻيو ته اسلوب بيان جي رنگيني خاطر سڌي سنئين ڳالهه کي تڪلف ۽ تصنع سان ادا ڪيو اٿس، جنهن جو مثال هيٺيون بار بار آيل عبارتون آهن جن جي سنئين سڌي الفاظ ۾ معنيٰ آهي ته "سج لٿو" "صبوح ٿيو" يا "سج اڀريو":-

ص ١٤٦: جڏهين دنيا ڪاري گوڏڙي ڍڪي ۽ ستارن جو بادشاهه رات جي ڪارنهن واري چادر ۾ لڪي ويو.

ص ٦٧: ٻئي ڏينهن جڏهن صبح صادق اونداهي جي پردي سان اطلس جو لباس پهري ظاهر ٿيو.

ص ١٧٤: جڏهن رات جو سرمائي پردو ستارن جي بادشاهه (سج) جي روشنائي جي چرڪ سان ڦاٽي پيو.

ص ٢٤٩: ٻئي ڏينهن جڏهن صبوح (پنهنجو) جهان کي سينگاريندڙ ۽ دل کي وڻندڙ حسن، مشرق جي طرف کي ڏيکاريو.

ص ٢٨٨: جڏهن صبح صادق انڌاري رات جي پرده سان باهر نڪتو.

ص ٣٤٠: ٻئي ڏينهن جڏهين ستارن جو بادشاه (سج) آسمان جي برجن سان نڪتو ۽ سرمائي پردو ڦاڙي ٽڪر ڪيائين،

(١) تصديق لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه، ص ٥٢٣

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ص ٣٦٢: ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهه (سج) رات جي پرده مان ظاهر ٿيو.

(٣) لقبن جا اضافا:- مترجم جي ڏينهن ۾ بادشاهن، بزرگن جي شان ۽ شوڪت خاطر فخريه لقبن جو استعمال عام ٿي چڪو هو. "شهاب الدين" ۽ "معزالدين" ٻئي سلطان محمد بن سام غوري جا شاهي لقب هئا. ڪانئس پوء سلطان "ناصرالدين" قباچه جي حڪومت ۾ مترجم علي ڪوفي آچ ۾ آيو. سلطان ناصرالدين جي وزير ابوبڪر جو لقب "رضي الدين" هو جو علي ڪوفي جو وڏو مربي هو. ان بعد وزير ابوبڪر جو پٽ حسين "فخرالدين" جي لقب سان وزير ٿيو، جنهن ڏانهن علي ڪوفي پنهنجو فارسي ترجمو منسوب ڪيو. وقت جي انهيء رواج موجب علي ڪوفي به پنهنجي ترجمي ۾ اڳين بزرگن ۽ اميرن جي نالن اڳيان اهڙن لقبن جو اضافو ڪيو. مثلاً پنهنجي متن ۾ (١) ص [١٢]/١٦ تي نبي صلعم جي ساٿي ابوموسي الاشعري رضه کي "ڪريم الدين، وجيه العرب، نظام الملة و قوام الملة" جي لقبن سان ياد ڪيو اٿس، حالانڪ ان وقت ۾ اهڙن لقبن جو نالو نشان به ڪونه هو. ساڳيء طرح ص [٩]/ ١٣ تي محمد بن قاسم کي "عمادالدولة و الدين" جو لقب ڏنو اٿس، ٻيو، پنجن جاين (٢) تي محض "عمادالدين" تي اڪتفا ڪئي اٿس، ۽ ص [٢٧]/١٨٠ تي وري ڪيس "ڪريم الدين" جو لقب ڏنو اٿس. اسان ص ٣٧٢ تي ڏنل حاشيه ۾ وضاحت ڪئي آهي ته محمد بن قاسم انهن لقبن کان آجو هو ۽ محض سندس ڪنية "ابوالبهار" هو. ص [٢٣٥]/٢٤٧ تي اروڙ جي قاضي موسي لاء "برهان الملة والدين"

---

(١) هن ترجمي ۾ ڪي اقتباس ۽ سنڌيء ۾ ترجمو ٿي ويا آهن انهيء ڪري تصديق لاء فارسي متن ڏسڻ گهرجي جنهن جا صفحا چورس ڏنگين ۾ ڏنل آهن (٢) ڏسو ص ص [١٣، ١٠٦، ١٤١، ١٩٣ ۽ ٢٤٤]/ ١٣٠، ١٤٩، ٢٠٢، ٢٢٥ ۽ ٢٦٤

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو لقب آندو اٿس ۽ سندس اولاد مان پنهنجي همعصر قاضي اسماعيل کي وري ص [۹] تي ”ڪمال الملة والدين“ جو لقب ڏنو اٿس. نه فقط مائٽن لاءِ مگر پنهنجي هن فارسي ترجمي لاءِ به ص [۲۴۷]/۳۶۸ تي ”منهاج الدين..الخ“ جو لقب تجويز ڪيو اٿس. مطلب ته اهي لقبن وارا اضافا محض سندس ”زبان جي سينگارخاني“ جون سوکڙيون آهن ورنه انهن جو حقيقت سان ڪوبه تعلق ناهي.

(۴) تشريحي اضافا:- ترجمي ڪرڻ وقت اصل عربي متن ۾ آيل ڪن شهرن يا مڪانن جي نالن کي مترجم مختصر الفاظن ۾ سمجهايو آهي ته اهي سندس وقت ۾ ڪٿي هئا يا ڪهڙا هئا. مثلاً

ص ۶۷/[۴۹]: چچ، مڪران ۽ ڪرمان جي وچ ۾ حد مقرر ڪئي. انهيءَ حد جي وڌيڪ وضاحت لاءِ چيو ويو آهي ته ”اها ساڳي حد اسان جي هن وقت تائين قائم آهي.“ اهي الفاظ ظاهراً مترجم جا آهن ۽ محض گماني آهن.

ص ۶۸/[۴۹]: هت شهر ’قندابيل‘ جي وضاحت ۾ چاڙهيل آهي ته ”قندابيل يعني قندهار.“ ’يعني قندهار‘ وارو فقره ظاهراً مترجم جي طرفان آهي جو صحيح نه آهي. قندابيل مان مراد ”گنداوا“ آهي جنهن بابت اسان ص ۴۱۶ تي ذيل حاشيه ۾ روشني وڌي آهي.

ص ۱۵۲/[۱۰۷]: هن صفحي تي ”ڪارمتي“ ۽ ”ندمتي“ لفظن جي تشريح مترجم طرفان ڪيل آهي ۽ لکي ٿو ته: ”ڪارمتي يعني گل‌شور“ (ڪاري مٽي) ۽ ”ندمتي يعني گل سمين“ (چاندي جهڙي مٽي). سندس انهن فقرن تي ص ۴۵۸ تي ذيل حاشيه ۾ روشني وڌي وئي آهي.

ص ۲۴۷/[۱۷۱] هت لفظ ”نيم نيزه“ جي تشريح ۾ لکي ٿو ته ”لوهه دستو جنهن کي سيل به چوندا آهن“ ۽ وري ص ۲۵۸/[۱۷۸] تي به ساڳي لفظ جي وضاحت ڪندي لکيو اٿس ته ”لوهه جا دستا جنهن کي هندو سيل چوندا آهن.“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ص۳۱۷/[۲۱۷]: هن صفحي تي شهر برهمڻاباد جي وضاحت ۾ جملو آهي ته برهمڻاباد يعني بابراه. "يعني بابراه" وارو فقرو مترجم طرفان آهي ۽ هن صحيح طور برهمڻاباد جو مقامي نالو "بابراه" (يعني ٻانڀڻواهه) ڏنو آهي جيئن ته اسان ص ۵۰۷ تي ذيل حاشيه ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي.

مٿيان جملي اضافا مترجم علي ڪوفي پنهنجي فارسي ترجمي ۾ رنگين بياني، عبارت آرائي، يا تشريح خاطر ڪيا آهن ۽ سندس نقطهء نگاهه کان هو ان ۾ حق بجانب آهي. البت انهن اضافن اصل صحيح ۽ معتبر عربي تاريخ جي ڪتاب کي افسانوي رنگ ڏنو آهي، ۽ ان جي قدر ۽ قيمت کي سطحي محققن جي نظر ۾ البت گهٽايو آهي. تنهن هوندي به گهري نظر سان مترجم جي انهن اضافن کي پرکي سگهجي ٿو ۽ ڪتاب جي اصليت کي پروڙي سگهجي ٿو.

انهن اضافن جي علاوه، مترجم علي ڪوفي کان ڪي ڪميون عمداً توڙي سهواً واقع ٿيون آهن جن جي تلافي مشڪل آهي. هيٺين ڪمين، خاص طور اصل عربي ڪتاب جي صحت تي وڏو اثر وڌو آهي:-

(۱) پهريون ته مترجم علي ڪوفي اصل ڪتاب جو نالو نه ڏنو ۽ ان جي بدلي پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ پر تڪلف نالو تجويز ڪيو. انهيءَ اصولي ڪمي نه صرف اصل عربي ڪتاب جي نالي کي محو ڪري ڇڏيو بلڪ آئنده لاءِ ان جي جڙتو نالن لاءِ ميدان کولي ڇڏيو، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي.

(۲) ٻيو ته مترجم، اصل عربي ڪتاب ۾ مختلف بيانن بابت راوين جي سَنَدن وارن سلسلن کي ڪيترن ئي جاين تي غير ضروري سمجهي ڇڏي ڏنو آهي ۽ راوين جي نالن ڏيڻ بدران محض "راوين" يا "لکندڙن" جهڙا مبهم الفاظ ترجمي ۾ رکيا آهن. مثلاً:-

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ص ٢١ كتاب جي شروعات ۾ ٻي راوين جا نالا حذف ڪري هنن مبهم لفظن سان شروع ڪري ٿو ته: ”خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي - الخ“.

ص ٣٩ ”هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو مصنف هن طرح روايت ٿو ڪري - الخ“ (چچ جي رائي ۽ سوڀهن ديوي سان شادي بابت)

ص ٥٢ ”هن فتح جي ڳالهه لکندڙ هن طرح چيو آهي - الخ“ (چچ جو ڪشمير کان ارور ۾ واپس اچڻ بابت)

ص ٩٧ ”هنن خبرن جي راوين ۽ هنن روايتن جي چاڻن هن طرح بيان ڪيو آهي - الخ“ (عهد اسلام ۾ فتحن جي شروعات بابت)

ص ١٠١ ”هن روايت جي ڪن راوين ۽ هن داستان جي ڪن لکندڙن بيان ڪيو آهي - الخ“ (حضرت عثمان رضه جي ڏينهن ۾ فتوحات بابت)

ص ١٣١: ”خبرن ۾ تصرف ڪندڙ ۽ روايتن جا تفسير ڪندڙ هيئن ٿا چون - الخ“ (محمد بن قاسم جي سنڌ جي محاذ تي مقرري بابت)

ص ٢٠٠ ”هن ڳالهه جي راوي چيو ته - الخ“ (علافي ۽ جي ڏاهر کي نصيحت بابت)

ص ٢٤٩ هنن ڪنوارين (حڪايتن) جي سينگاريندڙن هن طرح روايت ڪئي آهي ته - الخ“ (١٠- رمضان تي محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي جنگ بابت).

انهن حذف ڪيل سندن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته اسان جي فارسي مترجم کي تاريخي اسناد جي اهميت جي پوري ڄاڻ نه هئي، ڇاڪاڻ ته اصل سندن ۾ ڏنل نيٺ عربي نالن کي ڪڍي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اجمالي طور مٿين سهڻن لفظن وارن جملن لکڻ سان مترجم ڪتاب جو زيب و زينت وڌائڻ ٿي گهريو. مٿين جاين مان ڪتاب جي شروعات، اسلامي فتوحات جي شروعات وغيره اهڙا مقام آهن جن تي عربي تاريخ جي اصول موجب مستند تفصيل سان بيان ٿيل هونديون؛ غالباً مترجم اهي اسناد جا خاص ڏگها سلسلا محض عبارت آرائي خاطر حذف ڪيا آهن ڇاڪاڻ ته ٻين جاين تي جتي هڪ يا ٻن راوين جا نالا آهن ته اهي قائم رکيا اٿس: ممڪن آهي ته انهن مان ڪن جاين تي، خصوصاً قبل از اسلام وارن بيانن (مثلاً چچ جي راڻي سوهن ديوي سان شادي) لاءِ، اسناد جا سلسلا نه به هجن، مگر عهد اسلام وارين اسناد جي حذف هئڻ سبب اها پرک به مشڪل ٿي پئي آهي؛ ڪائي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ص ۹۷ تي ”عهد اسلام ۾ فتوحات“ واري اهم باب جي شروعات سلسلي اسناد کان خالي نه هوندي، ڇاڪاڻ ته بلاذري به هريهو انهيءَ طرح شروعات ڪري، اهو بيان ”علي بن محمد بن عبدالله بن ابي سيف“، يعني المدائني جو سڄو نالو آڻي سندس زباني بيان ڪيو آهي.

بهرحال اسناد جا سلسلا ڇڏي ڏيڻ واري ڪمي هڪ وڏي اوڻائي آهي جا مترجم کان واقع ٿي آهي. سندس انهن بالڪل مبهم ”روايتن“ سبب ڪتاب جي اصليت تي قدري پرده پئجي ويو آهي، ۽ محقق ۽ موضوع بيانن کي پرکڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ازان سواءِ ڪتاب جي شروعات واري روايت ۾ اصل مصنف جي نالي هجڻ جو به گمان آهي، مگر مترجم جي هن خالي عبارت آرائي سبب اها حقيقت پڻ محو ٿي وئي آهي.

(۳) تيون ته جتي اسناد جا سلسلا قائم رکيا اٿس اتي به معلوم ٿئي ٿو ته اسناد کي مڪمل طور نه ڏنو اٿس مثلاً هيٺيون ٻه روايتون غور طلب آهن:-

۱- ص ۱۰۳: هذلي ڳالهه ڪئي آهي (حضرت علي رضه جي خلافت ۾ حارث بن مُرّه جي مڪران ۾ جنگ بابت)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣- ص ١٠٨: هن تاريخ جي سلجهائيندڙن، هذلي ۽ عيسي بن موسيٰ کان روايت ڪئي آهي ۽ پنهنجي پيءُ کان ٻڌو (سنان بن سلمه جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ)

پهرينءَ روايت ۾ صرف ”هذلي“ جو نالو ڪنيو ويو آهي مگر جنهن کان ”هذلي“ هيءَ خبر ٻڌي يا جنهن کي ”هذلي“ هيءَ خبر ٻڌائي، تن ٻنهي جا نالا روايت ۾ حذف ڪيا ويا آهن: يعني ته سلسلي اسناد جو پهريون توڙي پويون ڀاڱو ڇڏيو ويو آهي. ٻيءَ روايت ۾ اسناد جو پهريون حصو حذف ڪيو ويو آهي. خود فتحنامه ۾ ڏنل هيٺين ٻن روايتن جي اسناد جا سلسلا ثابت ڪن ٿا ته سند جي روايتن جي سلسلي ۾ ”هذلي“ وچ واري ڪڙي آهي ۽ انهن روايتن ۾ ڪانئس اڳ توڙي پوءِ جي راوين جو هئڻ ضروري آهي.

ص ١٠٥: ابوالحسن، هذلي کان روايت ڪئي آهي ۽ هن مسلمة بن محارب بن زياد کان ٻڌو (عبدالله بن سوار جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ)

ص ١٠٩: ابوالحسن، هذلي کان ٻڌو ۽ انهيءَ ”اسود“ کان روايت ڪئي (راشد جو محاذ هند تي مقرر ٿيڻ)

هنن مثالن مان ظاهر آهي ته غالباً فارسي مترجم جي بي احتياطي سبب اسناد جا سلسلا ناقص رهجي ويا آهن، جنهنڪري تحقيقي نقطهء نظر کان هڪ وڏي ڪمي پيدا ٿي پئي آهي. اهڙا مثال ٻيا به ڪافي آهن.

(٤) چوٿون ته ترجمي ڪرڻ وقت مترجم کان سهواً به ڪي اصل عربي عبارتون ڇڏجي ويون آهن جنهنڪري ترجمي ۾ ڪٿ خلل ۽ خال رهجي ويا آهن. عبارتن جي سهوِ تخطي واريون ڪميون پوءِ جي ڪاتبن جي بي احتياطي يا اڻ ڄاڻائي سبب واقع ٿيون آهن مگر ڪٽل عبارتون مترجم جي سهوَ جو نتيجو آهن ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي فارسي ترجمي وارن جملي قلمي نسخن ۾ اهي عبارتون ڪٽل آهن. مثلاً:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١- ص ص ١٠٨-١٠٩/[٨١]: سنان بن سلمه ۽ احنف بن قيس وارو ذڪر

٢- ص ١٧٢/[٢١]: ڪاڪي ڪوتل جي خاندان جو ذڪر

٣- ص ٢٩٥/[٢٠٣]: علافي (يا جيسينه؟) جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو ذڪر

٤- ص ٣١٦/[٢١٧]: محمدبن قاسم، قتيبه ۽ جهم بن زحر وارو ذڪر

٥- ص ٣٤٤/[٢٣٣]: جيسينه جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو ذڪر

انهن ناقص عبارتن مان محض پهرين ۽ چوٿين عبارت جي تصحيح مشڪل سان ٻين ڪتابن جي آڌار تي ٿي سگهي ٿي، مگر ٻين عبارتن جي تصحيح امڪان کان ٻاهر آهي. هن اهم تاريخي ڪتاب جا اهي خال ۽ خلل نهايت ئي قيمتي تاريخي معلومات تي دائمي حجاب آهن.

فارسي ترجمي جي اهميت:- باوجود مترجم جي ڪمين بيشين جي، سنڌس هن فارسي ترجمي جي تاريخي توڙي ادبي اهميت مسلم آهي. مترجم، اصل عربي ڪتاب جو فارسي ۾ ترجمو ڪري اوائلي اسلامي- هندي تاريخ تي عموماً ۽ سنڌ جي تاريخ تي خصوصاً هڪ وڏو احسان ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته اصل عربي ڪتاب جي غير موجودگيءَ ۾ ''فتحنامه'' ئي انهيءَ آڳاٽي تاريخ جو اڪيلو سرچشمو آهي؛ نه فقط ايترو مگر غالباً هيءُ پهريون ڪتاب آهي جو سنڌ جي سرزمين ۾ سنڌ ۽ هند جي تاريخ بابت تيار ڪيو ويو. ازانسواءِ ''فتحنامه'' انهن چند تاريخي ڪتابن مان آهي جي آڳاٽو عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيا. 'بلعمي' پهريون شخص هو جنهن ٣٥٠ ۽ ٣٦٠ هه جي وچ ڌاري تاريخ طبري جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. 'تاريخ سيستان' ٻيو ڪتاب آهي جنهن جو ڪافي مواد عربيءَ مان ترجمو ٿيل آهي مگر اهو ڪتاب دراصل فارسيءَ ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو ويو؛ ازانسواءِ صرف ان جو پهريون ڀاڱو 'فتحنامه' کان اڳ سنه ٤٤٨-٤٤٥هه ڌاري لکيو ويو مگر ان جو ٻيو ڀاڱو 'فتحنامه' بعد سنه ٧٢٥

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڌاري تاليف ڪيو ويو (١). ٽيون ”ڪتاب الفتوح“ احمد بن اعثم ڪوفي خليفي هارون رشيد جي دؤر تائين فتوحات بابت لکيو (٢)، جنهن جو فارسي ترجمو محمد بن احمد المستوفي“ الهروي سنه ٥٩٦ هجريءَ ۾، يعني ته فتحنامه کان ١٧-١٨ سال اڳ ڪيو (٣) ۽ جن حالات ۾ هيءُ ترجمو ڪيائين، اهي ذري گهٽ علي ڪوفي جهڙا هئا: يعني ته مترجم جو ضلع بوشنج ۾ هي ڪتاب ترجمو ڪرڻ، ۽ خراسان جي وزير مؤيدالملڪ قوام الدوله والدين افتخار اڪابر خوارزم و خراسان جو سندس مربي هئڻ. علي ڪوفي به چڻ ساڳي حالات ۾ سندس نقش قدم تي هليو ۽ ١٧ سالن بعد ٦١٣ هه ۾ ”فتحنامه“ ترجمو ڪيائين. بهرحال ”فتحنامه“ انهن چند تاريخي ڪتابن مان چوٿون نمبر آهي جي اڳاڻي وقت ۾ عربي مان فارسيءَ ۾ ترجما ٿيا.

ادبي نقطهء نظر سان پڻ ”فتحنامه“ فارسي نثر جي بلڪل اڳاڻن ڪتابن مان آهي ۽ هندستان جي فارسي ادب ۾ غالباً فارسي نثر جو پهريون ڪتاب آهي. ان جو اسلوب بيان سادو ۽ سلوڻو آهي. عوفي پنهنجو ”لباب الالباب“ فتحنامه جي تاليف کان فقط ٽي-چار سال ڪن پوءِ سنه ٦١٧ هه ڌاري لکيو ۽ ان کي سلطان ناصرالدين جي ساڳئي وزير عين الملڪ فخرالدين حسين جي نالي سان منسوب ڪيائين، جنهن جي نالي علي ڪوفي ”فتحنامه“ کي منسوب ڪيو. يعني ته عوفي نوڙي علي ڪوفي ساڳئي دؤر جا آهن، مگر ”فتحنامه“ جي مقدمي کي ”لباب الالباب“ جي مقدمي سان ڀيٽ

(١) ڏسو ”تاريخ سيستان“ طبع طهران سنه ١٣١٤ شمسي، مقدمه ص ’و‘ (٢). ڏسو ياقوت، معجم الادباء (گب ميموريل) جلد ١ ص ٣٧٩، ۽ لسان الميزان“، مطبوع حيدرآباد دکن، جلد ١ ص ١٣٨ (٣) مطبوع بمبئي. (٣) ڏسو فهرست ريو (Rieu) جلد ١، ص ١٥١، ۽ پڻ ’فتوحات اعثم ڪوفي‘، مطبوع بمبئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪندي واضح ٿئي ٿو ته عوفي جي اسلوب بيان ۾ ڪافي تڪليف ۽ تصنع آهي ۽ ان جي برعڪس علي ڪوفي جو اسلوب بيان وڌيڪ صاف، ساده ۽ پُراثر آهي.

فارسي ترجمي بعد ان جي اشاعت

علي ڪوفي سنه ٦٠٣ هه (١٢١٦ع) ۾ تصنيف ۽ تاليف ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ انهيءَ سال يا ٻئي سال سنت ٿي "فتحنامه" وارو فارسي ترجمو تيار ڪيائين. جيئن ته اهو ترجمو سلطان ناصرالدين قباچه جي وزير عين‌الملڪ فخرالدين حسين جي نالي منسوب ڪيائين. انهيءَ لاءِ ته سندس "بلند درگاهه ۾ ويجهڙائي حاصل ٿئي"، گمان غالب آهي ته علي ڪوفي پنهنجي ترجمي جو هڪ نسخو ڪٿي وڃي آچ ۾ (جو سلطان ناصرالدين جي گاديءَ جو هنڌ هو) وزير عين‌الملڪ جي خدمت ۾ پيش ڪيو هوندو. ممڪن آهي ته هڪ نسخو اروڙ. ٻکر. جي قاضين کي ڏنو هجيس، جن جي اصل عربي ڪتاب تان "فتحنامه" ترجمو ڪير هنائين، ۽ اهڙو ڪو هڪ نسخو پاڻ وٽ به رکيو هجيس. مگر جيئن ته ترجمي وقت (سنه ٦١٣هه) ۾ سندس عمر ٥٨ ورهيه هئي ۽ ان بعد ٻين مصنفن جي ڪتابن خواه سلطان ناصرالدين جي دربار جي سربرآورده درباري عالمن فاضلن ۾ سندس ذڪر نٿو ملي، انهيءَ ڪري پانئجي ٿو ته علي ڪوفي ان بعد ڪو گهڻو وقت جيئرو ڪونه رهيو ۽ انهيءَ ڪري فتحنامي جا قلمي نسخا به غالباً محدود ٿي رهيا.

"فتحنامه" جو جهوني ۾ جهونو قلمي نسخو جو هن وقت تائين دريافت ٿي چڪو آهي؛ سو سنه ١٠٦١ هه جو لکيل آهي ۽ پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. باقي جملي نسخا ١٢٣٠ هه کان پوءِ جا لکيل آهن.

تعجب آهي ته سنه ٦١٣ هه کان وٺي سنه ١٠٦١ هه تائين يعني ته تقريبن ساڍن چئن سون واري انهيءَ عرصي جو ڪوبه قلمي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نسخو هن وقت تائين نہ مليو آهي. البت سلطان فيروز شاه طرفان ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو جي لکيل خطن جي مجموعہ ”منشات ماهرو“ (۱) ۾ هڪ اهڙو حوالو موجود آهي جو غالباً ’فتحنامہ‘ تان ورتل آهي. ”منشات ماهرو“ ۾ عين الملڪ طرفان سنڌ جي سمن حاڪمن ڄام ٻانڀيه (ٻانڀنيه) ۽ ڄام جوڻہ ڏانهن لکيل خط موجود آهن، جي اندروني شهادتن جي بناء تي، تقريباً ۷٦۱–۷٦۵ ھ واري عرصي ۾ لکيل آهن. ڄام ٻانڀيه سنڌ ۾ پنهنجي خود مختار حڪمراني قائم ڪرڻ ٿي چاهي ۽ انهيءَ ڪري دهلي جي مرڪزي حڪومت جي مخالف ڪندو رهيو. انهيءَ ڪري عين الملڪ پنهنجي هڪ جوابي خط ۾ سنڌس مخالفت ۽ عهد شڪني جو ذڪر ڪندي کيس طعنو ڏنو آهي تہ اها سنڌين جي قديم عادت آهي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ راجا ڏاهر جي ٻن ڀيڻن جي محمد بن قاسم خلاف سازش ۽ دغا واري ڳالهہ مثال طور آندي اٿس. جيئن تہ اها ڏند ڪٿا دراصل سواءِ فتحنامہ جي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڏنل ڪانهي، انهيءَ ڪري گمان غالب آهي تہ ”فتحنامہ“ عين الملڪ ماهرو جي نظر مان گذريو هو ۽ شايد ڄام ٻانڀيه بہ ان مان واقف هو جو عين الملڪ ان حڪايت کي مشهور سمجهي ڏانهس لکيل خط ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. بهرحال هن حوالي مان قدري تصديق ٿئي ٿي تہ ڪتاب جي فارسي ترجمي (۶۱۳ھ) کان تقريباً ڏيڍ سؤ سال پوءِ (۷٦۱–۷٦۵ھ) بہ هن ترجمي جا قلمي نسخا ملتان توڙي سنڌ ۾ موجود هئا.

ان بعد وري تقريباً اڍائي سؤ سال پوءِ، ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائل ڌاري فتحنامہ جي قلمي نسخن جي موجودگيءَ جو ثبوت ملي

---

(۱) مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ ۾ تاريخ جي پروفيسر محترم شيخ عبدالرشيد کان هڪ خط آيو پهتل آهي، جنهن ۾ هن صاحب لکيو آهي تہ هن ’منشات ماهرو‘ کي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ ڪتاب زير طبع آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٿو چاڪاڻ تہ طبقات اڪبري (تصنيف سنہ ١٠٠٢ھ)، تاريخ معصومي (تصنيف سنہ ١٠٠٩ھ)، تاريخ فرشتہ (تصنيف سنہ ١٠١٥ھ)، بيگلارنامہ (تصنيف سنہ ١٠١٧ھ) ۽ زبدة التواريخ (تصنيف سنہ ١٠١٤-١٠٢٥ھ) جي مصنفن ان مان سنڌ جي اوائلي تاريخ بابت حالات نقل ڪيا آهن.

ان بعد وري سؤ سال کن پوءِ ٻارهين صديءَ جي اوائل ۾ 'تاريخ مفضلي' (تصنيف سنہ ١١٢٤-١١٣١ھ (١) جي مؤلف مفضل خان، ۽ ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ "تحفة الڪرام" (تصنيف ١١٨٢ھ) جي مصنف مير علي شير قانع، فتحنامہ مان سنڌ جي اوائلي تاريخ ۽ محمد بن قاسم جي فتوحات بابت حالات نقل ڪيا آهن.

فتحنامہ جا ترجما: انهن آڳاٽن مؤرخن بعد موجوده عالمن ۽ مؤرخن گذريل صدي ۽ هن صديءَ ۾ "فتحنامہ" جي ترجمي طرف توجہ ڏنو ۽ سڄي ڪتاب يا ان جي ڪن حصن جا انگريزي، سنڌي ۽ اردو ۾ هيٺيان ترجما ڪيا:

(الف) ليفٽيننٽ ٽي. پوسٽنس (T. Postans) غالباً پهريون شخص هو جنهن انگريزي زبان ۾ سنہ ١٨٣٨ع ۽ سنہ ١٨٤١ع ۾ "جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال" ۾ هن ڪتاب جو مختصر ترجمو شايع ڪيو (٢). اها شروعاتي ڪوشش هئي، انهيءَ ڪري پوسٽنس جو ترجمو ڪافي ناقص آهي (٣).

(ب) ان بعد اليٽ، سڄي ڪتاب جا خاص تاريخي حصا ترجمو ڪيا (٤). مگر ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن جي تحقيق ۾ سندس ترجمي ۾

(١) ڏسو فهرست ريو (Rieu)، جلد ٢، ص ص ٨٩٢-٨٩٣ (٢) ڏسو "جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال"، جلد-٧ (No. LXXIV) سال ١٨٣٨ع، ص ص ٩٣-٩٦ ۽ ٢٩٧-٣١٠، ۽ جلد- ١٠ (NO. CXI) سال ١٨٤١ع، ص ص ١٨٣-١٩٧ ۽ ٢٦٧-٢٧١ (٣) ڏسو اليٽ جي تاريخ، مقامي مؤرخن جي زباني، جلد ١ ص ١٣٧ (٤) ايضاً جلد ١ ص ص ١٣١-٢١١.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پڻ نقص رهجي ويا، جن تي محقق هوڙي والا پنهنجي ڪتاب ”هندي-مسلم تاريخ بابت مطالعات“ (ص ص ٨٠–١٠٠) ۾ تنقيدي روشني وڌي آهي.

(ج) ان بعد سنڌ جي مشهور اديب مرزا قليچ بيگ پهريون دفعو سڄي ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو جو ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر جي پريس مان سنه ١٩٠٠ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مرزا صاحب پنهنجي ترجمي جي تمهيد، مؤرخ ٢٠ نومبر ١٩٠٠ع ۾ لکي ٿو ته ”ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ مون کي ڪائي تڪليفون پيش آيون. منهنجي قلمي نسخي ۾ ڪيتريون ته ڇڪون ۽ خال هئا، جو مون کي ڪتاب جا جيترا ٿي سگهيا اوترا پيا قلمي نسخا هٿ ڪرڻا پيا. انهيءَ لاءِ ته پنهنجي نسخي کي انهن سان ڀيٽي غلطين جون درستيون ڪريان ۽ خالن کي ڀريان. مون کي حيدرآباد، ٺٽي، سکر ۽ شڪارپور مان دوستن جي مهربانيءَ سان ٧ يا ٨ نسخا هٿ آيا، ۽ ان بعد ڪافي محنت ۽ ڪاوش سان، ۽ عربي عالمن جي مدد سان، مون (عبارت جون) درستيون ڪيون، ۽ جيترو ٿي سگهيو اوترو خال ڀريا (مگر بدقسمتيءَ سان سيني قلمي نسخن ۾ ڇڪون ۽ خال هئا). ان بعد مون ڪتاب جو حتي الامڪان لفظ بلفظ ترجمو ڪيو.

”مون ڪافي حاشيا ۽ حوالا پڻ ڏنا آهن، جي مفيد ثابت ٿيندا. ازانسواءِ مشترڪ واقعات بابت مون تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جي بيانن جا اقتباسات پڻ ڀيٽ خاطر ڏنا آهن. قرآن شريف جي آيتن لاءِ رڪوع ۽ سورتن جا حوالا مون سيل (Sale) جي انگريزي ترجمي تان ڏنا آهن، ۽ رچرڊسن جي ٽيبل تان مون هجري سالن جا مسيحي سال درج ڪيا آهن.“

مرزا صاحب جي مٿين بيان مان ظاهر آهي ته سندس ڪوشش هن ڪتاب جي مڪمل ۽ حتي الامڪان صحيح انگريزي ترجمي لاءِ پهرين ڪوشش هئي. ان جي علاوه مرزا صاحب پنهنجي ترجمي جي آخر ۾، ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن جي الف-بي وار فهرست پڻ شامل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪئي آهي، جا موجوده طرز تحقيق جي نقطهء نظر کان هڪ قابل قدر اضافو موجود آهي.

انهيءَ اهتمام هوندي به مرزا صاحب جو انگريزي ترجمو ڪافي تصحيح جو محتاج آهي. مرزا صاحب جن متن ان قلمي نسخن کي سامهون رکيو هو تن جي ڪاٻه وضاحت ڪانه ڪئي اٿس، جو اندازو لڳائجي ته اهي نسخا ڪيتري قدر معتبر هئا. خود سندس راءِ موجب ”سيئي قلمي نسخن ۾ چڪون ۽ خال هئا“، ۽ انهيءَ ڪري ئي غالباً مرزا صاحب جي ترجمي ۾ ساٿهون ۽ ماڳهن جي نالن خواه عبارتن ۾ ڪافي غلطيون رهجي ويون آهن.

(د) انڊيا آفيس لنڊن واري قلمي نسخي تان، سنڌ جي ميرن صاحبن جي اهتمام سان فتحنامه جو هڪ سنڌي ترجمو ٿيو جو ڪافي عرصي تائين هزهائينس مير نورمحمد خان (حيدرآباد) جي ڪتبخاني جو زيب و زينت رهيو. ان بعد اهو ترجمو مرحوم خداداد خان مصنف ”لب تاريخ سنڌ“ جي ملڪيت بنيو، ۽ هن وقت محترم محمد حنيف صاحب صديقي وٽ محفوظ آهي.

(ه) سنه ١٩٢٣ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب وري هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شروع ڪيو. سندس ان ترجمي جو پهريون ڀاڱو، جملي ٦٠ صفحا، جو سنڌ جي قبل از اسلام واري تاريخ تي مشتمل آهي، ڪرشنا پرنٽنگ پريس (پهريان ٤٠ صفحا) ۽ بلٽوٽڪسي پريس (٤١ کان ٦٠ صفحا) حيدرآباد سان شايع ٿيو. مرزا صاحب ان پهرئين ڀاڱي جي مهاڳ، مؤرخ ٣٠ جولاءِ ١٩٢٣ع ۾ ڄاڻايو آهي ته: ”هاڻي ڪن دوستن جي فرمائش موجب مون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي“. آخر ۾ ”اشاري“ طور لکيو اٿس ته: ”ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيو آهي. پهريون ننڍو ڀاڱو فقط چچ جي راڄ تائين آهي، باقي ٻئي ڀاڱي ۾ اچڻو آهي“. مرزا صاحب جو هي ترجمو به محض ترجموئي آهي، ۽ تصحيح ۽ تحقيق کان خالي آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(و) مرزا قليچ بيگ صاحب جي انگريزي ترجمي تان، محترم محمد حفيظ الرحمان ”حفيظ“ بهاولپوري، ڪتاب جو اردو ۾ ترجمو ڪيو جو ”عزيز المطابع اليڪٽرڪ پريس بهاولپور“ ۾ ڇپيو. مترجم جي ديباچي جي تاريخ ١٠ رمضان ١٣٥٧هه/ ع. نومبر ١٩٣٨ع ڄاڻايل آهي. هيءُ ترجمي جو به ترجمو آهي ۽ انهيءَ ڪري صحت کان ناقص آهي.

فتحنامي جي فارسي متن جي اشاعت:- خود فارسي متن جي تصحيح ۽ تحقيق طرف سڀ کان پهريون توجهه سنڌ جي عالم، فاضل، محقق ۽ اديب، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه ڪيو ۽ سندس تصحيح ڪيل ”فتحنامه سنڌ“، مجلس مخطوطات فارسيه حيدرآباد دکن جي سعي اهتمام سان سنه ١٣٥٨هه/١٩٣٩ع ۾ مطبعه لطيفي دهلي مان ڇپجي شايع ٿيو.

موجوده تحقيق ۽ تجسس جي اصولن ۽ معيار مطابق هيءَ پهرين ڪوشش هئي، جنهن موجب فاضل مصحح، ڪتاب جا مختلف قلمي نسخا سامهون رکي، متن جي تصحيح ڪئي، ڪتاب جو مقدمو لکيو، متن جي وضاحت لاءِ حواشي ۽ تعليقات لکيا، ۽ آخر ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي فهرست شامل ڪئي.

متن جي تصحيح لاءِ فاضل محقق هيٺيان قلمي نسخا استعمال ڪيا:-

نسخه برٽش ميوزم وارو نسخو، ٩- محرم ١٢٤٨هه جو لکيل.

نسخه پ ڪتبخانه پنجاب يونيورسٽي وارو نسخو، ٤- شوال ١٠٦١ هه جو لکيل.

نسخه ب ڪتبخانه بانڪيپور وارو نسخو، ١٠- ذي قعده ١٢٧٢هه جو لکيل.

نسخه ک ڪتبخانه رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال، ڪلڪته، وارو نسخو ٩- آڪٽوبر ١٨٨٧ع جو لکيل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نسخه ب: علاؤالدين صاحب سمه جو ذاتي نسخو، ڪاتي پوء جو لکيل، تاريخ نامعلوم.

نسخه ج: مير نور محمد خان جي ڪتبخاني وارو سنڌي ترجمو؛ محمد حنيف صاحب صديقيءَ وٽ موجود، تاريخ ترجمه نامعلوم.

انهن نسخن جي علاوه مصحح، مرزا قليچ بيگ واري انگريزي ترجمي توڙي اليٽ واري انگريزي ترجمي کي به استعمال ڪيو.

انهيءَ اهتمام سان فتحنامه جو فارسي متن پوريون ڏنو ڪافي صحيح نموني ۾ ڇاپي جي صورت ۾ علمي دنيا جي آڏو پيش ٿيو. متن جي حتي المقدور صحت جي علاوه، فاضل محقق پوريون ڏنو ڪتاب جي اصل نالي تي مقدمه ۾ بحث ڪيو ۽ ڪتاب جي عام مشهور مصنوعي نالي "چچنامه" جي بدلي اندروني شهادتن جي بناء تي، ان جو زياده صحيح نالو "فتحنامه سند" تجويز ڪيو. پنهنجي حواشي ۾ به فاضل محقق ڪن تاريخي ۽ جغرافيائي حقيقتن تي روشني وڌي.

مطلب ته محترم ڊاڪٽر دائود پوٽه جي انهيءَ مخلصانه ڪوشش پوريون ڏنو هن تاريخي ڪتاب جي متن کي روشن ڪيو ۽ "الفضل للمتقدم." مگر صاحب موصوف سان روبرو تبادلءِ خيالات مان معلوم ٿيو ته هيءَ ڪم ڪافي عجلت ۾ پورو ڪيو ويو، ۽ غالباً انهيءَ ڪري ئي ڪن اسماء خاص جي اصليت، متن جي ڪن منجهيل عبارتن جي صحت، وڌيڪ قلمي نسخن جي پيٽ، ڪتاب جي تاريخي پس منظر جي گهري جانچ، تاريخي واقعات ۽ جغرافيائي پس منظر تي ڪي ضروري مباحث، ۽ بيا ڪي پهلو تشنءِ تحقيق رهجي ويا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موجوده سنڌي ترجمو ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق

موجود سنڌي ترجمي ۽ تاليف ۾ انهن تحقيق طلب مسئلن کي حتي الامڪان سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪتاب جي سڄي متن جي ذري پرزي تصحيح، ۽ آخر ۾ هر انو کي ۽ مشڪل مقام ۽ مسئلي جي عملي تنقيد ۽ تشريح، هن ترجمي ۽ تاليف جا ٻه امتيازي پهلو آهن. انهيءَ سلسلي ۾ جا خاص ڪوشش ڪئي وئي آهي، تنهن جو مختصر طور هيٺ ذڪر ڪجي ٿو، انهيءَ لاءِ ته آئنده محقق کي باقي رهيل مسئلن ڏانهن متوجهه ٿيڻ ۾ آساني ٿئي:

(١) ڪتاب جي قلمي نسخن جي پرک:- متي ص ص 61-62 تي فتحنامي جي انهن قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن کي فارسي متن جي ايڊيٽر شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب استعمال ڪيو آهي. صاحب موصوف نسخي م کي بنيادي نسخو تسليم ڪيو آهي ۽ نسخي پ جي پڙهڻين کي اڪثر جاين تي ترجيح ڏني آهي (١).

نسخهٔ پ: بنده نسخي پ جو پنجاب يونيورسٽي لئبرري ۾ مطالعو ڪري، ان کي بنيادي نسخو تسليم ڪري فارسي متن جي ڪافي پڙهڻين کي درست ڪيو آهي: مثلاً ص ٩٢، حاشيه-٢ (ڏهرسينه جي عمر ٽيهه سال هئي ۽ نه حڪمراني)؛ ص ١١٠، حاشيه-١ (عبدربه ۽ نه عبدالله) ص ١١١، حاشيه-١ (ڪوه منذر ۽ نه ڪوه مندر)، ص ١٧٩ تي (٣)-(٣) اڱڻ اندر سڄي عبارت جي تصحيح؛ ص ٢٠٥، حاشيه-٠ (حمران ۽ نه حمزان)؛ ص ٢٣٠، حاشيه-١ (جيور ۽ نه جيپور)؛ ص ٢٥٥، حاشيه-١ ("اي عزيزو" ۽ نه "اي بني عزيز")؛ ص ٢٦٢، تي (١)-(١) اڱڻ اندر ڏاهر جا سندس پنهنجي ٻوليءَ وارا اصل الفاظ، وغيرها.

نسخهٔ ن: فارسي ايڊيشن ۾ ٻيو مکيه نسخه ب استعمال ڪيو ويو آهي، جو بانڪيپور لئبرري ۾ محفوظ آهي (٢). هي نسخه

---

(١) ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمه ص (يط) (٢) ڏسو فهرست بانڪيپور لئبرري، مرتبه "ڊينيسن راس"، جلد ٧ ص ١١٧، رقم (٥٩٧).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راجي محمد نالي ڪاتب ٣- ذي القعده ١٢٧٢ ھ ۾ شهر پوني ۾ ٺهي هڪ نسخي تان اتاريو جو مير مراد علي خان جي ارشاد موجب محمد خليل نالي ڪاتب ٣- ذي القعده سنه ١٢٣٢ ھ ۾ لکيو هو. هي مير مراد علي خان وارو اصل نسخه جو ب کان ٤٠ ورهيه اڳ جو لکيل آهي، سو هز هائينس مير نور محمد خان مرحوم جي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. دوست محترم مير نور محمدخان (ٽنڊي) جي مهربانيءَ سان هي نسخو مطالعي لاءِ مليو ۽ اسان ان کي ن جي نشاني سان نروار ڪيو آهي. هي نسخه، متجانسه جي جملي موجوده نسخن ۾ قدامت جي لحاظ سان ٻيو نمبر آهي ۽ صرف نسخه ب ئي هن کان آڳاٽو لکيل آهي. اسان نسخه ن جي آڌار تي پڻ متن جي ڪائي پڙهڻين کي درست ڪيو آهي. مثلاً: ص ١٥/سٽ ٣ ۾ ”تاڪيد“ ۽ نه ”ڪنبه“، ص ١٥/ سٽ ٩ ۾ ”شاڪلهار“ ۽ نه ”شاڪلها“؛ ص ١٥٩/سٽ ٩ ۾ ”نيڪيدوا“ ۽ نه ”فڪيدوا“؛ ص ٣٦٢/ سٽ ٢-٣ ۾ ڏاهر جا سندس پنهنجي ٻوليءَ ۾ الفاظ جي صرف ب ۽ ن ۾ ڏنل آهن، وغيرها. ڪي خاص درستيون ن ۽ ر جي متفقه پڙهڻين موجب ڪيون ويون آهن. مثلاً ص ١٥٠/ س ٥-٦ ۾ ”ذڪوان بن علوان بڪري“ ۽ نه ”ذڪوان بن حلوان بڪري“؛ ص ١٩١/س ٧ ۾ ”قصه وجورته“ ۽ نه ”قصه وسورته“، وغيرها.

نسخه ر:- فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر برٽش ميوزم واري (or 1787) نسخه م کي بنيادي قرار ڏنو آهي. اهو نسخو دراصل جناب حضرت پير صاحب پاڳاره جن جي لئبرريءَ جو هو ۽ ان جي صفحي ٢٠٥ تي پير صاحب علي گوهر شاه (اصغر) رضه (١٢٦٣-١٣٣١ ھ) جي مهر لڳل آهي، جنهن تي هيءَ طغرا ڏنل آهي ته:

ز درج صبغت الله شد علي گوهر بود
چو خورشيد حقيقت شد محمد راشد (ے) لامع
١٢٥٠

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن نسخي جو ڪاتب ”نور محمد چپ نويس“ آهي، جنهن اهو نسخو ٩- محرم سنه ١٢٤٨ هه ۾ لکيو(١). شاهي لئبرري رامپور ۾ هڪ ”مجموعه تاريخ فارسي“ (رقم ٥٠٠) ٽن ڪتابن، هرهڪ تاريخ معصومي، چچنامه ۽ تاريخ طاهريءَ تي مشتمل آهي. اهي ٽيئي ڪتاب ساڳئي خط ۾ ساڳئي ڪاتب جا لکيل آهن، جنهن تاريخ طاهري جي آخر ۾ پنهنجو نالو ۽ تاريخ ڪتابت هن طرح ڄاڻايا آهن: ”حاجي محمد مجاور درگاه بتاريخ غره ماه جمادي الثاني سنه ١٢٤٥.“ هن نسخي ۽ مٿين نسخي ۾ ڪي پيٽ ۾ مان صاف ڏور معلوم ٿئي ٿو ته نسخه ۾ هن رامپور واري نسخي جو نقل آهي. حاجي محمد روهڙيءَ ۾ ”وار مبارڪ“ جي درگاه جو مجاور هو ۽ بنده سندس ٻيا هٿ لکيل ڪي رسالا به ساڳئي خط ۾ لکيل ڏٺا آهن. هن روهڙي واري نسخي تان پير صاحب پاڳاره واري نسخي جو نقل ٿيو بلڪل قرين قياس آهي. هن رامپور واري نسخي کي اسان ر جي نشان سان نروار ڪيو آهي ۽ ان جي پڙهڻين جي آڌار تي متن ۾ ڪيترين ئي جاين تي ڪي اهم درستيون ڪيون آهن: مثلاً ص ١٩٠/ سٽ ١٤ ۾ (١)-(١) واري عبارت جي تصحيح؛ ص ٢٢٧/ سٽ ٩-١٠ ۾ (١)-(١) اندر فقره جو اضافو ته محمد بن قاسم جا سپاهي ”چلنگيون چلنگيون ٿي“ ٽپيا. ص٢٢٤/ سٽ ٢ ۾ ”قيان بن طـاهر“ (يعني گيان بـن ٽاهر) ۽ نـه ”قبايض بن طاهر“؛ ص ٢٤٩/ سٽ ١٣ ۾ ”دهول“ (يعني ڍول) ۽ نه هول؛ ص ٣٢١/ سٽ ٥ تي ”دنده وکر بهار“ (يعني ڏاڍ وکر بهار) ۽ نه ”دنده وکر بهاء“ وغيرها.

مطلب ته پ، ن ۽ ر فتحنامه جي جملي قلمي نسخن ۾ نمبروار قديم نسخا آهن، جن مان پ جو دوباره مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ن ۽ ر کي پهريون دفعو هن سنڌي ايڊيشن جي تصحيح لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. باقي صرف ٽي يا چار ٻيا قلمي نسخا معلوم

(١) ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمه ص ص (يط-ڪ)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهن (۱)، جن جو مطالعو فائدي کان خالي نہ ٿيندو، مگر اهي نسخا هڪ تہ پوءِ جا لکيل آهن ۽ ٻيو تہ وري ناقص آهن ۽ انهيءَ ڪري ايڏي وڏي اهميت ڪانہ ٿا رکن.

(۲) اصل عربي ڪتاب جي ڪاتبن جي سهو سببان يا مترجم علي ڪوفي جي پل ڪان متن جي ڪن عبارتن جا حصا حذف ٿي ويا آهن ۽ انهيءَ ڪري جملي، قلمي نسخن ۾ ٻہ اهي خال ۽ خلل رهجي ويا آهن، جن جو ذڪر مٿي (ص ص 54-53) اچي چڪو آهي. اسان ٻين عربي ڪتابن مان انهن ڪٽل عبارتن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪم از ڪم ٻہ ناقص عبارتن کي درست ڪيو آهي. پهريون، صفحو ۱۰۸-۱۰۹/ [۸۱] تي سنان بن سلمه ۽ احنف بن قيس واري بيان جي تصحيح ابن قتيبة جي ڪتاب

---

(۱) "ببليوٿيڪ امپيريل" ۾ شايد ٻہ نسخا موجود آهن، جن ڏانهن اليٽ پنهنجي تاريخ (۱×۱۲۷) ۾ اشارو ڪيو آهي: اي. بلاشيٽ (E.Blochet) جي فهرست (ببليوٿيڪ نيشنل، پيرس، جلد ۱ ص ۳۶۲) ۾ هڪ نسخي جو حوالو اسان جي نظر مان ٻہ گذريو آهي، مگر ان جو تفصيل اسان وٽ قلمبند ٿيل ناهي، انهيءَ ڪري ان بابت وڌيڪ ڪجهہ بہ چئي نتو سگهجي. نسخه ۾ کان سواءِ، متحف برطانيه ۾ هڪ ٻيو نسخو بہ موجود آهي (فهرست ريو ۱×۲۹۰-۲۹۱، No. or 158ء) مگر هڪ تہ اهو ناقص آهي ۽ ٻيو تہ وري ڪافي پوءِ جو يعني تہ ۱۹- صدي عيسوي جو لکيل آهي، ازانسواءِ ڪي ٽڪرا فتحنامه جا هڪ "مجموعه اقتباسات تاريخي" (No. or 1838) ۾ ٻہ شامل آهن. انڊيا آفيس لائبريري، لنڊن ۾ ٻہ هڪ قلمي نسخو موجود آهي (فهرست، ايٿي No. 435) جنهن جي ڪن عربي عبارتن کي فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر پيش ڪيو آهي، مگر سندس راءِ ۾ هي نسخو بہ ناقص ۽ گهڻو غلط آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، مقدمه - ڪد).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عيون الاخبار (۱×۲۲۷) تان کنيو ويو آهي: بيو، صفحي ۳۱۶/[۲۱۷] تي محمد بن قاسم ۽ قتيبة کي حجاج طرفان چين جي فتح ۽ امارت جي حڪم، ۽ محمد بن قاسم جو جهم بن زحر کي عراق جي لشڪر سان قتيبة ڏانهن موڪلڻ واري بيان جي درستي يعقوبي (۲×۳۸۶) ۽ طبري (۱×۹۰-۸۸۹) جي حوالن ذريعي ڪئي وئي آهي (۱).

(۳) هن سڄي ترجمي ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي، نالن جي متن جي مختلف پڙهڻين ۽ ٻين ماخذن جي بناء تي، درستي ڪئي وئي آهي: عربي نالن جي صحيح صورتخطي قائم ڪئي وئي آهي، ۽ مقامي نالن جي حتي الامڪان اصلوڪي صورت نروار ڪئي وئي آهي. مثلاً ص ۵۳ تي "سرڪوند پٽ ٻنابرڪو" (فارسي متن ۾: پسرکول بن بهند رکو)، ص ۵۴ تي "وکيو پٽ ڪاکو" (فارسي متن ۾: کيه بن کاکه)، ص ۱۷۳ تي "چنان" (فارسي متن ۾: جتان) وغيرها درستيون، قابل توجه آهن.

(۴) جيتري قدر تي سگهيو آهي اوترو جن ماڻهن يا ماڳن جو ذڪر فتحنامي ۾ آيو آهي، انهن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان مثال خاص اهميت رکن ٿا:

محمد بن قاسم سان سنڌ جي فتح وقت جيڪي ساٿي ۽ سپهسالار گڏ هئا تن مان گهڻن جي سوانح تي روشني وڌي وئي آهي. مثلاً جهم بن زحر الجعفي (ص ص ۴۴۸-۴۵۱)، عطية بن سعد العوفي (ص ص ۴۵۱-۴۵۰)، سفيان بن الابرد الڪلبي (ص ۴۵۳)، قطن بن برڪ الڪلابي (ص ۴۵۴)، نباتة بن حنظلة الڪلابي (ص ص ۴۵۵-۴۵۶)، تميم بن زيد قيني (ص ص ۴۸۸-۴۹۰)، خريم بن عمرو المري (ص ص ۴۹۹-۵۰۰)، حڪم بن عوانة ڪلبي (۵۰۳) ۽ وداع بن حميد البحري (۵۰۸-۵۰۹). ٻيو حجاج جي ڪاتب، حمران (ص ص

(۱) ڏسو آخر ۾ حاشيه ۳۱۶/[۲۱۷]، ص ص ۵۰۳-۵۰۷

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۴۷۶-۴۷۸) ۽ ص ۲۱۵/[۱۵۱] تي ڏنل داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم جي حالات کي روشن ڪيو ويو آهي.

ماڳن ۽ شهرن، ڳوٺن ۽ ٻيٽن جي سڃاڻپ تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هيٺين شهرن ۽ ماڳن متعلق ڪيل جغرافيائي ۽ تاريخي تحقيق سردست هڪ خاص اضافو آهي:- اروڙ (ص ص ۳۷۳-۳۷۵)، ديبل (۳۷۸-۳۹۵)، ڪيڪانان (ص ص ۳۹۵-۳۹۶)، برهمڻاباد (ص ص ۳۹۶-۴۰۲)، نيرون ڪوٽ (۴۰۱-۴۰۲)، ڪنوهار سمنڊ (۴۰۸-۴۱۱)، راوڙ (۴۱۷-۴۲۴)، سوج (۴۶۳-۴۶۷)، بغرور يعني بکر (۳۷۶، ۴۶۹-۴۷۰)، اگهم (۴۸۲)، جلوالي ٻيٽو (۴۹۴-۴۹۷)، ڪرج يعني ڪيرا يا ڪيڙا (۵۰۹-۵۱۰)، ساوندي ۽ ڏيلو وڪر بهار (۵۱۰-۵۱۲)، ملتان جو مشهور بتخانو (۵۲۶-۵۲۳) وغيرها.

(ت) هن ايڊيشن ۾ نه فقط تاريخي ۽ جغرافيائي تحقيق کي مدنظر رکيو ويو آهي، مگر ضرورت آهر ادبي تحقيق ڏانهن به پورو ڌيان ڏنو ويو آهي. فتحنامه ۾ مذڪور شاعرن جي حالات تي حتي الامڪان روشني وڌي وئي آهي ۽ سندن ديوانن يا عربي ادب جي ٻين ڪتابن جي مدد سان سندن اشعار جون گهربل درستيون ڪيون ويون آهن. شاعرن مان هرهڪ اعورشني (ص ۴۳۴)، عبدالله بن الاعور الحرمازي (۴۳۵-۴۳۶)، حمزة بن بيض الحنفي (۴۴۶-۴۴۷)، ۽ عديل بن فرخ العجلي (۴۵۴-۴۵۵)، بابت مختصر مگر جامع حوالا قلمبند ڪيا ويا آهن. ص ص ۹۹-۱۰۰/[۷۴] تي حڪيم بن جبله ڏانهن منسوب اشعار بابت حاشيه ص ص ۴۲۷-۴۲۸ ۾ روشني وڌي وئي آهي؛ ۽ ص ص ۱۱۸-۱۱۹/[۸۶] تي شاعر فرزدق جي ڏنل اشعار جي سندس ديوان جي مختلف ڇاپن تان تصحيح ۽ تڪميل ڪئي وئي آهي. ازانسواءِ نامعلوم شاعرن جي اشعار کي متعين ڪرڻ جي پڻ حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ ڪم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪم از ڪم هڪڙو نامعلوم بيت جو ص ٣٤٩/[٢٣٦] تي ڏنل آهي، ان بابت پتو لڳايو ويو آهي ته اهو مشهور شاعر ابوالفتح بستي جي هڪ قصيده جو بيت آهي (ڏسو ص ٥٢٣).

(٦) محمد بن قاسم متعلق هر نقطهء نظر کان ضروري تحقيق جي تڪميل ڪئي وئي آهي. ص ص ٢٧٢-٢٧٣ تي فتحنامه ۾ سنڌس ڄاڻايل لقب ”عمادالدين“ جي مصنوعيت تي تبصره ڪيو ويو آهي ۽ محمد بن قاسم جي حقيقي ڪنية ”ابوالبهار“ کي نروار ڪيو ويو آهي؛ ص ص ٤٣٩-٤٤٦ تي محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شاديءَ بابت فتحنامه جي جعلي متضاد ۽ مشڪوڪ بيانن کي مستند تاريخي حوالن مان پيٽي صحيح حالات ۽ نتيجن کي پيش ڪيو ويو آهي؛ ۽ آخر ۾ ص ص ٥٣٥-٥٥٣ تي تاريخي واقعات جي روشنيءَ ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ مان واپسي، نظربندي ۽ وفات جي تحقيقي بحث ڪري، فتحنامه ۾ ڏنل ڏاهر جي ڌيئرن واري جڙتو افساني جي ترديد ڪئي وئي آهي.

علمي نقطهء نظر کان هن سنڌي ايڊيشن جا مٿيان ڇهه پهلو خصوصي حيثيت رکن ٿا، ورنه مجموعي طور متن جي حاشين توڙي متن جي آخر ۾ ”اشارن ۽ واڌارن“ جي عنوان هيٺ هر مشڪوڪ ۽ تحقيق طلب مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ماڻهن ۽ ماڳن جي نالن جي فهرست شامل ڪئي ويئي آهي ته حوالن ڳولڻ ۾ آساني ٿئي. باقي ڪتاب جي اصليت، فارسي ترجمه جي اوڻاين توڙي اهميت، ۽ بعد جي ترجمن توڙي فارسي ايڊيشن جي حقيقت بابت اميد ته هي مقدمه هر مؤرخ ۽ محقق لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

(ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بسم الله الرحمان الرحيم

حمد ۽ تعريف انهي مالڪ کي جڳائي جنهن جي احسان جو ذڪر ايمان جو تت ۽ جنهن جي نعمتن جو شڪر امن ۽ امان جو منڍ آهي: اهڙو ڪاريگر جنهن جو ”ڪُنْ فَيَڪُونُ“ وارو امر وهم ولوڙ ساڻ زائل ٿئو ٿئي: اهڙو قادر جنهن جون بيمثال صفتون خيالي حڪمتن ۾ محدود نه آهن: اهڙو مقرر انداز رکڻ وارو جنهن پنهنجي قدرت جي آسمان ۾ ٽڪنڊن جون شمعون روشن ڪيون: ۽ اهڙو مصوّر جنهن پنهنجي دقيق حڪمتن مطابق ستارن جون منزلون چٽيون: اهو خالق جنهن جي ڪاريگريءَ جي جمال، چمڪندڙ سج کي سينگاريو: ۽ اهو پروردگار جنهن جي قدرت جي جلال، اونداهيءَ رات جي زلفن کي سنواريو. هن جي عدل جي غلبي کان ڪڪر جي اک، آسمان جي فضا ۾ روئندڙ آهي، ۽ گل جو روشن ڏيو، ڪشاديءَ زمين تي سندس رحمت جي فيض کان ٽهڪندڙ آهي: ۽ اهو جبّار جنهن فِرْعَوْنَ جي مَدد جي مسخريءَ کي، ڪفر ۽ گمراهيءَ جي سوُسالي نشي هوندي به هڪڙي ئي وضو سجدي جي برڪت سان رحمت ۽ مهربانيءَ جو حقدار ٺهرايو. ۽ اهڙو قهّار [1] جنهن مڪريل ابليس کي ست سؤ هزار سالن جي عبادت جي باوجود هڪ سجدي نه ڪرڻ ڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي عزت پريءَ درگاهہ مان ڌڪيل ۽ مردود ڪري ڇڏيو. فَتَبَارَكَ اللّٰهُ اَحۡسَنُ الۡخَالِقِيۡنَ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ (پوءِ الله تعاليٰ مڙني بہ مٿانهون ۽ سڀني بہ سهڻو خلقيندڙ آهي ۽ هر قسم جي تعريف انهيءَ الله کي ئي جڳائي جو ساري ڪائنات جو پالڻهار آهي).

(جمله) درود، (دعائيہ) تحفا، سلام ۽ صلواتون انهي رسول صلي الله عليہ وسلم جي عنبرين خاڪ ۽ روضہ مطهر تي موڪلڻ گهرجن جنهن جي وعظ ۽ نصيحت جي اثر ڪان مؤمنن جي دلين جو آئينو صاف آهي، ۽ جنهن جي خُلق جي شعاعن ڪري، محبن جي سون جانيون مقبول آهن: اهڙو سچو جو سندس اخلاق جي چهري کي خلق جي چوڻ جو ميرو نہ ڪري سگهي: ۽ اهڙو سالڪ جنهن جي امن جي راهہ ۾ هلندڙ قدم کي، ڪيچري جا ڪنڊا ڏکوئي نہ سگهيا: اهڙو ڪريم جو سندس شهنشاهت جي چاڪرن، محمدي نُور جي برڪت سان هر دفعي ڪنهن نہ ڪنهن کي با اختيار حاڪم بنائي، حجاز جي ڪافرن، ايران ۽ خراسان جي بيدينن ۽ سرڪش هندن کي آبدار ترار ۽ خونخوار نيزي جي رعب سان ذليل ۽ خوار بنايو، ۽ بتن ۽ ٺاڪرن جي جڳهہ تي مسجدون منبر ٺهرايا، جنهنڪري محمدي دليلن جا آثار ۽ نبوي نشانن جا معجزا ظاهر ٿيا.

۽ پڻ (صلواتون ۽ سلام) انهن ڏهن اصحابن ۽ پاڪ دامن نقيبن تي، جن جي حق ۾ نبوت جي زبان ۽ بزرگي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ثنيي قرآن مجيد مان هيءَ بشارت مقرر ڪئي ته: (قوله تعاليٰ) وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ اَشِدَّاۤءُ [٣] عَلَي الْكُفَّارِ رُحَمَاۤءُ بَيْنَهُمْ تَرَاهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا (يعني جيڪي سندس (محمد جا) ساٿي آهن، سي ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ ٻاجهارا آهن ۽ تون انهن کي رڪوع ۽ سجدو ڪندڙ ڏسندين)، صَلَوٰاتُ اللّٰهِ عَلَيْهِمْ وَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِيْنَ.

ٻنهي جنسن (جنن ۽ انسانن) جي رسول محمّد مصطفيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ والسلام جا مناقب هنن ڪنوارين جي هارن جي جڙاءَ ۽ هنن قيمتي (موتين) جي قافين جي تصحيح تي روشن برهان ۽ هنن تصنيفن جي سينگار ۽ هنن گردانن جي نظام تي چٽو دليل ٿي رهندا (١). جڏهن الله تعاليٰ جل جلاله جو حڪم رسول ثَقَلَيْنِ ۽ نبي حرمين کي پهتو ته يَا اَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۝ قُمِ اللَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا نِّصْفَهٗ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا (اي چادر ويڙهيندڙ، رات جو ٿورو حصو ڇڏي باقي عبادت ڪر: رات جو اڌ اٿي بيهي گهار يا انهي کان ٿورو گهٽاءِ يا وڌاءِ، ۽ قرآن ٺاهي ٺاهي پڙهه). تڏهن آدم جي اولاد جو سردار ۽ ٻنهي جهانن جو وقار، رسالت جو

---

(١) مطلب هيءُ آهي ته هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن محمد رسول صلي الله عليه وسلم جي مناقبن ۽ خصوصيتن جو ذڪر هوندو ته اهو هن ڪتاب لاءِ سينگار ۽ سونهن ٿيندو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

صدر ۽ بزرگيءَ جو بدر، سعادتمند ٽولي جو سالار ۽ عاقبت جي حقيقت جو ڄاڻڻهار، مصلي تي ايترو ته بيهڻ لڳو جو سندس قدم مبارڪ سُڄي پيا ۽ سندن منهن مبارڪ زرد ٿي ويو؛ تنهن (الاهي) درگاهه جو قاصد ۽ بادشاهيءَ جو سور، جبرئيل امين صَلَوَاتُ اللهِ وَ سَلَامُهُ عَلَيْهِمْ [وَعَلَىٰ نَبِيِّنَا] خدائي فرمان کڻي اچي پهتو ۽ چيائين: ته اي مُرسلن جا پيشوا، مُتَّقِيْنَ ۽ بخت وارن جا تاج، ۽ صدّيقن جا امام! [الله] ذوالجلال [۳] جي درگاهه مان، "طٰهٰ، مَا اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰي" (اي پيغمبر، اسان توتي قرآن توکي تڪليف ڏيڻ لاءِ نازل نه فرمايو آهي) جي دستخط سان هڪ ٻيو فرمان جاري ٿيو آهي ته: اي چوڏهينءَ رات جا چنڊ! نبي ۽ رسولَ تنهنجي اچڻ تي ختم آهن ۽ تنهنجا ته خيالي عرض به [مالڪ] لايزال جي دربار ۾ مقبول آهن، (تنهنڪري) تون پاڻ تي ايتري محنت ۽ سختي ڇا لاءِ تو اختيار ڪرين؟ ترن پنهنجي عرض جو فقط اشارو ڪر ته [مقبوليت جي] بشارت جو حڪم توکي اچي ڏيان. طريقت جي سردار ۽ حقيقت جي راهه جي سالار، نڪر جي دهلي جو ڏک کولي گفتگو جا موتي هن طرح ظاهر ڪيا ته "يَا اَخِيْ جِبْرِيْلُ اَفَلَا اَكُوْنُ عَبْدًا شَكُوْرًا" (اي منهنجا ڀاءُ جبرئيل! ڇا مان شڪر گذار ٻانهو نه هجان؟) (نه بلڪ) آءٌ باوجود هيترن مرتبن جي جيڪي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مون کي حاصل آهن، آخر ڀانهو آهيان ۽ ٻانهي جو اولاد آهيان.

محمد [صلي الله عليه وسلم] جي حق ۾ [الله] جَلَّتْ عَظَمَتُهٗ جي درگاهه مان ڪهڙي فرمان صادر آهن. پهريون، ساري جهان لاءِ رحمت هجڻ جي بشارت، مطابق [قوله تعالي] وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ (اسان توکي ساري دنيا لاءِ رڳو رحمت ڪري موڪليو آهي)؛ ٻيءَ جاءِ تي پاڻ کي اصحابن جي آڏو رسالت [جي عهده] سان جلوه گر ڪيائين؛ [بمصداق قوله تعالي] مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ - الآية (١) (محمد رسول الله ۽ جيڪي سندس ساٿي آهن- الخ.)؛ ۽ ٽي جاءِ تي نبوت جي خزاني کي نبوت ۽ رسالت جي مهرسان بند ڪيائين، جيئن ته "وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ [٤] وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (٢)

(١) يعني هيءَ سڄي آيت ته: مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ اَشِدَّاۗءُ عَلَي الْكُفَّارِ رُحَمَاۗءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ (سوره فتح: رڪوع-٤) (محمد رسول الله ۽ سندس ساٿي، ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي ٻاجهارا آهن. تون هنن کي رڪوع ۽ سجدو ڪندڙ ڏسندين. هو پنهنجي رب جو فضل ۽ رضامندو گهرن ٿا. هنن جي پيشانين ۾ سجدي جي اثر کان نشانيون آهن) (مترجم).

(٢) اصل متن ۾ "محمد رسول الله خاتم النبيين" آهي، جو صحيح نه آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(پر هو الله جو رسول ۽ نبين کي ختم ڪرڻ وارو آهي)؛ وري ٻيءَ جاءِ تي مخلصن ۽ متقين جي لاءِ بشارت ۽ فسادين ۽ سرڪشن لاءِ ڌڙڪي جو اشارو موڪليائين، جيئن ته ”يَا اَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَ الْمُنَافِقِيْنَ“ (اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر). [اي جبرئيل! آءٌ] جڏهن هنن سڀني رتبن، عزتن، دلجوئين ۽ احترامن سان مشرف ٿيو آهيان، تڏهن منشا اِهين ٿي هئي ته ظلم جي ڪارنهن ۽ ڪفر جي گمراهي، اسلام ۽ دينداريءَ جي روشنائيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ها، منافقيءَ ۽ جهالت جو بنياد ڊهي پوي ها، اسلام جا جهنڊا بلند ٿين ها. هن حڪومت جو دور ۽ هن مذهب جو آئين قيامت تائين زماني ۾ جاري رهي ها ۽ ڪنهن به شرڪ ۽ مخالفت سان نه گڏجي ها، ۽ سنت جو گل، بدعت جي ڪنڊي سان نه چبرجي ها.

جبرئيل امين صلوات الله عليه و سلامه [و علي نبينا] موٽي ويو ۽ ساڳئي وقت موٽي آيو ۽ چيائين: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا مُحَمَّدُ! خدا تعاليٰ سلام ۽ درود چوي ٿو. ۽ الله تعاليٰ جو قطعي فرمان ۽ مُحْڪم تقدير جي تَمْهِيد هن طرح ٿئين سر ٿي آهي ته ”اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَاءُ“ (بيشڪ تون جنهن کي چاهين تنهن کي هدايت نٿو ڪري سگهين، پر الله تعاليٰ جنهن کي چاهي تنهن کي هدايت ڪري سگهي ٿو). اي محمد! اِئين هرگز نه ڀانئج ته ڪو ماڻهو تنهنجي سڏ تي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اسان جي درگاهہ ۾ اچي ٿو، يا ابليس جي وسوسي ڪري ڪو ماڻهو اسان جي درگاهہ مان تڙجي ٿو، [بلڪ] تڙيندڙ اسان آهيون. جنهن کي تڙيون ٿا تنهن کي ڪير ڪوٺي نه ٿو سگهي، ۽ جنهن کي ڪوٺيون ٿا، تنهن کي ڪير تڙي نه ٿو سگهي: ”اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ“ (بيشڪ منهنجن ٻانهن تي توکي ڪو به اقتدار حاصل نه آهي). تنهنڪري اي مُحَمَّدُ! صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ تون هن ڪري فڪرمند نه ٿيءُ؛ جن ماڻهن [۵] ميثاق جي ڏينهن ”اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ“ (ڇا مان توهان جو رب نه آهيان) ساهہ سان سڻيو ۽ ”قَالُوْا بَلٰي“ (چيائون ته هائو) وارو فرمان براديءَ جو طوق پنهنجي گردن ۾ وجهي، اسان جي وحدانيت جا اقراري ٿيا، [تن لاءِ] محمدي شهنشاهت جي چاڪرن مان هر وقت ڪونه ڪو [اهڙو ماڻهو] خلق جي سڀان جَلْوَهَ آفروز ڪندا سون، جنهن جي ڪوشش جي وسيلي، اهي ماڻهو اسلام جي عزت سان مشرف ٿيندا [رهندا]، ۽ جنهن فرقي اسان جي حڪم کان سرڪشي ۽ عناد اختيار ڪيو آهي تن کي گمراهي ۽ نعمت جي انڪار سان منسوب ڪندا سون، جيئن اهي [مؤمن]، ”جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِيْنَ“ (ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر) جي فرمان ۽ ”اُقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُمُوْهُمْ“ (مشرڪن کي جتي لهو اتي قتل ڪريو) جي اشاري موجب، [ڪافرن کي] خونخوار

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قرار ۽ دل ڏاريندڙ تيري ۽ تير جو لقمو بڻائين ته هي خراسان، ايران، عراق، شام، روم ۽ هندوستان جون فتحون زماني جي ڪتاب تي لکجن ۽ انهن جو ذڪر زماني جي حاشيه تي هميشه قائم رهي- والله اعلم بالصواب (الله تعاليٰ حق کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو).

قَبَاجَةُ السَّلاطِيۡن خَلَّدَ اللهُ مُلۡڪَهٗ جي تعريف

هيءَ داستان ۽ هيءَ وڻندڙ تاريخ انهيءَ وقت لکي ويئي، جڏهن اسلام جي بادشاهه، ملڪ جي شهنشاهه، الله جي شهرن جي مالڪ، الله جي ٻانهن جي فرياد ٻڌندڙ، خدا جي ٻانهن جي مددگار، ڪفر ۽ گمراهيءَ جي بنيادن کي ڊاهيندڙ، دين ۽ هدايت جا پايا ڪڙا ڪندڙ، جهان جي والين جي مددگار، انسان جي دشمن جون ٻانهون ڀڃيندڙ، دين خواهه دنيا جي عزت وڌائيندڙ، اسلام ۽ مسلمانن جي واهرو، جهان ۾ الله جي ڇانو ۽ اميرالمؤمنين جي حمايتي، ٻختاور شهيد سلطان اَبُوالۡمُظَفَّر محمد ابن سام نَوَّرَ اللهُ ثَرَاهُ وَجَعَلَ الۡجَنَّةَ مَضۡجَعَهٗ وَمَثۡوَاهُ (شال الله تعاليٰ سندس قبر کي روشن ڪري ۽ جنت سندس آرامگاهه ۽ رهڻ جي جاءِ بڻائي) جي بادشاهي جي تخت کي قبضي واري شهنشاهت جي مددگار- بزرگ بادشاهه ۽ وڏي ۾ وڏي شهنشاهه جي همنشين، [٦] سچائيءَ جي شان، خلق جي بُرهان، خلافت جي ٽيڪ، دنيا ۽ دين جي مددگار، اسلام خواهه مسلمانن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي عزت، دشمنن ۽ سرڪشن جي پاڙن ڪي پٽيندڙ، قسيم اميرالمؤمنين (اميرالمومنين جو ڀائيوار) ابو الفتح قباچة السلاطين - سينگاريو هو ۽ سندس شان و شوڪت جا طنبو تاڪيد جي طنابن ۽ سختي جي انتظام سان کتل ۽ منظم [هئا] ۽ سندس امر ۽ نهي جا حڪمناما ولايتن ۽ دنيا جي [سيني] حصن تي جاري ٿيا هئا، هن حد تائين جو سرڪشن ۽ دشمنن جو ٽولو ڪنڌ، ۾ لڪي ويو ۽ مخلص ۽ پرهيزگار امن ۽ سلامتيءَ ۾ گذارڻ لڳا: الله تعاليٰ جو شڪر ۽ احسان، جو حڪومت جو انتظام ۽ شهنشاهت جو قانون انهيءَ درجي تي [پهتل] آهي، جو جنهن طرف ڏانهن به سندس آسمان کي ڇهندڙ جهنڊا کڄن ٿا ته جوان حڪومتون به شوق ۽ اطاعت سان هٿ ٻڌي بيهن ٿيون (۱).

شعر

خسروا ملک بر تو خرم باد
نخل گيتي ترا مسلم باد
از تو آباد ظلم ويران شد
به تو بنياد عدل محکم باد

---

(۱) هن سڄيءَ ڏيکه، جو مطلب هيءُ آهي ته، هيءُ لطيف داستان انهيءَ وقت لکيو ويو، جنهن وقت سلطان محمد بن سام بالقابه جي بادشاهيءَ جي تخت کي ناصرالدين قباچه، بالقابه پنهنجي جلوس سان سينگاريو هو ۽ سندس حڪومت اهڙي ته، پڪي پايي تي بيٺل هئي ، جو جنهن به ملڪ تي، ڪاهيائين ٿي ته، اهو ملڪ سندس اڳيان پاڻهون هٿين ٿي بيٺو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خطبه تعظیم یافت از نامت
همچنین سال و مه معظم باد
و آنچه در ملک جم نبود ترا
همه زیر نگین مختم باد
چتر میمون همت عالیت
سایه دار سپهر اعظم باد
هر دلے کز تو حال عصیان است
هم کارش چو زلف درهم باد
تاکم و بیش در شمار آید
دولتت بیش دشمنت کم باد
بر یمینت چو ملک داد یسار
در یسار تو خاتم جم باد
[بادشاها! تون ملڪ مان ٻلي
ساري دنيا تون هٿ ۾ آڻ ٻلي
تو ڪيو ظلم جو بنياد ختم
عدل جي ٻاڙ تو ڪئي محڪم
خطبہ کي نانءُ تنهنجي کان عزت
تو ڏني سال و ماه کي عظمت
نہ ملڻ جنهن جي کان هو جم غمگين
سو سڀئي هجني زير نگين
تنهنجي همت جي ڇٽ منڊو سايو
شل ڪري آسمان تي پايو
جا بہ دل توکان ٿي رهي برهم
شل نہ ٿئي برصواب تنهن جو ڪم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهٽ ۽ وڌ جو شمار ٿئي جيسين
هجي دشمن کان دوست وڌ تيسين
ڪاهي جڏهن ملڪ کيو سڄي جي وس
زوب ڪاهي جو جر جي خاتم بس]

شال الله تعاليٰ هن ملڪ ۽ هن بادشاهيءَ جي رونق کي مضبوط بنيادن تي [٧] دائم ۽ قائم ۽ هن بادشاهيءَ جي مضبوط محل ۽ هن نعمت - شال سنڌس طرف سدائين آباد رهن. جي محڪم قلعي کي بد انتظاميءَ جي حادثن جي آسيب کان محفوظ رکيءَ ۽ سنڌس خطبو ۽ سڪو، سنڌس لقبن ۽ اعليٰ درجي جي خطابن سميت دنيا جي ختم ٿيڻ تائين شال منبرن ۽ درهمن کي سينگاريندڙ هجي، ۽ جيسين جهان قائم آهي ۽ جيسين آسمان جي گردش برقرار آهي- تيسين شال سنڌس بادشاهي جي شان و شوڪت جو سج ۽ حڪومت جي اقبال جو چنڊ، بزرگيءَ جي ڪناري ۽ ڪمال جي آسمان مان حضرت محمد ۽ سنڌس سوري آل جي محابي چمڪندو ۽ اڀرندو رهي.

علي ڪوفي هن ڪتاب جوڙڻ جو سبب ٻڌائي ٿو.

هن ڪتاب ”تاريخ هند“ جو لکندڙ ۽ ”سنڌ جي فتح“ جي تقرير ڪندڙ، محمدي شهنشاهت جو بندو **علي بن حامد بن ابي بکر ڪوفي** جڏهن پنهنجي عمر جو هڪ عرصو آرام ۽ نعمت ۾ گذاري چڪو ۽ ڪميني دنيا مان وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو کڻي چڪو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تڏهن حادثن جي مصيبتن ۽ زماني جي اوچتين آفتن کان [مجبور ٿي] پنهنجي اصلوڪي وطن ۽ پيدائش جي جڳهه کان جدا ٿي، ڪي ڏينهن اچي آچ مبارڪ ۾ سڪونت ڪري آرام ورتائين. وري "تِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ" (انهن ڏينهن کي ماڻهن ۾ ڦيرايون ٿا) جو حڪم پهتو، ۽ تقدير جي آبدار خوشيءَ جي پيالي کي ايذاء جي [ڪري] لوهه سان بدلايو ۽ خوشيءَ کان محرومي جاري رهي (١)، ۽ غدار ڦرندڙ آسمان جي سختين سببان زهر جا ڍڪ پريندو ۽ قهر جا ڍڪ جهليندو آيو. الوالجاهه سان جي عمر ۾، سنه ٦١٣ ڇهه سؤ تيرهن ۾، سيني ڪمن سان هٿ ڪڍي، قيمتي ڪتابن کي پنهنجو وندرائيندڙ ۽ همنشين بڻايائين؛ ۽ پنهنجي دل ۾ خيال ڪندو رهيو ته جنهن صورت ۾ لکندڙ جي دل تي [٨] سيڪڙن علم سان ڪجهه نه ڪجهه اشارو نقش ٿيل آهي، ۽ هرهڪ وقت جي عالم ۽ يگاني حڪيم پنهنجي زماني ۾ پنهنجن مخدومن ۽ مربين، جي مدد سان ڪانه ڪا تاريخ يا تصنيف زماني ۾ يادگار ڇڏي آهي. جيئن ته اڳيان مصنف خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن سان هرهڪ جو بيان تفصيل سان نظم خواهه نثر ۾ لکي ويا آهن: هندوستان جي فتح

---

(١) اصل فارسي عبارت "و استقامت بندمت سرور متواتر شد" اسان جي خيالات ۾ عبارت ۾ خلل آهي ۽ مطلب اهوئي ٿي سگهي ٿو جو ترجمي ۾ ڏنل آهي. خود فارسي ايڊيشن جي علامه ايڊيٽر کي پڻ هن عبارت ۾ شبهه آهي، جيئن ته حاشيه ۾ چوي ٿو ته "عبارت در اين جا مختل است."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنهن ۾ محمد بن قاسم، ۽ شام ۽ عرب جي اميرن جي هٿان هن ملڪ ۾ اسلام ظاهر ٿيو ۽ سنڌ کان وٺي ڪشمير ۽ قنوج تائين مسجدون ۽ منبر ٺهيا، ۽ اروڙ جي تختگاه ۾ رهندڙ راجا ڏاهر بن چچ بن سيلائج، جنهن کي شاندار امير عمادُ الدّولةِ والدّين (دين ۽ حڪومت جي پشتي) محمد بن قاسم بن [محمد بدابي] عقيل الثّقفي رحمة الله قتل ڪيو. [جنهنڪري] هي سارو ملڪ پسگردائين سميت سندس حوالي ٿيو. سو ڏين چاهيو ته هن ملڪ جو بيان. خلق جي ڪيفيت ۽ انداز ۾ هن [ڏاهر] جو ڪسو معلوم ٿئي ۽ [اهڙي هڪ] تاريخ تيار ڪئي وڃي. جڏهن انهيءَ جي گهولا لاءِ نفس اباري کي تڪلف ڏنم ۽ آچ مبارڪ کان اروڙ (١) ۽ بکر جي شهرن ڏانهن رخ رکيم. چاڪاڻ ته اتان جا امام عربن جي خاندان ۽ بنياد مان هئا. ۽ جڏهن انهي شهر ۾ پهتس ته وڏي امام، زبردست عالم، دين ۽ مذهب جي ڪمال ۽ حاڪمن جي سردار مولانا قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شَيْبان (٢) بن عثمان ثقفي. آدَامَ اللّٰهُ فَضْلَهٗ و رَحِيم آباءه [٩] وَ آسلافَه بِحقِّ مُحَمّدٍ وَ آلِهِ آجْمَعِين. جو فصاحت ۾ فضيلت جي کاڻ آهي ۽ نمڪينيءَ ۾ عقل جي جان؛ علم زهد جي سيني فنن ۾ بينظير آهي، ۽ بلاغت جي [سيني] قسمن ۾

---

(١) ب جي پڙهڻي مطابق "اروڙ" يعني "اروڙ". مگر ٻين جملي نسخن ۾ وندي ن ۽ ر تائين هن لفظ جي پڙهڻي "الور" آهي.
(٢) ب: شهاب.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيمثال، تنهن سان ملاقات ٿي؛ ڪاٺيءَ ٻچا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته: هن فتح جي تاريخ سنڌس ابن ڏاڏن جي هٿ اکرين حجازي ٻوليءَ [عربي] ۾ هڪ ڪتاب [جي صورت] ۾ لکيل آهي، جا هڪٻئي ڪان ميراث ٿيندي ورثي ۾ ايندي ٿي رهي، مگر جيئن ته اها عربي جي ٻردي ۽ حجازيءَ جي حجاب ۾ ڍڪيل هئي، تنهنڪري عجمين [غير عربن] ۾ مشهور نه ٿي.

ڪتاب جو ترجمو

جڏهن ٻندو انهيءَ ڪتاب کان واقف ٿيو ته [ڏٺائين ته] اهو حڪمت جي جواهرن سان سينگاريل ۽ نصيحت جي موتين سان سنواريل هڪ ڪتاب هو، جنهن ۾ عربن ۽ شامين جي بهادريءَ ۽ مردانگيءَ جا ڪيتري قسم واضح هنا ۽ رعب ۽ دانائي منجهس جاءِ نشين هئي، جهڙو ته قلعو فتح ٿيو، تنهن سان دولت هٿ آئي ۽ ڪفر ۽ گمراهيءَ جي رات لاءِ صبح [ظاهر ٿيو] ۽ انهن ڏينهن ۾ جيڪو به طرف اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو ۽ هٿ آيو ته انهيءَ کي مسجدن ۽ منبرن کان نور، ۽ عابدن ۽ زاهدن [جي وجود] سان سرور حاصل ٿي ٿيو، ۽ اهو پاسو اڄ تائين اسلام ۽ دينداريءَ جي جمال ۽ علم ۽ امانت جي ڪمال ۾ واڌارو ڪندو ٿو رهي ۽ دولت محمديءَ جو ڪوٻ ٻڌائيو جڏهن ۾ ملڪ ۽ بادشاهيءَ جي تخت تي ويهي ٿو ته تنين سر اسلام جي آئيني تان گمراهيءَ جي ڪٽ صاف ڪيو ڪري. [١٠]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وزيرن جي بادشاهه شرف الملڪ شاعف جلاله (شال (خدا) سندس بزرگي وڌيڪ ڪري) جي مدح، جنهن ڏانهن هي ڪتاب منسوب ڪيل آهي.

بوءِ جڏهن هيءَ ديني داستان، عربيءَ جي پردي ۽ حجازي حجاب مان فارسي زبان ۾ نقل ٿيو ۽ عبارت جي هار ۽ ديانت جي سينگار سان مشرف ٿيندي نثر جي لڙهيءَ ۾ ترجمو ٿيو ته دل هن فڪر ۾ غوطا هڻڻ لڳي ته هيءَ عجيب نئون تحفو ۽ وڻندڙ فتحنامو ڪهڙي سردار ڏانهن منسوب ٿيڻ گهرجي، نيڪ بخت، بندي جي رهنمائي ڪئي ۽ هيءَ سعادت ظاهر ٿي جو دل ۾ چيم ته: اي علي! گذريل ڏينهن ۽ سالن کان وٺي ڪيڏو عرصو گذريو آهي جو ماڻهن جي سردار، جهان جي صدر، صاحبقران جي وزير، وزيرن جي عزت، ترار ۽ قلم جي مالڪ، شرف الملڪ رضي الدولة والدين نَوَّرَ اللهُ مَضْجَعَهٗ وَ طَيَّبَ ثَرَاهُ (شال الله تعاليٰ سندس آرامگاهه کي روشن ڪري ۽ هن جي خاڪ کي عمدو بنائي) جي مهربانيءَ جي پاڇي ۽ احاطي جي پناهه ۾ رهيو آهين، ۽ پنهنجي هن سينگاريل [تصنيف] کي انهيءَ جي احسان تي پلجي ترتيب ڏنو اٿئي ۽ سندس اولاد ”دَامَ عُلُوَّهُمْ وَ رَحِمَ آبَائَهُمْ“ (شال سندن بلندي دائم رهي ۽ سندس وڏن تي رحم ٿئي) جي نعمت جا حق تنهنجي گردن تي لازم آهن، تنهنڪري چڱو ائين ٿيندو ته هيءَ فتحنامو، جو ديني ثواب (١) ۽

(١) اصل متن ۾ ”صواب“ لکيل آهي جو غلط آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دنيوي ڳالهين [مان مرڪب] آهي، جنهن تي دنيا جا محقق ۽ گهڻي احسان وارا بادشاھ فخر ڪندا ۽ سيني کي عربن جي اعتقاد جي تصديق ۽ ادب ۽ ترقيءَ جي صاحبن جي خلوص سان نهايت اتفاق ٿيندو ۽ هيءَ دولت [فتحنامو] جا عرب ۽ شام وارن جي دهشت ۽ رعب جو [يادگار] هوندي [تنهن کي] پڻ عاليشان خاندان جو عرب جي حسب نسب مان آهي [١١] ۽ جنهن جي بزرگ ڏاڏي وڏي ۽ وڏي شان واري امير، ۽ خاص ۽ خاص لائق توقير، دين جي عزت، عربن ۽ احترام جي لائق، ملت جي نظام ۽ امت جي قوام، قريشن جي فخر حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه جي هٿان، خراسان ۽ ايران جو وڏو حصو فتح ٿيو هو، ۽ سندس انهي سپه سالاري ۽ لشڪر ڪشيءَ بابت شرح ۽ تفصيل سان علحدا ڪتاب [لکيل آهن]، جتي ۽ ڪافرن کي شڪست ڏنائين ته اتي اسلام جا جهنڊا هميشه لاءِ بلند ٿيا ۽ اتان جي فتح جو خط اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب کي پهچندو هو ۽ هو پاڻ مومنن جي اڳيان بيهي خطبو ڏيندو هو [جنهن ۾ اسلام جي شان تي] فخر ڪري، تعريف [الله تعاليٰ جي] ڪندو هو جي صاحب [ڪمال]، نعمتن جي مالڪ، تلوار ۽ قلم جي ڌڻيءَ ۽ وڏي امير، تائيد ڪيل، فتحمند، ڪامياب، ملڪ جي ڏٿل (چوٿنڀل)، دولت ۽ دين جي فخر، ولايتن جي نظام، وزيرن جي شان، حسين بن ابي بڪر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن محمد الاشعر ضاعف الله جلاله في آعز ارومة و اكرم جرثومة ما كر الجديدان واتفق الفرقدان و اختلف العصران (شال الله تعالي سندس عزت کي ويتو کري؛ عزت ۽ عزت واري خاندان ۽ شريف ۽ شريف گهراڻي ۾، جيستائين رات ڏينهن متبا رهن، فرقدين (١) اتفاق ڪندا رهن ۽ زمانا هڪبئي پٺيان ايندا رهن) جي گذارش ۾ آندو وڃي ته ملاحظي جي شرف ۽ مطالعي جي نظر سان مشرف ٿي، قبوليت جي عزت سان برڪت پريل ۽ مقبول بڻجي، ۽ زماني جي بزرگين جي فهرست ۾ [داخل] ٿئي. (٢)

---

(١) فيروز اللغات، ص ١٨٥ ۾ ’فرقدان“ يا ”فرقدين“ جي معني هيءَ ڏني وئي آهي: اتر قطب جا اهي ٻه تارا جيڪي قطب وٽ آهن، ان جي چوڌاري گردش ڪندا رهن ٿا، ۽ شام کان وٺي صبح تائين ظاهر رهن ٿا، ۽ ڪڏهن به نظر کان غائب نٿا رهن.

(مترجم)

(٢) عنوان کان وٺي، هن هنڌ تائين سڄي ڊيگهه، جو مطلب هيءُ آهي ته ”جڏهن هيءُ ڪتاب عربيءَ کان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو، تڏهن مان پنهنجي دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳس ته هيءُ ڪتاب ڪهڙي امير ڏانهن منسوب ٿيڻ گهرجي! آخر بخت رهنمائي ڪئي ۽ دل ۾ چيو ته اي علي! تون جنهن صورت ۾ وزير شرف الملڪ مرحوم بالقابه جي نعمتن جو پاليل آهين، تہ سندس ۽ سندس اولاد جا حق تنهنجي گردن تي واجب آهن، تنهنڪري مناسب ائين آهي ته هيءُ ڪتاب، جو هتي، هن خوبين جو حامل آهي ۽ جنهن جي پڙهڻ سان عرب

(ڏسو حاشيه صفحو ١٨)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مصنف جي معذرت

وقت جي وڏن ۽ تاريخ جي مالڪن ڪيترن شين کي پنهنجي يادگار جو باقي رکندڙ ۽ پنهنجي نالي کي جٽاءُ ڏيندڙ بنايو آهي: ڀوربون تہ هو انصاف، عدالت، نيڪائيءَ ۽ وقار کي پنهنجو لباس بڻائيندا آهن، ٻيو تہ نفس جي گذران کان پوءِ، جو آدميءَ جو سرمايو آهي، [باقي بچيل] مال کي آخرت جو ثمر ڪندا آهن؛ ٽيون تہ پنهنجي اولاد کي عجيب هنرن سان سينگاريندا آهن؛ چوٿون تہ وقت جي عالمن ۽ حڪيمن کي قيمتي ڪتابن جي تصنيف ۽ مفيد حڪمتن جي تاليف [١٢] جي ترغيب ڏيندا آهن، ۽ انهيءَ کي پنهنجن مقصدن جي ڏاکڻ ۽ مطلبن جا ذريعا سمجهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ حڪمت جا سخن ۽ نصيحت جا قسم هميشہ لاءِ ڪتابن ۽ اخبارن جي پنن تي يادگار رهندا.

قطعہ

آن سروران کہ قار نکو کسب کردہ اند

رفتند يادگار از ايشان جز آن نماند

۽ شام جي رهاڪن جي عظمت دلين ۾ گهر ڪري ويندي وغيره وغيره، ڪٿي وڃي وزير حسين بن ابوبڪر بن محمد اشعري بالقابہ جي خدمت ۾ پيش ڪر، ڇاڪاڻ تہ هو بہ عرب جي خاندان سان آهي ۽ پڻ سندس وڏي ڏاڏي حضرت ابو موسيٰ اشعري بالقابہ جي هٿان ايران ۽ خراسان جو وڏو حصو فتح ٿيو هو، تہ هن جي مطالعي جو شرف حاصل ڪري ۽ مي ڪتاب برڪت پربو ۽ مقبول ٿئي." (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نوشيروان اگرچہ فراوانش گنج بود
جز نام عدل از پس نوشيروان نماند
[نالو چگو دنيا ۾ ڪيئو جن ٻہ سرؤَرَن
هو وڃا لڏي، دنيا ۾ رهيو تن جو نيڪ نام
نوشيروانؔ ٻہ عدل جي تعريف وٺو چڏي
گرچه رهيا ها بخت ۽ دولت سندس غلام]

اگرچ [هن] بنده کي اها مجال نہ آهي جو ٻانَ کي هن عاليشان درگاهہ ۾، جا فضل جي ڪاڻ ۽ حڪيمن جي جلوه گاهہ آهي، فضل جي لباس ۾ ظاهر ڪري، ليڪن جڏهن بخت ٻوڪاريو، عام احسان حڪم ڪيو، ۽ اقبال جي سچ بخت واري ستاري ڏانهن رهنمائي ڪئي، تڏهن انهيءَ سردار جي دعا ۽ ثنا لاءِ تيار ٿيو، جنهن جي ثنا ۾ زماني جي بزرگن ۽ وقت جي فاضلن زبان کولي آهي، ۽ وقت جي عالمن ۽ بيمثال حڪيمن هن جي دعا واسطي هٿ مٿي ڪيا آهن: بندهٔ علي ڪوفي [ٻئ] نعمتن جي حقن ادا ڪرڻ واسطي، اخلاص سان دعا گهري ٿو: تہ شال هن حڪومت جي اقبال جو چمن، احسان جي صاف پاڻيءَ سان تازو ۽ برگيءَ جي چنڊ جي نُور سان سرسبز ۽ قردار هجي!

* بندي هن ڪتاب کي عربيءَ جي پرده مان ڪڍي، فارسي بيان ۾ فقط هن شاندار گهرائي ۽ عالي قدر خاندان جي عزت افزائيءَ ۽ هميشه لاءِ يادگار قائم ٿيڻ لاءِ آندو

... هنن نشانن جي وچ واري عبارت جو مدار پ، ر، م نسخن جي روايت تي آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي. جڏهن [هيءَ ڪتاب] پسنديدگيءَ جي نظر ۽ احسان جي اشاري سان سينگاربو ته ڀانئبو انهيءَ جي وسيلي اعزاز ته وڏو درجو ۽ بلند مرتبو حاصل ڪندو، جو هن "فتحنامه" جي فخر جي چادر ۽ عزت جو زيب، زماني جي استعمال ڪرڻ تي به پراڻو نه ٿيندو، ۽ وقت جي رئيسن ۽ زماني جي فخرن ڪان - جن چند سان ڳنڍ تارن وانگر [جهان] کي سينگاربو آهي - اميدوار آهي [١٣] ته انهيءَ سبب ڪري جو طبيعت جو مٽارو مراد ڏانهن مائل نه هو ۽ دل کي قرار ڪرڻ نه هو، ڪا سَهْوُ يا قصور ڏسڻ ۾ اچي ته هن عذر ڪري معذور سمجهن ۽ معافيءَ سان انهيءَ کي ڍڪين، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به مخلوق کي "اَلاِنسَانُ مُرَڪَّبٌ مِنَ الْخَطَا وَ النِّسْيَانِ" (انسان خطا ۽ وسر جو گهر آهي) جي چشمي تان پاڻي پيئڻ ۽ انهيءَ رستي تي پهچڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونه آهي. *

جيڪڏهن عذرن جو تفصيل شرح سان لکبو وڃي ته هزارن سان هڪڙو ۽ گهڻن سان ٿورو به پورو ڪين ٿيندو، ليڪن [بندي هيءَ ڪتاب] اختيار سان نه بلڪ مجبوراً آئي پيش ڪيو آهي ته جيئن هن ڪوتيءَ وٽ جي وسيلي آسانيءَ سان درجا حاصل ڪري سگهي، ۽ بلند درگاهه - شال سدائين بلند رهي! - ۾ ويجهڙائي حاصل ٿئي، ۽ قبوليت جي اقبال سان مشرف ٿئي، ۽ هيءَ "فتحنامو" دنيا جي پوري ٿيڻ تائين ڪتابن جي صفحن تي باقي رهي. وَ بِاللهِ وَلِيُّ التَّوْفِيقِ (توفيق جو مالڪ الله آهي).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راجا ڏاهر بن چچ سيلائچ ۽ سنڌس محمد بن قاسم ثقفي رضي الله عنه جي هٿان برباد ٿيڻ جي ڳالهه سان ڪتاب جي شروعات

بسم الله الرحمان الرحيم

(نهايت ٻاجهاري ۽ مهربان الله جي نالي سان شروع)

خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي ته اروڙ جو شهر، جو هند ۽ سنڌ جو تختگاهه آهي، سو [اڳئين زماني ۾] سيحُون نديءَ تي، جنهن کي مهراڻ چوندا آهن، قسمين قسمين ساڙين، چراگاهن، [١٤] گلن، باغن، حوضن، نهرن، باغيچن ۽ گلڪارين سان سينگاريل، هڪ وڏو شهر هو؛ ۽ هن رونقدار شهر ۾ راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ نالي هڪ راجا رهندو هو، جنهن وٽ گهڻا خزانا ۽ بيحد پوريل ناڻا هئا، ۽ جنهن جو عدل دنيا ۾ مشهور ۽ سخاوت جهان ۾ پکڙيل هئي. سنڌس حڪومت جون حدون اوڀرندي ڪان ڪشمير تائين، الهندي کان مڪران تائين، ڏکڻ کان سمنڊ جي ڪناري ۽ ديبل تائين، اتر کان ڪُرڌن جي جبل ۽ ڪيڪانان تائين [پکڙيل هيون]. هن پنهنجي ملڪ تي چار حڪمران مقرر ڪيا هئا: هڪ برهمڻاباد ۾، ۽ نيرون ڪوٽ جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قلعي ڪان وٺي ديبل، لوهاڻو يعني لاکهہ ۽ سمه [ايراضين وارو علائقو] ويندي سمنڊ (١) [تائين] هن جي انتظام هيٺ ڏنائين؛ پيو سيوستان جي [مرڪزي] شهر ۾ (٢) ۽ ٻڌريه، جنگان، رونجهان، ڪوهہ پايہ، ويندي مڪران جي حد سندس حوالي ڪئي؛ ڏيون آسڪلندہ ۽ پائيہ جي قلعي ۾، جنهن کي ٿلوارو ۽ چڇپور به چوندا آهن، رهندو هو، ۽ اتي جي آسپاس وارا ملڪ ديوهڇور (٣) تائين سندس تصرف

---

(١) اصل متن جي عبارت آهي ”و دريا در اهتمام او فرمود“. فارسي زبان ۾ درياء سمنڊ کي ۽ ، چنبو آهي ۽ نديءَ کي ۽ . اسان متن ۾ سمنڊ لکيو آهي، ڇاڪاڻ ته ديبل هن راجا جي هٿ ۾ هو ۽ ديبل انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو بندر هو. (مترجم) ۾ جيڪڏهن درياء جي معنيٰ ندي وٺبي ته به صحيح آهي- ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ سنڌو ندي شهدادپور وٽان وهندي هئي، جنهن جا نشان اڄ تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ عام ماڻهو انهيءَ کي ”سهڻيءَ جو درياءُ“ چوندا آهن. شهدادپور کان پوءِ هي درياءُ ايرندي- ڏکڻ طرف وهندو هو- ٽنڊي آدم ۽ ٻراڻيءَ وٽ هن کي اڃا تائين ”لوهاڻو درياءُ“ چوندا آهن هن ناليءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته آڳاٽي سمي ۾، هن ايراضي ۾ لوهاڻا قوم رهندي هئي. نسخي ب ۾ ”لوهاڻا“ کي ”سمي ۽ لاکي“ جو مرڪب ڄاڻايو ويو آهي; انهيءَ لحاظ سان به، اسان سمن ۽ لاکن جي ٻن قومن جي اڄوڪين رهڻ جي جاين کي خيال ۾ رکي، هيءُ نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته سما ڏکڻ واري حصي ۾ رهندا هئا، ۽ لاکا شهدادپور تعلقي واري ايراضيءَ جي اڃا تائين انهي ٽڪر کي ”لاکاٽ“ چئجي ٿو (ن-ب)

(٢) اصل عبارت: در قصبه سيوستان.

(٣) اصل عبارت ”ديوهنوز“ (وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه)

۾ هئا، چوٽين کي ملتان جي شاندار شهر ۾ رهائيائين، ۽
مڪتا[2]، برهمپور، ڪرور، اٿهار ۽ ڪاڪيتا[3]. ونڌي ڪشمر
جي حد تائين انهيءَ جي حڪومت هيٺ رکيائين، ۽ پاڻ
اروڙ جي تختگاهه ۾ ٽڪي ويٺو ۽ ڪردان، ڪيڪانان ۽
برهاس پنهنجي حڪم هيٺ رکندو هو. پنهنجي [نائب]
حڪمرانن سان هرهڪ کي لڙائي جي تياري، [15] گهوڙن،
هٿيارن ۽ ٻين جنگ جي سامان بابت ڏاڍو تاڪيد ڪيو هئائين،
۽ [ساڳئي وقت] ملڪ جي حفاظت، رعيت جي دلجوئي ۽
حڪومت جي سرسبزيءَ متعلق پڻ حڪم جاري ڪيو هئائين،
جيئن هر پنهنجي ولايت جي سرحدن کي محفوظ رکندا اچن،
۽ سندس ساري ملڪ ۾ اهڙو ڪوبه ظالم ڪونه هو، جو
سندس ملڪ جي ڪنهن به طرف سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري.

اوچتو الله جي تقدير سان ايران جي طرف کان نيمروز
جي بادشاهه جو لشڪر حملو ڪري، اچي ڪرمان ۾ پهتو.
هيءَ خبر ٻڌي راجا سيهرس ٻڌان ڪنهن ڪٽڪي جي،
ڏاڍي تڪبر سان اروڙ جي قلعي مان خاص لشڪر سان وٺي
سندس سامهون ٿيو، ۽ انهن سان جنگ ڪئي. جڏهن ٻنهي
طرفن کان ناميرا مرد ۽ جنگي بهادر، خونخوار ترارن جو
لقمو ٿي چڪا، تڏهن اد رانين جي لشڪر قادر
حڪيم جي حڪم تي توڪل رکي حملو ڪيو. راجا سيهرس
جو لشڪر ذليل شڪست کائي ڀڄي ويو، مگر سيهرس پنهنجي
عزت ۽ نالي خاطر بيٺو رهيو، ۽ ڪسي وجهي تائين جنگ
ڪندو رهيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نيمروز جو بادشاهہ موتي ويو، ۽ سيهرس جو پٽ راءِ ساهسي ٻيو جي ملڪ جي تخت تي ويهي انهيءَ ملڪ جو خودمختار حاڪم ٿيو. سندس ٻيءَ جي هٽ هيٺ رهندڙ چئني حاڪمن سندس تابعداري ۽ موافقت ڪري، سندس فرمان مڃيو، ۽ پنهنجا خزانا هن جي حوالي ڪري، سندس اطاعت ۽ اخلاص پنهنجو امتياز بنايائون، جنهنڪري وڏي راءِ ساهسي جي سموري بادشاهي، هن جي اثر ۽ اقتدار هيٺ آئي، ۽ رعيت سندس عدل ۽ انصاف ڪري آسودي ٿي. [١٦]

هن کي هر قسم جي علم ۽ حڪمت سان سينگاريل [رام نالي] هڪ حاجب (١) هو، جنهن جو حڪم سڄي ملڪ تي هلندو هو، ۽ سندس ڪم ۾ ڪوبہ ماڻهو دست اندازي ڪا رنڊڪ ڪانہ ڪندو هو، ۽ خط و ڪتابت جو دفتر بہ سندس چارج ۾ هو: ساهسي راءِ کي بہ سندس قلم ۽ بلاغت تي ڀروسو هو ۽ ڪڏهن بہ هن جي صلاح کان ٻاهر نہ ويندو هو.

چچ بن سيلائچ جو رام حاجب جي خدمت ۾ اچڻ.

هڪ ڏينهن حاجب رام، ڀُکُرِ ڏِهَنَ' وزير سان آفيس ۾ ويٺو هو تہ هڪ برهمڻ آيو، ۽ اچي سهڻن لفظن ۾ تعريف ۽ ساراهہ ڪيائين. رام حاجب کانئس پڇيو تہ: اي برهمڻ! ڪٿان آيو آهين ۽ ڪهڙي ڪم سان تڪليف ورتي اٿيئي؟ برهمڻ ورائيو تہ: منهنجو نالو چچ آهي ۽ سيلائچ راهب جو پٽ

(١) حاجب = Chamberlain

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آڻيائون، سنهنجو پاءُ چندر ۽ سنهنجو پيءُ ٻئي اروڙ شهر جي ٻاهرانڌيءَ ۾، هڪ مندر ۾ عبادت ڪرڻ ۾ مشغول رهي، ساهسي راءِ ۽ رام حاجب ڪي دعائون ڪندا رهندا آهن، مون کي رام حاجب سان ملاقات ڪرڻ جو خيال آهي، چاڪاڻ ته [اڄڪلهه] هو [پنهنجي] فصاحت جي سبب ڪري عزت جي ڪنجي ۽ بخت جو سرتاسو آهي، جيئن آءٌ سندن خدمت جو سهارو حاصل ڪريان. حاجب رام چيو ته: فصاحت ۽ بلاغت ۾ [بيشڪ] تنهنجي زبان ڪليل آهي، پر ادب جو فن ۽ لکپڙهه جي قابليت ٻه، ڪجهه ڄاڻين؟ چچ چيو ته: چارئي [١٧] ويد، رگ [ويد]، يجر [ويد]، آٿر [ويد] ۽ سام [ويد] ياد اٿم، ۽ وزير صاحب جنهن ڪم جو ارشاد فرمائيندو، سو ايمانداريءَ، صحت، ديانتداريءَ ۽ قابليت سان، جيئن سگهيو اٿم، نهايت اخلاص سان پورو ڪندس. اڃا اها گفتگو ڪري رهيا هئا ته سيڪه ۽ ديبل جي طرفان ڪن مصلحتن متعلق لکيا آيا. رام حاجب اهي خط هن کي ڏنا. چچ اهي بهترين نموني ۾ سندس گذارش هيٺ آندا، ۽ انهن جو جواب بهترين الفاظن ۽ عمده خط ۾ قلمبند ڪيائين. رام حاجب هي ڏسي، سندس فصاحت، بلاغت ۽ سهڻن اکرن جي تعريف ڪئي، ۽ کيس ڏاڍي تعظيم ۽ وڏي انعام سان نوازي، چيو ته: مون کي گهڻا ڪم ۽ مصلحتون رهن ٿيون، جنهنڪري ممڪن آهي ته ڪنهن موقعي تي [راءِ ساهسي جي] خدمت ۾ حاضر ٿي نه سگهان، تنهنڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

منهنجي نائب جي حيثيت ۾ خط و ڪتابت جي آفيس ۾، راءِ جي در تي حاضر رهندو ڪج.

چچ اهو ڪم پنهنجي هٿ ڪيو ۽ وجي ان کي لکيو، تان جو هو ”ديوان رسائل“ (وزير مُراسلات) جي نالي سان سڏجڻ لڳو. آخر هڪ ڏينهن، راءِ ساهسي دربار ۾ آيو، ۽ شهر جا مکيه ۽ وڏا ماڻهو حاضر هئا جو اپتري ۾ سيوستان ڪُان کي خط پهتا. راءِ، رام حاجب کي گهرايو، پر هو اجا آفيس ۾ نه آيو هو. چچ چوائي موڪليو ته: مان [١٨] رام حاجب جو نائب آهيان، جيڪڏهن ڪنهن خط لکڻ جي ضرورت هجي ته هيءُ بندو لکي اهو ڪم پورو ڪري ڏئي. راءِ ساهسي کيس سڏايو. چچ انهيءَ لکيي کي سهڻي نموني گذارش هيٺ آندو ۽ کولي کولي بيان ڪيو، تنهن کان پوءِ ان جو متن لفظن ۽ سهڻن اکرن ۾ جواب لکي، راءِ جي آڏو پيش ڪيو. [جو] راءِ ساهسي، جو پڻ خط ۽ بلاغت جي علم ۾ تيز هو، مطالعو ڪري پسند ڪيو، ۽ عزت افزائي ڪري [چچ لاءِ] ”مُطلق نيابت“ (١) جو آرڊر ڪيائين.

رام حاجب جڏهن محلات ۾ آيو، تڏهن راءِ ساهسيءَ کانئس پڇيو ته: هيڙو هنرمند، فصيح نائب ۽ خوشخط ڪاتب ڪٿان هٿ ڪيو اٿيني؟— انهي کي خوش رکي، منجهس تربيت ڪندو رهج. رام وزير عرض ڪيو ته: هو سيلائج برهمڻ جو پٽ آهي، ۽ ايماندار، ڪم جو ڄاڻو ۽

---

(١) يعني ”عام مختار نائبي“.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنئون سڌو [ماڻهو] آهي. رام حاجب، چچ جي حق ۾ راجا جي دل صاف ڏسي، هن ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳو، ۽ نائب وزيري پڻ سندس حوالي ڪيائين، جنهنڪري [هن جي] روبرو خواه پرپٺ، سندس ڪم [چچ] سر انجام ڪندو رهيو، ۽ بادشاهيءَ جي ڪاروبار ۽ حڪومت جي مصلحتن ۾ دخل ڏيندو رهيو. جڏهن به راءِ جي خدمت ۾ ويندو هو ته [هو] کيس نوازيندو هو ۽ انعام، اڪرام سان سرفراز ڪري کيس هن ڪم کي جاري رکڻ جي نصيحت ڪندو هو، ۽ چوندو هوس ته: هن ڪم ڪان [هڪ ته] ڪاروبار جو نظام درست ٿو ٿئي، ۽ [ٻيو ته] توکي به وڏو عهدو نصيب ٿيندو. اهڙيءَ طرح هن کي ڀلائي جي وعدن سان اميدوار ڪندو هو. [نيٺ] الله تعاليٰ جي قضا سان رام حاجب جي عمر پوري ٿي ۽ هو اجل جو شڪار ٿيو. [١٩].

وزارت جو چچ بن سيلائج جي حوالي ٿيڻ

پوءِ راءِ ساهسيءَ، چچ کي سڄي وزارت جو ڪم کيس سپرد ڪيو. چچ ماڻهن سان همدرديءَ ۽ فراخدليءَ سان گذاريندو رهيو، جنهنڪري سڀ ملڪ ضابطي هيٺ آيا، ۽ سڀني سندس تابعداري ڪئي، ۽ وزيريءَ خواه سرشتيداريءَ ۾ ڪمال ڏيکاريائين.

هڪ ڏينهن راءِ ساهسي خاص خلوتخاني ۾ رائي سوڀهن ديوي (١) سان ويٺو هو. هيءَ عورت راءِ تي غالب

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ”سونين ديو“ پڙهڻي قائم ڪئي ويئي آهي. ن ۾ هر جڳهه ”سونهدي“ آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هئي، جنهنڪري هو سندس عزت ڪندو هو. ابتري ۾ چچ وزير محلات جي در تي آيو، ۽ خاص محرم دربان کي، راءِ ساهسي ڏانهن پيغام ڏنائين ته: چچ ڪنهن ضروري ڪم سان محلات جي در تي انهيءَ لاءِ آيو آهي ته جيڪو مشڪل پيدا ٿيو آهي، سو راءِ جي خدمت ۾ گذارش ڪري. جيڪڏهن فرصت هجي ته اندر اچي عرض ڪري. راجا، رائيءَ کي چيو ته: [جيئن ته] هڪ نامحرم حرمسراءِ ۾ ٿو اچي، تنهنڪري تون پردي پويان هلي وڃ. رائي سونهن ديوي چيو ته: ”ڪيئي اوباش ۽ نوڪر پيا اچن، جيڪڏهن هڪ برهمڻ ايندو ته منهنجو هن ڏانهن ڪهڙو توجه ٿيندو، يا هن کان ڪهڙو شرم ڪرڻ گهرجي، جو ڪنائس لڪان!— منهنجا هزار ساهه ساهسيءَ جي قدمن جي خاڪ تان قربان هجن شال!“ هوءَ عورت جڏهن ڪو انگل ڪندي هئي ته راءِ هن جي راءِ کان ٻاهر نه ويندو هو، جو راءِ سندس مڪرن جو خبردار هو: سو چچ کي سڏايائين، ۽ هو جن مصلحتن سان آيو هو، سي راءِ جي آڏو بيان ڪري، سهڻي نموني گذارش هيٺ آندائين. [٣٠]

رائيءَ جو چچ تي عاشق ٿيڻ ۽ چچ جو سندس محبت ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ.

چچ برهمڻ، هڪ خوبصورت، سهڻن عضون، شاندار هانءَ، نازڪ بدن، سرو قد ۽ لال ڳلن وارو نوجوان هو. رائيءَ جڏهن سندس سهڻي صورت ۽ سهڻي سرو قد ڏٺو ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مٿس جان ۽ دل سان عاشق، مفتون ۽ چري ٿي پئي، ۽ سندس سونهن، صورت ۽ پوشاڪ تان حيران ٿي، سندس عجيب الفاظن ۽ وڻندڙ اکرن تي دل قرباني ويٺي. چچ جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪيو؛ عشق جو سلو، راڻ جي زال جي دل واريءَ زمين ۾ وڌي وڻ ٿيو. راجا کي ٻار پيدا ڪرڻ جي لياقت ڪانه هئي، تنهنڪري رانيءَ کي منجهانئس ڪوبه فرزند ڪونه هو. آخر هڪ ڪراڙي ڏوتيءَ هٿان پيغام موڪليائينس ته: اي چچ! تنهنجي ڀنبٽين جي تير منهنجي دل کي ڦٽي وڌو آهي، ۽ تنهنجي جدائيءَ جو زنجير [هر وقت] منهنجي ڳچيءَ جو ڳٽ ٿي پيو آهي، مون کي اميد آهي ته تون پنهنجي وصال جي دواخاني مان منهنجو علاج ڪندين، ۽ همدرديءَ جي هٿ سان اهو ڳٽ منهنجي ڳردن مان کوليندين، ۽ پنهنجي محبت جي هار ۽ ٻانهپ جي واليءَ سان منهنجي ڳچيءَ ۽ ڪنن کي سينگاريندين؛ ۽ جيڪڏهن تون منهنجو هي عرض قبول نه ڪندين ته مان پاڻ کي خون ڪري ڇڏيندس، شعر

هيچت افتد کاين دل من شاد کني

وز هجر و فراق خويش آزاد کني

ور باز کشي اي صنما! روی ز من

فرياد کنم مها که بيداد کني [٢١]

[ڇا ڪڏهن منهنجا پرين منهنجي هيءَ دل شاد ڪندين؟

۽ پنهنجي هجر سندي قيد کان آزاد ڪندين؟

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻ جي محبوب ٿو موڙين تون پنهنجو منهن مون کان
ڪندس فرياد اي دلدار جي بيداد ڪندين]

پوڙهيءَ جڏهن هيءَ پيغام ڪيس ٻڌايو ته ڇچ انڪار
ڪيو، ۽ ٻاڙ کي روڪڻ واجب ڄاڻائين ته: راجائن
جي حرمن ۾ خيانت ڪرڻ جان جو خطرو، آخرت جي
گرفتاري ۽ دنيا جي بدنامي آهي، ۽ بادشاهن جي ڪاوڙ
جڏهن جوش ۾ ايندي آهي ته ان کي ڪوبه ٻيو روڪي
۽ دفع ڪري نه سگهندو آهي؛ تنهنڪري هيءُ خيال
ڇڏي ڏي؛ خصوصاً اسان لاءِ، ڇاڪاڻ ته اسين برهمڻ
آهيون ۽ منهنجو پيءُ ۽ پاڻ راهب آهن، جيڪي اڄا تائين
پنهنجي عبادتگاهه ۾ گوشه نشين ۽ پاٽ ۾ وٺل آهن؛ منهنجي
لاءِ اهائي بيعزتي ڪافي آهي، جو بادشاهه جي نوڪريءَ ۾
آيو آهيان، جتي اميد ۽ خوف جي وچ ۾ حياتي گذارڻي پوي
ٿي؛ ڇاڪاڻ ته مخلوق جي نوڪري [هميشه] غضب جي
ڪڪر سان گڏيل آهي، ۽ ڏاهن کي ناپسند، ڇو ته شين
تي اعتماد نه ڪرڻ گهرجي: بادشاهه، باهه، نانگ ۽ پاڻيءَ
تي؛ انهيءَ سان گڏ وري هيءَ ڳالهه به اختيار ڪريان!—
سو مون وٽان هيءَ مراد پوري نه ٿيندي. هن پيغام ٻڌڻ
تي [راڻي] نرم ۽ تمام ڏيرو ٿي چوائي موڪليو ته:
جيڪڏهن اسان جي ورونهن ۽ ميلاپ کان پرهيز ٿو ڪرين
ته [ڀلا] هر روز وقت ناوقت پنهنجي خيال ۽ جمال کان
اسان کي بهره اندوز ته ڪندو رهج ته تنهنجي وصال جي
اميد تي خوش رهندي اچان.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رباعي

خرسندم اگر سال بسالت بينم
ور در عمري شبي خيالت بينم
نوميد نگردم از خيالت صنما!
آخر روزي شب وصالت بينم:

[آهيان راضي مان ڏسان توکي اگر سال بسال
يا ڏسان عمر ۾ ڪنهن رات تنهنجو خواب خيال
ڪين اميد ٻليان تنهنجي خيالن کان صنم!
نيٺ ڪنهن ڏينهن ٿيندو مون سان تنهنجو ٻار وصال.]

جڏهن اڪيون اڙيون ته دل [به] يار جي وصال ۾ گرفتار ٿي [٣٢]، ۽ نيٺ سندن وچ ۾ وصال جا صبح اچڻ لڳا، جنهنڪري روحاني موافقت محڪم ٿي، ۽ سندن محبت ۽ الفت مضبوط دستاويزن جي لسٽ ۾ شمار ٿيڻ لڳي.

راءِ کي هنن جي حال جي ڪابه خبر ڪانه هئي. مخالف ٽولو اگرچ سندن حسن [مان گڏ هڪٻئي ڏانهن] سندن نگاهه ڏسي بدگمان رهيو ٿي، پر جنهن صورت ۾ ڪنهن به اکين سان نه ڏٺو هو، تنهنڪري [هي راز] مخفي رهندو آيو. ڪن دشمنن، راءِ کي هن حال کان واقف ڪري، اطلاع ڏنو [پر] راءِ قبول نه ڪيو. چيئي: منهنجي حرمسراءِ کان اهڙو ڪم نه ٿيندو، ۽ چچ وزير اهڙيءَ بيحرمتي جو روادار هرگز نه ٿيندو. ٿوري وقت کان پوءِ، اهو ملڪ پورو سندس [چچ جي] تصرف هيٺ اچي ويو، ۽ جيڪو به ڪم ڪندو هو، سو راءِ کي پسند ايندو هو، ۽ راءِ ساهسي ڪابه مصلحت سندس صلاح کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حوالي نہ ڪندو ھو. نيٺ سڄي ملڪ تي چچ جو حڪم جاري ٿي ويو.

ساھسي راءِ جو دارالفنا مان انتقال ڪرڻ.

آخر خدائي قضا مخفي پردي جي پويان ظاهر ٿي. راءِ بيمار ٿيو ۽ بيماري ڏينھون ڏينھن وڌندي وئي، ۽ موت جي نشانين هن جي حياتيءَ جي چھري کي ڦيرائي ڇڏيو. راءِ جي زال ڳجھه ۾ چچ کي گھرايو ۽ چيائينس تہ: اي چچ! راءِ جي عمر پوري ٿي چڪي آھي، ۽ موت جون نشانيون هن جي جسم ۾ ظاهر ٿي ويون آھن؛ راءِ کي ڪو فرزند ڪونہ آھي، جو سندس مرڻ تي ملڪ جو وارث ٿئي، ۽ انهي ۾ ڪوبہ شڪ نہ آھي تہ راءِ جا مائٽ ملڪ ۽ ملڪيت تي قابض ٿيڻ ساں، ضد سبب، اسان کي ڏکارڻ ۽ ڏکوئڻ شروع ڪندا، بلڪ جيڪي تہ راءِ جي حياتيءَ ۾ ئي طعنن جي زبان کولي ھلائون [٢٣]، تہ پوءِ ھيئنر اسان کان جان ۽ مال کسي وٺندا. مون کي ھڪ رٿ خيال ۾ اچي ٿي، جيڪ اھا تہ درست ثابت ٿيندي، اسان جي مراد بالڪل پوري ٿيندي، ۽ ھيءُ ملڪ وري تو کي ملندو؛ جيڪاڻ تہ منھنجو عقل تقاضا ٿو ڪري تہ اسان جي ھمت سان ڏني پاڪ ھيءُ ملڪ تنھنجي حوالي ڪندو، ھيءَ بادشاھي ۽ عزت تو سان قائم رھندي، ۽ سيئي تنھنجي تابعداري ڪندا. چچ چيو تہ: تنھنجو حڪم منھنجي اکين تي آھي، ۽ تنھنجو فرمان [ضرور] عين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مصلحت هوندو؛ ليڪن مخلص خدمتگارن ساڻ صلاح ڪرڻ [پڻ] فرض آهي، [تنهنڪري] اسان ڪي به هن حال کان واقف فرمائج. [تنهن تي] راڻي سوڀون ديوي چيو ته: پنجاهه ڪڙولن ۽ گهٽن تيار ڪرڻ جو حڪم ڏي، ۽ رات جو مخفي طور آڻي اندر تهخاني ۾ تيار رک. [بوهه] ڇچ حڪم ڪيو، جنهن تي گهربون ٻڙيون ۽ زنجير تيار ڪري، راتو رات محلات ۾ آڻي تهخاني جي هڪ ڪنڊ ۾ تيار ڪري رکيائون.

جڏهن راڄ جو پڇاڙيون وقت ٿيو ۽ سڪرات جي حالت پهتي، ۽ وڃڻ اٿي ساهر وڃڻ جي ڪئي، تڏهن راڻي سوڀون ديوي چيو ته: گهڙي ڪن گهر ۾ اندر ترسو، ۽ [پنهنجي] هڪ ايجنٽ کي حڪم ڏنائين ته: سيني کي گهر ۾ پوري دروازو بند ڪري ڇڏ، جئن راڄ ساهسي جي موت جي خبر شهر ۾ نه پوي، ۽ جيڪي تنهنجا ۽ منهنجا تابع آهن، تن سيني کي محلات ۾ آڻ. [بس بوهه ته] پنهنجن سيني تابعدارن کي محلات ۾ آنداڻون. پوءِ چيائين ته: فلاڻو فلاڻو، جيڪي راڄ جا عزيز آهن ۽ ملڪ جا دعويدار آهن، تن سيني کي هڪ هڪ ڪري سڏ. اهڙيءَ طرح هڪ هڪ ڪري، انهي بهاني ساڻ ته راجا اڄ البت خوش آهي، ۽ هن ساڻ ڪا صلاح ڪرڻي اٿس، آنداڻون ٿي؛ ۽ جڏهن حاضر ٿيا ٿي [٣٤]، تڏهن ڪين اندر ٿي موڪليائون، جتي خاص پروسي جوڳن ماڻهن ڪين قيد ٿي ڪيو ليڪ سيني مخالفن کي بند ڪري، ٻڙين ۽ گهٽن ۾ قيد ڪيائون. پوءِ راڄ جي ماڻهن ساڻ بني تولي

ڪي جيڪي غريب هئا، سڀني تي ڇانيئن ته: اڄ راءِ تنهنجي فلاڻي عزيز تي، جنهن جي ڊپ کان توکي رات جو ننڊ ڪانه ايندي هئي، ڪاوڙجي ڪيس قيد ڪيو آهي؛ تون جيڪڏهن ڏکر فاقي کان نجات چاهين ٿو، ۽ شان شوڪت ۽ مال حاصل ڪرڻ. گهرين ٿو ته، قيدخاني ۾ گهڙي، پنهنجي دشمن جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري، هن جو گهر، اسباب، نوڪر ۽ زمين وڃي پنهنجي قبضي ۽ تصرف ۾ آڻ. اهڙيءَ طرح هرهڪ ويو ٿي ۽ پنهنجي مخالف کي ڪُهي، هن جي گهر، وهٽن، ڪپڙن، اسباب، دولت ۽ عيال تي وڃي متصرف ٿيو ٿي. انهيءَ نموني هڪ ئي رات ۾ مخالفن کي خونخوار ترار جي خوراڪ ڪيائون، ۽ ڪيترن دشمن کان دلجاءِ ٿي، ڇو ته انهيءَ ملڪ ۾ ڪوبه مخالف ڪونه رهيو، جو ميراث جي دعويٰ ڪري.

ڇچ بن سيلائج جو راجا ساهسي راءِ جي تخت تي ويهڻ.

پوءِ جڏهن موافق لشڪر ۽ نوڪرن کي پنهنجي تابعداريءَ هيٺ آندائون، ۽ مغلس ٽڪين جن سندس تابعداري قبول ڪئي هئي، سي سڀ هٿيار پنوهار پهري، بالڪل تيار ۽ هوشيار ٿي، دربار ۾ صفون ٻڌي اچي بيٺا، ۽ سيٺي واپارين، ڪاريگرن، سگهڙن ۽ وڏن ماڻهن کي حاضر ڪري بادشاهيءَ جو تخت سينگاريائون، تڏهن راڻي سوهڻي ديوي پرده پنيان اچي، بُڌربُڌن وزير کي انهن ڏانهن پيغام ڏنو ته [٣٥]: دربار جي اڳوائن ۽ مکيه ماڻهن کان خير عافيت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻڌڻ کان پوءِ ڪيڻ راجا جو حڪم پهچائي ڇڏاءِ: تہ اگرچ سندس بيماري صحت ڏانهن رخ رکيو آهي ۽ تندرستي حاصل ٿي چڪي اٿس، پر هيءَ جيڪو انتظامي ڪارروائيءَ جو حادثو ٿي چڪو آهي، تنهن جي صدمي کان راڄ ساهسيءَ کي دربار ۾ اچڻ جي طاقت ڪانهي، ۽ [ڏيپ آهي] تہ ماڻهن ـــ شريف خواه رذيل، طاقتور خواه ضعيف ـــ جو ڪاروبار مهمل رهي، تنهنڪري پنهنجي حياتيءَ ۾ حاجب چچ کي پنهنجو نائب مقرر ڪري ٿو تہ متان رعيت، جا خدا جي امانت آهي، تنهن سان بي انصافي ٿيڻ ڪري، ملڪ ۾ ڪو خلل پيدا ٿي پوي.

[اهو پيغام ٻڌي] سيني ادب کان گوڏا کوڙيا ۽ زمين تي متا ٽيڪيا ۽ چيو تہ: راڄ جي حڪم جا تابعدار آهيون، ۽ چچ وزير [پڻ] بهرحال سهڻين ۽ وڻندڙ عادتن سان سينگاريل آهي، ۽ سندس عقل جي بدولت ملڪ جو ڪاروبار درست [هلي رهيو] آهي. تنهن کان پوءِ راڻي سوهڻديوي هڪ هزار تابعدارن ۽ مخلص رئيسن، اڳواڻن، سپہ سالارن ۽ اميرن کي قيمتي، رنگا رنگي ۽ جڙاءُدار انعام اڪرام ڏيئي، ملڪ جو ڇٽ چچ جي سر تي رکي، کيس تخت تي ويهاريو. سيني انهيءَ تي فخر ڪري، ٽيڻ سر خدمتگاري جا شرط بجا آندا. پوءِ سندس فرمائڻ تي وزير [ٻڌيمڻ] ٽيڻ سر وزارت جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو، ۽ خاص ماڻهن کي وڏن انعامن سان سرفراز ڪري، اميرن کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جاگيرن جا نوان پروانا عطا ڪيائون. [اهڙيءَ طرح] بادشاهي پڪيءَ طرح چچ جي هٿ آئي.

هن ڳالهه کي ڇهه مهينا گذري ويا. آخر ساهسي راءِ جي موت جي خبر سندس ڀاءُ مَهَرَت (١) کي پهتي، جو چترور (٢) جو بادشاهه هو. [تنهن تي] هو وڏو ڪنڪ، مست هاٿي ۽ دلير بهادر ساڻ وٺي لڙائي لاءِ تيار ٿيو، چچ تي ڪاهي آيو، ۽ اروڙ کان ٿي ميل پري اچي ڪئمپ ڪيائين. هن پنهنجن وزيرن [٣٦] ۽ خاص ماڻهن جو هڪ ٽولو وفد طور [چچ ڏانهن] روانو ڪيو، ۽ پيغام موڪليائين ته: هن ملڪ جو وارث مان آهيان، هيءُ ملڪ منهنجي ڀيءُ ڏاڏي جو آهي، تنهنڪري ڀاءُ جي ميراث جو آءٌ وڌيڪ حقدار آهيان؛ [جيڪڏهن ملڪ منهنجي حوالي ڪندين ته] تو کي تنهنجي ساڳيءَ وزيريءَ ۽ نائبيءَ جي عهدي تي قائم رکيو ويندو، ۽ تو سان هميشه مهربانيءَ ۽ احسان جي روش ڪئي ويندي.

---

(١) فارسي ڇاپي ۾ "مهرت" آهي ۽ نسخي ن جي به اهائي پڙهڻي آهي. پ ۾ "مهترين" ۽ ر ۽ م ۾ هر جڳهه "مهرب" لکيل آهي. هت "مهرت" نالي جي اصليت کي مدنظر رکندي، "مهرت" ڪري لکيو ويو آهي.

(٢) پ، ڪ، ر ۽ م جي اڪثر اهائي پڙهڻي آهي ۽ شهر چتور جو اڳاڻو نالو به اهو آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيو ص ٢٩) ۽ انهيءَ ڪري اها پڙهڻي قائم رکي وئي آهي. فارسي ايڊيشن ۾ "چتور" رکيو ويو آهي. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڇچ جي مهرت سان جنگ، ڪرڻ ۽ ڪيس ڏکيءَ سان قتل ڪرڻ.

پوءِ ڇچ رائيءَ وٽ آيو ۽ اچي ٻڌايائينس ته: هي دشمن گهر جي در تي اچي پهتو آهي، ۽ ملڪ ۽ ميراث جي دعويٰ ڪري ٿو، هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟ ساهسيءَ جي زال کلي چيو ته: مان پرده نشين عورت آهيان، جيڪڏهن مون ڪي جنگ ڪرڻي آهي ته پوءِ تون منهنجا ڪپڙا پائي [گهر ۾] ٿي ويهه ۽ پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي ته ٻاهر نڪري وڃي جنگ ڪريان. بزرگن جو چوڻ ڪونه هڏو اٿيئي ته ڪنهن ڪم لاءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مقرر ٿئي، ۽ [مقرر ٿيڻ کان پوءِ] اهو ماڻهو عقل ۽ تجربي کان ڪم وٺي ته هو [ضرور] انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيندو ۽ وڃي پورو ڪندو: جڏهن بادشاهي تنهنجي حوالي ۽ تو ڏانهن منسوب ٿي چڪي ته پوءِ منهنجي صلاح جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تيار ٿيءُ ۽ گجندڙ شير وانگيان ميدان ۾ وڃي، دشمن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪر؛ چاڪاڻ ته عزت ۽ نالي سان مرڻ، پاڻ جهڙي آڏو، ذلت برداشت ڪرڻ کان بهتر آهي: بيت

هم فيل داري، هم چشم- هم خيل داري هم خدم
مردانه بيرون^ نِه^ قدم- زير و زبر ڪُنْ خَصم^ را
[گهوڙا ۽ هاٿي تو کٽيا. لشڪر ۽ نوڪر انگٽيا،
تو ۾ وڏي موليِ مٿيه ڪر خصم کي زير و زبر.]

ڇچ، رائيءَ جو جواب ٻڌي شرمندو ٿيو ۽ لڙائيءَ جا هٿيار ٻڌي، لشڪر سينگاري، صفون ٻڌي، سامهون ٿيو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ جيڪي ماڻهو اجا قيد ۾ هئا، تن سڀني کي ٻڌ ٻاهر ڪڍي، عزت ڏيئي، ٿئين سر انجام اقرار وٺي، پنهنجو احسانمند بنائي، اڪرام ۽ وعدن سان سرفراز ڪري، دشمن جي جنگ لاءِ ميدان ۾ آنداٿين. [هوڏانهن] راءِ مهرت پڻ لشڪر جو قلب، ميمنه، ميسره، مقدمه ۽ ساقه (١) تيار ڪيو. [بس پوءِ ته] ٻنهي طرفن کان بهادر لڙائيءَ [٣٧] ۾ جنبي ويا، ۽ ٻنهي طرفن کان ڪِپل بهادر ڪُسي ويا. راءِ مهرت جڏهن ڏٺو ته ٻنهي طرفن کان دلير مرد خونخوار ترار جي لقمو ٿي رهيا آهن، تڏهن [چچ کي] چيائين ته مان ۽ تون ٻئي ملڪ جا دعويدار آهيون [اچ ته] هڪٻئي سان لڙائي ڪريون، جيڪو اسان مان [غالب پنجي ميدان مان] ٻاهر اچي، ملڪ انهيءَ جو آهي. چچ سندس سامهون ٿيو ۽ چيائين ته مان برهمڻ آهيان، سوار ٿي جنگ ڪانه ڪري سگهندس، پيادو ٿي اچ ته پوءِ مڙس مڙس جو مت آهي. چترور جي راجا کي پنهنجي همت ۽ بهادريءَ تي پورو ڀروسو هو، سو دل ۾ چيائين ته برهمڻ کي ڪهڙي طاقت آهي، جو لڙائي ۾ مون سان هٿيار ڪڍي جي دعوىٰ ڪري. پڪيءَ وانگيان سندس سنڌي مروڙي بدن کان ڇني وٺندس.

---

(١) پراڻي زماني ۾ جڏهن لڙائيءَ واسطي لشڪر تيار ڪري، ميدان ۾ بيهاريندا هئا، تڏهن لشڪر کي پنجن حصن ۾ ورهائي ناهي بيهاريندا هئا، جن جا نالا قلب، ميمنو، ميسرو، مقدمو ۽ ساقو هوندا هئا، يعني وچون، ساڄو، کاٻو، اڳيون ۽ پويون حصو. هرهڪ حصي جي مٿان هڪ يا گهڻا سپه سالار هوندا هئا. خود بادشاهه يا مکيه سپه سالار قلب ۾ بيهندو هو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[اهو خيال ڪري] گهوڙي تان لهي پيادو ٿـي روانو ٿيو. چچ پڻ پيادو ٿيو، پر سئيس کي حڪم ڪيائين ته گهوڙو منهنجي پويان وٺيو اچ. جڏهن هڪٻئي کـي سوڙها ٿيا، تڏهن چچ هڪدم گهوڙي تي چڙهي حملو ڪيو، ۽ وار ڪندي، راجا مهرٿ جو سر بدن کان ڌار ڪري ڇڏيائين. [هيءَ ڏسي] چچ جي لشڪر حملو ڪيو، ۽ چترور جـي لشڪر کي شڪست آئي. انهن مان ڪن مهرٿ کي ڪـندو ڏسي، امان گهري، اطاعت اختيار ڪئي، ۽ ڪي خـونخوار تراز جو ڪاٽ تي ويا. چچ فتح جون خـوشيون ڪندو اروڙ جي قلعي ۾ موٽي آيو، ۽ شهر ۾ فتح ناما جو حڪم ڪيائين ۽ ملڪ جي تخت تـي ويٺي، جشن [٣٨] ملهائي، اميرن ۽ جنگي جوڌن تي مهربانيون ڪيائين. هائي چئني ملڪن ۾ ڪوبه سرڪش ڪونه رهيو.

چچ جي راڻي سوهڻ ديوي سان شادي ڪرڻ.

هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو لکندڙ هن طرح روايت ٿو ڪري ته: جڏهن اها فتح حاصل ٿي، تڏهن راڻي سوهڻ ديـوي جي حڪم تي شهر جا مکيه ۽ وڏا ماڻهو حاضر ٿيا. (انهن کي) فرمايائين تـه: جنهن صـورت ۾ راڻا ساهسي گذاري ويو، ۽ مون کـي منجهانئس ڪوبه فرزند ڪونهي، جو ملڪ جو وارث ٿئي ها، ۽ هي ملڪ راجا چچ جي هٿ آيو آهـي، تنهنڪري مون کي صحيح وڻيءَ ۽ چئي ڏاج سان چچ جي حوالي ڪريو. رئيس ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻزرگ ڳڌ ٿي دربار ۾ آيا ۽ راڻي سونون ڏوسوي جي وڏي ڇچ سان پڙهيائون. ڇچ کي انهيءَ مان ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پيدا ٿي: هڪ پٽ جو نالو ڏاهَر، ٻئي جو ڏاهَرسينهَ (١) ۽ ڌيءَ جو نالو ماڻين (٢) رکيائين. هرهڪ جي ڄمڻ وقت نجومين کان سندن طالع بابت پڇا ڪيائين، ۽ هنن سندس حڪم تي هرهڪ جي طالع بابت ستارن جي برجن ۾ منزل، نيڪبختي، ۽ بدبختي، عزت ۽ ذلت جو نقشو ڪڍي تيار ڪيو. [تنهن کان پوءِ] چون لڳا ته راڄا جا ٻئي پٽ بادشاهه رهندا، ۽ سنڌ گهڻو وقت سندن قبضي هيٺ رهندي. [باقي] نياڻيءَ جي بخت لاءِ هي فيصلو ڪيائون ته هوءَ سنڌ کان ڪڏهن ٻاهر ڪانه ويندي، ۽ جيڪو سندس مڙس ٿيندو، سوئي اني جو راڄا ٿيندو، ۽ پوري سنڌ [٣٩] هن جي قبضي ۾ رهندي، [جنهن مان] هو فائدو ۽ حظ حاصل ڪندو. نجومين جڏهن ڄڃي هن طرح مقرر ڪئي، تڏهن [ڇچ] حڪم ڪيو ته: هيءَ [راز] مخفي رکو ۽ ڪنهن کي به نه ٻڌايو.

---

(١) ن ۽ ب ۾ هر جڳهه "ڏهرسين" ۽ باقي سڀني نسخن ۾ "ڌهرسيه" آهي ۽ فارسي ايڊيشن ۾ به اها پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. "سيه" دراصل "سينه" آهي، يعني شينهن. نسخه ڪ جي پڙهڻي به "ڌهرسينه" آهي. نالي جي اصليت جي لحاظ سان "ڏهرسينه" واري پڙهڻي کي قائم ڪيو ويو آهي. (ن.ب)

(٢) ن ۽ ب ۾ هر جڳهه "مائن"؛ س: بائي، ڪ: مائني.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جو پنهنجي ڀاءُ چندر کي اروڙ جي شهر ۾ آڻڻ ۽ انهيءَ کي مقرر ڪرڻ.

پوءِ پنهنجي ڀاءُ چندر ڏانهن اعتماد جوڳو ماڻهو موڪلي چيائين ته: "اسان جا وڏا راهب آهن ۽ هميشه بتن جي مندرن سان سچو شوق رکندڙ آهن؛ سندن بندگي ۽ آتش پرستيءَ جو نالو ۽ رسم مشهور ۽ ڀرپور آهي؛ اسان جو ٻيءَ سيلائج هن رستي ۾ اِنّا وَجَدنا آباءَ نا (١) جي قول تي عمل ڪندڙ آهي، جا ڳالهه اسان جي عالمن ۽ حڪيمن کي پسند آهي. ليڪن هندن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي پرهيزگاريءَ ۽ رياضت جي حوالي ڪندو ته جڏهن سندس ساهه بدن کان جدا ٿيندو، تڏهن انهن چڱن ڪمن جي بدلي ۾ سندس ساهه ڪنهن بادشاهه جي پٽ يا ڪنهن سردار جي جسم ۾ پوندو، جتي هو دل جو آرام، مال ۽ دولت جو تجمل، ۽ پوري پوري فراغت حاصل ڪندو. سيلائج جي خدا، اسان کي هن دفعي راڄائي ڏني آهي، ۽ وڏي بادشاهت منهنجي حڪم هيٺ آئي آهي. تنهنڪري منهنجي مرضي آهي ته توکي اروڙ جي تختگاهه ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪريان، پنهنجو ولي عهد بڻايان، ۽ توکي پڻ حڪومت ۾ دينداري، امانت، پرهيزگاري ۽

---

(١) اِنّا وَجَدنا آباءَنا عَلىٰ اُمَّةٍ وَّاِنّا عَلىٰ آثارِهِم لَمُقتَدُونَ = اسان پنهنجي ابن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي نشانن جي پيروي ڪندڙ آهيون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبادت ڪرڻ ڪري، ٻيڻو-ٽيڻو ثواب ملندو". اگرچ هو پاڻ ڪندو رهيو، پر آخر هن ڪـي آئي "اپيلن جـي ڪورٽ" (١) تي مقرر ڪيائين، ۽ اروڙ جو مڪمل ضابطو سندس هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجو ۽ بادشاهيءَ جـو ڪاروبار سندس حوالي ڪيائين: [٣٠]

چچ جي پنهنجي ڀاءُ چندر کي پنهنجي نائب بنائڻ بابت پرواني جو بيان

[۽ هن مضمون وارو پروانو جاري ڪيائين ته:] جڏهن ميلائڻ جي خدا، اسان کي تاج ۽ تخت جو لائق بنائي اسان جي بادشاهيءَ جو حڪم جـاري ڪيو، تڏهن واجب آهي ته رعيت، جا خدا تعاليٰ جي امانت آهي ۽ اسان جي هٿ هيٺ آهي، تنهن جي نگرانيءَ ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وڃي، ۽ عدل ۽ انصاف جي رستي سان سندن خـوشحالي ۽ سندن حالات سڌارڻ لاءِ تمام گهڻو سعيو عمل ۾ آندو وڃي، جيئن ڪوبه طاقتور، هيٺين تـي ظلم نـه ڪري، ۽ اسان کي خدا تعاليٰ جي دربار ۾ بي تميزيءَ ۽ بي تدارڪيءَ جـي ڪري وٺ پڪڙ نه ٿي سگهي؛ تنهنڪري هـي وڏو ڪاروبار ۽ نازڪ ڪم منهنجي ڀاءُ "راهبن جـي چيف"

---

(١) اصل ۾ "ديوان سنالر" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهڙي ڪورٽ جنهن ۾ سڀ شهنشاهت ۾ ڪنهن ۾، وڏي سائين هٿان تيل ظلم جي برخلاف شڪايت ٻڌي، انهي جو داد ڪيو وڃي.

(مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چندر جي ذمي لڳايو ويو آهي ته هو روبرو خواه پرپٺ انهيءَ کي مڃيائي؛ ۽ پوري سپاهه ڏسڻ وائسڻ مٿين خواه رعيت تي لازم آهي ته سندس حڪم ۽ صلاح کان ٻاهر نه وڃن ۽ سندس فرمانبرداري لازمي سمجهن.

چچ جو برهمڻ وزير کان ولايت جي احوال ۽ سيهرس راءِ جي ملڪ جي حدن بابت پڇڻ.

پوءِ وزير برهمڻ ڏيکي کي سڏي کانئس سيهرس راءِ جي ملڪ جون حدون پڇيائين ۽ چيائينس ته اي: لائق وزير ۽ مضبوط صلاحڪار! انهيءَ سنڌ ملڪ جون حدون توکي معلوم آهن، جو راءِ ساهسي وڏي جي اقتدار ۽ حڪم هيٺ هو، ۽ اهي چار بادشاهه جي چئني طرفن جي حڪومت جا جوابدار هئا، ڪير آهن؟ - اسان کي انهن جي واقفيت ڪراءِ ته جيئن مان انهن وٽ وڃان، ۽ مون کي موافقت خواه مخالفت ۾ هرهڪ جي طبيعت معلوم ٿئي؛ پوءِ جيڪو اسان جي حڪمن جو [٣١] پابند هجي، تنهن جي تربيت ڪئي وڃي، ۽ جيڪو اسان جي فرمان کان سرڪشي ڪري، تنهن جي دفع ڪرڻ لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي: جيئن سڀئي فرمانبرداريءَ هيٺ داخل ٿي وڃن، ۽ اسان جي ملڪ ۾ ڪوبه مخالف يا ڇڪتاڻ ڪندڙ نه هجي، ۽ ڪوبه اسان جي حڪم کي ٽاريندڙ يا روڪيندڙ نه رهي.

ٻڌرڻمن جي تقرير ڪرڻ

وزير زمين تي متو ٽيڪي عرض ڪيو تہ: راجا ڄڄ سلامت رهي! ڪيس معلوم هجڻ گهرجي تہ هيءَ تختگاهہ ۽ بادشاهي هڪڙي ئي راجا جي سنڀال هيٺ هئي، ۽ سندس [زبردست] حاڪم هميشہ فرمانبرداريءَ ۽ تابعداريءَ لاءِ تيار ۽ منتظر هوندا هئا. هيءُ ملڪ جڏهن راءِ سيهرس وڏي (۱) بن ديوائج جي هٿ هيٺ آيو، ۽ هو ايران جي لشڪر کان شڪست کائي فنا ٿيو، تڏهن ڪانئس [پوءِ] ساهسي جي حوالي ٿيو، هن چئني حاڪمن [۽ ان هرهڪ] ڪي هڪ هڪ طرف جي سنڀالڻ جو ذميدار ٺهرايو تہ هو خزاني جي مال وصول ڪرڻ ۽ ملڪ جي سنڀال ڪرڻ ۾ نهايت ڪوشش ڪندو رهي: ڇاڪاڻ تہ راجا انهيءَ ڪري متفڪر ٿو رهي، تنهنڪري هيءُ فڪر پنهنجي دل مبارڪ تان دور ڪرڻ چاهي ٿو: ۽ هن ۾ لشڪر لاءِ [ٻڻ] ترغيب آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هيءُ حادثو دفع نہ ٿيندو تہ ممڪن آهي تہ زماني جي ڦير گهير ڪري، ڪو اهڙو خوفناڪ حادثو پيش اچي، جنهن جو ٽارڻ ناممڪن ٿي پوي. پر جيڪڏهن ولايت مضبوط هوندي ۽ دل جو آرام موجود هوندو تہ پوءِ آسپاس وارا دنگثي بادشاهہ پڻ

---

(۱) هي راءِ سيهرس بن ديوائج وڏو راءِ سيهرس بن ساهسيءَ، جنهن جو ذڪر مٿي ص ۱۶ تي ٿي آيو آهي. ۽ جو پڻ ايران جي لشڪر هٿان قتل ٿيو هو، کان غالباً پيو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توجهہ ڪندا ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيندا: ۽ سچ پچ آهي ۾ ائين تہ جنهن وقت بهادر لشڪر ۽ مست هاٿين جي ذريعي دل کي اطمينان ۽ قوت هوندي، تہ ڏهن مُسَبِّبُ الاَسْبَاب (سبب پيدا ڪندڙ) ۾ فتح ۽ ڪاميابيءَ جا سبب بنائيندو ۽ توکي مخالفن تي فتح حاصل ٿيندي. مون کي اميد آهي تہ الله تعاليٰ ملڪ جا پاڳا ۽ طرف [۳۲] مضبوط ڪندو ۽ [چئني] پاسن جا چارئي حاڪم تنهنجي بندگيءَ جو طوق پنهنجي گردن ۾ وجهندا؛ جملي پريشانيون دفع ٿي وينديون ۽ مخالف، جوهردار تزار جي خوف کان، فرمانبرداريءَ جو ڳهڻ پنهنجين ڳچين ۾ وجهندا، ۽ هي عاليشان ملڪ ۽ مشتريءَ جي ولايت هميشہ شان ۽ نيڪي سان توسان [نہ فقط] قائم رهندي، [بلڪ] هر روز وڌندي رهندي. بهرحال هن مقصد لاءِ بادشاهہ کي همت ۽ دليري ڌارڻ ۽ ڌڻي پاڪ جي حڪم تي توڪل رکڻ گهرجي تہ خدا تعاليٰ [پڻ] راجا جي ارادي ۽ همت مطابق مقصد پورو ۽ اميد برصواب ڪندو.

چچ جو اروڙ جي حڪومت جي حدن جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ۽ حدون نروار ڪرڻ.

چچ جڏهن ٻڌيمن وزير کان هيءَ گفتگو ٻڌي ۽ وزير جي ڳالهہ سندس دل تي وڃي ويٺي، تہ کيس خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي، ۽ انهيءَ صلاح تي سندس شڪرانا مڃيءَ، هن خوشخبريءَ سان [چڱي] فال ورتائين، ۽ انهيءَ موجب هڪ مناسب فرمان چوطرف پنهنجن اعتماد جوڳن ماڻهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏانهن موڪليائين، ۽ آسپاس وارن بادشاهن کي [پڻ] امداد ڪري، هڪ وڏو لشڪر تيار ڪرڻ لڳو ته جيئن هندستان جي انهيءَ سرحد تي وڃي، جا ترڪستان سان لڳو آهي. نيٺ سعد ستاري جي وقت، جيڪو نجومين حساب ڪري معلوم ڪيو هو، منزل پنڌ ڪيائين ۽ آخر گهڻيون منزلون طي ڪري، اچي قلعي ٻاٽيا وٽ پهتو، جو بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي آهي. انهيءَ قلعي جي واليءَ جنگ شروع ڪري ڏني. نيٺ لڙائيءَ ۽ خونريزيءَ کان پوءِ ٻاٽيا جو راجا شڪست کائي وڃي قلعي ۾ بند ٿي ويٺو، ۽ راجا چچ غالب ٿيو. انهيءَ جنگ ۾ ڪيترو وقت ترسڻو پيس، جنهنڪري اناج جي قلت ٿي ويئي، گاهه ۽ ڪاٺيون [ملڻ] پڻ مشڪل ٿي پيون. [نيٺ] جڏهن [قلعي وارا] تنگ ٿيا، ۽ [رات جي وگڙي ۾] جڏهن دنيا ڪاري گودڙي ڍڪي ۽ ستارن جو بادشاهه [سج] رات جي [٣٣] ڪارنهن واريءَ چادر ۾ لڪي ويو، تڏهن [ٻاٽيا جو راجا] اهو قلعو ڇڏي اسڪلندهه جي قلعي ڏانهن هليو ويو ۽ وڃي ان جي آسپاس لٿو. اهو قلعو پڻ سندس هٿ ۾ هو ۽ زياده محڪم هو. انهيءَ ڳوٺ جي چراگاهه ۾ رهي، احوال معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس موڪليائين، جن اچي خبر ڏنيس ته چچ ٻاٽيا جي قلعي ۾ اندر وڃي لڪو آهي.

چچ جو اسڪلندهه جي قلعي ڏانهن وڃڻ.

جڏهن چچ کي معلوم ٿيو ته هو [ٻاٽيا جو راجا] اسڪلندهه جي قلعي ۾ بند ٿيو آهي، تڏهن هن خبر پڙڻ شرط

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي خاص ماڻهن مان هڪ امين کي پاٽيا جي قلعي تي مقرر ڪري، اسڪلندهه ڏانهن رخ رکيائين، ۽ وچي ان جي ٻاهران ڪئمپ ڪيائين. اسڪلندهه جي قلعي ۾ شجاع نالي سپه سالار رهندو هو، جو هميشه چچ جي تابعداري ڪندو هو، ۽ قلعي جي رهاڪن تي سندس ڏاڍو اثر هو؛ ننڍو خواه وڏو سندس صلاح کان ٻاهر نه ويندو هو. چچ انهيءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو، کيس حڪومت ۽ بادشاهيءَ جي آڇ ڪئي، ۽ سندس [چچ جي] حڪم تي انهيءَ قلعي جي بادشاهيءَ جو پروانو پڪن انجامن ۽ اقرارن سان لکيو ويو ته [هو] جنهن وقت پاٽيا جي راجا ڇتر کي ڪُهندو يا قيد ڪندو ته [سندس بدران] هو پاڻ راجا ٿيندو، ۽ اهو شهر پاٽيا سميت سندس هٿ هيٺ ڏنو ويندو. هن به [اها آڇ] قبول ڪئي، ۽ انهيءَ مضبوط شرط جي آسري تي پنهنجي ضمانت ۽ پٽ، چچ ڏانهن موڪليو. پاڻ وقت ناوقت انهيءَ حاڪم [ڇتر] جي خدمت ۾ وڃڻ لڳو، اهڙيءَ طرح جو رات ڏينهن [۾ ڪنهن به وقت] کيس دربار ۾ وڃڻ کان روڪ نه ٿيندي هئي. اوچتو اڌ رات جو وجهه وٺي، [٣٤] راجا ڇتر کي ڪُهي ان جو سر چچ ڏانهن موڪليائين. راجا چچ قاعدي سان مهربانيون ڪيون، ۽ خوشي ظاهر ڪري، انعام اڪرام ڏنا، انهيءَ قلعي جي خودمختار حڪومت جو فرمان عطا ڪيو. شهر جي چڱن ۽ معتبر ماڻهن اچي هديا ۽ تحفا هن جي [چچ جي] خزاني ۾ پيارايا هن، شهر جي وڏيرن ۽ مشهور ماڻهن جي پنهنجي روبرو ڏاڍي عزت ڪئي، ۽ کين شجاع مهيه جي فرمانبرداريءَ جي پارت ڪيائين ته جيئن

هميشه هن جي فرمانبرداري لازم ڄاڻندا رهن ۽ سندس صلاح کان ٻاهر نه وڃن.

چچ جي سِڪّه ۽ ملتان جي طرف منزل ڪرڻ.

راجا چچ اسڪلنده جي ڪاروبار کان فارغ ٿي، سِڪّه ۽ ملتان ڏانهن منهن ڪيو. ملتان جي شهر ۾ راڻا ساهسيءَ جي مائٽن مان ٻجهراءَ (۱) نالي هڪ راجا هو، جنهن وٽ وڏو ملڪ ۽ [جنگ جو] تمام گهڻو سامان ۽ اسباب هو. جڏهن ڪيس، چچ جي پهچڻ جي خبر پهتي، تڏهن پاڻ راوي نديءَ جي ڪپ تي آيو: سندس ڀائيٽو سيهول (۲) ملتان جي سامهون ايرندي طرف کان سِڪّه جي قلعي جو ڪمانبر هو: ٻجهراءِ جو سوٽ اجسين وڏو لشڪر وٺي اچي سامهون ٿيو. بياس نديءَ جي لنگهه وٽ [چچ ۽ سندس لشڪر] ٽي مهينا ويٺو رهيو، ۽ تنهن کان پوءِ جڏهن پاڻي لهي ويو، تڏهن انهيءَ لنگهه جي مٿان هڪ اهڙي جاءِ چونڊيائون، جتي ڪوبه روڪيندڙ ڪونه هو، ۽ اُڪري، سِڪّه جي شهر ۾ اچي سيهول سان جنگ ڪيائون. ڪيترو وقت انهيءَ قلعي تي ويٺا رهيا. جڏهن قلعي وارن جي حالت تنگ ٿي، ۽ [چچ جي] پنهنجي طرف جا ڪي نالي وارا دوست شهيد ٿيا ۽ دشمن جا پڻ بي انداز ماڻهو برباد ٿيا [۳۵]، تڏهن سيهول اتان ڀڄي، ملتان جي قلعي ۾ هليو ويو، ۽

(۱) اصل لفظ: ٻجهرا (۲) م: سهيول.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سيوهي گڏجي راويءَ جي ڪناري تي جنگ جي هٿيارن سان تيار ٿي ويٺا. راجا چچ سڪندھ جي قلعي کي هٿ ڪري، پنج هزار جنگي سپاهي، جيڪي قلعي ۾ هئا، سي سڀ قتل ڪري، شهر وارن ماڻهن کي غلامن ۽ غنيمت طور قيد ڪري، امير عين الدوله ريحان مدنيءَ کي سڪندھ جي قلعي تي مقرر ڪيو، ۽ پاڻ ملتان جي طرف ڌيو، جتي ٻئي لشڪر ڏوبدو ٿيا. راجا بجهراءِ زبردست لشڪر، جنگي هاٿي ۽ بهادر مرد ساڻ وٺي ٻاهر نڪتو، ۽ اچي چچ جي سامهون ٿي، خطرناڪ لڙائي ڪيائين. ٻنهي طرفن کان بي انداز ماڻهو قتل ٿيا. [آخر] بجهراءِ قلعي ۾ بند ٿي، ڪشمير جي بادشاهه ڏانهن خط موڪلي ڪيس چچ جو اطلاع موڪليو ته: چچ بن سيلائج برهمڻ اروڙ جي تختگاهه جو والي ٿي، گهڻو لشڪر ساڻ وٺي اچي سوڙهو آهي، ۽ سڀ ننڍا وڏا قلعا فتح ڪري، هٿ ڪيا اٿس: اسان کي ساڻس مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانه رهي آهي: مضبوط قلعا سندس حڪم هيٺ اچي چڪا آهن، ۽ ڪوبه راجا مقابلي ۽ لڙائي ۾ مٿس فتح حاصل ڪري نه سگهيو آهي: هو [هينئر] ملتان اچي پهتو آهي، توهان اسان جي امداد فرض سمجهي ڪا مدد موڪلي فرمايو.

قاصد جو ڪشمير کان هٿين خالي موٽڻ.

قاصد جڏهن ڪشمير پهتو ته انهي وقت ڪشمير جو راجا فوت ٿي ويو هو، ۽ سندس ننڍڙو پٽ تخت نشين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٿيو هو. وزيرن ۽ صلاحڪارن، خاص ماڻهن، حاجبن، وڏيرن ۽ ملڪ جي سڀني ماڻهن صلاح ڪئي، ۽ هن خط جو سهڻي نموني جواب لکيائون ته: ڪشمير جو راجا دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو، سندس پٽ اڃا ننڍو ۽ نوعمر ٻار آهي: سندس امير اڃا ته پنهنجين پنهنجين جاگيرن ۾ سرڪشي ۽ بغاوت اختيار ڪري [٣٦] ۽ ڪنڌ مٿي کڻي رهيا آهن: [ٻهريائين ته] پنهنجي آسپاس جو بندوبست ٺيڪ ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري هن وقت اسان مدد ۽ اعانت ڪا ڪري سگهون: اسين پنهنجي ڪم جي گهٽيءَ ۾ گرفتار آهيون.

جڏهن قاصد موٽي اچي ٻجهراءِ کي هيءَ خبر پهچائي، ۽ ڪشمير جي راجا جي مدد کان نااميد ٿيو، تڏهن چچ راجا سان پڪو انجام ڪري، صلح جي درخواست ڪري، امان نامي جو عرض ڪيائين، جيئن هو قلعو خالي ڪري، سلامتي سان ٻاهر نڪري وڃي، ۽ ڪوبه ماڻهو تيسين سائن ڇيڙ ڇاڙ نه ڪري، جيسين راڻو ٻجهراءِ پنهنجن تابعدارن، تعلقدارن، ۽ ٻوڏاين سميت ڪنهن امن واري جاءِ تي وڃي پهچي. چچ اهو انجام قبول ڪري، کيس امان ڏنو. [جنهن تي] هو قلعي مان نڪري، پنهنجن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن سان گڏ ڪشمير جي جبل ڏانهن روانو ٿيو. [پوءِ] چچ قلعي ۾ داخل ٿي ملڪ جو قبضو ورتو.

چچ جو ملتان جي قلعي ۾ پنهنجو نائب ويهاري، مٿي وڃڻ

ملتان جي قلعي حوالي ٿيڻ تي، هڪ ٺڪر کي ملتان ۾ نائب مقرر ڪري، پاڻ، سڪوي جي بتخاني ۾ ويو، ۽ بت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي سجدو ڪري، خيراتون، ڏيئي، مٿي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. برهمپور، ڪرور ۽ اشهار (۱) جي راجائن خدمت جا شرط بجا آندا. اتان [اڳتي وڃي] تاڪيه (۲) ۽ ڪشمير جي حد تائين پهتو. واٽ تي ڪنهن به بادشاهه سامهون ٿي ڪيس روڪ يا جهٽڪ ڪانه ڪئي. مثال: الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي وڏو ڪندو آهي، تڏهن انهيءَ جي مٿان سڀ تڪليفون آسان ڪندو آهي، ۽ سندس سڀ مرادون کيس عطا ڪندو آهي. [ڏسو ته چچ] جنهن جاءِ تي پهتو ٿي ته اهو ملڪ فتح ٿيو ٿي. [۳۷] نيٺ شاڪلهار (۳) جي قلعي وٽ پهتو. ۽ اها جاءِ تاڪيه (۴) کان مٿيرو چڙهيل، جتي ڪشمير جي سرحد آهي- اتي منزل ڪيائين، ۽ هڪ مهيني تائين ترسي، انهيءَ پاسي جي بادشاهن سان ڪن کي مغلوب ڪيائين، ۽ ڪن کي حڪم ۽ آڻ هيٺ آندائين، ۽ انهيءَ پاسي جي اميرن ۽ بادشاهن سان پختا عهدناما ڪري، ملڪ [جو انتظام] پڪو ڪيائين. پوءِ به چڪيون هڪ

---

(۱) ن: اشيهار (۲) فارسي ايڊيشن ۾ "ڪنبه" لکيو ويو آهي جا صرف گماني پڙهڻي آهي، مگر شايد ڪنهن ب نسخي ۾ موجود ڪانهي. هن جاءِ تي ن ۽ ڪ جي پڙهڻي صاف طور 'تاڪيه" آهي ۽ ٻين نسخن جون پڙهڻيون "تاڪيه" جون ئي غلط ۽ بگڙيل صورتون آهن. صحيح پڙهڻي "تاڪيه" ئي سمجهڻ گهرجي، جاڪاڻ ته ملتان کان اڳتي يا ان جي آسپاس واري ملڪ تي ئي "تڪا ديس" جو نالو پيل هو. (ن-ب) (۳) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "شاڪلها" آهي "شاڪلهار" پڙهڻي ن مطابق آهي. (ن-ب) (۴) مٿي ڏنل نوٽ (۲) جي لحاظ سان.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيد جي ۽ بي صنوبر جي گهرائي، پنج ماهيات ندي ءَ جي ڪناري تي، ڪشمير جي انهيءَ جبل، جنهن جي چشمن مان سندس وهڪرو آهي، تنهن سان لڳو اهي پٽي لڳائي، تيستائين اتي ترسيو، جيسين انهن پنهي درختن جون تاريون هڪبئي سان وڃي مليون: پوءِ انهن تي نشان ڪري چيائين ته: ڪشمير جي راجا سان اسان جي هيءَ حد آهي ۽ هن کان اڳتي لنگهڻو نه آهي.

ڪشمير سان حد مقرر ڪري چڇ جو موٽڻ.

هن فتح جي ڳالهه، لڪندڙ هن طرح چيو آهي ته: جڏهن ڪشمير جي طرف کان حد مقرر ٿي، تڏهن چچ موٽي اروڙ جي تختگاهه ۾ آيو، ۽ هڪ سال آرام ڪري، سفر جي تڪليف جو ٿڪ لاٿائين، ۽ سندس [زيردست] بادشاهن جنگ جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيا.

پوءِ فرمايائين ته: "اي وزير! مشرق جي طرف کان دلجاءِ ٿي: هاڻي اسان کي مغرب ۽ ڏکڻ جي طرف جو سماءُ رکڻ گهرجي." وزير ورائيو ته: "بادشاهه جي سڀ کان وڏي سٺي خوبي هيءَ آهي ته ملڪ جي احوال جي خبرچار وٺندو رهي، ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته سٺي وجهه واريءَ غير حاضري جي عرصي ۾ [هن] طرفن وارن اميرن ۽ بادشاهن جي دماغ ۾ غرور [٣٨] پيدا ٿيو هجي، [۽ سمجهندا هجن] ته راءِ ساهسيءَ کان پوءِ اسان کان خزاني جي سال بابت ڪابه تقاضا نه ٿي آهي، [تنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته هو] ضرور ضعيف ۽ ڪمزور ٿي چڪو آهي."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سو چڱو ستاره ڏسي، [چچ] ٻُڌريه (١) سيوستان جي قلعن ڏانهن روانو ٿيو. سيوستان جي قلعي ۾ ڪاڪي (٢) نالي بادشاهه رهندو هو. هن [چچ اوڏانهن وڃڻ جو] پڪو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ جاءِ ڪان درياهه ٽپيو، جنهن کي دهتايت (٣) چوندا آهن، جتا سمن [جي قوم] ۽ اروڙ جي وچ وارو ڏنگ آهي. اتان ٻُڌريه ڏانهن روانو ٿيو. (٤) سندن حاڪم سرڪوندَ پٽ ڀَنڌرڪُو ڀڪُوُ هو ۽ (٤) سندن

---

(١) هن پڙهڻي جو مدار فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "بودهيه" تي آهي، جا غالبا فقط جهوني نسخي **پ** جي پڙهڻي آهي. **ن ب ج م س** جي پڙهڻي "بُڌاپُور" ۽ **ل** جي پڙهڻي "ٻُڌاپور" آهي. انهيءَ لحاظ سان "ٻڌيه" جي بدران "ٻڌاپور" پڙهڻ به قابل غور آهي. (ن ب) (٢) هن پڙهڻي جو مدار فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "مته" تي آهي **ب س ڪ** نسخن جي پڙهڻي "مهته" آهي. (ن ب) (٣) فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "دهيايت" آهي. "دهتايت" پڙهڻي **ن ب ح** نسخن مطابق آهي. (ن ب) (٤) معتبر نسخن مان **ن ب پ** جون پڙهڻيون انهيءَ طرح آهن. **ن ب**: "وعهد ايشانرا بسرڪوند بن بهندرڪو بهڪو بود." **پ**: "وعهد ايشانرا بسرڪوند بن بهندرڪور هڪو بود" هاڻي بر تقدير "وعهد ايشانرا بفلان بود"، "فلان" جي جاءِ تي "سرڪوند بن بهندرڪو بهڪو" ايندو، جنهن کي اسان سنڌي نالي جي قالب ۾ آڻي، سرڪوند پٽ ڀنڌرڪو ڀڪو ڪري لکيو آهي. فارسي ايڊيشن ۾ هن سڄي جملي جي هيءَ پڙهڻي اختيار ڪئي ويئي آهي: "وعهد ايشانرا بسرڪول بن بهندرڪو بهڪو بود". (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تختگاھ ڪاڪي راڄ ھو. انھيءَ جي رھاڪن کي سبوبس چوندا ھئا. چچ انھن تي حملو ڪري سيوبس جو قلعو فتح ڪيو. ڪاڪي جي پٽ وڪيي (١)، اڳيان اچي، پنھنجي پيءُ ۽ تابعدارن لاءِ امان گھري، ۽ دل مقرر ڪري تابعداري [اختيار] ڪيائون.

لشڪر جو سيوستان وڃڻ

پوءِ [چچ] اتان سيوستان [ڏانھن] رخ رکيو. جڏھن ويجھو پھتو ته انھيءَ شھر جي واليءَ نھايت دليري ۽ پوريءَ تياري سان سامھون ٿي جنگ شروع ڪئي. چچ مٿس غالب پيو ۽ متو پنھنجي لشڪر سميت شڪست کائي قلعي ۾ پيھي ويو [٣٩]. چچ قلعي کي گھيرو ڪري، لڙائي لاءِ [تيار] ٿي بيٺو. ھڪ ھفتي کان پوءِ قلعي وارا عاجز ٿي پيا، ۽ امان گھري، پڪو انجام ڏيئي ٻاھر نڪتا، ۽ قلعي جون ڪنجيون چچ جي امينن جي حوالي ڪيائون. چچ کين امان ڏيئي نوازيو، انھيءَ جي حڪومت پڻ سندس [متي جي] حوالي ڪري، مٿس اعتماد جوڳو ھڪ نگران مقرر ڪيو، ۽ [تيستائين] ڪجھ ڏينھن ٽڪي پيو، جيستائين ملڪ ۽ شھر جو ڪاروبار درست ٿيو.

---

(١) اصل عبارت ۾ "وڪيه بن ڪاڪ". فارسي ايڊيشن ۾ "و" کي حرف جملو سمجھي، ھن شخص جو نالو "ڪيه بن ڪاڪ" تعبير ڪيو ويو آھي. (ڏسو فارسي ايڊيشن صفحه ٢٥٧ تي ذيل صفحه ٢٩ جو حاشيه).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڇچ جو برهمڻ آباد طرف لوهاڻي جي [بادشاهه] اگهم (١) ڏانهن قاصد موڪلڻ.

جڏهن سيوهڻ جي مهم پوري ٿي، تڏهن "برهمناباد واري لوهاڻي جي بادشاهه اگهم" (٢) يعني لاکا، سمن ۽ سهتن جي حاڪم ڏانهن فرمان موڪليو، ته کانئس پنهنجي تابعداريءَ جي گهُر ڪيائين. ٻورن ڏينهن ڪان پوءِ، جيڪي رستن تي جاسوس مقرر ڪيا هئائين، تن مڪران مان هڪ ماڻهوءَ کي اگهم جي خط سان پڪڙيو، جو سيوستان جي بادشاهه مَتَّي ڏانهن لکيو هئائين، جنهن ۾ لکيل هو ته: مان هميشه تنهنجو دوست ۽ خيرخواهه ٿي رهيو آهيان، ۽ ڪنهن به وقت تو سان مخالفت نه ڪئي اٿم، ۽ نه لڙائيءَ جو رواداد ٿيو آهيان. تو جيڪو دوستانو خط لکيو هو، سو پهتو، ۽ ان ڪري وڏي عزت حاصل ٿي. جيستائين اسان جي طاقت مضبوط هوندي، تيستائين ڪير به مخالف اسان جي ويجهو نه اچي سگهندو. مان تنهنجي التماس جو پابند آهيان، ۽ هرهڪ [التماس] پورو ڪندس. تون بادشاهه ۽ بادشاهزادو آهين؛ تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ دوستي آهي؛ هڙئي حالتون گهڻن سان ٿيون آهن، جيڪي هن مصيبت کان پناهه

---

(١) اصل عبارت: "اگهم لوهانه" جو فارسي جي زير اضافت سان "اگهم- لوهانه" سمجهڻ گهرجي يعني "لوهاڻي ملڪ جو (حاڪم) اگهم". هيٺ فارسي عبارت به انهيءَ دليل جي پڪي تاڪيد ڪري ٿي. (ن-ب)

(٢) اصل عبارت: "لوهانه ۽ برهمناباد"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڳولي رهيا آهن، منهنجي ملڪ ۾ برهمناباد کان ديبل تائين، ملڪ جي جنهن جاءِ تي رهڻ مناسب سمجهين [٤٠]، اتي رهڻ جي توکي اجازت آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو ڪو ارادو ڪيو اٿئي ته به ڪو ماڻهو روڪ ڪرڻ وارو ڪونه آهي، ۽ جيستائين ڪنهن جاءِ تي تون دلجاءِ ڪري ويهين، تيستائين مددگار رهندس. مون وٽ ايترا گهوڙا ۽ لشڪر تي سگهي ٿو، جو تنهنجي مدد ڪري سگهان.

آخر مٿي ڪي هند جي ريگستان جي بادشاهه (١) ڏانهن جنهن کي ڍٽي به چوندا آهن، وڃي بهتر ڏسڻ ۾ آيو.

چچ جو لوهاڻي جي [حاڪم] اڳهم کي ڪهرائڻ لاءِ فرمان موڪلڻ.

پوءِ چچ راجا اڳهم لوهاڻي ڏانهن حڪم موڪليو ته: توهان پاڻ کي شان، شوڪت، اصل ۽ نسل جي خيال کان وقت جو بادشاهه ٿا سمجهو: ۽ مون کي اگرچ هي ملڪ، بادشاهي، مال، دولت ۽ طاقت پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان ورثي ۾ نه ملي آهي، ۽ اسان جي [اصلي] ملڪيت نه آهي، ته به هي منهنجا آسان ۽ آسان اسباب ۽ بهترين انتظام خداوند تعاليٰ جا بنايل آهن. منهنجي لشڪر ڪري ته بلڪ دنيا جي پيدا ڪندڙ بيمثال ۽ يڳاني خدا، سيلائج جي دعا سان هيءُ ملڪ مون کي عطا ڪيو آهي، ۽ هر حال ۾ اهو منهنجو مددگار آهي؛ مون ڪنهن ٻئي ۾ مدد

(١) اصل عبارت: مَلِڪ رمل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي اميد نہ آهي: منهنجي سيني مشڪلن کي پورو ڪندڙ ۽ منهنجي چوڌاري مدد ڪندڙ اهو آهي؛ ۽ اهوئي سيني دشمنن ۽ مخالفن تي ڪاميابي ۽ فتح بخشيندڙ آهي. اسان کي ٻنهي جهانن جون نعمتون حاصل آهن. توهان کي جيڪڏهن پنهنجي شان شوڪت ۽ دٻدٻي، جنگي سامان ۽ وڏائيءَ تي ڀروسو آهي تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ توهان جي نعمت تي زوال ايندو، ۽ اوهان جي بربادي ٿيندي [٣١].

چچ جو برهمڻاباد شهر وٽ اڳم ۽ لوهاڻي جي [حاڪم] اڳهم سان جنگ ڪرڻ.

پوءِ راجا چچ، لوهاڻي جي [حاڪم] اڳهم ڏانهن روانو ٿيو. اڳهم برهمڻاباد کان ٻاهر ملڪ [جي گشت] ڏانهن ويل هو. چچ جي اچڻ جي خبر ٻڌڻ تي برهمڻاباد موٽي آيو، ۽ اچي لڙائيءَ جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيائين. راجا چچ برهمڻاباد جي شهر ۾ پهتو تہ [هوڏانهن] اڳهم لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي سامهون ٿيو. ٻنهي طرفن کان نامي گرامي بهادرن جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، [آخر] اڳهم جو لشڪر ڀڄي ۽ قلعي ۾ گهڙي ويو. چچ ان جو گهيرو ڪيو. هڪ سال جي عرصي تائين سندن وچ ۾ لڙائي جاري رهي. انهيءَ وقت هندستان يعني ڪنوج جو راجا ستبان بن راسل هو (١). اڳهم خط موڪلي ۽ انهيءَ کان مدد گهري، پر جواب ملڻ

(١) پ: سيار بن راسل. ر: شتبان بن راسل. ن ب ح: سيار بن رائي بدل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کان اڳ ۾ اگهم مري ويو، ۽ سندس پٽ ڀيءُ جو جانشين ٿيو. اگهم جو، هڪڙو ٻڌمت جوشمني (پروهت) پوڄاري (١)، دوست هوندو هو، جنهن کي "ٻڌ رکو" (٢) جي نالي سان سڏيندا هئا. هن کي هڪ بتخانو هو، جنهن کي "ٻڌنو وهار" (٣) چوندا هئا، ۽ ڪنوهار (٤) بت جو راهب پڻ اهو هو، ۽ پنهنجي بندگيءَ ۽ پرهيزگاريءَ (٥) ۾ مشهور هو. انهيءَ طرف جا ماڻهو سندس تابع هوندا هئا. اگهم پڻ سندس ڌرم تي هو، ۽ کيس پنهنجو آڌار سمجهندو هو. اگهم جي قلعي ۾ بند ٿيڻ ۾ هن پروهت پڻ ساڻس موافقت ڪئي، پر جنگ ڪانه ٿي ڪيائين، بلڪ پنهنجا ڪتاب ڪڍي، پنهنجي مندر ۾ ويهي پڙهڻ لڳو. جڏهن راجا اگهم مري ويو ۽ سندس پٽ گادي تي ويٺو، تڏهن پروهت ٻڌو ته متان منهنجي ملڪيت، اسباب ۽ زمينون هٿ ڪان نڪري وڃن، [٤٢ا]، تنهنڪري پنهنجو اصطرلاب ڪڍي، ڏسي، حساب ڪري، قطعي فيصلو ڪيائين ته هيءُ ملڪ راجا چچ جي حوالي ٿيندو، ۽ هو مون سان موافق ٿيندو. [آخر اگهم جو] پٽ جڏهن تنگ ٿيو، ۽ سندس لشڪر وڙهڻ کان جواب ڏنو، تڏهن قلعو چچ جي حوالي ۽ ضابطي هيٺ اچي ويو.

---

(١) اصل عبارت: ناسک سمني (شمني لاءِ وڌيڪ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ٤٣). (٢) اصل عبارت: بده رکو (٣) ر م: نوهار. (٤) ر: ولهار م: دلسها. ن: وکسوا. پ: وکسا. ڪ: وکيا. هت صفحه ٤٤ تي ڏنل پڙهڻي مطابق "ڪنوهار" لکيو ويو آهي. فارسي ايڊيشن ۾ "وکسها" ڏنل آهي. (٥) اصل عبارت: ناسکي و بيکي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جو فرمان.

جڏهين چچ کي معلوم ٿيو ته اگهم ۽ سنڌس پٽ جي الهيءَ ٻروهت سان بيعت هئي، ۽ ان جي جادو، صلاح ۽ مڪاريءَ ڪان تي [اهترو وقت] جنگ قائم رهي ۽ هڪ سال تائين ڊگهي ٿي آهي؛ تڏهن چچ قسم ڪنيو هو ته جيڪڏهن مون هيءَ قلعو فتح ڪيو ته ٻروهت کي پڪڙي، سنڌس کل لاهي، دڳبتن کي ڏينڌس ته نغارن تي لڳائي، ڪٽي ڪٽي، ذرا ذرا ڪن. هن قسم جي خبر ٻروهت کي پهتي ته کلي ڏنائين ۽ چيائين ته: چچ کي ايتري طاقت ڪانهي جو مون کي برباد ڪري سگهي. [خير] جڏهن برهمنا ٻاد جي قلعي تي گهڻو وقت لڙائي ۽ مقابلو ڏيو ۽ گهڻا ماڻهو هلاڪ ۽ برباد ٿيا، تڏهين [قلعي وارن] لڙائي بند ڪري امان گهري ۽ صلح جي آڇ ڪيائون [آخر] مکيه ماڻهن ۽ اگهوانن جي معرفت ٻنهي ترين ۾ صلح ٿيو، ۽ قلعو چچ جي حوالي ڪيائون. چچ اندر اچي چيو ته: جيڪڏهن توهان وڃڻ چاهيو ٿا ته ڀلي وڃو، ڪوبه مخلوق توهان کي روڪي نه سگهندو؛ ۽ جيڪڏهن توهان رهڻ جو فيصلو ڪيو هجي ته [ڀلي] ويٺا رهو. اگهم جي پٽ ۽ سنڌس تابعدارن پنهنجي مٿان چچ جي مهرباني ڏٺي، سو رهي پوڻ پسند ڪيائون. چچ ڪجهه وقت ترسي ٻنهين مزاج معلوم ڪيو [٤٣].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڇچ جو اگهم جي زال سان شادي ڪرڻ، ۽ پنهنجي ڀائٽيي سنڌس پٽ سربند کي ڏيڻ.

پوءِ ڇچ سربند جي ماءُ ڏانهن سانُهو موڪلي سائس شادي ڪئي، ۽ سنڌس پٽ کي گهرائي پنهنجي ڀائٽيي ڌهنسيبي (١) جنهن ڏيءُ ڪيس ڏني، رنگارنگي سرونا ڀرايائين ۽ اتي هڪ سال رهي دل وصول ڪرڻ لاءِ پنهنجا ڪامورا مقرر ڪيائين؛ پڻ آسپاس جي راجائن کي پنهنجو تابع بنايائين.

پوءِ پڇيائين ته اهو جادوگر پروهت ڪٿي آهي ته ڪيس ڏسان. چيائون ته اهو پڳت آهي ۽ پڳتن وٽ هوندو. هو هندستان جي دانائن ۽ ڪنوهار (٢) جي مجاورن سان آهي. پروهتن وٽ سندس وڏي عزت آهي، ۽ هو سندس ڪمال جا قائل آهن. سندس جادو ۽ شعبده جي ڪا حد آهي، جو هڪ دنيا کي تابعدار ۽ زبردست بنايو اٿس. سندس هر قسم جا مقصد طلسم جي زور تي حاصل ٿين ٿا. ڏاهر جي دوستيءَ خاطر ٿورو وقت سربند سان شامل رهيو، ۽ سندس ٽيڪ تي برهمناباد جا سپاهي لڙائيءَ ۾ ثابت قدم رهي مقابلو ڪندا رهيا.

---

(١) اصل عبارت: دهسر (٢) هي پڙهڻي ب م ح س ڪ مطابق آهي ۽ اها ساڳي پڙهڻي هيٺ بن جاين تي قائم رکي وئي آهي. فارسي ايڊيشن ۾ ”نووهار“ ڏنل آهي. (٢). ر: ڪنورهار، ن: ڪنوهار. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جو پروهت وٽ وڃڻ ۽ ڪانئس احوال پڇڻ.

پوءِ چچ سيني هٿيار بند مائهن ۽ محافظن کي سوار ڪري [پاڻ سان وٺي، پروهت کي قتل ڪرڻ لاءِ ٻڌ (جي مندر) ڪنوهار (١) ڏانهن روانو ٿيو. [رستي ۾] هٿيار بندن کي سڏي حڪم ڏنائين ته: جنهن وقت مان هن سان ملاقات ۽ ڳالهيون ڪندي چپ ڪريان ۽ توهان ڏانهن نهاريان ته [هڪدم] ترارون ڪڍي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏجو. پوءِ [چچ] ٻڌ ڪنوهار (٢) ۾ پهچي، هن [پروهت] ڏانهن هليو ته ڪيس ڪرسيءَ تي ويٺل ۽ پنهنجي عبادت ۾ مشغول ڏٺائين: [٤٤]: سندس هٿ ۾ سخت [ڳوهيل] مٽي هئي، جنهن مان بت ناهي مُهر جهڙي هڪ شيءِ انهن بتن تي هڻندو ٿي ويو، جنهنڪري انهن تي ٻڌ جي تصوير چٽجي ٿي پيئي ۽ هو مڪمل ٿي ٿي پيا. تنهن کان پوءِ انهن کي هڪ جاءِ تي رکندو ٿي ويو. چچ سندس مٿان بيٺو رهيو: هن ڏانهس ڪوبه التفات نه ڪيو. هڪ ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ بت پورا ڪري ڪنڌ مٿي ڪيو، چيائين ته: "سيلائج پڳت جو پٽ آيو آهي؟ چيائين: "هائو، اي عبادت گذار پروهت"؛ چيائينس

---

(١) پ ڪ م ر جي پڙهڻي "ڪينهار" آهي، جا "ڪنبهار" (يعني ڪنوهار) جي بگڙيل صورت آهي. سچو لفظ "ٻڌ ڪنوهار" آهي، جنهن مان مراد "ٻڌ ڌرم جو ڪنوهار" آهي. (ن-ب)

(٢) پ ن ب ڪ جي پڙهڻي هن جاءِ تي به "بنده ڪنوهار" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تہ ”ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟“ وراڻيائين تہ: ”تو ۾ عقيدو هو، تنهنڪري توکي ڏسڻ آيو آهيان.“ چيائين تہ: ”[چڱو] اهو.“ چچ هيٺ لٿو، ۽ پروهت، گام جي مٺ پٺاري، چچ کي تنهن تي ويهاري، پڇيو تہ: ”اي چچ! ڪهڙو ڪم اٿيئي؟“ چچ عرض ڪيو تہ: ”آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان جو چوڻ وٺي برهمناباد جي قلعي ۾ وري سوڙي اچين تہ توکان ڪم وٺي، وڏا وڏا ڪم توکي سپارڻيان، جيئن تون سربلند سان هڪ هنڌ رهي، ڪيس صلاح مشورو ڏيندو رهين.“ پروهت چيو تہ: ”مون کي تنهنجي حڪومت جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، ديواني ڪمن جو شوق ڪونہ اٿم، ۽ دنياوي ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان“. چچ چيو تہ: ”[ڀلا] برهمن‌آباد جي، قلعي ۾ ڇو ساڻهون نٿين؟“ چيائين تہ: ”جڏهن لوهاڻي جو (حاڪم) اگهم گذاري ويو ۽ هيءُ ڇوڪرو پيءُ جي جدائي ۾ تنگ دل ٿيڻ لڳو، تڏهن [مجبوراً] کيس صبر جي تلقين ڪندو رهيس، ۽ خدا جي درگاهہ ۾ ٻنهي ترين جي وچ ۾ صلح ۽ موافقت پيدا ٿيڻ جي دعا ڪندو رهيس. باقي منهنجي لاءِ دنياوي سرداريءَ ۽ سيني ڪمن کان، ٻُڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ آخرت جي نجات گهرڻ بهتر آهي: ۽ تون جنهن صورت ۾ هن ملڪ جو راجا آهين، تنهنڪري تنهنجي فرمان عالي موجب سموري قبيلي سميت قلعي جي پير ۾ لڏي هلڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڊپ اٿم تہ قلعي وارا ٻُڌ [مندر] جي آباديءَ کي ايذاءُ [٤٥] ۽ نقصان نہ پهچائين. [جو] چچ اڄ وڏي حڪومت جو مالڪ آهي.“ چچ چيو تہ: ”ٻُڌ جي بندگي وڏيڪ سٺي، ۽ هن ڪم جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هميشه تعظيم ڪرڻ تمام چڱي آهي؛ پر جيڪڏهن توکي ڪو ڪم يا عرض هجي ته چؤ ته انهيءَ سعادت جي پوري ڪرڻ ۽ انهيءَ عزت‌افزائي جي سرانجام ڪرڻ تي عمل ڪريان." پروهت چيو ته: "مون کي ته ڪو به دنياوي ڪوبه ڪم ۽ غرض ڪونه آهي. شال ڏڻي توکي آخرت جي ڪمن جي توفيق عطا ڪري". چچ چيو ته: "منهنجو عرض پڻ اهو آهي، جيڪا ته انهيءَ جي ٿي بدلي ۾ نجات ۽ بلند درجا حاصل ٿي سگهندا. حڪم ڪر ته انهيءَ باري ۾ مدد ڪرڻ واجب سمجهي، شريڪ ٿيان." پڇاڙيءَ پروهت ورائيو ته: "جڏهن تنهنجو مقصد رڳو خير جا ڪم ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ وڪ وڌائڻ آهي، تڏهن [پڌر ته] نوو هار جو مندر جو قديمي عبادتگاهه آهي ۽ گهڻي وقت کان زماني جي گردش سبب انهيءَ کي نقصان پهتل آهي، انهيءَ جي [ٽٽين ڀڳين] عمارت ڍهي وئي؛ ۽ پنهنجا مال هن جي اڏاوت تي خرچ ڪر. تون اسان جي امداد هن طريقي سان ڪري سگهين ٿو." [تنهن تي] چچ چيو ته: "شڪر گذار آهيان."

چچ جو برهمڻ آباد ڏانهن موٽي وڃڻ.

پوءِ چچ اتان سوار ٿي موٽي ويو. وزير عرض ڪيو ته: "راجا! هڪ عجيب واقعو ڏٺم." چيائين: "ڇا ڏٺئي؟" چيائين: "جيڪا ته راجا کي پروهت جي ڪهڻ لاءِ جلادن کي حڪم ڏيڻ جو پڪو ارادو هو، پر سندس سامهون ٿيڻ تي ڪيئن راضي ڪرڻ ۾ لڳي ويا، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سندس عرض قبول فرمايو؟"چچ فرمائيو ته، هائو! مون اهڙي شيءِ ڏٺي جنهن ۾ ڪوبه جادو [46] ۽ شعبدو ڪونه هو. [غور سان] ڏٺم ته مون کي ڪي [خاص] نشان [پيش] ڏسڻ ۾ آيا. جڏهن سندس آڏو ٿيس، تڏهن هڪ ڀيانڪ ۽ خطرناڪ صورت سندس سرتي بيٺل ڏٺم. هن جون اکيون باهه جهڙيون ۽ ڪاوڙيل، چپ ڏڪيا ۽ ٽلها ۽ ڏند نيزن جهڙا هئا. سندس هٿ ۾ الماس جهڙيون لٽيون هيون ۽ ائين پئي پانهنجي تن کي هلندو. انهيءَ کي ڏسي بڇي وياس: طاقت نه ٿي ٿيم ته سائس اهڙو ڳالهايان جو توهان ٻڌو. مون کي اچي پنهنجي سر جي لڳي، [سو] ڪيس رعايتون ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيس."

چچ جو برهمناباد ۾ منزل ڪري، اتي جي رهاڪن تي ڍل مقرر ڪرڻ.

پوءِ چچ برهمناباد جي قلعي ۾ ترسي، ملڪ جي ڪاروبار ۽ آمدني ۽ رعيت جي آرام جا ذريعا درست ڪيا: ۽ لوهاڻي جي جتن (۱) کي ذليل ڪري، انهن جي اڳوان کي سزا

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "جتان ولوهانه" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. پ جي پڙهڻي جتان لوهانه" يعني "(برڪتي) لوهاڻي جا جت" جا زياده قرين قياس آهي ۽ انهيءَ کي ئي قائم رکيو ويو آهي. صفحه ۲۱۴ تي به عبارت صاف طور "جتان لوهانه" آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏيئي، ڪائٽن ضمانت ورتي، قلعي ۾ بند ڪري مٿن هيٺيان شرط پڪا ڪيائين ته: سواءِ ڪن خاص حالتن جي ترار نه ڪڻندا، مخمل ۽ ريشم جا ڪپڙا نه پهريندا، سندن مٿين چادر ڪٽي سوٽي به هجي، پر سندن هيٺين چانر [ضرور] اوني ڪاري يا ڳاڙهي رنگ جي هوندي، گهوڙي تي هنو نه رکندا، مٿو ۽ پير اگهاڙا رکندا، گهر کان ٻاهر نڪرندا ته ڪتا پاڻ سان کڻندا، برهمڻاباد جي گورنر جي ٻورچيخاني لاءِ ڪاٺيون پهچائيندا رهندا، رهبر خواه جاسوسيءَ لاءِ پڻ انهن کي موڪليو ويندو، جڏهن هو پاڻ ۾ اهي خاصيتون پيدا ڪندا، تڏهن اسان کي سندن سچائي تي ڀروسو ۽ اعتماد ٿيندو: [پوءِ ته] اڳهن جي ٻٽ سربند سان موافق ۽ سچا رهندا، ۽ جيڪڏهن ڪو دشمن لڙائيءَ لاءِ [٣٧] هن ملڪ ڏانهن رخ رکندو ته مدد ڪرڻ پاڻ تي لازمي سمجهي، اهڙو انتظار ڪندا.

پوءِ سڀ ڪم پورا ڪري، ملڪ کي ٺيڪ ڪيائين، ۽ جنهن به مخالف سرڪشي ٿي ڪئي، تنهن کان ضمانت ورتي، ڪيس قابو ٿي ڪيائين، ۽ [ڪيس سزا ڏيئي] سندس مثال تي قائم ڪيائين، جنهنڪري سڀ ڪاروبار ٺيڪ ٿي ويو.

راجا چچ جو ڪرمان وڃي مڪران جي حد ظاهر ڪرڻ.

ضروري ڪمن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، چچ جي دل ۾ ڪرمان جي سرحد جو خيال غالب پيو، انهيءَ لاءِ ته هيءَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻانسو هندستان جي بادشاهن سان ڳنڍيل آهي، تنهنڪري اها ظاهر ٿيڻ گهرجي. انهيءَ وقت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت کي ٻه سال گذري چڪا هئا. ايران جي بادشاهه ڪِسرىٰ بن هُرمُز جي مرڻ کان پوءِ ملڪ دربدر ٿي چڪو هو، چاڪاڻ تہ بادشاهيءَ جو ڪاروبار هڪ عورت جي هٿ ۾ اچي ويو هو؛ سو چچ کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن وڏي تياريءَ سان ڪرمان ڏانهن رخ ڪيائين، ۽ نجومين جيڪو وقت ڪڍي ڏنو، انهيءَ وقت آزمايل ۽ رواني ٿيو. اهو هند ۽ سند جي شمني [يعني پروهت] جي هٿ ۾ هو، جو هندستان جي راجا راءِ سيهرس جي گورنرن جي اولاد مان هو، جنهن کي سچائيءَ ۽ خصوصيت جي مدنظر مقرر ڪيو ويو هو. اهو [ساڳيو پروهت] زماني جي ڦيرگهير ڪري مخالف ٿي پيو هو ۽ خدمت کان سرڪشي ڪئي هئائين. [اهو پروهت] چچ جي استقبال تي آيو، ۽ جڏهن ڪيس [چچ کي] سندس وعدي ۽ دل جي سچائيءَ تي اطمينان ٿيو ۽ [هڪٻئي جي] دوستيءَ ۽ محبت ٻنهي جي دل ۾ قرار ورتو، تڏهن [چچ] اتان مڪران جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ ڏنائين تہ هرڪ ماڻهو فرمانبرداريءَ کان پاسو ڪري رهيو هو. نيٺ [٤٨] مڪران جي لڪ ۽ جبل (١) کان ٻاهر نڪري، وچين شهرن ۾ پهتو، اتي پنجپور (٢) نالي هڪ پراڻو قلعو هو؛ سندس حڪم سان

---

(١) اصل عبارت: عَقبه مڪرانْ و ڪوه (٢) اصل عبارت سڀني نسخن ۾ "ڪنزبور" يا ان لفظ جي ڪا بگڙيل صورتخطي آهي ڪيل اصلاح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ٣٤٠ (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهيءَ کي نشين سر ناهيان، ۽ اتي شام ۽ باک فتح جي شروعات وقت هندن جي پنجتوري يعني پنجن سازن واري نوبت جي رسم مطابق نوبت مقرر ڪيائين. [پوءِ] انهيءَ طرف جي ميني واهڻن کي گڏ ڪري، عمارت جي پوري ڪرڻ جو حڪم ڏيئي، اتان منزل ڪئي، ڪرمان پهتو، ۽ اچي انهيءَ نهر تي لٿو، جا مڪران ۽ ڪرمان جي وچ تي آهي. [اتي پهچي] اپرندي جي حد ظاهر ڪيائين، ۽ نهر جي ڪناري تي کجين جو هڪ وڏو جهڳٽو لڳرائي، [اعلان ڪيائين] ته مڪران ۽ ڪرمان جي وچ جي حد هي کجين جا وڻ آهن؛ ۽ اتي نشان ڪري ڇڏيائين ته هيءَ اها حد آهي، جا چچ بن سيلائج بن بساس سنڌ جي راجا جي وقت ۾ هئي. اها ساڳي حد اسان جي هن وقت تائين قائم آهي (١).

چچ بن سيلائج جو ارمابيل وڃڻ ۽ انهي تي ڏيل مقرر ڪرڻ.

[چچ] پوءِ اتان ارمابيل ڏانهن موٽي آيو، ۽ توران جي ملڪ منجهان [ٿيندو اچي] پوراليءَ [ندي] (٢)

---

(١) اصل عبارت: "و امروز همان حد بما رسيده". ظاهر آهي ته اهي لفظ مترجم جا آهن ۽ سندس اشارو مڪران ۽ ڪرمان جي انهيءَ سرحد ڏانهن آهي، جا ناصرالدين قباچه جي وقت ۾ قائم هئي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن غلطنامه ص ٢٩٠ مطابق صحيح پڙهڻي "بردست بوراني" هئڻ گهرجي. ن جي پڙهڻي "بردست تورانئي" آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان "بردشت تورانئي" به قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وٽان ستي چڙھيو، ۽ ڪنهن به ماڻس لڙائيءَ ڪانه ڪئي؛ نيٺ قنديل (يعني قندار) جي علائقي ۾ پهتو. انهيءَ بيابان جي ماٿريءَ کان ”حصار“ طرف رخ رکيائين، جتي ماٿهو قلعي ۾ بند ٿي ويٺا هوءَ هو سيبي (١) جي نهر جي ڪناري تي پهچي، لهي ويهي رهيو: تان جو ماڻهو تنگ ٿيا، ۽ پاڻ تي هڪ سؤ جابلو گهوڙا ۽ لک درهم [٤٩] ساليانو ڍل مقرر ڪيائون. هڪ سال جو مال ڪاڻن پيشگي وصول ڪيائين ۽ مثال قائم ڪري، اروڙ جي تختگاهه ڏانهن موٽي ويو، ۽ [تيستائين اتي رهيو] جيستائين ساهه ڪان موڪلائي، جنهن ڏانهن روانو ٿيو. سندس حڪومت جو عرصو چاليهه سال رهيو.

اروڙ جي تختگاهه ۾ چندر بن سيلائج جو ويهڻ

چچ بن سيلائج جي مرڻ کان پوءِ، سندس ڀاءُ چندر، اروڙ جي تختگاهه ۾ [گاديءَ تي] ويٺو، ۽ ڀڪشن ۽ پروهتن جي ڌرم کي نيڪ ڏيئي زور وٺايائين؛ ۽ تبليغ (٢) ڪيائين، ۽ پنهنجي دين ڏانهن رجوع ٿيو، ۽ هندستان جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جاري ڪيائين (٣).

---

(١) م: سيبي، ن: سيني، ب س: سعني، ڪ: رسنيس. (٢) ن مطابق پڙهڻي ”تبليغ“ آهي. فارسي ايڊيشن جي عبارت هن طرح آهي ”وتيغ بسيار فراهم آورد“ (٣) اصل عبارت: ”و مڪتوبات و مراسلات از ملوڪ هند باز گرفت“ جنهن جي معنيٰ مقصد جي لحاظ سان ڪئي وئي آهي. لفظي معنيٰ ٿيندي: ”هندستان جي بادشاهن کان خط پٽ واپس ورتائين“. ممڪن آهي ته ”ڪيل عهدناما واپس ورتائين“؛ (نبي)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سيوستان جي بادشاهه متي جو وڃڻ

[اهو حال ڏسي،] سيوستان جو راجا متو، ڪنوج جي راجا ڏانهن ويو، انهيءَ وقت ۾ هندستان جو بادشاهه باراڻسي هو، ۽ ڪنوج، سيهرس ٻن راسل جي حڪم هيٺ هو؛ متي، هن جي خدمت ۾ پهچي، ظاهر ڪيو ته ڇچ ٻن سيلائج مري ويو، هاڻي هن جو ڀاءُ چندر راهب تخت تي ويٺو آهي، جو هڪ ڀڳت ماڻهو آهي، ۽ سارو ڏينهن ڀڳتن سان مندر ۾ پنهنجي علم پڙهڻ ۾ مشغول رهي ٿو، ڪانئس بادشاهي ڦري وٺڻ آسان آهي: جيڪڏهن بادشاهه اهو ملڪ فتح ڪري، منهنجي حوالي ڪندو ته مان انهيءَ طرف جي عوض ٻاڻ تي ڍل مقرر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، جا راجا جي خزاني ۾ پهچائيندو رهندس [٥٠].

سيهرس جي طرفان هن ڳالهه جو جواب.

جنهن تي سيهرس، متي کي چيو ته: ڇچ هڪ وڏو بادشاهه ۽ ڪشادي ملڪ جو مالڪ هو. سندس مري وڃڻ کان پوءِ، جڏهن اها بادشاهي وني پنهنجي حڪم هيٺ آڻيندس، تڏهن اسان جي ملڪ جي ڏاڍي مشهوري وڌندي، ۽ توکي ٻه انهيءَ جي هڪ حصي تي مقرر ڪندس. [آئين چئي] سيهرس پنهنجي ڀاءُ ٻرهاس بن ڪساٽس کي روانو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو. وڏي ڇچ (١) جو ڏهنُو (٢)، جيڪو ڪشمير ۾ رسل جو راجا هو، تنهن سندس بيعت ڪئي، [جنهن ڪان پوءِ بيٺي] پنهنجو لشڪر وٺي روانا ٿيا، ۽ هاسي نديءَ وٽ پهچي منزل ڪيائون. ديوهنوپور (٣) قلعي ۾ جيڪي چندر جا ڪامورا رهندا هئا، سي لڪي ويا. [انهن حي جاين تي پنهنجا ماڻهو] مقرر ڪري، اڳتي روانا ٿيا. نيٺ اچي بند ڪاهويه وٽ پهتا. [اتي] هڪ مهينو ترسي، ٻيڙا جي پوڇا ڪيائون. [هوڏانهن] چندر بن سيلائج ڏانهن ماڻهو ۽ خط موڪليائون ته اچي فرمانبرداريءَ جا شرط پورا ڪري ۽ امان گهري. چندر هن ڳالهه کان انڪار ڪيو، ۽ قلعي بند ٿي، لڙائيءَ جي تياري ڪرڻ لڳو ۽ ڏهرسيند بن ڇچ کي برهمناباد موڪليائين، آتان جي لوهاڻي جي ماڻهن ۽ لوهاڻن اچي خدمت ۾ سٿو ٽيڪيو. پاڻ ڏاهر بن ڇچ سان گڏ اروڙ جي قلعي ۾ استقلال سان ساهون ٿيو. سيهرس جي لشڪر گهڻو وقت گهيرو ڪرائي لڙائي ڪئي، پر هو لڙائيءَ ۾ قلعي وارن سان پڄي نه سگهيو، تڏهن صلح جو در کڙڪايائين، ۽ ڪنهن اٽڪل سان ڏاهر کي ٻاهر آڻي، قيد ڪرڻ چاهيائين، ۽ [پانيائين ته هو] ڪيس هٿ ڪندو يا

---

(١) هتان معلوم ٿو ٿئي ته هن ڇچ کان اڳ ڪو ٻيو ڇچ به هندستان جو راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڏانهن هت اشارو ڪيو ويو آهي. (مترجم) (٢) هن جو نالو به راسل هو، جيئن ص ٥٢ مان ظاهر آهي. (مترجم) (٣) اصل فارسي متن ۾: ديو دهنوز. (وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ٥١)

قتل ڪندو تہ پوءِ قلعو سندس هٿ اچي ويندو ۽ بادشاهي [پڻ] ضابطي هيٺ ايندي [51].

سيهرس جو ڏاهر بن چچ ڏانهن قاصد موڪلڻ.

پوءِ راسل ۽ برهاس قاصد موڪليو تہ: اسان کي سوتي وڃڻ جو ارادو آهي، تنهنڪري توهان سان مضبوط عهدنامو ڪرڻ گهرون ٿا، جيئن هيءُ ملڪ توهان سان قائم رهي، ۽ ملاقات کان پوءِ ڏاهر کي نهايت عزت سان واپس ڪنداسون. ڏاهر مشهور معروف ٺڪرن سان پنج سؤ هٿيار ٻڌل چونڊ بهادر ساڻ وٺي، ٽرين جي وچ ۾ مضبوط عهدنامو ۽ صلح پڪي ڪرڻ لاءِ نڪتو. [ٻاهر نڪري] پنهنجن سيني خاص ماڻهن کي چيائين تہ: اسان جو ڀروسو توهان جي بهادريءَ ۽ هوشياريءَ تي آهي، ۽ سيني جي دلين کي ٿيڪ ڏيئي، چڱن وعدن سان همت ڏياريائين، ۽ هلندا وڃي راسل جي سراءِ جي در تي بيٺا. راسل کين در تي روڪڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پنهنجي هڪ وزير کي سڏي چيائين تہ: هيٺ لهي وڃي [ڏاهر جي] سپاهين کي چؤ تہ توهان جون ترارون جوهردار آهن، تنهنڪري هٿيار مٿي موڪليو تہ توهان جي ترارين مان هڪ چونڊي پاڻ وٽ نشاني ڪري رکون: پوءِ جڏهن سڀ هٿيار ڏيئي چڪن، تڏهن سيني کي قيد ڪريو، ۽ ٻيءَ صورت ۾ ڪهي ڇڏيون. وزير هن بهاني سان هيٺ آيو ۽ هڪ ونگ جي هيٺان اچي بيٺو، ۽ جيئن هٿن کان هٿيار وٺڻ گهريائين، تيئن اوچتو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ونگ هيٺ ڪيري ڇڏي ۽ وزير ونگ هيٺ رهجي ويو. [اهو حال ڏسي] راجا راسل پاڻ هيٺ لهي آيو، ۽ سيني کي سڏي هر هڪ کان هٿيار وٺي، ڏسي، سندن اکيون اڇلائيندو ويو، ۽ تيستائين اچي ڏاهر بن چچ وٽ پهتو. ڏاهر کي چيائين ته: پنهنجي ترار مون کي ڏيکار. ڏاهر ورائيو ته اي بادشاهه، هيءُ خنجر منهنجي پاءُ جو آهي، جو پاڻ کان [۵۲] جدا نه ڪندس: [جيڪڏهن ڏسڻو اٿئي ته] منهنجي هٿ ۾ چڱيءَ طرح ڏس. جڏهن ڏاهر جي ويجهو پهتو ته ڏاهر جي طرفان هڪ بهادر اڳتي وڌي چيو ته: اي بادشاهه هنن سڀني ترارين کان منهنجو خنجر سٺو آهي. راسل جيئن هن کان ترار وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته بهادر، مست شينهن وانگيان، ٽپو ڏيئي، راسل جي ڏاڙهيءَ مان وٺي، ڪڍي ڪيس زمين تي دسيو، ۽ سندس سيني تي ويهي چيائين ته: چاهين ٿو ته توکي فنا ڪريان؟ [ايتري ۾] ڏاهر ۽ لشڪر ٻيا تراريون ڪڍي چوڌاري ڦري آيا. راسل لاچار ٿي چيو ته: [آخر] توهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟ سان توهان سان پڪو عهدنامو ڪريان ٿو جو سچو هوندو، ۽ مخالفت نه ٿيندي. ڏاهر چيو ته: اسان کي معلوم ٿي چڪو ته توکي اسان سان ٺڳي ڪرڻ جو خيال هو، تنهنڪري اسان کي تنهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪونهي: ٺڳيءَ ۽ بد اعتقادي جي سزا ڀوڳيائين تنهنجي وزير کي ملي، جو ونگ هيٺان دٻجي هلاڪ ٿيو، [پوءِ] وري تون اسان جي هٿان گرفتار ٿيو آهين: هاڻي ضمانت ڏي ته ديوهه پور جو قلعو ۽ جيڪا اسان جي ضمانت تو وٽ آهي، سا واپس ڪندين، تنهن کان پوءِ تنهنجي ضمانت واپس ڪنداسون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راسل ۽ پنهنجا ضامن اروڙ موڪليا، جن مان پنج چڱا مشهور اڳواڻ اروڙ جي قلعي ۾ جهليائون، تنهن کان پوءِ انجام وٺي ڪيس ڇڏيائون. ڏاهر انهن [راسل جي ضامن] کي پنج سؤ بهادرن سان برهمڻاباد موڪليو. راسل، ڏاهر جا اعتماد جوڳا ماڻهو پاڻ سان وٺي ويو، ۽ وچي قلعو سندن حوالي ڪيائين، ۽ جيڪي ماڻهو وٽس رهيل هئا، تن کي پڻ آزاد ڪيائين. جڏهن قلعي مان معتمدن جو خط ڏاهر کي پهتو، تڏهن راسل جي ضامن کي باعزت واپس موڪليائين، ۽ سندس وچ ۾ صلح ۽ موافقت ٿي.

چندر جو چچ بن سيلائج جي گاديءَ تي ويهڻ.

پوءِ بادشاهي چندر جي حوالي ٿي. رعيت سندس همدردي ڪرڻ ڪري آرام سان گذارڻ لڳي، ۽ بادشاهيءَ جو ڪاروبار ٺيڪ ٿيو. چندر جي بادشاهي ست سال هلي، ۽ اٺين سال [٥٣] ۾ مري ويو. [سندس مرڻ کان پوءِ] ڏاهر، اروڙ جي تخت تي ويٺو، ۽ چندر جو پٽ راج برهمڻاباد ۾ جانشين ٿيو. راج جي بادشاهي، هڪ سال کان وڌيڪ نه هلي. ڪانئس پوءِ ڏاهرسينهه بن چچ برهمڻاباد کي قبضي ۾ آندو، ۽ سندس پيءُ هائين ۾ سانس نهراءِ ڪري، سندس بيعت ڪئي. پوءِ ڏهرسينهه، اڳهر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، ۽ پنج سال اتي رهيو، ۽ چوطرف پروانا موڪليائين، جنهن تي سڀني فرمانبرداري ڪئي. [هن کان پوءِ ڏهرسينهه وچي ڪجهه وقت راوڙ (١) جي قلعي ۾ رهيو،

---

(١) اصل صورتخطي: راوڙ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنهن جو بنياد ڇچ رکيو هو ۽ پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ٺپي مري ويو هو. انهيءَ [قلعي] جي عمارت پوري ڪري، آسپاس جي واهڻن کي سڏي، [سنجهاڻن] ڏسٽا وانسٽا ماڻهو انهيءَ [قلعي] ۾ رهاياٿن. آباد ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ جو نالو راوڙ رکي، پاڻ برهمناباد جي قلعي ۾ موٽي آيو، ۽ بادشاهي جا ڪم ٺيڪ هلندا رهيا.

[ڏهرسينه جو پنهنجي] پيءُ کي پاٽيا جي راءِ جي حوالي ڪرڻ لاءِ اروڙ موڪلڻ.

[ٿوري وقت کان] پوءِ، ڏهرسينه کي خبر پيئي ته سندس پيڻ بالغ ٿي آهي، جنهنڪري ڪيس ڳهٽيءَ ورتو ته ماڻهن وڏي ٿي آهي. هوڏانهن نجومين سندس [ماڻهن جي] ڇٺي ڏسي ٻڌايو ته: سندس ستارو بختاور آهي (١) اهڙا انهيءَ ڳهٽيءَ ۾ هو ته رمل جي راجا سوين راءِ ڀاڏيا، جنا قاصد ان جي سڱ گهرڻ لاءِ اچي پهتا. ڏهرسينه اگرچ وڏو ڀاءُ هو، [پر ٿنڌڻ هوندي به] پيڻ جو ڏاجو شاهاڻو تيار ڪري، سٽ سؤ گهوڙا ۽ پنج سؤ نڪر ماڻهو هن سان گڏ موڪلي، ڏاهر ڏانهن لکيائين ته: ماڻين کي پاٽيا جي راجا جي حوالي

---

(١) اصل متن جي عبارت هن طرح آهي. "و ميلاد اوزا منجمان بر طالع سعد نهادند"، جنهن جو ترجمو ٿيندو، "۽ نجومين سندس جنم بختاور ستاري تي رکي"، پر جنهن صورت ۾ هيءُ ترجمو پنهنجو مطلب ادا ڪرڻ ۾ واضح نه هو، تنهنڪري ڪتاب ۾ آزاد ترجمو ڪري، مطلب واضح ڪيو ويو آهي (مترجم).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري، ۽ راڄ سوڀن جو شرط هيءَ آهي ته سندس مهر ۽ ڏاج ۾ هڪ قلعو سندس حوالي ڪيو ويندو، جنهن جو هو مالڪ رهندو [٥٤].

قاصد اروڙ پهتو، ۽ [ماڻهن جي حوالي ڪرڻ ۾] باقي هڪ مهيني جي مدت وڃي رهي ته [اوچتو] راڄا جي ڪنهن خاص ماڻهوءَ هڪ ڏينهوڻي هندستان جي هڪ حڪيم کان، جنهن کي علم نجوم ۾ ڪامل مهارت هئي، ڪو سوال پڇيو، جنهن متعلق هن جو ڪيهل جواب پورو نڪتو. اهو ماڻهو راڄا ڏاهر وٽ آيو ته راڄا کانئس پڇيو: ”نڪر اڄ ڪهڙي مهم ۾ مشغول هو، جو دير سان آيو آهي: ڇا اهو ڪم اسان جي خدمت کان به مقدم ٿي ويو؟“ نڪر چيو ته: ”راڄا سلامت رهي! مون کي هڪ ضروري ڪم پيش آيو هو، جنهنڪري منهنجي دل پريشان ۽ متفڪر ٿي پيئي هئي. برهمڻ سان هڪ نجومي آهي، جو عالم ۽ علم نجوم جو ڄاڻو آهي. حڪمي نتيجو پڌائيندو آهي، ۽ سندس دليل تجربي سان ٺهڪي اچن ٿا.“ [مطلب ته حقيقت] کولي بيان ڪيائين، ۽ جيئن صحيح هو، تيئن تيئن ٻڌايائين. جنهن تي ڏاهر فرمايو ته: ”اسان جي سفر، حضر، بادشاهيءَ جي رونق، ۽ حڪومت جي انتظام متعلق انهيءَ کان وڃي پڇا ڪر.“ هن ماڻهو اٿي عرض ڪيو ته: ”راڄا سلامت رهي! ڪاميابيءَ جي وقت راڄائن کي حڪيمن سان صحبت ڪرڻ، ۽ عالمن، اديبن ۽ برهمڻن سان سنگت رکڻ کان عار نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هو اسان جا امام آهن. سندن خدمت ۾ وڃڻ ۽ سندن تعظيم بجا آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لازمي ڄاڻڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهرجي، جاڪاڻ ته انهن جو رضامندو عزت ۽ مرتبي جو واڌارو ۽ بلنديءَ ۽ حشمت لاءِ دوام آهي؛ تنهن ڪان سواءِ فال اها چڱي جيڪا واقعي جو صاحب پاڻ روبرو حاضر ٿي [معلوم ڪري]، ۽ نجومي جواب ڏين."

ڏاهر جو پنهنجي بابت حڪم پڇڻ لاءِ نجومين وٽ وڃڻ.

ڏاهر کي هيءَ تقرير پسند آئي. هاڻي ته پالڪيءَ پڌن جو حڪم ڪيائين، ۽ پاڻ [ان پر] وڃي نجومين جي اوطاق تي پهتو. نجومين راجا [٥٥] کي ڏسي، استقبال ڪيو ۽ چيو ته: "راجا سلامت رهي! ڪهڙي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي؟ ڏاهر ورائيو ته: "اسان جو لشڪر جي مصلحت متعلق سوال آهي، جنهن لاءِ آيا آهيون، پر ملڪ جي ڀلائيءَ، بادشاهيءَ جي قاعدي قانون ۽ دين سيني ضروري ڪمن لاءِ حساب ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪمن جا نتيجا اسان کي روشن ٿي سگهن ته نتيجو ڇا ٿيندو؟" نجومين چيو ته: "سڀ ڀختاور ستارا تنهنجي طالع ڏانهن ڏسندڙ آهن، ۽ تربيع (١) خواه مقابلي جي مدنظر ڪوبه نحس [ستارو] ناموافق ڪونهي. هي قلعو ۽ بادشاهي گهڻن سالن تائين تو لاءِ مقرر ۽ مضبوط آهي، ۽ جيڪڏهن راجا لاءِ سفر جو اتفاق ٿيندو ته به مبارڪ ۽ بخت وارو ٿيندو، ۽ پنهنجي

---

(١) تربيع، علوم نجوم جو اصطلاحي لفظ آهي، جنهن جو مطلب هوندو آهي ته: چار ستارا هڪ چوڪنڊي جي صورت ۾ بيٺل هجن ۽ هڪٻئي ڏانهن نهاريندڙ هجن. (مترجم).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عزت ۽ بزرگيءَ واري مسند ڏانهن سلامت موٽي ايندو.“ پوءِ چيائين ته: ”اسان جي پيءُ ماءُ جو طالع ڪيئن آهي؟“

نجوميءَ جو ارشاد.

نجوميءَ چيو ته: ”حساب جو زائچو ائين ٿو ڏيکاري ته هيءَ اروڙ جي قلعي کان ٻاهر نه وينديءَ، ۽ سندس سڱ اهو راجا گهرندو، جنهن جي هٿ ۾ حڪم هيٺ هندستان جي بادشاهي هوندي، ۽ هيءَ ڇوڪري انهيءَ جي نڪاح ۾ ايندي.“

نجومي جڏهين ڪيس هيءَ حقيقت کولي ٻڌائي، تڏهن ڏاهر ويچار ۾ پئجي ويو ته اهو ڪير ٿيندو. گهر موٽي اچي پنهنجي ڀيءُ جي وزير ٻڌيمن کي هيءَ حقيقت کولي ٻڌايائين.

ٻڌيمن وزير جي راجا ڏاهر کي صلاح ڏيڻ.

وزير چيو ته: ”بادشاهيءَ جو ڪم نهايت نازڪ آهي، ۽ مختلف ملڪن، حدن، لشڪر ۽ نوڪرن چاڪرن جو شهنشاهه لاءِ پنهنجي ملڪ سان ناتا ٽوڙڻ تمام ڏکيو ڪم آهي: (مثال) [٥٦] ڏاهان ته پنج شيون پنهنجي جاءِ ڇڏي سرسبز نه رهنديون آهن: ١- بادشاهيءَ کان بادشاهه؛ ٢- وزارت کان وزير؛ ٣- عمل کان عالم؛ ٤- وار ۽ ڏند. ٥- عورت جو آرهه؛ [هي شيون] جڏهن پنهنجي جاءِ کان هٽي وينديون ته سهڻيون نه لڳنديون. بادشاهه، بادشاهيءَ خاطر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پاڻن ۽ عزيزن جو ساھ وٺندا آھن، نہ تہ ٻہ ملڪ ڪان اوس ٻاھر ڪڍي ڇڏيندا آھن، ۽ پنھنجي مقربن ۽ تعلقدارن جي پڻ ملڪ ۾ ٻاڏواري يا مداخلت روا نہ رکندا آھن. بادشاھ جڏھين بادشاھي کان گوشو ڪندو تہ ٻيءَ عام ماڻھن جي برابر آھي. [ھاڻي] جڏھن نجوميءَ اھو حڪم ڪيو آھي، تڏھن پيڻ کي نڪاح ۾ آڻي، زال بڻائي، پاڻ سان گڏ تخت تي وھارڻ گھرجي. اگرچ سندس صحبت کان پاسو ڪندو رھندين، تاھم [مٿس] زال جو نالو ھوندو ۽ تنھنجي بادشاھي تو وٽ رھندي."

راجا ڏاھر انھن پنج سؤ اڪرن کي گھرايو، جيڪي سندس خاص ماڻھو ۽ معتقد ھئا، ۽ چيو تہ: "ھر حال ۾ منھنجو ڀروسو ۽ اعتقاد توھان جي سمجھداريءَ ۽ بھادريءَ تي آھي. [توھان جي] صلاح ۽ نصيحت [کان سواءِ] ڪو چارو نہ آھي، ۽ ساري ملڪ ۾ منھنجو فرمان توھان جي تيڪ تي جاري آھي. ھينئر نجومين ھن طرح نتيجو ڪڍيو آھي تہ مسماۃ ماييءَ ھن قلعي کان ٻئي پاسي نہ ويندي، ۽ سندس مڙس اھو ٿيندو، جنھن جي ھٿ ۾ ھن بادشاھيءَ جو اڪثر حصو رھندو. سو ڪان بادشاھي وڃڻ نہ گھرجي؛ انھيءَ لاءِ ويچار ڪرڻ گھرجي. بادشاھيءَ کان تعلق ڇنڻ ڏکي ڳالھ آھي. ٻڌيمن وزير ھڪ صلاح رٿي آھي، [پر] اھا وڏي شرم جھڙي، اڻٽڙندڙ [٥٧] ۽ برھمڻ جي خاندان لاءِ بدنامي آھي، ۽ ھيءَ خراب ڳالھ، وقت جي بادشاھن جي ڪن پوندي، ۽ عام ماڻھن جي واتن تي ايندي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تڏهن هو اسان کي پنهنجي نيات سان ڪڏهن ڇڏيندا، جنهن ڪري اسان جي طريقي ۾ خلل پيدا ٿيندو.“

ٻڌيمن وزير جو طلسم.

ٻڌيمن وزير گهر وڃي، هڪ گهيٽو آڻي، ان جي پشم ۾ واري ۽ آهر ڇنڻي، مٿانس ٻانڌي ڇنڪاڻ شروع ڪيو ۽ اٺ پهر [گهر ۾] رکيائينس، جيستائين ٿلهو ٿيو، پوءِ ٻاهر هڪلي ڇڏيائينس. ننڍا، وڏا، شهري خواهه واهڻي ماڻهن جا انبوهه انهيءَ ڏانهن تعجب سان ڏسڻ لڳا، جيستائين جو هن ڳالهه کي ٽي ڏينهن گذريا، تنهن کان پوءِ اهو گهيٽو سڄي شهر ۾ ڦرندو رهيو، پر ڪنهن به ان ڏانهن ڌيان واجهايو، ۽ اها ڳالهه وساري ڇڏيائون. وزير چيو ته: ”اي بادشاهه! جيڪا به چڱي يا بڇڙي ڳالهه ٿيندي آهي ته ٽي ڏينهن ماڻهن جي واتن ۾ رهندي آهي، تنهن کان پوءِ ڪوبه ان جي نيڪيءَ يا بديءَ کي ياد نه ڪندو آهي، تون ڪنهن به صورت ۾ بادشاهيءَ کان تعلق توڙڻ وارو نه آهين، ۽ پنهنجي دل ۾ اهو فيصلو ڪيو اٿيئي. هيءَ جماعت تنهنجي حڪم کان ٻاهر وڃڻ واري نه آهي. [تنهنڪري اهو ڪم] ڪرڻ گهرجي.“ پوءِ ڏاهر انهن پنج سؤ نڪرن کان رايو پڇيو، جن جي قول تي هميشه اعتماد ڪندو هو، ۽ جن جي بهادريءَ ۽ ڏاهپ تي اعتماد رکندو هو، ۽ هو پڻ سندس حڪم جا گرويدا رهندا هئا، ۽ سندس سڀني قولن ۽ فعلن سان متفق هوندا هئا. سڀني اتفاق ڪيو ته راجا جو حڪم اسان جي جان تي جاري آهي، ۽ انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نہ آهي تہ بادشاهن جي طراوت بادشاهيءَ سان آهي، جيڪڏهن هيءَ بادشاهي هلي وڃي تہ پوءِ ڀاءُ جي هٿ اچي يا ڌاريي جي، [ڪوبہ فرق نہ آهي]. جڏهن هن ڳالهہ تي سڀ متفق ٿيا، تڏهن ويو ۽ وڃي پنهنجي پيءُ مٿان چادر وڌائين، ۽ ڪيس منڊي ۽ ٻيا زيور ڀرائي، پنهنجي ترار منڊس پاسي ۾ رکيائين. [تنهن کان پوءِ] ترار سميت ٻاهر نڪتا ۽ هن جي چادر جو پلؤ پنهنجي چادر سان ٻڌي، کيس بادشاهيءَ جي تخت تي [۵۸] پنهنجي پاسي ۾ ڇٽ هيٺان ويهاريائين، ۽ هيءَ ڳالهہ عام خاص ماڻهن جي واتن ۾ پنجي مشهور ٿي.

ڏاهر جو ڏهرسينہ ڏانهن تعظيم سان خط لکي موڪلڻ.

پوءِ ڏاهر پنهنجي ڀاءُ ڏهرسينہ ڏانهن تعظيم سان خط موڪليو، جنهن ۾ ساهن جي ستاري جو احوال داخل ڪيائين تہ: نجومين هن طرح نتيجو ڪڍيو تہ هيءَ ڇوڪري اروڙ جي راڻي ٿيندي ۽ هن جو مڙس راجا ٿيندو، جنهن جي هٿ هيٺ هيءَ ملڪ ايندو. تنهنڪري [سڀني جي] صلاح سان بادشاهيءَ خاطر هيءَ عار اختيار ڪيو اٿم، جنهنڪري معذرت ڪئي وڃي تہ هيءَ مصلحت مجبوريءَ ڪان، نہ خوشيءَ ڪان منظور ڪئي ويئي آهي؛ معاف ڪج.''

ڏاهر جو خط ڏهرسينہ کي پهچڻ.

ڏهرسينہ کي جڏهن هيءَ خط پهتو، تڏهن جواب

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لکيائين ته ”هيءَ ڳالهه بري هئي، ۽ هيءَ ڪم اڻٺندڙ؛ لاچار هو يا اختيار، ڪنهن به حالت ۾ تون معذور نه آهين. جيڪڏهن هيءَ ممنوع ۽ اڻٺندڙ ڪم راجائي لاءِ جائز سمجهيو اٿئي ته جيئن دنيوي بادشاهي تنهنجي قائم رهي [ته به] تو لاءِ ڪو چارو ڪونه هو. پر جيڪڏهن، شيطاني وسواس ڪان هن باب ۾ شروع ٿيو آهين [ته پوءِ ته] توکي [هڪدم] رجوع ڪرڻ، توبه تائب ۽ پشيمان ٿيڻ گهرجي؛ اٿين نه ٿئي جو اسان جي دين کان نڪري وڃين ۽ اسان کي توسان بيعت پڄڻي پوي، ۽ جيڪڏهن هنن نصيحتن سان هن نامعقوليءَ کان باز نه ايندين ته باز پرس جو [٥٩] حقدار ٿيندين، جنهنڪري توکي تڪليف پهچندي، ۽ توکي تنهنجن اڻٺندڙن ڪمن جي جيڪا به سزا ملندي سا پاڻ ڏانهن سمجهج.“

جڏهن ڏهرسينه جو خط ڏاهر کي پهتو ته دل ۾ پاڻ پنهنجي پاءُ ڏهرسينه وٽ وڃڻ جو خيال ڪري، وزير کان صلاح پڇيائين ته: برهمڻاباد وڃان پر تنهنجي نظر ۾ چڱو ڪيئن ٿيندو؟

بڌيمن وزير جو ڏاهر کي روڪڻ.

بڌيمن وزير چيو: ”راجا سلامت رهي! هن خيال ڪرڻ ۾ تو وڏي خطا ڪئي آهي، جنهن جي ڪنهن به پهاني سان تلافي نه ٿيندي، ۽ جنهن جي نتيجي کي جنهن به رستي سان روڪبو ته جان جي هلاڪت جو باعث ٿيندو. جيڪڏهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تون ڀاءُ جي روبرو ٿيندين تہ ٻوءِ ساھہ کان ھٿ ڌوئڻ گھرجي، ۽ جيڪڏھن تون ائين ٿو سمجھين تہ تنھنجو ڀاءُ توسان مخالف نہ ڪندو، تہ ھيءُ ھڪ وڏو محال [خيال] پنھنجي دل ۾ آندو اٿيئي، ڇاڪاڻ تہ ملڪ، زمين ۽ زال جھڙي ڪنہ ۾ ڀائيواري ۽ حصيداري نہ ٿي سگھندي، بلڪ [ان ۾] جان جو خطرو انھيءَ حد تائين آھي، جو ڀيءُ پٽ لاءِ روادار نہ ٿيندو آھي، ۽ نہ پٽ پيءُ تي اعتماد ڪندو آھي، ۽ جيڪڏھن [ھرپرو] ھن ڳالھہ جو توکي پڪو ارادو آھي تہ ٻوءِ حياتي تان ھٿ ڌوئي ڇڏڻ گھرجي؛ مون کي ڪنھن بہ طرح چڱو ڏسڻ ۾ نٿو اچي." ڏاھر چيو تہ: "ٻوءِ اسان جي ڀلائي ڇا ۾ آھي؟" چيائين: "تنھنجي لاءِ چڱي صلاح ھيءُ آھي تہ ڀاءُ جي لِھہ و چڙ ۽ ڳنڍ وبھڻ کان پاسو ڪندو رھج، ۽ سندس ملاقات جو اشتياق نہ رکج، ۽ قلعي بنديءَ کي لازمي سمجھج، ۽ جيڪي بہ نجومي ۽ ٻوپا فرمائين انھيءَ تي عمل ڪندو رھج ۽ انھن جي نصيحت جو تابع رھج، نہ تہ ھن بابت ٻيو ڪوبہ حيلو ڪارگر نہ ٿيندو." ٻوءِ ڏاھر انھيءَ صلاح تي محڪم ٿي بيٺو، [٦٠] ۽ قلعي بندي لازمي سمجھي قلعي بنديءَ جي ضروري سامان جھڙوڪ اناج؛ گاھ ۽ ڪاٺين جو ويچار ڪرڻ لڳو ۽ ذخيرو ڪري رکيائين. [تنھن کان سواءِ ٻيو بہ] جنگي سامان، ھٿيار وغيرہ مھيا ڪري تيار ۽ منتظر ٿي ويٺو.

ڏاھر جو ڏھرسينہ ڏانھن لکيو موڪلڻ.

ٻوءِ ڏھرسينہ ڏانھن تعظيم ۽ تکريم سان ھڪ خط

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لکيائين ”اگرچ مايين کي اسان جي پيءُ ڏانهن نسبت آهي پر [حقيقت ۾] هوءَ جتن جي ڌيءُ آهي (١)، جيڪي اصل ۾ مخالف ۽ جرائم پيشه آهن: خصوصاً جتن جون زالون. جيڪڏهن حقيقت کان واقف ٿيندين ته هو اعتماد ۽ اعتقاد جا لائق نه آهن، ۽ امانت ۽ پرهيزگاريءَ کان پري آهن. هندي پهاڪو مشهور آهي ته ’جيڪو رڇ جي لنگ وٺندو سو ڏهندو، ۽ جيڪو جتڻي زال جي پاڻهن کان وٺندو سو انهيءَ تي چڙهندو.‘ جنهن صورت ۾ هن جو مزاج اجنبي آهي، تنهنڪري ان سان نڪاح جائز هو. هيءَ نصيحت ڇڏي ڏي، جيڪڏهن توکي [اجا ۾] هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ شبهو هجي ته پوءِ مان سخت قسم کڻان ٿو ۽ پڪو انجام ڪيان ٿو ته مان هر حالت ۾ تنهنجو فرمانبردار رهندس، ۽ مان اروڙ جي قلعي ۾ تنهنجي گورنرن مان هڪ گورنر جي بجاءِ آهيان، ۽ توسان مخالفت نه ڪندس ۽ نه وري ڪو مقابلو ڪندس- وڌيڪ ادب.

ڏهرسينه جو ڏاهر کي هٿ ڪرڻ لاءِ اروڙ وڃڻ.

جڏهن ڏاهر جو لکيو سندس پاءُ ڏهرسينه کي پهتو ۽ سمجهيائين ته ڏاهر پاڻ کي هن ڳنڍيءَ سان خوش ڪري اڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ پاءُ جي نصيحت مٿس اثر ڪونه

(١) هي ۾ هڪ عجيب تضاد آهي، خود مصنف، ڪتاب جي شروع ۾ صفحه ٢٥ تي چئي آيو آهي ته چچ کي راڻي سوهڻ‌ديوي مان ۽ پٽ، ڏاهر ۽ ڏهرسينه، ۽ هڪ ڌيءُ مايين نالي ڄائي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو، تڏهن سامان ۽ سواريءَ جي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ [٦١] سوڀارو تارو ڏسي جلدي روانا ٿيا. ڪيترا ڏينهن خطرناڪ بيابان جي رستي ۾ نٿن ۾ هلندو رهيو، ۽ هرهڪ منزل تي ڪـوهيون ڪوٺارائي، پنهنجون مشڪون ۽ ٿانءَ پاڻي سان ڀريل رکندو هو، جيئن لشڪر ڏاول رهي ۽ اڃ نہ مري. اهڙيءَ طرح گهڻا ڏينهن رستي ۾ گذاريائون، ۽ ترسندا ۽ نرمي ڪندا رهيا. [انهن ڪرڻ سان هن] ڏاهر ڪي نگهہ ني چاهيو، ۽ اٽڪل ۽ رٽ سان ڪنهن طرح ڏاهر کي هٿ ڪرڻ [گهربائين ٿي]، جاسوس موڪليندو، رستن ۽ شڪار-گاهن ۾ جاچ ڪرائيندو ٿي رهيو، جيئن هن ڪان ڀڄي نہ وڃي. [هوڏانهن] ڏاهر [اگرچ ظاهر ۾] سارو ڏينهن عيش ۽ خوشيءَ ۾ رهي، پاڻ کي مشغول رکندو رهيو، [پر اندران ٿي اندران] رستن ۽ شڪارگاهن تي جاسوس موڪلي خبر رکندو ٿي آيو، ۽ اعتماد جوڳن ماڻهن ۽ جنگي جرٽن کي پورن هٿيارن سان چوطرف مقرر ڪري، قلعي جي چئني دروازن تي ايماندار ۽ قابل اعتماد چوڪيدار ويهاريا هئائين، تہ جيئن نهايت ڪوشش سان قلعي جي دروازن جي حفاظت ڪن ۽ هر وقت وينا رهن. هوڏانهن ڏهرسينہ گمان ڪندو رهيو تہ شايد ڏاهر پنهنجي ڪئي ڪان پشيمان ٿيو آهي. آخر جڏهن ٿن ڏينهن جي پنڌ تي پهتو، تڏهن سندس جاسوسن سوڻي اچي خبر ڏني تہ ڏاهر بن ڇيچ ۽ سندس لشڪر سارو ڏينهن عيش عشرت ۽ راند روند ۾ مشغول آهن، ۽ ڏهرسينہ جي طرف جو ڪوبہ فڪر ڪرنہ ٿا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڌھرسينه جي ڏاھر کي وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

[ھيءَ خبر ٻڌي،] ڌھرسينه کي لالچ ٿي ته جڏھن ھو غافل آھي، تڏھن شايد ھي قلعو [آسانيءَ سان] ھٿ چڙھي ويندو؛ تنھنڪري ڪوشش ڪري يلغار ڪرڻ شروع ڪيائين، ۽ ھڪ ڏينھن رات ۾ ويھه فرسنگ پنڌ ڪري صبح جي وقت [٦٢] اروڙ پھتو. ڏاھر انھيءَ وقت شڪار تي وڃڻ لاءِ تيار ھو. گھوڙو سندس اڳيان آنداؤن ته، ايتري ۾ اوچتو ھڪ سوار ظاھر ٿيو، جنھن کي سوار آسپاس پڻ وبھاريا ھئا. سوار جي قلعي جي دروازي تي پھچڻ سان قلعي جا دروازا بند ڪياٿون، ۽ ماڻھو ھٿيار ڪٽي ڪنگرن تي چڙھي آيا. ھوڏانھن ڌھرسينه [به] اچي قلعي جي دروازي تي بيٺو، ۽ دربان کي چيائين: ”دروازو کول ته مان اندر اچان.“ مگر قلعي وارن دروازو نه کوليو، ۽ جنگ لاءِ تيار ٿيا. ڌھرسينه ڏاھر ڏانھن ماڻھو موڪلي، پيغام روانو ڪيو ته: ”مان لڙائي ۽ جھڳڙي لاءِ نه آيو آھيان، [پر حقيقت ھي آھي ته] ھيءَ قلعو منھنجي پيءُ جو تختگاھه ھو، ۽ انھيءَ ڪان سون کي [ورثي ۾] مليو آھي، ۽ تو کي منھنجي ھٿان. راجائي منھنجي آھي، ۽ تون منھنجي طرفان ھن جاءِ جو گورنر آھين. ھڪ ملڪ ۾ ٻه چٽ نه ٿيندا آھن. [تنھنڪري تو کي] ھن بادشاھيءَ تان ھٿ کڻي، قلعو منھنجن اعتماد جوڳن ماڻھن جي حوالي ڪرڻ گھرجي.“ ڏاھر ورائيو ته: ”تون ويجھو نه اچ، ۽ وڃي ٻاھر ڪئمپ ڪري، پنھنجا اعتماد جھڙا ماڻھو موڪل ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مون کي ڀروسو ڏني، ۽ ٻاهر نڪري قلعو تنهنجي حوالي ڪريان.“ ڏهرسينه جڏهن ڏٺو ته هو [ڏاهر] مقابلي لاءِ تيار آهي، ۽ هي حيلو ڪارآمد نه ٿيو، سو مهراڻ ٽپي وڃي [ٻئي ڪپ تي] منزل ڪيائين، ۽ ڏاهر جي پڪڙڻ لاءِ سودا ڀڄائيندو ۽ دل ۾ سٽون سٽيندو رهيو. ڀيرپائين ته هن سان صلح ۽ نرمي اختيار ڪري، برادريءَ ۽ قرابت جي رستي تواضع ڪندو رهيو، [انهيءَ خيال کان] ته متان قلعي کان ٻاهر نڪري اچي. ٻئي پاسي اروڙ جي مڪيه ۽ وڏن مائهن ڏانهن ماڻهو موڪليندو رهيو ته متان [انهن جي ذريعي] سندس بيعت ڪري؛ [پر ڪي به] حاصل نه ٿيو.

ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ.

پوءِ ڏاهر، بُديمن وزير کي گهرائي چيو ته: ”ڏهرسينه خط و ڪتابت ۾ هيڏي [٦٣] نرمي ۽ نوڙت بجا ٿو آڻي، تنهنڪري منهنجو عقل تقاضا ٿو ڪري ته ٻاهر نڪري پنهنجي بزرگ ڀاءُ جو رضامندو حاصل ڪريان، ۽ پاڻيان ٿو ته هو مون سان ٺڳي نه ڪندو.“ بُديمن وزير چيو: ”اي راجا! هن قول تي اعتماد نه ڪرڻ گهرجي، ۽ هن ٺڳيءَ ۽ مڪر تي ٺڳجي، سندس چوڻ قبول نه ڪر. چاڪاڻ ته بادشاهن کي گهڻيون ئي رٿون هونديون آهن، ۽ اقرار ۽ قسم ته سندن ٺڳيءَ جا دام آهن. هو صلح ۽ اٽڪل سان دشمن کي دام ۾ ڦاسائيندا آهن، ۽ پنهنجي مطلب بر صواب ٿيڻ لاءِ قسمين قسمين تواضع سان سخن چوندا آهن،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بادشاهي آداب ۾ ته دشمن کي مڪر ۽ حيلي سان هٿ ڪري سگهجي ٿو، رڳو [انهيءَ تي] عمل ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪو مصيبت جي دام ۾ گرفتار ٿيندو ته پوءِ انهيءَ ڪسي ڪوبه حيلو ڪم نه ايندو. ٺڳي ۽ مڪر ته رڳو بادشاهن جي انتقام وٺڻ لاءِ بنايا اٿن. سو مان ڀڄان ٿو ته [متان] توکي ڏهرسينه طرفان ڪا تڪليف پهچي، يا ٺڳيءَ جي دام ۾ ڦاسي تڪليف جي ڀڃري ۾ گرفتار ٿين، جتان آزاد ٿيڻ تنهنجي لاءِ ڏکيو ٿي پوي." ڏاهر چيو ته: "اگرچ [هيءَ] خوف بجا آهي، ۽ بيپرواهه نٿو ٿي سگهجي، تاهم سڄو ڀاءُ آهي، ۽ آءٌ ڪانئس ڀڄي نٿو سگهان، ۽ جيڪي فرمايو اٿس سو قبول ڪرڻو آهي. [تنهنڪري] مان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندس، [بشرطيڪ] موڻ کي اهڙو اعتماد ڏياريو وڃي، جنهن کان سنهنجو ڪنڪو لهي وڃي." جنهن تي راجا ڏهرسينه پڪو انجام ڪري، قسم قامو لکيو ۽ چيو ته: "مان تنهنجي ڀروسي ڏيارڻ خاطر اڪيلو ايندس ۽ تون لشڪر سميت ٻاهر اچ ته توکي ڏسان."

انهيءَ انجام تي ٻنهي اتفاق ڪري وقت مقرر ڪيو. ٻئي ڏينهن جيئن آسمان جي سج ايرندي جي افق کان ڪني ڪڍي، ۽ دنيا سرمائي لباس ڪلهي تان لاهي ڇڏيو (١). ته ڏهرسينه هاٿيءَ تي چڙهي اروڙ جي اولاهين دروازي کان آيو. قلعيدار ڏاهر ڏانهن معتبر ماڻهو موڪليو ته: ڏهرسينه قلعي جي دروازي تي آيو آهي، [تنهن لاءِ] ڪهڙو

---

(١) يعني رات گذري ڏينهن ٿيو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم آهي [؟٦٤]؟ ڏاهر فرمايو ته: ”دروازو کولي کيس اڪيلو اندر آڻيو.“ [جنهن تي] ڏهرسينه کي اندر وٺي آيا. ڏاهر ٻڌيمن وزير کي سڏي چيو ته: ”ڏهرسينه قلعي ۾ آيو آهي، ۽ جيئن ته هو هلي آيو آهي، تنهنڪري مون کي ضرور انهيءَ وٽ وڃڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن هو ٻاهر اچڻ لاءِ حڪم فرمائيندو ته ٻه سندس حڪم عدولي نه ڪندس. هن بابت تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟“ وزير چيو ته: ”توکي سندس قول تي اعتماد نه ڄاڻائي، هن جي لشڪر جي واڪان جيڪي ٻڌجي ٿو [تنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته]، هو ٻئيءَ جو ويچار ڪري رهيو آهي. ڀهريائين ته هن کي قلعي ۾ آڻڻ مصلحت جي خلاف هوءِ ۽ جيڪڏهن آيو آهي ته، جنهن صورت ۾ اڪيلو آهي ۽ سندس قتل ڪرڻ ۾ مصلحت نٿو سمجهين، ته جيستائين توهان جي درميان ڪو اعتماد ۽ ڀروسي جوڳو عهدنامو ٿئي تيستائين کيس قيد ڪر، ڇو ته صورت ۾ هيءَ بادشاهي تنهنجي مراد موجب [نه] هلندي: منهنجي نصيحت ٻڌ ۽ تنهنجي سمجهه جي تقاضا درست نه آهي.“

ڏهرسينه جو هاٿيءَ تي وهي اروڙ جي قلعي ۾ اچڻ.

نيٺ ڏاهر وزير جي اها صلاح نه ٻڌي، ۽ ڏهرسينه هاٿيءَ تي سوار ٿي، سندس محلات جي دروازي تائين آيو. ڏاهر پيادو سندس استقبال لاءِ ڊوڙيو، ۽ خدمت بجا آڻي چيائين ته: ”محلات ۾ اندر اچ.“ ڏهرسينه ورائيو ته: ”لهندس

ڪين"، ۽ چيائين: "تون هاٿيءَ تي سوار ٿيءُ تہ ٻاهر هلون ۽ گهڙي ڪن ويهي هڪبئي سان ڏک ۽ خوشيءَ جا حال اوريون، جيئن عام خاص ماڻهن کي معلوم ٿئي تہ اسان جي وچ ۾ نهرائي ٿي وئي، ۽ [هاڻي] مخالفت ۽ جهڳڙو ڪونہ آهي، ۽ ڪوبہ دشمن يا چغل اسان جي وچ ۾ ڦٽ اچي سگهي؛ هيءَ ڳالهہ دنيا ۾ چوطرف پکڙجي وڃي، ۽ اسان جا سڀ دشمن سرنگون ۽ شرمندا ٿين، ۽ دوستن جي خوشي وڌي: مجلس ۽ وروٺون ڪرڻ کان پوءِ صحيح سلامت [٦٥] پنهنجي جاءِ ڏانهن واپس ورج." ڏاهر سندس حڪم اکين تي رکي، فرمان بجا آندو. هوڏانهن ٻڌيمن وزير افسوس ڪندو ۽ هن لڳيءَ جي نتيجي کان متفڪر ٿيندو رهيو.

ڏهرسينہ پيلبان کي حڪم ڪيو تہ: هاٿي اڳيان آڻ تہ ڏاهر ويهي. ڏاهر هاٿيءَ تي پاڻ چڙهي ويٺو. [پيلبان] هاٿيءَ کي هڪليو ۽ ٻئي روانا ٿيا. ٻڌيمن وزير گهوڙي تي چڙهي سندس پاسي سان وڃي رهيو هو، نيٺ وڃي دروازي کي قريب ٿيو. [اتي] ڏاهر پشيمان ٿيو ۽ ڏٺو. ٻڌيمن وزير ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ: "[هاڻي] اسان لاءِ ڪهڙي صلاح آهي؟- چاڪاڻ تہ اسان کي ٻاهر وڃڻ چڱو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟" وزير ورندي ڏني تہ: "راءِ کي سراءِ ۾ ڇڏيئي (١)- يعني، گڏهہ قسطنطنيہ ۾ وڃايو اٿيئي ۽ ڳولي قنوج ۾ رهيو آهين." چيائين تہ: "آخر

---

(١) يعني صلاح کي گهر کان نڪرڻ وقت ڇڏي ڏنئي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ھُڏاءِ تہ [ھن وقت] سون لاءِ ڪھڙو حيلو آھي؟- چاڪاڻ تہ وچڻ تي دل باور نٿي ڪري.“ چيائين تہ: ”ھن ڪان سواءِ ٻي ڪا صلاح ڪانہ آھي تہ جڏھين درواري وٽ پھچين تہ دروازي جي سَردري (١) ۾ چنبڙي، تيستائين ھاٿيءَ کان متي لڙڪي پئج، جيستائين ھاٿي ٻاھر نڪري وڃي. اسين پوءِ دروازو بند ڪري توکي ھيٺ لاھينداسين.“ ڏاھر کي ھيءَ صلاح پسند آئي. جڏھن دروازي وٽ آيو، ۽ ھاٿيءَ جو اڪيون اڌ ٻاھر نڪري ويو تڏھن ڏاھر دروازي جي سردري ۾ چنبڙي پيو ۽ پاڻ کي ھاٿيءَ کان ڌار ڪيائين. ھاٿيءَ جي ٻاھر نڪري وڃڻ کان پوءِ ٻڌيمن ڪوٽ جو دروازو بند ڪري، ڏاھر کي آھستي ھيٺ لاٿو. [ٻاھر نڪري] ڏھرسينہ جڏھن پلٽي نھاريو ۽ ڏاھر کي نہ ڏٺائين، بلڪ قلعي جو دروازو بہ بند ڏٺائين، تڏھن ڏاڍو ڏک ٿيس، ۽ بيمار ٿي موٽي اچي ڪئمپ ۾ پھتو. ھڪدم ھاٿيءَ تان لھڻ سان [٦٦] [مٿس] گرميءَ اثر ڪيو، ۽ ٻئي ڏينھن سندس بدن تي ڦوڪٽا ٿي پيا. آخر چوٿين ڏينھن مري ويو، ۽ پنھنجو پيارو ساھ برباد ڪري، ملڪالموت جي حوالي ڪيائين، ۽ لشڪر ڳَنٽيون ڪاٺيون لڏيو.

ڏاھر کي ڏھرسينہ جي موت جي خبر پوڻ.

ڏاھر کي جڏھن ھن واقعي جي خبر پھتي، تڏھن پنھنجي

(١) اصل متن ۾ آھي ”دست در پيشاني درزن“ اسان جي خيال ۾ پيشانيءَ مان مراد دروازي جي مٿين چانئٺ يا سَردرو آھي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پاڻ جي ماڻهن ۽ دفن ڪرڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ چاهيائين، [جنهن تي] ٻڌيمن وزير چيو ته: ”راجا سلامت رهي شال! تڪڙ ڪرڻ نه گهرجي. راجائون هن قسم جا مڪر ڪندا آهن. پاڻ کي مرده بنائيندا آهن. تون جڏهن ممندس دفن ڪرڻ لاءِ ويندين، تڏهن نڪي ڪندو، ۽ تون مصيبت ۾ گرفتار ٿيندين. [تنهنڪري] ويچار ڪرڻ گهرجي، [ڇاڪاڻ] ته پوءِ افسوس ۽ ارمان فائدو نه ڏيندو. مثال ڏيندا آهن ته جڏهن لومڙ ٻڪر کان تڪجي پوندو آهي، تڏهن پاڻ کي مئل ظاهر ڪندو آهي، جنهنڪري ڊوئيد ڪائيندڙ [پکي] سندس چوڌاري اچي گڏ ٿيندا آهن، اتي اوچتو ٽپ ڏيئي، انهن کي جهلي کائيندو آهي. بادشاهه کي دشمن کان بيپرواهه نه ٿيڻ گهرجي. ڪنهن اعتماد جوڳي ماڻهوءَ کي سندس پڇا ۽ جاچ لاءِ موڪليو ته اهو راز کلي پوي.“ انهيءَ جاسوس هن جي مڪيه ۽ وڏن ماڻهن کي غمگين، ۽ عزاداريءَ جي رسمن ۾ رڌل ڏٺو [سو] اڳتي وڌي چيائين: ”مون کي راجا ڏاهر ڏهرسينه جي وڃڻ لاءِ موڪليو آهي، ۽ توهان کي غمگين ڏسان ٿو: [ٻڌايو] ڇا خبر آهي؟“ انهن عزت وارن مان ٻه ماڻهو اٿيا، ۽ ڏسڻ لاءِ کيس ڏهرسينه جي مڪان وٺي ويا. [هن ڀڪ ڪري] تعزيت بجا آندي. [پوءِ] هن خبر جي تصديق لاءِ ڏهرسينه جي منڊي انهيءَ قاصد کي ڏيئي، هڪدم واپس ڪيائون [٦٧].

قاصد جڏهن اها خبر ڏاهر کي پهچائي، ۽ منڊي سندس حوالي ڪئي، تڏهن ڪنهن به سوچ ۽ دير کان سواءِ پنهنجن سيني معتبرن ۽ وڏن ماڻهن سميت هڪدم ٻاهر نڪتو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ مهراڻ ندي ٽپي، ڪنمپ ۾ وڃي، ياءُ جي تنبوءَ ۾ داخل ٿيو. ڪيس ڏسڻ شرط ڪپڙا ڦاڙي، پڳڙي مٿي تان لاهي، روئڻ پٽڻ ۽ روڄ راڙو شروع ڪيائين.

ڏهرسينه ڪي سازش.

پوءِ صندل جي ڪاٺين گڏ ڪرڻ جو حڪم ڪيائين، ۽ ڏهرسينه ڪي سازي، تعزيت جون رسمون بجا آنديائين. ٿي ڏينهن ياءَ جو خزانو ڪٽي، سندس لشڪر ۽ نوڪرن کي پنهنجي بيعت ۽ حڪم هيٺ آنديائين، ۽ هڪ مهيني تائين اروڙ ۾ ترسي سندس زال، جا لوهاڻي جي [حاڪم] اگهم (۱) جي ڌيءُ هئي، تنهن کي پنهنجي نڪاح ۾ آنديائين. [پوءِ] برهمڻ آباد جي قلعي ۾ ويو ۽ وڃي اتي رهيو. راجا ڏهرسينه جي عمر ٽيهه سال هئي (۲).

---

(۱) اصل عبارت "دختر اگهم لوهانه" آهي. "اگهم لوهانه" ۾ ترڪيب سمايل آهي يعني "لوهاڻي جو اگهم" جنهن جون ۾ معنائون ٿي سگهن ٿيون: لوهاڻي جو پٽ اگهم يا لوهاڻي جو حاڪم اگهم. هن ڪان اڳ (متن صفحه ۴۰،۴۱) جي تاريخي تسلسل جي لحاظ سان پوئين معنيٰ کي ترجيح ڏني وئي آهي. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهتي "ملک دهرسينه سي سال بود" آهي جنهن جو ترجمو ٿيندو ڏهرسينه جي بادشاهي ٽيهه سال هئي" اهو صحيح نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته هي واقعو چندر جي مرڻ کان يڪدم پوءِ جو آهي. ترجمي جو مدار نسخي پ جي پڙهتي (ملک دهرسينه سي ساله بود) تي آهي جا زياده قرين قياس آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جو برهمناباد جي قلعي ڏانهن وڃڻ

ڏاهر برهمناباد جي قلعي ۾ هڪ سال رهيو، جيستائين ملڪ جي اوسي پاسي جي سڀني ماڻهن سندس فرمانبرداري قبول ڪئي. ڏاهر، ڌهرسينه جي پٽ چچ کي گهرائي، ڪانئس بيعت ورتي، پاڻ سيوستان جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اتان وري راوڙ جي قلعي ۾ آيو. انهيءَ قلعي جو بنياد سندس پيءُ چچ رکيو هو، ۽ ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ مري ويو هو. ڏاهر اتي ترسي ان کي اڏائي پورو ڪيو (١). هو گرميءَ جا چار مهينا [٦٨] راوڙ ۾ ترسندو هو، ڇاڪاڻ ته هوءَ ٿڌڙي جڳهه هئي، ۽ سندس هوا موافق ۽ پاڻي خوشگوار هو. سياري جا چار مهينا برهمناباد ۾ گذاريندو هو، ۽ بهار جا چار مهينا اروڙ ۾ رهندو هو. اهڙيءَ طرح اٺ سال گذاريائين ۽ سندس بادشاهيءَ [جي هاڪ ۽ ڌاڪ] انهيءَ حد کي پهتي، جو سندس شهنشاهيءَ جي تعريف دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي، ۽ سندس حڪومت جي تنبوءَ جون طنابون سنڌ ۽ هندستان جي ملڪن ۾ مضبوط ٿيون، ۽ چئني طرفن جي بادشاهن [کي عموماً] ۽ رمل جي راجا کي [خصوصاً] سندس سال ۽ هالين جي [حقيقت] معلوم ٿي.

---

(١) مصنف مٿي صفحه ٥٤ ۾ چئي آيو آهي ته راوڙ جي قلعي کي ڌهرسينه پورو ڪرايو. وري هتي چوي ٿو ته ڌهرسينه جي مرڻ کان پوءِ انهيءَ ساڳئي قلعي کي ڏاهر پورو ڪرايو. شايد ائين هجي ته ڏاهر انهي قلعي ۾ ڦيرقار ڪرائي هجي يا ڪا اهڙي تڪميل ڪرائي هجي، جنهن کي ڌهرسينه غير ضروري سمجهي ڇڏي ڏنو هجي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رمل جي بادشاهه جو راجا ڏاهر جي جنگ تي اچڻ.

پوءِ رمل جو بادشاهه وڏو ڪٽڪ، مست هاٿي ۽ سوار خواه پيادا ۽ دلير بهادر وٺي لڙائي واسطي روانو ٿيو، ۽ هند جي طرف کان اروڙ (۱) جي پسگردائيءَ ۾ پهتو، ۽ سندس ڪيترا علائقا قبضي ۾ آڻي، اتان درياهه ٽپي اروڙ تي ڪاهيائين. جڏهن رمل جي بادشاهه جي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهن ٻڌيمن وزير کي سڏي چيائين ته: "زبردست دشمن اسان جي ملڪ جي حدن ۾ آيو آهي، اسان کي ٻڌاءِ [ته ڇا ڪريون؟]" ٻڌيمن وزير چيو: "راجا سلامت رهي! جيڪڏهن لڙائي ۽ جنگ ۾ سندس مقابلو قوت ۽ دٻدٻي سان ڪري سگهين ٿو ته لڙائيءَ جي تياري ڪري، سندس سامهون ٿيءُ ۽ پنهنجي عزت ۽ ننگ خاطر ترار هڻي، دشمن کي دفع ڪر، [ته تنهنجو] ملڪ تو وٽ سلامت رهندو، نه ته صلح ۽ موافقت سان سندس بيعت ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن مال ڏيڻو پوي ته راجائون خزانا ۽ دفينا هن وقت [٦٩] لاءِ گڏ ڪري دفن ڪندا آهن، انهي لاءِ [ته غنيم جي چڙهي اچڻ وقت] مال جي مدد سان لشڪر قائم ڪري، لشڪر جي ذريعي دشمن سان سامهون ٿي، ملڪ خاطر، ٻانهن نيڪي سان جان قربان ڪن؛ ٻيءَ صورت ۾ مال خرچ ڪري، دشمن کي دفع ڪن؛ ڇاڪاڻ ته مال جي ڪري مرد جو هرڪو دنيوي ڪاروبار سرسبز رهي ٿو؛

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي "راؤر" يعني راؤڙ آهي، جو هيٺ ايندڙ تسلسل جي لحاظ کان صحيح نه آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ هر دشمن کي ان جي ذريعي دفع ڪري سگهجي ٿو، آخرت جو سامان ٻڌ انهيءَ جي مدد سان ناهي سگهجي ٿو." ڏاهر چيو ته: "منهنجي نزديڪ ٻئي جي خدمت ۾ ذلت جي نموني سر جهڪائڻ کان موت ڀارو آهي، ۽ هيءَ ذلت آءٌ ڪيئن ڪٿي سگهندس؟"

محمد علافي عرب جو رمل جي بادشاهه جي جنگ تي وڃڻ.

ٻڌائين[٢] ساهه سان هڪ علافي عرب مرد [سنڌ ۾ رهندو هو] جنهن عبدالرحمان بن آشعث[٢] کي جنگ مان ڀڄي وڃڻ سبب قتل ڪيو هو، ۽ ٻجهي اڳي ڏاهر سان مليو هو ۽ پنج سؤ عربن سان سندس بيعت ڪئي هئائين. ٻڌيمن وزير چيو ته: "جنگ جو طريقو جهڙو عرب ڄاڻن ٿا، اهڙو ڪو ڪونه ڄاڻي. تنهنڪري علافي کي گهرايو ۽ صلاح طور کانئس پڇا ڪريو ته [هن معاملي ۾] هو رهبري ڪري." ڏاهر هاٿيءَ تي چڙهي هن وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس: "اي عرب جا سردار! تو سان رعايتون ٿيون ڪريان ۽ توکي پيارو ٿو ڀانئيان، انهيءَ لاءِ ته ڪهڙي وقت ۾ تون اسان جي مدد ڪرين. هن وقت هڪ زبردست دشمن ظاهر ٿيو آهي. تنهنجو صحيح عقل ڪهڙي تقاضا ٿو ڪري؟ اسان کي ٻڌاءِ، ۽ تون جيڪي چاهين ٿو يا ڪري سگهين ٿو سو چؤ." علافيءَ چيو: "راجا کي هن ڳالهه بابت تسلي ڪرڻ گهرجي، ۽ ڪو به فڪر [٧٠] پنهنجي دل ۾ نه آڻڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته منهنجي موزون تدبير

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهن لاءِ ڪافي آهي. پنهنجي لشڪر جي ”قلب“ جا خاص چونڊيل سوار منهنجي حوالي ڪر. [پوءِ] ته مان هڪ دفعي سندن چوڌاري چڪر لڳائي، سندن دورانديشيءَ ۽ همت جو طريقو معلوم ڪري ٿو وٺان. [هوڏانهن] تون ٿڻ ميان پنڌ تي ڪاهي هٿي تيار ٿي بيهه.“ ڏاهر کي اها مصلحت پسند آئي، ۽ پاڻ اتي ترسي پيو. علافي جاسوسيءَ طور سندن چوڌاري چڪر لڳائي، معلوم ڪيو ته رات جي وقت بالڪل بيپرواهه رهن ٿا، ڪنهن به قسم جو ڊپ ڪونه اٿن، ۽ نه وري ڪو چوڪي پهري جو انتظام اٿن. علافي پنج سؤ عرب ۽ هندستاني بهادر ساڻ وٺي، مٿن شبخون (راتاهو) هنيو ۽ چئني طرفن کان نعرا هڻي، رمل جي رائي جي لشڪر ۾ ڪاهي پيا، جنهنڪري انهن ۾ گوڙ ۽ پريشاني اچي پئي ۽ هڪٻئي کي ڪهڻ لڳا. انهن مان ڪسي وڏن کان سواءِ به اٺ هزار جنگي جوان ۽ پنجاهه هاٿي پڪڙيا ويا. [تنهن کان سواءِ ايترا ته] بي انداز هٿيار ۽ گهوڙا هٿ آيا، جي ڳاڻائي کان ٻاهر هئا. ڏينهن ٿيو ته [ڏاهر] قيدين کي گهرائي، کين ڪهڻ جو ارادو ڪيو، [پر] وزير چيو ته ”الله تعاليٰ توکي فتح عطا ڪئي آهي، تنهن جو احسان مڃ ۽ شڪر بجا آڻ. [هيءَ] به لازم آهي ته جڏهن بادشاهن ۽ بزرگن کي فتح حاصل ٿئي، ۽ دشمن جي طرف جا مکيه ماڻهو ۽ اڳواڻ سندن هٿان گرفتار ٿين، تڏهن کين معافي ڏين: سو تنهنجي لاءِ به چڱي صلاح اها آهي ته قيدين جي جان بخشي فرمائي، کين آزاد ڪر.“ انهيءَ صلاح تي لڳي راجا ڏاهر قيدين کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آزاد ڪيو، ۽ سندس صلاح مبارڪ سمجهي فرمايائين: ”اي سهڻي صلاح ڏيندڙ وزير ۽ مبارڪ مُشير! جيڪي گهرڻو هجيئي سو مون کان گهر.“ وزير عرض ڪيو: ”مون کي اولاد [٧١] ڪونه آهي، جنهن کان منهنجو نالو دنيا ۾ زنده رهي. تون حڪم ڪر ته تنهنجي شاهي ضربخاني ۾ جيڪي چانديءَ جا سڪا تيار ٿين ٿا، ۽ شاهه جي نالي جو شرف حاصل ڪن ٿا، انهن جي هڪ طرف تي بندي جو نالو اُڪيريو وڃي، جيئن راجا جي چانديءَ جي سڪن جي طفيل بندي جو نالو باقي رهي، ۽ هند سنڌ جي حڪومت ختم ٿيڻ تائين قائم هجي، ۽ ان جي ياد نه ميٽجي.“ راجا ڏاهر جي حڪم سان [سڪو] جيئن وزير عرض ڪيو هو تيئن، تيار ڪيائون.

اهڙيءَ طرح راجا ڏاهر جا پير ڪجهه وڌيا، ۽ [ايڏي ته] وڏي طاقت ۽ شان شوڪت حاصل ڪيائين، جو دارالخلافه جو مال ڦري سرڪشي ۽ بيپرواهي ڏيکاريائين.

خلفاء راشدين کان وليد تائين تاريخ.

هنن خبرن جي راوين ۽ هنن روايتن جي چانئن، هن طرح بيان ڪيو آهي ته هند ۽ سنڌ جي شهرن تي اسلام جي لشڪر جي چڙهڻ لڙائي رسول الله صلي الله عليه وسلم جي هجرت کان پندرهن ورهيه پوءِ، اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت ۾ واقع ٿي. [حضرت عمر] بهرائين عثمان بن ابي العاص ثقفي کي بحرين موڪليو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو لشڪر ونيءَ عمان روانو ٿيو، ۽ جنگي ٻيڙا درياءَ جي رستي مقرر فرمايائين، مُغِيرَه بن ابي العاص جي سرداريءَ هيٺ بحرين موڪليائين، انهيءَ لاءِ هو انهيءَ رستي کان ديبل روانا ٿيا. انهيءَ وقت سنڌ جو راجا چچ بن سيلائج هو، ۽ سنڌس حڪومت کي ٢٥ سال گذري چڪا هئا. ديبل جا رهاڪو واپاري ماڻهو هئا. [٧٣] راجا چچ جي طرفان سامه بن ديوائج نالي [اتي] حاڪم هو. لشڪر جڏهن ديبل پهتو ته هن قلعي کان ٻاهر نڪري، لڙائي شروع ڪئي. ثقفين مان هڪ ماڻهوءَ ڳالهه ٿي ڪئي ته جڏهن ٻئي لشڪر هڪٻئي جي سامهون ٿيا، تڏهن مغيره بن ابي العاص قرار ڪيو ۽ بِسۡمِ اللهِ وَفِي سَبِيۡلِ اللهِ (الله جي نالي سان ۽ الله جي واٽ ۾) چوندو شهيد ٿيو. ڪاٿس پڇيو ويو ته تو جنگ ٿي ڪئي، توکي اها خبر ڪيئن پئي؟ ورائيائين ته هتي سان جنگ ٿي ڪيم ۽ دل ۽ ڪن سان هيءَ احوال ٿي ٻڌم.

(۽ ٻ) حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت ۾ حضرت ابو موسيٰ اَشۡعَرِيَ[8] رضي الله عنه عراق تي عامل مقرر ٿيو هو، جنهن ربيع بن زياد حارثيءَ کي پنهنجن ماڻهن سان مڪران ۽ ڪرمان تي مقرر ڪيو. انتري ۾ دارالخلافه مان ابو موسيٰ اشعريءَ ڏانهن لکيائون ته هند، ڪرمان ۽ عراق جي خبر ڏي. جڏهن ابو العاص جي پٽ جو حال معلوم ٿيو، ۽ [اهو به معلوم ٿيو] ته هند ۽ سنڌ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ هڪ اهڙو راجا پيدا ٿيو آهي، جو سرڪشي ۽ بيپرواهي ڪري ٿو، ۽ دل ۾ بيفرمانيءَ جو ٻج پوکيو اٿس، ته ابو موسيٰ اشعري اهو احوال اميرالمؤمنين عمر رضي الله عنه ڏانهن لکي [کيس] واقف ڪيو. [پاڻ] کيس هند جي لڙائيءَ کان سخت منع ڪيائون.

(۽ پڻ) انهيءَ وقت [حضرت] عمربن الخطاب رضي الله عنه جي شهادت جو واقعو ٿي پيو، ۽ خلافت اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنه کي ملي، جنهن هند ۽ سنڌ جي لڙائي تي لشڪر موڪلڻ گهريو. [انهيءَ وقت] لشڪر قندابيل ۽ مڪران ۾ هو، [٧٣] ۽ لشڪر جو سردار عبدالله بن عامر [بن ڪُرَيز] بن رَبيعه مقرر ٿيل هو. [آخر حضرت عثمان ڀهريائين] سنڌ جي شهرن جو [ڪجهه] احوال معلوم ڪرڻ گهريو، تنهنڪري [حڪم ڪيائين] ته: ڪو صالح، پاڪدامن ۽ عقلمند ماڻهو مقرر ڪر ته هو سنڌ ۽ هند جو پورو احوال سچو ۽ تجربي هيٺ آڻي معلوم ڪري، ڪولي ڪولي اچي ٻڌائي. انهيءَ تي عبدالله بن عامر، حُڪَيم بن جَبَلَه عَبْدِيءَ کي موڪليو. (روايت)— عبدالله بن عمر بن عبدالقيس کان روايت ڪن ٿا ته حُڪَيم ڳالهائيندڙ ماڻهو هو، ۽ نظم ۽ شعر جي فن ۾ ڪامل هو، جيئن ته هڪ جاهل ماڻهو عَلِي بن طُفَيل غنَوِي جي مدح ۾ چيو اٿس:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شعر

وَأهلكني لكم في كل يَوم
تعوّجكم عليّ و استقيم
رقاب كالمواجن خاظيات
و استاه على الاكوار كوم

[کيو برباد مون کي سيکنهن ڏينهن،
توهان جي ڏنگ جهڙا آهيان سڌو مان.
توهان جا ڪنڌ ٿلها هن (آهن) مطرقن جهڙا،
۽ پوليون پاکڙن تي ڍير وانگيان.]

(۾) [حضرت] علي بن ابي طالب رضي الله عنہ جي بصره ۾ اچڻ وقت سندس تعريف ۾ چيائين:

شعر

ليس الرزية بالدينار نفقده
إنّ الرزية فقد العلم و الحکم [٧٣]
و إن أشرف من أودي الزمان به
أهل العفاف و أهل الجود و الكرم

[مصيبت نآهي وڃائڻ ڏوکڙن جو،
مصيبت ٿي، ويو جي علم و حکمت،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مـــرڻ وارن ميني ۾ سوئي افضل،
هجي جو صاحب احسان و عفت.]

(۴) هن روايت جي ڪن راوين ۽ هـن داستان جي ڪن لـڪندڙن بيان ڪيو آهي ته اميرالمؤمنين عثمان بـن عفان رضي الله عنه، عبدالله بن عامر کـي لکيو آهي ته حڪيم بن جبله کي سنڌ ۽ هند ڏانهن موڪلي، ملڪ جــي حالات معلوم ڪري. تنهنڪري عبدالله کيس مقرر ڪيو، جڏهن حالات سمجهي ڪان پوءِ عبدالله بن عامر وٽ واپس آيو، ۽ اچي انهي ملڪ جي رهاڪن جي حملي، لڙائي ۽ سڙائي جا حالات کيس تفصيل سان ٻڌايائين ته عبدالله هن کي امير المؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنه ڏانهن موڪليو، ۽ جڏهن هو خدمت ۾ حاضر ٿيو ته امير ڪانئس پڇيو ته: اي حڪيم! هندستان ڏسي آئين؟ـ حالتون معلوم ڪري آئين؟ جواب ڏنائين: نَعَمْ يَا اَمِيْرَالْمُؤْمِنِيْنَ (هـــائو اي اميرالمؤمنين). چيائين: بيان ڪر. چيائين: مَاءُهَاوَشَلٌ وَثَمَرُهَادَقَلٌ وَاَرْضُهَاجَبَلٌ وَاَهْلُهَابَطَلٌ اِنْ قَلَّ الْجَيْشُ بِهَاضَاعُوْا وَ اِنْ كَثُرُ وْاجَاعُوْا. يعني آتي جو پاڻي ميرو آهي،ميوو ننڍڙو گهٽ ونندڙ ڪتو آهي، زمين پٿريلي آهي، ۽ [٧٥] متي ڪلراٺي آهــي، ۽ رهـاڪو بهادر آهن؛ جيڪڏهن ٿورو لشڪر ويندو ته جلدي تباهه ٿيندو، ۽ جيڪڏهن گهڻو ويندو ته بـک مري پاهه ٿيندو." پوءِ اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنه پڇيو تـه: "انجام ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اقرار ۾ ڪيئن آهن؟- وفادار آهن يا بيوفا؟" حڪيم چيو ته: "خيانت ڪندڙ ۽ غدار آهن." انهيءَ تي عبدالله ڪي سنڌ ڏانهن لشڪر موڪلڻ کان منع ڪري، ڪوبه ماڻهو نه موڪليائون.

اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنه جي خلافت.

اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنه کي خلافت سنه ٣٨ هه جي آخر ۾ ملي؛ وقت جي بيان ڪندڙن ۽ بيان جي سلجهائيندڙن جو چوڻ آهي ته: جڏهن خلافت اميرالمؤمنين علي رضي الله عنه کي پهتي، تڏهن شهر وارن جو ٻڌُن ۾ جهيڙو ۽ مخالفت تي بيٺي. عامر ابن الحارث بن عبدالقيس[٨] روايت ڪئي آهي ته: جڏهن آسپاس جا ماڻهو مخالف ٿي پيا، تڏهن [حضرت عليءَ] ثاغر بن ذعر (١) کي لشڪر جو سردار بنائي، هندستان جي سرحد تي مقرر ڪري، لشڪر جي مکيه وڏن اڳوائن جي هڪ جماعت سندس ڪمان هيٺ رکي، ۽ هو سنه ٣٨ هه جي آخر ۾ ٻنهڙَج ۽ ڪوهه پايه جي رستي کان روانا ٿيا. جتي ٻه پهتا تي [٧٦] تهه اتي فتحمند ۽ ڪامياب رهيا ٿي، ۽ غنيمتون ۽ غلام گهڻائي هٿ آين ٿي. نيٺ ڪيڪانان جبل وٽ پهتا ۽ اهي ماڻهو جنگ لاءِ سنبري بيٺا.

(١) اصل عبارت: ثاغر بن دعر، اصلاح، عربي اعلام کي مدنظر رکي ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هنن جي جنگ جي خبر

هُذَلِيءَ ڳالهه آهي ته: انهيءَ لشڪر ۾ حارث بن مُرّة نالي هڪ بهادر مرد هو، جنهن جي ٽولي ۾ هڪ هزار هٿيار بند بهادر هئا، ۽ ٽي دلير ۽ هٿيار بند غلام هوندا هئس: هڪ کي پنهنجو هٿيار بردار مقرر ڪيائين، باقي ٻن کي لشڪر جو محافظ بڻائي، هرهڪ کي پنج سؤ ماڻهن جو سردار ڪيائين. هو مڪران ۾ پهتو ته اها خبر وٽس پهتي، جنهن تي ڪوهه پايه ۽ ڪيڪانان جا ماڻهو جمع ٿيا. [هو] سنه ۴۲ هه ۾ ڪيڪانان ۾ پهتا، ۽ اتي جي ماڻهن لڙائي لاءِ تيار ٿي لڙائي شروع ڪئي، ۽ اٽڪل ويهه هزار مرد پيادا اچي گڏ ٿيا، جن سان اسلام جي لشڪر جي لڙائي ٿي. هنن ٻيو ڪو چارو نه ڏسي وڃي گهٽ جهليو. لشڪر جڏهن جهاد کان موٽي اچي ڪيڪانان لڪ وٽ لٿو، تڏهن هنن رستو روڪڻ چاهيو. [اهو حال ڏسي] عرب جي لشڪر تڪبير جو نعرو هنيو، جنهن تي ڪاهي ۽ ساڄي کان جبلن مان پڻ تڪبير جو نعرو لڳو: "الله اڪبر". هي ٻڌي، ڪيڪانان جي ڪافرن جي دلين ۾ هراس پيدا ٿيو، جنهنڪري ڪن پيش پئي اسلام قبول ڪيو، ۽ ٻيا پٺتي ويا. انهيءَ وقت کان اڄ تائين جنگ جي موسم جي ڏينهن ۾ انهيءَ جبل مان تڪبير جو آواز نڪرندو آهي. [اڃا] انهيءَ فتح ۾ هئا ته [۷۷] اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنه جي شهادت جي خبر پهتي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[جنهنڪري] اتان موٽي آيا. مڪران پهچڻ تي معلوم ٿين ته معاويه بن ابي‌سفيان خليفو ٿيو آهي.

مُعَاوِيَہ بن اَبِيْ سُفْيَانَ جي خلافت.

مُعاويہ بن ابي سُفْيانَ جي خلافت. [هجري] چاليهين سال (١) وارن مهينن ۾ قائم ٿي. تاريخ جي مصنفن، مُهلّبَ ڪان هن طرح روايت ڪئي آهي، ۽ هن هُذَلِي ڪان بڌو ۽ هذلي قاسم ڪان نقل ڪيو، جنهن چيو ته: مان نَصْرُ بن سُفْيانَ ڪان بڌو آهي ته جڏهن مُعَاوِيہ خلافت تي مستقيم ٿيو، تڏهن عبدالله بن سوّار [العَبْدِيّ] کي چار هزار سوار ڏيئي، سند ولايت تي مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين: وڏيڪ چيائينس ته: "سند ۾ هڪ جبل آهي، جنهن کي ڪيڪانان چون ٿا. اتي جا گهوڙا قداور ۽ موزون شڪل شباهت وارا آهن؛ توکان اڳ ۾ اتي جون غنيمتون پهتل آهن؛ [اُتين ۾ چيائينس ته...] ماڻهو غدار آهن، جيڪي انهيءَ جبل جي پناهه سبب سرڪشي ۽ شوخي ڪندا رهندا آهن." عمر بن عبدالله بن عمر کي ارمابيل جي

(١) اصل متن ۾ "اربع و اربعين" (چوٽيتاليهه) جو شايد "اربعين" (چاليهه) جي بدران پئل آهي. امير معاويه سنہ ٤٠ هه ۾ حضرت علي رض جي شهادت بعد ايلياء جي شهر ۾ خلافت جي بيعت ورتي. ڏسو تاريخ طبري سنہ ٤٠ هه هيٺ. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح واسطي موڪليائين، ۽ عبدالله بن عامر کي بصره تي مقرر ڪيائين. جنهن قَيسُ بن هَيثَمِ السُّلَيمِي (١) وٽ وڃي سائس عمان، آرُدبيل ۽ جرم جي لڙائي ۾ شامل ٿي (٢) ۽ اڪيلو هزار چوڻ ماڻهو وٺي وڃي.

(روايت:) ابوالحسن، هُذَلِي کان روايت ڪئي آهي، ۽ هن مَسلَمَہ (٣) بن مُحارب بن زياد کان ٻڌو ته: امير

---

(١) اصل ۾ "قيس بن هاشم السلمي": هيثم صحيح آهي ۽ نه هاشم. ڏسو يعقوبي ج ٢ ص ١٩٣؛ ديوان فرزدق طبع پئرس ص ١١٩، طبع مصر ص ص ٧٦١ ۽ ٧٧٦؛ تاريخ ابن خلدون. بقية جزء ثاني ص ص ٣٣-٣٤؛ نقائض جرير و فرزدق ص ص ٧٢٣، ٧٢٦ ۽ ٧٣٨، بخاري: ڪبير ج ٤ ص ١٤٥. (ن.ب) (٢) اصل فارسي ايڊيشن جي عبارت: "و با او بغزو عمان و اردبيل و جرم وكند". ظاهراً هن عبارت ۾ خلل آهي. پ ن پ س ۾ "جرم كند" آهي يعني هنن ٻن لفظن جي وچ وارو عطف ڪونهي ۽ غالباً اتي ڪو ٻيو لفظ ڇڏيل آهي ۽ اسان جي خيال ۾ "شركت" ئي اهو موزون لفظ آهي. انهيءَ لحاظ سان غالباً صحيح عبارت هن طرح ٿيندي: "با او بغزو و عمان و اردبيل و جرم شركت كند". ترجمو به انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. (ن.ب)

(٣) اصل عبارت ۾ "مسلم" آهي، جو صحيح نه آهي. مسلمه بن محارب مشهور راوي آهي. ڏسو بلاذري: انساب الاشراف ج ٤ ص ص ٧٣ ۽ ٨١؛ نقائض جرير و فرزدق ص ص ٧٢٦، ٧٣٠ ۽ ٧٣٤؛ جاحظ: البيان ج ٢ ص ٢٠٩؛ ۽ بخاري: تاريخ ڪبير ج ٤ ص ص ٣٧٩ ۽ ٣٨٧. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

معاويه، عبدالله بن سوار کي چار هزار سوار ساڻ ڏيئي موڪليو، ۽ سندس لشڪر ۾ ڪوبه ماڻهو باهه نه ٻاريندو هو، جاڪاڻ ته نهايت ڪيل سهر ساڻ [٧٨] هون. آخر هڪ رات اوچتو لشڪر ۾ باهه جو شعاع ظاهر ٿيو، جانچ تي معلوم ٿيو ته هڪ حامله عورت هئي، جنهن ٻار ڄڻيو هو، ڪيس باهه جي ضرورت هئي. [اها ڳالهه ٻڌي] عبدالله کيس اجازت ڏني. انهيءَ زال ڏاڍيون خوشيون ڪيون ۽ ٿي ڏينهن لشڪر کي ڪاڌو کارايائين. پوءِ جڏهن ڪيڪانان جي ملڪ ۾ پهتا، تڏهن دشمن غلبو ڪيو، پر اسلام جي لشڪر انهن کي شڪست ڏيئي، ڍيرون غنيمتون هٿ ڪيون. ڪيڪانين گڏ ٿي وچي جبل جا گهٽ جهليا، ۽ چٽي جنگ چالو ٿي. اتي عبدالله بن سوار هٿيار بردار ۽ خاص ماڻهن جي هڪ ٽولي سان ٻيهي رهيو، ۽ هڪل ڪيائين ته: اي مهاجرين ۽ انصارن جا فرزندو! ڪافرن کان منهن نه موڙيو متان توهان جي ايمان ۾ خلل اچي؛ شهادت جو درجو حاصل ڪريو. [هي ٻڌي] اسلام جو لشڪر عبدالله جي جهنڊي جي چوڌاري اچي گڏ ٿيو. بني عبدالقيس مان هڪ مرد پاهر نڪري مقابلي لاءِ للڪاريو، جنهن تي دشمن جو سردار اچي سائنس سامهون ٿيو. ياسير بن سوار بن بني عبدالقيس [واري ماڻهو] سان گڏ روانو ٿيو، ۽ حملو ڪري سردار کي ڊاهي وڌائون. [اتي] ڪيڪانين جو سمورو لشڪر نڪري آيو، آخر اسلامي لشڪر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شڪست کاڌي، سارو جبل مثل لشڪر سان پيريل ڏسڻ ۾ آيو، پوءِ مسلمان مڪران موٽي آيا.

(روايت) ابوالحسن روايت ڪئي ته مون حاتم بن قتيبہ الباهلي (١) کان ٻڌو، جنهن چيو ته: سان انهيءَ ڏينهن لشڪر ۾ هوس؛ ڏٺم ته ابنِ سوّار هڪ جوان سان مقابلو ڪيو، ۽ سندس سائين حملو ڪري، ڪيترا دشمن قتل ڪيا ۽ ڪافي لڙائي کان پوءِ شهيد ٿيو، مون ڪلئن جا ٽپڙ ٽي لاٿا، [٧٩] سؤ منهنجون مهرن سوڌيون مليون. پوءِ عبدالله بن عبدالرحمان العَبْدِي چيو ته مون سندس جنگ جا شعر ٻڌا آهن جي امير معاويه، جي اڳيان ٿي چيائون.

شعر:

مَنْ كَانَ يَنْ سَوَّارٍ إِنْ جَاشَتْ مَرَاجِلُهُ

فِي الْحَرْبِ لَا أَوْقَدَتْ نَارَ لَهَا بَعْدَهُ

كَانَتْ مَرَاجِلُهُ لِلرِّزْقِ ضَامِنَةً

فَإِنَّهُنَّ بَنَاتُ الْحَرْبِ وَالْجُودِ

[ابن سوار جو مت ڪوٺهي، اڄ ڪِس جي جوش جنگ ۾، ٺل ٻري ان کان پوءِ ڪا جنگ جي باهه، ديڳيون ان جون هيون رزق جون ضامن، بيشڪ ڇو هيون جنگ ۽ احسان جون نياڻيون واه واه!]

---

(١) اصل لفظ "البهلي" جو حقيقت ۾ "الباهلي" جي بگڙيل صورت آهي. (ندب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ اَعْشَىٰ رَبِيعَةَ جيو ته شعر:

أَبْلِغْ رَبِيعَةَ أَعْلاهَا وَ أَسْفَلَهَا

إِنَّا وَجَدْنَا ابْنَ سَوَّارٍ كَسَوَّارِ

لاَيُسْمِنُ الْخَيْلَ إِلاَّ رَيْثَ يُعْجِفُهَا

وَمَا سِوَاهُ فَتَرْدِي طُولَ أَعْمَارِ

[چئج وڃي تون ربيعه جي اعليٰ ۽ اسفل کي

ته آهه بلاشڪ سوار جهڙو ابن سوار،

ٿلهو ڪجائي ٿو گهوڙا مگر ڪو وقت قليل،

پوءِ ڏڪائي انهن کي ورگر ته ساري ڄمار.]

هند جي سرحد تي سِنان بن سَلَمَه بِن المُحَبَّق الهُذَلِيُّ

جو والي ٿيڻ

هن تاريخ جي سلجهائيندڙن هُذَلِي ۽ عيسيٰ بن موسيٰ کان روايت ڪئي آهي، جنهن پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي ته: عبدالله بن سَوَّار شهيد ٿيڻ وقت [پنهنجي جاءِ تي] سِنان [٨٠] بن سَلَمَه کي مقرر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ امير معاويه، زياد ڏانهن لکيو ته: ڪو اهڙو ماڻهو جو هند جي سرحد لاءِ موزون هجي، ڏسي، اتي جو گورنر بناءِ. حڪم پهچڻ تي زياد ڏانهس لکي موڪليو ته: ”مون وٽ ٻه

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مائبو آهن، جيڪي انهن جي لياقت رکن ٿا:] احنف بن قيس [۽ سنان بن سلمه الهذلي"، جنهن تي امير معاويه هن] ڏانهن لکي موڪليو ته [":احنف کي سنڌس بن ڏيڻهن مان ڪهڙي ڏيڻهن جو] انعام ڏيون؟ ام المؤمنين [سان بيوفائي جو يا صفين واري ڏينهن اسان جي برخلاف ڪوشش ڪرڻ جو؟ تنهنڪري سنان کي روانو ڪر." انهيءَ تي زياد هن ڏانهن لکي موڪليو ته احنف شرف، عقل ۽ سرداريءَ جي انهيءَ درجي تي پهچي چڪو آهي، جتي هن کي حڪومت فائدو نٿي ڏئي ۽ موقوفي نقصان نٿي رسائي] (١). پوءِ هو [سِنَانُ] مڪران وچي ۽ سال اتي رهيو ۽ ٻن سالن هڪ مهيني کان پوءِ برطرف ڪيو ويو.

راشد بن عَمْرو الجُدَيْدي جو، هند جي سرحد تي والي ٿيڻ

ابوالحسن، هذلي کان ٻڌو ۽ انهي اَسْوَد کان روايت ڪئي ته: زياد جڏهن [سِنَان] ابن سَلَمَه کي موقوف ڪيو، تڏهن راشد بن عَمْرو کي هندستان ملڪ [جي سرحد] ڏانهن روانو ڪيائين ۽ کيس گورنر مقرر ڪيائين. راشد

---

(١) چورس ڏنگين ۾ ڏنل احوال ابن قتيبه جي ڪتاب عيون الاخبار (ج ١، ص ٢٢٧) تان درست ڪري ڏنو ويو آهي: فتحنامه جي اصل عبارت هن طرح آهي ۽ اها ظاهراً ناقص آهي: "زياد احنف بن قيس را فرمود ڪه هر او سند است و مؤمنان است". (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هڪ شريف ماڻهو هو ۽ همت بلند هوندي هيس. امير معاويه هن کي سنڌ جي تخت تي ويهاريو، ۽ گهڻي وقت تائين پاڻ ۾ صلاح ڪيائون. پوءِ [لشڪر جي] مکيه ماڻهن کي چيائين ته: راشد شريف ماڻهو ۽ اڳواڻ آهي؛ ڪيس خوش رکجو ۽ سندس فرمانبرداري ڪجو؛ لڙائي ۾ سندس مدد ڪجو ۽ ڪيس اڪيلو نه ڇڏجو. راشد مڪران ۾ پهچڻ سان عرب جي بزرگن ۽ مکيه ماڻهن سان گڏجي مشاورت ڪئي. ڪيس مضبوط عقل وارو ۽ ڪامل ڏسي چيائين ته: خدا جو قسم مونکي هڪ وڏي شان وارو آهي، هو سرداري ۽ سپه سالاريءَ جو لائق ۽ بهادر آهي؛ ۽ [پوءِ] پنهنجي گڏجي ويئا. هن کي امير معاويه، وڃڻ وقت [تاڪيد] ڪيو هو ته هميشه سنڌ ۽ هند جون خبرون ڏيندو رهي. ڪجهه عرصي گذرڻ کانپوءِ وقت ڪانئس سنڌ جون خبرون پڇي لشڪر جي پڪي تياري ڪيائين.

(روايت:) عبدالرحمان بن عبد ربّه (١) السّليطي کان هن طرح روايت ڪن ٿا ته هن چيو ته: مون عبدالرزاق بن سلمه کان ٻڌو ته، جڏهن راشد بن عَمرو سنڌ ملڪ ۾ پهتو، [٨١]

---

(٢) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي عبدالله آهي سڳر پ ۽ ر جي پڙهڻي "عبدربه" آهي جا صحيح آهي. فارسي ايڊيشن ۾ ص ٢٣٤ تي هن ساڳئي نالي جي پڙهڻي پ مطابق "عبدربه" ڏني وئي آهي ۽ ان جاءِ تي ا، ر ۽ م جي پڙهڻي "عبدربه" آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ ڪوهه پايه جي ڍل وصول ڪري ڪيڪانان ويو ۽ اتي وڃي اڳين ۽ پوئين ڍل وصول ڪرڻ سان گڏ غنيمتون ۽ بيفرمان غلام، جيڪي فرجي ويا هئا، تن تي قبضو ڪيائين، تڏهن هڪ سال [اتي رهڻ] ڪان پوءِ موٽي سيستان جي رستي ڪان پنڌ ڪري، اچي ڪوهه مُنْذر (١) ۽ بَهْرَجْ وٽ پهتو. انهيءَ جبل جي مائهن لشڪر گڏ ڪيو: صبح ڪان پيهري جي نماز تائين جنگ ڪندا رهيا، نيث راشد شهيد ٿي ويو. [راشد جي شهيد ٿيڻ ڪان] (٢) پوءِ ملڪ وري سِنَانَ بن سَلَمَه جي حوالي ٿيو ۽ سِنَانَ بن سَلَمَه دوباره [گورنر جي حيثيت ۾] مستحڪم ٿيو (٢).

[سِنَانَ بن سَلمه جي دوباره ايالت]

بَسمار اَلقرَشيَ" ڪان هن طرح روايت ڪئي اٿس ته

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "ڪوهه منذر" پڙهڻ اختيار ڪيل آهي مگر ب، ن، ڪ، جي پڙهڻي "ڪوهه منذر" آهي جا زياده قرين قياس آهي. غالباً انهيءَ جبل تي اهو نالو عرب جي پهرئين هڪ گورنر "منذر بن جارود" جي ڪري پيو. (ن ب) (٢)-(٢) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "باز ولايت به سنان بن سلمه ديگر بار مستحڪم شد" آهي جا شايد ب مطابق آهي. ن، ل، م مطابق: "باز ولايت به سنان بن سلمه دادند، سنان بن سلمه ديگر بار مستحڪم شد." هي عبارت ڪليل آهي ۽ ترجمو به انهيءَ مطابق ڏنو ويو آهي. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن راشد بن عمرو شهيد ٿيو، تڏهن زياد، سِنان بن سلمه
کي گورنر بنايو ۽ [مٿس] فخر ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ هو
پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جي زماني ۾ ڄائو هو، ۽ جڏهن
سندس پيءُ کي [سندس ڄمڻ جي] خوشخبري ملي هئي تہ پيغمبر
صلي الله عليہ وسلم فرمايو هو تہ "يا سلمه ابشر بابنک"
(اي سلمه! پنهنجي پٽ تي خوش ٿي). تنهن تي هن عرض
ڪيو هو تہ: جيڪڏهن ٻار کي ۽ هن کي الله جي واٽ
۾ قربان ڪريان تہ [يقيناً] اهڙن هزار پٽن کان پيارو ٿيندو،
جيڪي خدا جي واٽ ۾ قربان نہ ٿين. تنهن تي رسول الله
صلي الله عليہ وسلم هن جو نالو سِنان رکيو. هو جڏهن اڳواڻ
مقرر ٿيو، تڏهن سينگاريل لشڪر سان وٺي اڳتي وڌيو، [۽]
پيغمبر عليہ الصلواة والسلام کي خواب ۾ ڏٺائين، جنهن
فرمايس تہ: تنهنجو پيءُ تنهنجي مردانگيءَ تي ناز ڪندو هو؛
اڄ تنهنجو ڏينهن آهي، گهڻيون ئي ولايتون تنهنجي هٿ
اينديون ۽ انهن جو سڌارو ٿيندو. [٨٣] پوءِ [سنان] اتان روانو
ٿي، ڪي ملڪ هٿ هيٺ آڻي وڃي ڪيڪانان پهتو، ۽
جتي ۾ پهتو ٿي تہ چڱيون رسمون قائم ڪيائين ٿي. آخر
وڃي "بڌيه" ۾ پهتو، جتي ماڻس لڳي ڪري کيس شهيد
ڪيائون، جنهن تي ابن خلاص الٻڪبري هي شعر چيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شعر:

أَبْلِغْ مِينَانَ ابْنَ مَنْصُوْرٍ وَ أَخْوَتَهُ
أَعْنِيْ هَنْدِيَنْتَ (١)، كِرَامًا غَيْرَ أَغْمَارِ،
إِنَّا عَتَبْنَا عَلَيْكُمْ فِيْ إِمَارَتِكُمْ
وَ الدَّهْرُ ذَا قَلَلٍ فِي النَّاسِ دَوَّارِ،
يُعْطِي الْجَزِيْلَ وَ يَقْشُرُ غَيْرَ مُسْتَتِرٍ
وَلَا يَزِيْدُ كَـ شَرًا (١) بَعْدَ إِقْتِدَارِ،
لَمْ يَخْزِلِ الْقَوْمُ إِذْ جَنَّتْ فَتَاتُهُمْ (١)
كَابْنِ الْمُعَلَّى وَلَا مِثْلُ ابْنِ سَوَّارِ،
وَلَا ابْنَ مُرَّةَ إِذْ أَوْدَى الزَّمَانُ بِهِ،
كَمْ قَتَلَ الدَّهْرُ مِنْ شَابٍ وَ أَطْفَارِ،

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هَنْدِيَنْتَ جي بدلي هَنْدِيْلَا وَلَا يَزِيْدُ كَـ شَرًا جي بدلي وَلَا يَزِيْدُ تَرِيْ ۽ إِذْ جَنَّتْ فَتَاتُهُمْ جي بدلي اذْ جَنَّتْ فَتَاتُهُمْ پڙهيون ڏنل آهن. هت هَنْدِيَنْتِ، ولا يَزِيْدُ كَـ شَرًا ۽ اذْ جَنَّتْ فَتَاتُهُمْ پڙهيون اختيار ڪيون ويون آهن، جي علامه عبدالعزيز الميمني سابق پروفيسر عربي، مسلم يونيورسٽي عليڳڙه، فاضل ايڊيٽر (ڊاڪٽر دائود پوٽا) ڏانهن لکي موڪليون هيون. ڏسو فارسي ايڊيشن، ص ٢٦١. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[چيچ سنان بن منصور، ان جي پائڻ کي،
اهي سڳورا جي آهن ڪريم، تجربيڪار،
ٿيا سون رنج توهان تي توهان جي اميريءَ ۾،
زمانو ڏاڍو آ تڪليف ده، وڏو مڪار،
ڏٺي تو دولت تنهن کي ڀڄي نہ جو دولت،
ڏٺي فقير سان هرگز نہ سو ڪڏهن غدار،
ڏٺي ذليل جڏهن قوم ڏيس ڪونہ پناهہ،
ڏٺي جيئن ابن مُعلّي، ڏٺي جيئن ابن سوار،
يا جيئن ڏٺي ٿي ابن مُرّہ پر ٿيو هو تباهہ،
زماني ڪيئي ڪيا مرد شير دل بي ڪار.]

مُنذِر بن جارُود بن بِشر جو والي ٿيڻ.

پوءِ [هيءُ] ملڪ مُنذِربن جارُود بن بِشر جي حوالي ٿيو. جڏهن خليفي جي حڪم سان، مُنذِر گورنريءَ جي پوشاڪ پهري، سن ايڪهٺ [هجري] ۾ جنگ تي روانو ٿيو، تڏهن سندس ڪڙو ڪنهن آيءَ ڪانءَ ۾ اڪي فالي پيو، [جنهن تي] عُبيدالله بن زياد [۸۳] غمگين ٿي چيو تہ: مُنذِرُ جي فال چڱي نہ ٿي آهي: آخر انهيءَ ڪان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موڪلائي موٽي آيو ۽ روئي چيائين ته مُنذرؒ هن سفر تان موٽي ڪونه ايندو بلڪ مري ويندو. [هڪ ڏينهن] ابن زياد کي عبدالعزيز چيو ته: مال نقصان ٿي رهيو آهي، ۽ توهان ڪنهن کي مقرر ڪنا ڪريو ٿا؟ چيائين ته مُنذرؒ کي موڪليو اٿم، جنهن سان لڙائي ۽ بهادريءَ ۾ ڪوبه مقابلو ڪونه ڪري سگهي؛ جيڪڏهن بخت مددگاري ڪيس ته مطلب حاصل ڪري موٽي ايندو.

(منذر جي حڪمراني) (١) مُنذر جڏهن اتان روانو ٿي دشمن جي ملڪ ۾ پهتو ته [اوچتو] ٻُوڙالي [ندي] جي حد ۾ بيمار ٿيو ۽ ساهه خدا تعالي جي حوالي ڪيائين. سندس پٽ حڪم بن مُنذرؒ، ڪرمان ۾ هو، تنهن ڏانهن [بيماري جو] لکي موڪليائين. [هن جي مرڻ کان] پوءِ سندس [منذر جي] پاءُ، عبدالعزيز کان انهيءَ ملڪ جي [گورنري جي] گهر ڪئي؛ ۽ [عبدالعزيز وچي حجاج سان ڳالهايو:] حجاج دروازي تي پهتو ته نماز جي بانگ جو آواز آيو. عبدالعزيز ڏانهن منهن ڪري، حجاج چيو ته: بانگ جو آواز منهنجي ڪن تي نه پوي ها ته سندس [يعني منذر جي] پاءُ کي انهيءَ خط آڻڻ سبب سزا ڏيان ها. اسان جي برگزيدن ۽ سڪيه ماڻهن سان هڪ بزرگ خدا تعاليٰ جي وات ۾

---

(١) ن ۾ هي عبارت ڪانهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي جان فدا ڪئي آهي، ۽ سنڌس جاءِ تي سنڌس پٽ موجود آهي، ۽ تون ثو [پاڻس لاءِ] گورنري گهرين؟

حَڪَمُ بن مُنذِرِ جو والي ٿيڻ

بيان ڪن ٿا ته: جڏهن حڪم آيو، ۽ عبيدالله کي اطلاع ڏنائون، تڏهن هن راو ۽ غمگين ٿيو ۽ سنڌس [منذر جي] پٽ [حڪم] کي گهرائي، کيس ٿي لک درهم بخشيائين، انهيءَ کان پوءِ ٻه ڇهن مهينن تائين هند جي گورنري سنڌس حوالي هئي، جڏهن حڪم [گورنري جي] خلعت پهري، ۽ هو هڪ همت وارو ۽ بهادر هو، تڏهن عبدالله [بن] الاعور الجرمازي (١) اِئي هي شعر پڙهيا [٨٤].

يا حَكَمَ بْنَ الْمُنْذِرِ بْنِ الْجَارُوْدْ
اَنْتَ الْجَوَادُ وَ الْجَوَدُ مَحْمُوْدْ
سُرَادِقُ الْمَجْدِ عَلَيْكَ مَمْدُوْدْ
نَبَتَّ فِي الْجُوْدِ فِي اَصْلِ الْجُوْدْ
[اي مُنذِرِ جارُود جا فرزند حَڪَمَ!
آهين بيشڪ تون سخي ۽ سخي آهي محمود،
توکي چوطرف بزرگي جو رهي ٿو گهيرو،
آهين ڄائو تون سخا ۾ تنهنجو بنياد آ جُوُد]

---

(١) اصل لفظ سڀني نسخن ۾ "العواري" آهي، ڪيل تصيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ٨٤. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عَبْدالملڪ بن مروان جي خلافت

تاريخ جي راوين هن طرح بيان ڪيو آهي ته: جڏهن عبدالملڪ بن مروان آيو ته هن عراق، هند ۽ سنڌ حجاج بن يوسف کي ڏنا، ۽ حَجّاج، سَعِيْد بن آسْلَمْ ڪلابي کي مڪران موڪليو. هن جي اتي پهچڻ کان پوءِ [هڪ شخص] سفهوي بن لام الحمّامي، آزاد [قبيلي] مان، اٿي آيو. سَعِيْد کانئس گهر ڪئي ته: اچ جتي ۽ منزل ڪريان ته تون مون سان هج، ۽ منهنجو مددگار ٿيءُ. جواب ڏنائين ته: مون وٽ لشڪر ڪونه آهي. تنهن تي هن چيو ته: خلافت جي دفتر کي حڪم ٿو ڪريان. هن چيو ته: خدا جو قسم تنهنجي زبردستيءَ ڀر نه اينديس جو شرم ٿو اچي. سعيد [ڪاوڙجي] هن کي پڪڙي، قتل ڪيو ۽ سندس کل لاهي ان جو سر حَجّاج ڏانهن موڪلي، پاڻ مَڪْران وڃي مقيم ٿيو، ۽ ڍل وصول ڪرڻ لاءِ اعتماد جوڳا ماڻهو مقرر ڪري، صلح ۽ نرميءَ سان، هندستان جو گهڻوئي محصول وصول ڪيائين. آخر هڪ ڏينهن جيڪو مال ڪٺو ٿي آيو ته مرج (١) ۾ عِلافين سان مقابلو پيش آيو.

---

(١) سيني نسخن ۾ "مرج" آهي. مرج جي معنيٰ گاهه وارو ميدان، مگر هن خطي ۾ اهڙي جڳهه جو ڪو به عربي تاريخن يا جاگرافين ۾ نٿو ملي. غالباً هي لفظ "بهرج" جي بگڙيل صورتخطي آهي. فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر جي راءِ ۾ هي لفظ غالباً بهرَج آهي. بهرج ڪرمان ۽ مڪران جي سرحد جو شهر هو، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب اڳ ص ٧٦ تي اچي چڪو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

علافين ۽ سندن بغاوت جي خبر

قُتَيْبَة بن آشعَثُ کان روايت ڪن ٿا ته: هڪ ڏينهن ڪُلَيْب بن خَلَف [٨٥] المغني، عبدالله بن عبدالرحيم العلافي ۽ محمد بن معاويه العلافي ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته سفهوي بن لام اسان جي ملڪ عمان جو ماڻهو هو ۽ اسان جي طرف جو ساڻس لاڳاپو آهي؛ سعيد کي اسان جي قرابت وارن کي قتل ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ سو جيئن هو [سعيد] ڏِل ڪنبو، مرج (١) ۾ تي آيو ته [هن جي] ساڻهون ٿيا، [پهريائين] ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيائون، پر نيٺ وڃي جنگ جي حد کي پهتا، ۽ علافين غلبو ڪري، سعيد کي ماري پاڻ مڪران ۾ ڪُهي ويا، جنهن تي فَرَزْدَقَ هي شعر چيو:

سَقَى اللهُ قَبْرًا يَا سَعِيدُ تَضَمَّنَتْ
نَوَاحِيهِ اَكْفَانًا عَلَيْكَ ثِيَابُهَا
[وَحُفْرَةَ بَيْتٍ اَنْتَ فِيهَا مُوَسَّدٌ
وَقَدْ سُدَّ مِنْ دُونِ العَوَائِدِ بَابُهَا]
لَقَدْ ضَمَّنَتْ اَرْضٌ بِمُكْرَانَ سَيِّدًا
كَرِيمًا اِذَا الاَنْوَاءُ خَفَّ سَحَابُهَا

---

(١) غالباً = ڀهرج؛ ڏسو حاشيه ص ١١٧. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شَدِيْدٌ عَلَى الأَدْنَيْنِ مِنْكَ إِذَا احْتَوَى
عَلَيْكَ مِنَ التُّرْبِ الْهِيَامِ حِجَابُهَا
[أَيَتْبَكِرُ سَعِيداً مُرْضِعٌ أَمْ خَمْسَةٍ
يَتَامَى وَمِنْ صِرْفِ الْقَرَاحِ شَرَابُهَا]
إِذَا ذَكَرَتْ عَيْنِي سَعِيداً تَحَدَّرَتْ
عَلَى عَبَرَاتٍ يَسْتَهِلُ انْسِكَابُهَا (١) [٨٦]

---

(١) اصل جلمي نسخن ۾ صرف هيٺيان چار شعر ڏنل آهن فارسي ايڊيشن ۾ انهن جي پڙهڻي هن طرح قائم ڪئي وئي آهي:-

سَقَي الله قبراً من سعيد فَاصْبَحَتْ
نواحيه ارْهي عليك ترابُها
لقد ضَمَّنَتْ ارض بمُكران سيدا
تَرِبْماً جَوَادَ لايُوَاكِفُ سحابها
شديدا علي الادنين مِنْكَ احْسَنُوا
عليك من الثوب المهار حجابها (؟)
اذا ذَكَرتْ عيني سعيدا تَجَدَّدتْ
لها عَبَرَاتٌ يَسْتَهِلُ انسكا بها

اسان جي پڙهڻي جو مدار علامه عبدالعزيز الميمني، سابق پروفيسر مسلم يونيورسٽي عليگڙه جي ڪيل تصحيح تي آهي. (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ٢٦١). فرزدق جا اهي اشعار سندس ديوان (طبع بيروت، طبع صاوي قاهره ص ١٠٢؛ ۽ هيل سيونج سن ١٩٠٠، رقم ٣ ۽ رقم ٥٠٠) ۾ موجود آهن. مٿي چورس ڏنگين ۾ ڏنل مصرعون (نمبر ٢ ۽ ٣) ديوان تان پيتي ڏنيون ويون آهن. فتحنامي جي جملي نسخن ۾ اهي ڪٽل آهن. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[سعيد! تنهنجي قبر کي رکي خدا ٺل خوش،
جنهن جي پيٽ ۾ تنهنجي ڪفن جا ڪپڙا ٿيا.
رهي سا ڪوئي سلامت نون جنهن ۾ آرامي،
حالانڪ آئي وئي ڪان انهيءَ جا در ۾ ورا.
رهيو زمين ۾ مڪران جي اهو سيد،
ڪکر وسيا ٿي جنهن جا جڏهن ته سينهن وسيا.
ٿيا الم ۾ گرفتار تنهنجا سڀ ويجها،
جڏهن مٿان تنهنجي سنهڙي ڏٿيءَ جا پردا وريا.
رڳي سعيد کي سا ماءُ، ٻنج ٻچا جنهن کي،
يتيم، ڪجهه نه رهيو آ وٽس ٻاڻيءَ ڪانسواءِ.
اکين کي ياد ٻوي ٿو جڏهن سعيد تڏهن،
وهن ٿا لڙڪ انهن مان، ٿا جيئن وهن نارا.]

پوءِ حجاج، سعيد جي ماڻهن کان ڪاوڙجي پڇيو ته:
توهان جو امير ڪٿي آهي؟ جيئن ته هنن اقرار نٿي ڪيو،
تنهنڪري ڪن کي ترار جو لقمو بڻايائين، تڏهن ٻيئڻ
اقرار ڪيائون ته علافين بيوفائي ڪري، کيس قتل ڪري
ڇڏيو. پوءِ ته حجاج، ٻني ڪلاب مان هڪ ماڻهوءَ کي
حڪم ڏنو، [جنهن وجي] سليمان علافيءَ کي ڳنڍو ۽
سندس سڀي سعيد جي پسماندن جي گهر موڪلي، کين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دلداري ڏيئي، سنڌس قربن کي نوازيائين. پر تڏهن به حجاج بن اسلم، بشر بن زياد، محمد بن عبدالرحمان، اسماعيل بن اسلم، سعيد جا آزاد ڪيل غلام ۽ سنڌس ساٿيا نعرا هڻندا رهيا ۽ روح رازو ڪندا رهيا. صعصعه بن مجربه (١) ڪلابيءَ هيءُ شعر چيو:

أَعَاذِلَ كَيْفَ لِي بِهُمُومِ نَفْسِي
بِذِكْرَى تَابِعًا فِيهَا سَعِيدًا
وَإِخْوَانًا لَهُ سَلَفُوا جَمِيعًا
غَطَارِفَةً مِنَ الْأَدْنَيْنَ صِيدًا
إِذَا مَا الدَّهْرُ حَلَّ فَلَمْ تَكُونُوا
بِمَا قَدْ حَلَّ مِنْ أَمْرٍ شُهُودًا
بِقَنْدَابِيلَ حَيْثُ تَرَى الْمَنَايَا
وَقَدْ لَاقَتْ بِهِمْ كَرَمًا وَجُودًا
وَلَا تَشْمَتْ بِنَا سُوقًا (٢) سَتَلْقَى
مِنَ الْآجَالِ مِطْرَقَةً حَدِيدًا [٨٧]

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "مجربه" آهي مگر استاد علامه عبدالعزيز الميمني جي راءِ ۾ عربن ۾ "مجريه" نالو آهي ۽ نه "مجربه" - انهيءَ لحاظ سان "مجريه" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "سوقا" آهي، ڪيل تصحيح استاد علامه الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[بڌاءِ عـاذل ڪريان مان چا غمن ڪي،
سعيد جـي ياد ۾ جن ڪيو آ بي ڪار؛
۽ پڻ پائر سندس جـي ويـا گذاري،
اقـارب پڻ هنا جـي جملي سـردار؛
زمـاني ڪـان جي آئي ڪا مصيبت،
ڏسي رهيا نـه سي خاموش هـوشيار؛
هـو قنداييل ۾، جـو موت جو گهر،
مليا وجـي موت مان سخين جا سردار،
ڪـلائج ڪين ماٺهو تـون جهليندين،
اجـل جـا مطرقـا لوهـا خبردار!]

مُجّاعه بن سعر بن يزيد بن حذيفه [التّميمي] جو والي ٿيڻ

هن تـاريخ جـا سنواريندڙ روايت ڪـن ٿا تہ: بِشر بن عيسيٰ صاحب الـخلاط (١)، فَرقَدُ (٢) بـن مُغيرہ ۽ عَمْرو بن محمد التَّميمي ڪان بيان ڪيو تہ: جڏهن حجّاج

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "صاحب الخاط" آهي. تصحيح استاد علامہ عبدالعزيز الميمني طرفان آهي. (ن-ب) (٢) فـارسي ايڊيشن ۾ "برقد" آهي، تصحيح استاد الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مُجاعَة بن سعر کي مڪران (١) ڏانهن موڪليو، [ڇاڪاڻ تہ] سن پنجاسي [هجري] ۾ هند ۽ قندابيل جا ملڪ [بن] حجاج جي ذمي ڪيا ويا هئا؛ علائفيءَ، مجاعة جي پهچڻ کان اڳ ڀڄي ويا. مجاعة سندن گهولا ڪئي، پر هو سنڌ جي راجا ڏاهر بن چچ وٽ هليا ويا. مجاعة هڪ سال مڪران ۾ رهي، جان خدا جي حوالي ڪئي.

محمد بن هارون بن ذراع النمريءَ جو والي ٿيڻ

جڏهن سال ڇهاسي [هجري] آيو، [۽] خلافت وليد بن عبدالملڪ بن مروان کي ملي، تڏهن [هند جو] ملڪ محمد بن هارون جي حوالي ڪيائين. تاريخ جا مصنف هن طرح روايت ڪن ٿا تہ؛ جڏهن مجاعة جي عمر پوري ٿي تہ حجاج بن يوسف، محمد بن هارون (٢) کي هندستان جي طرف مقرر ڪيو ۽ کيس حڪومت هلائڻ ۾ آزاد رکيائين، ۽ ديواني مال وصول ڪرڻ جو تاڪيد ڪري، چيائينس تہ علافيين کي ڳولج ۽ ڪينہ ۾ ڪري کين هٿ آڻي، سعيد جو انتقام وٺج، پوءِ محمد، سن ڇهاسي جي اوائل

---

(١) جملي نسخن ۾ ”خراسان“ آهي، مگر اهو غلط آهي جيئن اڳتي هلي واضح ٿي ٿو. (ناشر) (٢) تحفة الڪرام جي روايت موجب هيءُ ماڻهو بلوچن ۽ جتن جو ڏاڏو آهي. ڏسو تحفة الڪرام ص ٢٨، ج، ٣. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ هڪڙي علائقي کي هٿ ڪيو ۽ خليفي جي فرمان
مطابق انهيءَ کي قتل ڪري، سندس سر حجّاج ڏانهن موڪليو،
۽ انهيءَ متعلق حجّاج جي خدمت ۾ هڪ خط لکيائين،
[88] جنهن ۾ ذڪر ڪيائين تہ هڪ علائقيءَ کي ترار جو
ڪاج ڪيو ويو ۽ بيڪڏهن عمر وفا ۽ بخت ياوري ڪئي
تہ هِن کي پڻ گرفتار ڪيو ويندو. محمد بن هارون پنج سال
[رهي]، درياءَ ۽ بيابان فتح ڪيو.

انهن تحفن ۽ سوکڙين جو ذڪر جيڪي سرانديپ
کان وقت جي خليفي ڏانهن موڪليا ويا هئا.

چون ٿا تہ: سرانديپ[*] جي راجا، جزيرہ يواقيت (١)
مان حجاج لاءِ هيڏيءَ رستي تحفا ۽ سوکڙيون موڪليون:
[انهن سان گڏ] عجيب موتي ۽ جواهر، حبشي ٻانها ۽ ٻانهيون،
پڻ بيا لائق تحفا ۽ بيمثال ۽ سانڍڻ لائق سوکڙيون دارالخلافت
ڏانهن بہ روانيون ڪيائين. ڪي مسلمان زالون پڻ ڪعبي
[شريف] جي زيارت ۽ دارالخلافت جي ڏسڻ لاءِ انهن سان
گڏجي روانيون ٿيون.

جڏهن قازرون ملڪ ۾ پهتا تہ مخالف واءُ اٿيو، ۽
جهازن کي تواڻي ڪري، وڃي ديبل جي ڪناري تي
ڪيڏيائين. هڪ چورن جو ٽولو جن کي نڪامرہ (٢)

---

(١) لفظي معنيٰ جي لحاظ سان "ياقوتن جو ٻيٽ". (٢) ن ب: نڪامرہ؛
م تنڪامرہ، ح لنڪامرہ، س بڪامرہ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چوندا هئا ۽ ديبل جا رهاڪو هئا، سي انهن ئي جهازن کي ٻڪڙي، انهن ۾ پيل سامان ڪڍي، مردن ۽ زالن کي گرفتار ڪري، سامان ۽ جواهر سڀ ڦري کڻي ويا. سرانديپ جي بادشاه جي ماڻهن ۽ عورتن گهڻوئي چيو ته هو، هي ۽ مال وقت جي خليفي ڏانهن نيئي رهيا آهن، مگر انهن توجه نه ڪئي، ۽ سڀني کي بند ڪري چيائون ته: جڏهن توهان جو ڪو دادرسي ڪندڙ آهي ته پاڻ کي وري خريد ڪريو. [انهي هڪڙي ۽ زال داڻهن ڪري [٨٩]چيو ته]: "ياحَجّاج! ياحَجّاج! اَغِثْنِي اَغِثْنِي" (اوحَجّاج! او حَجّاج! منهنجي واهر ڪر، منهنجي واهر ڪر!). اها عورت بني عزيز (١) قبيلي مان هئي. حجاج هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو: "لَبَّيْڪ لَبَّيْڪ" وسط اسعدي ٻڌايو ته: جڏهن ديبل فتح ٿيو، تڏهن انهيءَ زال کي ڏٺم: سنڌس چمڙي سفيد ۽ قد ڊگهو هو. ديبل جا واپاري آيا، ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ ٻيڙي مان ڀڄي نڪتا هئا، تن اچي حجاج کي هن حال جي خبر ڏني ته: مسلمان زالون ديبل ۾ قيد آهن. "يا حَجّاج! يا حَجّاج! اَغِثْنِي اَغِثْنِي" چئي فرياد ڪري رهيون آهن. حَجّاج هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو: "لَبَّيْڪ لَبَّيْڪ" ("حاضر آهيان حاضر آهيان"). ٻيءَ روايت ۾ آهي ته: حجاج کي جڏهن مسلمان عورتن جي خبر پهتي ته [هو چئي رهيون آهن] "اي حجاج اسان جي واهر ڪر." تڏهن چيائين ته [انهن

(١) پ بني عزيز.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عورتن] گويا مون کي ننڊ مان بيدار ڪيو آهي ته ظالمن ۽ نالائقن کان اسان جي فريادرسي ڪر جو قيد ۾ پيون آهيون.

حجاج جو ڏاهر ڪافر ڏانهن قاصد موڪلڻ.

پوءِ حجاج، ڏاهر بن چچ ڏانهن هڪ قاصد موڪليو، ۽ محمد بن هارون ڏانهن [پڻ] خط لکيائين ته: هن قاصد سان ڪو اعتماد جوڳو ماڻهو ساڻ ڏيئي، ڏاهر بن چچ ڏانهن موڪل ته وڃي ڪيس چوي ته مسلمان عورتن کي ڇڏي ڏئي، ۽ دارالخلافه جا تحفا واپس ڪري، پڻ زالن جي حالت ۾ معلوم ڪري. هڪ خط ڏاهر ڏانهن پڻ لکيائين، جنهن تي پنهنجي هٿ مبارڪ سان دستخط ڪري قاصد کي ڏنائين، جنهن ۾ [٩٠] نهايت تاڪيد سان دڙڪو تاب لکيائين. جڏهن هيءُ خط ڏاهر بن چچ کي پهتو، ۽ هنيڊن جو ديبل پڻ ڏاهر بن چچ جي بادشاهيءَ ۾ هو، تڏهن خط پڙهي ۽ جيڪي پيغام موڪليل هئا سي ٻڌي، جواب ڏنائين ته: ”هيءُ ماڻهو چور آهن ۽ انهن کان وڌيڪ طاقتور ڪو ڪونه آهي: اسان جي پڻ تابعداري ڪانه ڪندا آهن.“

حجاج جي دارالخلافت کان اجازت گهرڻ.

هن خبر پهچڻ تي حجاج، [خليفي] وليد بن عبدالملڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي خدمت ۾ اطلاع موڪلي، ڪانئس سنڌ ۽ هند جي جهاد جي اجازت طلب ڪئي. [خليفي] حجاج ڪي موڪل نہ ڏني. [جنهن تي حجاج وري] ٻيو پيرو لکيو. آخر اجازت ڏني ويئي. پوءِ حجاج، عُبيدالله بن نبهان السلمي کي مڪران [جي جنگ] تي مقرر ڪيو. [هوڏانهن] بُديل [ابن طهفة البجلي] کي حڪم ڏنائين تہ: محمد بن هارون وٽ وڃ، ۽ مڪران پهچي کيس [دارالحڪومت مان] لشڪر جي موڪلڻ جي خبر ٻڌائج، جيئن هو [بہ] ٽي هزار ماڻهو تو سان گڏي روانا ڪري. بُديل ٽيهن سون جنگي جوانن سان روانو ٿيو. عُبيدالله پڻ ان سان گڏ (١) عمان جو سنڌ (عربي سمنڊ) ٽپي، اچي ديبل (٢) جي قلعي وٽ پهتو. [طهفة جي هٽان] جڏهن محمد بن هارون کي حجاج جو خط مليو، تڏهن هن هڪ جماعت هن سان گڏي روانی ڪئي، ۽ هو اچي ديبل پهتو. ديبل جي رهاڪن، ڏاهر ڏانهن

---

(١) هت اصل متن ۾ "باوي" يعني ان سان گڏ"، تاريخي تسلسل جي لحاظ کان "ان سان گڏ" لفظ هتي بي موقعي آهن ۽ سڄي مضمون کي خراب ڪري رهيا آهن. بلاذريءَ جي لکڻ موجب عُبيدالله بن نبهان، بديل بن طهفة کان اڳ ديبل ۾ لڙائي ڪندي شهيد ٿي ويو. تنهن کان پوءِ حجاج، بديل بن طهفة کي ديبل روانو ڪيو. ڏسو بلاذري ص ٤٣٥-٣٦. (ن-ب) (٢) اصل جملي نسخن ۾ "نيرون" آهي جو غلط آهي. صحيح ديبل آهي. ڏسو بلاذري ص ٤٣٥. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اروڙ ڏي ماڻهو موڪليو ته ڪيس ٻڌائين جي ديبل اچڻ جي خبر ٻڌائي. [اهو ماڻهو] جيسينه (٣) بن ڏاهر ڪي، جو نيرون ۾ هو. خبر ٻڌائيندو، ڏاهر ڏانهن ويو [٩١].

جيسينه بن ڏاهر جو نيرون کان پهچڻ.

ڏاهر، جيسينه (٣) کي چار هزار سوار، اٺ ۽ هاٿي ساڻ ڏيئي جلدي روانو ڪيو، جو اچي ٻڌيل کي سامهون ٿيو. [انهيءَ وچ ۾] ٻڌيل، ديبل جي بهادرن کي شڪست ڏيئي چڪو هو. جيسينه (٣) چار هاٿي ۽ ٻيو ساز سامان وارو لشڪر ساڻ ڪري آيو، ۽ اچي لڙائي ڳنڍيائين.

صبح کان شام تائين ٻنهي طرفن ۾ لڙائي چالو رهي. عين لڙائي هلندي، سوارن جي غلبي ۽ هاٿين کان ٻڌيل جو گهوڙو ڊهڻ لڳو. ٻڌيل دستار لاهي، گهوڙي جون اکيون ٻڌي حملو جاري رکيو، ۽ ڪيترن کان پوءِ [۽] اهي ڪافرن کي جهنم ۾ موڪلي، پاڻ شهيد ٿيو.

(٣) جملي نسخن ۾ هن نالي جي صورتخطي "جيسنه" آهي جو معنيٰ جي لحاظ سان جيسينه ٿيندو ۽ دراصل "جيسينه" (يعني "سوڀارو شينهن") آهي. هن کان اڳ ساڳي طرح "ڏاهرسينه" جو نالو اچي چڪو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان سڄي ڪتاب ۾ هن نالي جي پڙهڻي "جيسينه" قائم ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پوءِ جئيسنھ ھڪ لشڪر کي مقرر ڪيو، ۽ مٿس هاڻي سندس نگرانيءَ ۾ ڏيئي، ديھ بکري کيس جاگير ڏنائين.

بُديل جي شهيد ٿيڻ جي خبر

روايت ڪئي اٿن تہ: جڏهن حجاج کي بُديل جي شهيد ٿيڻ جي خبر پهتي، تڏهن غمگين ٿي چيائين تہ: ”اڙي بانگا! جنهن وقت بہ نماز جي بانگ چوين تہ دعا ۾ مون کي بُديل جو نالو ياد ڏياريندو رهج، جيئن سندس بدلو وٺان.“ پوءِ انهيءَ لشڪر مان هڪ ماڻهو [٩٣] آيو ۽ حجاج جي اڳيان جنگ جو بيان ڪندي، بُديل جي بهادريءَ ۽ مردانگيءَ جو بيان ڪيائين، جا هن انهي جنگ ۾ ڏيکاري هئي، جيستائين جو هو ڪسي ويو ۽ اسلام جي لشڪر کي شڪست آئي: [چيائين] تہ ”مان حاضر هوس ۽ سندس مردانگي ۽ همت ڏسي رهيو هوس.“ جڏهن ڳالھ ڪري پوري ڪيائين، تڏهن حجاج چيو تہ: ”جيڪڏهن تون بهادر مرد هجين ها تہ بُديل سان گڏ قتل ٿين ها.“ [ائين چئي،] هن کي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنائين.

(بُديل جو شهيد ٿيڻ:) عبدالرحمان بن عبد ربہ (١)

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ”عبدالله“ ن ۾ صاف طور ”عبد ربہ“ آهي ۽ پ، ر، م جي پڙهڻ مان بہ ظاهر آهي تہ اصل لفظ ”عبد ربہ“ آهي. هي راوي ساڳيو ”عبدالرحمان بن عبدربہ السليطي“ آهي، جنهن جو [٨١] تي ذڪر اڳي ڪري آيو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪان روايتن ۾ آئين ٿا ته، جڏهن ٻڌبل قتل ٿي ويو، ته ڏٽهن ڪوٽ نيرون (١) جا ماڻهو اچي ٻڌا ته عرب جو لشڪر هن ظلم جي بدلي وٺڻ لاءِ ضرور ايندو، ۽ اسين سندن لنگهه تي آهيون، [جنهنڪري] پهرين اسان تي ڪاوڙ ڇنڊبندا، ۽ اسان برباد ۽ تباهه ٿي وينداسون. انهيءَ وقت نيرون جو حاڪم سمندر نالي هڪ شمني هو، [تنهن] ڏاهر جي اطلاع ڪان سواءِ، پنهنجا معتبر ماڻهو حجاج جي خدمت ۾ موڪلي، امان نامو گهريو ۽ باڄ تي ڍل مقرر ڪئي، [جنهن لاءِ انجام ڪيائين ته] وقت تي ادا ڪندو رهندو. امير حجاج انهن کي امان جو پروانو لکي ڏنو، ۽ مضبوط انجام سان دلجاءِ ڏيئي چيائين ته: اهڙيءَ طرح بندوبست ڪيو، جيئن اسان جا قيدي آزاد ٿين؛ ۽ جيڪڏهين نه ته چين جي حد تائين ڪافرن کي نه ڇڏيندس، [بلڪ] اسلام جي ترار سان [ڪين] ذليل ۽ خوار خراب ڪندس۔"

اتي عامر بن عبدالله [حجاج ڏانهن] پيغام موڪليو ته هند جو ملڪ منهنجي حوالي فرماءِ. حجّاج چيو ته تون طمع تو رکين، ليڪن نجومين حساب ڪري فيصلو ڪيو آهي، ۽ مون به ڪٿو وڌو آهي، ته هند جو ملڪ امير عمادُالدين محمد بن قاسم ثقفيءَ جي هٿان فتح ٿيندو [٩٣].

---

(١) اصل عبارت: حصن نيرون

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عمادالدين محمد بن قاسم [بن محمد بن حڪم

بن ابي عقيل ثقفي] جو والي ٿيڻ

خبرن ۾ تصرف ڪندڙ ۽ روايتن جا تفسير ڪندڙ هيئن ٿا چون تہ: جڏهن دارالخلافت طرفان سنڌ جو ملڪ حجاج بن يوسف ثقفيءَ جي حوالي ٿيو، تڏهن محمد بن قاسم کي جو سندس چاچي [جي پٽ] جو پٽ ۽ پڻ ناٺي هو ۽ حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي، هند جو گورنر مقرر ڪيائين؛ هن جي عمر سترهن سال هئي. انهيءَ امارت جي مبارڪ باديءَ ۾ حمزه بن بيض الحنفي هي شعر چيو:

إنَّ الشَّجَاعَةَ وَالسَّمَاحَةَ وَالنَّهي

لِمُحَمَّدِ بْنِ الْقَاسِمِ بْنِ مُحَمَّدِ

قَادَ الْجُيُوشَ لِسَبْعَ عَشْرَةَ حِجَّةً

يَاقُرْبَ ذَالِكَ سُؤْدَداً مِنْ مَوْلِدِ

[بيشڪ محمد ابن قاسم ساڻ خاص،

آهي سخا، عقل ۽ رعيت پروري،

سترهن ورهين جي عمر ۾ سردار ٿيو،

ڪٿي نہ آ ويجهي جنم کي سروري!]

ابوالحسن مدائني، بشر بن خالد کان روايت ڪئي آهي تہ: بُديل جي قتل ٿيڻ کان پوءِ حجاج، خليفہ وقت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وليد ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هندستان جي فتح ڪرڻ جي اجازت گهربائين. خليفي لکيو ته: ”اها جاهل قوم آهي، ۽ ملڪ تمام پري؛ پڻ لشڪر ۽ لڙائي جي هٿيارن وغيره جي تياري ۽ بندوبست تي وڏيون رقمون خرچ اينديون ۽ [بيت‌المال تي] گهڻو بار پوندو، جا ڳالهه نهايت خراب آهي ۽ [هي معاملو] ترسائڻ گهرجي؛ ڇو ته جڏهن به لشڪر وڃي ٿو ته مسلمان هلاڪ ٿين ٿا؛ تنهنڪري ڪا مصلحت سوچ“ [٩٤].

حجاج جو خط.

پوءِ حجاج ٻيو دفعو خط لکي واضح ڪيو ته: اي امير المؤمنين! ڪيترو وقت گذري ويو آهي ته مسلمان قيدي، ڪافرن جي هٿن ۾ گرفتار ٿيل آهن، ۽ اسلام جو لشڪر هڪ ڀيرو شڪست کائي چڪو آهي، جنهن جو بدلو وٺڻ ۽ مسلمانن کي آزاد ڪرڻ ضروري آهي؛ ۽ خط ۾ جيڪو ارشاد ٿيو ته [اها] ولايت پري آهي ۽ لشڪر جي تياري ۽ انتظام ۾ بيفائدي رقم خرچ ٿيندي، [تنهن لاءِ عرض] ته اسان وٽ تياري ۽ هٿيار وغيره سڀڪجهه [اڳيئي] موجود آهن ۽ گهڻو تفاوت ڪونه ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ڪو خرچ، بار ۽ تڪليف ٿي ته [انهيءَ لاءِ] آءٌ جوابدار تو ٿيان ته دارالخلافت جي خزاني مان هن لشڪر تي جيتري رقم خرچ ٿيندي ته انهيءَ کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻئي ـ ٽئي رقم خزاني ۾ ـ شال خدا تعالى انهيءَ کي آباد رکي، داخل ڪرائي ويندي، انشاءالله تعالى.

دارالخلافت ۾ خط جو پهچڻ ۽ لشڪر لاءِ هندستان جي سفر جي اجازت وٺڻ.

جڏهن هن خط خليفي جي مطالعي جو شرف حاصل ڪيو، تڏهن اجازت جو فرمان جاري ٿيو. (حجّاج جو ٻيهر عرض ڪرڻ:) تنهن تي حجّاج وري ٻيهر عرضداشت موڪلي ته: جنهن صورت ۾ اجازت جي فرمان سان مشرّف ٿيو آهيان، ته هاڻي شام جي سردارن مان ڇهن هزارن کي حڪم فرمايو ته جنگ جي هٿيارن ۽ ٻئي پوري ساز سامان سان هن لشڪر ڏانهن روانا ٿين: [اهي ماڻهو اهڙا ناليوار هجن] جن مان، لڙائي وقت، هرهڪ جو نالو سون کي معلوم هجي، ۽ هو سون سان موافق ٿي رهن، ۽ لڙائي کان منهن نه موڙين [٩٥].

حجّاج جو شام ڏانهن لکڻ.

ابوالحسن [مدائني]، اسحاق بن ايّوب کان روايت ڪئي ۽ چيائين ته: حجّاج جي لکيو ته! شام جي رئيسن جي فرزندن مان اهڙا ڇهه هزار ماڻهو، جن جا ٻيءَ ساءَ جنڱرا هئا، ۽ پوري تياري ڪري ٿي سگهيا، ۽ ناليرا بهادر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪي پنهنجي ننگ ناموس خاطر لڙائي [جي ميدان] ۾ ٻيهي محمد بن قاسم سان وفاداري ڏيکاري ٿي سگهيا، اچي حاضر ٿيا. (روايت:) ابوالحسن کان روايت آهي ته: ڇهه هزار مشهور ناليرا ماڻهو آيا، انهن مان هڪڙي ماڻهو حجّاج جي اڳيان اچي چيو ته مون وٽ سامان ڪونهي. حجّاج ڪيس هڪل ڪري چيو ته: مون وٽان نڪري وڃ، نه ته توکي ڪهندس." جنهن تي اهو شامي حجّاج وٽان نڪري ولي ڀڳو. واٽ تي ٻيا سوار ٿي آيا، جن ڪانئس پڇيو ته: هن تيزيءَ سان ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چيائين ته مون وٽ پورو سامان ڪونه هو [جنهڪري] حجّاج دڙڪو ڏنو آهي ته توکي سزا ڏيندس. هو ڪيس مولائي وٺي آيا، ۽ فرصت وقت چڱي نموني سان پيش ڪيائون ته: جنهن وقت حڪم پهتو ته [سامان خاطر] دير ڪرڻ جي مجال نه هئي ۽ خدمت جي سعادت حاصل ڪئي ويئي!

جمعي جي ڏينهن حجّاج جو خطبو ڏيڻ.

پوءِ حجاج، جمعي جي ڏينهن خطبو ڏنو ۽ چيائين: "اِنَّ الاَيّامَ ذَاتُ دُوَلٍ وَالحَرْبُ سِجَالٌ" (زمانو ڦرندڙ ۽ ۾ منهين ترار آهي:) يَوْمٌ لَنَا وَيَوْمٌ عَلَيْنَا (ڪو ڏينهن اسان لاءِ آهي ته ڪو ڏينهن اسان جي خلاف آهي:) جيڪو ڏينهن اسان جو آهي، تنهن ۾ [مخالف] لشڪر کي قيد ڪرڻ گهرجي، ۽ جو ڏينهن اسان جي خلاف آهي، تنهن ۾ تحمل ڪرڻ گهرجي ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيئن اسان تي جيڪا نعمت آهي سا وڏي ۽ جيڪو حادثو ٿيو هجي، سو دفع ٿي وڃي؛ [٩٦] ۽ نعمت ڪندڙ، [ساراهه جي] لائق ۽ بيحساب خداوند عز و جل جا ٿورائتا آهيون، سندس تعريف اسان جي زبان تي جاري آهي؛ ۽ سندس ڪرم ۽ ۽ نعمت ۾ اميدوار آهيون ته پنهنجي ڪامل نعمت هميشه جاري رکي ۽ ڪوبه دروازو اسان تي بند نه ڪري ۽ اسان کي انهيءَ شڪر جو ثواب عنايت ڪري: بُدَيْل جي فراق کان ڏک جو آواز هر گهڙي منهنجي دل جي ڪنن ۾ پهچي رهيو آهي ۽ سان لَبَّيْڪَ لَبَّيْڪَ (حاضر آهيان، حاضر آهيان) چئي رهيو آهيان: خدا جو قسم ته جيستائين عراق ۽ [پيو] جيڪي به منهنجي قبضي ۾ آهي، تنهن جو سارو مال هن ڪم تي خرچ ڪريان ته به جيستائين هيءُ ٽڪو پاڻ تان نه لاهيندس ۽ بدلو نه وٺندس، تيستائين منهنجي غضب جي باهه جهي ٺڏي نه ٿيندي.“

محمد بن قاسم کي هند ۽ سنڌ ڏانهن روانو ڪرڻ.

پوءِ حجاج، محمد کي سوار ڪري، گهڻيون هدايتون ڏنيون، ۽ لشڪر کي گهڻي مال سان مضبوط ڪري، هند ۽ سنڌ جي جهاد واسطي مقرر ڪرڻ کان پوءِ حجاج هيءُ شعر پڙهيو:

دَعَا الحَجّاجُ فَارِسَهُ بُدَيْلُ

وَقَدْ مَالَ العَدُوَّ عَلَى بُدَيْلُ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وَ شَمَّرَ ذَيْلَهُ الْحَجَّاجُ لَمَّا
دَعَاهُ آنْ يُشَمِّرَهُ بِدَيْلٍ.
فَدَيْتُ الْمَالَ لِلْغَارَاتِ حَشْوًا
بِلَا قَيْدٍ يُعَدُّ وَلَا يُكَيِّلُ.

[سڏيو حجّاج کي بدلي سوار،
جڏهن دشمن بدلي کي گهيرو.
کنيا حجّاج هن جي سڏ تي ور،
ڀڄ مدد لاءِ واڳ کي ڦيرو.
ڏنگ پري مال، موٽ لٽيو لئي جنگ،
نه ڳڻيو اهو موٽ، نه تر (اثر) توريو.]

تنهن کان پوءِ، حجاج [محمد بن قاسم کي] چيو ته: شيراز جي رستي کان لڪري آهستي آهستي منزلون ڪندو، روانو ٿيءُ، جيئن پورو لشڪر تو کي پهچي وڃي [٩٧].

لشڪر جو شيراز پهچڻ

پوءِ محمد بن قاسم چڱي بخت جي مدد سان وڃي شيراز ۾ اٺ ۽ منزل ڪيائين، جيستائين عراق ۽ شام وارا سيئي پهچي ويا. [هوڏانهن حجّاج] قلعي جي لڙائي لاءِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهربل سامان جهڙوڪ سنجنيقون، رنبا، ٻرون ۽ چلتهو (۱) ڪيشتي ۾ رکي، ابن مغيره ۽ خريم کي ڪيشتي جو نگران مقرر ڪري، کين تاڪيد ڪيو ته، جيڪڏهن هنن ٻيڙين کي ڪو نقصان ٿيو ته انهيءَ لاءِ هو ئي جوابدار آهن، ۽ معاملو سزا تائين پهچي نه گهرجي.

حجاج جو محمد بن قاسم ڏانهن خط

پوءِ حجاج، محمد بن قاسم ڏانهن هڪ خط لکيو جنهن ۾ ہدايتون هيون ته: مان خريم ۽ ابن مغيره کي روانو ڪيو آهي؛ کين حڪم ڏنل آهي ته ديبل جي آسپاس ۾ اچي توسان ملن، تنهنڪري تو کي ٻيڙين جي پهچڻ تائين اتي ترسڻ گهرجي: الله جي حفاظت ۽ امان ۾ روانا ٿيو- في حفظ الله و عونه.

(روايت:) اسحاق بن آيوب ۽ هلوات (۲) ڪلبي

---

(۱) اصل لفظ "خفتان" آهي، هيءَ هڪ ريشم جو جنگي لباس ٿيندو آهي، جنهن ۾ ريشم جو ڪپڙو هڪٻئي مٿان تهه ڪري سبيو ويندو آهي- سنڌ ۾ هن کي آڳاٽي وقت ۾ "چيلتهو" (چهل + ته يعني چاليهن تهن وارو ڪپڙو) چوندا هئا. (مترجم) (۲) اصل ۾ "حلوان ڪلبي" آهي. "حلوان" نالو عربن ۾ گهٽ ڪري ڪونه آهي. صحيح "هلوات ڪلبي" آهي، جو تاريخ طبري (يورپ ايڊيشن جلد ۲، ص ۱۲۷۵) ۾ پڻ فتوحات سنڌ جي سلسلي جو راوي آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

روايت ڪئي آهي ته، حجّاج پوري لشڪر جي ضروريات جي تياري چڱيءَ طرح ڪئي هئي، بلڪ ڪوشش ڪري ضرورت کان زياده هٿيار ۽ سامان ڏنو هئائين.

آئن جي مدد ڏيڻ

پوءِ [حجاج] چيو ته: ”توهان جي تياري پوري ٿي چڪي؛ هاڻي ڇهن سوارن پٺيان هڪ اُٺ وڃو. توهان کي باربردار ڏاچيون ڏيان ٿو ته جيئن محتاج نه ٿيو ۽ آئن تي زياده بار نه رکو. خدا تعاليٰ کان ڊڄجو، صبر سان سينگاريل رهجو، ۽ جڏهن دشمن جي ملڪ ۾ پهچو [٩٨] ته ڪشادي ميدان ۾ منزل ڪجو، جيئن خلاصا رهو؛ جنگ جي وقت ٽولين ٽولين ٿي جدا جدا طرفن کان اچجو، ڇاڪاڻ ته هاڻين جي جنگ ۾ ڪا شيءِ آهي؛ ۽ جڏهن هو حملو ڪن ته هڪ جاءِ تي بيهي تير وسائجو، ۽ برگستوان (١) سامهون ڪري، جهنگلي سرن ۽ هاٿين جهڙيون سيرُٻوُن ناهجو. [هن کان اڳ] درزين ۽ زرهدارن کي حڪم ڏنائين، جن برگستوانن جون سيرُٻُون ٺهيون ۽ هاٿين جهڙيون ناهيون، ۽ اهي موڪلي ڏنائين. حجّاج جا خط ڇهن هزارن سوارن، ڇهن هزارن آئن ۽ ٽن هزارن بار بردار

---

(١) برگستوان هڪ هٿيار هوندو هو جو گهوڙن کي جنگ جي ميدان ۾ پهرائيندا هئا، جيئن هو ترارين جي زخمن کان محفوظ رهن. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بدبختي اُنَ سميت شيراز پهتا. محمد بن قاسم خط پڙهيا. [انهيءَ وقت] هجرت کي ٩٢ سال گذريا هئا (١).

محمد بن قاسم جو مڪران پهچڻ.

خبرن جي مصنفن ۽ تاريخ جي مؤلفن، عبدالرحمان بن عبدربه (٢) کان هن طرح روايت ڪئي آهي- ۽ انهيءَ عبدالملڪ بن قيس کان روايت ڪئي، جنهن چيو ته: محمد بن قاسم جڏهن مڪران پهچي، محمد [بن] هارون سان ملاقات ڪئي، تڏهن آءٌ ان سان گڏ هوس: محمد [بن] هارون هن سان پيادو هلڻ لڳو، [پر] محمد بن قاسم، محمد [بن] هارون کي سوار ڪيو ۽ اچي منزل وٽ پهتا. پهچڻ تي هن [محمد بن هارون] گهڻو سمر، تحفا ۽ سوکڙيون موڪلي چيو ته محمد بن قاسم هن نرمي ۽ تواضع ڪري ناسو پيدا ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ئي تياري، سامان، عقل، استقلال، هنر ۽ دانائيءَ سان سنڌ ۽ هند جو ملڪ فتح ڪندو.

---

(١) غالباً مراد ته گذرڻ وارا هئا. حقيقت ۾ سال ٩٢ هجري جو اڌ مس گذريو هوندو، ڇاڪاڻ ته جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو سال سن ٩٣ هجري جي محرم مهيني ۾ ته محمد بن قاسم ديبل پهتو هو. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "عبدالله" پ جي پڙهڻي مطابق عبدربه ٿيڻ گهرجي، هن لفظ جي تصحيح لاءِ ڏسو هن کان اڳ حاشيه صفحه [٨١] ۽ صفحه [٩٣]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد [بن] هارون جو محمد بن قاسم سان گڏجي روانو ٿيڻ.

پوءِ، ابن منظر بحري نقل ٿو ڪري ته: محمد بن قاسم اتان آرمابيل ڏانهن روانو ٿيو، ۽ محمد [بن] هارون پڻ هن سان [هلڻ جو] پڪو ارادو ڪيو. هو اگرچ [٩٩] بيمار هو ته به محمد بن قاسم سان [سفر ۾] رفاقت ڪيائين ۽ رستي جي سختي سبب سندس بيماري وڌي ويئي، ۽ بيماريءَ [جا دورا] کان متاثر ٿيڻ لڳا. جڏهن ارمابيل جي منزل تي پهتو ته سندس عمر پوري ٿي ۽ پيارو ساهه حق تعاليٰ جي حوالي ڪيائين. کيس اتي دفن ڪيائون.

لشڪر جو ارمابيل کان اڳتي وڌڻ.

پوءِ محمد بن قاسم لشڪر وٺي، ديبل ڏانهن روانو ٿيو. انهي وقت جئسينه بن ڏاهر، نيرون ۾ هو، تنهن پيءُ ڏانهن لکيو ته: محمد بن قاسم عربستان کان لشڪر وٺي ديبل جي حدن ۾ پهتو آهي: [مون کي اجازت ڏيو] ته مان انهيءَ سان جنگ ڪرڻ وڃان؟ ڏاهر، علافيين، کي گهرائي انهن کان صلاح پڇي. علافيين، ڏاهر کي چيو ته: "محمد بن قاسم، حجاج جو عمزاده آهي. هن سان بهادر لشڪر ساڻ آهي، جي دليرا بهادر، شريفزادا ۽ جنگي جوڌا آهن، [جن] چونڊ گهوڙن ۽ پورن هٿيارن سان توهان جي لڙڻ واسطي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توجه ڪيو آهي: خبردار! انهن سان سامهون نه ٿجو، ڇاڪاڻ ته هن وقت شام کان هڪ ماڻهو آيو آهي، جنهن ٻڌايو آهي ته عرب جي لشڪر جو هڪ ـ هڪ سوار ڏاهر کان انتقام وٺڻ لاءِ آيو آهي.“ ڏاهر ڀڄي ويو، انهن سان وڙهڻ کان منع ڪئي.

حجاج بن يوسف جو فرمان، ارمابيل جي منزل تي محمد بن قاسم کي پهچڻ.

محمد بن قاسم جڏهن ارمابيل فتح ڪيو، تڏهن حجّاج جو خط ارمابيل پهتو، جنهن ۾ اشارو هو ته: ديبل جي حد ۾ جڏهن منزل ڪريو، [١٠٠]، تڏهن منزل تي خبردار رهجو ۽ جڏهن لهو [۽ آرام ڪريو] تڏهن [پنهنجي چوڪاري] کاهي کوٽجو ته توهان لاءِ بچاءُ ۽ پناهه هجي، ۽ گهڻو ڪري بيدار رهجو، ۽ جيڪو آدمي قرآن پڙهندڙ (حافظ) هجي، سو هميشه قرآن جي تلاوت ۾ رهي ۽ پيا دعا ۾ مشغول رهن؛ ۽ نهايت ڪوشش سان هوشيار رهجو، ڏيرج کي پنهنجو سينگار بنائجو، خدا عزوجل جو ذڪر زبان تي جاري رکجو، ۽ الله تعاليٰ جي توفيق کان مدد گهرندا رهجو ته جيئن خدا تعاليٰ توهان کي فتحمند ڪري، ۽ گهڻو ڪري لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ (١) (وڏي ۽ بزرگ الله تعاليٰ جي امداد کان سواءِ ٻي ڪابه واهه ۽ قوت ڪانهه آهي)، جي قول کي پنهنجي واهر ۾

(١) هي آية ڪانهي، آية صرف ”لاقوة الا با الله“ آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪم آڻجو، ۽ جڏهن ديبل جي حد ۾ پهچو، تڏهن ٻارهن وال وڪري، ڇهه وال اونهي ۽ ڇهه وال اوچي کاهي کوٽجو؛ جڏهن دشمن جو مقابلو ڪريو ته خاموش رهجو. اگرچ دشمن نعرا هڻي يهودي ٻڪرات ڪن، ۽ جنگ تي سنبري بيهن ته ۾ جيستائين مان حڪم نه ڏيان، توهان جنگ نه ڇيڙجو؛ ۽ منهنجي خطن مان احوال معلوم ڪجو، ۽ جيڪا صلاح مان ڏيان، اها چڱي سمجهي انهيءَ تي عمل ڪجو ته انشاءَ الله تعالى توهان جو مشڪل حل ٿيندو.

عرب جي لشڪر جي تياري ۽ حجاج جو خط پهچڻ

پوءِ [محمد بن قاسم] جڏهن ارمابيل کان اڳتي روانو ٿيو، تڏهن [محمد بن] مُصْعَب (١) بن عبدالرحمان کي لشڪر جي مُقدمه (مهڙ) تي مقرر ڪيائين؛ جَهْم بن زَحرالجُعفي کي ساقه (پڇاڙي) تي ڪيائين، عَطِيّه بن سَعْد العوفي کي مَيمَنَه (سڄي) تي مقرر ڪيائين، موسى بن سِنان [١٠١] بن سَلَمَه الهُذلي کي مَيْسَرَه (کٻي) تي ڇڏيائين: باقي هوشيار، ترار

(١) اصل ۾ "صاحب": صحيح "مصعب" آهي، جيئن اهو ساڳيو نالو فتحنامه ۾ ١٤٦، ١٥٥، ١٧٤ ۽ ١٨٠ صفحن تي آيو آهي، مگر انهن سمورن صفحن تي "مصعب بن عبدالرحمان" آهي ۽ صحيح محمد بن مصعب بن عبدالرحمان آهي، جيئن ته بلاذري (فتوح البلدان ص ٤٢٨) جي روايت ۾ آهي ته: بَعَثَ محمّد بن القاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان الثقفي الى سدوسان. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جا ڏني ۽ خاص ماڻهو قلب (وچ) ۾ پنهنجي اڳيان ڪري اڳتي وڌيو، ۽ نيٺ جمعي جي ڏينهن سن ٩٣ هه جي محرم مهيني ۾ [اچي ديبل پهتو] ۽ ٻيڙا ۽ هٿيار ۽ انهيءَ ڏينهن خُرَيْمُ بن عَمْرُو ۽ ابن مُغِيْرَهَ جي [نگراني هيٺ] ڪيس پهتا. هن حجاج جا خط کيس ڏيئي، جنگ لاءِ ڪاهيءَ ڪوٺ جي صلاح ڏني. انهن خطن ۾ لکيل هو ته: تنهنجي خدمت ۾ مڪيه ماڻهو مقرر ڪيل آهن: هڪ عبدالرحمان بن سُلَيْمْ (١) آالڪَلْبِيْ، جنهن جي بهادري ۽ مردانگي ڪيئي دفعا آزمائي ڏيئي آهي، ۽ ڪوبه دشمن جنگ ۾ سندس مقابلو ڪري نٿو سگهي، ٻيو سُفْيان بن الاَبْرَدْ، جو دانائيءَ ۾ يگانو ۽ عقل ۾ امين ۽ پاڪدامن آهي، ڦ . بن برڪ الڪلابي، جنهن اسان کي مشڪلات ۾ مدد ڪئي آهي ۽ عزت جو لائق ۽ راستگو آهي، ۽ جا سنجت سندس حوالي ڪئي ويندي ۽ ان ۾ فرمانبرداريءَ جا شرط بجا آڻيندو، سلامت ڪان پاڪ آهي، ۽ حجاج جو هميشه مددگار رهيو آهي: ۽ جَرّاح بن عبدالله، جو تجربيڪار مرد آهي يعني جنگ آزمايل اٿس ۽ فضيلت وارن تي ترجيح رکي ٿو، مُجّاشع بن ثَوْبَهْ آزْدِي: اهي سڀ منهنجا اعتماد جوڳا صلاحڪار آهن، ۽ ڪنهن به هڪڙي کي ٻئي کان وڌيڪ امين ۽ پاڪدامن نٿو سمجهان: مون کي اميد آهي ته هو تو سان مخالفت ۽ دشمن سان ساز باز نه ڪندا؛ ۽ هن سڄي جماعت مان جن

---

(١) فارسي متن ۾ "سلم" جو صحيح نه آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٠٢] (نسب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو ذکر خط جي شروع ۾ ٿيو آهي، مون کي ڪوبه ماڻهو خُريم بن عمرو کان وڌيڪ پيارو نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هو مردانو ۽ شيردل آهي؛ جنگ جي وقت بهادر [١٠٢] [رهي ٿو] ۽ ڳنڀير ۾ ٺٺو پوي؛ هو چونڊ ماڻهن مان آهي ۽ عزت جي لائق؛ ۽ بيءَ ڏاڍي کان وٺي مخلص ۽ سچو آهي، ۽ جڏهن خُريم توسان همراه آهي تہ پوءِ مون کي ڪوبہ ڊپ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هو سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ اخلاقن سان سينگاريل آهي، ۽ ڪنهن بہ مخلوق کي تنهنجو مخالف ٿيڻ نہ ڏيندو؛ هن کي ٻاهر کان پري نہ ڪج؛ ۽ هن خط پڙهڻ کان پوءِ، جيستائين جيڪي وهي وابري رهيو آهي، سو [اسان ڏانهن] پورو ڪولي نہ لکين، تيستائين ڪاڏو پيتو نہ ڪائج.

حجّاج جو امير محمد بن قاسم سان ڏاڍو پيار هو؛ سندس انتها محبت ۾ ڪيئي دفعا خيراتون ڏيندو هو ۽ دعائون گهرندو هو. بڪر بن وائل ۽ عبدُالله بن فرخ (١) محمد جي دوستن مان هئا؛ انهن سندس پرپٺ ڏاڇيون قربان ڪيون، ۽ انهن جي بها ۾ پنهنجن زالن ۽ ٻارن جا ڳهہ ڏنا تہ جيئن شبهي کان خالي رهي، ۽ عبدال هي شعر چيو:

سَلَبْتَ بَنَاتِي حَلْيَهُنَّ فَلَمْ اَدَعْ

سِوَاراً وَلَا طَوقاً وَقُرْطاً مُذَهَّباً

---

(١) اصل ۾ "فرح" مگر صحيح "فرخ" آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ، ص [١٥٣]. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وَمَا غَرَّتِنِي الأذانُ حَتّى كَأَنَّمَا
تُعَطَّلُ بِالْبِيضِ (١) الأَرَانِبُ أَرْنَبَا
مِنَ الدُّرِّ وَ الْيَاقُوتِ مِنْ كُلِّ حُرَّةٍ
تَرى سِمْطَهَا فَوْقَ الْخِمَارِ مُنَقَّبَا
دَعَوْنَ أَمِيرَ الْمُؤمِنِينَ فَلَمْ يُجِبْ
دُعَاءً، فَلَمْ يَسْمَعْنَ أُمًّا وَلا أَبَا.

[ڪسيا مون پنهنجي نيائين جا ڳهه، جو ڪان نه ڇڏيو،
ڪنگڻ، ڪنمال، ٽـوڙي ســون جـــا والا.

نه ڇڏيو مون ڪي ڪنن (جي ڪون) ٻه، تان جو ڇڻ،
نـــ آهن ڳورين ڪي پاڻئا ڪــي ڳهه ۽ ڳنا.

۽ هر وَرَنهه جون (ڪنير) دُرُ ۽ ياقوت سنديون،
لڙهيون، جي سڙهيل تن مٿان جي مٿن ها روا.

ڪيو فــرياد تـــن امير۔ مومنن ڪـــي مـــگر،
پڌائين ڪين؛ نه چورپائون پوء پيءُ ماءُ پنهنجا.]
دوراندیش حڪيمن ۽ بهتري چـاهـيندڙ بـــزرگن،
ابوالحسن کان روايت ڪئي، جنهن چيو ته بني تميمُ جي

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "البيض" ۽ "يسمعن" پڙهيون آهن، تصحيح علام استاد عبدالعزيز الميمني طرفان آهي، مترجم، هنن جملي شعرن ۾ سونجهارو سمجهي ان جو ترجمو ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ويو۔ هي ترجمو بنده پنهنجي ناقص عقل موجب ڪيو آهي. (ن۔ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آزاد ڪيل غلام، ابو محمد ڪان پڇيو ته: محمد بن قاسم ديبل جي پسگردائيءَ ۾ اچي لٿو، ۽ کاهي کوٽي، جهنڊا کولي، نوبت وڄايائون، جو لشڪر جنهن جاءِ تي مقرر هو، سو اتي رهيو، ۽ منجنيقون هٿ ڪري [١٠٣] سڌيون ڪيائون. هڪ منجنيق خاص اميرالمؤمنين جي هئي، جنهن جو نالو ”عروس“ هو: هن جي ترماڌ جي ميلاپ ڪي پنج سؤ ماڻهو ڇڪيندا هئا، تڏهن هن مان پٿر نڪرندو هو.

ديبل جي وچ ۾ هڪ بلند ۽ وڏو بتخانو هو. انهيءَ جي مٿان هڪ گنبذ هو، جنهن تي پٿر جو ساڻو جهنڊو پڌل هو. بتخاني جي اوچائي چاليه وال هئي؛ گنبذ پڻ چاليه وال اوچو هو. انهيءَ جهنڊي جي ڊيگهه هن طرح هئي، جو انهيءَ جهنڊي کي چار پيرقون (١) هيون، ۽ کولن تي هرهڪ پيرق هڪڙي طرف پکڙجي ويندي هئي، ۽ پيرق جي چوٽي برجن جي لڙڪن وانگيان ٿي پيهندي هئي. اسلام جي لشڪر ڏسڻ شرط، قلعي وارا بتخاني جو جهنڊو کولي لڙائي لاءِ سامهون ٿيا، ۽ اسان کي [اندر وڃڻ جي] اجازت نه ٿي (٢).

اهڙيءَ طرح ست ڏينهن گذري ويا. هر روز خط ايندو هو، ۽ ترسڻ جو حڪم تيندو هو. آخر انهن ڏينهن اجازت جو پروانو آيو. محمد بن قاسم لشڪر کي تيار ڪري حملو ڪيو، جنهنڪري قلعي وارن وچي قلعي ۾ پناهه ورتي.

---

(١) اصل عبارت: چهار زبانه. (٢) هيءَ بني تميم جي غلام ابو محمد جو چوڻ آهي، جيئن مٿين سلسلي مان ظاهر آهي. (نبي)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اوچتو هڪ برهمن قلعي جي اندران ٻاهر آيو، ۽ امانُ گهري چيائين: شال امير عادل سلامت رهي! امان! جي نجوم جي ڪتابن ۾ هن طرح حڪم آهي ته: سنڌ ملڪ، اسلام جي لشڪر جي هٿان فتح ٿيندو ۽ ڪافر شڪست کائيندا؛ پر هي بتخاني جو جهنڊو طلسم آهي، ۽ جيستائين بتخاني جو جهنڊو برقرار آهي، تيستائين هي ۽ قلعو هٿ اچڻ امڪان کان ٻاهر آهي؛ تنهنڪري هن بتخاني جي چوٽيءَ ڀاڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيئن سندس جهنڊو ذرا ذرا ٿي وڃي، ۽ فتح حاصل ٿئي [١٠٤].

جَعْوَنَه (١) جو منجنيق سان بتخاني جي جهنڊي کي ڀڃڻ.

پوءِ محمد بن قاسم، جَعْوَنَه السلمي منجنيقيءَ کي گهرائي چيو ته: "بتخاني جو هي جهنڊو ۽ بيرق منجنيق جي پٿر سان ڀڃي سگهندين؟- جيڪڏهن ڪيرائيندين ته توکي ڏهه هزار درهم انعام ڏيندس." جَعْوَنَه چيو: "هيءَ دارالخلافت جي خاص منجنيق [آهي] جنهن کي "عروسڪ" چون ٿا، جيڪڏهن هن مان ٻه گز ڪپيا وڃن ته مان ٽن پٿرن سان جهنڊو ۽ بيرق ڪيرائي، بتخاني جي چوٽي ڀڃي وجهندس." محمد بن قاسم چيو ته: "جيڪڏهن پٿر سان بتخاني جي

(١) اصل ۾ هن جاءِ تي توڙي اڳتي "جعوبه" آهي، جو نالو عربن ۾ غير معروف آهي. تصحيح علامه استاد عبدالعزيز الميمني طرفان آهي، جنهن جي تصحيح مطابق هر جڳهه "جَعْوَنَه" لکيو ويو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چوٽي ۽ جهنڊو پيڄنديون ته توکي ڏهه هزار درهم انعام ڏينداسين؛ پر جيڪڏهن منجنيق برباد ڪريون ۽ بتخاني به نه توڙيون ته پوءِ ڪهڙو شرط آهي؟“ جعفونه چيو ”جيڪڏهن [نشانو] گسي ته پوءِ جعفونه جو هٿ ڪپي ڇڏجو.“ محمد بن قاسم، ملڪ الامراء (اميرن جي بادشاهه) حجاج بن يوسف ڏانهن خط لکيو، جنهن ۾ جعفونه جا شرط داخل ڪيائين. ڏنائين ڏينهن ڪرمان طرفان جواب پهتو، فرمان ۾ به ساڳيو شرط لکيو ويو هو. [وڌيڪ] لکيائين ته: جڏهن جنگ لاءِ اڳتي وڌو ته مناسب ائين آهي ته سچ ڪي پٺي ڏيو، جيئن دشمن ڪي چڱي طرح ڏسي سگهو، ۽ جنگ جوٽڻ جي پهرئين ڏينهن الله تعاليٰ کان امداد ۽ اعانت گهرجو. سنڌ جو ڪوبه ماڻهو جيڪڏهن امان گهري ته ڪيس امان ڏجو، مگر ديبل جي ماڻهن کي ڪنهن به صورت ۾ پناهه نه ڏجو.

پوءِ قلعي جي ڪاهڻ مان هڪ ماڻهو نڪري آيو ۽ چيائين ته: اسان جڏهن به پنهنجي ڪتاب مان نتيجو ڪيندا هئاسون، تڏهن هميشه ظاهر ٿيندو هو ته هند جي بادشاهه جي بادشاهيءَ [جي مدت] پوري ٿي چڪي آهي، ۽ مسلمانن جو دور اچڻو آهي. [تنهنڪري] قيدين کي اسلامي لشڪر جي اچڻ جي دلداري ڏني پئي وئي، هيٺئر پڻ [١٠٥] امير منهنجي عيال اطفال کي پناهه ڏني، اهڙو پروانو لکي ڏني ته آءٌ واپس وڃي ڪين تسلي ڏيان. محمد بن قاسم انهيءَ کي امان ڏيئي واپس موڪليو ته جيئن پنهنجا پوءِ لڳ آڻي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قيدين جي ڀاڙي ۾ گڏ ڪري [وٻهاري.] ٻوءِ انهيءَ برهمڻ قلعي ۾ وڃي قيدين کي آزاديءَ جي خوشخبري ڏنــي، [۽ ٻڌايائين] تہ محمد بن قاسم، حجاج جـو عمزاده (١) [آيو] آهي، ۽ سندس [هٿان] قلعو فتح ٿيندو ۽ تـوهان کـي آزادي ملندي.

عمادالدين محمد بن قاسم جو جَمعونہ منجنيقيءَ

کي پاڻ وٽ سڏڻ.

ٻئي ڏينهن، جو ديبل ۾ رهڻ جو ٽئون ڏينهن هو، جنهن سج مشرق کان اڀريو، تنهن محمد بـن قاسم جَعْوِنَہ[٨] کي گهرايو. هن جتان چيائين اتان منجنيق کـي کپيائون. پوءِ لشڪر تيار ڪري، قلعي کي چوطرف ڦري اچي تير وسايائون. پڻ پنج سؤ رَسا ڇڪيندڙ ماڻهو آئـي بيهاريائون. جَعْوَنَہ[٨] پهريون پٿر اڇلايو ۽ مسلمانن تڪبير هنئي. پهرئين ئي ڌڪ سان بيرق ڦاٽي پيئي ۽ لڪڙي جي چوٽيءَ کان ڌار ٿي ويئي. ٻيو پٿر سڌو بيهاري، تـول ڪري بتخاني جـي چوٽيءَ تي هنيائين، ۽ چوٽي ڀڄي پيئي. [بس پوءِ]، جڏهن چوٽيءَ جو گنبذ ڊهي پيو ۽ جادوءَ جا طلسمات پريشان ٿـي ويا، تڏهن ديبلي حيران ٿيا. [هوڏانهن] خداوند عزوجل جي حڪم سان قلعو ہر اچي پٽ پيو.

محمد بـن قاسم لشڪر کـي تـيـار ڪيو. پهردائين

---

(١) اصل ۾: ابن عم حجاج

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جَهْمَ بن زَحْرَ الْجُعْفِيءَ کي مشرق ڏانھن مقرر ڪيائين، عَطاء بن مالڪ القيسيءَ (١) کي اولھ ڏانھن بيھاريائين، نَباتہ (٢) بن حَنْظَلہ ڪلابيءَ کي اتر جي ديوار کان جنگ [١٠٦] جو حڪم ڏنائين، عَوْن بن ڪُلَيْب (٣) دمشقيءَ کي ڏکڻ جي برج تي کڙو ڪيائين؛ ۽ ذَڪْوان بن عَلْوان البَڪْري (٤)، خُرَيْم ۽ ابن مُغِيْرَہ کي قلب (لشڪر جي وچ) ۾ رکي، بصره جا ھڪ ھزار جنگي مرد سندن ڪمان ھيٺ رکيائين. پوءِ جنگ جو نغارو وڄايائون. ڀريون ڀريون ماڻھو جيڪو قلعي تي چڙھيو، سو (شھر) ڪوفي جو صعدي بن خريمہ (٦) [نالي] ھو، ۽ تنھن کان پوءِ بصره جو عِجْل بن

---

(١) اصل متن ۾ "العشي" آھي جو صحيح نٿو نظر اچي: غالباً اھو لفظ القيسي يا القيني جي بگڙيل صورت آھي، غور ڪرڻ گھرجي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "بنانة" آھي. ن جي پڙھڻي "نباته" آھي جا صحيح آھي. (٣) ھي پڙھڻي فارسي ايڊيشن مطابق آھي، مگر مشڪوڪ آھي. مختلف نسخن ۾ مختلف بگڙيل پڙھيون آھن. مثلاً: قليت، تليتہ، تيسب، قليت. (ن-ب) (٤) فارسي ايڊيشن ۾ "ذڪوان بن حلوان بڪوي" پڙھڻي ڏنل آھي. جا درست نہ آھي ڇو تہ "حلوان" نالو عربن ۾ غير معروف آھي. ن تروڙي ر جي پڙھڻي "ذڪوان بن علوان بڪري" آھي، جا زياده صحيح آھي. پ ۾ آخري لفظ صاف طور "البڪري" آھي. انھن پڙھڻين جي مدار تي نالو درست ڪيو ويو آھي. (ن-ب) (٦) ھن نالي ۾ وڏو شڪ آھي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ صفحہ [١٠٧]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالملڪ بن قيس الدمي [العبدي؟]: جڏهن اسلام جو لشڪر قلعي مٿان چڙهي ويو، تڏهن ديبلين دروازو کولي امانُ گھري، جنهن تي محمد بن قاسم فرمايو ته: مون کي امانُ جو حڪم ڪونهي. پوءِ هٿيار بندن جو ڪوس ٽي ڏينهن جاري رهيو.

جاهين بن برساين راوت رانو رات قلعي جي ديوار تان ٽپو ڏنو، [هوڏانهن] ڏاهر [بن] چچ گھوڙا ۽ آٽ موڪليا. (١) جيئن هو ٻاهر نڪتو ته سوار ٿيل هو ۽ ڀڄي ويو، [تان جو] مهراڻ ندي تي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو، جنهن کي "ڪارمني" چون ٿا، [جا] ايرنديءَ مهراڻ جي طرف (يا مهراڻ جي ايرندي طرف) آهي (٢). تڏهن اتان ڏاهر ڏانهن،

---

(١) فارسي ايڊيشن جي متن ۾ "الدميني" پڙهڻ اختيار ڪيل آهي. هي نسبت چچنامه ۾ ٽي دفعا آئي آهي: هن [١٠٧] صفحي تي ۽ وري [١٢٣] ۽ [٢١٨] صفحن تي. فارسي ايڊيشن ۾ ١٢٣ صفحي تي "الدتيقي" ۽ ٢١٨ صفحي تي "الدمني" لکيو ويو آهي؛ نه ڪر پڇاڙيءَ ۾ ڏنل توضيحات ۾ ايڊيٽر جي راءِ ۾ هيءَ لفظ "شايد الدمني يا الدهني صحيح ٿيندو" (ڏسو فارسي ايڊيشن صفحه ٢٦٢). هي لفظ نهايت مشڪوڪ آهي، جنهن جي تصحيح مشڪل نظر اچي ٿي. مختلف نسخن جي پڙهڻين تي غور ڪرڻ سان هن لفظ جي عاري شڪل هن طرح بيهي ٿي "الدمي" جا متن ۾ رکي وئي آهي. هن جڳهه تي مختلف نسخن جون پڙهيون هن طرح آهن: ن، پ، ح، الديتي؛ پ: الديني؛ س: الامتي. "العبدي" لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٠٧]. (ن-ب) (٢)-(٢) اصل عبارت: "چون بيرون آمد وسوار شده بود و ميرفت، بجوي مهران رسيد، بموضع که آنرا کارمني گويند از جانب مشرق مهران". پڻ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٠٧]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خبر ڏيڻ واسطي، هاڻي روانو ڪيائين. ڏاهر پڇيو ته: جاهين ٻَڪ ڪٿي پهتو آهي؟ انهيءَ ماڻهو جواب ڏنو: "ڪارستي" يعني "ڪاري مٽي" وٽ. [اتي] ڏاهر چيو ته: تنهنجي مٽي ۾ ٽوڙ پوي شال! بادشاهن جي آڏو برو ڳالهائڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ مان بري فال وٺندا آهن. ائين چئو ته چوڻ ته "ندمتي" يعني "گِل سيمين" (چاندي واري مٽي) وٽ پهتو آهي.

پوءِ محمد بن قاسم بتخاني ۾ آيو. ڪن ماڻهن بتخاني ۾ پناهه ورتي هئي، ۽ در بند ڪري پاڻ کي ساڙڻ چاهيائون ٿي. در ٽي جيڪي به ماڻهو هئا، تن کي ٻاهر ڪڍي [١٠٧] قتل ڪيائون. ست سؤ سهڻيون ٻانهيون جيڪي بت جي خدمت ۾ رهنديون هيون، تن سڀني کي جڙاءدار زيورن ۽ زرين لباس سميت گرفتار ڪيائون، ۽ چئن هزارن ماڻهن ۽ ڪي چون ٿا ته ڇهن سون ماڻهن [قلعي] ۾ اندر اچي انهن جا زيور لاٿا.

جنهن برهمڻ کي محمد بن قاسم امان ڏني هئي، تنهن کي وٺي اچڻ:

پوءِ محمد بن قاسم- جنهن ماڻهو کي امان ڏني هئي، تنهن کي وٺي اچڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن آيو هو، تڏهن سندس چوڻ تي مسلمان زالون ۽ مرد جيڪي قيد ٿيل هئا، جيڪي سرانديپ جي ٻيڙين مان گرفتار ٿيا هئا، يا جيڪي بُديل جي لشڪر جا ماڻهو قيد ڪيا ويا هئا، تن سڀني کي ٻاهر آڻي آزاد ڪيائون. پوءِ جيڪو لشڪر ديبل جي قلعي ۾ هو، تنهن کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اتي ئي قائم رکي، اها جماعت [پڻ] ساڻن گڏ مقرر ڪيائين ته جڏهن صورت ۾ گهڻو وقت جيل ۾ بند هئا، تنهنڪري انهيءَ تڪليف جي بدلي ۾ ڪجهه وقت ڪين آرام ملي، ۽ زماني غدار جي هٿ کان ڪجهه وقت آسودا رهن؛ [۽] ڪين گهرجي ته قلعي جي حفاظت ۾ نهايت ڪوشش ڪندا رهن.

قبله ڏالي جيلر کي ونئي اچڻ.

ديبل جي قيدين جي مٿان مهترائپ جو پٽ قبلة (١) ڏالي هڪ شخص مقرر هو. هو نهايت داناءُ، هوشيار ۽ هندستان جو اديب، ماهر لکندڙ ۽ چڱو علم وارو هو، ۽ ٻڌَ ٻُل جو لشڪر خواه سرانديپ جا قيدي سندس نگرانيءَ هيٺ هئا. [محمد بن قاسم انهيءَ کي] گهرائي سزا ڏيڻ جو حڪم ڪيو. هن چيو ته، ”اي امير، اسلامي قيدين کان [١٠٨] ويچ ته مون ساڻن ڪيئن گذاريو آهي، ۽ [ڪيئن] سندن آرام ۽ تخفيف ۾ بيحد امڪان ڪوشش ڪندو رهيو آهيان: جڏهن صاحب جي اڳيان اها حقيقت روشن ٿئي ته پوءِ مون کي ڪهڙ کان معافي ڏئي.“

محمد بن قاسم جو ترجمان کان پڇڻ.

پوءِ محمد بن قاسم ترجمان کان پڇي چيو ته، ڪانئس

(١) ب: قلد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻچ ته: ”قيدين سان تو ڪهڙي مهرباني ڪئي آهي؟“ هن چيو ته: ”[خود] قيدين کان پڇا ڪريو ته پاڻهي هن حال جي ڪيفيت ۽ هن ڳالهه جو انداز امير کي معلوم ٿي ويندو.“

قيدين کان حال پڇڻ

محمد بن قاسم قيدين کي حاضر ڪرائي، ڪائن پڇيو ته: ”هي قبله جيار توهان سان ڪهڙي همدردي ۽ رعايت ڪندو هو؟“ جنهن تي سڀني گڏجي چيو: ”اسان سندس شڪر گذار آهيون. هن اسان جي همدرديءَ ۾ ڪي به باقي نه ڇڏيو. هميشه اسان کي اسلام جي لشڪر پهچڻ جي دلداري ڏيندو، ۽ ديبل جي فتح ٿيڻ جو اميدوار ڪندو رهيو.“ محمد بن قاسم هن کي اسلام آڇي کيس اسلام جي عزت سان مشرف فرمايو ۽ هو شهادت جو اقراري ٿيو (١). [جنهن تي] هن کي انهيءَ ثواب جي حوالي ڪيائين، جو ديبل تي مقرر فرمايو هئائين، انهيءَ لاءِ ته ملڪ جي مصلحتن ۽ آمدني ۽ خرچ جي حساب ڪتاب چڪاسڻ ۾ سندس حاضري اعتبار جوڳي سمجهي وڃي؛ ۽ حنظلہ بن وداع النجدي کي اتي جو گورنر مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي امارت جا ڏيا وڏا حق کيس عطا ڪيائين [١٠٩].

---

(١) يعني الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ رسول ڪريم جي رسالت جي شاهدي ڏنائين. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ديبل جي غنيمتن، غلامن خواه روڪڙ مان پنجون حصو وصول ڪرڻ.

تاريخ نويسن حَڪَمَ بن عَمَرُوَهَ ڪان هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: هن پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي ڪان روايت ڪئي، تہ جنهن برهمڻ امانُ گهري هئي، تنهن جو قالو سوديو (۱) هو: منهنجي ڏاڏي چيو تہ مون انهيءَ ڪان ٻڌو تہ: جڏهن ديبل فتح ٿيو، ۽ مسلمان قيدي آزاد ٿيا، ۽ غلام ٻاهر ڪڍيائون، تڏهن محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ غنيمتن مان پنجون حصو ڪڍي خزاني ۾ پهچايو وڃي: جنهنڪري ديبل جو پنجون حصو پورو حجاج جي خزاني جي حوالي ٿيو: باقي ارمابيل (۲) جي فتح جون غنيمتون [پوريون] حقداري جي مدنظر تي، سوار کي ٻہ حصا ۽ اَٺ ۽ پيادي کي هڪ حصو ڪري [تقسيم ڪيائون] باقي رهيل نقدي، غنيمتون ۽ غلام گڏ ڪري رکيائون: ديبل جي راجا جون ٻہ ڌيئرون ٻہ هيون، سي حجاج جي خدمت ۾ موڪليائون.

ديبل جي لٽجڻ جي خبر راجا ڏاهر کي پهچڻ.

[هن] حڪايت جي راوي حَڪَمَ ڪان نقل ڪيو آهي تہ: جڏهن ديبل جي فتح جي خبر راجا ڏاهر [بن] چچ کي پهتي تہ ديبل اسلام جي لشڪر جي هٿ آيو، ۽

(۱) پ، ن، ب، ح سود ديو. (۲) ن، ب، س: ارمن بيلہ. پ: ارمائيل: ڪ: ارمابيلہ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ديبل جو حاڪم (١) ڄڃي ڄيسينگھ وٽ نيرون ڪوٽ هليو ويو، ۽ [انهي مانهوءَ] شامين ۽ عربن جي بهادريءَ ۽ دليريءَ جون خبرون ڪيس ڪولي ڪولي ٻڌايون، تڏهن ڏاهر نيرون ڪوٽ ڏانهن ڄيسينگھ کي خط لکيو تہ هن خط پڙهڻ شرط هڪدم مهراڻ ندي ٽپي، برهمڻاباد قديم ۾ اچي ۽ ڪوٽ نيرون تي شمني کي مقرر ڪري، ڪيس قلعي جي حفاظت جو تمام گهڻو تاڪيد ڪري [١١٠].

محمد بن قاسم جو ارمابيل (٢) ۾ منزل ڪرڻ.

(پوءِ محمد بن قاسم ديبل کان ارمابيل جي لڙائيءَ جو ارادو ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس انهيءَ رستي کان ڪوٽ نيرون وڃڻو هو. جڏهن منزل تي پهتو تہ ڪيس راجا ڏاهر جو خط پهتو، جو هن لکيو هو) (٣).

راجا ڏاهر جو خط.

بِسْمِ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ ذِي الْوَحْدَانِيَّةِ وَ رَبِّ ميلائچ (هيڪڙائيءَ واري وڏي ۽ ميلائچ جي رب الله جي نالي سان:) هي خط آهي سنڌ جي بادشاهہ، هندستان جي راجا، بر ۽ بحر جي حاڪم ڏاهر بن چچ جي طرفان: مغرور

---

(١) اصل فارسي متن ۾: راي ديبل، پ، م، س، ڪ: ملڪ ديبل.
(٢) ن، ب، س: ارمن بيله؛ پ: ارمائيل؛ ڪ: ارماييله. (٣) هي سڄو عنوان ۽ بيان اسان ارادتا ڏنگين ۾ رکيو آهي ۽ بالڪل بي معنيٰ آهي، جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [١١١]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ نگيل محمد بن قاسم ڏانهن، جو ڪوس ۽ لڙائيءَ جو ايترو شوقين ۽ بيرحم آهي جو [خود] پنهنجي لشڪر تي به رحم نٿو ڪري، ۽ سيني کي بربادي‌ءَ جي اوڙاهه ۾ اڇلايو اٿس. هن ڪان اڳ ۾ بني هڪ [عرب] جي مٽي ۾ پڻ اهڙو غرور پيدا ٿيو هو، ۽ سياست جو تير ڪٺي آيو هو، ۽ الحڪم بن ابي العاص (١) پڻ انهيءَ جي بيعت ڪئي هئي، چاڪاڻ ته دماغ ۾ سوداءِ هوس ته مان هند ۽ سنڌ کي فتح ڪري هٿ هيٺ آڻيان. اسان جو هڪ - به ادني درجي جو نڪر [فقط] شڪار ڪرڻ جي طريقي سان ديبل ويو، ۽ ڪيس ڪٺائين، ۽ سندس سارو لشڪر پڄي ويو. هاڻي اهو ساڳيو سوداءِ محمد بن قاسم جي دماغ ۾ وڌي ويو آهي، ۽ نيٺ پاڻ کي [111] ۽ پنهنجي لشڪر کي انهيءَ خودسريءَ جي خيال ۾ ختم ڪندو. جيڪڏهن ديبل فتح ڪيو اٿئي ته اهو نه مضبوط قلعو آهي، ۽ نه اتي ڪنهن طاقت واري لشڪر سان مقابلو ڪيو اٿئي. اها هڪ اهڙي جڳهه فتح ڪئي اٿئي، جتي [فقط] واپاري ۽ ڪارخانيدار رهن ٿا. جيڪڏهن انهن ۾ ڪو مشهور معروف ساٿو هجي ها ته توهان جو ڪو نشان نه ڇڏي ها. جيڪڏهن راجا جَيسِينه بن ڏاهر ڪي - جو روءِ زمين جي بادشاهن تي غالب، وقت جي زبردستن ڪان انتقام وٺندڙ، راهين ۽ ڪشمير جي راجا جو مَٽ ۽ شاني، نوبت، جهنڊي ۽ ڇَٽ جو مالڪ، جنهن

---

(١) هن جاءِ تي جملي نسخن ۾ "ابو العاص بن الحڪم" آهي. ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه، ص [١١٠]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي دربار جي چائنٺ تي هندستان جا راجائون سر رکنديا رهيا آهن، سڄو هند سنڌ جنهن جي حڪم جو تابعدار آهي، توران ۽ مڪران جي ملڪن لاءِ سندس حڪم گهرجيءَ جو هار آهي، جو سؤ مست هاٿين جو مالڪ ۽ سفيد هاٿيءَ جو سوار آهي، جنهن جي مقابلي ۾ ڪوبہ گهوڙو ٽڪو اچي سگهي، ۽ نہ وري ڪو مرد سندس سامهون بيهي سگهي ٿو. اجازت ڏيان ها تہ اوهان کي اهڙي سيکت ڏئي ها جو قيامت تائين وري ڪنهن لشڪر کي سنڌس حدن جي نزديڪ اچڻ جي مجال نہ ٿئي ها. [تنهنڪري] پاڻ کي غرور جي خواب ۾ مبتلا نہ ڪر، نہ تہ تنهنجي عاقبت بہ اها ٿيندي، جا بُديل جي ٿي. توهان کي جنگ ۾ اسان سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانہ آهي، ۽ نہ اسان جي طاقت کان سلامت موٽي وڃي سگهو ٿا.

ڏاهر جو هيءُ خط جڏهن محمد بن قاسم کي پهتو، تڏهن منشي کي اهو ترجمو ڪري، ڪيس پڙهي ٻڌائڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ مضمون کان واقف ٿي جواب لکارايائين [١١٢].

محمد بن قاسم جو ڏاهر ڏانهن خط.

بسم الله الرّحمان الرّحيم. هيءُ خط محمد بن قاسم ثقفيءَ جي طرفان، جو سرڪشن ۽ مغرورن کان مسلمانن جو بدلو وٺندڙ آهي، ڪافر، جاهل، منڪر ۽ هٺيلي ڏاهر بن چچ برهمڻ غدار ڏانهن، جو بيوفا زماني جي ڦير گهير ۽ ظالم وقت جي غرور تي مغرور ٿيو آهي؛ ان بعد معلوم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عجيب ته نهايت جهالت ۽ بيوقوفيءَ ڪري جيڪي ڪجهه لکيو اٿس، ۽ [جيئن] پنهنجي سست عقل تي مغرور ۽ مفتون ٿيو آهي، سو پهتو؛ ۽ جيڪي بيان ڪيو اٿس، تنهن جي مضمون کان واقفيت حاصل ٿي؛ ۽ طاقت، حشمت، هٿيار، بندوبست، هاٿي ۽ سوار، ۽ لشڪر متعلق جيڪي لکيو اٿس، سو ذري پرزي سمجهيو ويو. اسان جي ساري قوت ۽ امداد [جو مدار] خدا پاڪ جي ڪرم، تياري ۽ بندوبست [۽] بادشاهه جي فضل تي آهي. وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ. (١) فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا (٢) ثُمَّ لَا يُنْظَرُوْنَ (٣) إِنِّيْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّيْ وَرَبِّكُمْ (٤) وَمَكَرَ اللّٰهُ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمَاكِرِيْنَ (٥) وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ إِلَّا بِأَهْلِهِ (٦) كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةً بِإِذْنِ اللّٰهِ وَاللّٰهُ مَعَ الصَّابِرِيْنَ. (وڏيءَ زبردست الله کان سواءِ ٻي ڪابه قوت ۽ امداد ڪانهي. هو تنهنجي لاءِ رٿون رٿين ٿا. پر انهن کي مهلت ڪانه ڏني ويندي. مون الله تعاليٰ تي توڪل

---

(١) فارسي متن ۾ فَنَكِيْدُوْا، ن: فَيَكِيْدُوْا، جا صحيح پڙهڻي آهي. هن عربي عبارت ۾ مختلف آيتون ملائي، موزون مضمون پيدا ڪيو ويو آهي. شروع واري جملي ۾ آية صرف "قوة الا با الله" (ڪهف! ر-٥) آهي. ان بعد (١) آية يوسف: ر-١)؛ (٢) آية جو حصو (الانعام: ر-١) (٣)؛ آية (هود: ر-٥)؛ (٤) آية (آل عمران: ر-٥)؛ (٥) آية (فاطر: ر-٥) ۽ (٦) آية (البقره: ر-٣٢). بشڪريه محترم قاضي احمد ميان اختر صاحب. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو آهي، جو منهنجو ۽ توهان جو رب آهي. هُنن رڙيون رڙيون، هوڏانهن (الله) [پاڪ] بہ رڙ رڙي، ۽ الله تعاليٰ سڀني کان سٺو رڙيندڙ آهي. بري رڙ، رڙيندڙ کي ئي گهيري ڪندي آهي. ڪيترئيون ٽوريون ٽوليون الله تعاليٰ جي حڪم سان وڏين ٽولين تي غالب پيون ٿيون، ۽ الله تعاليٰ صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.) اڙي عاجزا سوار ۽ هاٿي، ۽ لشڪر تي ڪهڙو ناز ٿو ڪرين؟ هاٿي تہ هڪ ذليل سوري سامان ۽ عاجز ۽ عاجز ۽ سڀني رڍن ۽ ڍڳين سان هيٺي ۾ هيٺي چيز آهي، جو مڇر جهڙي هڪ ننڍي ۾ ننڍي جانور کي بہ پاڻ کان تڙي ڪڍي نٿو سگهي؛ ۽ جن گهوڙن ۽ سوارن کي ڏسي، هٿ ۾ پيو آهين، اهي الله جو لشڪر آهن (قوله تعاليٰ:)(١)فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغَالِبُوْنَ(١) وَخَيْلُ اللّٰهِ وَفُرْسَانُهَا هُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ (بيشڪ الله جو لشڪر ئي غالب ٿيڻ وارو آهي ۽ الله جا گهوڙا ۽ سندن سوار ئي فتحياب آهن). [١١٣] تنهنجي بد افعالي، برين عادتن ۽ تڪبر جي ڪري ئي اسان کي لشڪر ڪشي جو معاملو پيش آيو، ڇاڪاڻ تہ تو سرانديپ جي مال جون ٻيڙيون روڪي، مسلمانن کي قيد ڪيو. حالانڪ دنيا جي سڀني ملڪن ۾ دارالخلافت- جو نبوت جو نائب آهي- جو حڪم جاري آهي ۽ سڀ فرمان بجا آڻين ٿا؛ فقط تون ئي سرڪشي ۽

---

(١)-(١) آية قرآن (المائده: ر-٨). هي آيه فارسي متن ۾ "الا ان" سان شروع ٿئي ٿي، جا صحيح نہ آهي؛ "الا ان حزب الله هم المفلحون" (المجادلہ: ر-٣) هڪ ٻي جدا آية آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شوخي ڪرڻ تي: ۽ [پڻ] بيت‌المال جي خزاني جا اهي مال جيڪي اڳيان حاڪم ۽ گذريل بادشاه، پاڻ تي لازم ۽ واجب سمجهي، ادا ڪندا رهيا هئا. سي [پڻ] تو روڪي ڇڏيا آهن: ۽ جڏهن تو پاڻ کي هنن اڻوڻندڙ خصلتن سان خراب ڪري، خدمت کان انڪار ڪيو ۽ هيڻن ٻرين ڳالهين کي جائز سمجهيو، تڏهن دارالخلافت جو فرمان- شال مدائين جاري رهي!- هن طرف پهتو ته مان انهن ڪرتوتن جي بدلي وٺڻ لاءِ تنهنجي لڙائيءَ ڏانهن رخ ڪريان: ۽ جنهن به جاءِ تي منهنجو مقابلو ڪندين اتي خدا تعاليٰ، جو ظالمن کي مغلوب ڪرڻ وارو آهي- جي مدد سان توکي مغلوب ۽ خوار ڪندس، ۽ تنهنجو سر عراق ڏانهن موڪليندس، يا پنهنجي جان الله تعاليٰ جي راهه ۾ قربان ڪندس ۽ هيءَ جهاد [الله تعاليٰ جي] حڪم، "جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِيْنَ" (١) (ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر)؛ موجب پاڻ تي واجب سمجهي خدا پاڪ جي رضامندي لاءِ قبول ڪئي اٿم، ۽ [مندس] عام احسان ۾ اميدوار آهيان ته اسان کي فتح ڪاميابي عطا ڪندو- انشاءَ الله تعاليٰ وَ كُتِبَتْ فِيْ ثَلٰثٍ وَّ تِسْعِيْنَ (سنه ٩٣ هه ۾ لکيو ويو) [١١٤].

ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم جو نيرون ڏانهن وڃڻ.

حديث جي راوين ۽ تاريخ بيان ڪندڙن، نُباته بن

(١) سورة التوبة: ر-١٠

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حنظله^ ڪلابيءَ ڪان آندو آهي تہ: ديبل فتح ڪرڻ ۽ بي انداز غنيمتون حاصل ڪرڻ کان پوءِ، محمد بن قاسم جي حڪم فرمائڻ تي منجنيقون ٻيڙن ۾ رکي، نيرون جي قلعي ڏانهن روانا ٿيا. ٻيڙا انهيءَ پاڻيءَ مان جنهن کي ساڪري جو نارو (١) چون ٿا، ٿي نياڻون، ۽ پاڻ سيسم (٢) جي رستي کان ٿي ويا. جڏهن سيسم (٢) جي منزل وٽ پهتا تہ اتي حجاج کان انهيءَ خط جو جواب اچي پهتو، جيڪو پاڻ ديبل جي فتح بابت هن ڏانهن لکيو هئائين.

محمد بن قاسم کي حجاج جو خط پهچڻ.

بسم الله الرحمان الرحيم. حجاج بن يوسف کان محمد بن قاسم ڏانهن: چاڻ گهرجي تہ اسان جي دل جي ارادي ۽ همت جي تقاضا اهائي آهي تہ توکي هر حال ۾ ڪاميابي حاصل هجي، ۽ [انشاء الله تعاليٰ] تون ڪامياب ۽ فتحمند هوندين، ۽ الله عزوجل جي احسان سان دشمن دنيا جي سزا ۽ آخرت جي عذاب ۾ هميشه گرفتار ۽ مغلوب رهندا. [پر]

---

(١) فارسي متن جي اصل عبارت: "ناله سانڪره" آهي. مختلف نسخن جون پڙهئيون هن طرح آهن: ن، ب: ناله سانڪره؛ پ: ساڪر؛ م، ر دهند ساڪره؛ س: دهند ساڪره، ڪ: هند ساڪره.

(٢) فارسي ايڊيشن ۾ "سمير" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي مگر انهن ٻنهي جاين تي معتبر نسخن مثلاً پ، م، ل، ن جي متفق پڙهڻي "سسم" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهو گمان هرگز نہ نج تہ انهن جا اهي سپ هاٿي، گهوڙا ۽ سامان اسباب توکي نيبهہ ٿيندا، [توکي] دوستن سان چگي طرح وقت گذارڻ ۽ هرهڪ جي عزت ۽ احترام ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي؛ ۽ سيني کي دلداري ڏيندو رهہ، چاڪاڻ تہ اها ساري ولايت تنهنجي ملڪيت ۾ ايندي، جيڪو بہ قلعو فتح ٿيندو رهي، تہ [انهيءَ مان] لشڪر جي ضروريات جي جيڪا بہ شيءِ هٿ اچي، سا [لشڪر جي] خرچ ۽ تياريءَ ۾ صرف ڪج. ڪاڏي ٻيتي جي گهربل شين ڪان، جيترو ٿي سگهي، [ڪنهن کي] روڪ ۽ ٽوڪ نہ ڪج. سُکر ستائيءَ جي [پيدا ڪرڻ ۾] حد ۾ حد ڪوشش ڪج [١١٥]، جيئن لشڪر ۾ اناج سستو رهي. ديبل ۾ جيڪي بچايو ويو آهي، سو بہ قلعي ۾ ذخيرو ڪري رکڻ بدران ماڻهن تي صرف ڪرڻ بهتر آهي، چوتہ ملڪ فتح ٿيڻ ۽ قلعن جو قبضي ۾ اچڻ ڪان پوءِ رعيت جي آرام ۽ رهاڪن جي دل جوئي جي ڪوشش ڪرڻي آهي؛ ۽ جيڪڏهن ڪڙمي، ڪاريگر ۽ واپاري آسودا هوندا تہ، ملڪ سرسبز ۽ آباد رهندو، انشاء الله تعاليٰ. كُتِبَ فِيْ العِشْرِيْنَ مِنْ رَجَبْ سنة ثلاث و تِسعِيْنَ؛ (١) يعني ويهين رجب، سنہ ٽيانوي ۾ لکيو ويو (١).

---

(١)-(١) هي اضافو ن ۽ ب مان آهي (ندب).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ديبل جي خبر ۽ نيرون وارن جو حجاج بن يوسف کان پروانو وٺڻ:

ابُوالثّامت التّميمي ” کان هن طرح آئين ٿا، ته هن جعونه (١) بن عقبه سلمي ” کان روايت ڪئي ته: جڏهن محمد ديبل فتح ڪري نيرون ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن اسان سائس گڏ هئاسون، هتي [نيرون وارن] عرب جي لشڪر جي شڪست ۽ بُديل جي شهيد ٿيڻ وقت، حجاج سان عهد ڪري پاڻ تي ڍل مقرر ڪرائي ڇڏي هئي، محمد بن قاسم ديبل کان ڪوٽ نيرون (٢) ڏانهن- جو پنجويهن فرسنگن تي آهي- ڪاهي، ڇهه ڏينهن پنڌ ڪري، ستين ڏينهن اچي ڪوٽ نيرون (٢) جي ٻاهران پهتو: (٣) بروري جي پٽ ۾ هڪ چراگاهه آهي، جنهن کي بلهار [يعني ولهار يا وري] ٿا چون، [اتي اچي منزل انداز ٿيو] (٣). اتي اڃا مهراڻ جو پاڻي نه آيو

(١) اصل ”جعونة“ جو صحيح نه آهي، ڏسو هن ڪان اڳ، حاشيه ص [١٠٥]. (ن-ب) (٢) اصل ۾: حصار نيرون. (٣)- (٣) فارسي متن جي اصل عبارت: ”مرغزاريست ڪه آنرا بلهار گويند، بزمين بردي“. هن جاءِ تي ۽ وري ص ١١٧ تي ”بردي“ ڏالو آيو آهي. هن جاءِ تي م جي پڙهڻي ”بروزي“ ۽ ن جي پڙهڻي ”بروي“ آهي، ص [١١٧] تي پ: بروري ۽ م، ن، ڪ: بروزي. انهن پڙهڻين جي مطابق هي لفظ ”بروري“ يا ”بروزي“ ٿي سگهي ٿو. مگر قديم نسخي پ جي پڙهڻي ”بروري“ آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اڪثر ديهن ۽ ڳوٺن جي نالن جي آخر ۾ ”ري“ يا ”ڙي“ آهي. مثلاً کلري، هوسڙي، هٽڙي وغيره. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو جنهنڪري لشڪر اڄ ڪان ڏانهون ڪرڻ لڳو. محمد بن قاسم ٻه رڪعتون نماز ادا ڪري جيئن جو عرض ڪيو يَادَلِيۡلَ الۡمُتَحَيِّرِيۡنَ وَيَاغِيَاثَ الۡمُسۡتَغِيۡثِيۡنَ اَغِثۡنِيۡ بِحَقِّ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ (اي پريشانن جا رهنما! اي فريادين جا مددگار! بسم الله الرحمان الرحيم جي صحابي منهنجي واهر ڪر) تيئن [هڪدم] الله پاڪ جي حڪم سان رحمت جو مينهن وسڻ لڳو. انهيءَ شهر جي آسپاس جيڪي ٻه ٽلاءَ يا حوض هئا سي سڀ ڀرجي ويا. نيرون وارن ڪوٽ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. سندن سردار ۽ حاڪم شمني (١)، ڏاهر ڏانهن ويل هو. محمد بن قاسم لشڪر جي گاهه جي تنگيءَ ڪان [١١٦] گهٽيءَ ۾ پنجي ويو. پنجن-ڇهن ڏينهن ڪان پوءِ شمني موٽي آيو، ۽ ٻه سردار حجاج جي پرواني سميت موڪلي، سائين گڏ سيڌو ۽ گاهه ڀرڻ روانو ڪري، انهن جي واتان پيغام موڪليائين ته: ”مان خواه هيءُ سمورو لشڪر ۽ رعيت دارالخلافت جا آهيون، ۽ امير حجاج جي پرواني جي حڪم موجب هتي تڪيل [آهيون]، ۽ سندس ٽيڪ، دلداري ۽ تربيت تي قائم آهيون؛ جنهن صورت ۾ مان غير حاضر هوس، تنهنڪري رعيت متردد ٿي دروازا بند ڪيا هئا.“ شمني [اچڻ سان] ڪوٽ جا دروازا ڪولارايا، ۽ [پاڻهو] لشڪر سان

---

(١) جنهن کي ڏاهر، ديبل جي فتح جو پڇڙي، نيرون جو حاڪم مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. ڏسو ٿي ص [١١٠]. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خريد فروخت ڪرڻ لڳا، محمد بن قاسم، برورِي (١) جهڙي منزل ڪان، هن [شهر] جو شڪريو حجاج ڏانهن لکي، نيرون وارن جي وفاداريءَ ۽ فرمانبرداريءَ جي خبر ڏني. حجاج انهيءَ خط جي جواب ۾ کين هنن جي دلداري ڏيڻ جي ڏاڍي تاڪيد فرمائي، ۽ کين لکيائين ته: "سندن آرام جي هر طرح ڪوشش ڪريو، ۽ کين اسان جي مهربانين جو اميد وار بڻايو. الله پاڪ جي احسان ۾ اميد آهي ته تنهنجو قدم مبارڪ جتي به پهچندو [اتي] فتح ۽ ڪاميابي ٿيندي، جيڪو به تو کان امان گهري، تنهن کي امان ڏج، ۽ جيڪي به بزرگ ۽ مکيه ماڻهو تو سان اچي ملن، تن کي قيمتي خلعتن سان سرفراز ڪري پنهنجي احسان جي زيربار ڪج ۽ لياقت آهر هرهڪ کي انعام اڪرام ڏيڻ واجب ڄاڻج، ۽ عقل کي پنهنجو رهبر بڻائج ته جيئن ملڪ جا امير ۽ مشهور معروف ماڻهو تنهنجي قول ۽ فعل تي پورو اعتماد رکن."

محمد بن قاسم جو پنهنجا اعتماد جوڳا ماڻهو نيرون ۾ موڪلڻ.

پوءِ محمد بن قاسم پنهنجن خاص ۽ مکيه ماڻهن مان ڪي اعتماد جوڳا ماڻهو نيرون جي قلعي ۾ موڪليا ۽ چيائين ته: اسان تي قلعي جي دروازن بند ڪرڻ، ڏاڍو [برو] اثر ڪيو، پر جڏهن غيرحاضريءَ جو عذر پڌو ويو، تڏهن ڪاوڙ ٺري ويئي ۽ توهان ڏانهن مهرباني ۽ عزت جو

(١) فارسي متن ۾ "بردي". هت اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو متي حاشيه ص [١١٦]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خيال ڪيو ويو آهي: تنهنڪري مقدم الدولة ڀلٻرڪو شمني (١) کي دلجاءِ ۽ تسلي سان حاضر ٿيڻ گهرجي: سندس حق ۽ مهربانيءَ ۽ تربيت جي ڪابه ڪسر نه ڇڏي ويندي [١١٧].

شمني جو سمر ۽ تحفن سميت محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ.

ڏينهن، جڏهن صبحِ صادق اونداهيءَ جي پردي مان اطلس جو لباس پهري ظاهر ٿيو، تڏهن شمني پڻ بي انداز تحفن ۽ بيپايان نذرانن سان محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿي، رضامندي جي خلعت پهري، ۽ قلعي جو دروازو کولي، محمد بن قاسم جي مهماني ڪيائين، ۽ لشڪر کي اناج ڪشادو ملڻ لڳو.

محمد [بن قاسم] قلعي تي هڪ گورنر مقرر ڪيو، ۽ ٻڌ جي بتخاني جي جاءِ تي هڪ مسجد ٺهرائي ۽ بانگ، نماز ۽ امام مقرر ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، سيوستان وڃڻ جو ارادو ڪيائين، اهو قلعو، مهراڻ جي مغربي ڪناري تي جبل جي دامان آهي. محمد بن قاسم کي اميد پيدا ٿي ته سارو ملڪ اسلام جي لشڪر جي هٿان فتح ٿي ويندو، ۽ سيوستان جي انديشي لاهڻ کان پوءِ موٽڻ وقت، ڏاهر ڏانهن [وڃڻ لاءِ] درياءَ جي ٽپڻ جي صلاح

(١) اصل ۾، هت سيني نسخن ۾ "ٻهند رکن سمني". مگر ص [١٣١] تي ساڳيو نالو سيني نسخن مطابق "سمني ٻهند رکو"، اسان پوئين پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪٿي ويندي؛ شال خداوند ڪريم عربن جي اميد برصواب فتحمنديءَ جا امڪانات ميسر ڪري!

سيوستان ۽ ان جي پسگردائيءَ جي فتح ڪرڻ ۽ قلعي وٺڻ جي خبر

محمد بن قاسم، نيرون جو ڪاروبار درست ڪري، نهي نڪي، شمني سيـسان ڳنڌ سيوستان ڏانهن رخ رکيو ۽ منزلون ڪندو ٿي ويو. نيٺ وڃي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي موج ٿا چون ۽ جا نيرون کان ٽيهن فرسنگن تي هئي. اتي هڪ شمني رهندو هو جو رعيت جو اڳواڻ هو، ۽ قلعي جو بادشاهه ڏاهر بن ڇچ جو سوٽ بجهراءِ(١) بن چندر ڻالي هو. اتي سيني شمنين، (٢) گڏجي بجهراءِ ڏانهن پيغام موڪليو ته: اسان زاهد (٣) ماڻهو آهيون؛ اسان جو دين، امن [پسندي] ۽ مذهب، عافيت [پسندي آهي] [١١٨]. اسان جي طريقي ۾ جنگ ۽ ڪوس جائز نه آهي، ۽ خون وهائڻ جي حق ۾ نه آهيون؛ تون بلند قلعي ۾ ويٺو آهين، ۽ اسين ڊڄون ٿا ته جڏهن هي ماڻهو ايندا ته اسان کي توهانجا تابعدار سمجهي ڦريندا ۽ اسان جون جانيون ۽ مال کسي ويندا؛ اسان کي [هيءَ ڳالهه] معلوم ٿيو آهي ته ڪين دارالخلافت ۽ امير حجاج جو

---

(١) اصل ۾ هن جاءِ تي، توڙي اڳتي هر جڳهه "بجهرا" آهي. ترجمي هر جڳهه "بجهراءَ" ڪري لکيو ويو آهي. (ن.ب) (٢) اصل لفظ: "سـمنيان" (٣) اصل لفظ: ناسڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم آهي ته جيڪو به ماڻهو امان گهري تنهن کي امان ڏني وڃي؛ جيڪڏهن [توهان به امان سان] متفق ٿيندا ۽ صلاح قبول ڪري، امان جي نصيحت وٺندا ته امان وچ ۾ واسطو ٿي تنهنجي ۽ پنهنجي لاءِ امان گهرندا سون ۽ هڪٻئي سان پڪو ٺهراءُ ۽ مضبوط انجام ڪنداسون؛ عرب جا ماڻهو وفادار آهن ۽ جيڪو به قول سندن زبان مان نڪرندو سو پورو ڪندا ۽ ان جي مخالفت نه ڪندا. بجهراءِ سندن صلاح کان انڪار ڪيو، ۽ سندن چوڻ ڏانهن ڪوبه توجهه نه ڪيائين. پوءِ محمد بن قاسم هڪ جاسوس موڪليو ته هن جي طبيعت معلوم ڪري ته هو ٻاڻ ۾ هڪٻئي سان موافق آهن يا منافق، هن ڏٺو ته ڪي لشڪري لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪري آيا آهن. [تنهن تي] محمد بن قاسم ريگستان واري دروازي وٽ اچي لٿو، جو لڙائي لاءِ ئي ڪابه جاءِ ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته برسات جو پاڻي وڏي وهڪرو هو ۽ اتر کان (١) سنڌونديءَ، ارل ۾ وهي وڃي هئي (١).

لشڪر جي سيوستان سان جنگ ڪرڻ.

محمد بن قاسم منجنيق کڙي ڪرڻ ۽ جنگ شروع

(١)-(١) فارسي ايڊيشن جي عبارت هن طرح آهي: "جوئي سند وراول روان شد" پ، ر، ن، ب، س ۾ "وراول" جي جاءِ تي "دراول" آهي. گمان غالب آهي ته "دراول" ۾ ڪاتبن جي غلطي سبب "ر" کي "و" بنايو ويو آهي ۽ صحيح صورتخطي "در ارل" هئڻ گهرجي. يعني "ارل ۾" اهو بلڪل قرين قياس آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ به سنڌونديءَ جو پاڻي ارل يا اڙل کي پيو ڏئي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شمنين هن (ٻجهراءِ) کي گهوٽي روڪيو ته: ”هن لشڪر سان تنهنجي ٻچڻ جي پٺي نــه آهي. توڻ انهن جو مقابلو ڪري نه سگهندين. تنهنجي خود سريءَ ڪري [سيني جو] جان ۽ مال برباد نه ٿيڻ گهرجي.“ [آخر] جڏهن رعيت جي نصيحت نه ٻڌائين، تڏهن [لاچار ٿي] شمنين، محمد بن قاسم ڏانهن پيغام موڪليو ته: ”سموري رعيت [١١٩] جهڙوڪ هــاري، ڪاريگر، واپاري ۽ عام ماڻهو، ٻجهراءَ کان ڀڄي ڀري ٿيا آهن ۽ سائس بيعت ڪانه اٿن: ٻجهراءِ ڪني ايترو ساز سامان ۽ تياري ڀڻ ڪانهي جو تنهنجو مقابلو ڪري ۽ لڙائيءَ ۾ تو سان هٿ ڪِنڍي سگهي.“ اهو پيغام معلوم ڪري اسلام جي لشڪر جي دل وڌي، ۽ محمد بن قاسم رات ڏينهن لاڳيتو جنگ جاري رکي. اٽڪل هڪ هفتي جي مدت اندر قلعي وارن لڙائيءَ سان هٿ ڪڍي ڇڏيو. ٻجهراءِ جڏهن ڏٺــو ته قلعي وارا تنگ ٿيا آهن، تڏهن [رات جي وقت] جڏهن دنيا ڏامر جهڙي پردي ۾ لڪي وئي، اترئين دروازي کــان درياءَ ٽپي، اڪي ڀڄي ويو ۽ وڃي ٻُڌيه (١) جي حد ۾ پهتو. انهيءَ وقت ٻُڌيه جو راجــا **ڪاڪو پُٽ ڪوتل** (٢)

---

(١) اصل لفظ بودهيه (٢) فارسي متن ۾ ”ڪوتڪ“ پڙهڻ اختيار ڪيل آهي، جا شايد **پ** مطابق آهي.* مگر ر،م،**ن** جي پڙهڻي هت توڙي اڳتي ”ڪوتل“ آهي ۽ اسان اها اختيار ڪئي آهي. ڪوتل غالباً سنسڪرت لفظ ”ڪُتُوهَل“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. سنسڪرت ۾ ”ڪُوهل“ ماڻهوءَ جي نالي طور به ايندو آهي ۽ لفظي معنيٰ اٿس عجيب، نامور يا دلچسپ. (نبب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نالي شمني پيڪو هو. سندس قلعو ڪُنڀَ نهر جي ڪناري (١) تي سيبسم [نالي] هو. ٻڌ جا رهاڪو ۽ انهيءَ طرف جا اڳواڻ سندس استقبال تي آيا ۽ ڪس قلعي جي آڏو اچي لاٿائون.

سيوستان جو هٿ اچڻ ۽ بجهراء جو هليو وڃڻ.

جڏهن بجهراء ڀڄي ويو ۽ شمينين اطاعت ڪئي، تڏهن محمد بن قاسم سيوستان جي قلعي اندر آيو ۽ دلجاء ڪري، ڪاروبار سستان پنهنجا ڪامورا ۽ نائب مقرر ڪري، پسگردائي سندن حوالي ڪيائين. پوءِ شمينين ڪان سواء، جن سائس پڪو عهدنامو ڪيو هو، [ٻين ڪان] جني ٻه سون چاندي ڏنائين، پنهنجي قبضي ڪيائين، ۽ سوري چاندي، زيور ۽ روڪڙ ضبط ڪري، لشڪر جو حق لشڪر کي ڏيئي، باقي پنجون حصو حجاج جي خزانچيءَ جي حوالي ڪيائين، ۽ حجاج ڏانهن فتح جو احوال لکيائين؛ ۽ راءِ زادن (٢) کي مقرر ڪري، غنيمت ۽ غلام موڪلي ڏنائين ۽ ٻان اتي ترسيو [١٢٠].

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن [سرڪاري] پنجين حصي ۽ لشڪر جي حصن [جي تقسيم] کان فارغ ٿيو، تڏهن سيسم جي قلعي ڏانهن رخ ڪيائين. ٻڌ جو لشڪر

---

(١) اصل عبارت: برلب آب ڪنبه (٢) اصل لفظ "راوتان" جنهن جو ترجمو "راء زادن" ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ سيوستان جو بادشاهه لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويٺا. محمد بن قاسم، انهيءَ ٽوليءَ کان سواءِ جيڪو سيوستان جي گورنر سان مقرر ڪيو هئائين؛ سمورو لشڪر وٺي، ڪنڀ جي ڪناري تي بندهان (١) نالي هڪ منزل وٽ اچي لٿو. آسپاس جا رهاڪو سڀ ڪافر هئا. اسلامي لشڪر ڏسي، سيني راتاهو ڏنهي، ڪين منتشر ڪرڻ جو نهراءُ ڪيو.

مڪين جو ڪاڪي بن ڪوتل (٢) وٽ اچڻ

[اها صلاح ڪري،] ٻڌ (٣) جا مڪي ڪاڪي [بن] ڪوتل (٢) وٽ آيا — (٤) جو ٻڌيه جا راڻا سندس اولاد مان آهن ۽ جنهن جو وڏو اڪر ڪنگا جي انهيءَ گهير ڪان، جنهن کي اوندند وهار ٿا سڏين، آيو هو (٤)— ۽ ساڻس صلاح ڪيائون ته اسان هن عرب جي لشڪر تي راتاهي ڏيڻ جو نهراءُ ڪيو آهي. (ڪاڪي جو

(١) ل، م: نيلهانه؛ س: بدهان (٢) فارسي متن ۾: ڪوتڪ؛ ڏنل پڙهڻي لاءِ ڏسو مٿي حاشيه ص [١٢٠]. (ن-ب) (٣) ر: بدهيه. (٤)-(٤) اصل متن ۾ هي عبارت نهايت منجهيل ۽ ناقص آهي. ترجمو فارسي متن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي مطابق ڏنو ويو آهي، جا هن طرح آهي: ڪه راڻگان بودهيه از نسل اواند، و اصل ايشان اڪر از ڪداره ڪنڪ ڪه اوندند وهار گويند آمده بود." ن، ب، م، ح جي پڙهڻي "راڻگان" جي بدران "رازڪان" آهي. "اڪر از" ل، م مطابق آهي، مگر پ، ڪ، م ۾ "اڪر اره"، ن، ب ۾ "اڪر ازه" ۽ س ۾ "اڪر ابه" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جواب:) ڪاڪي چيو تہ: ”جيڪڏهن توهان ڪان ٿي سگهي تہ [ائين ڪرڻ] چڱو ٿيندو، مگر هتِ وارن ۽ راهبن نجوم جي ڪتاب مان اسان کي پڌايو آهي تہ هن ۽ پاسو اسلام جي لشڪر هٿان فتح ٿيندو.“ [ائين چئي] پبهن (١) نالي هڪ مکيءَ کي سندن مٿان سردار مقرر ڪري، چنن (٢) کي سندس فوج ۾ رکي، هڪ هزار ترار جا ڌڻي ۽ دلاور مڙس سندس هٿ هيٺ ڏنائين. جڏهن ڏينهن جو رومي لشڪر رات جي حبشي لشڪر جي حملي کان شڪست کائي ڀڄي ويو [١٢١] تڏهن اهي سيئي ترارين، ڀالن، نيزن، ٻرڇين ۽ ڪٽارين ڪئي راتاهي (شبخون) مارڻ لاءِ روانا ٿيا. عربن جي لشڪر کي ويجهو پهچڻ وقت رستو ڀلجي ويا، ۽ پوري رات شام کان صبح تائين ڀٽڪندا رهيا: هو چنن حصن ۾ وراهجي بيابان ۾ ڦرندا رهيا ۽ نہ [لشڪر جو] پڇڙس، ساقہ، مان مليو ۽ نہ ميمنہ (وري) ميسره

---

(١) پ: ڀهبن؛ ر: ڀهن يا ڀهن؛ م: ڀهن؛ ن، ب، ح: ڀهيسي. اسان جي پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جو مدار ڪ تي آهي. (ن.ب)

(٢) هن جاءِ تي ۽ وري صفحي [١٢١] تي فارسي ايڊيشن ۾ ”جتان“ پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي ڀنهي جاين تي ن، ب جي پڙهڻي صاف طور ”چنان“ آهي. س جي پڙهڻي هت ”جتان“، ۽ ص [١٢١] تي م جي پڙهڻي بہ ”جتان“ آهي، جنهن مان پڻ ”چنان“ جو گمان نڪري ٿو. تحفةالڪرام (ج ٣ ص ١٥) ۾ بہ چاناڻي آهي تہ هي ڪاڪہ ذات جو چنو هو. انهيءَ لحاظ سان اسان ”چنان“ واري پڙهڻي کي ’جتان‘ تي ترجيح ڏني آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي ڏنو. [ڙُلي وَڙُلي] جڏهن منهن ڪيائون تہ باڻ کي سيوستان جي قلعي جي ٻاهران ڏٺائون. جڏهن رات جو سرمائي پردو ستارن جي بادشاهہ (سج) جي روشنائي جي چوڪ سان ڦاٽي پيو، (١) تڏهن قلعي ۾ آيا، ۽ [اچي] ڪاڪي [بن] ڪوتل (٢) کي سارو احوال ٻڌايائون تہ اسان جي هيءَ رٿ ڪارگر نہ ٿي. ڪاڪي ورائيو تہ: ”توهان کي معلوم آهي تہ مان بهادريءَ، مردانگيءَ، همت ۽ دانائيءَ ۾ مشهور معروف آهيان، ۽ توهان وٽ رهي ڪيترين مشڪلاتون حل ڪيون اٿم. ليڪن ٻڌ مذهب وارن ڪتابن ۾ نجوم جي حساب سان اٿين حڪم نڪل آهي تہ هندستان اسلامي لشڪر جي هٿان فتح ٿيندو، تنهنڪري مون کي سندن استقبال ڪرڻ جو ارادو آهي.“

ڪاڪي [بن] ڪوتل (٢) جو نُباته بن حَنظَلہ سان گڏجي محمد بن قاسم جي خدمت ۾ وڃڻ ۽ بيعت ڪرڻ.

پوءِ ڪاڪي پنهنجي خاص ۽ پروسي وارن ماڻهن سان گڏجي، عرب جو لشڪر جو رخ ڪيو. ڪجهہ پنڌ ڪيائين تہ ڪيس نُباته بن حَنظَلہ مليو، جنهن کي محمد بن قاسم نگراني لاءِ ڇڏيو هو، جو ڪيس محمد بن قاسم وٽ وٺي آيو. جڏهن خدمت جي سعادت حاصل ڪيائين، تڏهن محمد بن قاسم

---

(١) يعني رات گذري ڏينهن ٿيو. (مترجم) (٢) فارسي متن ۾ ”ڪوتڪ“ ڏنل ۽ هيٺي لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص (١٢٠) (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سائنس عزت سان پيش آيو ۽ [مٿس] مهرباني ڪيائين. ڪاڪي، چنن (١) جي راڻاهي ۽ سندن دغابازيءَ جي رٿن جو احوال ڪيو، ۽ ڪيئن خدا تعاليٰ کين پڌرو ڪيو جو سڀني ڳالهين جي رات در بدري ۽ شرمندگيءَ ۾ ڦرندا رهيا، سو سڀ بيان ڪري، چيو ته: ”اسان جي نجومين ۽ معتبرن، علم نجوم [جي حساب] سان نتيجو ڪڍي، هيءُ حڪم ڪيو آهي ته [١٣٢] هي پاسو اسلامي لشڪر جي حوالي ٿيندو. [وري] جڏهن هيءُ معجزو ڏٺو ويو ته يقين ٿيو ته [برابر اهو] الاهي حڪم آهي، ۽ ڪوبہ ماڻهو نيڪيءَ ۽ دغابازيءَ سان مقابلو ڪري نہ سگهندو. تون هرطرح دلجاءِ ۽ تسلي ڪر تہ انهن تي فتح لهندين، سان تنهنجي تابعداري قبول ڪئي آهي، ۽ توکي نصيحت ڪندو رهندس. ۽ جيترو ٿي سگهندم اوترو مددگار رهندس، ۽ دشمنن ۽ بدخواهن جي بيخ ڪني ۽ مغلوب ڪرڻ ۾ رهبر ٿيندس“. محمد بن قاسم کي جڏهن هن حال جي خبر پيئي ۽ سندس ڳالهہ ٻڌائين، تڏهن الله تعاليٰ جي تعريف ڪيائين ۽ شڪراني جو سجدو بجا آندائين، ۽ ڪاڪي کي سندس سر، تابعدارن ۽ ڪٽنب سميت، امان ڏيئي ڪيس دلجاءِ ڏنائين. پوءِ ڪاڪي کي چيائين تہ: هند جا اميرا! توهان جي سروپاءِ ڪهڙي ٿيندي آهي؟“ ڪاڪي عرض ڪيو تہ: ”اسان جي سروپاءِ آهي ڪرسي، ۽ ريشم ۽ پٽ جو هندستاني ڪپڙو (٢)،

---

(١) فارسي متن ۾ ”جتان“ يعني جتن؛ ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص [١٢١]. (ن-ب) (٢) اصل عبارت: جامهٔ هندوي ابريشم و حرير.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جوپگ وانگر متي تي وڙهندا آهيون، ڇاڪاڻ ته اسان جي بزرگن ۽شمني(١)جا٠ن جي اهائي رسم آهي. پوءِ اهاڪيس پهرائي وئي. ڪاڪي جي هن سروڪاءِ پهرڻ تي سيني منگين ۽ آسپاس جي سردارن سندس بيعت ڏانهن لاڙو ڪيو. جن ماڻهن سندس تابعداري قبول نه ڪئي، تن کي عرب جي لشڪر جي خوف کان امان نه ڏنائين، ۽ جنهن ٽولي خودسري ۽ سرڪشي نه ڪئي، تن ڏانهن [اسلامي لشڪر جي] رهبري ڪيائين ٿي. [محمد بن قاسم] عبدالملڪ بن قيس الدمي (٢) پنهنجو نائب مقرر ڪيو. انهيءَ لاءِ ته جيڪو به سرڪشي ڪري تنهن کي سيکت ڏئي. ڪاڪي مخالفن تي حملو ڪري، ڏاڍا ڏوڪڙ، ڪپڙا، وهٽ، غلام ۽ اناج غنيمت ۾ هٿ ڪيو، جنهنڪري لشڪر ۾ گوشت ۽ گاهه جي فراواني (گهڻائي) ٿي.

پوءِ محمد بن قاسم اتان منزل ڪري سيسم جي قلعي تي آيو. ٻن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ خدا تعاليٰ کيس فتح ۽ ڪافرن کي شڪست ڏني. ڏاهر جو سوٽ بجهراءِ بن چندر بن سيلائج ۽ راوت ۽ ٺڪر - جيڪي سندس تابعدار هئا - [١٣٢] ٻڌيه کان متي پڄي ويا؛ بلڪ گهڻن ته پنهنجي پياري جان انهيءَ ٻيغرمانيءَ ۾ گنوائي، ۽ ڪي، سالوج ۽ قندابيل (٣) جي وچ واري قلعي ٻهطلور (٤)

---

(١) اصل ۾: سمني. (٢) هيءُ لفظ مبهم آهي ڏسو متي حاشيه ١٠٧ ص [١٠٧]. (نب) (٣) ن، ب، ح: قندائيل؛ پ، ڪ: قندهائيل؛ ل، م: قند عاله (٤) ب: ٻهلطور؛ ڪ: ٻهطور.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏانهن هليا ويا ۽ اتان وچي امان نامي جي استدعا ڪيائون. چاڪاڻ ته هو ڏاهر جا مخالف هئا ۽ جيئن ته هن جي ڪن ماڻهن کي ڪُٺو هئائون، تنهنڪري سندس فرمانبرداريءَ کان ڦريل هئا. هنن قاصد وچ ۾ آڻي، پاڻ تي هڪ هزار درهم نور چانديءَ (١) مقرر ڪري، پنهنجا ضامن سيوستان ڏانهن موڪليا.

حجاج بن يوسف ڪان مهراڻ تي- ڏاهر سان جنگ جوڙڻ جو حڪم پهچڻ.

محمد بن قاسم ذيل مقرر ڪري، سنڌن آرام لاءِ نئون پروانو جاري ڪيو، ۽ [هن کان پوءِ] آل جارُودَ سان بن اعتماد جوڳن ماڻهن [عبد]الملڪ بن] القيسي (٢) ۽ حُمَيۡدُ بن وَدّاعَ النّجديءَ کي مقرر ڪري، هي ڪم سنڌن حوالي ڪيائين. جڏهن سيسم جي ڪم کان واندو ٿيو، تڏهن حَجّاج جو حڪم پهتس ته: ”پهون سي جايون

(١) اصل عبارت: يکهزار درم سنگ نقره. (٢) سڀني نسخن ۾ ”عبدالقيس“ آهي. مگر اسلام بعد هڪ مسلمان جو نالو عبدالقيس هجڻ غير ممڪن آهي. البت ”عبدالقيس“ بطور هڪ قبيلي جي نالي جي مشهور هو مگر هن جاءِ تي ماڻهوءَ جو نالو آهي، جو ”آل جارود“ (جارود جي اولاد) واري قبيلي سان هو. انهيءَ ڪري هن نالي ۾ غلطي آهي ۽ هن شخص جو صحيح نالو غالباً عبد [الملڪ بن] القيس آهي جنهن جو ذڪر مٿي ص.ص [٩٩] ۽ [١٢٣] تي اچي چڪو آهي، ۽ جو محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ موجود هو. (نبب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چڙهي نيرون ۾ موتي اچ، ۽ مهراڻ تي جي تجويز ڪري، ڏاهر جي جنگ ڏانهن رخ ڪر، ۽ مولي عزوجل کان مدد گهرج ته توکي فتح ۽ ڪاميابي بخشي. انهيءَ فتح تيغ تي [نديا وڏا] قلعا ۽ ساري بسگرداڻي هٿ اچي ويندي ۽ ڪو به روڪيندڙ نه هوندو.“ محمد بن قاسم هي حڪم پڙهي، سندس مضمون کان واقف ٿي نيرون ڪوٽ موٽي آيو ۽ اچي خط لکيائين.

عرب جي لشڪر جو نيرون ڪوٽ موٽي اچڻ.

پوءِ [محمد بن قاسم لشڪر ساڻ] منزلون ڪاٽي اچي قلعي ۾ لٿو، جو نيرون ٽڪر (١) تي آهي [١٢٤]: ان جي ويجهو هڪ تلاءُ آهي جنهن جو پاڻي عاشقن جي اکين کان زياده صاف، جنهن جو چراگاهه ارم جي باغ کان وڌيڪ وڻندڙ آهي: انهيءَ تلاءَ وٽ اچي منزل ڪيائين، ۽ هيءُ خط حجاج بن يوسف کي لکيائين.

محمد بن قاسم جو، خط لکي حجاج بن يوسف کي احوال ٻڌائڻ.

بسم الله الرحمان الرحيم- وڏي امير، زبردست عالم، دين جي تاج، عجم ۽ هند جي پناهه، حجاج بن يوسف جي شاندار درگاهه ۾ هن خدمتگار محمد بن قاسم جي طرفان: بندگي ۽ خدمت گذاريءَ کان پوءِ، عرض ٿو ڪري ته

(١) اصل ۾: ڪوه نيرون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هي مخلص عرب جي ميڙني اميرن، لشڪر، نوڪرن ۽ مسلمانن جي لشڪر جي ميڙني جماعتن سميت صحيح ۽ سلامت آهي. ڪاروبار جي استقامت ۽ دائمي خوشي ۽ آرام حاصل آهي. [اوهان جي] روشن راءِ کي معلوم هجڻ گهرجي ته بيابان ۽ خطرناڪ منزلون ڪاٽي ڪان پوءِ، درياءَ جي ڪناري (١) جنهن کي مهراڻ چون ٿا، پهتاسون.

۽ بغرور (٢) جي قلعي جي مقابل ٻئي طرف جي اها اراضي جا مهراڻ جي ڪناري تي آهي، فتح ٿي آهي (٣)؛ ۽ اهو قلعو، اروڙ جي حد حڪومت ۾ [آهي]، جا راجا ڏاهر جي ملڪيت آهي (٣)؛ سرڪش ماڻهن کي پنهنجي اقتدار

---

(١) اصل عبارت: برلب سيحون. لسان "سيحون" جي لغوي معني وڙتي آهي جو (ساح، سَيْحاً ۽ سَيَحا"نا) مصدرن مان نڪتل آهي جنهن جي معني آهي "پاڻي جي زمين تي وهڪ". (ن ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي "راور" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، مگر ايڊيٽر حاشيي ۾ ڄاڻايو آهي ته اها سندس پنهنجي ڪاني پڙهڻي آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ١٢٥، حاشيه ٩). مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن: ل، م: بغرور؛ ن: اغرور؛ ب، ح، س، ڪ: اعرور؛ پ: مرور. لسان "بغرور" پڙهڻي کي ترجيح ڏني، جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٢٥]. (ن ب) (٣)-(٣) فارسي متن جي عبارت هن طرح آهي: "و آن حصار راور (که) در تمليک داهر راي بود". هن عبارت ۾ "حصار راور" جي پڙهڻي فقط پ مطابق آهي؛ پر جملي نسخن، م، ل، ن، ب، س، ڪ جي متفق پڙهڻي "دو الور" آهي ۽ انهيءَ ڪري وڌيڪ معتبر سمجهڻ گهرجي انهيءَ پڙهڻيءَ مطابق اصل عبارت هن طرح بيهندي: "وآن حصار، درالور" در تمليک داهر راي بود". اها عبارت تاريخي سياق ۽ سباق خواه جغرافيائي اعتبار کان بالڪل صحيح آهي ۽ ترجمو به انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيٺ آندو ويو ۽ باقين کي حملو ڪري ڀڄايو ويو. جيئن ته امير حجاج جو حڪم پهتو جنهن ۾ موٽي اچڻ جو اشارو ڪيل آهي، تنهنڪري نيرون ڪوٽ (١) واري قلعي ۾ موٽي اچڻو پيو: ڇو ته قلعو دارالخلافه کي وڌيڪ ويجهو آهي. اميد ته الله تعاليٰ جي مدد، بادشاهه جي اعانت ۽ امير معظم جي بخت [جي ياوريءَ] سان ڪافرن جا سڀ مضبوط قلعا فتح ٿي ويندا [١٣٥]، ۽ شهر ۽ خزانا هٿ ايندا. في الحال سيوستان ۽ سيسم جا قلعا هٿ آيا آهن. ڏاهر جو سوٽ، سندس بهادر ۽ مکيه ماڻهو [ٻاهر] ڪڍيا ويا، باقي ٻيا سڀ ڪفار مغلوب ٿيا آهن. ڪافرن جي عبادتگاهن جي بجاءِ مسجدون ۽ عبادت گاهون ٺهرايون ويون آهن، ۽ بانگ نماز، خطبن ۽ منبرن جو بنياد رکيو ويو آهي، جيئن ماڻهو وقتن اندر خدا جو فرض ادا ڪندا رهن، ۽ صبح ۽ شام خداءِ تعاليٰ جو ذڪر ۽ تڪبير بجاءِ آڻيندا رهن. جهڙيءَ طرح قرآن جو نص ناطق آهي ته [قوله تعاليٰ:] أَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوكِ الشَّمْسِ إِلٰى غَسَقِ اللَّيْلِ وَقُرْآنَ الْفَجْرِ الآية (٢)، ۽ اهي ٻئي نشان الله جي تائيد ۽ إِنْ يَنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ (٢)

---

(١) اصل ۾: ڪوهنيرون (٢) أَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوكِ الشَّمْسِ إِلٰى غَسَقِ اللَّيْلِ وَقُرْآنَ الْفَجْرِ إِنَّ قُرْآنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُودًا: سج لڙڻ کان رات جي اونداهي ٿيڻ تائين نماز قائم ڪر ۽ پڻ فجر جي قرآن پڙهڻ جو پابند رهه ڇاڪاڻ ته فجر جو قرآن پڙهو وڃي ٿو. (مترجم)- سوره بني اسرائيل، رڪوع ٨. (ن ب) (٢) آل عمران: رڪوع-٨. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(جيڪڏهين خدا تعاليٰ توهان جي تائيد ڪندو ته پوءِ ڪوبه توهان تي غالب ڪونه ٿيندو)۔ جي تصديق مطابق صاف ڪيا وڃن: ٻہ‌چارين، ۽ شيطان ۽ انهن جي جماعتن کي مغلوب ۽ خوار خراب ڪري جهنم ۽ سخت عذاب جي حوالي ڪيو وڃي. اسان [هن وقت] هڪ اهڙي قلعي جي پناهہ ۾ رهيل آهيون، جو سڪندر رومي جي ٻنڌ تي ٻہ فخر ٿو ڪري؛ ليڪن اسان جو ڀروسو ۽ پناهہ الله عزوجل تي آهي. اوهان جي راءِ عاليءَ ۔ سدائين عالي رهي!۔ آڏو هيءُ خط پيش ڪري، جواب جو منتظر آهيان ته جهڙيءَ طرح فرمان ناطق ۽ مطلق جاري ٿئي، انهيءَ لاءِ تيار ٿيان، ۽ الاهي توفيق سان جهڙو ارشاد ڪندا، انهيءَ موجب عمل ڪيو ويندو، ڪربہ حاڪم کي هيءُ ڳالهہ بہ معلوم هئي ته ڏاهر جي گورنرن مان هڪ گورنر ٻهراڻ جي آيرندي طرف انهيءَ (١) ماٿري ۾ جا ڪشيا (ڪڇ) جي سمنڊ جو ٻيٽ آهي (١)، ٻيٽ (٢) جي قلعي جو والي آهي، جنهن کي بساهي [پٽ] راسل (٣) چون ٿا. هن جو پٽ ڏاهر جي مڪيہ ۽ خاص ماڻهن مان آهي. هند

(١)-(١) اصل عبارت: ”در برجوي که جزيره بحر کنبها است“. فاضل ايڊيٽر ”کنبها“ پڙهڻي اختيار ڪئي آهي جا ٻن ن جي پڙهڻي آهي. مگر پ ۾ ڪبها آهي ۽ ر،م جي پڙهڻي ”کشتيها“ آهي اسان ر،م جي پڙهڻي جي آڌار تي ”ڪشيا“ پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [١٢٦]. (نبي) (٢) اصل م: بيت (٣) اصل م: بساهي راسل. پ: بشامي راسل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خواهہ سنڌ جي گهڻن بادشاهن جي سائي بيعت آهي، ۽ سندن وچ ۾ مضبوط عهدناما ٿيل آهن [١٣٦]، جي سندس صلاح کان باهر نہ ويندا؛ ۽ ديبل جا جيڪي ماڻهو اسان سان مليا آهن، تن کان معلوم ٿيو آهي تہ هو اسان جو خيرخواه آهي، هرهڪ امير ۽ وڏيرو سندس تابعداريءَ ڏانهن راغب آهي، هن اسان ۾ اميد رکي التجا ڪئي آهي تہ اسان هن سان پڪو عهدنامو ڪريون، جيڪڏهن خدا تعاليٰ اها تدبير پوري ڪئي ۽ [هو سڀ] سچائيءَ سان اسان جي فرمانبرداريءَ هيٺ آيا تہ مهراڻ درياء جي ٽپڻ جي تدبير اسان لاءِ آسان ۽ سولي ٿي پوندي، ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان (سيڪجهہ) تيار ۽ مبارڪ ٿيندو.

محمد بن قاسم ڏانهن، حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ

بسم الله الرحمان الرحيم: پياري فرزند ڪريم الدين محمد بن قاسم جو۔ شال خدا تعاليٰ سندس عزت برقرار رکي- قسمين قسمين تڪليفن ۽ طرحين طرحين تعظيمن سان سينگاريل خط پهتو، ۽ جيڪي حالات ان ۾ لکيل هئا، سي سڀ معلوم ٿيا. اي پٽ! آخر آهي ڇا؟ توکي ٿيو ڇا آهي جو پنهنجي تدبير، عقل ۽ سمجهہ کم نٿو آڻين؟ اي ڪاش! تون لڙائيءَ ۾ مشرق جي سڀني بادشاهن کي مغلوب ڪرين، ۽ سڀني ڪافرن جي گهرن کي برباد ڪرين! تون هن ڪم تي غالب پوڻ کان ڇو عاجز آهين؟- ۽ دشمن جي شر کان ڇو نٿو بچي پورو اچين؟ اميد آهي تہ سندس رٿ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دفع ٿي ويندي. هو لشڪر اسلام جي مدافعت جي رٿ رٿڻ ٿو چاهي. تون دل مضبوط ڪر ۽ جنهن حد تائين مال خرچ ڪري سگهين ڪر، ۽ سندس مخالفن جي حق ۾ تمام گهڻو انعام ۽ بخشش [١٢٧] خرچ ڪر. جيڪو به ڪا جاگير يا ملڪ گهري ته ان کي نااميد نه ڪر، بلڪ سندس عرض قبول ڪري، ڪِس پنهنجي فرمانن ۽ امن نامي سان دلجاءِ ڏي. چاڪاڻ ته بادشاهي وٽ جا چار طريقا آهن: پهريون صلح، همدردي، چشم پوشي، ۽ سگابندي؛ ٻيو پئسو خرچڻ ۽ انعام ڏيڻ، ٽيون دشمن جي مخالفت کي پوريءَ طرح سمجهڻ ۽ مخالفن جو مزاج معلوم ڪرڻ؛ چوٿون رعب، هيبت، دليري، قوت ۽ دٻدٻو. [هر طرح سان] انهن دشمن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (ڪڏيا ڪڏيا) بادشاهه جيڪو به عرض ڪن ته (انهن کي) ڀڪي انجام نامي سان دلجاءِ ڏي. جڏهن خدمت ۾ حاضر ٿي ٻاڻ تي ذيل مقرر ڪن ته، پوءِ جيڪي به ڏوڪڙ يا سامان خزاني ۾ پهچائين سو وٺندو رهه. سيني کي تسلي ڏيندو رهه. جيڪڏهن ڪنهن کي قاصد ڪري موڪلڻ گهرين ته پوءِ ضروري آهي ته سندس عقل، مذهب، دوراندیشي ۽ امانت تي توکي اعتماد هجي. انهن نه ٿئي ته سندس ڳالهائڻ ۽ وجهڻ ڪري اسلام کي ڪو به نقصان پهچي. ٻاڻ کي دشمن جي اوچتي حملي، حيلن، آفت، نڪبيءَ ۽ مڪر کان حفاظت ۾ رکج. ضروري ڪمن جي پورنيواري ۾ دوراندیشي ۽ هوشياريءَ جا شرط بجا آڻج، ۽ ڏاهر کان خبردار رهج. جيڪڏهن ڪو (پنهنجو) معتمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

يا معتقد موڪلين^ (١) ته انهيءَ کي وصيت ڪج ته هن جي ميل جول ۽ همنشينيءَ کان بيخيالو نه ٿئي؛ ۽ ان کي خيرخواهيءَ جو شرط ڪري پڌائج ته جيڪڏهن پيغام پهچائڻ لاءِ راجا جي روبرو وڃي ته هن کي سيني مڪيه ماڻهن ۽ محفل جي بزرگن جي سامهون بيدپائيءَ سان پيغام پهچائي. سندس جواب چڱيءَ طرح ٻڌڻ گهرجيس؛ ۽ ڪنهن به ڪابه نرمي ۽ چشم پوشي نه ڪرڻ گهرجيس. قاصدن جي همت ٺهڻ وڌڻ سان وڌائج، (۽ کين پڌائج) ته: توهان ساري اسلامي لشڪر جا امام ۽ پيشوا آهيو، ۽ سيني جون اميدون توهان جي گفتگو سان وابسته آهن؛ تنهنڪري توهان کي گهرجي ته پيغام پوريءَ طرح ادا ڪريو. مسلمانن جو قاصد، پاڪ مذهب [وارو] هئڻ گهرجي، [١٣٨] جيئن سخن ڏيڻي سان ۽ بنان گهٽ وڌائيءَ جي ادا ڪري. مخالفن کي توحيد تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏج، [۽ انهن کي پڌائج] ته جيڪو الله جي هيڪڙائيءَ کي مڃي، تابعداري ڪندو ته انهيءَ کي مال، شهر، زمين ۽ ٻني عطا ڪئي ويندي؛ ۽ جيڪو اسلام جي آڏو سر نه جهڪائي ته انهيءَ کي ڪو ڏڙڪو ڏج، جيئن هو فرمانبردار رهي. جيڪڏهين [انهيءَ هوندي به] اطاعت کان سرڪشي ڪري ته پوءِ ڪيس [صاف]

---

(١) اصل متن ۾ هي لفظ "بفرستد" آهي جو واحد غائب جو صيغو آهي، ۽ سندس ضمير ڏاهر ڏانهن وڃي ٿو. پر ائين ڪرڻ سان سڄي جملي جي معنيٰ ۾ خلل پيدا ٿي ٿو پوي. اسان جي خيال ۾ "بفرستد" لفظ "بفرستي" جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ اسان ترجمي ۾ "بفرستي" خيال ۾ رکي، ترجمو ڪيو آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻڌائج ته جنهن صورت ۾ اطاعت کان سنهن موڙيو اٿيني تنهن صورت ۾ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيءُ. ۾ ڪهن مهراڻ نديءَ جي ٽپڻ جو اختيار نه ڏج، [بلڪ] چنج ته: جڪڏهن توهان تيار آهيو ته پوءِ [توهان کي] ڪا به روڪ ناهي، ۽ جيئن ته اسان هيڏو ڊگهو طئي ڪري آيا آهيون، تنهنڪري اسان کي ٿي مهراڻ ٽپڻو ۽ ٻنهي روڪ ٽوڪ جي مقابلي ۾ اچڻو آهي، ته جيئن ٻنهي طرفن جي وچ ۾ شڪ شبهو ۽ خار، خار جي مجال نه رهي. جنهن به جاءِ تي دشمن جي سامهون ٿيو، اها جاءِ کليل ميدان هئڻ گهرجي، جيئن جاءِ جي ميدان ۾ مرد مرد ۽ سوار سوار جي برابر جولان ڏيئي سگهي. انهيءَ سيڪجهه هوندي به جڏهين جنگ جوڙين، تڏهين الله پاڪ جي ڪرم تي توڪل رکج، ۽ (انهي جي) مضبوط ڪڙي ۾ هٿ هڻج، ۽ ڏسج) ته قضا ۽ تقدير انهيءَ غيب جي پردي مان ڇا ٿي پيدا ڪري، ۽ آنان ڪهڙيءَ پارٽيءَ جي بادشاهيءَ جي ختم ٿيڻ جو حڪم جاري ٿو ٿئي: ۽ جيڪڏهين هو پيغام موڪلين ۽ چون ته، مهراڻ جي پاڻيءَ مان توهين ٿو لنگهين يا اسان لنگهون؟ ته انهن کي اختيار نه ڏج: بلڪ چئج ته مان تبي تو اچان، ته تنهنجو رعب ۽ هيبت دشمن جي دل تي اثر ڪري، ۽ چون جيڪڏهن اسلام جي لشڪر کي قوت ۽ طاقت ته هجي ها ته اٿين اسان جي سامهون نه اچي ها!

پيو ته عرب جي لشڪر جي جيڪا جماعت تنهنجي تابعداريءَ ۾ آهي اميد آهي ته آهي موٽي نه ويندا ۽ لڙائي کان منهن نه ڦيرائيندا، بلڪ جند جان جي بازي لڙائيندا، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خدا تعاليٰ تي توڪّل رکي جنگ شوق سان ڪندا ۽ ثابت‌قدم رهندا؛ ۽ لڙائي خواهہ تنهنجي اطاعت ۾ سڀ‌ڪنهن نيّت سچي رهندي، جيئن الله پاڪ عزوجل جو رضامندو حاصل ڪري سگهن [١٢٩]. درياهہ ٽپڻ لاءِ اهڙي جڳهہ اختيار ڪج، جتي پير ڪوڙي سگهين ۽ سنئون سڌو لنگهہ هجي. (پوءِ) جاچ‌جوچ ڪري اتان لنگهجو، ۽ دوراندیشي ۽ خبرداريءَ کي هٿان نہ ڇڏج. لنگهڻ وقت لشڪر کي تيار رکج، ۽ [لشڪر جو] مَيْمَنہ (سڄو)، مَيْسَرہ (کٻو)، قلب (وچ)، مقدم (اڳيون) ۽ ساقہ (پڇاڙي) سڌو رکج، ۽ پيادن ۽ اڪيلن کي اڳواٽ موڪلج. ڪنهن بہ برگستوانيءَ (١) کي وچ ۾ نہ رکج.

حجاج جو خط پهتو تہ محمد بن قاسم درياهہ لنگهڻ جي تدبير ڪرڻ لڳو، ۽ اهو پڪو ارادو ڪيائين.

محمد بن قاسم جي نيرون ڪوٽ ۾ پهچڻ جي ڏاهر کي خبر پوڻ. (٢)

اتي راجا ڏاهر هند جي داناءُن ۽ پنهنجن فيلسوفن ۽

(١) معنيٰ لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [٩٩] (٢) هن باب جي مضمون سان اول اهو گمان ٿئي ٿو تہ شايد ڏاهر کي محمد بن قاسم جي نيرون وٽ اچڻ جي خبرني تڏهن پيئي آهي، جڏهن هو سيوستان ۽ ٻڌيہ جي ہرکٽي ڪان ٿي نيرون ڪوٽ موٽي آيو آهي. پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي، بلڪ مصنف هت ۽ هن ڪان پوءِ ٽنين عنوان هيٺ اهي ساڳيون حقيقتون ورائي لکيون آهن، جيڪي هن کان اڳ صفحي [١١٦] کان [١١٨] تائين اچي چڪيون آهن. دوبارہ لکڻ جو سبب فقط اهو آهي جو لکندڙ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ جي هٿان ڪان تمهيد ٻڌڻ چاهي ٿو. (نبب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نجومين کان پڇيو ته: ”ھيتر خبر ھـڏي ڏيئي آھي ته محمد [بن] قاسم ظاھر ٿيو آھـي، ۽ قلعي نيرون جـي قريب زبردست لشڪر سان لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آھي. (ٻڌايو ته) توھان کي نجوم ۽ تاريخن جـي ڪتاب مان ڇا ٿو معلوم ٿئي؟ ۽ وقت جي ستاري ۽ سال جـي تقدير مـان ڇا ٿـو نڪري؟“ نـجومين تعريف، وصف ۽ ثنا کان پـوءِ عرض ڪيو تـه: ”راجا سلامت رھي! گذريل تاريخ جي پراڻن ڪتابن ۽ جاماسپ حڪيم جي نجوم مان اسين معلوم ٿيو آھي ته سن ٩٢ ھجريءَ ۾ نيرون جو قلعو اسلامي لشڪر جي حوالي ٿيندو ۽ سن ٩٣ ھجري ۾ پورو ھندستان؛ ھي قلعا جيڪي سڪندر جـي ٻڌ ڪان بـه وڌيڪ مضبوط آھن، مسلمانن جـي ملڪيت ٿيندا، ۽ اھا فتح محمد بن قاسم جي ھٿان ٿيندي ۽ اھو وعدو پـورو ٿيندو. پـوءِ راجا ڏاھـر [١٣٠] پنھنجو شمني (١) کـي، جنھن جي سنڀال ۾ نيرون جو قلعو ھو، موڪليو ۽ چيو ته: تون نيرون ڪوٽ ۾ وڃي انھن جو احوال کـان اسان کي اطلاع ڏيئي گھرجي. شمني انھيءَ اشاري تـي نيرون ڪوٽ آيو ۽ پنج سردار سان ڪري حجاج جا پروانا پاڻ سان کڻي عربن جي ڪئمپ ۾ محمد بن قاسم وٽ ويو. ٺياتھ [بن] حنظلـه سندن وچان ٿيو، جڏھين درخواست ۽ نذرانو پيش ڪيائين، تڏھين محمد بن قاسم فرمايو تـه: ”مـن پرواني جـي حڪم جي پيروي ڪرڻي اٿو. ليڪن تو لشڪر جـي پھچڻ وقت دروازو بند ڪيو ھو، جنھن اسان تـي وڏو اثر ڪـيو.

---

(١) اصل ۾: سمني ٻڌندڙ ڪيو.

جڏهن توهان تابعداري نٿا ڪريو ته پوءِ قلعي جا دروازا بند ڪرڻ ۽ لشڪر کي روڪڻ چڱو ڪم نه هو جو انهيءَ ڪري لشڪر ۾ اناج اٽلپ ٿي ويو هو.“ اتي شمني معذرت ڪرڻ لڳو ته: جڏهن صورت ۾ اسان جي ڪاروبار جون مصلحتون راجا ڏاهر سان تعلق رکن ٿيون ۽ مان هتي حاضر ڪونه هئس، تنهنڪري توهان جي پهچڻ تي رعيت متردد ٿي ۽ ڊني ته متان موقع وقت قلعوارن کي ڪو نقصان پهچايو. هاڻي جڏهن آءٌ خدمت ۾ پهتو آهيان ته فرمانبرداري ۽ اخلاص جو رستو بجاءِ آڻيندو رهندس، ۽ جيڪا تنهنجي مرضي هوندي انهيءَ موجب عمل ڪندس.

محمد بن قاسم جي نيرون جي شمني کي خلعت پهرائڻ.

پوءِ محمد بن قاسم کيس سروپاءِ پهرائي عزت افزائي ڪئي، ۽ مٿس گهڻيون مهربانيون فرمائي کيس واپس ڪيو. شمني موٽي وڃي قلعي جو دروازو کوليو، تحفا ۽ سوکڙيون موڪليون، ۽ سپاهي خريد فروخت لاءِ قلعي ۾ ويا. ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جي بادشاهه جو جهنڊو لاجورديءَ ڇت تي لهرائڻ لڳو (١) ته محمد بن قاسم گهوڙي تي سوار ٿي مکيه ماڻهن ۽ برگزيدن سان گڏجي قلعي ۾ آيو، ۽ بتڪده جي جاءِ تي مسجد نهرائي انهيءَ ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهائين. (تنهن کان پوءِ) ڏهل جي قبيلي ۽

(١) يعني سج اڀريو (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهل بصره سان هڪ ساڻهو اتي [١٣١] نائب مقرر ڪيائين (١).

پوءِ اتان منزل ڪوچ ڪيائين ۽ مهراڻ ندي ٽپي لاءِ شمن کي ٻه پاڻ سان ڪنيائين. [ايتري ۾] شمني راسل رسني (٢) جي بزرگن ۽ پنڊتن جي ڪن سرڪردن حاضر ٿي امان گهري، انهن کي جهڙيءَ طرح حجاج حڪم جاري ڪيو هو، جواب ڏيئي انجام پڪو ڪري، اشبهار جي قلعي تي (ڪاهي) ويو، ۽ محرم سنه ٩٣ هجريءَ (٣) ۾ انهي قلعي جي آسپاس وڃي لٿو. اهو هڪ مضبوط قلعو ڏسڻ ۾ آيس. قلعي وارن لڙائيءَ جي تياري ڪري هڪ وڏي کاهي تيار ڪئي هئي، ۽ قلعي جي الهندي وارن جتن ۽ گهوڙائن کي قلعي ۾ آندو هئائون. محمد بن قاسم جنگ شروع ڪئي: هڪ هفتو ٻيهڪ ڪري مقابلو ڪيائون، ۽ پوءِ امان گهري فرمانبرداري هيٺ آيا، ۽ پنهنجي گردن ۾ بندگيءَ جو طوق وڌائون. محمد بن قاسم، حجاج جي پرواني موجب انهن کي امان ڏني، ۽ جيڪي ماڻهو سندس متابعت ۾ آيا تن

---

(١) هن هنڌ تائين هن عنوان ۽ ٻئين عنوان هيٺ ڪم و بيش اهو ساڳيو بيان ڏنو ويو آهي، جو هن کان اڳ ص ص [١٨-١١٦] تي اچي چڪو آهي. هن بعد نئون بيان شروع ٿئي ٿو. (ن.ب) (٢) ن، ب: راسل رسي؛ ل، م: راشد رسن؛ س: راهل رسي (٣) مصنف مٿي ص [١٠٢] ۾ چئي آيو آهي ته محمد بن قاسم محرم ٩٣ هجريءَ ۾ ديبل وٽ پهتو. ساڳئي مهيني ۽ سال ۾ ديبل، نيرون ڪوٽ، سيوهڻ وغيره قلعا فتح ڪري اشبهار قلعي تي ڪاهڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري اتي محرم سنه ٩٤ ﻫ هئڻ گهرجي يا محرم جي بدلي سنه ٩٣ ﻫ جو ڪو ٻيو مهينو (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[پنهنجي مٿان] ذِل قبول ڪري، قلعي جو دروازو کولي ڇڏيو. محمد بن قاسم پنهنجي امينن سان گڏ اندر آيو، ۽ ڪنجي پنهنجن سچن اعتبار وارن ۽ تمام پڪن معتقدن جي حوالي ڪيائين. انهيءَ جاءِ جي حڪومت تي هڪ ايماندار (ماڻهو) مقرر ڪري انهيءَ قلعي جي فتح بابت حجاج ڏانهن لکيائين. (هي به لکيائين) ته انهن بهادر جٽن کي امان ڏني اٿس، ۽ ڪيئن (اُتي ٿيل) قتل ۽ خونريزيءَ جو (پڻ) اطلاع ڪيائين. انهيءَ قلعي ۾ ٿورو وقت ترسي، نائب مقرر ڪري، پاڻ راوڙ جي حد ۾ مهراڻ جي الهندي ڪناري تي اچي لٿو [١٣٢].

مهراڻ جي ڪناري واري منزل تي محمد بن قاسم جي لڙائي ڪرڻ.

پوءِ جيئن محمد بن قاسم، مهراڻ جي پٽن تي اچي لٿو، (١) ته ٻيٽ جي حاڪم جاهين سان جنگ جوٽي (١).

(١)-(١) فارسي ايڊيشن جي عبارت شروع کان هن طرح آهي: "پس چون محمد قاسم بر معبر مهران نزول کرد، و با جاهين، ملک بيت جنگ پيوست." هيءُ جملو جڻ اڻپورو آهي، ڇ ۾ جملي جو پهريون حصو هن طرح آهي: "باوي جاهين، ملک بيت جنگ پيوست" جو هڪ ته سچي جملي جي لحاظ سان پورو آهي پر ته اڳتي ايندڙ حقيقتن مطابق آهي، جيئن ص [١٣٥] تي ٻڌايو ويو آهي ته ڏاهر، جاهين کي ٻي محمد بن قاسم سان جنگ جوٽڻ جو حڪم ڏنو: "و (داهر) جاهين را فرمود که برلب مهران بموضعي که آب را جائي عبره بود برابر حصار بيت بايست" (ڏاهر جاهين کي ٻيٽ جي قلعي جي سامهون جتي پاڻي جو گهيرو هو اتي مهراڻ جي ڪناري تي بيهڻ جو حڪم ڏنو). اسان ترجمو ڇ جي پڙهڻي مطابق ڪيو آهي. (ڊب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

روايت: (١) تاريخ جي مصنفن هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم جي راوڙ ۽ جيور جي حد ۾ پهچڻ جي خبر ڏاهر کي پهتي ۽ پڇيائين ته: عرب ڪٿي پهتا آهن؟ ۽ ٻڌايائونس ته جيوڙ جي حد ۾ داخل ٿيا آهن. تڏهين چيائين ته: ”عربن جو چڱو غلبو ٿيو آهي، ۽ بخت ضرور سندن همراهه آهي.“ پوءِ محمد بن قاسم **موڪي ٻٽ وسايي** (٢) ڏانهن قاصد موڪليو ته (٣) **وجورته قصبي وارو ملڪ** (٢) توکي جاگير طور ڏجي ٿو ۽ انهيءَ ملڪ تي تنهنجو قبضو تسليم ڪيو وڃي ٿو.

موڪي [ٻٽ] وسايي جي عهدنامي جي خبر ڏاهر کي پوڻ.

پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ ڏاهر کي وڃي خبر ٻڌائي ته

---

(١) هي روايت ڄڻ معترض آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم ۽ جاهين جي مقابلي کان اڳ جا حالات بيان ڪيا ويا آهن. انهيءَ لحاظ سان هن کان مٿين جملي کي ڄڻ هڪ عنوان سمجهڻ گهرجي، جنهن جو خاص بيان اڳتي ايندو. (ن-ب) (٢) فارسي متن ۾: موڪه بن بسايه. ل، م ۾ ”بسايه“ جي بدران هر جڳهه ”پسايه“ آهي. (ن-ب) (٣)- (٣) هتي فارسي متن جي عبارت ”ولايت قصه و سورته“ (يعني سورٺ ۽ ڪڇ جي ولايت) آهي جا ايڊيٽر جي پنهنجي گماني پڙهڻي آهي. ل، م، **ن**، **ب** **س**، **ڪ** ۾ ”ولايت قصبه و جورته“ ۽ **پ** ۾ ”ولايت قصبه جورته“ لکيل آهي. اسان پورين ڇهن نسخن جي متفق پڙهڻي مطابق ”ولايت قصبه و جورته“ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي ۽ ترجمو به انهيءَ مطابق ڪيو آهي. قصبه و جورته“ لاءِ وڌيڪ ڏسو آخر ۾ حاشيه، ص [١٣٣]: (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موڪي [پٽ] وسائي، محمد بن قاسم جي بيعت ڪئي آهي، ۽ قاصد موڪلي [هڪٻئي] سان عهدنامو ڪيو اٿن، ۽ قاصدن هٿ محمد بن قاسم ڏانهن جواب موڪليو اٿس تہ: "جيڪي تو فرمايو هو سو صحيح معلوم ٿيو ۽ اسان تي جيڪا عنايت ڪئي اٿو ان جو ثبوت ملي ٿو. توهان جيڪي بہ وعدا فرمايا آهن، انهن جا اسان دل و جان سان شائق آهيون، ۽ توهان جي فرمانبرداري ڪرڻ ڏانهن دل تمام مائل آهي، توهان جي خوشي سيني ڪمن کان مقدم رکندا سون، ۽ [جيڪڏهن] ڪو بهانو پيدا ٿيو تہ [پوءِ] حڪم جو تابعدار رهڻ لازمي چائندا سون، پر جن بادشاهن جي نمڪ جو حق [اسان جهڙن] خدمتگارن جي گردن تي لازم آهي، تن سان عهد پچڻ ۽ بيوفائي ڪرڻ [١٣٣] اهڙو گناهہ ۽ خيانت آهي جو دورانديشي ۽ امانت کان دور آهي، ۽ جيستائين هن جي طاقت کان اهڙو ڪو خوف پيدا نہ ٿئي جو نفس ۽ جان لاءِ خطرو هجي، تيستائين امانت ۽ دوراندبشي ڇڏي ڏيڻ انوشندڙ طريقو آهي.

(ملڪ موڪي [پٽ] وسائي جي درخواست:) ٻن سنڌ جو ملڪ اسان جو وطن آهي، ۽ اسان جن پيڻ ڏاڏن جو ورثو ۽ ڪمائي، راجا ڏاهر سان اسان جي قرابت آهي، ۽ هو هندستان جي راجائن جو راجا آهي، هو جيتري بہ بلند درجي کي پهچندو تہ انهي ۽ سان اسان کي بہ وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو ملندو، [هن سان] هر حال، رنج خواهہ راحت، بہ موافقت جا شرط بجاءِ آڻڻ اسان تي لازم ۽ ثابت آهن:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏک ۽ سک ۾ برابر، ۽ ملڪ ۾ پائيدار آهيون. ليڪن عقل جي طريقي اٿين معلوم ٿو ٿئي، ۽ حڪمت جي ذهن سان اهڙيءَ طرح عيان آهي، ته هيءَ حڪومت اسان کان نڪري ٻئي جي حوالي ٿيندي.

موڪي [ٻٽ] وساني جو [محمد بن قاسم سان] عهدنامو ڪرڻ.

”سنڌ جا حڪيم ۽ هندستان جا فيلسوف جيڪي هن ملڪ جا رهاڪو آهن، تن اصطرلاب ۽ نجوم جي ذريعي قديم ڪتابن مان هي نتيجو ڪڍيو آهي ته هن بادشاهيءَ کي اسلام جو لشڪر فتح ڪري قبضي هيٺ آڻيندو. جنهن ماڻهوءَ جو بخت مددگار ٿيندو آهي ۽ ڪاميابي همراه، ۽ [پڻ] هو دورانديشي ۽ همت وارو هوندو آهي، ته جو واقعو پيدا ٿيندو تنهن مان هو تجربو پرائيندو ۽ وڏيڪ هوشيار ٿيندو ويندو آهي، جيئن چوڪاري جو رستو ڪاٿئي بلڪل نه رهي. اٿين نه ٿئي جو جڏهين موقعو ۽ وقت نڪري وڃي تڏهن ڪيس اها تڪليف پهچي. تو جنهن صورت ۾ مون سان صلاح ڪئي آهي ۽ اسان جي طرف جي رعايت ڪرڻ واجب سمجهي اٿئي ته [اها توهان جي] امانت آهي، ۽ مان جيڪڏهن جواب با صواب نه ڏيندس ته مخالفت ٿيندي، ۽ جيڪڏهن مان خود راهه تي جنگ ۽ لڙائي کان سواءِ اچي خدمت ۾ حاضر ٿيندس ته دشمن جي ملامت ۽ خاندان جي بدنامي [١٣٤] جو باعث ٿيندس.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[تنهنڪري صلاح ۾ آهي] ته (١) هينئر ساڪري جي راڻي سان نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻ جي بهاني سان وڃڻ ٺيڪ ٿو(١)۔ امير محمد بن قاسم ـ ڳالھ سندس مرتبو قائم رهي! هزار سوارن کي حڪم ڪري ته فلاڻي رستي تي وڃي مون کي رستي سان پڪڙي، اچي خدمت ۾ حاضر ڪن، ته مون کي به بهانو ملي وڃي، ۽ خلق جي واتن ۾ گلا به نه ٿئي ته هن بيوفائي ڪئي؛ ۽ ڏاهر کي پڻ بدگماني نه ٿيندي، ڇاڪاڻ [ته ڏسندو ته] مون کي مجبور ڪري زبردستيءَ سان وٺي ويا۔"

موڪي [ٻٽ] وسايي جي چوڻ تي نُباته بن حنظلہ کي موڪلڻ۔

پوءِ محمد بن قاسم کي سندس قول تي پورو اعتماد ٿيو۔ هن سندس چوڻ سچو سمجهي نُباته بن حنظله کي هڪ هزار پورن هٿيارن سان سينگاريل ۽ چونڊيل گهوڙيسوارن سان موڪي [ٻٽ] وسايي جي مقرر ڪيل انجام تي موڪليو، ۽ پاڻ پڻ انهيءَ جي ويجهو منزل ڪيائين۔ [هوڏانهن] موڪو پڻ سؤ سوار ساڻ ڪري روانو ٿيو ۽ اچي انهيءَ جاءِ تي رسيو۔

---

(١)-(١) فارسي ايڊيشن جي عبارت "اکنون ، بهانه تزويج دختر رانه ساکرا رفته مي شود". "رانه ساکرا" جي عوض مختلف نسخن جون پڙهتيون هن طرح آهن. پ: رانه ساکرا؛ ر: راوساکرا؛ م: راو ساکر ن،ب،س: دخترانه ساکرا؛ ڪ: دخترانه ساکران.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نباته بن حنظله جو وڄڻ ۽ موکي [پٽ] وساھي کي ٺڪرن سميت گرفتار ڪرڻ.

پوءِ نباته بن حنظله پنھنجن سوارن ۽ ترجمان سان اچي رستو روڪيو، ۽ موکو [پٽ] وساھيو وٽھن ٺڪرن ۽ لشکر سميت گرفتار ٿيو. ڪيس جڏھن محمد بن قاسم جي سامھون آندائون، تڏھن امير سائنس عزت ۽ تعظيم سان پيش آيو، ۽ بيٽ وارو ملڪ ھن جي حڪم ھيٺ ڏنائين، ۽ سندس عرض تي انھن ٺڪرن جو پروانو صحيح ڪري ڪيس عطا ڪيائين، ٻه لکاھا درھم انعام طور بخشش ڪري، سائو طائوسي ڇٽ، ڪرسي ۽ سروپاءُ عطا ڪيائين؛ [ٺنھن سان گڏ] سندس سھني ٺڪرن کي خلعتن، سنجيل گھوڙن ۽ گھڻن انعامن سان سرفراز ڪيائين.

تاريخ جا مصنف ۽ جھان گرد [١٣٥] سيلاني ھن طرح روايت ڪن ٿا ته: اميريءَ جو پھريون ڇٽ [محمد بن قاسم] موکي کي ڏنو ھو، ۽ سندس عرض تي قصبه [وجورته] (١) واري اراضي ٻه ملڪيت طور ڪيس ۽ سندس فرزندن جي حوالي ڪري پروانو لکي ڏنائين. ۽ بيٽ جو پورو علائقو، پسگردائي ۽ آباديءَ سميت ڪيس ڏيئي پڪو عھدنامو ڪري، ٻيڙين مھيا ڪرڻ جي ٻارت ڪيائينس.

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ”زمين قصه“ (يعني ڪچ واري اراضي). ب ۽ ر جي پڙھڻي صاف طرح ”زمين قصبه“ آھي؛ ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو ٿي حاشيه ص [١٣٣]. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو شامي قاصد ۽ مولاي اسلام (١)
کي موڪلڻ.

پوءِ محمد بن قاسم مهراڻ جي ڪناري تي منزل ڪري، شام جي بزرگن مان هڪ بزرگ ۽ مولاي اسلام ديبلي کي جو محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو هو، موڪليو ته: جيڪي شامي چوي سو ڏاهر [بن] چچ کي ۽ جيڪو ڏاهر جواب ڏئي سو هن کي سمجهائيج؛ ۽ پيغام ڏيڻ شروع ڪرڻ ته اهو دربار ۾ سڪيه ماڻهن جي مجلس ۾ ادا ڪج ۽ صاف لفظن ۾ جواب جي طلب ڪج، جيئن حجاج جي فرمان جي متن ۾ لکيل آهي.

شامي قاصد جو ڏاهر وٽ وڃڻ.

جڏهن شامي قاصد ۽ ديبل جو مولاي اسلام ڏاهر وٽ ويا، تڏهن مولاي اسلام ديبليءَ سِر نوڙائي خدمت بجا نه آندي. ڏاهر کيس سڃاڻندو هو، سو کيس چيائين ته: ”ڇا لاءِ قانون موجب خدمت جو شرط پورو نه ڪيئي؟ شايد توکي روڪيو اٿن؟“ مولاي اسلام جواب ڏنو ته: ”جڏهن مان توهان جي طريقي تي هئس، تڏهن بندگيءَ جا شرط بجا آڻڻ مون تي واجب هئا، [١٣٦] پر هاڻي جڏهن اسلام جي شرف سان

---

(١) اصل عبارت ”مولانا اسلامی“ جا غلط آهي. ان وقت ”مولانا جو خطاب توڙي ”اسلامي“ نالو ناپيد هئا. صحيح ”مولاني اسلام“ سمجهڻ گهرجي جو ته هيٺ ”مولاي ديبلي“ ۽ وري اينديڙ عنوان هيٺ صاف طور ”مولاي اسلام ديبل“ آيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مشرف ٿيو آهيان ۽ اسان جو تعلق اسلام جي بادشاهه سان قائم ٿي چڪو آهي، تڏهين ڪافر اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ واجب نه آهي."

ڏاهر جو ويچارڻ.

(اهو ٻڌي) ڏاهر چيو ته: "جيڪڏهين توهان قاصد نه هجين ها ته تـــوکي سزا طور حڪم ڪري ڪهائي ڇڏيان ها." مولاي ديبلي فرمايو ته: "جيڪڏهن توهان اسان جي ڪهڙ تـــي تيار آهين ته انهيءَ ڪري عربن جو نقصان ڪونه ٿـينـدو، ۽ خون جي [عوض] گهرڻ لاءِ بدلو وٺندڙ موجود آهن، جيڪي توسان پڄي پورا ٿيندا."

شاميءَ جو پيغام ادا ڪرڻ.

پوءِ شاميءَ زبان کولي ته: "اسان اسر جي ٻاران توڏانهن قاصد ٿي آيا آهيون، ۽ اسان کي هيءُ پيغام تنهنجي حاڪـن ۽ راڻن جي روبرو ادا ڪرڻ جو حڪم آهي." ڏاهر وراڻيو ته: "چئي ڏي، ڇاڪاڻ ته قاصد پنهنجي مخدوم جـو پيغام پهچائيندڙ ۽ فرمان ادا ڪندڙ آهي." چيائين: "امير محمد بن قاسم هن طرح فرمايو آهي ته توهان مختار آهين: جيڪڏهين [درياءَ] لنگهي اچين ته رستو کليل آهي ۽ ڪابه روڪ نه آهي، نه ته (هيءُ صورت ۾ رستو کليل رکو ته عرب جو لشڪر درياءَ ٽپي ترهان جي سامهون ٿئي."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جي سياڪر وزير سان صلاح ڪرڻ.

ڏاهر پوءِ سياڪر وزير سان صلاح ڪئي ته: هن باري ۾ تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟ سياڪر وزير چيو ته: ”مان ڪيئي دفعا، جن جن ڳالهين ۾ صلاح ڏيڻ مناسب سمجهي [۱۳۷] ٿي سگهي ڪمن ۾ راجا جي خيرخواهي ۽ نصيحت ڪرڻ لازم ٿي ڄاتم، ۽ راجا کي انهيءَ جو اثر به معلوم ٿيو. مون جيڪا راءِ نصيحت طور پتيءَ ٿيڻ لشڪر کي سامهون ٿيڻ جي ڏني هئي، تنهن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڪيئي، ۽ قبول نه فرمايئي. هاڻي جڏهن حالت تنگ ٿي آهي، ۽ هن سان لڙائي ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهين، تڏهين ڇڏ ته سندس سارو لشڪر هن طرف ٿيڻ اچي، ۽ ٻئي لشڪر سامهون ٿين. هن طرف جو ملڪ تنهنجي هٿ ۾ آهي، شهر ۽ خزانا تنهنجي ضابطي ۽ تصرف هيٺ آهن؛ اناج، هٿيار، سامان ۽ لڙائيءَ جو اسباب موجود آهي. [ٻئي طرف] هن جي مدد ڪٿي ويندي، جنهن صورت ۾ سنڌ پوريان مهراڻ جو پاڻي هوندو تنهن صورت ۾ ڪوبه واهرو ڪين پهچي نه سگهندو، ۽ هو قيدين وانگر تنهنجي هٿ ۾ عاجز ٿيندا، ۽ مٿن حيلي جا سڀ دروازا بند رهندا. انهيءَ ڪري جنگ جو سڀ سامان، گهوڙا، هاٿي، لشڪر ۽ نوڪر چاڪر سڀ تنهنجي قبضي ۾ ايندا.“

پوءِ هڪ علافي، جو [اصل] شام جي لشڪر سان هو ۽ [سنڌ ۾] عرب جي لشڪر جي اچڻ کان اڳ ۾ ڪنهن گناهه سبب روپوش ٿي اچي راجا ڏاهر جي خدمت ۾ پهتو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو ۽ ساڻس تعلق پيدا ڪيو هئائين، تنهن ڪري [راجا ڏاهر] سڏي هن رت بابت صلاح ڪئي، ۽ چيائينس ته: ”اي محمد! سياڪر وزير هيءَ تقرير ڪئي آهي؛ اها توکي پوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نه؟“ محمد علافيءَ چيو ته:

لَا تَقِيمَنَّ بِدَارِ لَا انْتِفَاعَ بِهَا
فَالْأَرْضُ وَاسِعَةٌ وَالرِّزْقُ مَبْسُوطٌ

[نفعو جنهن نه گهر ۾، نه ٽڪ تنهن ۾ تون،
گهڻو رزق جڳ ۾ زمين پڻ وسيع.]

هيءَ راءِ، ته هن جي لشڪر کي هن طرف ٽپي اچڻ ڏجي، پوري نه آهي. مان انهيءَ سان شامل راءِ نه آهيان. ڇاڪاڻ ته هن جو لشڪر زبردست آهي. جنگي سوار ۽ ناليرا [١٣٨] مرد پنهنجي ننگ ناموس جي واسطي بيهي رهندا، ۽ خدا تعاليٰ جي خوشيءَ لاءِ الله جي واٽ ۾ پنهنجو نفس ۽ جان قربان ڪندا؛ جيئن ته هو الله جي ڪرم جي پناهه وٺي [هيءُ خيال ڪندا] ته هين جهاد ۽ شهادت جي سبب دائمي جهان ڏانهن پهچنداسون، ته پوءِ هو تيستائين نه ڪسند، جيستائين اسان مان هيٺا ٽيٺا نه ڪهندا؛ ۽ جڏهن جنگ ڏانهن منهن ڪندا ته پوءِ تيستائين سندن مونن ۽ منهن ڦيرائڻ ڏکيو آهي، جيستائين ميٺي خونخوار ترار جو لقمو نه ٿيندا؛ ۽ هو جڏهن هن طرف لنگهي، ملڪ جي دامن ۾ هٿ هٿي، بادشاهيءَ ۾ پائيوار ٿيا تڏهين وڏو نتيو پيدا ٿيندو، ۽ سندن طاقت ۽ دٻدٻو هر روز وڌندو ويندو؛ ڇاڪاڻ ته تنهنجو گهڻو لشڪر ۽ رعيت هن جي قرلت ڪان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اسان گهرندا ۽ پنهنجي حياتيءَ جي بچاءَ لاءِ سائين همراهه ٿيندا، ۽ ڪيس پناهه جي جاءِ سمجهڻ لڳندا. انهيءَ ڪري صلاح هيءَ آهي ته ڪين الهندي ڪناري تي روڪي ڇڏ؛ ڇاڪاڻ ته هنن ۽ اسان جي وچ ۾ مهراڻ آهي ۽ سندن ڪنهن به طرح ٽپي اچڻ ۾ اسان لاءِ مصلحت نه سمجهڻ گهرجي. ٻيڙين جي ملاحن ۽ جهنگل جي جتن کي انهن تي بچڻ نه گاهه، اناج، ڪاٺيون ۽ ڏکن جا. جي لشڪر لاءِ ضروري آهن، رستا روڪين ۽ بند ڪن، ۽ جيڪو به لشڪر ڪان ڌار ٿئي تنهن کي تڪليف رسائين، جيئن تنگ ٿي ڪي بڪ، جي وگهي نابود ٿين، ته ڪي اگهاڙپ ۽ بي سرو ساماني ڪان (لاچار ٿي) پڃي وڃن، ۽ گهوڙا ٻنان گاهه، ۽ سوار ٻنان خرچ جي، لاچار ٿي ٽوڙي پکڙي وڃن، ۽ تنهنجي ملڪ ۾ ڪا به مداخلت نه ڪري سگهن: جڏهن سندن لشڪر پريشان ۽ منتشر ٿيندو ته پوءِ هو تنهنجي ملڪ ۾ ڪا به ڦرلٽ نه ڪري سگهندا ۽ تون آسودو رهندين“ [۱۳۹].

علافيءَ جي ڏاهر کي نصيحت ڪرڻ.

(روايت): هن ڳالهه جي راويءَ چيو ته: مان انهيءَ مجلس ۾ ويٺل سان هڪڙو هئس، ۽ مون کي ويهڻ جو حڪم ڏنائين. علافيءَ جيڪي صلاحون ڏنيون ۽ نصيحت طور ڏاهر جي روبرو بيان ڪيون، سي مون ٻڌيون ۽ سمجهيون. پوءِ ڏاهر چيو: ”تنهنجي دل مان جيڪا به صلاح پيدا ٿيندي ساعين نصيحت ۽ خير خواهي آهي. پر منهنجي راءِ جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تقاضا آهي ته ڪس چوند چڏيان؛ متان اسان کي عاجز سمجهي خيال ڪري ته (هاڻي) هيٺو ٿيو آهي."

راجا ڏاهر جو پيغام.

پوءِ (هيٺين) چٺي شامي قاصد کي واپس ڪيائين:
"موٽي وڃي پنهنجي امير کي چئو ته (درياء) ٽپڻ ۾ توکي چوند ڇڏيو ٿو وڃي. اسان تنهنجي جنگ لاءِ تيار ويٺا آهيون: تون لنگهي اچ، نه ته اسين ٽا لنگهي اچون."

محمد بن قاسم جي قاصدن جو ڏاهر وٽان واپس اچڻ.

پوءِ قاصد، محمد بن قاسم جي خدمت ۾ موٽي آيا ۽ جيڪو پيغام راجا ڏاهر موڪليو هو سو ظاهر ڪيائون. محمد بن قاسم چيو ته: الله ذوالجلال بي زوال جي تائيد سان آءٌ مهراڻ ٽپڻ اختيار ڪندس. پوءِ خدا عزّوجلّ کي ياد ڪري ڪاٺئي مدد گهري منزل هٽيائين. ٺيٺ امير، ساري لشڪر سميت، مهراڻ جي الهندي ڪناري تي راوڙ جي قلعي جي مقابل لهي منزل ڪئي، ۽ موڪي [پٽ] وسايو کي سڏي، اعتماد جوڳا ايماندار ماڻهو انهيءَ سان گڏ مقرر ڪيائون، [۽ چيائين] ته "ڪا درياء ٽپڻ جهڙي جاءِ ڳولين [١٤٠] ۽ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون پڻ موجود ڪن، جيئن اسين ٽپي وڃون. [پر وري خيال ڪيائين] ته ممڪن آهي ته هيءُ مهراڻ جو پاڻي ٽپڻ ۾ ڏکيو هجي، ۽ اسان لنگهي نه سگهون. [ٻئي طرف کان] دشمن جو ٻپ [پڻ]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، جو درياءَ جي ڪناري تي سامهون بيٺو آهي. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته جيستائين حجاج کان خط جو جواب نه اچي، تيستائين اتان لشڪر نه لنگهائي سگهان."
سو ٻئي ڏينهن ترسي، هڪ مفصل خط لکيائين، جنهن جو جواب عزت ۽ تعظيم سان پهتو.

محمد بن قاسم ثقفيءَ کي حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ

هيءُ مڪرم ۽ معظم خط حجاج بن يوسف جي طرفان زبردست امير عمادالدين محمد بن قاسم ڏانهن: سلامن بعد واضح هجي ته تو مهراڻ لنگهڻ ۽ راجا ڏاهر بن چچ سان لڙڻ جو ذڪر لکيو هو. بيشڪ مون کي الاهي تائيد ۾ اميد آهي ته توهان فتحمند ڪامياب ٿيندين، ۽ تنهنجو دشمن ڏاهر ذليل ٿيندو. جنهن وقت هو سامهون ٿيندا ته خدا تعاليٰ جي مدد تي ڀروسو اٿم ته آسمان جي گردش کان ڪوبه نقصان توهان کي نه پهچندو: جاڳائڻ ته نماز جي پنجن وقتن، خلوت خواهه محفل ۾ اهڙو ڪوبه وقت نه گذري جنهن ۾ غائبانه دعا جي امداد نه ڪئي وڃي ته خدا تعاليٰ توهان کي ڪافرن تي فتح نصيب ڪري ۽ اهي، دشمن ذليل ۽ خوار خراب ٿين: جيڪو حڪم ازل ۾ مقدر ٿيل هوندو آهي، مراد جي پرديءَ سان ٻئي اهوئي ظاهر ٿيندو آهي، ۽ جيڪو جاڳائي ۽ گهرجي، تيئن ٿيندو آهي. اُهَ هميشه الله پاڪ جي درگاهه ۾ عاجزيءَ ۽ زاريءَ سان هن طرح چوندو رهان ٿو: "اي خداوندا! تون اهو بادشاهه آهين جو توکان سواءِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻيو ڪوبہ خدا نہ آهي، اسلام جي لشڪر کي [سنڌ حال] ڪان مٿي قوت بخشج، ۽ ڪاميابي عطا ڪج!“ الله تعاليٰ جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ توهان مقصد حاصل ڪري اچي اسان سان [١٤١] ملنديون. هيءَ ضروري آهي تہ جيئن بہ ممڪن ٿي سگهي تيئن درياء ٽپ ۽ الاهي تائيد جي التجا ڪندو رهج، ۽ پنهنجي پناه، سنڌس رحمت کان چاهج، تہ هو پنهنجن عقلن تي هٿ ڪندڙ صلاحڪارن کان (توکي) بچائي؛ هڪڙي کي سامهون ٿيڻ وقت الاهي رضا تي اعتماد رکجي، پنهنجي پوري بهادري ۽ همت بجا آڻجو، ڇاڪاڻ تہ فتح ۽ (الاهي) تائيد، همراهي ۽ قوت توهان سان شامل ۽ مددگار آهي، ۽ ملائڪن جي امداد ۽ مسلمانن جي ترار توهان جي طرفان هنن [مخالفن] تي مسلّط آهي. خدا عَزّوَجَلّ، انهن جهڙي خبيث ذات کي مسلمانن ۽ ملائڪن جي ترارين ۽ نيزن جو کاڄ بنائيندو. الاهي غضب (جو دروازو) انهن لاءِ کليل آهي، آهي، جنهنڪري پورو انتقام ۽ عبرتناڪ سزا ڪاٽيندا.

جڏهن مهراڻ درياء اڪرڻ چاهين، تہ ڏهين گهوڙ جي ڪناري کي جاچي ڏسج، ۽ نديءَ جي ٽپڻ جو انتظام پڪو رکج؛ ۽ انهيءَ ملڪ جا جيڪي رهاڪو ٻيڙين تي هجن، [ٻيڙيائين] تن کي ٻڪن انجامن سان پنهنجو مطيع ۽ مخلص بنائج، ۽ انهن کي چڱيءَ طرح سجائي پوءِ [درياء] ٽپجو. جيئن تہ ٻاڻي توهان جي پويان هوندو، تنهنڪري انهيءَ طرف کان دشمن جو ڪوبہ ڊپ نہ رکجو ۽ توهان کي ڪوبہ ايذاءُ نہ رسندو. پوءِ جڏهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توهان هن جي گهوٽن، شهرن ۽ قلعن ۾ داخل ٿيندا ته ڪوبه ماڻهو توهان سان مقابلو ۽ لڙائي نه ڪري سگهندو، ۽ هو ڪڏهن به توهان جي سامهون پنهنجو پيارو ساهه هلاڪت ۾ نه وجهندا. هو جنهن به قلعي ۾ پناهه وٺي پنهنجي لڪ بنائيندا تنهن تي جنهن وقت تنهنجي نظر پوندي ته الله تعاليٰ جي تائيد ۽ فتح سان کلي پوندو، ۽ توهان جي ترار جي هيبت جو اهڙو ڊپ ۽ رعب هن جي دلين تي غالب ٿيندو جو ڪين ڪوبه هٿيار ڪم نه ڏيندو، ۽ (اهو رعب) توهان کي ڪامياب ۽ فتحمند ڪندو [١٤٣]. جڏهن هو پچن ته (هڪدم) اسباب ۽ خزانو قبضي ۾ ڪجو؛ ليڪن پاڻ کي سندن ننگيءَ ۽ فريب کان بچائجو، ۽ هٺ نه ڪجو؛ پوءِ هرهڪ کي اسلام جي ڪلمي ڏانهن سڏجو، ۽ جيڪو اسلام جي عزت سان مشرف ٿئي تنهن جي تربيت ڪجو، مطلب ته ڪوبه دين جو دشمن انهيءَ طرف ۾ نه رهي. سندن خون توهان جي ترار لاءِ مباح آهي. هيءَ دعا، جا منهنجو وظيفو آهي، هر وقت پڙهندا رهجو، اها مقبول دعا هيءَ آهي:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ. اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْئَلُكَ ذَالِكَ بِاَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ لَكَ مَافِي السَّمٰوٰتِ وَمَافِي الْاَرْضِ. مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَكَ اِلَّا بِاِذْنِكَ. تَعْلَمُ مَابَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا. وَلَا يُحِيْطُ بِشَيْءٍ مِنْ عِلْمِكَ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

إلاّ بِمَا شِئْتَ. وَسِعَ كُرْسِيُّكَ السَّمٰوٰاتِ وَالْاَرْضَ.
وَلَا يَؤُوْدُكَ حِفْظُهُمَا وَ اَنْتَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ وَ بَاتِكَ.
اَنْتَ الْاَحَدُ الصَّمَدُ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهٗ
كُفُوًا اَحَدٌ. بِوَجْهِكَ الْكَرِيْمِ رَبِّ الْوُجُوْهِ وَخَالِقِ
الْوُجُوْهِ وَقَاهِرِ الْوُجُوْهِ وَالْقَادِرِ عَلَى الْوُجُوْهِ. لَكَ
الْخَيْرُ وَالْكَرَمُ وَالْكَلِمَاتُ التَّامَّاتُ. فَاِنِّیْ فَتَسَامَعَ ذَالِكَ
شُكْرًا لِنِعْمَتِكَ وَ مَعْرِفَةً لِحَقِّكَ وَ عَمَلًا
بِرِضْوَانِكَ. وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ وَ رَحمةالله و بركاته
وكتبه حُمران (١) فــي ســنـة ثلث و تسعين [١٤٣].
(اي اسان جا الله! اسان هيءَ توکان انهيءَ کري ٿا گهرون
جو تون سدا حيات ۽ سدا قائم الله آهين، جنهن کي ڪابه
اوجهائي يا ننڊ نٿي وٺي؛ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي
سو تنهنجو آهي. اهڙو ڪير آهي جو تنهنجي اجازت کـــان
سواءِ تو وٽ سفارش ڪري؟ جيڪي به اسان جي اڳيان يا
پٺيان آهي سو تون ڄاڻين ٿو، ۽ تنهنجي مرضيءَ کان سواءِ
اسان تنهنجي علم مان ڪنهن به شيءِ کي پروڙي نٿا سگهون.
تنهنجي حڪومت زمين ۽ آسمان تـــي ٻڪڙيل آهـــي، ۽
انهن جي حفاظت توکي ڪابه تڪليف نٿي رسائي، ۽ تون

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هي نالو "حمزان" لکيو ويو آهي، قديم نسخي
۾ جي پڙهڻي صاف طور "حمران" جا صحيح آهي، ڏسو آخر ۾ حاشيه
ص [١٤٣]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڏو ۽ غالب آهين: ۽ هن ڪري (ڪمزورن ٿا) جو تون واحد ۽ بي نياز آهين، جنهن نه ڪنهن کي ڄڻيو آهي ۽ نه ڪنهن مان ڄائو آهين. ۽ نه جنهن جو ڪو مٽ آهي. (اسين تو کان گهرون ٿا) تنهنجي سڳوري ذات جي صحابي جا سيني ذاتين جي رب ۽ سيني ذاتين تي غالب ۽ سيني ذاتين جي خلقيندڙ ۽ سيني ذاتين جي قادر آهي. ڀلائي، احسان ۽ مڪمل ڪلما تنهنجي هٿ ۾ آهن (انهن مان گڏ)، اسان کي پنهنجي نعمت جو شڪر، پنهنجي حق جي معرفت ۽ پنهنجي رضامندي تي عمل عطا ڪر ۽ توفيق سلامتي، الله پاڪ جي رحمت ۽ برڪتون هجن. (حمران، سنه ۹۳ھ ۾ لکيو.)

حجاج جو خط پڙهڻ ۽ محمد بن قاسم جو سائين کي خطاب ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم اهو خط پڙهي سائين کي تقرير ڪئي، ۽ ڏاهر جي جنگ ۽ [درياهه] جي گهيڙ لنگهڻ لاءِ تيار ٿيو ته ايتري ۾ ٻيو خط پهتو.

بسم الله الرحمان الرحيم. بلند درگاهه مان محمد بن قاسم ڏانهن خط آهي ته دعا کان پوءِ، معلوم هجي ته: تنهنجي دشمنن کي مغز ۾ غرور آهي. تون ڊڄ نه. ڇاڪاڻ ته فتح تنهنجي ٿيندي؛ ۽ جيڪڏهن صلح جي رستي تي اچي، ڪو انجام ڪري صلح ڪري ڍل دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچائي ته ائين به ٿي سگهي ٿو؛ ۽ جيڪا ڏاهر سان مهراڻ ٽپڻ ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنگ ڪرڻ بابت اجـازت طلب ڪئي آهي [تنهن لاءِ محمد بن قاسم کي] حڪم ٿو ڪجي ته اهڙيءَ جاءِ تان ٽپي جتي گپ چڪ نه هجي، ۽ لشڪر کي تڪليف نه پهچي. پڇ ٻارهن ميلن تائين مٿان کان هيٺ تائين پاڻيءَ جي وڪر ۽ ڊيگهه جو نقشو ڪاغذ تي ڪڍي، ۽ ڪناري ۽ گهٽ گهيڙ جو نشان ڪري (اسان ڏانهن موڪلي)؛ پوءِ جيڪا جاءِ آءٌ پسند ڪريان اتان لنگهو ته جيئن سپاهين کي ڪو نقصان نه پهچي.

محمد بن قاسم موڪي [پٽ] وسايو کي سڏي چيو ته درياءَ لنگهڻ جي تدبير ڪرڻ گهرجي.

ڏاهر جو مهراڻ جي ڪناري تي سامهون اچڻ.

هند جي ڏاهن، جن هن داستان جي تصوير چٽي آهي، هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهن حجاج جـو حڪم محمد بن قاسم کي پهتو، ۽ [مهراڻ] لنگهڻ جـي اجازت مليس [ان بابت] هڪ برهمڻ کان روايت ڪيائون، جنهن چيو تـه مان ميرداس بن هندبه تميميءَ کان ٻڌو [۱۹۴]، جنهن بيان ڪيو ته: مان راوڙ ۾ ڏاهر جي لشڪر ۾ هوس جڏهن ڏاهر کي خبر پهتي ته محمد بن قاسم جيوُر جي سامهون پوري لشڪر سان اچي منزل ڪئي آهي؛ ڏاهر هاٿيءَ تي پالڪيءَ وڃڻ جو حڪم ڪيو ۽ هاٿيءَ تي سوار ٿـي ڪناري ڏانهن روانو ٿيو، ۽ وڃي اسلامي لشڪر جي سامهون بيٺو، ۽ مهراڻ جو پاڻي وچ ۾ هو. [ان وقت] محمد بـن قـاسم لشڪر کي تياري ڪري رهيو هو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شاميءَ جو شهيد ٿيڻ

اتي هڪ شامي شخص، جو تيراندازيءَ ۾ ماهر ۽ هٿ جو ملوڪ هو، چاهيو ته گهوڙو پاڻيءَ ۾ هڻي تر وسائي، پر سندس گهوڙو پاڻيءَ کان ڪهي رهيو هو، ۽ هيٺ نٿي لٿو. اتي راجا ڏاهر پنهنجي ڪمان گهري. سندس ڪمان وڏي ۽ مضبوط هئي جنهن تي ڪانئس سواءِ ٻيو ڪوبه زهه چاڙهي نه سگهندو هو. انهيءَ تي زهه چاڙهي، تير رکي، جيترو ٿي سگهيس اوترو ڇڪي، شست وٺي تير هنيائين. تير انهيءَ سوار جي چوليءَ ۾ هنيائين، جو مٿي مان لنگهي وڃي سندس ڏن ۾ ويٺو، ۽ هو گهوڙي تان ڪري پيو.

(ايترو ڪري) ڏاهر موٽي ويو، ۽ ڄاڻين کي حڪم ڏنائين ته: پيٽ جي قلعي جي سامهون جتي گهيڙ آهي اتي ٿي بيهه، ۽ ڏسج ته جيئن (عرب) لنگهي نه اچن، ۽ ڏسندو رهج ته جيئن اهڙيءَ جاءِ وٺان لهن جتي گسپ ۽ وڏو پاڻي هجي. پر تون پيڙيون تيار رک جيئن ڪنهن وقت ڪين نقصان ۽ رنڊڪون وجهي سگهين. ڄاڻين انهيءَ اشاري تي (عربن) جي رٿ ناڪامياب ڪرڻ لاءِ مهراڻ جي ڪناري تي ويهي رهيو.

اتي ۾ اسلامي لشڪر جا ڪي سوار جي سيوستان ۾ مقرر هئا، پهتا (۽ چيائون) ته چندرام هالا، جو ڪنهن وقت سيوستان جو حاڪم هو، ڪن ٺڪرن ۽ ڪامورن [١٣٥] کي ڀيرائي قلعو قبضي ۾ ڪري ورتو آهي، ۽ عرب جي سپاهين کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو اٿس. هيءَ خبر محمد بن قاسم کي پڌائي ويئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[محمد بن] مُصْعَب (١) جو سيوستان وڃڻ

پوءِ (اُها خبر پڌي) [محمد بن] مُصْعَب (١) بن عبدالرحمان کي هڪ هزار سوار ۽ ٻه هزار پيادا ساڻ ڏيئي، انهيءَ طرف تي مقرر ڪيائين. هو جڏهن سيوستان پهتو، تڏهن چندرام ٻاهر نڪري لڙائي ڪئي، پر اسلام جي لشڪر جي حملي ڪرڻ تي چندرام جو لشڪر شڪست کائي ڀڳو؛ چندرام قلعي ۾ وڃي چاڙهيو، پر قلعيوارن دروازو بند ڪري کيس اندر اچڻ نه ڏنو. آخر جهم ڏانهن هليو ويو. [محمد بن] مصعب (١) ٻئي ڏينهن شهر ۾ آيو. [قلعيوارن،] شمني، واپارين، ڪاريگرن ۽ ڇڳن کي وچ ۾ آڻي بهانو پيش ڪيو ته اسان جي طرفان ڪوبه گناه ڪونه هو، هڪ چور اچي اوچتو پاڻ کي قلعي ۾ سٽيو. هنن جي بيگناهي معلوم ٿيڻ تي [محمد بن] مصعب (١) ساڻن ٺاهه ڪيو، ۽ هنن دروازو کولي قلعو سندس حوالي ڪيو. هن فتح ۽ ڪاميابيءَ جي خبر پڌي محمد بن قاسم تمام خوش ٿيو. ۽ (محمد بن مصعب) سيوستان جي رهاڪن کي امان ڏيڻ بابت جيڪو اطلاع ڏنو هو، تنهن تي محمد بن قاسم چيو ته: مصلحت انهيءَ ۾ ئي ته معافي نه ڏين ها. هاڻي توکي اعتماد جوڳا امين ماڻهو مقرر ڪري، قلعي جي حفاظت جي رات

---

(١) اصل متن ۾ مصعب آهي مگر صحيح محمد بن مصعب آهي ڏسو مٿي حاشيه ١٤٢. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏينهن ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ۽ شمنين ۽ واپارين کان چڱو ضامن وٺي، چار هزار جنگي مرد سيوستان مان پاڻ سان آڻج پوءِ [محمد بن] مصعب بن عبدالرحمان انهيءَ اشاري موجب ڪاٺورا ۽ امين مقرر ڪري، چار هزار هٿيار بند ماڻهو ساڻ ڪري، اچي امير جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ساڳئي ڏينهن موڪو [ٻٽ] وسايو پڻ ٻيٽ جي قلعي جي پرسان اچي محمد بن قاسم سان مليو [١٣٦].

جيسينه بن ڏاهر جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ ٻيٽ جي قلعي ۾ اچڻ.

پوءِ جڏهن موڪي [ٻٽ] وسايي جي، محمد بن قاسم سان بيعت ڪرڻ جي پڪي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهن راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جيسينه کي تيار ڪري، اسلام جي لشڪر جي سامهون ٿيڻ لاءِ، ٻيٽ جي قلعي ۾ موڪليو، جيئن هو پاڻيءَ مان لنگهي نه سگهن. جيسينه تيار ٿي پوري اسباب ۽ جنگي هٿيارن پنوهارن سان ڪوتڪه (١) نديءَ جي رستي ڪناري تي پهتو. (هوڏانهن) محمد بن قاسم (ڏاهر جي) لشڪر جي سامهون جهيم ۽ ڪرهل (٢) جي پرڳڻن ۾ اچي لٿو، ۽ اٽڪل پنجاهه ڏينهن اتي رهڻو پيس. نيٺ اناج ۽ گاهه کهنجڻ لڳو، ۽ اناج جي آسدني گهٽ ٿيڻ ڪري لشڪر

---

(١) هي پڙهڻي پ مطابق آهي؛ ب: ڪوتڪ؛ ر، م: ڪوتله؛ س: ڪونگ (٢) پ: ڪرهه؛ ن، ب، ح: ڪوهل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متردد ۽ پريشان ٿي پيو، ۽ مخالف ڳالهين ڪائڻ ڪري گهوڙن ۾ بيماري پيدا ٿي. جيڪو به گهوڙو بيمار ٿي ٿيو تنهن کي کهي ڪاڏائون ٿي. (ٻئي طرف) دشمن هر قسم جون رٿون رٿي رهيا هئا. (جڏهين) هيءَ خبر ڏاهر کي پهتي ته ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ محمد بن قاسم ڏانهن ماڻهو موڪلي نصيحت ڪيائينس ته، ڳالهه جي پاڇائيندي پوڻان نه پوي.

راءِ ڏاهر جو، محمد بن قاسم ثقفيءَ ڏانهن پيغام:

”پوءِ معلوم هجي ته ڪم جي انتها جــي ڪري پوڻ بدبختي ۽ ڪميڻپ آهي. تو پنهنجي ۽ اسان جي لاءِ تنگي پيدا ڪئي آهي، ۽ تنهنجي لشڪر وٽ اناج ناياب ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن صلح ڪري موٽي وڃين ته، تو ڏانهن ڪاڌو موڪليان، جيئن تنهنجا ساٿي بک ۽ بي سرو ساماني ۾ وگهي تباهه نه ٿين. تون (خيال ڪري) ڏس ته تو وٽ اهو ڪهڙو مرد آهي، جو اسان جي سامهون ٿي جنگ ڪندو. نه ته [اهيءَ صورت ۾] لڙائيءَ جا هٿيار تيار ڪر.“

محمد بن قاسم جواب ڏنو ته: ”مان انهن اميرن مان نه آهيان جيڪي هيترڙيءَ ڳالهه تــي موٽي ويندا. تو هيترا سال جيڪا سرڪشي ۽ بـي التفاتي ڪئي آهــي، اهو سورو مال [١٤٧] دارالخلافت جي خزاني ۾ جمع ڪرائيندين ته منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ صلح ٿيندو، نه ته خدا تعالي جي مدد ســان تنهنجو سر عراق نيندس.“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم پوءِ حجاج ڏانهن ھي احوال لکي گهوڙن جي مرڻ، گاھہ جي تنگيءَ ۽ پاڻي جي ھيٺين تہ ملڻ جي خبر ڏني. (ھو ڏانهن) حجاج، طيار نالي ھڪ شخص کي لشڪر جي خبر وٺڻ لاءِ موڪليو [۽ کيس چيو] ھو تہ: ”مخفي طور محمد بن قاسم کان خبرون پڇي مون کي ڏج.“ طيار روانو ٿي مڪران پهتو تہ ھڪ شخص کي ايندو ڏسي کانئس پڇيائين تہ: ڪٿان ٿو اچين؟ چيائين تہ: محمد بن قاسم جي لشڪر مان. چيائينس تہ: احوال ٻڌاءِ. جنهن تي ھن اناج ۽ گهوڙن جي گاھہ جي گهٽتائيءَ کان لشڪر جي تڪليف ۽ تنگ حالي، گهوڙن ۾ بيماري پوڻ، ۽ ھنن جي مرڻ جي سڄي خبر چڱيءَ طرح کولي ٻڌائي، ۽ (ھي بہ ٻڌايو) تہ انهيءَ ڪري عرب جو لشڪر پريشان ٿيو آھي.

طيّار جو موٽي وڃڻ.

طيّار انهيءَ راويءَ قاصد کي ساڻ وٺي ويو ۽ وڃي اھا خبر حجاج کي پهچايائين. (جنهن تي) حجاج بن يوسف تنگ دل ۽ افسوسناڪ ٿي پنهنجي مجلس ۾ موٽي آيو، ۽ عالمن، بزرگن، صالحن، محققن، مستحقن ۽ مسڪينن مائٽن کي دعاخواھيءَ جي بشارت ڪيائين. انسان موٽي طيار کي چيائين تہ انهيءَ سنڌ جي قاصد کي حاضر ڪر تہ جيڪي ڏٺو ۽ سمجهيو اٿس سو بيان ڪري. ھن اھو قاصد حجاج جي فرصت واري وقت ۾ پيش ڪيو. حجاج کانئس پڇيو تہ: ”ڪٿان ٿو اچين؟“ چيائين: ”سنڌ کان.“ پڇيائينس تہ:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”محمد بن قاسم جي احوال جي ڇا خبر اٿيئي؟“ ورانئيائين ته: ”سڀ سلامت ۽ چڱي حال ۾ آهن، باقي گهوڙن ۾ جذام جي بيماري پيدا ٿي هئي، ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ گهڻا مري ويا. مان انهيءَ واقعي کان پوءِ نڪتو آهيان. هاڻي ان مهانگو ٿيو آهي، باقي رهيل گهوڙن ۾ ڪا به بيماري ڪانه آهي [١٤٨]، ۽ انهيءَ ملڪ جا واپاري اناج وڪري لاءِ آڻين ٿا، ۽ پٽ جي قلعي جو حاڪم مذڪور [پٽ] وسايو ان باري ۾ مڙس ٿي پيو آهي.“ تنهن تي حجاج چيو: ”مگر منهنجي معتمد قاصد ته هن طرح (يعني هيءَ طرح) بيان ڪيو آهي.“ قاصد ورانيو ته: ”هيءَ ڳالهه مون کان بيان ڪئي اٿس پر پوري نه ٻڌي هئائين.“ حجاج چيو ته: ”اها ڳالهه پوري ڇو نه ڇني؟“ چيائين: ”انهيءَ ڪري ته جيئن هيءَ گهٽتائي عام جي واتن ۾ نه پوي، ۽ هن مصيبت تي دوست ۽ دشمن واقف نه ٿئي.“ پوءِ حجاج انهيءَ ماڻهوءَ کي لکيو ڏيئي دارالخلافت ڏانهن موڪليو ته جيڪي ڏنو اٿس سو پورو وڃي ٻڌائي.

حجاج جو ٻه هزار گهوڙا، خط سان گڏ محمد بن قاسم ڏانهن موڪلڻ.

(ٻني طرف) هيءَ حقيقت ٻڌي شرط حجاج پنهنجا خاص ٻه هزار گهوڙا موڪليا ۽ لکيائين- خط:

هي خط حجاج بن يوسف طرفان محمد بن قاسم ڏانهن ته: خط ۽ قاصد جي زباني احوال معلوم ٿيو ته ڪي گهوڙا مري ويا آهن ۽ باقي بچيل سلامت آهن؛ تنهنڪري ٻيا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻه هزار گهوڙا موڪلجن ٿا، جي اعتماد جوڳن بهادرن ۽ لشڪر جي سردارن. جي لائق هجن ۽ تنهنجا پشت پناهه ٿي سگهن. ۽ اهڙن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ گهرجن، جيڪي سواريءَ جي لائق هجن ۽ پنهنجي سواري ڪن، اگرچ ڪٿي اڌاري هجين، خاص پنهنجو ڪري سمجهن. لشڪر کي هميشه منظم ۽ سينگاريل رکج، جيئن قوت ۽ دٻدٻي سان دشمن جي لشڪر کي دفع ڪري سگهين. ٻيو ڪافرن بابت هيءَ نصيحت ڪن ڪج ته: ڪنهن به ماڻهوءَ جي تمنا سندس مرضي موجب حاصل نه ٿيندي آهي، [تصديق] قوله تعاليٰ: اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَاتَمَنّٰي فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰي (١) (ڇا انسان جيڪي چاهي ٿو سو کيس ميسّر آهي؟ بلڪ آخرة خواهه دنيا الله جي آهي). مون کي هيءُ فيصلو پنهنجي طرفان نه ڪيو آهي، ٻيو خدا تعاليٰ [١٤٩] مون کي الهام ۾ ٻڌايو آهي، ڇاڪاڻ ته (مان سمجهان ٿو) ته سندن [ڪافرن جو] ڪم پورو ٿي چڪو آهي ۽ دولت ڪاڻن منهن ڦيرايو آهي؛ ۽ طريقت، شريعت ۽ حقيقت غلبو ڪيو آهي ۽ دين جي عزت جو جهنڊو بلند ٿي چڪو آهي. ڪافرن کي [هيءَ ڳالهه] ڪٿي ناپسند لڳي ته به تو کي ڪيئن به ڪري پيڙ بون هٿ ڪري اهڙين جي پاڙ پٽڻ گهرجي، جيئن آسانيءَ سان لنگهي وڃو ته پلي [ڪافرن کي به] خبر پوي والسلام.

---

(١) النّجم: رڪوع-١

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو، حجاج جو خط پڙهڻ.

جڏهين محمد بن قاسم خط پڙهيو ۽ گهوڙا (به) پهتا ته هن خط جي جواب ۾ جيڪو احوال لکيائين، تنهن ۾ ڪتان جي گهر ڪيائين. [لکيائين] ته: مخالف ڪاڻ ۽ بي وقت ڪاڻ ڪري بيماري، رطوبت ۽ مزاج جي مخالفت پيدا ٿي ٿي. تنهنڪري جيئن ته ٿي سگهي ته خاص شرابخاني مان ڪجهه سرڪو عنايت ڪيو وڃي جو لشڪر کي ان جي ڏاڍي ضرورت آهي.

حجاج بن يوسف جو سرڪو موڪلڻ.

پوءِ حجاج جي حڪم سان ڀڄيل ڪپهه آئي، سرڪي ۾ ٻوڙي، خشڪ ڪندا ويا. [ڪپهه] ڪئين دفعا سرڪو ڪنيو. پوءِ انهيءَ ڪپهه جون گنڍڙيون ٻڌي ڪئمپ ۾ ڪٺي آيا، ۽ خط ۾ لکيائون ته: "محمد بن قاسم، پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي حڪم نِعمَ الادامُ الخلّ (سرڪو چڱو ڳنڊڻ آهي) جي پيروي ڪندي سرڪي جي گهر ڪئي هئي، جو ڀڄيل ڪپهه ۾ تيار ڪيو ويو آهي. ڪپهه پهچڻ تي پاڻيءَ ۾ آلي ڪئي ويندي ته انهيءَ مان سرڪو نڪري ايندو" [١٥٠].

مهراڻ جي الهندي ڪناري تي حجاج جو خط پهچڻ.

هن داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم روايت ڪئي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي ته: جڏهين محمد بن قاسم کي گهڻو وقت مهراڻ جي الهندي ڪناري تي ترسڻو پيو، تڏهين حجاج هڪ خط لکيو جنهن ۾ نائبي (گورنري) جو پروانو داخل ڪري آزاديءَ سان حڪومت ڪرڻ سندس اختيار ۾ ڏنائين. [وڌيڪ] لکيائين ته: ”تنهنجي روش مون کي ناپسند آهي، ۽ تنهنجي حڪومت (جي طريقي) کان عجب لڳو اٿم ته تون امانُ ڏيڻ جو ڏاڍو شائق ٿي پيو آهين. امتحان ۽ آزمائش کان پوءِ جنهن ۾ دشمن جي عداوت ۽ مخالفت ظاهر ٿئي، تنهن کي امان ڏيڻ نه گهرجي. چاڪاڻ ته شريف ۽ رذيل جو درجو برابر نه آهي، ۽ نه هجڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ڪم عقلي ثابت ٿيندي، ۽ دشمن انهيءَ کي ڪمزوري تصور ڪندو. مون کي قسم آهي پنهنجي جان ۽ سر جو ته الله تعاليٰ عزوجل توکي نصيحت ڪئي آهي ۽ ويچار وارو عقل ڏنو آهي. [پر تون انهيءَ کان ڪم نٿو وٺين.] ۽ تنهنجو پورو توجه [رڳو] سيني کي امانُ ڏيڻ ۾ ٿي ختم ٿئي ٿو. [هي ڳالهه] انهن کي پڻ پڌائج جيڪي تنهنجا صلاحڪار ۽ ساٿي توسان گڏ آهن. تون [رڳو] امانُ ڏيڻ ۾ پورو آهين، هوڏانهن ڪيترو وقت گذري ويو آهي جو دشمن جي سامهون [بيڪار] ويٺو آهين (١). ۽ پڻ جيڪڏهين بيدڙڪ امانُ ڏيندا رهندا، ۽ جنگ ۾ ڊوڪڻ جو خيال ٿي [دل مان] ڪڍي ڇڏيندا، ته پوءِ جنگ جي اخراجات [پوري ڪرڻ] لاءِ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪيو ويندو،

(١) ڏسو حاشيہ، صفحه ٢١٧.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ هي طويل ڪمعقلي ختم ڪئي ويندي (۲) جڏهن [ڏاهر ڪي] توهان جي هيٺاڻي ۽ ڪمعقليءَ جي خبر پوندي ته هو هيٺاهون ٿيندو، ۽ [ٻئي طرف] ماڻهن کي معلوم ٿيندو ته، توهان صاحب جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو، جنهن کي هو توهان جي سستي ۽ قصور تصور ڪندا، ۽ ڪوبه مطلب حاصل [۱۵۱] نه ٿيندو. توکي حڪومت ۽ سياست جو طريقو هٿان ڇڏڻ نه گهرجي، ۽ قرار ۽ عقل (ڄڻي) کي ڏيان ۾ ڌرڻ گهرجي. توکي ڀڪو ارادو ڪري، لشڪر کي بهادري ۽ دورانديشيءَ لاءِ هٿائڻ گهرجي. راستگو ۽ عقل جو قوي رهج، غفلت نه ڪج، ۽ خدا تعاليٰ جي ذڪر ۾ دل، جان ۽ زبان حاضر رکج.

---

(۱)- هتي اصل متن جي عبارت ۾ ڏاڍو خلل آهي، ترجمو اٽڪل تي ڪيو ويو آهي. اسان جي خيال ۾ هي حجاج جي طرفان محمد بن قاسم ڏي ڏڪو آهي، ته جيڪڏهن توهان پنهنجي رحمدليءَ ۽ هرهڪ ڏي اسان ذين واريءَ روش ڪان، جنهن کي حجاج بيوقوفي ۽ ڪمعقلي سمجهي ٿو، باز نه ايندين ته، اسان لڙائي جاري رکڻ لاءِ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪنداسون ۽ توکي موقوف ڪري، هيءَ ڪمعقلي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏينداسين. متن جي اصلي عبارت هن طرح آهي (و نيز اگر اسان بي گمان خواهند و عذر از ميان بردارند از حرب، در اخراجات را وجوهي رائج گردد و اين بدريءِ مطول ڪوتاه شود). اسان جي خيال ۾ "بدريءِ" جو لفظ ڪاتب جي تصحيف آهي، هي لفظ اصل "بدرائي" (بيوقوفي ڪمعقلي) آهي ڇاڪاڻ ته بدريءِ لفظ جي فارسي لغت ۾ ڪا معنيٰ ڪانهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هينئر جڏهين (اسان کي) مهراڻ جي وهڪري کان واقفيت حاصل ٿي آهي، تڏهين (اسان جي صلاح آهي) تہ، هيٺ کان لنگهي گهرجي، ڇاڪاڻ تہ مهراڻ جو پاڻي اتي سوڙهو ۽ ڪنارو بہ لنگهڻ لاءِ وڌيڪ آسان آهي؛ (پر تہ) جنهن صورت ۾ هيٺ، دوآبي ۾ آهي، تنهنڪري آهستگيءَ سان لنگهي سگهنداسين، ۽ بچاءَ ۽ حفاظت ۾ (بہ) رهنداسين. پل ٻڌڻ جي ناهي، ۽ جنگ ۾ الله جي مدد ۽ خدائي جلت قدرتہ جي فتح پاڻ سان همراه سمجهو، تون جڏهين طاقت ۽ ڏهڪي سان ڪم ڪرڻ لڳندين تہ پوءِ لشڪر خواه، رعيت پنهنجي جان جي بچاءَ ۽ ذريعي معاش خاطر تنهنجي بيعت ڪندا، ۽ تابعدار ٿي پاڻ کي تنهنجي دربار سان وابستہ رکندا.“

محمد بن قاسم جي مهراڻ جي پاڻيءَ لنگهڻ وغيره جي خبر

تواريخ جي مصنفن ۽ هن داستان کي سنوارينديڙن روايت ڪئي آهي؛ جڏهين حجاج جو لکيو محمد بن قاسم کي پهتو تڏهن فرمان جي حڪم موجب هڪدم اتان منزل پٽي جهم جي علائقي ۾ ساڪري جهڙي زمين ۾ پهتو، ۽ لنگهڻ لاءِ ٻيڙيون هٿ ڪرڻ ۽ تختا تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

(هوڏانهن) راجا ڏاهر پاڻ کي غافل رکي سارو ڏينهن راند، خوشي ۽ سير شڪار ۾ مشغول ٿي رهيو، جيئن هو (عرب) سمجهن [١٥٣] تہ اسان جو ڪوبہ فڪر ڪونهي.

هڪ ڏينهن پنڊ وير شمني (۱) ڏاهر وٽ اچي چيو ته:
”اي بادشاهه! توکي سارو ڏينهن راند ۽ شڪار ۾ مشغول
ٿو ڏسان، ۽ شطرنج ۽ چوپڙ ۾ قائل آهين، ۽ [ٻئي طرف]
عرب“ جو لشڪر پهچي اچي تنهنجي در تي لٿو آهي.“
ڏاهر چيو ته: ”[ڀوءِ] ڪهڙي رٿ آهي؟ تنهنجي ڪهڙي
صلاح آهي؟“ (جواب) شمني ورائيو ته: ”مون کي ٻي تدبيرون
خيال ۾ اچن ٿيون؛ جيئن ڪمن مان هڪڙي تي عمل
ڪج. [اول ته] جيڪڏهن توهان اتفاق ڪريو ته [پنهنجا]
فرزند ۽ تعلقدار هندستان موڪلي، پاڻ اڪيلو ماڻس لڙائيءَ
۾ ساهمون ٿيءُ؛ چاڪاڻ ته پوءِ ٻر گستوان، مست هاٿي،
بهادر مرد، ۽ جنگي جوڌا ساڻ ڪري، جيڏانهن چاهيندين
تيڏانهن اچي جنگ ڪري سگهندين. سيئي رستا بند ڪري
ڇڏ جيئن هنن کي گاهه ۽ اناج نه پهچي. [ٻي رٿ آهي]
ته جيڪڏهين چاهين ته هن وقت جيڪو به لشڪر تنهنجي
تابعداري ڪري ٿو تن سيني کي گڏ ڪري، پنهنجي بچاءُ
۾ مقدمو (اڳ) ۽ ساقو (پوچو) بڻائج، جيئن ڌارين لشڪر
کان تنهنجي واهر ٿئي ۽ [پوءِ] هتان ڪوچ ڪري قصبه (۱)

(۱) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي ”پهند وير سمني“ مطابق؛ **ن** جي پڙهڻي
ان ”پهند.ير“ آهي مگر پويان ”سمني“ لفظ ڪونهي، **پ**: پهندر؛ **م**:
پهندرڪو؛ **ز**: پهندڪز؛ **ڪ**: مهندر وزير. (ن.ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾
”قصبه“ (يعني ڪچ) پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. هي ساڳيو ناڻو آهي،
جنهن جو ذڪر مٿي ص [۱۳۳] تي اچي چڪو آهي. هت مختلف
نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. م؛ قصبه؛ **پ**: قصيه؛ **ن**: قصب؛
ب، بس: عقب. اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو مٿي حاشيه ص [۱۳۳].
(ن.ب).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏانهن وڃ ته اهو ريگستان تنهنجي لاءِ قلعو ۽ پناهه رهي، ۽ اتي جا رهاڪو تنهنجي مدد ڪن. اتي وڃي انهن کي چؤ ته: ”ٺوهان ۽ عرب جي لشڪر جي وچ ۾ آءٌ ديوار آهيان. جيڪڏهن، مون کي قربانيءَ تي بيهو، توهان به برباد ٿي وينداءِ تنهنڪري اچي اسان جي تابعداري ڪريو، ۽ لڙائيءَ ۾ منهنجا مددگار ٿيو“. [ٻين تدبير] هيءَ آهي ته اولاد ۽ تابعدار ولي جسومراءِ (١) جي ملڪ ۾ وڃ. اهو بادشاهه تنهنجو قدر جاڻي ٿو ۽ تنهنجي هرطرح جي مدد ڪندو، ۽ هن کان مدد گهرنديئن ته سندس مدد سان پنهنجي ملڪ ۾ وري موٽي دشمن کان بدلو وٺي سگهين ٿو، ۽ عرب جو لشڪر هن ملڪ مان ڪوبه نفعو وٺي نه سگهندو؛ ۽ جيستائين راجا جي جان سلامت آهي ته ڪوبه دشمن تنهنجي قوت کان آرام ۾ نه ويهي سگهندو، ۽ جيڪڏهن خدا نه خواسته توکي ڪا تڪليف پهچي ۽ دشمن غالب ٿي توکي ماري وڌو [١٥٣] ته به هندستان جي بادشاهن مان ڪوبه بادشاهه انهيءَ (دشمن) کي دفع نه ڪري سگهندو؛ ۽ هو هن حڪومت کي مضبوط ڪري نه سگهندو؛ ۽ سڄي ملڪ تان تنهنجو تصرف ڪونه ويندو.“

ڏاهر جو وزير کي جواب ڏيڻ.

ڏاهر چيو ته: ”اي هوشيار وزير! تون جيڪي چڱو سمجهين ٿو سو عين مصلحت ٿي سگهي ٿو، ليڪن هن وقت

(١) ر: جيوم راٿي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لاڳاپيدارن کي هندستان موڪلي ڏيڻ، [مصلحت] ڏسڻ ۾ ٿي اچيم: جيالاءِ ته رعيت متردد ٿيندي ۽ لشڪر ۽ امير دل شڪستا ٿي جنگ نه ڪندا ۽ تڙي پکڙي ويندا، ۽ مون کي ٻڌ هڻي ڳالهه، ڪان شرم ٿو اچي ته ڪنهن ٻئي کي التجا ڪريان يا ڪنهن جي دروازي تي وڃي انتظار ڪريان ته اندر اچڻ جو حڪم آهي؟ هيءُ عار آءٌ ڪيئن برداشت ڪري سگهندس.“ وزير چيو ته: ”توهانجي ڪهڙي صلاح آهي؟ بندي کي واقف ڪر ته خيرخواهي ۽ صلاح طور (اها) همراه خادمن کي ٻڌائي وڃي.“

راجا ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ.

راجا ڏاهر چيو ته: ”منهنجي راءِ جي تقاضا آهي ته هن سان سامهون ٿي جنگ ڪريان، ۽ جنگ [پوري] ڪوشش ۽ سعي سان ڪريان. جيڪڏهن انهن تي غالب ٿيس ته پوءِ هو سڀ ذليل ٿيندا ۽ منهنجي بادشاهي مضبوط ٿيندي، ۽ جيڪڏهين ننگ ۽ ناموس خاطر ڪنڌ ويس، تڏهين به هيءَ خبر عرب خواهه هندستان جي ڪتابن ۾ لکي ويندي، ۽ بزرگن جي واتان دنيا جي بادشاهن جي ڪن پوندي ته راجا پنهنجي ملڪ خاطر دشمن جي مقابلي ۾ پنهنجي پياري جان فدا ڪئي“. (شمني جو جواب ڏيڻ) پوءِ شمني چيو ته: ”منهنجي سڄي نصيحت جو دارو مدار (انهيءَ تي) آهي ته راجا جي ذات باقي رهي ۽ هيءَ بادشاهي قائم رهي. نه ته ٻيءَ صورت ۾ اسان ٻندن لاءِ [سڀڪجهه] آسان آهي. [اسان لاءِ] ستڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي عش لپ، ياڻيءَ جو ڏُک ۽ ڪپڙي جي اگهڙي ڪافي آهي. شال راجا جي راهه مٿانهين رهي [١٥٤]!"

محمد بن قاسم جي اسلامي لشڪر سان ايرندي طرف ڏانهن

تپي اچڻ جي خبر.

جڏهين محمد بن قاسم [درياءَ] ٽپڻ جو پڪو ارادو ڪيو تڏهين فڪر ڪرڻ لڳو ته ائين نه ٿئي جو راجا ڏاهر لشڪر وٺي، مهراڻ جي ڪناري تي اچي اسان جو گهٽ جهلي ۽ روڪ ۽ ٽوڪ واجب سمجهي؛ تنهنڪري سندس احوال معلوم ڪرڻ ضروري آهي.

سليمان جو لڙائي تي وڃڻ.

پوءِ سليمان بن تبهان قريشيءَ کي حڪم ڪيائين ته: توکي پنهنجو لشڪرُ وٺي راوڙ جي قلعي جي مقابل لڙائيءَ لاءِ وڃڻ گهرجي، ته جيئن ڏاهر جو پٽ گوپي (١)، پيءُ

---

(١) هن نالي جون اصل پڙهڻيون هن طرح آهن. ر،م،ن،ب،س؛ قرتي؛ پ: قوتي. فارسي ايڊيشن ۾ "قوفي" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا نه فقط قرين قياس آهي، بلڪ اسان جي خيال ۾ صحيح آهي. علم اللغت موجب، مُعَرّب ۽ دَخِيل لفظن جي صورتخطين جي لحاظ سان "قوفي" صاف طور "گوپي" معلوم ٿئي ٿو ۽ اسان توجهي ۾ انهيءَ اصلي نالي کي ترجيح ڏني آهي- بشڪريه، محترم قاضي احمد ميان اختر صاحب. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي مدد تي نه اچي. سليمان ڇهه سؤ ماڻهو ساڻ وٺي لڙائي تي ويو. وري عَطيه تَغلَبي (۱) پنجن سون ماڻهن ساڻ اگهم جي رستي تي مڪرر ڪيائين ته جيئن ڪندراه (۲) واري ابراضي تي چوڪسي ڪري. (هوڏانهن وري) قلعي نيرون جي سردار شمني ميگهڏنيه (۳) کي فرمايائين ته رستي تي

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "عطيه ثعلبي" آهي. ر جي پڙهڻي "تغلي" يا "تغلي" جا ٻئي ھ جي پڙهڻي آهي. انهن پڙهڻين جي آڌار تي "تغلبي" صحيح معلوم ٿئي ٿو ۽ "ثعلبي" ان جي تصنيف آهي. ازانسواءِ انساب ۾ ٻئي "ثعلبي" نسبت عام ڪانهي. (ن.ب) (۲) هي پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي. ن جي ٻئي اهاني پڙهڻي آهي. پ، ڪ: ڪندراهه؛ ر،م: ڪند اد همه (۳) مختلف نسخن جون اصل پڙهڻيون هي آهن: پ: منديته؛ ا: مقدمنيه؛ م، س: مقدونيه؛ ن: مقديته؛ ڪ: مقديفه. فقط پ جي پڙهڻي جي صورت علحده آهي ۽ ان جي لحاظ سان اصل نالو "مَنڌَ يِنَ" يا "مانڊِنَ" ٿي سگهي ٿو. مگر ٻين سڀني نسخن جي قراءتن ۾ هن نالي جي شروع ۾ "مَ" آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان پ جي پڙهڻي ۾ غالباً "مقدينه" "مقدنيه" جي بگڙيل صورت ٿي سگهي ٿي. فارسي ايڊيشن ۾ "مقدنيه" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. ٻي صورت م، س جي قرائت آهي جنهن ۾ "و" زائد آهي؛ ۽ ٽين صورت ن جي قرائت آهي جنهن جي ٻوٽين حصه ۾ ت آهي ۽ اها پڙهڻي "مقدتيه" ۾ ٿي سگهي ٿي، م، س جي قرئت ۾ "ن" جي بدران جيڪڏهين "ت" پڙهجي ته اها پڙهڻي "مقدوتيه" ٿي سگهي ٿي. انهيءَ لحاظ سان مقدنيه، مقدوتيه ۽ مقدتيه پڙهيون ٿي سگهن ٿيون، جي ميگهڏَنيه، ميگهڏُوتيه ۽ ميگهڏَتيه جهڙن اصلي نالن ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون. جيئن ته سنڌ ۾ ڏني، ڏن، ڏنو وغيره لفظ عام آهن، تنهنڪري اسان متن ۾ ميگهڏنيه پڙهڻي رکي آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اناج ۽ گاهہ موجود رکي، متان لشڪر کي ان جو احتياج ٿئي، ۽ [محمد بن] مُصْعَب بن عبدالرحمان (١) کي [لشڪر جي] مقدمي (مُهڙ) تي مقرر ڪيائين تہ اڳتي وڃي رستن جي چوڪسي ڪري. نُباتہ بن حَنظلہ ڪِلابي کي هڪ هزار سوارن سان قلب (وچ) ۾ رکيائين. (ابستري ۾) ذَڪْوان بن عَلْوان البَڪْري، پندرهن سؤ سوارن؛ ٻيٽ جي حاڪم موڪي [ٻٽ] وَسايو، پنهنجي لشڪرن ۽ [مهراڻ جي] الهندي طرف جي جتن، جن ٻيٽ ڪئي هئي. [انهن مڙني] کي پاڻ سان وٺي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ ساڪري جا وڏيرا ۽ ٻيٽ واري ابراضي (٢) ۾ تيار ٿي بيٺا [١٥٥].

محمد بن قاسم جي پاڻيءَ لنگهہ لاءِ جاچ ڪرڻ.

جڏهين محمد بن قاسمؒ کي معلوم ٿيو تہ لشڪر جو مقدمو (مُهڙ)، جهم جي گهڙ وٽ پهتو آهي، ۽ [جَهْم بن] زَحْر جُعْفيؒ (٣) ۽ (لشڪر جي) مقدمي سان وڃي ڏسي آيو تہ ڪهڙي جاءِ کان گهڙ سوڙهو ۽ ڪنارو موافق آهي، تڏهين انهيءَ ٻيٽ جي سامهون بيٺي مهراڻ جي شڪل ڏسي

(١) اصل ۾ "مصعب بن عبدالرحمان". ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص ١٤٢. (ن ب). (٢) ٻيٽ واري ابراضي لاءِ اصل عبارت "جزيرہ بيت" آهي. (ن ب) (٣) اصل ۾: "زحر جعفي" حقيقت ۾ محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ زَحر تہ بلڪ سنڌس پٽ جهم بن زحر الجعفي شامل هو. ڏسو متي ص ص [١٠١ ۽ ١٠٦]. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم ڪيائين، جنهن موجب ٻُل ناهن لاءِ ڀيڙيون موجود ڪري، انهن کي پٽرن ۽ واريءَ سان ڀري ميخون هڻي مضبوط ڪيائون.

ڏاهر کي موڪي [پٽ] وساني جي ڀيڙين آڻڻ جي خبر پوڻ.

پوءِ جڏهن ڏاهر کي خبر پهتي ته موڪي [پٽ] وسايي ڀيڙيون آڻي محمدبن قاسم کي ڏنيون آهن ۽ هو (درياهه) لنگهڻ لاءِ گهيڙ تي آيا آهن، تڏهن ڏاهر جئيسينه کي ٻيٽ جي قلعي جي حفاظت لاءِ موڪليو، ۽ چيائينس ته وسايي [پٽ] سربند تي اعتبار نه ڪج، ممڪن آهي ته انهيءَ به پٽ سان [بلي، محمد بن قاسم جي] بيعت ڪئي هجي. جئيسينه ٻيٽ جي قلعي ۾ آيو، موڪي جي ڀاءُ، راسل ناالي [پنهنجي] ڀاءُ جو مخالف هو، ۽ ڏاهر وٽ حاضر ٿي عرض ڪيائين ته: شال راجا سلامت رهي! شال راجا فتحمند رهي!! ٻانهي جي فرمانبرداري ۽ سچائي بابت [توهان کي] معلوم آهي ته [ڪيئن نه] ٻاڦيپ جي شرطن بجا آڻڻ ۾ دورانديشي ۽ احتياط قائم رکندو آيو آهيان. جيڪڏهن ٻانهي کي حڪم ٿئي ته ٻيٽ جي قلعي جي نگهبانيءَ لاءِ وڃان، ۽ عرب جي لشڪر کي ڪڏهن به [درياهه] لنگهڻ نه ڏيندس [١٥٦].

راسل کي حڪومت ڏيڻ.

پوءِ راجا ڏاهر، ٻيٽ جي حڪومت راسل جي حوالي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري، ٻيٽ جي سردارن ۽ مکيہ ماڻهن کي سنڌس حڪم هيٺ ڏنو، ۽ جيسينگه [پٽ] ڏاهر اتان واپس آيو؛ [جنهن ني] ڏاهر جي [ٻوٽلگ] گهوڙائن ۾ پاڻيو تہ اسلام جو لشڪر غالب ٿي اچي [ٻيٽ ۾] لٿو آهي.

ڏاهر جي گماشتن ڪانسواءِ بغاوت جي خبر اچڻ.

ابوالحسن مدائنيءَ کان روايت ڪئي اٿن تہ: وسايو ۽ مٺن جو پٽ راسل هميشه موڪي [پٽ] وسايي جا مخالف هئا، ۽ سندن مخالفت ظاهر هئي. چاڪاڻ تہ موڪي [پٽ] وسايي ڏاهر کان بيفرمان ٿي محمد بن قاسم سان بيعت ڪئي هئي، ۽ راسل، مخالفت سببان، موڪي ۽ محمد بن قاسم جي لشڪر جي سامهون آيو هو. هوڏانهن موڪي کي جڏهن کان وٺي هي عقل آيو هو، تڏهن کان ڏاهر جي تابعداري ۾ سر نہ جهڪايو هئائين، ۽ اسلام جو خيرخواهہ هو ۽ سچائي ۽ اعتقاد سان ڏاهر جي لشڪر جي برخلاف رٿون ۽ اٽڪلون ڪندو رهيو ۽ سندن شڪست جون ڪوشش ۾ ئي ڪيائين.

جنهن جماعت هي حال ڏنو هو، تن کان هن طرح روايت ڪئي ويئي آهي تہ: جڏهن محمد بن قاسم ٻيڙيون گڏ ڪري هڪ ٻئي سان گنڍڻ لڳو، تڏهن راسل ملڪ جي سردارن ۽ مشهور ماڻهن سان گڏجي، ڪن پل ٻڌڻ ۽ مهراڻ ٽپڻ کان روڪڻ لاءِ (ستن) حملو ڪيو. تنهن تي محمد بن قاسم مهراڻ جي ٻيٽ جي انداز موجب سي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻيڙيون الهندي ڪناري تي هڪبني سان قطار ڪري
ٻڌڻ جو حڪم ڪيو. ٻوءِ ته جنگي بهادر هٿيار ٻڌي
ٻيڙين ۾ تي ويٺا ۽ ٻئي جي انهيءَ جاءِ کان، جيڪا ڪين
هٽ آئي [١٥٧] هئي، [مٿي] سنڌ واري ٻيڙي کي ڇوڙيائون
۽ اما مٿهڙ واري ٻيڙي [لهواري وهڪري سبب] وڃي ايرندي
ڪناري تي بيٺي. اسلام جي لشڪر تير وسائي ڪافرن کي
ڪناري کان پري ڪيو ۽ هڪدم ميخون ٺوڪي ٻڌل ٻڌائون.
(پس ٻوءِ ته) سوارن ۽ پيادلن حملو ڪيو ۽ ايرندي ڪناري
طرف (١) ڇلنگهون ڇلنگهون تي (١) ٽپيا ۽ صفون ٻڌائون،
۽ ڪافر پڇي ويا. عرب جي لشڪر غالب ٿي ڪين جهم
[جي حد] کان ٻاهر پچائي ڪڍيو. ڪافرن مان جيڪي همت
وارا سوار پلن گهوڙن تي سوار هئا، تن کي گهوڙن کي
ڇڏيو، ۽ سڄي رات هلندا رهيا؛ ليڪ جڏهين صبح صادق
اونداهيءَ رات جي پردي مان ظاهر ٿيو، تڏهين وڃي ڏاهر جي
لشڪر گاهه ۾ پهتا. ڏاهر خواب گاهه ۾ ستل هو ۽ دربانن
هن کي جاڳائڻ جي همت نٿي ڪئي. ليڪ سندس خاص
ساٿين مان هڪڙو سندس خلوتگاهه ۾ ويو، ۽ راجا ڏاهر کي
جاڳائي ڪري اسلام جي لشڪر جي پهچڻ، ۽ ڪافرن جي
شڪست کائي پڇڻ جو احوال تفصيل سان ٻڌايائين. ڏاهر
آرام جي بستري تان ٽپو ڏيئي اٿيو.

---

(١)-(١) هي عبارت نسخي ر تان وڌايل آهي. اصل ۾ سڄو فقرو هن
طرح آهي: "و از آب مهران بتعاريق مي گذشتند" (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جو ننڍ مان اٿڻ ۽ درٻان کي ڪافرن جي ڀڄڻ ۽ اسلام جي فتح جي خبر آڻڻ تي سزا ڏيڻ.

۽ چيائين ته: بري خبر ڏني اٿيئي: ۽ هن کي پنهنجي ويجهو سڏي، ڪاوڙ مان سندس پٺيءَ تي مڪ هنيائين. ڏاهر جو هٿ ڳورو هو، جنهنڪري اهو ماڻهو انهيءَ ڌڪ کان مري ويو.

(روايت:) تاريخ جي مصنفن هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم درياءَ ٽپي ويو، تڏهن اعلان ڪيائين ته: اي اسلام جا لشڪر! هيٺئين مهراڻ جو پاڻي توهان جي پويان آهي، [١٥٨] ۽ ڪافرن جو لشڪر توهان جي سامهون مقابلي ۾ ايندو. جنهن جي دل موٽڻ وڃڻ چاهي سو هتان موٽي وڃي؛ ڇاڪاڻ ته (جنهن وقت) دشمن سامهون ٿيندو ۽ لڙائي شروع ٿيندي، انهيءَ وقت جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهن ڦيريندو ته لشڪر دل شڪسته ٿي ڀڄڻ جي ڪندو جنهنڪري دشمن اسان تي غالب پئجي ويندو: [اهو اسان لاءِ] وڏو عيب ٿيندو، [ڀڄڻ] وارو مردار ٿي مرندو ۽ اڳيان آخرت جي عذاب جي گرفتاري [ٿيندس]. [انهيءَ اعلان بعد] ٽن ماڻهن کان سواءِ ڪوبه واپس نه موٽيو، هڪڙي چيو ته مون کي هڪ ڏيئه آهي، جنهن جو مون کان سواءِ ڪوبه ڪمائيندڙ ڪونه آهي؛ ٻئي چيو ته مون کي هڪ ماءُ آهي، جنهن جو ڪوبه ويجهو عزيز ڪونه آهي جو ڪنهن (مرڻ کان پوءِ) دفن ڪري يا سندس تيمارداري ڪري؛ ۽ ٽئين چيو ته مون کي تمام گهڻو قرض ڏيڻو آهي ۽ اهڙو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪوبہ ماڻهو جيئرو ڪونہ آهي جو (اهو بار) منهنجي گردن تان لاهي. امير [محمد بن] قاسم انهن کي اجازت ڏني. باقي ٻيا سڀ اتفاق ڪري ويهي رهيا.

ٻيءَ لاءِ ٻل ٻڌڻ (١)

پوءِ جڏهن ٻل تيار ٿي ته فوج لنگهڻ لڳي ۽ بني حَنظَلَه جي هڪڙي شخص تراب نالي کان سواءِ، جو لنگهڻ وقت ٻل تان ڪري ٻڏي ويو، ٻئي ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف ڪانہ پهتي.

عرب جي لشڪر جو لنگهڻ.

تنهن کان پوءِ اسلام جو لشڪر روانو ٿيو، ۽ وڃي ٻيٽ جي قلعي جي ويجهو ٿيو. سڀ سوار لوهہ [جي زرهن] ۾ غرق ٿي نڪتا هئا. [محمد بن قاسم] جاسوسي دستي طور [ڪي ماڻهو] چوطرف مقرر ڪري، لشڪر جي ٻاهران کاهي کوٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جي اندر سامان اسباب رکائي، [١٥٩] محمد بن قاسم ٻيٽ جي قلعي کان راوڙ ڏانهن روانو

(١) هن عنوان جو اهو مطلب ناهي تہ دوبارہ ٻل ٻڌائون. مگر ٻل ٻڌڻ ۽ لشڪر جي لنگهڻ بابت ڪي واقعا بيان ڪيل آهن ۽ انهيءَ ڪري هي عنوان ۽ ان کان پوءِ پيو عنوان دوبارہ لکيو ويو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٽيو، ۽ ٽيٽ وچي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي جيور (١) ٽي چائون. راوڙ ۽ جيوَر جي وچ ۾ هڪ خليج [پاڻي جي گهاري] هئي: ڏاهر انهيءَ آبڪير (ڇڇ) جي گهيڙ وٽ حفاظت خاطر ڪي هٿيار بند ۽ خاص ماڻهو ويهاريا هئا، ته نظر ڪندا رهن.

ڏاهر کي ٽپي اچڻ جي خبر پوڻ.

محمد بن قاسم خيال ڪيو ته شايد هنن جو لشڪر چالبازي ٿو ڪري؛ ۽ هو [وڃي وٺي] اسان سان ساهون ٿيندا. سو مُحَرِّز بن ثابت قَيْسي" (٢) کي ٻن هزارن سوارن سان

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "جيور" پڙهڻي متن ۾ رکي وئي آهي جا س جهڙي غير معتبر نسخي جي پڙهڻي آهي. معتبر نسخن مان ر، ن، ب جي متفق پڙهڻي "جيور" آهي، پ جي پڙهڻي "چيور" آهي جا جيور سان موافق آهي. هي نالو متي ص [١٣٣] تي اچي چڪو آهي ۽ اتي سڀني نسخن مطابق "جيور" آهي. هي نالو وري ص [١٦٧] تي آيو آهي، جتي هن نالي جي لفظي معنيٰ "موضع ظفر" جاڻايل آهي ۽ فاضل ايڊيٽر (ڊاڪٽر دائود پوٽي) آخر ۾ ص [١٣٣] جو حاشيو لکندي لفظ "جيور" کي انهيءَ معنيٰ سان هن طرح تطبيق ڏني آهي: "جي= ظفر-ور (مشتق از وَرْوَ)= محيط به، يعني موضعي محيط بظفر" (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ٢٦٣). ص [١٦٧] تي ٻ، پ ۽ ر جهڙن جهونن نسخن جي پڙهڻي "جيور" آهي، انهيءَ ڪري هن صفحي تي توڙي ص [١٦٧] تي اسان "جيور" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. (ن-ب). (٢) سڀني نسخن مطابق هت "قيسي" مگر ص [١٧١] تي "الدمشقي".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مقرر ڪري ۽ محمد بن زياد العبدي ”کي هڪ هزار سوار
سان ڏيئي، ٿياپائين جي وچي هنن جي سامهون ڪُپي ويٺا.

ڏاهر جو محمد علافي کي گهرائڻ.

پوءِ ڏاهر جي حڪم ڪرڻ تي محمد بن حارث علافيءَ کي سڏيائون. علافي آيو ۽ ڏاهر چيو ته: ”اي محمد! اسان جي تو تي مهرباني خاص هڙي وقت لاءِ هئي. جيئن ته جاسوسيءَ جو عهدو هميشه تنهنجي حوالي رهيو آهي، هن وقت خاص طرح (اهو ڪم) تنهنجي ذمي لڳايو ٿو وڃي: ڇاڪاڻ ته عرب جي لشڪر جي طور طريقي کان تون وڌيڪ واقف آهين، تنهنڪري انهيءَ لشڪر جي جاسوسي پڻ تنهنجي حوالي ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿيندي.“

(علافي جو جواب:) اتي علافي چيو ته: ”اي راجا! تنهنجي خيرخواهي اسان تي واجب آهي، ڇاڪاڻ ته تنهنجي نعمت جو حق اسان جي مٿان لازم ٿيو آهي. ليڪن اسان مسلمان آهيون، ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون جنگ نه ڪنداسون ۽ نه تراز ڪنداسون. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن مسلمانن جي مٿان ڪسي ويٺاسون ته مردار ٿياسون ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪٺوسون ته سندن خون اسان جي گردن تي رهندو، ۽ ان جو بدلو [١٦٠] جهنم جي باهه آهي. بيشڪ تنهنجي نعمت ۽ نمڪ جو حق اسان جي گردن تي آهي، ۽ اهڙو ڪوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، جو تنهنجو خيرخواه هجي. پر مان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن (عرب جي) لشڪر جي طاقت کان بيخوف نٿو رهي سگهان اگرچ تنهنجي نعمت جي زير بـــار آهيان، [تاهم] مون کي [هتان نڪري وڃڻ جي] موڪل ڏي" (١).

محمد علافيءَ جي درخواست ۽ ڏاهر جو ان کي جواب ڏيڻ.

هنن ٻوڙن جي باغبان اهڙيءَ طرح ظاهر ڪيو آهي ته: علافيءَ جڏهن هيءَ احوال ڪيس ٻڌايو، تـــڏهن ڏاهر چيو: "مون توکي هھڙي ڏينهن لاءِ رکيو هو، پر جنهن صورت ۾ تون مون کي هن حادثي ۾ مدد نٿو ڪري سگهين ۽ منهنجو حڪم (مڃڻ) توکي ڏکيو ٿو لڳي، ته ڀوءِ اسان جي خدمت ۽ صحبت سان هليو وڃ."

محمد علافيءَ جو هليو وڃڻ.

محمد علافي هن کان جدا ٿي ٻيلمان جي حڪومت (٢) ڏانهن هليو ويو، جو (ٻيلمان) ان ملڪ جـــو والي هو، ۽

---

(١) شايد علافيءَ جو بيت "لاتتقين" بدار - الخ" جو مٿي صفحي [١٣٨] ۾ لکيو ويو آهي؛ سو هن موقعي تي چيل ٿو ڏسجي. ڇاڪاڻ ته هن موقعي سان اهو بيت مناسب آهي ۽ جتي لکيو ويو آهي انهي جاءِ سان ڪا، مناسبت نٿو رکي. (مترجم) (٢) اصل عبارت: "ممالک بيلمان". ٻيلمان راجا جي نالي طور آيو آهي. هٿ لکيل ڪتاب جي پڙهٽي "چلمان" آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهو ملڪ هن جي ڏاڏي بتابر (يا نيابر) بن بجر (١) جي نالي سان مشهور هو؛ ۽ هو ڏاهر جي ڪُسڻ تائين آتي رهيو.

[محمد بن قاسم جو] محمد علافيءَ کي امان ڏيڻ (٢)

پوءِ، محمد بن قاسم هن کي امان ڏيئي، ڪمس ملڪ جي وزارت جو پروانو لکي ڏنو، ۽ هو هندستان ڏانهن وڃي اتي جي بادشاهن کي اسلام سان مشرف ٿيڻ يا ڍل ڀرڻ جي ترغيب ڏيندو هو، چڱن ۽ وعدن سان کين اميدوار ڪندو هو، ۽ [١٦١] هو سندس [محمد بن قاسم جي] تابعداري ۽ بيعت ۾ ايندا هئا؛ ۽ جيڪي پروانا گهرندا هئا تن لاءِ خدمت ۾ عرض ڪندو هو." جنهنڪري سيئي سندس اطاعت ۾ آيا. سيني کان اڳ ۾ طاطرس بن بجر بيلمان،

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هيءُ نالو "بتابر بن الحر" ڪري لکيو ويو آهي، جو پ،ن،ب،م نسخن مطابق آهي. ر جي پڙهڻي "نيابر بن الحر" آهي. هيٺ ص [١٦٢] تي "طاطرس بن بجر بيلمان" جو نالو آيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته هت ۾ "الحر" جي بدران صحيح "بجر" آهي. (ن ب) (٢) هيءُ عنوان صرف علافيءَ جي سلسلي ۾ هئي اچي ويو آهي ۽ "پوءِ محمد بن قاسم-الخ" سان "پوءِ". جي معنيٰ ته "هن واقعي بعد" ۽ نه ته "هن کان يڪدم پوءِ". علافي پوءِ ۾ جيسينه سان گڏ رهيو ۽ غالباً ان بعد محمد بن قاسم کيس امان ڏنو ته هندستان جي بادشاهن وٽ سندس ايلچي ٿي وڃي، چنانچ هو ڪشمير جي راجا وٽ ويو، جنهن لاءِ ڏسو صفحو [٢٠٣]. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيرج (١) جو راجا سر بند (٢)، ڪنبه يا ڪشه (٣) جو مالڪ ڪوڪو پٽ موڪو (٤)، ۽ گيان پٽ ٺاهر (٥) اسلام جو شرف حاصل ڪري ڏن-پرو ٿيا.

محمد بن قاسم جڏهن ملتان ڏانهن ويو، تڏهين [محمد علافي] وفات ڪئي.

ڏاهر جي علافيءَ سان صلاح ڪرڻ.

محمد [بن] حسن کان روايت ڪئي اٿن، جنهن بيان ڪيو ته: پهرئين ڏينهن جڏهين علافي جنگ کان معافي گهري ۽ مسلمانن سان لڙڻ کان پاسو ڪيو، تڏهين ڏاهر چيس: "جيڪڏهن عربن جي جنگ کان معافي ٿو گهرين ته به اسان سان رهي جاسوسي ڪندو رهه، جيئن اسان کي

(١) ر، ن، ب، س، ڪ جي پڙهڻي "ڪيوج" آهي، جنهن سان معلوم ٿئي ٿو ته غالباً صحيح پڙهڻي "ڪيرج" ئي آهي، جنهن جو ذڪر هن بعد [٢١٨] ۽ [٢٢٨] صفحي تي اچي ٿو. پ، م جي پڙهڻي "ڪنوج" آهي جا مناسب نٿي نظر اچي. (ن-ب) (٢) پ: سويند؛ ڪ: سوئيد (٣) فارسي ايڊيشن ۾ "ڪنبه" جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي؛ مگر ر، ن، ب، س جي پڙهڻي "ڪته" آهي، جنهن سان "ڪشه" جو به گمان نڪري ٿو، وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه صفحو [١٦٢]. (ن-ب) (٤) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "ڪهوڪه بن سوڪه" آهي جا غالباً م مطابق آهي، ٻين نسخن ۾ هي سجو نالو ڏنل ڪونهي: پ ۾ فقط "ڪه" آهي ۽ ن ۾ "بن سوڪه" (ن-ب) (٥) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "قبايض بن طاهر" آهي جا غالباً ب مطابق آهي، ن جي پڙهڻي به اهائي آهي، مگر ر، م جي پڙهڻي "قيان بن طاهر" آهي ۽ اسان انهيءَ جي مدار تي ئي "گيان بن ٺاهر" ڪري لکيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هنن جي رٿن کان واقف ڪندو رهين، ۽ سندن اٽڪلن جي دفع ڪرڻ جون صلاحون ڏيندو رهين." پوءِ عيلافي، ڏاهر سان گڏجي هنن جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس ٿي ويو. جڏهين عربن جي لشڪر کي ويجهو ويو، تڏهين عربن کيس طعنا هنيا ۽ عيلافي ڀڄي موٽي آيو.

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکيو موڪليل.

پوءِ محمد بن قاسم سمورو احوال خط ۾ لکي حجاج ڏانهن موڪليو، ۽ ڄاڻايائينس ته اسلام جو لشڪر مهراڻ ٽپيو آهي، ۽ ڏاهر ڪافر سان هڪ دفعو سامهون ٿيا آهيون، جنهن ۾ ڪافر ڀڄي ويا. والسلام [١٦٢].

حجاج جو خط محمد بن قاسم کي پهچڻ.

"پيارا فرزند عمادالدين محمد بن قاسم! تو جيڪي لکيو آهي سو معلوم ٿيو. هيءُ نمونو جيڪو لکيو اٿئي سو اصل ٺڪي آهي، الله تعاليٰ جي حڪم ۽ خدائي توفيق سان موافق هيءُ ڪم (هيئن) ٿو ڏسجي ته خدا عزوجل جي بيمثال درگاهه ۾ پنج وقت نماز ادا ڪرڻ سيني ضروري ڪمن کان مقدم رکين؛ تڪبير، قراة، قيام، رڪوع، سجدي ۽ قعود وقت عاجزي ۽ زاري سان امداد گهرين؛ ۽ زبان کي الاهي ذڪر سان تر رکين، ته جيئن تنهنجا سيئي ڪم انتظام سان رهن؛ ڇاڪاڻ ته خدا تعاليٰ جي عنايت کان سواءِ ڪنهن به ماڻهوءَ کي دٻدٻو ۽ طاقت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حاصل ٿئي ٿي: تون جڏهين سورو ڀروسو ۽ ٽيڪ بادشاهه، عزوجل جي فضل ۽ ڪرم تي رکندين، تڏهن تنهنجون سڀ اميدون پوريون ٿينديون، ۽ فتح ۽ نصرت تو سان شامل ۽ مددگار ٿيندي، انشاءَ الله تعاليٰ“— حَمْران جو لکيل.

ڏاهر جو ڄيِّسينه کي جنگ ڪرڻ جي مقدمہ طور موڪلڻ.

خبرن جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي ته: جڏهين محمد علافي جاسوسيءَ کان موٽي آيو، تڏهن راجا ڏاهر پنهنجي پٽ ڄيِّسينه کي ڪجهه لشڪر ۽ هاٿي ساڻ ڏيئي موڪليو. ڄيِّسينه هاٿيءَ تي ويهي اسلامي لشڪر جي سامهون اچي جنگ جوٽي. گهڻي لڙائيءَ کان پوءِ، جنهن ۾ ڪافر ڪُٺا ۽ ڦٽيا، جيسينه کي هٿيارداران ۽ باڊي گاردن جي جماعت سوٽو چوڌاري گهيرو ڪري ورتائون، ۽ [ڪِيس چڻي] طرفڻ کان ڦري آيا. جڏهن عربن جي لشڪر ڄيِّسينه تي حملو ڪري، سنڌ لشڪر جي گهڻي ڀاڱي کي دوزخ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو، تڏهن پيلبان ڄيِّسينه جي دل جو احوال معلوم ڪرڻ چاهيو، ته جنگ تي [١٦٣] ضد اٿس يا موٽڻ جو خال رکي هن مصيبت کان نڪرڻ ٿو گهري. (پيلبان جو اشارو:) پيلبان هاٿيءَ کي چيو ته: ”اي هاٿي! مرڻ ٿو گهرين يا ڇوٽڪارو؟ چاڪاڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ته راجا ڏاهر ته ڄٽسينھ جي حياتي تي چاهي، تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ موت ته ڇوٽڪارو ملندي.“ (ڄٽسينھ جو پيلبان کي جواب:) ڄٽسينھ چيو: ”اسان ڪيئن ڇٽي سگهنداسين؟ ڇاڪاڻ ته دشمن جي سامهون ٿيا آهيون ۽ تنگ آهيون، نڪري وڃڻ جو رستو اسان لاءِ ڏکيو آهي ۽ چارئي طرف بند.“ پيلبان سمجهيو ته ڄٽسينھ جو جنگ مان ڀڄي نڪرڻ جو پڪو ارادو آهي، هو حياتي گهري ٿو، ۽ جنگ کان پشيمان ٿيو آهي، سو هاٿيءَ کي تکو ڪري حملو ڪيائين. عرب پيادا خواه سوار هاٿيءَ جي حملي جو مقابلو نه ڪري سگهيا، ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا، جنهن ڪري ڄٽسينھ لاءِ ڀڄڻ جو رستو خالي ٿي پيو. هو منهن ڦيرائي ڀڄڻ جو رستو اختيار ڪري اچي ٻيءَ وٽ پهتو، ۽ سندس سارو لشڪر ڪُسي ويو. راجا ڏاهر انهيءَ آبگير (ڇڇ) جي ايرندي پاسي کان لڏي هو. ڄٽسينھ کي ڏسي شڪر ڪيائين، پنهنجي معبود جو سجدو واجب ڄاتائين، ۽ پنهنجي پٽ جي سلامتيءَ سان موٽي اچڻ تي (ان معبود جي) تعريف ۽ ساراهه ڪيائين.

انهيءَ ڏينهن حجاج جو خط پهتو، جنهن ۾ حڪم هو ته جتي ڏاهر آهي، اتي وڃي سائس مقابلو ڪجِ، ڇاڪاڻ ته فتح تنهنجي ٿيندي ۽ ڪافر خوار خراب ٿي ڀڄي ويندا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر لعين سان ٻهرئين ڏينهن لڙائي ڪرڻ [۽ راسل جي بيعت ڪرڻ.]

محمد بن ابي الحسن مدني (١) ڪان روايت ڪئي اٿن ته: جڏهن جيسينه بن ڏاهر شڪست کائي موٽيو، ۽ سندس لشڪر ڪسي ويو، تڏهن راسل [١٦٤]، محمد بن قاسم ڏانهن بيعت ڪرڻ لاءِ قاصد موڪليو. وزير کي چيو ته: "راجا ڏاهر جو سورو ڀروسو تنهنجي موافقت تي آهي، ۽ تو تي پورو اعتماد اٿس. تون جيڪڏهن هن وقت ساڻس مخالفت ڪندين ته اهو تنهنجي اولاد لاءِ عار ٿيندو. اهو به معلوم نه آهي ته عربن کي فتح ٿيندي يا نه؟ تنهنجو پاڻ موڪو (اڪيلي) ڏاهر جو مخالف هو، تنهنڪري وڃي اسلامي لشڪر سان مليو؛ ۽ توکي ڪنهن به ٻهاني جي مجال نه آهي." [پر] راسل وزير جي چاڻ کان سواءِ قاصد موڪلي چيو: "هيءُ قول منهنجي زبان سان نڪتو آهي، ۽ محمد جي خدمت جو طعنو (ميڻو) لڳي چڪو آهي. پر آءٌ پنهنجي عزت به چاهيان ٿو، جيئن مخالفن جي شرمائڻ کان بچاءُ ۾ رهان. (تنهنڪري صلاح ڪئي اٿم ته) سان فيصلو ڪندس ته ٿلائي رستي کان راجا ڏاهر جي خدمت ۾

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "محمد بن ابي الحسن المدائني" لکيو ويو آهي مگر پ، ر، م، ن، ب، س، ڪ جملي نسخن جي متفق پڙهڻي "مدني" آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان متن ۾ "مدني" رکيو آهي. ر، م جي پڙهڻي "محمد بن الحسن مدني" آهي. وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٦٤]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڃان ٿو. تون پنهنجن سوارن جي هڪ فوج موڪل، جيڪي انهيءَ وقت تي رستو جهلي، مون کي گرفتار ڪن ته جيئن طعني کان بچي وڃان، ۽ اسان جو مطلب به حاصل ٿي وڃي." انهيءَ انجام تي راسل پيٽ جي قلعي مان نڪتو، ۽ وسايي کي (پنهنجي بجاءِ) مقرر ڪري هدايت ڪيائينس: "جيڪڏهن عربن جو لشڪر اچي ته انهن سان جنگ نه ڪج، ۽ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي حتي الامڪان سندن راضي ڪرڻ جي حد کان وڌيڪ ڪوشش ڪج، ڇاڪاڻ ته آئين ٿو سمجهجي ته هيءُ ملڪ عرب جي لشڪر جي حوالي ٿيندو." آخر راسل اهو ارادو ڪري اتان روانو ٿيو. هوڏانهن محمد بن قاسم [پڻ] پنج سؤ تيز سوار مقرر ڪري، انهيءَ انجام واري جاءِ ڏانهن موڪليا. نيٺ راسل به اچي پهتو ۽ (پنهنجي) انهيءَ قول موجب بيهي رهيو. ٻن جي لشڪر سمجهيو ته جنگ لاءِ بيهڪ ڪئي اٿس. سو جنگ ۾ جنبي ويا. (هي واقعو) ڪنبه (١) جي قلعي کان پنجن فرسنگن جي پنڌ تي انهيءَ جاءِ تي (ٿيو) جنهن کي نيطري واهه (٢) چون ٿا. راسل کي ڀڄڻ کان شرم ٿي آيو، ۽ جنگ کان پٺ ڀاسو ٿي ڪيائين، تنهنڪري سندس ڪپل لشڪر ڪسي ويو [١٦٥]. جيئن ته محمد بن قاسم سندس گرفتار جي ٻارت ڪئي هئي، ۽ حڪم ڪيو هئائين نه ڪيس ڪهجو نه، تنهنڪري کيس ڪوبه گهاءَ

(١) ب: کهنبه؛ س: کينهه؛ ک کنبه (٢) فارسي متن م: "جوي نيطري." پ: بيطري؛ م،س: بنطري، ر: نبطزي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نہ ڪيائون، ۽ هن کي سنڌس هڪ لشڪر جي فوج سميت گرفتار ڪري، محمد بن قاسم وٽ وٺي آيا. محمد بن قاسم هن کي سڏي چيو تہ: ”اي راسل! تون چاهين ٿو تہ توکي تنهنجي پاڻ موکي جي معافي بخشان؟“ ۽ هن کان اڳي توکي استدعا ڪيم (پر نہ مڃيئين ۽) نيث اسان سان مقابلي جو خيال ڪيئي، ۽ گرفتار ٿي آئين. هاڻي انهيءَ عار کان آزاد آهين، جنهن جو توکي فڪر هو. تنهنڪري اسان سان موافق ٿيءُ تہ تو تي سچيون مهربانيون ڪريون، ۽ جنهن ولايت جو عرض ڪرين، سا توکي عطا ڪريون.“ راسل خدمت بجا آڻي رضامندي جو شرف حاصل ڪيو.

راسل جو محمد بن قاسم سان عهدنامو ڪرڻ.

راسل خدمت جو شرط بجا آندو ۽ پڪو انجام ڪري چيو تہ: خدا تعاليٰ جي حڪم کي ڪوبہ روڪيندڙ يا دفع ڪندڙ نہ آهي. جڏهين تو مون کي پنهنجي احسان جو گروبدو ڪيو، تڏهين هن کان پوءِ تنهنجي خدمت ۾ رهندس ۽ تنهنجي رضا کان ٻاهر نہ ويندس، ۽ جيڪو تنهنجو فرمان ٿيندو، انهيءَ جي تابعداري ڪندس. انهيءَ کان ٿورو پوءِ راسل مري ويو، ۽ ولايت جو سڄو ڪاروبار موکي جي حوالي رهيو.

جڏهن راسل ۽ موکي اتفاق ڪري، محمد بن قاسم کي منزل ڪٽڻ جي ترغيب ڏني، تڏهين اتان منزل پٽي وڃي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهيءَ جاءِ ۾ لٽا جنهن کي ناراڻي (١) چوندا آهن. ڏاهر قاجيجاق (٢) ۾ (لٽل) هو. اتي ڏاڻون تہ اسلام جي لشڪر ۽ ڏاهر جي وچ ۾ هڪ وڏي ڇڄ (٣) هئي، جنهن جو لنگهڻ ڏکيو هو: جنهن تي راسل چيو تہ: ”شال امير عادل عمادالدين سلامت رهي! هيءَ ڇڄ ٽپڻ گهرجي.“ آخر راسل ٻيڙيون هٿ ڪري ٽيهہ-ٽيهہ مرد لنگهايا، ۽ نيٺ پورو لشڪر [١٦٦] ٽپي ويو، ۽ وچ ۾ فقط هڪ خليج وڃي رهي. (اتي) راسل [محمد بن قاسم کي] چيو تہ: ”تو کي هڪ منزل مٿي وڃي جيور (٤) ۾ ددها واهہ (٥) تي، جو راوڙ جو هڪ ڳوٺ آهي، ڪئمپ ڪرڻ گهرجي، جيئن سندس (ڏاهر جي) اکيان پٺيان اچي سگهين، ۽ سائس جنگ ۾ ٻجي پورو پوين، ۽ سندس سازو سامان تي ڪامياب ٿي قبضي ۾ آڻين.“ محمد بن قاسم انهيءَ صلاح تي ڀروسو ڪري، وڃي جيور ۾ ددها واهہ جي ڪناري تي منزل ڪئي.

محمد بن قاسم جو جيور جي منزل تي لهڻ.

پوءِ راجا ڏاهر کي خبر ملي تہ محمد بن قاسم، عرب جي لشڪر سان، جيور ۾ منزل ڪئي آهي. وزير سياڪر ٻڌي چيو تہ: ”هاءِ! برو (سوڻ) ٿيو. انهيءَ جاءِ کي جيور

(١) ل،م: ناراني؛ ڪ: نارامني. (٢) ل،م قاجيجات. (٣) اصل عبارت: آبگيري بزرگ. (٤) فارسي ايڊيشن ۾ ”جيور“. ڪيل ترميم لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [١٦٠]. (٥) هي ٻڙهتي فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل آهي جا شايد ٺهڪي آهي. پ: دهاوڙ؛ ن: ودهاواهہ؛ ب: دهاداهہ؛ س: دهاوه. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چون ٿا يعني ”فتح جي جاءِ“ (١)، ۽ جڏهن لشڪر وچـي انهيءَ جاءِ تي پهتو ته فتح ۽ ڪاميابي سائن همراه رهندي.“ راجا ڏاهر هن حقيقت کان تنگ ٿيو، ۽ سندس دماغ تـي غيرت جـي باهه غالب ٿـي، ۽ ڪاوڙجـي چيائين ته: ”هڏباريءَ (٢) ۾ لٿو آهي، جا اهـا جاءِ آهي جتي (رڳا) هڏا پهچندا آهن.“ ”ڏاهر آڏان اٿيو، ۽ پچي وچي ڀـان ڪي راوڙ جي قلعي ۾ سٽيائين، ۽ سندس پوڻـڪ، ۽ سازو سامان به انهيءَ قلعي ۾ رهيا. [هاڻي هو] اهـڙيءَ جاءِ تي اچـي ويٺو جتان عربن ۽ ڏاهر جـي لشڪر ۾ (فقط) ٿـي ميل (مفاصلو) هو. اتـي ڏاهر هڪ نجومي کان پڇيو ته: ”اڄ مون کي لڙائي ڪرڻ گهرجي يا نه؟- ۽ زُهرو ڪٿي آهي؟ هنن ٻنهي لشڪرن جي غالب ۽ مغلوب جـو حساب ڪري نتيجو معلوم ڪر ته آخر ڇا ٿيندو.“ (نجوميءَ جا فيصلا: نجوم جـي نتيجي معلوم ڪرڻ کان پـوءِ [١٦٧]، نجوميءَ جواب ڏنو ته: ”حساب جي نقطہ نظر کان غلبو عربن جـي لشڪر جو آهي، ڇاڪاڻ ته زهرو هنن جي پٺيان آهي ۽ تنهنجي سامهون.“ هيءَ ڳالهه ٻڌي راجا ڏاهر ڪاوڙيو. نجوميءَ چيو ”راجا کي ڪاوڙجڻ نه گهرجي: حڪم ڪر ته زهري جـي سوني تصوير ٺاهين، جيئن زهره تنهنجي پٺيان رهي ۽ تنهنجي فتح ٿئي.“ پوءِ (زهري جي) صورت ٺاهي سندس ڪنجڪ سان ٻڌائون. محمد بن قاسم (اڃا ۾) ويجهو آيو ۽ (هاڻي) ٻـنهي لشڪرن جي وچ ۾ اڌ فرسنگ جو مفاصلو رهيو.

---

(١) اصل عبارت: موضع- ظفر (٢) اصل ۾: هدباري.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻئي ڏينهن جنگ ڪرڻ.

ٻئي ڏينهن اتان، ٻه منزل ٻئي اچي ٻن سڏن پنڌ تي لٿو. جڏهن عربن جو لشڪر ويجهو اچي لٿو، تڏهن ڏاهر پنهنجن راڻن مان هڪ ٺڪر کي گهرايو، جنهن کي "جهابو اڳواڻ" (١) ڪري سڏيندا هئا، ۽ چيائينس تہ توکي محمد بن قاسم جي سامهون وڃڻ گهرجي. حڪم جي اشاري تي، ڪاڻو اڳواڻ پنهنجو لشڪر وٺي ٻاهر نڪتو، ۽ اسلام جي لشڪر کي سامهون ٿي جنگ جوٽيائين. صبح جي شروع کان شام جي گذرڻ تائين دلير بهادرن ۽ مردن ٻنهي طرفن کان جهڙپون ڏنيون؛ نيٺ جڏهن ٿڪا تڏهن موٽي ويا.

ٽئين ڏينهن ڏاهر جي عربن سان جنگ ڪرڻ.

ٽئي ڏينهن ڏاهر لعين، جاهن کي حڪم ڪيو، هو بهادر مرد هو، ٻاهر نڪري لڙائي شروع ڪيائين، تان جو ڪسي ويو. آخر جڏهن [اها حالت ٿي جو] جيڪا بہ فوج [١٦٨] ٿي موڪليائين سا اسلام جي (لشڪر جي)

---

(١) اصل الفاظ "دبير ڪور" جنهن جي لفظي معنيٰ ٿيندي "انڌو دبير" مگر هيٺ هلي ان کي "دبير آعور" يعني ڪاڻو دبير سڏيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ تہ انڌو ڪونہ هو، مگر جهابو هو. "دبير" جي عام معنيٰ "منشي" يا سيڪريٽري، مگر اهو درجو وزير يا صلاحڪار جي برابر هو. هت اسان هن بيان جي سلسلي ۾ عام مفهوم کي مدنظر رکي، هن لفظ جو ترجمو "اڳواڻ" ڪيو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خونخوار ترار جو لقمو ٿيو، تڏهين سياڪر وزير، اڳيان اچي خدمت بجا آڻي عرض ڪيو: ”اي راجا! هيءَ رَوَش جنهن سان توهان جنگ ڪئي، تنهن ۾ اڪثر غلطي آهي. تنهن جي بدران اهو ڪرڻ گهرجي، ته غلطيون ٿيون آهن، پر اجا به تجربو ٿئو پرائين. اگرچ انساني تدبير خدائي تدبير سان برابر نه ٿيندي، تاهم وقت جي بادشاهن جي بلند راءِ جي آڏو ڪو چوٽڪاري جو رستو تيار ڪري. پهريائين ته جڏهن هي عربن جو لشڪر مهراڻ پار ڪري رهيو هو، ۽ ڇلنگيون ڇلنگيون ٿي پٺي لنگهيا، تڏهن توکي هنن جي سامهون ٿيڻ گهربو هو، جيئن ڪين ٿيو ۽ جنگ کان ڊپ ٿئي ها. هاڻي جڏهن گڏ ٿي مقابلي لاءِ آيا آهن، ۽ جنهن به ٽڪر کي موڪلين ٿو، سو مات ٿو ٿئي، تڏهن اها ڳالهه چڱي نه آهي. (هاڻي) تولاءِ چڱو ائين ٿيندو ته ساري لشڪر ۽ نوڪرن، پيادن خواه سوارن، سان هاڻيءَ تي (چڙهي) سڌو حملو ڪر. جيڪڏهن توکي فتح نصيب ٿي ته پوءِ به تنهنجي مراد حاصل ٿي ۽ تنهنجو دشمن دفع ٿي ويندو. ٻيءَ صورت ۾ هو غالب ٿيندا ۽ تون پاڙيسري بادشاهن جي شرم کان معذور رهندين، ۽ تنهنجي پٺيان ٻين کي به ڪو طعنو نه لڳندو.“ ڏاهر هيءَ ڳالهه قبول ڪئي.

چوٿين ڏينهن جي جنگ.

ٻئي ڏينهن سندس حڪم تي جنگ جو نغارو وڄائي، جهنڊو کڙو ڪيائون، ۽ اٽڪل پنج هزار ناليرا سوار ۽ چالاڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنگي جوان ۽ شهزادا، سٺ [١٦٩] مست هاٿي- ڪي چون ٿا ته جنگي هاٿي هڪ سؤ هئا- ۽ ويهه هزار زرهن ۽ ڍالن سميت پيادا جنگ لاءِ سندس اڳيان روانا ٿيا پاڻ هڪ مست هاٿيءَ تي پالڪي ٻڌي، لوهو برگستوان وجهي، زره، ڍڪي، ۽ ڪمان تي زهه چاڙهي ويٺو. ساڻس گڏ پالڪيءَ ۾ ٻه ٻانهيون هيون، هڪڙيءَ ڪيس هڪٻئي پويان تير ٿي ڏنا ۽ ٻيءَ پان ٿي پهچايو.

ڏاهر جو محمد عيلافيءَ کي پنهنجي پٽ ڄئسينهه سان
گڏ موڪلڻ.

پوءِ (هڪ ٻاسي) پاڻ لشڪر وٺي هليو، ۽ (انهي ٻاسي) پٽ کي ڏار ڪري چيائين ته: "محمد عيلافيءَ کي تو سان گڏ روانو ٿو ڪريان. عربن جي جنگ، کي هو بهتر ٿو ڄاڻي. هو جيئن به اڳتي وڌڻ يا پٺتي هٽڻ جو حڪم ڪري، تون سندس حڪم ۽ اشاري جو پابند رهج." اهو ڏينهن ڏهين رمضان، سنه ترانوي هجري هو.

ڏاهر جي پهچڻ وقت، محمد بن قاسم مسلمانن جي دلين کي تقويت ۽ جنگ جي ترغيب ڏيئي رهيو هو، ۽ چيائين ٿي: "اي عربو! اڄ ڪوشش جو ڏينهن آهي. اسلام خاطر ڪوشش ڪريو. جدوجهد بجا آڻيو، ۽ خدا جي پروسي تي آسرو ۽ قوت رکو ته جيئن مشرڪن کي دفع ڪري سگهو، ۽ سندن ملڪ خواه ملڪيت توهان جي ورثي ۾ اچي ۽ مال خواهه ملڪ تي توهان قبضو ڪريو. [پر] جيڪڏهن توهان مضبوط نه هوندا، ٻاڪ پريشان ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دل شڪستا ٿيندا، ۽ عاجزيءَ ۽ ضعيف کي پنهنجي ويٺ اچي ڏيندا ته پوءِ هو (توهان تي) غالب ٿيندا، ۽ سيني کي ڪٽي ڇڏيندا. ميدان انهن جي هٿن ۾ رهندو. توهان کي پنهنجو سامان ڏٺو ٿيندو، [١٧٠] ۽ توهان مان هڪڙي کي به جيئرو نه ڇڏيندا. جيڪڏهن ڪانئرن ڪان منهن ڦيرائيندا ته پوءِ توهان جي جاءِ جهنم ٿيندي ۽ توهان جي وڏن لاءِ داغ ٿيندو.“

هاڻي مُحْرِزْ بن ثابت الدمشقي (١) ۽ اوس بن قيس کي ڇهن هزارن سوارن سان مقدمي (لشڪر جي اڳ) تي مقرر ڪري، اڳئين (ڇچ) لپ جو حڪم ڏنائين. هو اها جوڻي [يعني وهندي يا گهاري يا واهه] تي ويسا جيڪا ڏاهر ۽ اسلام جي لشڪر جي وچ ۾ هئي. پوءِ عطاء بن مالڪ القيسي ۽ ذڪوان بن علوان البڪري کي پڻ لشڪر جي مقدمه (مهڙ) جي واهر ڪرڻ جي اجازت ڏنائين. اهي پڻ لنگهي ويا. (اتي) محمد عيلافيءَ ڏاهر کي چيو: ”اي هند ۽ سنڌ جا راجا! هيءَ فوج جيڪا تنهنجي سامهون آئي آهي، لشڪر جي پشت پناهه ۽ بهادر شينهن آهن: حرفتي جنانباز، ڪاوانئا بهادر، ۽ هوشيار سوار اهي ئي آهن. جيڪڏهن [تنهنجا سپاهي] هن فوج کي دفع ڪري سگهيا ته پوءِ تنهنجو مقصد پورو ٿيندو؛ ۽ جيڪڏهن دفع نه ڪري سگهندو ته پوءِ توکي شڪست ڏيئي ڇڏيندا. (وڌيڪ) تنهنجي راءِ بلند هجي!“

---

(١) هت جملي نسخن مطابق ”الدمشقي“ يا ”دمشقي“ آهي، مگر مٿي ص [١٦٠] تي جملي نسخن مطابق ”قيسي“ آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چوٿين ڏينهن ڏاهر جي عربن جي لشڪر سان جنگ ڪرڻ.

اها ڳالهه ٻڌي ڏاهر پوري لشڪر سان هلان ڪئي. ڪي هاٿي مقدمه ۾ روانا ڪري، قلب (لشڪر جـي وچ) کي پنهنجي چئني طرفن کان گڏ ڪيائين. هٿيار ڪندڙ پيادا، تير انداز، ٻرڇيون ۽ نيمچا- لوهه-دستو جنهن کـي (فارسيءَ ۾) سيل به چوندا آهن- ڪندڙ اڳيان (ڪيائين)؛ تيرانـداز ساڄي، ۽ هٿيار بند قابل سوار کاٻي (بيهاريائين). هـن طريقي سان جنگ جوڙيائون ته [171] عُبَيدُ بن عتّاب، جو انهي ڏينهن محمد علافيءَ کان ڦري محمد بن قاسم وٽ آيو هو، خبر ڏني ته: محمد علافي ڏاهر کي چيو آهي ته عرب جا هيءَ فوج وارا، جي پاڻي تي آيا آهن، سي اسلامي لشڪر جا اڳواڻ ۽ هوشيار سوار آهن؛ جنهن تي ڏاهر پنهنجي لشڪر کـي وڙهڻ جو حڪم ڏنو آهـي، ۽ سندس سيني هٿيار بندن ۽ تلوار بـازن وڙهڻ جـو ارادو ڪيو آهـي. (هيءَ ٻڌي) محمد بن قاسم چونڊ لشڪر کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي سيني جنگي سـوارن ۽ جنگجو بهادرن (گهوڙا) اڳتي ڌڪيا. محمد (بن قاسم) سان فقط قلب (لشڪر جو وچ) ۽ ڪي خاص ماڻهو وڃي رهيا، سوڪي [پٺ] وسايي کـي پٺ پنهنجي فـوج ۾ بيهاري، لـڙائي ڏانهن رخ ڪيائين. هاٿي سيني پاڻي لنگهي وڃـي جنگ جوٽي. محمد بن قاسم، مُحْرِزْ بن ثابت سان گڏ، قلب (وچ لشڪر) ۾ وڃي بيٺو جَهْم بن زَحْر الجُعْفي کي مَيْمَنه (لشڪر جي ساڄي) تي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذَڪوان بن عَلوان البَڪري کي ميسَرَه (لشڪر جي کاٻي) تي، عطاء بن مالڪ القيسيءَ کي مقدمه (لشڪر جي مهڙ) تي مقرر ڪري، نُباته بن حنظله کي ساقه (لشڪر جي پڇاڙي) تي بيهاريائين، تنهن کان پوءِ محمد بن قاسم چيو ته: ”اي عربو! جيڪڏهن مون تي ڪو حادثو پيش اچي ته پوءِ توهان جو امير مُحرز بن ثابت آهي؛ ۽ جيڪڏهن اهو به شهيد ٿي وڃي ته پوءِ اوهان جو امير سَعيد ٿيندو.“

خميس جي ڏينهن جنگ ڪرڻ

پهريائين مُحرز حملو ڪيو ۽ بيهي جنگ ڪيائين، تان جو شهيد ٿي ويو؛ پوءِ سَعيد لشڪر کي همٿ ڏياري لڙائي ڪيندي، حسن بن محبة (١) البڪريءَ جو آڳوڻو جنگ هلندي ترار جي ڏک سان لهي پيو. جڏهن مست هاٿي چڙيا، تڏهن مسلمان مضبوطيءَ سان، ٽولا ٽولا ٿي هاٿين جي پوٺان ڦري آيا، ۽ نو هاٿي [١٧٣] واپس ورائي ڇڏيائون. اسلامي لشڪر حملو ڪري، ڪافرن کي تڙي اٿي پهچايو جتي سندن صف هئي. (اٺين) ڏينهن پورو ٿيو ۽ پيمي لشڪر موٽي ويا.

---

(١) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي مطابق ”محبة“، پ: محبته. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تاريخ ڏاهر ماهه رمضان سنه ٹيانوي ٠

هنن ڪنوارين (حڪايتن) جي سينگارينڌڙن هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: ٻئي ڏينهن جڏهن صبح (پنهنجو) جهان کي سينگارينڌڙ ۽ دل کي وڻندڙ حسن، مشرق جي طرف کان دنيا کي ڏيکاريو ـ ۽ اهو خميس جو ڏينهن هو. تڏهن راجا ڏاهر ٻاهر نڪري، ٻہ ڄڻيسينہ کي ڏهن هزارن لوهہ [جي زرهن] ۾ غرق جنگي سوارن سان، جن مان ڪن جا وار ڪليل ۽ ترارون اگهاڙيون، ۽ ڪن جا وار ٻڌل ۽ ترارون ڍالون هٿن ۾ [هيون ، لشڪر جي] قلب ۾ (ٻيهاري) اچي مسلمانن جي صف جي سامهون بيٺو٠ ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي ويٺل هو، ۽ سندس چوڌاري ٻيا هاٿي پوئيان [بيٺل هئا] : ساڄي پاسي ڄڻيسينہ، ابي ٻٽ ارجن (١)، ننڍي ڪوا جو ڏاڏو روڙو ڪوار ۽ ڏاهر جو سوٽ جبين (٢)؛ کاٻي پاسي کان بشر ٻٽ ڏول (٣)،

---

(١) ل، م: "ارجن"؛ مگر پ،ن،ب،ح،س جي پڙهڻي "احسن" آهي جا غالباً "احسن" جي غلط صورتخطي آهي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "جبين پڙهڻي اختيار ڪيل آهي ۽ ر،ن جي ۽ اها ساڳي پڙهڻي آهي. پ: حسين (جسين؟)، ڪ: جيسي. (ن-ب) (٣) فارسي متن ۾ غالباً پ مطابق "هول" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي؛ ن جي پڙهڻي ۾ "هول" آهي. ل، م جي پڙهڻي "هول" جي بدران "دهول" آهي جا غالباً سنڌي جي آڳاٽي نالي "ڍول" جي عربي صورت آهي؛ ۽ اسان انهيءَ کي زياده قرين قياس سمجهي ترجمي ۾ ڍول رکيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گيهه (١) پٽ بشر، ٺهرسيهه پٽ ڏاهر، ڪنبه جي حاڪم جو پٽ بيل (يا بيان)، نائلو (٣)، جوڻو (۴) ۽ مشبد (يا مشيبد) (۵) [بيٺل هئا]؛ سنڌ جا سڀ

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "قتيبه بن بشر"؛ مگر "قتيبه" هڪ ته خالص عربي نالو آهي ۽ ٻيو ته اها پڙهڻي ڪنهن به معتبر نسخي ۾ ڏنل ڪانهي ۽ غالباً ايڊيٽر جو پنهنجو قياس آهي. ل، م، ن، ح، جي متفقه پڙهڻي "قيه" آهي ۽ پ جي پڙهڻي "قبه" آهي، جا پڻ غالباً اصل ۾ "قيه" هئي. معرب" ۽ دخيل لفظن جي لحاظ سان، "قبه" صاف طور "گيه" جي عربي صورت آهي. (ن.ب) (٢ فارسي ايڊيشن مطابق "بيل صاحب. ڪنبه" جنهن جو ترجمو ٿيندو "ڪنبه جو حاڪم بيل." مگر هن ڪان اڳ ڪٿي، ڪنبه جي حاڪم جو نالو "بيل" ڏنل ڪونهي: مٿي ص [١٦٢] تي ڪنبه جي حاڪم جو نالو "ڪوڪو پٽ موڪو" ڏنل آهي جو ڏاهر جو حامي هو. انهيءَ لحاظ سان قديم نسخن پ ۽ ر جون پڙهڻيون زياده قرين قياس آهن. پ: "بيان بن صاحب ڪنبه"، ر: "بيل صاحب ڪنبه". يعني ڪنبه جي حاڪم جو پٽ بيل يا بيان. (ن.ب). (٣) ڪ: نايل. مگر ٻين جملي نسخن مطابق "نائله" يا "نايله". اسان سنڌي آچار جي لحاظ سان "نائلو" ڪري لکيو آهي. (ن.ب) (۴) جملي نسخن مطابق "جوئيه". اسان سنڌي اچار مطابق "جوڻو" ڪري لکيو آهي. [۵] فارسي ايڊيشن ۾ ايڊيٽر هي نالو "جتهل ڪري لکيو آهي جنهن لاءِ، سنڌس قول مطابق، ڪابه سند موجود ڪانهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، حاشيه ۴، ص ١٧٣). مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ، ڪ: مشيد؛ ن، ح: مشيبد؛ م: مستهل؛ ر: مستهيل. اسان پ، ڪ، ن، ح جي پڙهڻين کي وزن ڏنو آهي؛ ن جي پڙهڻي صاف طرح "مشيبد" آهي ۽ ان جي آخر ۾ "بد" اڪثر هندستان جي معرب نالن ۾ آيل آهي مثلاً: اربد، ارجبد وغيره. غالباً پ جي پڙهڻي به اصل ۾ "مشبد" آهي. انهيءَ لحاظ سان اسان هن نالي جون ٻئي صورتون يعني مشبد ۽ مشيبد ڏنيون آهن. "بد" غالباً ٻٽ جي عربي صورت آهي. [ن.ب]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چيدا ماڻهو جهڙوڪ ٻجهاري (١)، اسرهيل (٢)، سنج (٣)، اسپار (٤) لقيا اسار (٥) ۽ مشرق طرف جا سڀ جت گڏ ڪري پنهنجي پوبان ٻيهاريا هناڻين؛ تلوار جا ڌڻي ۽ بي‌خوف بهادر [١٧٣] قلب (لشڪر جي وچ) جي اڳيان رکيائين. جنگي هاٿين مان ڪي، مَيْمَنَه (لشڪر جي ڪابي پاسي) ۾ ۽ ڪي مَيْسَره (لشڪر جي ساڄي پاسي) ۾ مقرر ڪري باقي پيا سوار ۽ هاٿي جاهين جي هٿ هيٺ اسلامي لشڪر جي سامهون روانا ڪيائين.

---

(١) هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ غالباً م مطابق آهي ۽ زياده قرين قياس آهي. پ: بجاري؛ ر: بخهياري؛ ن،ب،ح: بخياري؛س، ڪ: بختياري- هي جملي پڙهڻيون "ٻجهاري" جي بگڙيل صورتخطي معلوم ٿين ٿيون. (ن ـ ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "استيراهل" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا شايد م مطابق آهي. ٻين نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ: اسرهيل؛ ن، ب، ح: اسراهيل، س، ڪ: سراهيل، ر: استراهيل جيئن ته نالي جي اصليت جو پتو نٿو پئجي سگهي، اسان قديم نسخي پ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. (ن ـ ب) (٣) ن،ب،ح، س، ڪ جي متفق پڙهڻي اها آهي ۽ فارسي ايڊيشن ۾ به اها ئي پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. پ ("سنح") ۽ ر،م ("سينج") جون پڙهڻيون بعيد از قياس آهن. (ن ـ ب) (٤) فارسي ايڊيشن ۾ "اسيار" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، جا غالباً م،ڪ مطابق آهي. ر جي پڙهڻي "اسپار" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي. ن،ب،ح: اسبار، پ: اسباب. (ن ـ ب). (٥) فارسي ايڊيشن ۾ اها پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا غالباً م مطابق آهي؛ ر جي اها ساڳي پڙهڻي آهي. پ،ن: لقيالبا؛ ب،ح: تعيالبا، ڪ: لقيالها. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اسلامي لشڪر جو ميمنه، ميسره ۽ قلب کي تيار ڪرڻ.

محمد بن قاسم انهن کي ڏسي ٻاهر نڪتو، ۽ [نُباته] حنظله ڪلابيءَ (١) کي ميمنه تي، ذڪوان بن علوان البڪريءَ کي ميسره تي مقرر ڪري، ابو صابر همداني کي جهنڊا هٿ ۾ ڏيئي، هاٿين جي سامهون بيهاريائين. هُذَيْل بن سليمان ازدي، زياد بن حواري ازدي (٢) ۽ بن سوارن جهڙوڪ نُمَيلَة، مسعود بن الشعري الڪلبي ۽ مخارق بن ڪعب الراسيءَ (٣) کي قلب ۾ آڏو (ڪڙو ڪيائين). هاٿي مقدم جنگ شروع ڪئي. هڪ طرف کان محمد بن زياد العبدي ۽ بشر بن عطيه پنهنجن سنگتين سميت، ۽ ٻئي طرف کان [محمد بن] مصعب بن عبدالرحمان الثقفيؔ ۽ خُرَيْم بن عَمْرٗو مدني، ڏاهر جي سامهون

---

(١) اصل ۾ "حنظله ڪلابي" جو صحيح نه آهي. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ حنظله نه، مگر سندس پٽ نباته بن حنظله ڪلابي شامل هو جنهن جو هن کان اڳ بار بار ذڪر اچي چڪو آهي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "زياد بن جلبدي ازدي" ڏنل آهي، ن ۽ ر جي پڙهتي "زياد بن جلبدي و ازدي" آهي. "جلبدي" نالو عربن ۾ غير معروف آهي، مگر "جلندي" نالو رائج آهي. اسانجي خيال ۾ "جلبدي"، "جلندي" جي تصحيف آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان "جلندي" لکيو آهي. (ن-ب) (٣) جملي نسخن مطابق "مخارق بن ڪعب"، فارسي ايڊيشن ۾ به اهائي پڙهتي ڏنل آهي، مگر صحيح نالو غالباً ڪعب بن مخارق الراسي يا الراسبي آهي: جنهن جو ذڪر هيٺ [ص ص ١٨٨، ١٩٢، ١٩٣ ۽ ١٩٥] تي اچي ٿو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٿيا، جڏهن سڀ گهوڙا ۽ لشڪر جا ماڻهو گڏ ٿيا تڏهن محمد بن قاسم پنهنجن چونڊ سوارن کي ٽي ڀڱون ڪري، هڪ ڀڱي قلب ۾، هڪ مَيمَنَه ۾، ۽ هڪ ڀڱي مَيسَرَه ۾ (بيهاري): باقي بيا وچين لشڪر جي پوبان بيٺا. نفط اندازن (١) کي حڪم ڏنائين ته پنهنجو سامان ۽ هٿيار تيار رکن، ۽ پنهنجا مشعل ٻاري باهه تيار ڪن. هنن نون سون نفط اندازن کي ٽن ٽن پاسن ۾ ورهايائين: ٽي سؤ ماڻهو قلب ۾، ٽي سؤ مَيمَنَه ۾ ۽ ٽي سؤ مَيسَرَه ۾ رکيائين؛ سڀني نفط جا تير ڪمان تي چاڙهيا. پوءِ جڏهن فجر جي نماز پڙهي صفون سڌيون ڪيائون، تڏهن پنجن صفن تيار ٿي، جهنڊا هٿن ۾ کڻي، [١٧٤] گهوڙن تي سوار ٿي، فرض ادا ڪيو. عاليه قبيلي وارا هڪ صف، بنو تميم ٻي صف، بڪر [بن] وائل [قبيلي وارا] ٽين صف، عبدالقيس وارا پنهنجي قبيلي سميت چوٿين صف، ۽ ازد [قبيلي جا] پنجين صف؛ پنجئي قبيلا صفون ٻڌي، محمد بن قاسم ڏانهن متوجهه ٿيا ته جا تو حڪم فرمائي.

محمد بن قاسم جو خطاب ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم چيو ته: "اي عرب وارؤ! ڪافرن جي هن فوج جنگ لاءِ اسان ڏانهن رخ ڪيو آهي. توهان همت ڪجو، چاڪاڻ ته اهي پنهنجي اهل، عيال، مال،

---

(١) "نفط انداز" جي معنيٰ Steingass پنهنجي انگريزي فارسي ڊڪشنري ۾ "Maker of fire Works" لکي ٿو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهرن، زمينن ۽ سامان خاطر چٽي جنگ ڪندا. توهان الله تعاليٰ جي مدد سان انهن تي حملو ڪيو، الاهي طاقت ۽ سهاري سان سيني کي خونخوار ترار جي خوراڪ ڪري، ذليل ۽ خوار خراب ڪندا سون، ۽ سندن مال ۽ عيال کي هٿ ڪري، ڪاني غنيمتون هٿ ڪندا سون. توهان کي ثابت قدم رهڻ گهرجي، پريشان نہ ٿجو. خاموشيءَ کي پنهنجو زيور بنائجو، ۽ پنهنجي جاءِ تي مضبوط رهي پنهنجي جاءِ جي حفاظت ڪجو. ڪوبہ ساٿي، قلب کان مَيْمَنہ ۽ ميمنہ کان مَيْسَرہ طرف (وڃي) ڪنهن جي بہ مدد ۾ مشغول نہ ٿئي. هرهڪ پنهنجي مرڪز ۽ جڳهہ تي بيٺو رهي، ڇاڪاڻ تہ خدا عزوجل (هميشہ) متقين جي عاقبت موچاري ڪندو آهي. سدائين ڪلام مجيد زبان تي جاري رکجو، ۽ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ چوندا رهجو، پوءِ بخالين کي سڌائي چيائين تہ: مشڪون پاڻيءَ سان پري هر صف ۾ گشت ڪندا ۽ پاڻي ڏيندا رهجو، جيئن ڪوبہ ساٿي پاڻيءَ جي طلب ۾ پنهنجي جاءِ کان [۱۷۵] نہ چري.“ انتري ۾ بڪر بن وائل ۽ بنو تميم قبيلي وارن اچي چيو تہ: ”ڪافرن جو لشڪر هڪ وڏي مصيبت آهي، ۽ هو پنهنجا هٿيار ۽ سامان نامي جنگ جي تياري ڪري خوشي ڪري رهيا آهن، ۽ توهان جي سامهون ٿين ۽ توجہ ڪرڻ جي تڪڙي طلب ڪئي اٿن.“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو جنگي جوانن کي تاڪيد

محمد بن قاسم هنن ڏانهن منهن ڪري چيو ته: ”اي بني تميم! اي عزيزو! (١) دشمن توهان جي سامهون اچي ظاهر ٿيو آهي، ۽ لڙائي لاءِ تيار ٿيو ٿو اچي. توهان کي به پوري طاقت ۽ ساري ڪوشش سان جدوجهد ڪرڻ گهرجي، جيئن توهان جي ڪاروبار جو نظام ٺيڪ رهي.“ پوءِ محمد بن قاسم سڀني کي همت ڏياري ۽ سڀئي آماده ۽ تيار ٿيا. هر طرف کان مقابلو ڪندڙن لاءِ دلاورن ۽ جنگي پهلوانن جي پنجن ئي صفن هڪبئي کي سڏيو، ۽ جنگ لاءِ ٻاهر نڪتيون.

محمد بن قاسم جو يارن کي خطاب ڪرڻ.

خبرن جي مصنفن فرقن کان هن طرح روايت ڪئي آهي ته: محمد بن قاسم انهيءَ ڏينهن ماڻهن کي خطاب ڪيو ته: ”اي مسلمانو! استغفار گهڻو ڪريو. خداوند عزوجل امت محمدي صلي الله عليه و آله وسلم ۾ ڇهوڻ موڪليون آهن: هڪ، مصطفي صلي الله عليه و آله و السلام تي صلواة؛ ٻيو،

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ”اي بني عزيزا!“ جا غالباً م جي پڙهڻي آهي، مگر ان وقت ۾ بنو عزيز قبيلو غير معلوم آهي ر جي پڙهڻي ”اي بني عزيز“ [عَزِيزُ] آهي. مگر پ جهڙي قديم نسخي ۾ توڙي ن، ب ۾ ”اي عزيزا!“ آهي يعني ”اي عزيزو“ جيئن ته بنو تميم قبيلي وارا واقعي محمد بن قاسم جا عزيز هئا ۽ شادي به ان قبيلي مان ڪئي هئائين، تنهنڪري اسان ترجمي ۾ ”اي عزيزو!“ کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گناهن کان استغفار سان توهان کي دليون مضبوط ڪرڻ گهرجن، تہ خدا عزوجل توهان کي انهيءَ تي غالب ڪري“ [١٧٦].

روايتن ۾ آيل آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم جنگ شروع ڪئي، تہ [سليمان بن] نبهان ۽ ابو فضہ قشيري^ (؟) ڪينڌري^ (قبيلي جي) آزاد ڪيل غلام کي ۾ سؤ چونڊ سوار سان ڏيئي لشڪر جي مقدمہ ۾ مقرر ڪيو، ۽ [هو وڃي] ڏاهر، سندس لشڪرن ۽ جنگي جوڌن جي سامهون ٿيو، ۽ ڪافرن جي هڪ فوج سان، جا هن سان وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتي هئي، جنگ جوٽيائين. ليڪ انهن سان گهڻن کي دوزخ ۾ موڪليائين، ۽ ٻيا پٺي وڃي ڏاهر کي گڏيا. پوءِ ڏاهر انهن جي مقابلي ۾ ٻي فوج موڪلي. ابو فيضہ خدا جو نالو وٺي حملو ڪري، انهن کي ٻڻ خوار خراب ڪيو. [ڏاهر] ٽيون دفعو ڪي لشڪر موڪليا؛ ابو فيضہ استغفار پڙهي جنگ شروع ڪئي، ۽ انهن کي ڀڄ ڏاهر جي ڪئمپ تائين ڌڪيندو ۽ ماريندو ويو.

ڪن ماڻهن جو امان گهرڻ لاءِ اچڻ.

خبرن جا راوي بيان ٿا ڪن تہ (جڏهين) محمد بن قاسم صف جي اڳيان آيو تہ اوچتو مشرڪن سان ڪن ماڻهن اچي امان گهري. محمد بن قاسم انهن کي امان ڏني. پوءِ چيائون: ”اي عادل امير! اسان پنهنجي طريقي کان ڦري اسلام جي عزت هيٺ آيا آهيون. پنهنجي چونڊ سوارن سان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هڪ فوج اسان سان ڏي ته وڃون، جو هو غافل آهن، ۽ لشڪر جي پٺيان ڦري اچون، جيئن انهيءَ ٻنهي ڪان سندن دل پريشان ٿئي ۽ ڀڄنا ٿي پون، جڏهن پريشان ٿين ته پوءِ اسلامي لشڪر کي چوطرف حملي ڪرڻ جو حڪم ڏي، اسان جي دل شاهدي ٿي ڏئي ته تنهنجي ترار ڪان هنن ڪافرن تي هڪ مصيبت اچي ڪڙڪندي ۽ برباد ٿي ويندا" [١٧٧].

محمد بن قاسم جو همراهه چونڊڻ.

پوءِ محمد بن قاسم بهادر سوارن جي هڪ فوج چونڊي، مَرْوان بن اَشْخَر يَمَنِي ۽ نعيم بن زيد قَيْمِيْ (١) کي ان جهڙن سان انهن جي مٿان مقرر ڪيو، جيڪي هنن جي پٺيان ڦري آيا. مشرڪ هن حال ڪان بيخبر هئا ته (اوچتو) اسلامي لشڪر تڪبير هڻي مارا ماري ۽ جهاد شروع ڪيو. [اهو حال ڏسي] ڪن ڪافرن جي دل پوين کي سنڀالڻ لڳي ۽ وٺي ڀڳا. ڏاهر جي لشڪر ۾ شور ۽ غلغلو پئجي ويو، جنهنڪري پريشان ٿيا، ۽ مٿن ڊپ غالب ٿيو.

عرب جي لشڪر جو ڪافرن تي حملو ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم نعرو هڻي چيو ته: "هوشيار! اي عرب جا لشڪر! ڪافر بن حصن ۾ ورهائجي چڪا آهن:

---

(١) هتي اصل متن ۾ "تيمي" آهي، ڪيل تصحيح لاءِ نسخو آخر ۾ حاشيه، ص [١٧٨].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توهان حملو ڪريو.“ اسلامي لشڪر سندن اڳيان، ساڄي، کاٻي ۽ پٺيان ڦري آيو. محمد بن قاسم کين لڙائي جو جوش ڏياريندي چئي رهيو هو ته: ”اڄ توهان جو ڏينهن آهي.“ آخر ڪفرن ڪافرن جا پير لڳي ويا. اتي ڏاهر ڌال ڪئي سفيد هاٿيءَ تي ٿي ويٺو، ۽ چار سؤ مرد لوهي هٿيارن ۾ ٻڌل، ڪڇين ۾ ترارون ۽ هٿن ۾ (١) نيمچا لوهه جا دستا (١) جنهن کي هندو ”سيل“ چوندا آهن ـ ڪٺي اهڙيءَ حالت ۾ ٻاهر نڪتا ۽ جنگ ڪرڻ لڳا. انهيءَ حد تائين جو سندن هٿن جون ڪلون لهي ويون. ڏاهر جي هٿ ۾ آئيني جهڙو نگين ڪاتيءَ سان هڪ گول چڪرو هو. جڏهن به هاٿيءَ حملو ٿي ڪيو، تڏهن جيڪو به هاٿيءَ جي ويجهو ٿي آيو ته اهو چڪرو ڪمند وانگيان وجهي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي پيادي خواه سوار جي سسي تڙ کان ڌار ڪري ٿي ڇڏيائين، ۽ ٻانهيون جهڪي ساڻس گڏ [١٨٧] پالڪيءَ ۾ ويٺل هيون، تن سان هڪڙيءَ کيس پان ٿي ڏنو ۽ ٻيءَ تير ٿي ڏنا. اهڙيءَ طرح جنگ لاڳيتي هلندي رهي، ۽ شام جي نماز تائين گهڻا مشرڪ ڪسي ويا.

شجاع حبشيءَ جو شهيد ٿيڻ

ڳالهه جي راوين رام سيه برهمڻ کان هن طرح روايت ڪئي آهي ته: مسلمانن ۾ هڪ ماڻهو هو جنهن کي شجاع

---

(١)-(١) هن جاءِ تي متن ۾ ”تير نيزه و دستہ آهن“ آهي، اهو ”و“ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته ”دستہ آهن الخ“ تير نيزه جي شرح آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حبشي ڪري ٿي سڏبا هون: هو بهادريءَ ۽ همت جي حد تي ويو هو ۽ لڙائيءَ جي صف ۾ وڏا ڪارناما ڏيکاريائين. (هن) محمد بن قاسم جي اڳيان سخت قسم کنيو ته: ”جيستائين ڏاهر جي سامهون ٿي سندس هاٿيءَ کي زخم نه رسائيندس تيستائين سائي پاڻي نه کائيندس، ۽ جيستائين منهنجي بدن ۾ جان هوندي، لڙندو رهندس، نه ته شهيد ٿيندس.

(ڏاهر جي [شجاع] حبشيءَ سان جنگ ڪرڻ:)

خميس جو ڏينهن، تاريخ ڏهين رمضان، سنه ٿيانوي هو. ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي چڙهي ٻاهر نڪري اچي بيٺو. حبشي مشڪي گهوڙي تي سوار هو. اڳتي وڌي لڙائي شروع ڪيائين. ڏاهر کي ٻڌايائون ته: تو سان جنگ ڪرڻ لئه اچي، راجا ڏاهر سائس سامهون ٿيو، ۽ هاٿي مٿس هڪليائين. حبشيءَ پڻ گهوڙو تڙي هاٿيءَ جي اڳيان آندو. حبشيءَ جو گهوڙو هاٿيءَ کان ٿهي پاسو ڪري رهيو هو. هڪدم مٿي تان ٽپ لاهي، گهوڙي جون اکيون ٻڌي، هاٿيءَ تي ڪاهيائين، ۽ هاٿيءَ جي سونڍ تي زخم رسايائين. (موڙائين) راجا ڏاهر به ڪنڇيءَ جهڙو دوشاخو تير، ڪمان تي رکي، پنهنجي مخصوص استاديءَ ۽ ڏاڍپ سان ڇڪي هنيو، ۽ هن جو سر ڪلهن کان اڏائي ڇڏيائين، باقي هن جو ڌڙ گهوڙي تي رهجي ويو. اتي ڏاهر چيو: ”هيءَ ڌڪ اڙانٿو ٿيو آهي. ڏسو ته هن حبشيءَ کي ڪيئن قتل ڪيو اٿم.“ بهادرن اڳتي وڌي (ڏٺو ته) سندس جسم هني تي [١٧٩] رکيل هو. اتي مشرڪن حملو ڪري، پير ڪوڙي،

جنگ ڪئي، ۽ پاسن کان ڦري آيا، جنھنڪري اسلامي لشڪر [ٿورو] لُڏي ويو، ۽ صفون ھيٺ مٿي ٿي ويون، جنھن تي ڪافرن سمجھيو تہ لشڪر ڀڄي ويو. مانئو دھشت ۽ حيرت ۾ ڀڄي ويا. محمد بن قاسم اھڙو مدھوش ٿي ويو جو ساقي غلام کي چوائين: ”اَطْعِمْنِي المَاءَ“ (مون کي پاڻي ڪاراءِ). پاڻي پيي، ساھ پٽي، ٻڌھو ڏياريائين تہ: ”اي عربو! توھان جو امير محمد بن قاسم اجھو آءٌ آھيان. ڪاڏي ٿا ڀڄو؟. ڊالون، ڪلو، صبر ڪريو: چاڪاڻ تہ، ڪافر شڪست کائي چڪا آھن، ۽ فتح اسان جي آھي.“ انھيءَ تي سمورو لشڪر اچي گڏ ٿيو. موڪو [ٻٽ] وساھو [ٻڌ] ساڻيون اچي پنھنجي ساري لشڪر سميت پيادو ٿيو.

محمد بن قاسم جو ساٿين کي سڏڻ.

پوءِ محمد بن قاسم پڪاريو تہ: ”خُرَيْم [بن] عَمْرو مدني ڪٿي آھي؟ ڪحلي ذُھْلي، [محمد بن] مُصْعَب بن عبدالرحمان، ۽ نُباتہ بن حَنْظَلَہ ڪِلابي ڪٿي آھن؟ دارس بن آيوب ڪيڏانھن ويو؟ اَبُو فِضَّہ، محمد بن زياد العبدي(١) ۽ تَمِيْم بن زَيْد قَيْسِي (٢) ڪٿي آھن؟ دوستو! قرابت

(١) اصل متن ۾ ”عبدي“. مگر جيئن تہ مٿي [١٦٠] ۽ [١٧٣] صفحن تي انھا ساڳي نسبة ”ال“ سان ”العبدي“ طور اچي چڪو آھي، اسان بہ ھت انھيءَ ساڳيءَ صورت کي قائم رکيو آھي. (ن.ب) (٢) فارسي ايڊيشن خواہ جملي نسخن ۾ ھيءَ نسبة ”قيسي“ چاٽابل آھي، ڪيل ترجمو لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [١٧٨]. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وارؤ! هٿيار برداروٗ! تلوار بازوٗ! ڀرڀداروٗ! ۽ نيزه بازوٗ! اسلام جي ٽيڪ توهين آهيو. سڄو لشڪر ٿمهي ٽڪي تيار ٿــي پنهنجي جاءِ تي بيهو. پريشان نه ٿيو، بلڪ پنهنجي فوج جي همت افزائي ڪريو [١٨٠].

محمد بن قاسم جو حملو ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم خدا تعاليٰ جو ڳالهه وٺي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڪافر ٻئي وڃي ويا ۽ جتي جنگ لڳي، ترارين جي ڌڪا ڌڪيءَ کان هوا ۾ باهه جا شعلا اڏامڻ لڳا. نيزا ۽ خربا هڪٻئي سان ٽڪرائيندا رهيا، تيستائين هٿيار پڃي پيا، ۽ [جوان] هڪٻئي سان ڪشتيءَ ۾ ڳنڍجي ويا. صبح صادق ايرڻ کان شام جي گذرڻ تائين ڏاڍا ڪافر قتل ٿيا. راجا ڏاهر، راجڪمارن جي (باقي) هڪ هزار سوارن سان وچي بچيو هو ته سج زرد ٿي ويو.

ڏاهر لعين جي ڪسڻ جي خبر.

هنن ٻوٽن جي باغبانن ۽ هنن قيمتي ذخيرن جي مصنفن، راوين کــان هن طرح روايت ڪئي آهي تــه: راجا ڏاهر، خميس جـــي ڏينهن، ڏهين رمضان المبارڪ، سنه ٽيانوي ۾، راوڙ جي قلعي وٽ سج لهڻ وقت قتل ٿيو. ابوالحسن روايت ڪئي ابـو الليث هنديءَ کان، جنهن پنهنجي پــيءُ کــان (ٻڌل) ڳالهه ڪئي تــه: جڏهن اسلامي لشڪر حملو ڪيو ۽ گهڻا ڪافر قتل ٿي ويا، تڏهن اوچتو ڪاٻي طرف کــان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شور ۽ لڙ بلند ٿيو. ڏاهر انهن کي پنهنجو لشڪر سمجهي (١) نعره هنيو ”نسي من نسي من“ يعني ته: ”مان هتي آهيان. مون ڏانهن اچو“ (١)!

زالن جا آواز ظاهر ٿيڻ.

پوءِ انهن (زالن) چيو ته: ”اي راءِ! اسان اوهان جون زالون آهيون، جيڪي عرب لشڪر هٿان [١٨١] گرفتار ٿي قيد ٿيون آهيون.“ ڏاهر چيو: ”اجا مان زنده آهيان. توهان کي ڪنهن گرفتار ڪيو آهي؟“ (اهو حال ڏسي) ڏاهر اسلامي لشڪر تي هاٿي هڪليو. (هوڏانهن) محمد بن قاسم، نفط-اندازن کي چيو ته: ”هاٿي هيءَ وقت توهان جو آهي.“ هڪ سيڌي هٿ وارو نفط-انداز هو، جنهن ٻولائي نفط جو تير راجا ڏاهر جي پالڪيءَ تي هنيو ۽ پالڪيءَ کي باهه لڳي ويئي.

ڏاهر جو پوئتي ورڻ.

اتي ڏاهر پيلبان کي چيو ته: ”هاڏي موٽاءِ، ڇاڪاڻ ته اڃ لڳي اٿس.“ هوڏانهن پالڪيءَ کي ب--- باهه لڳي

---

(١)-(١) فارسي ايڊيشن جي متن ۾ عبارت هن طرح ڏنل آهي: ”نعره بزد که سوي من آئيد، من اينجا ام“ مگر پ: توڙي ن جي عبارتن ۾ ڏاهر جي اصلي لفظن جو اضافو ٿيل آهي. پ: ”نعره بزد: نسي من نسي يعني من اينجا ام“، ن: ”نعره بزد که نسي من نسي من آيند من اينجا ام“. اسان ڏاهر جا پنهنجا الفاظ ن مطابق ”نسي من نسي من“ طور ڏنا آهن. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چڪي هئي تنهنڪري هاٿي پيلبان جي وس ۾ نه آيو ۽ پاڻ کي وچي پاڻيءَ ۾ سٽيائين. پيلبان گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به ڪم نه ٿي سگهيو؛ [هاٿي] ڪين موٽيو، ۽ هاٿيوان ۽ ڏاهر کي وچي تار پاڻيءَ ۾ سٽيائين. ڪافرن مان ڪي ماڻس گڏ پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا ۽ ڪي پاڻيءَ جي ڪناري تي بيهي رهيا. اتري ۾ عرب سوار به اچي پهتا، جن ڪان ڪافر ڀڄي ويا. هاٿي پاڻي پيئي، موٽي قلعي ۾ وڃڻ گهريو. مسلمان تير انداز تير ڪوليا ۽ هوا مان تير مينهن وانگيان وسڻ لڳا. هڪ عرب جنهن جو هٿ ڏاڍو سڌو هو تنهن تير ڪشي ڏاهر جي دل تي هنيو، جنهن [جي لڳڻ] ڪان [هو] هاٿيءَ جي هئان ڀاڪيءَ ۾ منهن ڀر ڪيري پيو. هاٿي پاڻيءَ مان نڪري حملو ڪيو. ۽ باقي بچيل ڪافرن ڪسي پرن هيٺ، لتاڙڻ لڳو؛ جنهنڪري هو موڙيئي ڏڙي ڀڪڙي ويا. ڏاهر هاٿيءَ تان لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو. بهادر عرب سندس مٿي تي ترار هڻي، سندس سسي ڪلهن تائين ٻه اڌ ڪري ڇڏي. هوڏانهن اسلامي لشڪر ڪافرن سان [١٨٣] جنبي ويو، ۽ ڪين ماريندا وڃي راوڙ جي قلعي وٽ پهتا. هيڏانهن جيڪي برهمڻ وچي پاڻيءَ ۾ لڪا هئا، [تن جڏهن ڏٺو] ته جتي ڏاهر کي قتل ڪيو ويو هو، اها جاءِ خالي پيئي آهي، سو پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري، ڏاهر کي گپ هيٺان لڪائي ڇڏيائون. [اتري ۾] سفيد هاٿي ڪافرن جي لشڪر ڏانهن منهن ڪيو، ۽ [هو اهڙو ته ڀڄي ڀڳا جو] سندن ڪو نالو نشان ٿي ڪونه رهيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڳالهه ٿا ڪن ته قابل بن هاشم (١)، ذاهـــر لعنتي ۽ ڪافرن جي مارجڻ واري ڏينهن سورهن زخم ڪـاڏا ۽ حملو ڪندو ۽ هي [رجز] چوندو رهيو:

اَلاَ فَاصْبَحَانِيْ قَبْلَ وَقْعَةِ دَاهِرِ
وَ قَبْلَ مَنَايَا (٢) قَدْ غَدَوْنَ بَوَاكِرِ
وَ قَبْلَ غَدٍ يَا لَهْفَ نَفْسِيْ عَلٰي غَدٍ
اِذَا مَا غَدَا صَحْبِيْ وَ لَسْتُ بِبَاكِرِ

[دوستو! ڏاهر جي جنگ کان اڳ پيري ڏيو موٽکي جـام، ڏيـو پيالو موت کان اڳ، جـو تـو اڄ ڏيجي تيار، دوستو سڀ موجود هوندا مٺي جـي محفل ۾ سيان، ۽ ڪجهه، نا پاڙرو! مون لئه سيائي، انتظار]

چون ٿا ته جڏهن (ڏاهر) منو تڏهن ڪافرن سندس بدن تان هتيار لاهڻ گهريا پر لاهي نه سگهيا، ۽ انهيءَ خليج هيٺ دفن ڪيائونس.

محمد بن قاسم جو ڀڙهو ڏيارڻ

پوءِ محمد بن قاسم نظر ڪئي ته خُنَيسُ بن اخي عامر

(١) هن نالي جي پڙهڻي پ مطابق آهي. فارسي ايڊيشن ۾ ٻين نسخن مطابق "قابل بن هاشم" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. مگر عربن ۾ قابل نالو بنسبت قابل جي، زياده قرين قياس آهي. پانچجي ٿو ته اصل ۾ صحيح عبارت شايد "قابل من بني هاشم" هجي. والله اعلم.(ن-ب)

(٢) فارسي ايڊيشن ۾ "قبل المنايا" آهي مگر وزن جي خيال کان "قبل منايا" صحيح آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن عبدالقيس [کي ڏنائين جو] سندس سامهون بيٺو هو؛ چيائينس ته: ”اي اخي عامر بن عبدالقيس جا پٽ! عامرين کي (١) پڙهو [١٨٣] ڏيئي چؤ ته راجا ڏاهر غائب آهي؛ متان ڪنهن ڪنڊ مان نڪري حملو ڪري، (تنهنڪري) هوشيار رهجو.“ حبيش چيو ته: ”امير! منهنجي دل شاهدي ٿي ڏئي ته ڏاهر ڪسي ويو.“ ”محمد بن قاسم فڪر ۾ رهيو، ۽ هرهڪ کان ٿي پڇيائين ته: ”ڏاهر جي ڪا خبر اٿيئي، جو هو گم آهي.“ نيٺ هڪ برهمڻ آيو ۽ امان گهري چيائين ته: ”اي امير عادل! مون کي، منهنجن تابعدارن ۽ فرزندن کي امان ڏي ته مان توکي ڏاهر ڏيکاريان، جو ڪسي ويو آهي.“ (انهيء تي) اعتماد جوڳا ماڻهو ويا ۽ وڃي هن کي گپ جي هيٺان ڪڍيائون؛ اجا تائين منجهائنس عطر ۽ مشڪ جي خوشبوء پئي آئي. سندس سسي لاهي، هٿيار بدن کان ڌار ڪري، محمد بن قاسم وٽ آندائون. محمد بن قاسم چيو ته: ”اهڙو ڪو ماڻهو آهي جو هن کي سڃاڻي؟“ نيٺ سندس حڪم تي انهن ٻن ٻانهيرن کي آندائون جيڪي ٻاڪيء ۾ ساڻس گڏ هيون، ۽ گرفتار ٿيون هيون. هنن سر سڃاتو، (جنهن تي) انهيء برهمڻ جي وڏن، تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن مان ٿي سؤ ماڻهو آزاد ڪيائين. محمد بن قاسم ڏاهر جو سر ڏسي خداتعاليٰ عزِّاِسمُهٗ جي تعريف ڪئي، ۽ شڪرانا بجا آڻڻ خاطر ٻه رڪعتون نفل پڙهيائين. جنگ ۾ جيڪي

---

(١) اصل عبارت ”عامريان را“ يعني بنو عامر قبيلي وارن کي. ل، م جي پڙهڻي ”ياران را“ (يعني يارن کي) آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو گرفتار ٿيا هئا تن سڀني کي خونخوار تراز جــو لقمون بڻائڻ جو حڪم ڏنائين. باقي ڪاريگرن ۽ واپارين جي ٽولي کي امان ڏيئي اصلوڪين جاين تي رهايائين.

(روايت:) عَمْرُو بن مُغِيرَه ڪِلابِيءَ کان روايت ڪن ٿا ته: جنهن وقت حَجّاج جي سامهون لشڪر ڏاهي بيهاريو هئائون، تنهن وقت حجاج بن يوسف صفن اڳيان اچي هرهڪ صف کي ڏڍ ڏيئي رهيو هو. ائين ڪندي اچي عَمْرُو بن خالد وٽ بيٺو، چيائينس: "اي عَمْرُو! محمد بــن قــاسم ۽ (سندس) همراهن جي شاهديءَ سان پڌاءِ ته تون ڪافرن سان ڪهڙو ڪم ڪندين؟" (وڌيڪ) چيائينس: "توکــان ڪــو نيڪ ڪم بــه ٿيندو يــا نه" (١)؟ [١٨٤] بــوء راوي چيو ته: "(عَمْرُو) جنهن ڏينهن ڏاهر ســان سامهون ٿيو، (تنهن ڏينهن) محمد بــن قاسم کــي شاهد ڪري، هاٿيءَ کي ڏڪ هنيائين، ۽ ڏاهر جو سر پڻ هن ئي ڀڃ اڏ ڪيو." هو (عَمْرُو) ڇڏهن عراق موٽي ويو، ۽ ڏاهــر جــي ســي

---

(١) هتي اصل متن جي عبارت ڀر ڏاڍو مونجهارو آهي. اصل فارسي عبارت هن طرح آهي، "گفت اي عمرو! من قاسم و ياران را گواه ميکنم تا بکفار چه کار خواهي کرد؟ گفت: از تو عمل درست آيد يا نه؟" اسان جي خيال ڀر بيءَ "گفت" کان اڳ "ديگر" لفظ هئڻ گهرجي جو شايد ڪاتب کان ڇڏجي ويل ٿو ڏسجي. ديگر نه هجڻ ڪري ائين پيو معلوم ٿئي ته اهو ٻيون "گفت" ڄڻ عمرو جو جواب آهي، حالانڪ ائين نه آهي، اهو به حجاج بن يوسف جو قول آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حجاج جي خدمت ۾ پيش ڪيائين؛ تنهن چيائين: "امير عادل شال باقي رهي! سنڌس حڪومت سدائين غالب رهي! امير محمد بن قاسم کي مون تي گواهه ڪيو هو". (حجاج) چيو ته: "ظاهر ڪر (ڏسان) ته تو ڇا ڪيو هوندو؟" اتي عَمْرُو هيءُ شعر چيو:

اَلْخَيْلُ تَشْهَدُ يَوْمَ دَاهِرَ وَالْقَنَا
وَ مُحَمَّدُ بْنُ الْقَاسِمِ بْنِ مُحَمَّدٍ،
اِنِّي فَرَجْتُ الْجَمْعَ غَيْرَ مُعَرِّدٍ
حَتّٰي عَلَوْتُ عَظِيْمَهُمْ بِمُهَنَّدٍ،
فَتَرَكْتُهُ تَحْتَ الْعَجَاجِ مُجَدَّلًا
مُتَعَفِّرَ الْخَدَّيْنِ غَيْرَ مُوَسَّدٍ،

[شاهد آ ابن قاسم، گهوڙا ۽ نيزا پڻ
ڏاهر جي جنگ ۾ سون ڏيکاري بهادري،
بيڙڪ ڪافرن کي ڪيو هو مون ڇڙوڇڙ،
-رمي ڪري ڪپي هئي مون راجا سنڌي-سري،
مون ٿي دسي انهيءَ کي هو ليٽايو ڌوڙ ۾-
وٺي هئي منهن مٽي تي انهيءَ جي مٽي وري.]

ابو محمد هنديءَ ڪان روايت ٿا ڪن (جو هن چيو ته، ابو مسهر عابي (١) کان ٻڌم، جنهن هند وارن کان

---

(١) پ: تسقر عابي، ن: اي شتعي عابي؛ ب: شتعي عابي؛ ل، م: تسقر عالي، س: مشتعر عالي، ڪ: مشعفر عابي، ڏنل پڙهني فارسي ايڊيشن مطابق آهي ۽ محض قياسي آهي. "عابي" شايد "غساني" جي تصحيف هجي. ڏليڊاسٽل. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

روايت ڪئي ته: جڏهن ڏاهر جي قتل ڪرڻ کان پوءِ ڏاهر جي زال لاڏي (١) گرفتار ٿي تڏهن محمد بن قاسم انهن (جهنگي قيدين) مان لاڏيءَ کي خريد ڪرڻ گهريو. هن حقيقت جو خط حجاج ڏانهن لکي ڪانئس اجازت گهريائين. حجاج هيءَ حقيقت خليفي وليد جي خدمت ۾ عرض ڪري، لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي فرمان جي خواهش ڏيکاري. دارالخلافت کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جو حڪم جاري ٿيو، جنهن کان پوءِ محمد بن قاسم هن کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو (٢) [١٨٥].

ڏاهر جي زال لاڏيءَ جي خبر پڇائڻ ته هوءَ ڪيئن گرفتار ٿي.

ڪَلبِيءَ نا ڪئي ته: عَقِيل بن عَمرو روايت ڪئي ته: جڏهن لاڏي اُم ولد ٿي (٣) تڏهن محمد بن قاسم کانئس پڇيو: تون ڪيئن ڏاهر جي پٽن کان گڏ گرفتار ٿينءَ؟ ۽ ڏاهر کان ڪهڙي سبب ڌار ٿينءَ؟ لاڏيءَ جواب ڏنو ته: جڏهن اسلامي لشڪر راجا ڏاهر جي سامهون ٿيو، تڏهن هن هرهڪ زال جي مٿان سخت نگران ڇڏي ڇڏيو ته

---

(١) اصل پڙهڻي هت توڙي اڳتي هر جڳهه تي "لاڏي" آهي، جنهن کي اسان سنڌي ٻولي جي اصليت جي لحاظ سان هر جاءِ تي "لاڏي" ڪري لکيو آهي. (نبب) (٢) هيءَ روايت نهايت مشڪوڪ ۽ ضعيف آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيو ص [١٨٥]. (نبب) (٣) شرعي اصطلاح ۾ "ام ولد" انهيءَ ٻانهيءَ کي چئبو آهي جنهن مان سردار کي ڪو ٻار پيدا ٿئي. هتي "ام ولد ٿي" مان مراد ته "محمد بن قاسم جي نڪاح ۾ آئي". (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن اسلامي لشڪر غالب ٿيو ۽ ڪافر شڪست کائين ته هنن زالن کي ڪهي ڇڏيو، مٿان مسلمانن جي هٿان گرفتار ٿين، پوءِ انهيءَ (نگران) چوبدار، رانيءَ لاڏيءَ ڏانهن ڏسي ٻڌي چيو ته ”تنهنجي منهن جو بشرو اهڙو ڪليل آهي جو (معلوم ٿو ٿئي ته) تنهنجي دل عرب جي بادشاهه ڏانهن مائل آهي، ۽ تون ضرور انهيءَ جي رانيءَ ٿيندينءَ“. آخر جڏهن اسلام جي لشڪر حملو ڪيو ۽ مشرڪ ڀڄي ويا تڏهن هرهڪ نگران سندس حوالي ڪيل رانيءَ کي ڪُٺو؛ [اهو حال ڏسي] مان پاڻ کي اُت ٿان هيٺ ڦٽو ڪيو، ۽ وڃي جنگ جي [ميدان جي] وچ ۾ پيس؛ منهنجو نگران منهنجي ڪهڻ جو خيال ڇڏي ويو ڀڳو؛ پوءِ مسلمانن اچي مون کي گرفتار ڪيو ۽ امير محمد بن قاسم مون کي خريد ڪري پنهنجي نڪاح ۾ آندو.

(آسماني فتح ۽ ڪافرن جي مغلوب ٿيڻ جي خبر:) سنڌ جا مشائخ خبرون ٿا ڪن ته، جڏهن آسماني مدد ۽ خدائي تائيد عربن جي حال جي موافق ٿي، ۽ ڪافر ڀڄي ويا، تڏهن محمد بن قاسم انهيءَ احوال جي فتح جو خط حجاج بن يوسف ڏانهن لکي موڪليو [١٨٦].

محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن ڏاهر جي ڪسڻ ۽ حڪومت تي قبضي ڪرڻ جو فتحنامو لکڻ.

”محمد بن قاسم بي انداز خدمتن ۽ گهڻي سلامن کان پوءِ عراق ۽ هند جي امير حجاج بن يوسف جي راءِ اڳيان عرض ٿو ڪري ته: بادشاهه (الله) سُبحانَهُ و تعاليٰ ڏ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تَقَدَّسَتْ آسْمَائُهٗ (جو پاڪ ۽ سڀ بلند آهي ۽ مقدس نالا پاڪ آهن) پنهنجي عام فضل ۽ سڳوري لطف سان، پنهنجي طرفان ڪاڻ دلير جنگي جوانن ۽ دلير بهادرن جهڙي ٻانهن ڪي آبدار ترارين تان قربان ڪرڻ ڪان پوءِ، اسلامي لشڪر ڪافرن ڪي، جنهن ۾ مست هاٿي ۽ هٿيارن ۾ ٻڏل ڪافر سوار هئا، شڪست خورده ۽ ذليل ڪيو. هنن جا هاٿي، گهوڙا، سامان، ڪپڙا، ٻانها ۽ چوپايو مال سمورا اسان جي قبضي ۾ آيا، جن جو پنجون حصو دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪيو ويو. الله تعالي جي ڪرم سان اها اميد آهي ته جيئن هن ڪم جي ابتدا نيڪ ٿي آهي، تيئن هند ۽ سنڌ جا سارا ملڪ اسان جي اقتدار ۽ حڪومت هيٺ ايندا ۽ حوالي ٿيندا. إنْ شَاءَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ.

ڏاهر جو سر عراق ڏانهن موڪلڻ.

پوءِ [محمد بن قاسم] ڏاهر جو سِرُ، صَارِمْ بن آبِيْ صَارِمْ جي حوالي ڪري، [ساڻس گڏ] بني قيس قبيلي مان آ بوقيْس مقرر ڪيائين. [تنهن ڪان سواءِ] ذَڪْوان بن عَلْوان البڪري يزيد بن مُجالد (٢) هَمْداني، زياد بن الحَواري الَعتيڪي(٢)

---

(١) پ: ”مخالف“ ٻن جهلي نسخن ۾ ”مخالد“ جا پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ به اختيار ڪيل آهي. مگر ”مخالد“ حقيقت ۾ ”مجالد“ جي تصحيف آهي، جنهنڪري اسان متن ۾ ”مجالد“ لکيو آهي. بشڪريه استاد عبدالعزيز الميمني. (ڻ-ب) (٢) اصل ۾ ”العبدي“ جو غالباً صحيح نه آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٨٧]. (ڻ-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ ٻيا ٻه ڏکڻي جا ماڻي ٻنائي روانا ڪيائين [١٨٧].
(خط ۾) سنڌ سارا ڪولي بيان ڪيائين، ۽ چيائين ته:
”هي فتح هنن جي قوت، ڌڻپي، امداد ۽ همراهي سان ٿي
آهي.“ هند [يعني سنڌ] جي جن رئيسن لڙائيءَ ۾ خوشي
ڏيکاري هئي، تن جا سر ٻه عراق موڪليا ويا، ۽ خط ۾ نالي
به نالي داخل ڪيا ويا.

امير حجاج جي ڪعب سان گفتگو

پوءِ جڏهن ڏاهر ۽ سنڌ راڻين جو مسيون، ۽
سنڌ حاڪمن جا جهنڊا ۽ چٽ، جيڪي [محمد بن قاسم]
تفصيل وار لکيا هئا، حجاج بن يوسف وٽ پهتا، تڏهن
پڇيائين ته: ”توهان جه ”ميمنه“ (يعني لشڪر جي ساڄي
جو مهندار) ڪير آهي؟“ ڪعب بن مخارق الراسبي چيو
ته: ”مان آهيان.“ تنهن تي حجاج چيو ته: ”محمد بن قاسم
پنهنجن ساٿين جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ هرهڪ کان جيڪي
ڏٺو، آزمايو يا معائنو ڪيو اٿس سو لکيو اٿس، پر تنهن جو
ڪوبه بيان نه ڪيو اٿس ۽ نه توکي ياد ڪيو اٿس.
بداء نه تنهنجي آزمائش جو ڪهڙو ذڪر آهي؟“ ڪعب
چيو ته: ”جڏهن ڪافرن جي رعب، حشمت، خوف ۽ هيبت
دلين ۾ اثر ڪيو ۽ ويٺو، تڏهن مان امير محمد بن قاسم
جي ڪنجڪ جهليو بيٺو هوس، ۽ هن منهنجي گردن ۾
هٿ وراڻي سون سان مشورو ڪيو ٿي، تنهن کان سواءِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن حملو ڪيائون، ۽ سوار سوار سان ۽ پيادو پيادي سان وڃي واڪيا ۽ نيزا ڳنڍيا، ۽ نيزن جي چهنبن ۽ ترارين جي ڌارن مان باهه جا شعلا هوا ۾ اڏامڻ لڳا، تڏهن محمد بن قاسم چيو هو ته آطعمني الشماء" (يعني مون کي پاڻي ڪاراءِ). حجاج چيو ته: "اهو غلط نه آهي [١٨٨] ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ پنهنجي قرآن مجيد ۾ خبر ڏني آهي ته (قوله تعاليٰ:) إِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيكُمْ بِنَهَرٍ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّي وَ مَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّي (١) (الله تعاليٰ توهان کي هڪ نهر سان آزمائڻ وارو آهي، پوءِ جيڪو انهيءَ سان پيئندو ته اهو منهنجي سنگت مان نه آهي، ۽ جيڪو انهيءَ سان نه پيئندو سو بيشڪ منهنجو سنگتي آهي).

جڏهن دشمن جي لشڪر سان مقابلو ٿيو، تڏهن ٻنهي لشڪرن جي سپاهين ڪهڙي ريت جنگ ڪئي؟

---

(١) هن آيت سڳوريءَ ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ "طعم" جو صيغو آيل آهي، جو عام طور "کائڻ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ محمدبن‌قاسم تي پڻ اهو اعتراض هو ته هن پريشاني جي حالت ۾ اسقيني الشماء جي بدران "اطعمني الشماء" چيو هو. (مترجم) آية سورة البقرة: رڪوع ٣٣: رشدي)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(خبر:) ٻوهه ڄڻهن ڏاهر جو مير حجاج جي آڏو رکي سنڌس چٽ ۽ جهنڊا اونڌا ڪيائون، ۽ قيدين کـــي جڻين وٽ ويهاريائون، تڏهن بني ثقيف جـــي هڪ ساٿيءَ پيرن ڀر بيهي راڄڙ جي فتح ۽ ڏاهر جي ڪسڻ ج ي خوشيءَ ۾ هي شعر چيو:

فُتِحَتْ بِلادُ السِّنْدِ بَعْدَ صُعُوْبَةٍ
وَ مَهَابَةٍ لِمُحَمَّدِ بْنِ الْقَاسِمِ،
سَاسَ الاُمُوْرَ سِيَاسَةً ثَقَفِيَّةً
بِشَهَامَةٍ مِنْهُ وَ رَاْيٍ حَازِمٍ
آذَنَ الاَمِيْرُ لَهُ غَدَاةً وَدَاعِهِ *
كَانَ الاَمِيْرُ مُوَدِّيًا فِي الْعَالِمِ
مَاغَابَ عَنْهُ مِنَ الاُمُوْرِ رَزَاقَةً
فِيْهِ الْيَقِيْنُ لَهُ عِيَانٌ * الْعَالِمِ
فَبِرُمْحِهِ فَنَصْرُ الا الله مُحَمَّدٌ
وَ بِسَيْفِهِ قَامَتْ نِسَاءُ مَآتِمِ *
وَ بِكَيْدِهِ سَاوَتْ بِهَامَةٍ دَاهِرٍ *
دَهْرُ الْبِغَالِ * إِلَي أَغَرَّ قَمَاقِمِ *

---

* فارسي ايڊيشن ۾ هن نشان وارين جاين تي لفظن جي صورتخطي هن طرح آهي جا صحيح نه آهي: وداعه؛ عيان؛ الماتم؛ داهير؛ الشيعال؛ قماقم؛ سبقتهم؛ داهر. ڪيل تصحيح استاد علامه عبدالعزيز الميمني طرفان آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اَلْمَالُ يَسْبِقُهُمْ * وَ كُلُّ خَرِيْدَةٍ

بَيْضَاءَ آنِسَةٍ كَظَبْيِ نَاعِمٍ

لاَ رَاسَ إِلاَّ رَاسَ دَاهِرَ * فَوْقَهُ

عِنْدَ الْمُلُوْكِ بِخَطْبِهِ الْمُتَفَاقِمِ

وَ نِسَائُهُ يَنْدُبْنَ نَوحَةَ حُرْقَةٍ

وَ خُيُولُهُ تَبْكِيْ بِدَمْعٍ سَاجِمٍ

[مشڪل ڪان پوءِ سنڌ جو ٿيو ملڪ فتح ليڪ،
قاسم جي پٽ محمد سهرا هئي سر بڌا.
آندائين ڪم، سياست ثقفي ۽ رعب تاب،
پڻ عقل دورانديش سان سڀ ڪم ڪيئين سڌا.
موڪل جي وقت ڪيس نصيحت ڪئي امير (حجاج)،
بيشڪ امير آهه، مؤدب ۽ رهنما.
چنڊيو هتان ته ڪنهن به گهڙيءَ هُنَ وقار کي،
هن جو يقين اهڙو، ڏسي جيئن ٿيو برملا.
هن پنهنجي تيزي سان مدد ڏيڻ جي ڪئي،
هن جي ترار سان ٿي ماتم جي صف بپا.
ڏاهر جو سر ڪٽجي آيو ان جي ئي عقل سان،
سهٺي سخي امير جي آڏو، جو با وفا.
تنهن جي اڳيان هو مال گهڻو ڪنواريون نازنين،
هرڻي نرم ڪان وڌ هيون نازڪ جي با صفا.
ڏاهر جي سر جو سيني سرن کان وڌڪ شان،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شاهن مڃيو ٿي تنهن کي ڪري پنهنجو بادشاهه.
حرمن سنڌس رنو ٿي رڻ جيئن ٿيون پاڪباز
زار و قطار، گهوڙا تنهن جا ٻه ٿي رنا.]

حجاج بن يوسف محمد بن قاسم کي؛ تمام گهڻو پيار ڪندو هو ۽ سندس [١٨٩] محبت سبب بيقرار رهندو هو. [انهي شعر پڙهڻ کان] پوءِ حجاج دل جي خوشيءَ سان هيءُ شعر پڙهيو:

إِنَّ الْمَنَايَا لَا يُبَالِي حَيْفَهَا
مَالَمْ يَنَلْنَ مُحَمَّدَ بْنَ الْقَاسِمِ

[ڏاهي اسان کي موت جي ظلمن جو ڪوبه خوف
قاسم جي پٽ جي سر کي ته جيسين نه مي رسيا]

تنهن کان پوءِ چيائين ته: محمد بن قاسم ڏانهن هر روز خط لکي روانو ڪرڻ اسان تي واجب آهي ته، جيئن انهيءَ اشاري ۽ طريقي سان سندس دل قوي ۽ طاقت واري ٿيندي رهي؛ [سو] لاڳيتو خط و ڪتابت جو رستو جاري رکندو آيو؛ ۽ هو پڻ حجاج جي حڪم تي عمل ڪندو آيو.

حجاج جي پنهنجي نياڻي، محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي حڪايت

بَنِي تَمِيْمْ جي هڪ ماڻهوءَ يَزِيْدْ [بن] ڪِنانه کان روايت ڪئي، جنهن چيو ته مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌو [جنهن چيو] ته: مان هڪ ڏينهن حجاج وٽ هوس جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[محمد بن قاسم کي] چيائين تہ: ”اي سوٽ (١) توکي وڏي درجي تي رسائڻو اٿر: جيکو بہ ڪم ھجيئي تہ مون کان گھر.“ محمد بن قاسم چيو: ”مون کي بادشاھہ بناء، ۽ پنھنجي نيائي مون کي ڏي.“ حجاج جي ھٿ ۾ ھڪ لڪڻ ھئي سا سندس مٿي تي ھڻي سندس پڳ ڊاھي وڌائين، ۽ ٻئي ڀيري پڇيائينس: ”جيڪا گھرج ھجيئي سا گھر.“ ھن وري بہ ساڳي ڳالھہ ورائي چئي. حجاج اھا لڪڻ ورائي ٻيو دفعو محمد بن قاسم جي مٿي تي ھڻين. وري ٽيون دفعو چيائينس: ”جيڪا گھرج ھجيئي سا گھر ۽ جيڪي دل ۾ اٿيئي سو چئو.“ محمد بن قاسم وري بہ سندس نيائيءَ جي گھر ڪئي. حجاج چيو تہ: ”توکي انھيءَ شرط تي ڏيندس تہ جڏھن وڏو ٿيندين ۽ شاھہ ٿيندين تہ لشڪر سان فارس (٢) يا ھند تي ڪاھيندين، اتي جو مال حاصل ڪندين، ۽ انھن ملڪن کي فتح ڪري قبضي ھيٺ آڻيندين“ [١٩٠].

حجاج جو ڪُوفہ جي جامع مسجد ۾ خطبو ڏيڻ.

ھن فتح جي مفسرن ھن طرح بيان ڪيو آھي تہ: ھڪ ٽولو جنھن نشان، جھنڊا، نغارا، ۽ ڏاھر ۽ ٻين ٺڪرن جا سر کڻي آيو، تڏھن حجاج جي حڪم سان ڪُوفہ جي شھر ۾ ڍنڍورو گھمايائون. پوءِ [حجاج] منبر تي چڙھي

---

(١) اصل ۾: اي ابن عم (٢) فارس ايران جي علائقي جو قديم نالو ھو. ھتي مراد ايران.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

الله تعاليٰ عَزّ اِسۡمُهٗ جي تعريف ڪري، پيغمبر عليه السلام تي صلوات پڙهي، محمدي حڪومت جي خدمتگارن جي گهڻي تعريف ڪئي، ۽ پوءِ چيائين ته: ”شام ۽ عرب وارن کي (١) سنڌ ۽ هند جي علائقن (١) فتح ڪرڻ، گهڻو مال، مهراڻ جو ملڻ پائي، ۽ ٻين انتها نعمتون، جي خدا عز و جل ڪين عطا ڪيون آهن، مبارڪ هجن شال!“ پوءِ مٿي فتحنامو ڪين پڙهي ٻڌائي خوشيون ڪيائين؛ ۽ جن ماڻهن لڙائي جي وقت شاندار ڪارناما ڏيکاريا هئا، تن کي وڏن درجن، قيمتي سروپائن ۽ بي انداز انعامن سان سرفراز ڪري، رنگا رنگي ۽ جڙاءدار وڳا پهرائي، وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ بن مروان وٽ موڪليائين، ۽ انهن کي خاص ماڻهن جي فهرست ۾ (داخل) فرمايائين؛ (انهن مان) ڪي (سنڌ) خدمت ۾ رهيا، ۽ ڪن کي واپس موڪليائين.

محمد بن قاسم جي جواب ۾ خط لکڻ

پوءِ حجاج، محمد بن قاسم جي خط جو جواب ڏنو ۽ ساراهن ڪرڻ ڪان پوءِ ان ۾ لکيائين ته: ”تو جيڪا ثقيف جي آزاد ڪيل غلام مُصۡعَبۡ جي ابڙي [١٩١] تعريف ڪئي آهي، سو هڪڙي فاسق جي تعريف ڪا مناسب آهي؟

---

(١)-(١) مطابق عبارت پ: ”گرفتن بلاد سند و هند“. فارسي ايڊيشن ۾ صرف ”گرفتن هند“ آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(باوجوديڪ) هيترا بزرگ، تنهنجي لشڪر ۾ موجود آهن، جهڙوڪ: بنو سُلَيم، بنو تَمِيم، ۽ تنهنجي والده حَبِيبَة العظمي، تنهنجو سڳو ڀاءُ مُطّلب بن قاسم، تنهنجو چاچو ۽ تنهنجو ٻيءَ ۾ ڪي گهٽ نه آهن؛ خود تو ۾ ٻين ڪابه گهٽتائي ۽ سستي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، ۽ سان انهن ڪي تنهنجي مٽ نٿو سمجهان. ڇا ڏاهر جي فتح ۾ هڪ منافق جي سهاري واجب هئي؟ جنهن جاءِ تي شامين ۽ عراقين منجهان خُرَيم بن عَمْرو، دارس بن اَيّوب، نُباتَه بن حَنظَلَه، هُذَيل بن سليمان ( )، [محمد بن] مُصْعَب بن عبدالرحمان، جَهْم بن زَحْر الجُعْفِي ذَڪوان بن عَلوان البَڪري، ڪعب بن مُخارق ۽ ٻيا ڏاڍا واڻسا بهادر مجاهد موجود هجن، اني هوڙن ڪي ڪم نو بچي! سڀني جي تربيت ڪندو رهج؛ ۽ نفساني خواهش ۽ لاڙي، چشم پوشي ۽ ڪوڙن کان پرهيز ڪندو رهج- والسلام.“

راوڙ جي غلامن جي خبر، جن سان ڪي راجا ڏاهر بن ڇچ جا ناتا هئا

(۽) ٻيو ابو ايوب هاشمي ۽ روايت ڪئي ته: علي بن عبدالله بن عباس جي آزاد ڪيل غلام جعفر بن سليمان جي

(١) هت جملي نسخن ۾ ”هذيل بن سليم“ ڄاڻايل آهي. غالباً صحيح هذيل بن سليمان آهي جنهن جو ذڪر هن کان اڳ ص [١٧٤] تي ۽ هن بعد وري ص [٢١٨] تي آيل آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پڻ مان هڪ ماڻهو وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ بن مروان وٽ ويو. انهيءَ ڏانهن، ڪعب بن مخارق الراسبي (١) [بن آيو هو] (٢)- ۽ چيائين ته: جڏهن ڏاهر بن چچ جو سر حاضر ڪري [١٩٣]، راجائن جي ڌيئن ۽ رائين جهڙن غلامن کي جتين جي قطار وٽ اچي بيهاريائون، ته ڪعب انهن کي سڃاڻندو ٿي ويو. آخر جڏهن ڏاهر جي ڌيئن ۽ پائيچيءَ کي پيش ڪيائون، تڏهن وقت جو خليفو هن جي حالت ۽ صورت تي تعجب ڪائي لڳو. پوءِ خليفي چيو: ”اي ڪعب! هيءَ راجا جي ڌيءُ آهي ۽ پاڪيزه مهانڊي واري آهي: هن کي تون ولي وچي [پنهنجي] زال بناءِ.“ (ڪعب چيو ته: ”ان وقت آءٌ جوان هئس، هن کي پنهنجي گهر نيئي زال بنايم، ۽ گهڻو ڪري زالون وٽس اچي ڪاڻس داناءي جون ڳالهيون ۽ نصيحت پرائينديون هيون، پر انهيءَ مان ڪوبه ٻار پيدا نه ٿيو.“

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ الراسبي. پ: الرائي; ز: الراسبي. (٢) اصل متن ۾ [بن آيو هو] جي برابر فارسي عبارت ڪٽل آهي، جنهنڪري ”۽ چيائين“ جو ضمير بن ”ڪعب“ ڏانهن وري ٿو حقيقت ۾ ”۽ چيائين“ يعني جعفر بن سليمان جو پٽ جو خليفي وٽ ويو هو تنهن چيو. اسان [بن آيو هو] جا الفاظ، ص [١٩٥] تي ڏنل عبارت، ”ڪعب بن مخارق با خمس و زنان بجانب خليفه فرستاده شد“ جي آڌار تي وڌايا آهن. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڄئسينھ ٻن ڏاهر جو غرور سان راوڙ جي قلعي ۾ ويھڪ ڪرڻ، ۽ جنگ ڪرڻ جي خبر.

خبرن جي راوين پنهنجن معتبرن کان روايت ڪئي آهي ته: ڏاهر جي مارجي وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ ۽ راڻي ماين (١). جا سندس [ڏاهر جي] ڀيڻ هئي ۽ جن کي اڄاڻو زال ٻڌائي پنهنجي چٽ هيٺ وٺھاري ھٿائين. شهزادن جي لشڪر سميت راوڙ جي قلعي ۾ وڃي قلعيبند ٿيا. ڄئسينھ پنهنجي مردانگي، طاقت ۽ ڏهڻي تي مست هو، ۽ پورو پورو هوس، سو جنگ لاءِ تيار رهيو. محمد علافي ساڻس همراهه هو. جڏهن ڏاهر جي مارجڻ ۽ سفيد هاٿيءَ جي قتل جي خبر پهتي، تڏهن ڏاهر جي پٽ ڄئسينھ چيو: "دشمن سان سامهون ٿي، ننگ ناموس خاطر ترار هڻنداسون، پوءِ جيڪڏهن ڪسي وياسون ته به ضايع نه ٿياسون." سياڪر وزير چيو: "شاهزادي جي راءِ غلط آهي. اسان جو راجا ڪسي ويو، ۽ لشڪر شڪست کاڌي. اسان جو لشڪر ڇڙوڇڙ

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي هي نالو "بائي" ڪري لکيو ويو آهي حالانڪ هن کان اڳ [ص ص، ٥٤، ٥٦، ٥٧، ٥٩ ۽ ٦١] هر جڳهه "ماين" ڪري لکيو ويو آهي. اسان هن جاءِ تي ا، ٻوين صفحن مطابق "ماين" ڪري لکيو آهي. هت مختلف نسخن جون پڙهتيون هن طرح آهن پ،ر،ڪ: مائي؛ م: مائين؛ ن، ب ۽ بائيءَ (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٿي ويو، ۽ اسان جون دليون دشمن جي ترار جي هيبت جي رعب سببان جنگ کان نفرت ڪري رهيون آهن. [اهڙيءَ حالت ۾] توهان عربن سان جنگ ڪيئن ڪندين؟ اڃا ولايت قائم آهي، [١٩٣] ۽ پختا قلعا، جنگي بهادرن ۽ رعيت سان مضبوط آهن. [تنهنڪري] چڱي صلاح اها آهي ته برهمڻاباد جي قلعي ۾ هلون: اهو قلعو راجا جي ابن ڏاڏن جي ميراث، ۽ راجا ڏاهر جي رهڻ جو هنڌ آهي؛ [اتي] خزانا ۽ دفينا موجود آهن، ۽ اتي جا رهاڪو راجا چچ جي خاندان سان موافق ۽ خيرخواه آهن: دشمن سان وڙهڻ ۾ اهي سڀ توسان مددگار ٿيندا." [پوءِ] عيلافيءَ کان پڇيائين ته: "هن باري ۾ تنهنجي ڪهڙي مصلحت آهي؟" هن چيو: "منهنجي چڱي راءِ به اها آهي." جيسينه هن سان متفق راءِ ٿي، پنهنجي تابعدارن، لاڳاپيدارن ۽ معتمدن سميت برهمڻاباد ڏانهن ڪوچ ڪيو. ڏاهر جي زال مائين (١) ٻين سردارن (٢) جي مدد سان راوڙ جي قلعي ۾ لڙائي واسطي تيار ٿي ويٺي. جانچ ڪرڻ تي پندرهن هزار جنگي جوان ڳڻيا ويا، جي سڀ موت لاءِ تيار ٿي ويٺا. صبح جو جڏهين ڪين معلوم ٿيو ته راجا ڏاهر مهراڻ نديءَ جي وچ ۾ ٻڏي واهر وٽ ڪسي ويو، تڏهن اها خبر ٻڌي جن

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي به هي نالو "بائي" ڪري لکيل آهي. ڪيل ترميم لاءِ ڏسو ساميون حاشيه ص ٢٨٠. (ن-ب) (٢) اصل لفظ "ملوڪ" جنهن جي لفظي معنيٰ "بادشاهن" ٿيندي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راوَتن، راڻي مائين (١) سان عهد ڪيو هو. سي سڀ قلعيبند ٿي ويٺا. هن خبر ٻڌڻ تي محمد بن قاسم راوڙ جي قلعي ڏانهن رخ رکيو ۽ آخر اچي قلعي جي هيٺان پهتو. [هو ڏانهن مخالفن] قلعي ۽ برجن جي مٿان دهل ۽ شرنايون وڄائي، منجنيقن ۽ مشينن مان پٿر، تير ۽ نيزا وسائڻ شروع ڪيا.

راوڙ جو قلعو وٺڻ ۽ ڏاهر جي زال مائين (١) جو پاڻ کي ساڙڻ.

پوءِ محمد بن قاسم لشڪر ئاهي ويهاريو، ۽ ڪامورن کي قلعي جي برجن کي ڪاٽ هڻڻ لاءِ مقرر ڪري، لشڪر کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصي ڏينهن جو منجنيق، تيرن ۽ نيزن سان جنگ ڪئي، ۽ ٻئي حصي رات جو نفط ۽ زرنيخ (٢) سان. [اهڙيءَ طرح رات ڏينهن] پٿر ماريندا رهيا جيستائين قلعي جا برج اچي هيٺ ڪريا. ڏاهر جي پٽ مائين (١) زالن کي گڏ ڪري [١٩٤] چيو:

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ”بائي“. (٢) فارسي ايڊيشن ۾ ”قرداغ“، جا اڪثر نسخن جي پڙهڻي آهي سواءِ ھر، جي جنهن جي قرات ”قرداج“ آهي. ”قرداغ“ لفظ بي معنيٰ نه آهي ۽ ڪنهن به لغت ۾ نٿو ملي: غالباً هيءُ لفظ ”زرنيخ“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. جو علم ڪيميا ۾ ”نفط ۽ زرنيخ“ ناﻻ گڏوگڏ ملن ٿا (ڏسو انسائڪلو پيڊيا آف اسلام، تحت عنوان ”الڪيميا“. بشڪريه محترم قاضي احمد ميان اختر). زرنيخ، زرنيق يا زرني يعني هڙتال، جو باھ جي آلن اٿارڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. زرنيخ احمر (Red arsenic)؛ زرنيخ اصفر (Yellow arsenic)؛ زرنيخ قرمز (Realgar). (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”جيئسينگهہ اسان کان ڌار ٿي ويو، ۽ محمد بن قاسم اچي رهيو؛ بيشڪ اسان کي هن ڪوڙن ڪاڏڪ چنڊالن کان ڇوٽڪارو ڪونہ ٿيندو. اسان جي عزت برباد ٿي چڪي ۽ مهلت پوري ٿي. جڏهن ڇوٽڪاري جي اميد ڪانہ آهي، تڏهن ڪاٺيون، ڪپاهہ ۽ تيل گڏ ڪري گهرجن. منهنجي راءِ جي تقاضا آهي تہ پاڻ کي باهہ جو نذر ڪري علي پنهنجن مڙسن سان ملون. جنهن کي بہ وڃي اسانً وٽي هجي تہ ــ پلي وڃي، ممڪن آهي تہ ڪنهن نجات ملي وڃي.“ [پوءِ سڀ] گهر ۾ اندر ويون ۽ باهہ ٻاري پاڻ کي ساڙيائون. محمد بن قاسم قلعو پنهنجي قبضي ۾ آڻي، ٻي ڏينهن اتي رهيو، ۽ انهن ڇهن هزارن جنگي مردن کي مارياٺين جيڪي قلعي ۾ [لڙي رهيا] هئا، ۽ ڪن کي تيرن جو نشان ڪيائون. تنهن کان پوءِ (باقي) جيڪي بہ هيا تابعدار ۽ لاڳاپيدار، ڇهوڪ زالون ۽ ٻار رهيا، تن کي قيد ڪيائون.

ٻانهن، روڪڙ ۽ ڪپڙن جي تعداد جو بيان.

روايتن ۾ آئين ٿا تہ: جڏهن راوڙ جو قلعو فتح ٿيو، ۽ جيئسينگهہ سان گڏ جيڪي ڪجهي ويو، تنهن کان سواءِ ٻيا خزانا مال ۽ هٿيار هٿ آيا، تڏهن اهي سڀ محمد بن قاسم جي اڳيان آڻي حاضر ڪيائون. جڏهن ٻانهان شمار ڪيائون تہ (ڏٺو ويو تہ) ٽيهہ هزار ٻانهان هٿ آيا هئا، جن مان ٽيهہ راجائن جون ڌيون هيون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راڄا ڏاهر جي ڀاڻيجي "حسنه" (١) نالي ٻن اُنهن ۾ هئي، جي سڀ حجاج ڏانهن موڪليائين. پوءِ ڏاهر جو سر ۽ هٿ ۽ بانهون جو پنجون حصو ڪعب بن مُخارق الراسبي (٢) جي هٿان عراق موڪليائين. جڏهن ڏاهر جو سر، ڳالهين ۽ مال حجاج وٽ پهتا، تڏهن حجاج، سجدي ۾ سر [١٩٥] رکي شڪراني جون ٻه رڪعتون ادا ڪيون، ۽ گهڻي تعريف ڪرڻ بعد چيائين ته: بيشڪ سڀ خزانا، دفينا، مال ۽ دنيا جو ملڪ مون کي ملي چڪو.

حجاج جو ڏاهر جو سر ۽ ان جا جهنڊا دارالخلافت ۾ موڪلڻ

پوءِ حجاج اهو ڏاهر جو سر، ڇٽ، غلام ۽ مال وقت جي خليفي وليد ڏانهن موڪليا، (جڏهن پهچ) خط پڙهڻ شرط خداءِ تعاليٰ عزّوجلّ جي تعريف ۽ شڪرانا چئي، انهن غلام شهزادين کي فروخت ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ ڪي [ڪن ماڻهن کي] انعام طور ڏنائين. راڄا ڏاهر جي ڀاڻيجي "حسنه" کي ڏسي متعجب ٿيو ۽ سندس حسن ۽ جمال ڏسي حيرت ۾ ٻڌجي ويو. پوءِ عبدالله [بن] عباس انهيءَ جي گهر ڪئي، ته عبدالله بن عباس کي چيائين:

---

(١) يعني سهڻي- هيءَ غالباً اصل نالي جو عربي ترجمو آهي. (ن-ب)
(٢) اصل ۾ "راسبي".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”اي سوٽ! هن ٻانهيءَ کي نهايت ڪامل ۽ سهڻو ڏسو ڏسان، ۽ اهڙو موهجي پيو آهيان جو [ٻانهيان ٿو ته] انهيءَ کي پنهنجي لاءِ سنڀالي رکان؛ ليڪن مناسب ائين ٿيندو ته، تون ڪيس پنهنجي ارولد (زال) بڻائين، جو تو لاءِ وڌيڪ مناسب آهي.“ ٻوءِ اجازت موجب عبدالله انهيءَ کي نڪاح ۾ آندو، ۽ هوءَ ڪيتري مدت هن جي تعلق ۾ رهي، پر ان مان ڪوبه ٻار پيدا ڪونه ٿيو.

راوڙ جي فتح جي خبر سان گڏ ٻوه حجاج جو خط.

ڳالهه جا راوي چون ٿا ته: جڏهن راوڙ جي فتح حاصل ٿي، ۽ [محمد بن قاسم] عام ماڻهن جي ڪاروبار کان فارغ ٿيو، ۽ حجاج کي اهو فتحنامو پهتو، تڏهن خط جو جواب لکيائين - (جواب:) [١٩٦] ”اي سوٽ! تنهنجو جان کي خوشي ڏيندڙ خط پهتو، ۽ پهچڻ سان خوشي ۽ سرور ۾ واڌارو ٿيو، ۽ انهيءَ تي پورو ۽ سهڻو فخر حاصل ٿيو ته جيڪو بنياد خواه قاعدو رکيو آهي سو شرع جي طريقي تي آهي، سواءِ انهيءَ هڪ امان ڏيڻ جي دستور جي؛ تون خاص ۽ عام کي امان ٿو ڏين، ۽ دوست ۽ دشمن جو فرق نٿو ڪرين. الله تعاليٰ جو قول آهي (١) يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا إِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ

(١) ٻيڪي آية صرف هيءَ آهي: اذا لقيتم الذين كفروا فضرب الرقاب (سورة محمد: رڪوع - ١). (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪافرن سان مقابلو ڪريو تہ، پوءِ (سندن) ڪنڌ لاهيو). تنهنڪري چائڻ گهرجي تہ خدا عزّ و جلّ جو فرمان وڏو آهي. توکي اسان ڏيڻ جو حرص نہ ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ۾ ڪم ٿو گهرجي. هن ڪان پوءِ ڪنهن بہ دشمن کي امانُ نہ ڏي، ورنہ سڀئي عقل جو ضعف ۽ ڍلائي جو فتور سمجهندا. والسلام- نافع سنہ ٿيانوي ۾ لکيو."

جيسينہ جو برهمڻ آباد مان اروڙ ڀائيہ ۽ ٻين پاسن ڏانهن خط لکي موڪلڻ

خبرن جي روايت ڪندڙن ڏاهر جي قتل ۽ محمد بن قاسم الثقفي جي حالات بہ ڪن پيرمرد برهمڻ کان هن طرح آندو آهي تہ: جڏهن راجا ڏاهر لعنتي دوزخ ڏانهن روانو ٿيو، جيسينہ وڃي برهمڻاباد ۾ قلعيبند ٿيو، ۽ راوڙ جي فتح حاصل ٿي، تڏهن جيسينہ لڙائي جي تياري ۽ بندوبست ڪندي چوڌاري خط روانا ڪيا. پهريون اروڙ جي تختگاهہ ۾ پنهنجي ڀاءُ گوپي (١) پٽ ڏاهر ڏانهن، ٻيو ڀاٽيہ جي قلعي ۾ پنهنجي ڀائٽي چچ پٽ ڏهرسينہ ڏانهن، ۽ ٽيون (خط) ٻڌيہ ۽ ڪيڪانان جي ڀاسي پنهنجي سوٽ ڍول (٢) پٽ چندر ڏانهن؛ [١٩٧] انهن [خطن] ۾ ڏاهر جي

---

(١) اصل متن ۾ "فوفي" آهي: ڪيل ترميم لاءِ ڏسو متي حاشيہ، ص [١٥٥]. (ن - ب) (٢) اصل لفظ "دهول" جنهن کي اسان سنڌي نالي جي اصليت جي لحاظ سان ڍول ڪري لکيو آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مارجي وڃڻ جو اطلاع ڏيڻ کان پوءِ تسلي ڏنائين، ۽ پاڻ بهادر مردن کي ساڻ ڪري برهمڻاباد ۾ لڙائي لاءِ تيار ٿي ويٺو.

ڀورور ۽ دهليله جي لڙائي ۽ ٻنهي جي فتح ڪرڻ جي خبر.

پوءِ محمد بن قاسم برهمڻاباد جو پڪو ارادو ڪيو. اهو شهر آباد ۽ سنڌ ملڪ ڪشادو ۽ سرسبز هو. راوڙ ۽ برهمڻاباد جي وچ ۾ ٻه قلعا هئا. جن کي ڀهرور ۽ ڏهليلو سڏيندا هئا. انهن قلعن ۾ اٽڪل سورهن هزار جنگي مرد موجود هئا. محمد بن قاسم اتي پهچي انهن کي چوطرف گهيرو ڪيو. جڏهن لڙائي ڏکي ٿي، تڏهن محمد بن قاسم جي حڪم ڪرڻ تي لشڪر جو ڪجهه حصو ڏينهن جو جنگ ڪندو رهيو ته ڪجهه رات جو نفط ۽ منجنيق ڦٽيندو رهيو. نيٺ سنڌن [قلعيوارن جا] سڀ لڙائي ڪندڙ مرد ڪسي ويا، ۽ قلعي جون پٿيون ڪيرائي قلعي ۾ اندر اچي ٻانهان ۽ غلام گرفتار ڪيائون، ۽ گهڻو مال هٿ ڪري، پنجون حصو وٺي دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪيائون.

جڏهن راوڙ ۽ ڀهرور جي فتح ٿيڻ جي خبر دهليله ۾ پهتي تڏهن ڄاتائون ته: محمد بن قاسم وٽ ڪافي ساز و سامان آهي. اسان کي ڪائنس بيپرواهه نه ٿيڻ گهرجي، (سو) واپاري هندستان ڏانهن هليا ويا، ۽ جنگي جوڌا پنهنجي ملڪ (جي بچاءَ) لاءِ ڪڙا ٿيا. آخر محمد بن قاسم ۾ دهليله

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ پهتو، اٽڪل ٻه مهينا اتي رهيو. جڏهن قلعيوارا تنگ ٿيا، ۽ [١٩٨] ڪين يقين ٿيو ته ڪنهن ٻه طرف کان مدد ڪانه پهچندي، تڏهن موت جا ڪپڙا پاتائين، پاڻ کي عطر ۽ خوشبوءِ سڪي، پنهنجن ٻارن ٻچن کي قلعي جي انهي دروازي کان ٻاهر موڪليائون، جنهن جو رخ ريگستان ڏانهن هو، ۽ (پاڻ) منجهل نهر (١) سان ٻار ٽپيا، ۽ مسلمانن کي هن حال جي خبر ڪانه رهي.

ڏاهليله جي راڄا جو ٻڃي وڃڻ.

جڏهن صبح صادق اڏاري، رات جي پردي مان ٻاهر نڪتو تڏهن محمد بن قاسم کي انهن ماڻهن جي نڪري وڃڻ جو حال معلول ٿيو. پنهنجو ڪجهه لشڪر سندن پويان روانو ڪيائين، جن انهن مان ڪن کي نهر (٢) اپندي وڃي پڪڙيو، ۽ سيني کي خونخوار تلوار جو ڪاج بنايو، جيڪي اڳ ۾ لڀي ويا هئا، سي جيسلمير ۽ ريگستان جي رستن کان هندستان جي سيبر (٣) ملڪ ڏانهن هليا ويا. انهن جي بادشاه جو نالو ديوراج (٤) هو، جو ڏاهر جو سوٽ هو.

(١) اصل ۾: آب منجهول (٢) اصل لفظ "جوي" جنهن جو ترجمو "نهر" ڪيو ويو آهي (٣) پ: پيلا: هند و سيوُر؛ ن، ب، ح: سيفر (٤) پ: ديوارا؛ ن: ديوار؛ ب، ح، س، ڪ: ديوار.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دهليله جي فتح ۽ خزاني جو پنجون حصو دارالخلافت

ڏانهن موڪلڻ

محمد بن قاسم جڏهن دهليله جي لڙائي کان واندو ٿي ان کي فتح ڪيو، تڏهن مال جو پنجون حصو دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪري بهرور ۽ دهليله جو فتحنامو حجاج ڏانهن لکي (ڪري) پورو احوال ٻڌايائين.

سياڪر وزير جو اچڻ ۽ امان گهرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم هندستان جي بادشاهن ڏانهن چوطرف خط لکي کانئن اسلام ۽ فرمانبرداريءَ جي گهر ڪئي. ڏاهر جي وزير سياڪر هن حقيقت ٻڌڻ تي پنهنجا پروسي جوڳا ماڻهو موڪلي امان گهري، ۽ اهي مسلمان زالون جيڪي قيد هيون سي پاڻ سان آنديون [۽ چيو] ته: هي اهي مسلمان عورتون آهن جن حجاج جو ڪالو ولي ٿي دانهون ڪيون [١٩٩].

سياڪر جو وزير ٿيڻ.

محمد بن قاسم انهيءَ جي عزت افزائي لاءِ سندس آڏو وڏا ماڻهو استقبال لاءِ روانا ڪيا، ۽ عزت ۽ تعظيم سان مٿس ڏاڍيون مهربانيون ڪري، وزارت جو ڪم سندس حوالي ڪيو، ۽ هو (پڻ) مسلمانن جو خيرخواهه رهندو آيو، ۽ امير محمد بن قاسم کي جيڪا به صلاح يا راز جي ڳالهه

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻي هوندي هئي، سا حاصل ڪندو هو، ۽ ڪانئس صلاح وٺندو هو، بادشاهيءَ جون سڀ ڳالهيون، صلاحون ۽ ضروري ڪاروبار جو انتظام يا بادشاهيءَ جي سلامتيءَ (جو احوال) کيس ٻڌائيندو هو. هو محمد بن قاسم کي چوندو هو ته: "هيءَ صلاح ۽ راءِ، جا امير عادل چوي ٿو سا هنن جي سيني ملڪن کي قبضي ۾ آڻيندي، بادشاهيءَ جي قاعدن جا آداب ۽ حڪومت جي قانون جو انتظام، جو انهيءَ ۾ سمايل آهي، سو سيني دشمنن کي مغلوب ۽ ذليل ڪندو، رعيت ۽ ڏيل پرينڊون جي دلجوئي ٿيندي." [۽ پڻ هو چوندو هو ته:] "ديواني مال جي قانون کي قديمي دستور موجب قائم ۽ مقدم رکيو وڃي؛ ۽ جنهن صورت ۾ انهيءَ ۾ ڪابه زيادتي ڪانه آهي، تنهنڪري ڪنهن به ماڻهوءَ کي ايذاءُ نه رسندو، ۽ اها صلاح ڪامورن ۽ دوستن جي تربيت ڪندي."

ثوبۃ بن هارون کي دهليله جي حڪومت عطا ڪرڻ.

ڪي ماڻهو روايت ڪن ٿا ته: جڏهن دهليله فتح ٿيو ته محمد بن قاسم ثوبۃ بن هارون کي سندي ڪانئس بيعت ورتي، ۽ آنان کان وڌاتيھ (١) تائين ملڪ سندس انتظام هيٺ ڏنائين، ڪناري جي ٻيڙين جو ڪم سندس حوالي ڪيو؛ پڻ انهيءَ قلعي جي ايرندي ۽ الهندي ڪناري جو پورو ڪاروبار سندس هٿ ۾ ڏنائين. اتان ڪان

---

(١) س: ودهاته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

برھمڻاباد ٽي ميل ھو، ۽ جيسينھ [پٽ] ڏاھر کي پڻ خبر پھتي تہ اسلام جو لشڪر پھچي رھيو آھي [٣٠٠]

عرب جي لشڪر جو جلوالي (١) ڍوري (يا ڍنڍ) (٢) جي ڪناري تي لھڻ، ۽ اسلام ڏانھن دعوت ڏيڻ لاءِ قاصد موڪلڻ.

پوءِ محمد بن قاسم دھليلہ کان منزل پٽي، برھمڻاباد جي ايرندي طرف "نھر جلواليءَ" (١) جي ڪناري تي وڃي لٿو، ۽ پنھنجو اعتماد جوڳو قاصد برھمڻاباد موڪلي، (انھن کي) تابعداري ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ جي دعوت ڏنائين، ۽ کين اسلام ۽ جزيي جي آڇ ڪيائين: (اھو بہ چيائين) تہ

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ھن لفظ جي صورتخطي "جلواني" ڏنل آھي؛ مگر ھن ڇپائي جي ماخذ ٽن ب ر م جھڙن معتبر نسخن جي متفق پڙھڻي "جلوالي" آھي، ۽ ن ب ح ڪ جي "علوالي"، جا پڻ غالباً "جلوالي" جي تصحيف آھي. وري ھيٺ ص [٢١٦] تي بہ ب جھڙي قديم نسخي جي قراءت "جلوالي" آھي؛ انھيءَ ڪري اسان اھا ئي پڙھڻي اختيار ڪئي آھي. وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [٢٠١]. (ن-ب) (٢) اصل لفظ: "آبگير" جنھن جي لفظي معنيٰ "تلاءُ" مگر ڪناري جي مفھوم جي نقطہ نظر سان ڍنڍ يا ڍوري جي معنيٰ بہ نڪري سگھي ٿي. مٿي ص [١٦٠] تي "آبگير" جو "خليج" جي مترادف ڪم آندو ويو آھي. جڏھن تہ ھت ھيٺ وري "نھر جلوالي" استعمال ٿيو آھي، انھيءَ ڪري اسان ھت "آبگير" جي معنيٰ ۾ "ڍوري" کي ترجيح ڏني آھي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪڏهن فرمانبرداري قبول نہ ڪندا تہ پوءِ لڙائي لاءِ تيار رهو. جيئسينگهہ [پٽ] ڏاهر، قاصد جي پهچڻ کان اڳ برهمني چنيسر (١) طرف ويل هو. [برهمناباد جي] قلعي کي چار دروازا هئا، تنهنڪري [جيئسينگهہ] شهر جي رئيسن مان سورهن ماڻهو چونڊي، هرهڪ دروازي تي چار ماڻهو اڳواڻ ڪري، ننهنجي فوج سميت مقرر ڪري ويو هو. انهن دروازن مان هڪ دروازي کي جريطري (٢) چوندا هئا. چار رئيس ماڻهو انهيءَ دروازي لاءِ بہ جوابدار ٺهرايا هئائين: هڪ کي ڀهارند، ٻئي کي ساٽيا، ٽئين کي ٻنوره (٣) ۽ چوٿين کي ساٺها [تي سڏيائون].

رجب مهيني جي ڇهين تاريخ تي محمد بن قاسم جو اچي لهڻ.

محمد بن قاسم اتي پهچڻ تي ڪاهي ڪوٽ جو حڪم ڏنو.

---

(١) هيءَ پڙهڻي م ر مطابق آهي؛ پ جي پڙهڻي "جنيسر" آهي جا ان جي مشابهہ آهي؛ ن: جيسرا؛ ب ح: جيسر؛ س: چنيرءَ ڪ: جهنيسر. (ن-ب) (٢) هي فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي آهي جا غالباً پ مطابق آهي؛ ر: جوبطري يا جوبطري؛ م: جوبطري؛ ن ب س: حريطري؛ ح: حريطہ. (٣) "بنوره" قديم نسخي پ جي پڙهڻي آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏيئي ترجمي ۾ رکيو آهي. ن ب ۾ "سنوده" ۽ س ڪ ۾ "سنوره" آهي، ۽ انهن پڙهڻين جو پويون حصو بہ تقريباً پ جي پڙهڻي مطابق آهي. فارسي ايڊيشن ۾ "هاليہ" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي جا غالباً فقط نسخي م مطابق آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سومر ڏينهن (١) ٻهرين رجب تي لڙائي شروع ڪيائون. مشرڪن ڏهاڙي ٻاهر نڪري لڙائي تي ڪٺي ۽ نغارا ٿي وڄايا. اٽڪل چاليهه هزار جنگي جوان هئا. صبح جي شروع ٿيڻ کان شام جي پوري ٿيڻ تائين، ٻنهي طرفن وارا سخت لڙائي ڪندا هئا، ۽ جڏهن [٢٠١] تارن جو بادشاهه (سج) لهڻ جو ارادو ڪندو هو، تڏهن موٽي ويندا هئا؛ مسلمان ڪاهيءَ جي اندر ايندا هئا ۽ ڪافر قلعي ۾ ويندا هئا. اهڙي دستور ڇهه مهنا پورا ٿيا. جڏهن [محمد بن قاسم] قلعي هٿ ڪرڻ کان نااميد ٿيو، تڏهن گهٽيءَ ۾ پنجي ويو. [اهو وقت] ذوالحج مهني جي ڇهاڙي ۽ آچر جو ڏينهن سنه ٺيانوي (٢) [هو].

جيمسينه، رمل جي بادشاهه ڏانهن ويو هو، جنهن کي ياڻيڪا ۾ چوندا هئا. انهن وري موٽي، رستا ڦري اسلام جي لشڪر کي تڪليفون پئي ڏنائين.

موڪي ڏانهن معتمد ماڻهو موڪلڻ.

محمد بن قاسم، موڪي [بسٽ] وسايي (٣) ڏانهن هڪ اعتماد جوڳو ماڻهو موڪلي، (ڪيس) هن حال کان واقف ڪيو ته: "اسان کي جيمسينه جي طرفان وقت بوقت تڪليف ٿي پهچي،

---

(١) ب جي پڙهڻي "دو شنبه" يعني "سومر ڏينهن" آهي، مگر ٻين جملي نسخن، ر م ن ب ڪ س، مطابق "روز شنبه" يعني "آچر ڏينهن" آهي. (ن-ب). (٢) هن سنه ۾ غلطي آهي؛ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٠٢]. (ن-ب) (٣) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي "موڪه پسايه" آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چاڪاڻ تہ لشڪر جي گاهہ کي نقصان رسائي تنگ ڪري. هن لاءِ ڪهڙي رٿ آهي؟" (روايت): موکي چوائي موڪليو تہ: "هن جي رهڻ جي جاءِ ويجهي آهي. هن کي اتان تڙي ڪيڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ بهتر حيلو ڪونہ آهي. [توهان کي] پنهنجي لشڪر سان کي اعتماد جوڳا بزرگ موڪلڻ گهرجن تہ سندن ٻاڙ اتان پٽي ڪيون."

جيسينہ جو چترور (۱) وڃڻ

پوءِ نُباتہ(۲) بن حَنظَلہ ڪِلابي، عَطِيہ تغلبي (۳)، صارم بن آبي صارم همداني، عبدالملک مدني پنهنجن پنهنجن سوارن سميت [موڪليائين]؛ موکي بہ ٽ وسايي کي سندن ساز و سامان تيار ڪري روانو ڪيائين ۽ خريم بن عمرو المدني (۴) کي (انهن جو) سپهہ سالار بنايائين. جيسينہ کي (جڏهن) عرب جي لشڪر جي ٻاهر نڪرڻ جي خبر پيئي تہ اتان مال

(۱) "چترور" پڙهني ب مطابق آهي: ز م: جترور فارسي ايڊيشن ۾ "چتور" پڙهني اختيار ڪيل آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص ۳۶. (ن-ب) (۲) اصل ۾: بناته (۳) فارسي متن ۾ "عطيہ ثعلبي"؛ غالباً صحيح "تغلبي" آهي، جنهن لاءِ ڏسو متي حاشيہ (۱) ص ۲۲۳. (ن-ب) (۴) فارسي ايڊيشن ۾ هيءَ نسبة "الديهي" طور ڏنل آهي ۽ جملي نسخن جون پڙهيون ۾ بالڪل مبهم آهن. غالباً صحيح "المدني" آهي جيئن تہ متي ص [۱۸۰] تي هي نالو صاف طور "خريم بن عمرو مدني" ڄاڻايل آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ عيال سوڌو هليو ويو، ۽ ريگستان جي رستن ڪـــان وچي چترور جي ملڪ ۾ اتي ۽ جـــاءِ تي ٻهتو جنهن کي [٣٠٢] جنڪن وعورا اوڪايا (١) چون ٿــا ۽ اتــي ترسي پيو. علائقي ڪانئس جدا ٿي طاڪيئڪ جي شهرن (٢) تائين ويو (٣)، ۽ روٻر جي سرحد تــي روستان جي آسپاس ڪشمير جي بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو ارادو ڪيائين (٣). اهو ملڪ رڻ پـٽ آهي. (۴) پوءِ اتـــان راجڙي طرف خط لکيائون (۴)- اهـــو تختگاهه جبل ۾ آهـــي- ۽ [خـــط ۾]

(١) ز: جنڪن وعوراو ڪايا؛ س: جيڪن وعورا اولجا. (ن - ب) (٢) اصل متن ۾: بيلاد طاڪيه. (٣) - (٣) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "و قصد نمود بخدمت ملک ڪشمير، در حوالي روستان بر سرحد روبر". مختلف نسخن ۾ "روستان" (جو ن ب مطابق آهي) جون پڙهيون هن طرح آهن. پ م ڪ: روستا؛ ز: روستا؛ ح: روسنان. ن ب ڪ ح ۾ "روبر" جي بدلي "زوبر" آهي. ز م ۾ متين جملي جو پويون حصو هن طرح آهي: "که در حوالي روستا (۵) بر سرحد روبر است". روستا جي معنيٰ هڪ ڳوٺ يا شهر يا آباد علائقو ٿي سگهي ٿي- والله اعلم بالصواب. (ن - ب) (۴) - (۴) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "پس از آنجا بر راي جيتري بنبشتند". ن ب ح ۾ ٻ "راي جيتري" آهي؛ انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي: "پوءِ اتان جيتري جي راجا ڏانهن خط لکيائون"؛ مگر هيٺ صاف طور ظاهر آهي ته خط ڪشمير جي راجا ڏانهن لکيا ويا هئا ۽ انهيءَ ڪري هن جاءِ تي "راي ڪشمير" جي بدران "راي جيتري" بي معنيٰ ٿو نظر اچي. ٻين نسخن ۾ "جيتري" جي بدلي ڀيون مبهم پڙهيون آهن. مثلاً پ: جنسر؛ ز م: خبري؛ ڪ: چتري؛ س: جيتري. اسان جي خيال ۾ "راي جيتري" "راي خبري" "ري چتري" وغيرها در اصل غالباً "راجيتري" يا "راجتري" جون بگڙيل صورتون آهن، ۽ راجتري سا ڳيو ڪشمير جو ملڪ مهر "راجا وري" آهي جو ذڪر البيروني پنهنجي "ڪتاب الهند" ۾ ڪيو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٠٣]. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چيائينس ته: ”[اوهان پنهنجي] رضا ۽ دل جي خوشيءَ سان خدمت ۾ آيو آهيان.“

[علائيءَ] جو ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ (١)

ڪشمير جي راجا خط پڙهي، حڪم ڪيو، جنهن تي ڪشمير جي ضلعن مان هڪ ديهه، جنهن کي شاڪلهار چون ٿا، [علائيءَ] (١) کي جاگير طور ڏنائون.

ڪشمير جي راجا جي [علائيءَ] کي عزت ڏيڻ (٢).

جنهن ڏينهن ملاقات ڪيائون [انهيءَ ڏينهن ئي، ڪشمير جي راجا] پنجاهه سنجيل گهوڙا ۽ ٻه سؤ قيمتي خلعتون

(١) جملي معتبر نسخن، پ م ر ن ب س ڪ، مطابق هي عنوان هن طرح آهي: رفتن جيسينه بر رانه ڪشمير (يعني جيسينه جو ڪشمير جي رائي ڏانهن وڃڻ). ان بعد هن عنوان هيٺ ٻه، علائيءَ جي نالي جي بدران جيسينه جو نالو آهي. جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته پوءِ غالباً هن کان اڳ واري عبارت ۾ ڪو خلل آهي، ۽ جيسينه جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو فقره حذف ٿي ويو آهي. مٿين عبارت ۾ ”راجنري طرف خط لکيائون (بنبشتند)“ ۾ جمع جو صيغو آهي ۽ قدري گمان نڪري ٿو ته علائي اڪيلو نه هو، پر شايد ٻيو به ڪو ماڻس گڏ هو. مگر جيئن هن عنوان ۽ هن کان بعد واري عنوان هيٺ سڄي عبارت جو ستن پڙهڻ آهي، ان مان علائي جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر به، هتي متن ۾ ”جيسينه“ جي بدران ”علائي“ رکيو آهي ۽ اسان ۽ انهيءَ ترميم کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب) (٢) هي عنوان پ ن ب ڪ ۾ ڪونهي مگر م ر ۾ ڏنل آهي ۽ انهن ٻنهي نسخن ۾ ”علائي“ جي بدران ”جيسينه“ جو نالو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌس [علافيءَ جي] رفيقن کي ڏنا. [علافي] جَهَمُ بن سامة الشامي کي شاڪلهار جي جاگيرن تي موڪليو. جڏهن ڪشمير جي راجا جي خدمت ۾ ٻيو دفعو ويو، تڏهن [ٻن] هو اعزاز ۽ اڪرام سان پيش آيس، ۽ کيس چَٽ، ڪرسي، ڪمربند ۽ ڏولي عطا فرمايائين. اهو شرف خاص وڏن بادشاهن لاءِ هوندو آهي. پوءِ عزت ۽ عظمت سان کيس سڏي سوليءَ واهه سان سندس جاگيرن تي واپس موڪليائين. ڪجهه وقت کان پوءِ [علافي] نيٺ شاڪلهار ۾ مري ويو. ۽ جَهَمُ بن سامة سندس جانشين ٿيو. سندس نسل اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. هن مسجدون ٺهرايون ۽ ڏاڍي [٢٠٣] عزت ۽ درجو حاصل ڪيو. ڪشمير جو بادشاهه (هميشه) کيس عزت سان پيش ايندو هو.

[جَيْسينهُ جو چترور ڏانهن وڃڻ] (١)

پوءِ جَيْسينهُ وڃي چترور (٢) جي ملڪ ۾ رهيو، ۽ اتان گوپي [پٽ] ڏاهر (٣) ڏانهن اروڙ خط لکي پنهنجي نڪري وڃڻ جي خبر کان واقف ڪري، اروڙ جي قلعي بچائڻ جي بشارت ڪيائينس. گوپي [پٽ] ڏاهر (٣) اهو خط پڙهي، جَيْسينهُ جي چترور (٢) وڃڻ تي (پنهنجي) دل مضبوط ڪئي.

هيءَ عنوان جملي نسخن ۾ ڏنل ڪونهي ڇاڪاڻ ته سيني نسخن ۾ مٿان کان وٺي جيسينه جو ذڪر هلندڙ آهي. جيئن ته اسان ترميم ڪري، هر جڳهه "جيسينه" جي بدران "علافي" جو نالو لکيو آهي، انهيءَ ڪري هن عنوان کي فارسي ايڊيشن مطابق قائم رکيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته متي علافي ۽ هيٺ جيسينه جي حالات ۾ تميز ٿي سگهي، (ن.ب) (٢) اها پڙهتي ب م مطابق آهي؛ ر: جترور؛ ن ب: جتور (٣) اصل عبارت: توفيءَ داهر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن محمد بن قاسم برهمڻاباد جي لڙائيءَ ۾ ڇهه مهينا رهيو، ۽ جنگ اينگهه ڪئي، ۽ هوڏانهن جيسينه جي چنيسر(١) مان [اڪري وڃڻ جي]- خبر پهتي، تڏهن چار وڏا واپاري، جيڪي برهمڻاباد جي قلعي ۾ انهيءَ دروازي وٽ هئا، جنهن کي جربطري (٢) چوندا هئا، تن پاڻ ۾ صلاح ڪري چيو ته: عرب جو لشڪر سيني شهرن تي غالب آهي ۽ راجا ڏاهر ڪسي ويو؛ ڇهن مهينن جو عرصو گذري چڪو آهي ته هيءُ قلعو گهيري هيٺ آهي: نه اسان ۾ ايتري طاقت ۽ همت آهي جو لڙائي ۾ هن سان سامهون ٿي سگهون، ۽ نه صلح ڪرڻ لاءِ ڪو طريقو آهي. ڪٿي ڪي ٿي ڏينهن ٻيا به ٽيهي سگهجي پر آخر (قلعو) فتح ٿي ويندو. اسان کي ڪنهن به طرف کان ڪو به واهرو ڪونهي جو اسان جي واهر ڪري، يا مدد جا اميدوار ٿي سگهون. راجا موجود ڪونهي، جنهن وٽ اسان کي پناهه ملي، ۽ هن کان وڌيڪ هن لشڪر سان لڙائي ۾ مقابلو ڪنا ڪري سگهون. هاڻي جيڪڏهن ڀڪراءِ ٿيو ته ٻاهر نڪري ڪسي وڃڻ تائين لڙائي جي ڪوشش ڪريون. چاڪاڻ ته اگرچ صلح ٿيندو ته به سيني هٿياربند خونخوار ترار جو کاڄ ٿيندا ۽ عام ماڻهن ڄهڙوڪ واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي امان ڏيندا. پر جيڪڏهن اسان کي اعتماد ٿئي ته پوءِ ته بهتر ائين ٿيندو ته جيڪڏهن ڪو معاهدو وچ ۾ ٿئي ته قلعو سندس [محمد بن قاسم جي] حوالي ڪريون، (۽ هو) اسان کي [٣٠٣]

---

(١) ب ن ح: چنيسر (٢) ر: جربطري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنھنجو فرمانبردار سمجھي، معتبر بڻائي، ۽ اسان ۾ سڀ ساڻس تعلق پيدا ڪري خدمت جا شرط بجا آڻيون. انھيءَ ٺھراءَ تي متفق ٿي قاصد موڪليائون، ۽ پنھنجي لاءِ عيال ۽ ٻارن سميت امانُ گھريائون.

ٻڪي انجام ڪرڻ تي امانُ ڏيڻ.

محمد بن قاسم انھيءَ ٻڪي انجام تي انھن کي امان ڏني. باقي ٻين سڀني ھٿيارن ڪڍندڙن کي قتل ڪري ڇڏيائون، ۽ سندن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن کي قيد ڪرايائون. اٽڪل ڇھه ھزار غلام قيد ۽ قبضي ۾ آيا، ۽ انھن (امانُ وٺندڙن) تي ڍل مقرر ڪيائون.

(روايت:) انھيءَ پيغام اچڻ کان پوءِ حجاج جي سڀني اميرن ۽ مکيه ماڻھن کي سڏي انھن کي ھيءُ پيغام پڙھي ٻڌايائين ۽ فرمايائين تہ: برھمڻاباد کان قاصد آيا آھن، تن جون ڳالھيون ٻڌو، ۽ فڪر ڪري چڱو جواب ڏيو. (موڪي [ٻسٽ] وسايي جي تدبير:) پوءِ موڪي [ٻسٽ] وسايي چيو تہ: ”اي امير! ھيءُ قلعو، ھند ۽ سنڌ جي سڀني قلعن جو سردار ۽ تختگاھ آھي. جيڪو بہ ھيءُ جڳھ فتح ڪندو، سڄي سنڌ انھيءَ جي ھٿ ھيٺ ٿيندي، ۽ مضبوط قلعا سندس اقتدار ۽ اختيار ھيٺ ايندا. آسپاس جا ماڻھو ڏاھر جي اولاد کان دل برداشتہ ٿي، ڪي پڄي ويندا ۽ ڪي فرمانبرداريءَ جو طوق پنھنجي ڳچيءَ ۾ وجھندا.“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(محمد بن قاسم جو حجاج جي خدمت ۾ عرضداشت موڪلڻ:)

پوءِ محمد بن قاسم حجاج کي هن حال کان واقف ڪيو. (هوڏانهن) انهي جماعت ڏانهن پروانو موڪلي سائن وقت مقرر ڪيو. انهن چيو تہ: فلاڻي ڏينهن جربطي (١) واري دروازي وٽ اچجو تہ اسان جنگ لاءِ ٻاهر نڪرنداسون، [٢٠٥] ۽ جڏهن سامهون ٿينداسون تہ وچ جنگ ۾ جڏهن عربن جو لشڪر حملو ڪندو، تڏهن اسين پٺي قلعي ۾ وينداسون، ۽ دروازو کليل ڇڏي ڏينداسون.

(جواب اچڻ:) جڏهن لکئي جو جواب حجاج وٽان پهتو تہ انهن کي اسان ڏيئي سائن ڪيل وعدو پورو ڪريو، تڏهن قلعيوارن ماڻهن، سائن ٿوري ساعت جنگ ڪئي. جڏهن عرب جو لشڪر حملو ڪري وڃي سائن گڏيو، تڏهن قلعيوارن پٺي وڃي پاڻ کي قلعي اندر سٽيو، ۽ دروازو کليل ڇڏي ويا، جنهنڪري عربن دروازو هٿ ڪيو ۽ لشڪر سندن پويان اچي قلعي جي پٽين تي چڙهيو، ۽ مسلمانن تڪبير هنئي. قلعيوارن ڏٺو تہ عرب جو لشڪر غالب ٿي ويو سو اپرندي وارو دروازو کولي شڪست کائي ٻاهر نڪتا. محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ جنگ ڪندڙ ماڻهوءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪيو. جنهن ڪسي هٿيار ڏنائون تنهن کي گرفتار ڪري هٿيارن، تابعدارن، ۽ عيال سميت محمد بن قاسم جي

(١) ر: جوبطري.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اڳيان آندائون. جنهن ماڻهو ڪنهن هيٺ ڪري امانَ گهري تنهن کي ڇڏيائون ۽ ڪن موتائي گهرن ۾ ويهاريائون.

جيئسيه ۽ راجا ڏاهر [بن] ڇچ جي زال جو (مقابلي لاءِ) بيهڻ جي خبر

برهمڻاباد جي مکيه ماڻهن کان ڏند ڪٿائن ۾ آئين ٿا (١) ته: جڏهن برهمڻاباد جو قلعو هٿ آيو تڏهن ڏاهر جي زال لاڏي (٢)، جا ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڏاهر جي پٽ سان برهمڻاباد ۾ (جنگ لاءِ تيار ٿي) بيٺي هئي، چيو ته: ”هيءُ مضبوط قلعو ۽ عيال ڪيئن ڇڏينداسون؟ اسان کي لاچار هتي رهڻ گهرجي، جيئن دشمن تي غلبو حاصل ڪريون ۽ اسان جو ملڪ ۽ گهر سلامت رهي. ۽ جيڪڏهن عرب جو لشڪر غالب ٿيو ته پوءِ ڪا ٻي تدبير ڪنداسون.“ انهن چئي مال ۽ خزانو ٻاهر ڪڍي لشڪر جي بهادرن کي ونڊي ڏنائين، ۽ جوڌن کي دلجاءِ ڏنائين، ۽ اهي هر دروازي تي جنگ ڪندا ٿي رهيا. لاڏيءَ جي هيءَ تجويز هئي ته: ”جيڪڏهن قلعو فتح ٿيو ته مان پاڻ کي ٻارن ۽ ٻوڙ ڳچن سميت ساڙيندڙ باهه جي خوراڪ بنائيندس.“ مگر اوچتو قلعو [٢٠٦] فتح ٿي ويو، ۽ معتبر ماڻهن ڏاهر جي[حمايت واري]

---

(١) اصل الفاظ: ”در آتاويل مي آرند“ (٢) اصل صورتخطي: لادي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دروازي تي ٻيڃي راجا ڏاهر جي لاڳاپيدارن کي (هڪدم) ٻاهر ڪڍيو، ته جيئن ٻاڻ کي هلاڪ نه ڪن، ۽ لاڏي گرفتار ٿئي.

ڏاهر جي زال لاڏي ۽ ٻن ڪنوارين ڌيئن کي گرفتار ڪرڻ.

بوءِ جڏهن غنيمتون ۽ غلام، محمد بن قاسم جي اڳيان آندائون، ۽ هرهڪ جو احوال معلوم ڪيائين، تڏهن معلوم ٿيو ته، ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي، ڏاهر جون ٻه ڌيئون (پڻ) ٻين زالن جي وچ ۾ منهن ڍڪيون (ويٺيون) هيون، جن کي هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا ويهاريائين.

غنيمت جي مال جو اندازو ۽ پنجون حصو.

بوءِ پاڻهان چونڊيائون ۽ پنجون حصو ٻاهر ڪڍيائون، اٽڪل ويهه هزار پاڻهان چونڊيائين ۽ پنجون حصو ٻاهر ڪڍي باقي لشڪر کي ڏنائين.

واپارين ۽ ڪاريگرن کي امانُ ڏيڻ.

بوءِ واپارين، ڪاريگرن ۽ عام ماڻهن کي امانُ ڏيئي، سندن قيدين کي آزاد ڪيائين، ۽ ٻاڻ عدالتگاهه ۾ ويهي لڙائي ڪندڙ جماعت کي تہ تيغ ڪيائين، ۽ اهڙيءَ طرح، چون ٿا ته، اٽڪل ڇهه هزار جنگي جوان قتل ڪيا ويا. ڪي چون ٿا ته سورهن هزار مرد ڪُٺا ويا، ۽ ٻين کي معافي ڏنائين.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جي لاڳاپيدارن برهمڻن جي خبر.

ڪي ماڻهو روايت ڪن ٿا ته: جڏهن ڏاهر جي لاڳاپيدارن ڪي ٻانهن ۽ ٻين ڪي ٻانهيون ڏسي شهر جي رئيسن کان پڇا ڪيائون، تڏهن ڪنهن به ماڻهو انهن جو پتو نه ڏنو. نيٺ هڪ ڏينهن برهمڻن مان اٽڪل هڪ هزار ماڻهو، مٿا ۽ ڏاڙهيون ڪوڙائي [٢٠٧] امير محمد بن قاسم جي درٻار ۾ حاضر ٿيا.

برهمڻ جو محمد بن قاسم وٽ اچڻ.

محمد بن قاسم هنن کي ڏسي پڇيو ته: ”هن ٽولي وارا ڪهڙي فوج مان آهن، جو هن شڪل ۾ پهتا آهن؟“ چيائون: ’اي وفادار اميرا اسان جو راجا برهمڻ هو، جڏهن انهي کي ڪٺائون ۽ هي ملڪ ڪافرن ڪري ويو، تڏهن هن جي وفاداريءَ ۾ ڪن ٻانهن کي ساري ڇڏيو، ۽ باقين سنديس سوڳ ۾ زرد ڪپڙا پائي ڏاڙهيون ۽ مٿا ڪوڙايا. هاڻي جڏهن الله تعاليٰ عزّ و جلّ هيءَ بادشاهي توهان جي حوالي ڪئي آهي، تڏهن عادل امير جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون ته باقي بچيلن لاءِ ڪهڙو حڪم ٿو ڪري. محمد بن قاسم ويچار ڪري چيو ته: ”منهنجي جان ۽ سر جو قسم ته هي ڏاڍا وفادار آهن، انهن کي هن شرط تي امان ڏيندس ته، ڏاهر جا لاڳاپيدار جتي به هجن انهن کي هٿ ڪندا.“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو برهمڻن سان وعدو ڪرڻ ۽ امان ڏيڻ

پوءِ برهمڻن هن مضبوط عهدنامي جي بناءِ تي ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي ٻهري سان ٻاهر ڪيو، ۽ باقي ماڻهن تي رَسُوْل اللّٰه، الصَّلٰواة وَ السَّلام عَلَيْه، جي طريقي موجب ڍل مقرر ڪيائون. جيڪي اسلام جي شرف سان مشرف ٿيا، انهن کي ٻانهپ، مال ۽ چونڊ (۱) کان معافي ڏنائون. جن ايمان نه آندو تن کي ٽن حصن ۾ (وراهي) مٿن ڍل مقرر ڪيائون: پهريون، سردارن جي تواي مان هرهڪ تي ۴۸ درهم تور چاندي؛ ٻئي ٽولي تي ۲۴ درهم تور چاندي؛ ۽ هيٺياهين درجي واري ٽولي تي ۱۲ درهم تور (چاندي) مقرر ڪيائون؛ [۲۰۸آ] ۽ [محمد بن قاسم] فرمايو ته: ”اڄ وجهو؛ جيڪي مسلمان ٿي اسلام ۾ ايندا تن تان ڍل معاف ڪئي ويندي، ۽ جيڪي پنهنجي طريقي تي حريص رهندا سي چونڊ (۱) ۽ جزيه قبول ڪري، پنهنجي ابن ڏاڏن جي طريقي تي رهندا.“ پوءِ انهن مان ڪن (اسلام تي) رهڻ اختيار ڪيو ۽ ڪي جزيه قبول ڪري؛ پنهنجن وڏن جي طريقي تي هلڻ لڳا. سندن زمينون ۽ گهوڙا انهن کان نه ورتا ويا.

---

(۱) چونڊ لاءِ اصل لفظ ”گزيد“ آيل آهي. اسلام جي قانون موجب وقت جي خليفي کي غنيمت جي مال مان ڪا هڪ شيءِ چونڊي ڪڍڻ جو اختيار آهي. انهيءَ کي عربيءَ ۾ ”اصطفاء“ چوندا آهن. ام المؤمنين صفيه کي به رسول ڪريم انهيءَ طرح چونڊيو هو ۽ پوءِ آزاد ڪري ساڻس شادي ڪئي هئائون. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻرهمڻن ۽ ملڪ جي امينن کي مقرر ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم انهن مان هرهڪ تي، سندس درجي ۽ لياقت موجب ڍل مقرر ڪئي. قلعي جي چئني درن مان هرهڪ دروازي تي فوج مقرر ڪري، انهيءَ جي جوابداري انهن مائهن جي انتظام ۾ ڏني، ۽ رضامندي جي خلعت، سنجيل گهوڙن سميت (عطا ڪري) هندستان جا شاهاڻا زيور سندن هٿن، ۽ پيرن ۾ وڌائين؛ ۽ هرهڪ لاءِ محفل جي منڍ ۾ ويهڻ جي جاءِ مقرر ڪيائين.

ڪاريگرن، واپارين ۽ ڪڙمين کي لکڻ.

پوءِ سوداگرن، ڪاريگرن ۽ ڪڙمين جو (تعداد) لکيائون. عام مائهو ڳڻپ ۾ جملي ڏهه هزار ٿيا. پوءِ محمد بن قاسم جي فرمائڻ تي هرهڪ تي (فقط) ٻارهن درهم تور چاندي مقرر ڪيائون، ڇاڪاڻ ته سندن مال لٽجي ويو هو.

مقرر ڍل جي وصول ڪرڻ لاءِ نائب مقرر ڪرڻ.

پوءِ وڏيرن ۽ رئيسن کي مقرر ڍل جي وصول ڪرڻ تي مقرر فرمايائين، جيئن هرهڪ شهر ۽ واهڻ مان مال وصول ڪندا رهن، ۽ کين [پنهنجي حڪومت جي] تائيد ۽ طاقت هجي [٣٠٩].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

برهمڻن جو عرض ڪرڻ.

برهمڻن هيءَ حقيقت ڏسي عرض ڪيو ۽ شهر جي مکيه ۽ چوڌر سائين سندن حال بابت شاهدي ڏني تہ، اهي برابر رسوخ وارا هئا.

برهمڻن لاءِ حڪم.

پوءِ محمد بن قاسم برهمڻن کي عزت ڏني، ۽ سندن اثر ۽ رسوخ (قائم رکڻ) لاءِ پروانو جاري ڪيائين. هر حالت ۾ ڪنهن (ڪنهن بہ قسم جي) روڪ ٽوڪ نہ هوندي هئي. ۽ انهن مان هرهڪ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم تي چاڙهيائين، ۽ سڀ ڳجھ معلوم ٿيس تہ انهن ڪان خيانت ڪڏهن بہ نہ ٿيندي.

ڪمن تي مقرر ڪرڻ.

پوءِ راجا ڇچ جي دستور موجب جنهن هرهڪ برهمڻ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم تي مقرر ڪيو هو. هرهڪ تي ڪونہ ڪو ڪم مقرر ڪري، حڪم ڪيائين جنهن تي سڀني برهمڻن کي آئي حاضر ڪيائون. (پوءِ) چيائين، "ڏاهر توهان کي وڏن ڪمن تي مقرر ڪيو هو، تنهنڪري توهان شهر ۽ آسپاس جا واقف هوندا. جنهن بہ مشهور معروف ماڻهوءَ کي تربيت ۽ نوازش جو لائق سمجهو تہ اسان کي ڄاڻ ڪريو، جيئن سندس حق ۾ مهرباني ڪئي وڃي، ۽ کيس وڏي انعام سان سرفراز ڪيو وڃي. جنهن صورت ۾ توهان جي ايمانداري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ سچائي تي اسان کي پورو اعتماد ۽ ڀروسو آهي، تنهنڪري توهان پنهنجن ڪمن تي بحال آهيو. ملڪ جو سارو ڪاروبار توهان جي معاملي فهميءَ تي ڇڏيو وڃي ٿو، ۽ هي ڪم توهان جي اولاد ۽ پڙهين جي حوالي ڪيو وڃي ٿو، ۽ ڪڏهن به نه ڦرندو.

برهمڻ جو زور وٺي واهڻ ۾ وڃڻ.

پوءِ برهمڻ ۽ ڪامورا ملڪ ۾ گهڙي پيا ۽ وڃي چيائون: "اي ڏسٽا وائسٽا ۽ مشهور (سائين)! توهان کي معلوم آهي ته ڏاهر مارجي ويو ۽ ڪافرن جو ڪم پورو [٢١٠] ۽ ختم ٿيو، هند ۽ سنڌ جي چئني طرفن ۾ عربن جو حڪم جاري ٿيو. جنهنڪري ملڪ جا ننڍا خواهه وڏا هڪجهڙا ٿيا. اسان جا ڪم ڪار، عزت واري بادشاهه [محمد بن قاسم] جي طرف کان سمجهڻ گهرجن. اسان کي توهان ڏانهن موڪليو اٿن ۽ چڱن وعدن سان اميدوار ڪيو اٿن. جيڪڏهن عربن جو حڪم نه مڃيندا سون ته نه مال رهندو، ۽ نه گذران جو ذريعو. اسان پاڻ، (انهن) سردارن جي مهرباني ۽ احسان ڏانهن نيازمند ٿي پيا آهيون. ۽ ممڪن آهي ته (انهيءَ ڪري) اسان جو درجو وڌو ٿي سگهي. في الحال پنهنجي وطن کان ٽڙي برباد نه ٿيون. جيڪڏهن هيءَ ڍل جيڪا توهان تي رکي اٿن برداشت نه ٿي سگهندي ۽ انهيءَ جي ادا ڪرڻ ۾ گران باري سمجهندؤ، ته پوءِ فرصت وقت هند ۽ سنڌ جي ڪنهن ٻيءَ زمين ڏانهن، جتي توهان جي دلين کي اطمينان هجي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هليا وڃڃؤ، ڇاڪاڻ تہ آدمزاد واسطي جان جي سلامتي کان بهتر ٻي ڪابہ شيء ڪانهي. اسان ڪي جڏهن هن خطرناڪ مصيبت کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ لشڪر جي تڪليف کان بيپرواهہ ٿينداسون، تڏهن اسان جو مال ۽ عيال محفوظ ٿيندو.

واهڻن ۽ شهر تي ڏيل مقرر ڪرڻ.

پوء سيني ڳوٺاڻن ۽ شهرين حاضر ٿي پاڻ تي ڏيل مقرر ڪرائي، ۽ پنهنجي ڏيل جي رقم محمد بن قاسم کان پڇيائون؛ جن برهمڻن کي امير محمد بن قاسم ڏيل (جي وصولي) تي مقرر ڪيو هو، تن بابت [پڻ پڇيائون، جنهن تي انهن برهمڻ آفيسرن کي] فرمايائين تہ: ”حڪومت ۽ خلق جي وچ ۾ سچائيء جو خيال رکجو؛ جيڪڏهن ڪا شيء ورهائڻو تہ برابر ورهائجو؛ هرهڪ تي ڏيل سندس برداشت موجب رکجو؛ ۽ هڪ ٻئي سان نہ هلجو ۽ پريشان نہ ٿجو، جيئن ملڪ ويران نہ ٿئي“ [٢١١].

محمد بن قاسم جي خلق سان مهرباني ڪرڻ.

پوء محمد بن قاسم هرهڪ سان خاص مهرباني ڪئي ۽ فرمايائين تہ: ”هر طرح دل خوش رکجو، ڪابہ ڳڻتي نہ ڪريو تہ ڪا توهان تي وٺ پڪڙ ٿيندي، مان توهان کان ڪوبہ ڪاغذ يا دستاويز (لکت) نٿو وٺان. جيڪو حصو اڳيئي مقرر ۽ معلوم آهي سو ادا ڪندا رهجو. بلڪ توهان تي مهرباني ۽ درگذر واجب سمجهي ويندو، جنهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪي ڪا درخواست هجي تہ پيش ڪري؛ اها پڌي ويندي ۽ (ان جو) پورو جواب ڏنو ويندو، ۽ «رهڪ جي مراد پوري ڪئي ويندي.»

محمد بن قاسم جو برهمڻاباد وارن کي پروانو ڏيڻ.

هاڻي برهمڻن جي اها رسم جا هلندي ٿي آئي - جو واپاري، ڪاتر ۽ ٺڪر برهمڻ کي خيراتون ڏيندا هئا، بتن جي پوڄا ۽ خوشيون ڪندا هئا، ۽ مندر جي پوڄارين کي اهڙو پروانو هو، سا بند ٿي ويئي، ۽ لشڪر جي ڊپ کان اها خيرات ۽ ساڻي ڪين دستور موجب اچي ٿي ، جنهنڪري برباد ۽ سڃا ٿي ويا هئا. سو سڀني [برهمڻ، محمد بن قاسم جي] جڳهه جي در تي اچي دعا لاءِ هٿ کنيا، ۽ پيغام موڪليائون تہ: ”عادل امير سلامت رهي! اسان راهب آهيون ۽ اسان جو گذران ۽ ترقي بُت (١) جي مجاوريءَ تي آهي. جنهن صورت ۾ واپارين ۽ ڪاترن تي رحمت ڪئي اٿوَ ۽ هو پاڻ تي ڍل مقرر ڪري ذمي ٿيا آهن، تنهنڪري (اسان) ٻانهن کي ٻہ صاحب جن جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ انهن کي اشارو فرمائيندا، جيئن هو پنهنجي معبود کي پوڄين ۽ بتخانو (٢) آباد ڪن.“

محمد بن قاسم جو جواب ڏيڻ.

محمد بن قاسم جواب ڏنو تہ: ”ملڪ جو تختگاهہ

(١) اصل لفظ: بده (٢) اصل لفظ: خانهء بده

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اروڙ آهي، ۽ هي سڀ ٻاما [٢١٣] آسپاس آهن.“ اتي هندن چيو ته: ”هن ملڪ جي آبادي برهمڻ آهن. اهي اسان جا عالم ۽ حڪيم (داناءُ) آهن. اسان جي شادي خواه غمي جو ڪاروبار سندن وسيلي پورو ٿيندو آهي. اسان ڍل يـا جزيه ڏيڻ انهيءَ ڪري قبول ڪيو آهي تـه هرڪو پنهنجي طريقي جي پيروي ڪري. هيءُ اسان جي بـت جو بتخانو(١) ويران ٿـي ويو آهي ۽ اسان بُتن(٢) جي خدمت نٿا ڪري سگهون. امير عادل اسان کي اجازت فرمائي ته اسان (ان کي) آباد ڪري، پنهنجي معبود جي عبادت ۾ مشغول رهون ۽ اسان جي برهمڻ کي (پڻ) اسان مان وجه معاش ملي سگهندو.“

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکڻ ۽ جواب جو پهچڻ.

پوءِ محمد بـن قاسم هـيءُ حقيقت حجاج ڏانهن لکي موڪلي ۽ ٿوري وقت کـان پوءِ جواب پهتو تـه: ”سوٽ محمد بن قاسم جو پيارو خط پهتو، جيڪي احوال لکيا هئائين سي معلوم ٿيا: جن مان هڪ هيءُ به هو ته برهمڻاباد جا مکيه ماڻهو(٣) بتخاني جي آبادي(٣) ۽ پنهنجي مـذهب لاءِ عرض ڪري رهيا آهـن. جنهن صورت ۾ (اسـان جـي) فرمانبرداريءَ جي سلسلي ۾ داخل ٿي، دارالخلافت جـي ڍل

(١) اصل لفظ: بتخانه بده (٢) اصل لفظ: اصنام (٣) - (٣) اصل الفاظ: عمارت بده.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي مٿان مقرر ڪيائون، تنهن صورت ۾ ڏل ڪان وڌيڪ [اسان جو] هن تي ڪو به حق ۽ واسطو نه آهي؛ ڇاڪاڻ ته جڏهن ذمي ٿي چڪا، تڏهن سندن مال يا خون ۾ اسان جي دست اندازي مطلقاً نه ٿيندي. ڪنهن به پنهنجي معبود جي عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. توهان ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجي طريقي ڪان روڪ ٽوڪ نه ڪندا، جيئن هو پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي مرضي موجب زندگي گذاريندا رهن."

حجاج جو ليکيو پهچڻ.

حجاج جي ليکني پهچڻ وقت، محمد بن قاسم شهر کان ٻاهر نڪري منزل ڪئي هئي. سڀ وڏيرن، اڳواڻن ۽ برهمڻن کي اجازت ڏنائين ته: "بيشڪ پنهنجي معبود [٣١٢] کي آباد ڪريو. مسلمانن سان ڏيتي - ليتي ڪريو. اطمينان سان پنهنجي سڌاري جي ڪوشش ڪريو. برهمڻن فقيرن جي احسان ۽ سنڀال سان تيمارداري ڪريو. پنهنجون عيدون، رسمون پنهنجن ابن ڏاڏن جي دستور موجب بجا آڻيندا رهو. هن کان اڳ برهمڻن کي جيڪي خيراتون ڏيندا هئا، سي پراڻي دستور موجب ڏيندا رهو (١). سؤ درهمن اصل مال مان ٽي درهم [ڪڍي ان مان] جيڪو انهن (برهمڻن) جو حق هجي، سو انهن کي پهچائجي (١): باقي خزاني لاءِ،

---

(١)-(١) اصل فارسي عبارت هن طرح آهي ۽ ان ۾ البت مونجهارو آهي: "و از صد درم سه درم سنگ بر اصل مال، بنگرند که چند واجب باشد بديشان رسانند" (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خزانيوارن جي قلم ۽ ٺاٺبن جي سانهون حفاظت ۾ رهي، ۽ آنيسرن ۽ ڪم وارن لاءِ پگهارون مقرر ڪيون وڃن.“ انهن شرطن تي تَمِيمُ بن زَيدِ القَينِي(١) ۽ حَڪَمُ بن عَوَانَة ڪَلبِيءَ کي وچ ۾ آنداٺون، ۽ برهمڻن لاءِ فيصلو ٿيو ته ٺامي جي ٺالهي هٿ ۾ کڻي، گهرن جي دروازن تي گدائي لاءِ وڃي اناج وغيره جيڪي به ملي سگهين سو حاصل ڪن، جيئن تباهه نه ٿين ۽ [هاڻي] هيءَ رسم ڪافرن ۾ مروج ٿي وئي آهي.

محمد بن قاسم جو برهمڻاباد وارن کي امانَ ۽ پروانو ڏيڻ.

هاڻي محمد بن قاسم برهمڻاباد جي بسگردائي کان فارغ ٿيو ، ۽ ماڻهن جي جيڪا درخواست هئي سا پوري ڪيائين. عراق ۽ شام جي يهودين، نصارن، گبرن ۽ مجوسين جي نموني تي هرهڪ کي پنهنجي طور طريقي تي رهڻ لاءِ اجازت ڏيئي واپس ڪيائين، ۽ انهن جي اڳوائن کي ”راڻا“ جو خطاب ڏنائين.

محمد بن قاسم جو سياڪر وزير کي سڏڻ.

پوءِ سياڪر وزير ۽ موڪي [پٽ] وساڻي کي سڏي چيائين: ”لوهاڻي جي جٽن جو ڪاروبار، ڇچ ۽ ڏاهر

(١) اصل ۾ جملي نسخن ۾ هيءَ نسبة ”القيسي“ ڄاڻايل آهي جا صحيح نه آهي: ڪيل ترميم لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٧٨]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سان ڪيئن هو؟ ۽ سندن معاملو ڪهڙي دستور تي هليو؟"

(سياڪر جو جواب:) وزير، موڪي [ٻٽ] وسايي جي روبرو چيو: "راجا چچ جي حڪومت ۾ (١) لوهاڻي يعني لاکه ۽ سمه [واري ايراضي جي جتن] کي (١) نرم ڪپڙن پهرڻ [٢١٤] ۽ مخمل مٿي تي ڪرڻ جي اجازت نه هوندي هئي، بلڪ هيٺ مٿي ڪاري گودڙي پهريندا هئا، ڪهري چادر ڪلهن تي وجهندا هئا، ۽ مٿو ۽ پير اگهاڙا رکندا هئا. جيڪڏهن ڪو نرم ڪپڙو پهريندو هو، ته انهيءَ تي ڏنڊ رکيو ويندو هو؛ گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت ڪتو ٻانهن سان گڏ کڻندا هئا؛ جنهنڪري سندن سڃاڻپ ظاهر ٿيندي هئي. سندن ڪنهن به وڏيري کي گهوڙي تي چڙهڻ جي اجازت نه هئي. جتي به بادشاهن کي رهنمائيءَ ۾ سونهي جي ضرورت ٿيندي هئي ته اهي رستو ڏيکاريندا هئا، وسندن جي سونهپ سندن نظرداريءَ هيٺ هوندي هئي، ۽ [ويندڙ کي] هڪڙي قبيلي کان ٻئي قبيلي تائين پهچائيندا هئا. انهيءَ قوم جو

---

(١)- (١) اصل عبارت "لوهانه يعني لاکه و سمه را" جنهن جي شروع ۾ لفظ "جتان" غلطيءَ سبب حذف ٿيل آهي، صحيح عبارت "جتانِ لوهانه يعني لاکه وسمه را" ٿيندي؛ چو ته محمد بن قاسم لوهاڻي جي جتن بابت پڇيو آهي ۽ هيٺ سياڪر وزير جو بيان به جتن سان لاڳو آهي ۽ نه، لاکن ۽ سمن سان. سندس اهو بيان تقريباً ساڳيو آهي جو مٿي ص [٤٧] تي "لوهاڻي" جي جتن بابت چچ جي پاليسي طور بيان ٿيل آهي. هت "لوهاڻو" هڪ علائقي جو نالو آهي جو لاکه، سمه، ۽ سهته قومن جي ايراضين تي مشتمل هو، مٿي ڏسو [٤٠]. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪوبہ اگهاڻ يا راتو گهوڙي تـي ويهندو هـو تہ [سنڌس گهوڙو] هئي، لغام ۽ تختي ڪانسواءِ هوندو هو ۽ گهوڙي جي پٺيءَ تي رلي وجهي چڙهندو هو. رستي ۾ ڪنهن کي ڪو حادثو پيش ايندو هو تہ انهن جـي قبيلن کان بازپرس ڪندا هئا، جو اها سندن وڏيـرن جـي جوابداري هوندي هئي؛ حتيٰ ڪ جيڪڏهن منجهائـن ڪو چور ٿيندو هـو تہ انهيءَ کي عيال، اطفال سميت ٻاهر جو ڪاڄ ڪندا هئا. قافلا وات ڏينهن سندن رهبري هيٺ هلندا هئا. انـهـن ۾ نـدي وڏي (جو فـرق) ڪونہ هوندو آهي. هـو وحشي طبعيت جا آهن ۽ حاڪم جي فرمانبرداريءَ کان هميشه سـرڪشي ڪندا ۽ رستا ڦُرندا رهندا آهن. ديبل ۾ پڻ انتي جي ماڻهن سان ڦرلٽ ۾ همراهہ هوندا آهن. بورچيخاني جون ڪاٺيون، خدمت جو سمر، ۽ بادشاهہ جي نگراني سندن ذمي هئي."

(روايت) انهيءَ تي محمد بن قاسم چيو تہ: "ڪهڙا نہ ٻرا ماڻهو آهن! اهڙا جهڙا فارس ۽ ڪـوهہ پايہ ۾ جهنگلي ماڻهو هوندا آهن؛ سندن ڪم بہ اهوئي آهي." محمد بن قاسم هنن کي انهيءَ دستور ۽ طريقي سان بدلُ رکيو، جهڙيءَ طرح اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب [٢١٥] رضي الله عنه شـام جي رهاڪن تي مقرر ڪيو هو تہ جيڪو مهمان ايندو، تنهن کي هڪ ڏينهن ۽ رات ساڻـي ڪارائيندا، ۽ جيڪڏهن بيمار ٿي پوندو تہ ٽي ڏينهن مهماني ڪندا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن خط پهتو

محمد بن قاسم برهمڻاباد ۽ لوهاڻي جي ڪاروبار کان فارغ ٿيڻ ۽ جتن تي ڍل مقرر ڪرڻ کان پوءِ حجاج بن يوسف کي انهيءَ حال کان واقف ڪيو، ته: برهمڻاباد جي جلوالي ٻوري (١) کان مٿي (٢) هي ۽ خدمت لاءِ لکيو ڪئي ويئي (٢). ڪيس سنڌ جي زمين کي قبضي ۾ آڻڻ جو [پڻ] چاڻ ڏنو ويو ۽ تفصيل سان ٻڌايو ويو.

حجاج جو جواب

پوءِ حجاج جواب لکيو ته: ”اي سوٽ محمد بن قاسم! توهان جيڪا سپهداري، رعيت نوازي، رعيت جي حال تي پرورش ۽ ڪاروبار جي انتظام ۾ ڪوشش ڪري رهيو آهين، سا گهڻي ساراهه (جي لائق) آهي؛ ۽ جنهن نموني هر جڳهه تي ڍل مقرر ڪئي ويئي آهي ۽ رعيت جي هر قسم کي شريعت جي دستور ۽ معاملي موجب سرفراز ڪيو ويئي، سو حڪومت جي مضبوطي ۽ بادشاهي جي انتظام جو باعث ٿيو آهي. هاڻي انهيءَ جاءِ تي ترسڻ نه گهرجي. هند ۽ سنڌ جي بادشاهيءَ جا ٻيا اروڙ ۽ ملتان آهن، جي بادشاهن جا تختگاهه آهن. بادشاهن جا خزانا ۽ دفينا (پڻ) انهن ئي جاين ۾ مدفون هوندا. جيڪڏهن رهڻو ٿيئي ته ڪنهن

---

(١) فارسي ايڊيشن جي متن ۾: ”جوڻي جلواني“؛ ڪيل ترميم ۽ ترجمي لاءِ ڏسو مٿي حاشيه ص [٢٠١]. (ن-ب) (٢)-(٢) اصل الفاظ ”اين خدمت تحرير افتاد“.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهڙي جاءِ تي رهه جا ٻُرفضا هجي، جتان سڄي سنڌ ۽ هِندُ هٿ هيٺ اچي وڃي. جيڪو اسلام جي تابعداريءَ کان انڪار ڪري تنهن کي قتل ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ توهان جي مدد ڪندو. هند جي شهرن کي- [٢١٦] ويندي چين جي حد تائين- فتح ڪرڻ تو تي لازمي آهي (١). امير قُتَيْبَهَ بن مُسْلِم قريشي (٢) کي [چين فتح ڪرڻ لاءِ] مقرر ڪيو ويو آهي. سڀ [عراقي] غلام انهيءَ ڏانهن منتقل ڪريو ۽ [جَهْم بن زَحْر بن قيس کي به هن ڏانهن موڪليو وڃي، ۽] مقرر ڪيل [عراقي] لشڪر ساڻس گڏ وڃي (١). اي سوٽا! تون [پڻ] اهو ڪو ڪارنامو ڪج جيئن [تنهنجي ڀيءُ] قاسم جو نالو روشن ٿئي، ۽ دشمن عاجز ۽ پريشان ٿين. اِنْ شَاءَ الله تعاليٰ!

---

(١)-(١) اصل فارسي عبارت بالڪل ناقص آهي، جنهن کي ابن عربي تاريخن جي مدد سان تصحيح ڪئي وئي آهي. تفصيل لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢١٧]. (ن-ب) (٢) ل، م، ن، ب، ڪ، ح، س انهن سڀني نسخن جي پڙهڻي "القريشي" (صحيح: القرشي) آهي؛ پ جي پڙهڻي "الراشي" ان "القرشي" جي تصحيف آهي. مطلب سڀني نسخن جي متفق پڙهڻي مطابق هيءَ نسبة "القريشي" ٿيندي، لهذا اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي. مگر قتيبه بن مسلم عام طرح "الباهلي" جي نسبة سان مشهور آهي ۽ انهيءَ ڪري فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر، "الباهلي" جي نسبة کي صحيح سمجهي متن ۾ رکيو آهي. مگر "القرشي" نسبة بالڪل صحيح ۽ هن جاءِ تي زياده موزون آهي. وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢١٧]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حجاج بن يوسف جا خط پهچڻ.

جڏهن حجاج جو خط محمد بن قاسم کي پهتو، تہ پڙهيائين: چيل هو تہ: ”اي محمد! لکيڙهہ پر اسان سان مشورو ڪندو رهہ، ڇاڪاڻ تہ اهو هوشياريءَ جو سرمايو آهي. مفاصلي جي دوريءَ سبب اسان جي آڏو پردو ٿو رهي. تون ڪوشش ڪر جيئن شهر جا چارئي اکوان ماڻهو شوق سان فرمانبرداري ڪن؛ ۽ (سنڌن) دلجوئي ڪندو رهہ.

شهر جي اگوائن سان چئن ماڻهن کي ملڪ جي مداري لاءِ آزاد پروانو (عطا ڪرڻ).

پوءِ شهر برهمڻاباد، يعني ٻانڀڙاهہ (١)، جسي ڪاروبار

---

(١) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي ”ٻاين واهہ“ آهي جا غالباً پ مطابق آهي؛ ر: ٻاين واهہ؛ م: ٻرين واهہ؛ ن ب: ٻابراهہ؛ س: ابو بن واهہ. اسان ن، ب جي پڙهڻي ”ٻابراهہ“ کي ترجيح ڏني آهي ۽ غالباً پ ر، م جي قرائتن ۾ تصحيف آهي، ۽ اهي پڙهڻيون ئي اصل ۾ غالباً ”ٻانب راهہ“ جي بگڙيل صورتخطي آهن. ”ٻابراهہ“ يا ”ٻانب راهہ“، برهمڻاباد جي مقامي سنڌي نالي ”ٻانڀڙاهہ“ (يا ٻانڀڻاهہ) جي فارسي صورتخطي معلوم ٿين ٿيون، تنهنڪري اسان هن لفظ کي، انهيءَ مقامي نالي مطابق لکيو آهي. پڻ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [٢١٧]. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

واسطي وَداع بن حُمَيْد البَحْري (١) کي سنڌي، رئيس ۽ ڪاروڙا مقرر ڪيائين. سالي ڪاروبار شهر جي چئن واهرن جي حوالي ڪيائين، ۽ انهن کي ڪليو پروانو عطا ڪيائين ته: سڀ ڪلي ۽ جزي ڪم سندس حضور ۾ پيش ڪيا وڃن، ۽ ڪوبه معاملو وغيره سندس صلاح کان سواءِ پورو نه ڪيو وڃي. تَوْبَة بن دارس کي راوڙ جي قلعي تي مقرر ڪيائين، جيئن انهيءَ جاءِ تي رهي پڙهون تيار رکي: جيڪا به پڙي مٿان يا هيٺان اچي، خواهه وڃي، ۽ جيڪڏهن انهيءَ ۾ جنگي سامان هجي ته جهلي [٣١٧] راوڙ جي قلعي ۾ ڪلي وڃي. انهيءَ (راوڙ) کان مٿي وارن پڙهن جو حڪم ابن زِياد العَبْدي (١) کي ڏنائين. ڪڇ واري طرف جو ڪيرج جي بادشاهه ڏروهر جي هٿ ۾ هو، سو هُذَيل بن سليمان الازدي کي ڏنائين.

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هيءَ نسبة هن صفحي تي توڙي مٿي [١٠٩] ۽ [١٢٣] صفحن تي "النجدي" لکيل آهي، ۽ هن صفحي توڙي مٿي ص [١٢٣] تي حاشيي ۾ مختلف نسخن جون پڙهيون ڏنل ڪين آهن، جنهن جي معنيٰ ته انهن ٻنهي صفحن تي جملي نسخن جي متفق پڙهي "النجدي" آهي. ن ۽ ر جي ۾ انهن ٻنهي صفحن تي ١٨١ ساڳي پڙهي آهي. البته ص [١٠٩] تي فارسي ايڊيشن جي حاشيه ۾ قلمي نسخن جون مختلف پڙهيون هن طرح ڏنل آهن - ب: النحدي؛ س: اينحدي. "النجدي" حقيقت ۾ "البحري" جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ صحيح نسبة "البحري" آهي ۽ نه "النجدي". جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٣١٧]. (ن - ب) (٢) يعني محمد بن زِياد العبدي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حَنظله بن آخي نُبانه(١) ڪِلابيءَ [يعني قُبانه ڪِلابيءَ جي پاءَ جي پٽ حَنظله] کي دحليلہ جو حاڪم ڪيائين. پوءِ [سيني کي] حڪم ڏنائين ته هر هڪڙي جاچ جوچ، واقفيت ۽ آزمائش بعد ملڪ جي حالات جي خبر ڏيندا رهن. انهن سيني کي هڪبئي جي مدد ڪرڻ جي پارت ڪيائين ته: ”جيڪڏهن مخالف جي لشڪر، يا رعيت جي مخالفت سبب ڪو فتنو پيدا ٿئي تہ انهيءَ [پارت] تي عمل ڪجو، ۽ فسادين جي ڪَٽن مُنهن ڪجو.“ قيس بن عبدالملڪ بن قيس الدمني(٢)، خالد انصاري ۽ هزار پيادن کي سيوستان (سيهوڻ) ۾ رکيائين (٣). مسعود تميمي، ابن شيبہ جَديدي (٣)،

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ ”بنانه“، جو صحيح نہ آهي. (٢) فارسي ايڊيشن ۾ ”الدمني“ آهي مگر هي نسبة نهايت مشڪوڪ آهي (ڏسو ڊي حاشيہ (١)، ص (١٥١)؛ اسان هت، نسخن جي مختلف قرئتن مطابق هن لفظ جي عاري صورت ڏني آهي. (ن-ب) (٣)-(٣) اصل عبارت: ”مسعود تميمي بن شيبة جديدي“؛ مگر صحيح عبارت غالباً ”مسعود تميمي و ابن شيبة جديدي“ ٿيڻ گهرجي، (ڇاڪاڻ) تہ تميمي ۽ جديدي بالڪل ۽ جداگانہ نسبتون آهن. جن جو هڪبئي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. ”تميمي“ جي نسبة بنو تميم ڏانهن آهي جي عدناني عرب آهن، ۽ ”جديدي“ جي نسبة بنو جديد ڏانهن آهي جو قبيلو [بنوجديد من بني اسد بن شريک بن مالک بن عمرو بن مالک بن فهم (اشتقاق ابن دريد) ص (٢٩٤) ابن غنم بن دوس بن عدثان بن عبدالله بن زهران بن ڪعب بن الحارث بن ڪعب بن عبدالله بن مالک بن نصر بن الازد (جمهرة ابن حزم، ص ٢٨-٣٥٦)] الازد سان آهي يعني قحطاني عرب آهي. ازانسواءِ تميم ۽ ازد پاڻ ۾ جنگ جانديا مکسي هنا. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فراس عتڪي (١)، صابر يشڪري، عبدالملڪ بن عبدالله الخزاعي، مهتني (٢) بن عتڪه، ۽ الوقاء بن عبدالرحمان کي ديبل ۽ نيرون ڪوٽ جي عملداريءَ تي روانو ڪيائين؛ جيئن اهي حدون محفوظ رهن. مليبج نالي، بڪر بن رائيل جي هڪ آزاد ڪيل غلام کي اشبهار (٣) جو گورنر مقرر ڪيائين، ۽ [ابن] علوان بڪري (۴) ۽ قيس بن ثعلبة، ٽن هزارن غلامن سان اتي ئي رهجي پيا، ڪين زالون [عيون] ۽ اولاد ٿيو ۽ جتن جي ساري ملڪ کي قبضي ۾ ڪري رهندا آيا.

محمد بن قاسم جي روانگي ٿيڻ جي خبر.

ساؤندي سمه جي والي، امير محمد، هن طرح بيان ڪيو آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم [٢١٨] برهمڻاباد جي بندوبست، ۽ اروڙ، الهندي، ڳوٺن ۽ پسڪردائي

---

(١) اصل ۾: فراستي عتڪي. "عتڪي" جي نسبة بنوالعتيڪ قبيلي ڏانهن آهي جو "ازد" سان آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٨٧]). "فراستي" نالو عربن ۾ ڪٿي به نظر نٿو اچي ۽ غالباً اهو "فراس" جي تصحيف آهي. (ن-ب) (٢) اصل متن ۾ "مهتي"; ڏنل تلفظ کي اسان خود صحت جي لحاظ کان سمجهيو آهي. (ن-ب) (٣ هت فارسي ايڊيشن خواه ر. ن ۾ "اجتهاد" آهي جو غالباً "اشبهار" جي تصحيف آهي. ڏسي ص [١٣٢] تي اشبهار جي قلعي ۽ پسڪردائي جي جتن جو ذڪر ڪيل آهي. هت ۾ هيٺ جتن جي ملڪ جو ذڪر آهي، جنهن سان ڀانئجي ٿو ته صحيح نالو اشبهار هئڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب) (۴) اصل متن ۾ علوان بحري"، مگر محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ علوان نه، ۾ سندس پٽ ذڪوان شامل هو. ڏسو ٿي ص ص. [١٠٧، ١٥٥، ١٧١-١٧٢، ١٧۴، ١٨٧ ۽ ١٩٢]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي معاملن مضبوط ڪرڻ کان فارغ ٿيو، تڏهن خميس جو ڏينهن، ٣- ماهه محرم سنه چورانوي ھ، منزل پٽي وڃي، ساوَنديءَ جي بسڪردائيءَ ۾ انهيءَ جاءِ تي لٿو جنهن کي ”منهل“ (١) چون ٿا. (اتي) هڪ فرحت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاهه (هو)، جنهن کي ڍنڍ وڪر بهار (٢) چوندا هئا؛ انهي ڍنڍ جي ڪناري تي منزل ڪيائين. انهيءَ پاسي جا سڀ ماڻهو (٣)، شمني ۽ ٻڌ وارا (٣)، واپاري هئا. [اهي] سڀ فرمانبرداريءَ سان پيش آيا. محمد بن قاسم حجاج جي فرمان موجب سڀني کي امان ڏيئي فرمايو ته: ”پنهنجي وطن ۾ آرام سان آسودا رهو، ۽ پنهنجي ڍل وقت تي خزاني ۾ پهچائيندا رهو.“ ٻيوءِ مٿن ڍل مقرر ڪري انهن سان ٻن ماڻهن کي مٿن رئيس مقرر ڪيائين: هڪ بواد شمني (٤)،

---

(١) پ، م، ر مطابق؛ ن، ب، ح: سهبل؛ س، ڪ: مستهل. (٢) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي ”دنده و ڪربهاء“ آهي جا غالباً م، ب مطابق آهي؛ پ: ديده د ڪربهاء؛ ر: دنده وڪربهار؛ ن: دنده وڪربهاء؛ ح: وڪربها. اسان ر جي پڙهڻي ”دنده وڪربهار“ (= ڍنڍ وڪربهار) اختيار ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته هن حصي جي شمنين ۽ ٻڌ وارن رهاڪن سان گمان ڪري ٿو ته ”وڪربهار“ ڪو هن ايراني جو ٻڌ جو مندر هو جنهن جي بوبان ڍنڍ تي ۽ ندلو پنجي ويو. ٻڌ جي مندرن جي نالن جون پڇاڙيون عموماً ”بهار“ هونديون آهن. (ن-ب) (٣)-(٣) فارسي ايڊيشن ۾ اصل الفاظ: ”سمنيان وبدگان“. پ، ن، ب، ح، ڪ ۾ ”بدگان“ جي بدلي ”بهزمان“ آهي؛ س: بهزنان؛ ر: ارڪان؛ م: لدڪان. (٤) اصل متن مطابق ”سمني بَواد“؛ ر، ن ۾ پڻ ”بواد“ پڙهڻي آهي؛ پ: بران؛ ڪ: بوار. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پو ٻُڌيڙي پٽ ڍَھَن ڍول (١). انهيءَ پاسي جا ٻهراڙي وارا جَٽ هئا، جن سڀني فرمانبرداري قبول ڪئي. سڀني کي حجاج جي پرواني جي حڪم موجب، خوف کان امانَ ڏيئي، اها حقيقت [حجاج ڏانهن] لکي موڪليائين.

جڏهن اها سڄي حقيقت حجاج کي معلوم ٿي، تڏهن جواب ڏنائين ته: ”حڪم ظاهر آهي ته جيڪو به لڙائي ڪري تنهن کي قتل ڪريو؛ ٻيءَ صورت ۾ سندن پٽ ۽ ڌيئرون ضمانت طور قيد ڪري بند رک. جيڪي ماڻهو فرمانبرداري لائق آهن ۽ سندن دل صاف آهي، تن کي امان ڏيئي سندن ذمي مال مقرر ڪريو. ڪاريگرن ۽ واپارين تي تمام هلڪو بار رکجو. جنهن بابت معلوم ٿئي ته آبادي ۽ کيتيءَ ۾ گهڻي ڪوشش ڪري ٿو، تنهن سان قانوني ڍل ۾ رعايت ۽ همدردي ڪئي وڃي. جيڪو اسلام جي عزت سان مشرف ٿئي، تنهن جي مال ۽ کيتيءَ مان عشرو (ڏهون حصو) ورتو وڃي؛ جيڪو پنهنجي ڌرم تي قائم رهي، تنهن جي [٣١٩] ڪارخاني ۽ کيتيءَ مان ملڪ جي قانون موجب ديواني ڍل جو حصو وصول ڪري ڪامورن جي حوالي ڪيو وڃي.“

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هن نالي جي پڙهڻي ”بديهي بن دهول“، ڏنل آهي جا م، ن، ب مطابق آهي؛ ر: ”بديهني بن دهول“؛ پ: ماٿي زن داهر؛ ڪ: بدهي. اسان ر جي پڙهڻي جي مناسبت سان، سنڌي نالي ۽ اچار مطابق ”ٻڌيڙي [پٽ] ڍھن ڍول“ ڪري لکيو آهي. [ن-ب]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پوءِ [محمد بن قاسم] اتان منزل ڪئي وڃي ڀهراور (١) ۾ لٿو، اتي بني سليمان بن نبهان ۽ [قبيلي] ڪنده جي آزاد ڪيل غلام اَبُوفضۃ القُشيري کي سڏي، خداءِ عَزَّ وَ جَلَّ، ۽ وڏيڪ تاڪيد لاءِ ڪندہ جي اولاد جا قسم ڏيئي (٢)، کين جنيد بن عَمرو ۽ بني تميم منجهان جماعت سان محبت ڪرائي، ڪَڏي، اهل ڀهراور جي [علائقي جي] دنگ ڏانهن موڪليائين (٢)، جتي هو وڃي مقيم ٿيا. عَمرو بن مختار الاڪبر

---

(١) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "و به هراور نزول کرد"، ۽ ان لحاظ سان هي نالو "هرور" ٿي سگهي ٿو. ل، ن جي عبارت: "و بهراور نزول کرد" يعني "ڀهراور" هڪ گڏيل لفظ آهي ۽ اسان جي خيال ۾ اهو مفرد نالو آهي ۽ نہ "ڀ + هراور" جو مرڪب. ممڪن آهي تہ اصل نسخي جي عبارت "و به بهراور نزول کرد" هجي ۽ ڪاتبن ڀورڻين "به" کي زائد سمجهي نہ لکيو هجي. اسان جي هن گمان جو ڀهريون سبب هن نالي جي پ ۾ ڏنل پڙهڻي ("تهراو") آهي جنهن سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن نالي جي اصل عاري صورت "تهراو" يا "تهراور" آهي، يعني تہ هن نالي جي شروع ۾ "هہ" ڪان اڳ هڪ گهر يا ڏندان آهي. پيو سبب هيٺ ڏنل، غالباً ساڳئي نالي "ڀهراور" جي، جملي قلمي نسخن ۾ "ڀهرج" پڙهڻي آهي، جنهن جي شروع وارو اڌ حصو "ڀهر" آهي. (ن-ب) (٢) - (٢) فارسي ايڊيشن جي عبارت هن طرح آهي: "و ايشانرا و آنجماعة را به جنيد بن عمرو و بني تميم داد و بعد اهل بهرج فرستاد"؛ مگر هڪ ٻن سڀني نسخن ۾ ڀهرين "به" جي بدران "از" آهي، ۽ پيو تہ سڀني نسخن ۾ "بني تميم" بعد هيٺيان ٻہ ٽي الفاظ آهن، جي ايڊيٽر مبهم سمجهي ڇڏي ڏنا آهن. پ: محبت؛ ن، ب، ح: منجست سٿبہ؛ س: محبت بستہ؛ ڪ: سنجت سٿبہ.
(ڏسو حاشيو صفحو ٣٢٤)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

الحنفي کي نائب مقرر ڪري، ناليرن مردن جي هڪ جماعت سندس فوج ۾ رکيائين.

سمن جو استقبال تي اچڻ.

پوءِ سمن جي قبيلن ڏانهن رخ رکيائين . ويجهو پهچڻ تي هنن دهل ۽ شرنائيون وڄائي، ناچ ڪندي، استقبال ڪيو. محمد بن قاسم پڇيو ته: "هيءُ ڇا جو آهي؟" ٻڌايائون ته: "هندن رسم آهي ته جڏهن ڪو بادشاهه يا حاڪم نئون ٿيندو آهي، تڏهن خوشي ڪري راندين ۽ راڳن سان پيش ايندا آهن." پوءِ خُريمُ بن عَمرُو، محمد بن قاسم وٽ آيو ۽ چيائين ته: "خدا تعاليٰ جي تعريف ۽ تهليل (١) چوڻ اسان تي واجب آهي، جنهن هيءَ جماعت اسان جي تابعدار ۽ حڪم هيٺ ڪئي آهي، ۽ اسان جو حڪم هن ملڪ ۾ جاري ٿيو آهي." خريم هڪ [٢٣٠] داناءُ ۽

غالباً "محبت بسته" يعني "محبت ڪرائي" صحيح آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٣٠]) ; ۽ انهيءَ لحاظ سان هيءَ فارسي عبارت هن طرح بيهندي: "وايشانرا و آن جماعت را از جنيد بن عمرو و بني تميم محبت بسته، داد و بعد اهل بهرج فرستاد". ترجمو به انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي . مگر "بهرج" غالباً "بهراور" جي تصحيف آهي ; ڇاڪاڻ ته بهرج جو شهر، جنهن جو ذڪر مٿي [٧٦] ۽ [٨٢] صفحن تي اچي چڪو آهي، ان وقت جي سنڌ جي حدن کان ٻاهر ۽ مڪران کان ۽ الهندي غالباً سيستان جي حدن ۾ هو ۽ هت انهيءَ جو ذڪر بي موقعي آهي: محمد بن قاسم "بهراور" ۾ اچي لٿو ۽ انهي بهراور علائقي جو انتظام ئي سندس پيش نظر هو. (ن - ب)

(١) يعني ذڪر لا إله إلا الله چوڻ. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوشيار شخص هو، ۽ تنهن سان گڏ ديندار ۽ امانت وارو هو. محمد بن قاسم سندس بيان تي کالي چيو ته: "انهن جي حڪومت توکي عطا ڪئي وڃي" - ۽ پوءِ [انهن سڀني کي] سندس آڏو نـاج ۽ تماشي ڪرڻ جـو حڪم ڏنائين. (انهيءَ تي) خريم، مغربي سون جا ويهه دينار کين انعام ڏنا ۽ چيائين ته: "هيءَ بادشاهي رسم آهي، جو جڏهن ڪنهن حاڪم جي اچڻ ڪري خوشي ڪن ٿا ۽ الاهي شڪر بجا آڻين ٿا تـه هيءَ نعمت انهن وٽ سدائين قائم رهندي."

محمد بن قاسم جي لوهاڻي مان سهته (علائقه) ڏانهون منزل ڪرڻ (١).

(٢) ڪالهين جي راوي، علي بـن محمد کـان [۽ ان] عبدالرحمان بن عبدربه السليطيءَ کان هن طرح روايت ڪئي آهي (٢) تـه: جڏهن محمد بـن قاسم لوهاڻي [برڪثي] جي

---

(١) اصل عنوان "منزل ڪردن محمد بن قاسم بطرف لوهانه و سيته" يعني محمد بن قاسم جو لوهانه ۽ سهته علائقن طرف منزل ڪرڻ: مگر هيٺ ڏنل بيان مان واضح آهي ته محمد بن قاسم، لوهانه جي علائقي جو انتظام مڪمل ڪري چڪو هو، ۽ هاڻي سهته يا سهتن جي علائقي واري ايراضي ڏانهن منزل ڪيائين. (ن - ب)

(٢) - (٢) اصل عبارت: "راوي احاديث از علي بن محمد بن عبدالرحمان بن عبدالله السليطي چنان روايت ڪرد". حقيقت ۾ علي بن محمد (المدائني) ۽ عبدالرحمان ٻه جدا نالا آهن. محمد ۽ عبدالرحمان جي وچ ۾ "بن" غلط آهي ۽ غالباً "عن" (يعني کان) جي بگڙيل صورتخطي آهي. عبدالرحمان بن عبدالله ۾ غلط آهي، صحيح نالو عبدالرحمان بن عبد ربه السليطي آهي جنهن جو ذڪر متي [٨١، ٩٣ ۽ ٩٩] صفحن تي اچي چڪو آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪم ڪــان واندو ٿي، سهتھ [قوم جي ٻرگٽي] جــي منزل تي آيو، تـــہ سندن رئيسن ۽ مکيہ ماڻهن مٿا ۽ پير اگهاڙا ڪري سندس استقبال ڪيو ۽ امانَ گهري. انهن کي پـــڻ امـــانَ ڏيئي، (مٿن) ٻل مقرر ڪري ضـــامن ورتائين، ۽ رستي جـــون منزلون طئي ڪري اروڙ ويجهو گهرڏائين. هنن جي سونهن کـــي اڳ ۾ ڪري اروڙ تائين آيـــا، جو شهر هند جـــو تختگاهہ ۽ سنڌ جـــو وڏي ۾ وڏو شهر آهــي، ۽ اتي جـــا رهاڪو اڪثر ڪري واپاري، هنرمند ۽ هـــاري آهن. راجا ڏاهر جـــو پٽ گوپي (١) انهيءَ قلعي تي قبضو ڪيو ويٺو هو، ۽ ڪوبہ ماڻهو راجا ڏاهر جي ڪسي وڃڻ جي خبر سندس اڳيان بيان ڪري نٿي سگهيو. هـــو چوندو ٿي رهيو تہ: "راجا ڏاهر اڃان جيئرو آهــي، ۽ هند جي لشڪر وٽي اچڻ لاءِ ويل آهي، جيئن انهن جي قوت ۽ مدد سان عرب جـــي لشڪر جـــي سامهون ٿئي." [محمد بـــن قاسم] هڪ مهينو انهيءَ قلعي جـــي سامهون هڪ ميل پنڌ تـــي ڇانوڻي هڻي ويٺو؛ (اتي) هڪ مسجد جـــو بنياد رکيائين، ۽ جمعي جي ڏينهن اتي خطبو پڙهيائين.

اروڙ وارن سان جنگ ڪرڻ.

بـــوءِ اروڙ وارن ســـان جنگ شروع ڪيائون؛ انهن (اروڙ وارن) کـــي اميد هئي تـــہ ڏاهر ڪا مـــدد [٢٢١]

(١) اصل صورتخطي: "توتي" ڪبل ترميم لاءِ ڏسو متي حاشيہ ١٠ ص ٢٢٢. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آئيندو سو قلعي جي مٿان نعرا ٿي هنيائون ته: ”توهان کي جان ۽ مال جي معافي ڪانه ملندي، جو ڏاهر مدد ونيو ٿو اچي، هاٿين، سوارن ۽ پيادن جو بي انداز زبردست لشڪر توهان جي بوبان ايندو، ۽ اسين قلعي کان ٻاهر نڪري توهان جي لشڪر کي شڪست ڏينداسون. هينئر توهان پنهنجو مال ۽ اسباب [خوامخواه] برباد نه ڪريو: پنهنجي جان تي رحم ڪري ۽جي وڃو مٿان برباد ٿيو. [هيءَ] نصيحت ڪن ڪريو.“

ڏاهر جي زال لاڏيءَ جو اروڙ جي قلعي وارن سان ڳالهائڻ لاءِ وڃڻ.

محمد بن قاسم جڏهن لڙائي ۾ سنڌن جانفشاني ڏٺي، ۽ سنڌن مقابلو نظر مان ڪڍيائين ته هو [ڪنهن به طرح] ڏاهر جي ڪسي وڃڻ قبول نٿا ڪن، تڏهن ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي - جا غنيمت جي مال مان خريد ڪري، پنهنجي نڪاح هيٺ آندي هئائين - انهيءَ ڪاريءَ اٺ تي، جنهن تي ڏاهر جي زال [گرفتار ٿيڻ وقت] سوار هئي، سوار ڪري پنهنجن اعتماد جوڳن، ماڻهن سان قلعي جي اڳيان موڪليائين، تان جو اُن [ويجهو وڃي] بلند آواز سان چيو ته: ”اي قلعي وارؤ! توهان کي چڱائي چوڻي اٿم، سمهون اچي ٻيهو ته چوان.“ [هيءَ ٻڌي] مڪيه ماڻهن جو هڪ ٽولو قلعي جي مٿان چڙهيو. پوءِ لاڏي سنهن ڪولي چيو: ”مان آهيان ڏاهر جي زال لاڏي. اسان جو راجا ڪسي ويو، ۽ سندس

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سير جهنڊن سان گڏ عراق ڏانهن، ۽ جت دارالخلافت ڏانهن، موڪلبائون. توهان پاڻ کي برباديءَ ۾ نہ اڇلايو“ــ (قـــوله تعالي) ولا تلقوا بايديكم الي التهلكة (١) (پاڻ کي بربادي ۾ نہ اڇلايو) ـ پوءِ ڌاڙون ڪري زار زار رُنا ۽ پڪار ڪرڻ لڳا. هو قلعي مٿان چڙهي رهيا هئا تہ: ”ڪوڙ ٿي ڳالهائين: تون ۽ هي چنڊالن ۽ ڍڳين کائيندڙن سان ملي هڪ ٿي ويٺي آهين. اسان جو راڄا اڃا جيئرو آهي. وڏو لشڪر، زبردست ڪٽڪ ۽ مست هاٿي ساڻ ڪري دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ ايندو. تو پاڻ کي عربن سان خراب [٢٢٢] ۽ ڪنو ڪيو آهي، ۽ سندن حڪومت کي اسان جي ملڪ تي ترجيح ٿي ڏين.“ [اهڙيءَ طرح] هوڳاريون ڏيندا ٿـي رهيا. هي خبر وڃي محمد بن قاسم کي پهتي، جنهنڪري لاڏيءَ کي واپس گهرائي، محمد بن قاسم چيو تہ: ”سيلانج جي گهرائي کان بخت بيزار ٿي چڪو آهي.“

هڪ جادوگرياڻي جو ڏاهر جي موت بابت جاچ ڪرڻ.

هن ڳالهہ جي سنواريندڙن هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: اروڙ جي قلعي ۾ هڪ جادوگرڻ رهندي هئي (٢)، جنهن کي هنديءَ ۾ ”جوڳڻي“ چوندا آهن (٢). گوپي [پٽ] ڏاهر (٣) ۽ شهر جي حڪيم مائهن اهيءَ وٽ وڃـي عرض ڪيو تـہ: ”تنهنجي علم مان اميد آهي تہ اسان کي راڄا ڏاهر جي خبر

---

(١) سورة البقرة: رڪوع ـ ٢٤. (ن ـ ب) (٢) ـ (٢) اصل عبارت: ڪہ بہ هندوي جوڳني گويند (٣) اصل ۾ توفي داهر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ملندي ته ڪٿي آهي؟“ جادوگربائيءَ چيو ته: ”مون کي اچوڪو ڏينهن مهلت ڏيو ته مان جاچ جوچ ڪري پوري خبر وٺي توهان کي واقف ڪريان.“ پوءِ گهر وڃي ۽ ٽن پهرن ڪان پوءِ سرانديپ جي ٻيٽ مان مرچن ۽ ڄائفر جي وڻ جي تازي ۽ ساوي شاخ مڪڙين، گلن، ۽ ڦر سميت هٿ ۾ ڪٺي موٽي آئي ۽ چيائين: ”قاف کان قاف تائين سـاري دنيا جو سير ڪيم، پر سنڌ ۽ هند ۾ ڪٿهن به جاءِ تي سندس نشان به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، ۽ نه ڪا سندس خبر ٻڌيم وڃي پهچڻ جي ڪا تدبير ڪريو. جيڪڏهن جيترو مجي ها ته مون کان ڪجهه پاسرو نه رهي ها. هن خبر جي تصديق لاءِ سرانديپ مان ساوون تازيون توهان وٽ ڪٺي آئي آهيان، جيئن توهان کي مون ۾ بدگماني نه ٿئي. مون کي پڪ ٿي وئي آهي ته توهان جو راجـا ووءِ زمين تي جيئرو ڪونه آهي.

پڪو انجام وٺي، اروڙ جو قلعو حوالي ڪرڻ.

هن خبر معلوم ٿيڻ تي شهر جي عـام خاص ماڻهن چيو ته: ”اسان محمد بن قاسم جي ديداري ۽ پرهيزگاري، انصاف ڏيڻ ۽ انصاف وٺڻ، عدل ۽ فضل، انجام جي پورائي، ۽ قول جي سچائي [٢٤٢] ٻڌي چڪا آهيون، ۽ هاڻي [خود اکين سان] ڏٺوسون، اسان کي گهرجي ته ڪنهن اعتماد جوڳي ماڻهوءَ جي معرفت پيغام موڪلي، امانَ گهري، قلعو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌس حوالي ڪريون." (هوڏانهن) گوپيءَ (١) ڪـي ڄڏهن ڏاهر جي ڪسڻ ۽ رعيت جي پريشان ٿيڻ جـي خبر پيئي، تڏهن جيئن ستارن جو بادشاهه (سج) ڪاريءَ رات جي پردي ۾ گهڙي ويو (٢) تـه پنهنجو ڪٽنب ۽ پوئلڳ وٺي، قلعي کـان نڪري چترور (٣) هليو ويو، سنڌس پـائر [۴] جنسينهه ۽ وکيو (۴) ڏاهر جا پٽ ۽ [پڻ] اتي هئا، جي نزوالهه صندل [۵] نـالي هڪ جڳهه تـي رهيل هئا، پوءِ علائين مـان هڪ ماڻهو جـو گوپـي (١) جي موافقت ۾ اروڙ ۾ رهيل هـو، تنهن گوپي (١) جـي ڀڄڻ ۽ لکي وڃڻ جي خبر لکي تير سان ٻڌي اڇلائي ته: گوپي [ڀـڄ] ڏاهر اروڙ جي حڪومت ڇڏي ڪنهن پاسي لکي ويو.

(روايت): محمد بن قاسم لشڪر کي جنگ تي موڪليو؛ جنگي جوڌا ۽ دلير بهادر قلعي جي پٽ تي چڙهي ويـا ۽ وڃي جنگ جوٽيائون.

---

(١) هن ۽ ايندڙ صفحي تي پ، ن، ب، ڪ جي متفق پڙهڻي "فوفي" آهي؛ ل جي "توفي" يا "قوني"؛ م: "قوني"، جا پڙهڻي فارسي ايڊيشن جي متن ۾ رکيل آهي؛ ڪيل ترميم لاءِ ڏسو متي حاشيه ١، ص ٢٢٢. (ن - ب) (٢) يعني راتو واهه (٣) هي پڙهڻي پ مطابق آهي. ن، ل، جتور؛ ب، س، چتور. (۴) - (۴) فارسي ايڊيشن جي عبارت، "جيسيه و د کيه" جا شايد پ مطابق آهي، ل، م، جيسه دوکيه، ن، ب، ح، جيسيه و وکيه. انان مان آخري پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته "وکيه" يعني "وکيو" قديم سنڌي نالو آهي. (ن - ب) (۵) هن نالي جي پڙهڻي ن، ب، ح مطابق ڏني وئي آهي ۽ فارسي ايڊيشن ۾ ٻئي اها پڙهڻي قائم رکيل آهي؛ ل، م، نزول صندل، پ، ڪ، نزوانه صدل؛ س، بزواله صدل. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رعيت ۽ ڪاسبين جي امان گهرڻ.

پوءِ واپارين، ڪاريگرن، ۽ ڪاسبين ماڻهن پيغام موڪليو ته: ”(اسان) برهمڻن جي بيعت ڪان ٻاهر آهيون، جو راجا ڏاهر اسان کان ويو ۽ سندس پٽ (گوپي) به منهن موڙيو. اسان ته هيءَ ڏينهن نئي گهريو، پر جڏهن هر شيءِ جي ڳالهه لاءِ حڪم الاهي نئي چڪو آهي، تڏهن ڪنهن مخلوق کي انهيءَ تقدير سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت نه آهي، ۽ (اها) جنگ يا حيلي سان ٽري ڪين سگهندي. دنيا جون بادشاهيون ڪنهن ماڻهوءَ جي ملڪيت نه آهن: جيئن ته قضا جي لشڪر غيب جي پردي مان حملو ڪري، ڪن راجائن کان ڪنهن بهاني [۲۲۴] سان تخت ۽ تاج کسيو، ۽ ڪن کي زماني جي گذرڻ؛ حادثن ۽ مصيبتن سان شڪست خورده ۽ زير بار ڪيو، تنهنڪري نه قديم بادشاهيءَ تي ڀروسو رهيو، نه نئينءَ حڪومت تي: [بلڪ حڪومت] جنهن جي هٿ ۾ اچي انهيءَ جي ئي قبضي ۾ رهڻ گهرجي، تنهنڪري اسان تنهنجي خدمت ڏانهن رخ ڪريون ٿا: ۽ تنهنجي عدل ۽ انصاف جي وسيلي تنهنجي تابعداريءَ جو هار ڳچيءَ ۾ وجهندي، قلعو امير عادل جي امينن جي حوالي ڪريون ٿا. اسان کي امان ڏئي لشڪر جي خوف کان بيخوف فرماءِ. هيءَ قديم بادشاهت ۽ وڏي امانت راجا ڏاهر اسان جي حوالي ڪئي هئي؛ جيستائين خيانت هئي تيستائين سندس نمڪ جو حق بجا آڻيندا رهياسون؛ پر جڏهن ڏاهر ڪسي ويو، ۽ سندس پٽ گوپي ڀڄي هليو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ويو، ڏنهن تنهنجي خدمت ڪرڻ اسان لاءِ وڌيڪ مناسب آهي."

(جواب): محمد بن قاسم جواب ڏنو ته: "مون اوهان ڏانهن پيغام ڪونه موڪليو هو، ۽ نه ڪو قاصد روانو ڪيو هو. توهان پاڻ ۾ اتفاق ڪري امان" گهرو ٿا ۽ پڪو انجام ڪريو ٿا. جيڪڏهن توهان جو اسان جي خدمت ڏانهن لاڙو ۽ رضامندو سچو آهي، ته جنگ کان هٿ جهليو ۽ پڪي انجام ۽ پوري اعتماد سان لهي اچو؛ جيڪڏهن نه، ته پوءِ توهان ۽ اسان جي وچ ۾ دشمني آهي. هن کان پوءِ توهان جو ڪوبه عذر نه ٻڌنداسون، ۽ نڪي قبول ڪنداسون، نڪي معاف ڪنداسون؛ توهان کي اسان جي لشڪر جي خوف کان بيخوف نه رهڻ گهرجي."

قلعيوارن جو انجام.

[انهيءَ تي قلعيوارا] پٺيءَ تان لهي آيا ۽ هڪٻئي سان عهد اقرار ڪري چيائون ته: "هن قول تي در ڪولي تيستائين بيهون ٿا، جيستائين محمد بن قاسم اچي، [پوءِ] جيڪڏهن پنهنجي انجام تي هلبو ته فرمانبرداري ڪنداسون ۽ خدمت جي طريقي تي هلنداسون، جيئن مهرباني ڪري [٢٢٥] اسان کي قبول ڪري ۽ امان ڏئي. ٻيءَ صورت ۾ نڳيءَ جو خيال ڪجو." پوءِ قلعي جون ڪنجيون هٿن ۾ کڻي دروازي وٽ آيا؛ حجاج جا جيڪي امين وچ ۾ هئا، سي ذريعو بڻيا، ۽ قلعيوارا در ڪولي سنبري بيٺا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو قلعي ۾ اچڻ.

پوءِ محمد بن قاسم دروازي کان اندر آيو. [سنڌس اچڻ جو هڏي] سڀ شهري نوبهار بتخاني وٽ گڏ ٿي؛ بت کي سجدو ڪرڻ ۽ پوڄڻ لڳا.

(روايت): محمد بن قاسم پڇيو ته: ”هيءَ ڪنهن جو گهر آهي؛ جو سڀ ننڍا وڏا ماڻهو گوڏا کوڙي خدمت ۾ حاضر ٿي سجدو ڪري رهيا آهن؟“ چيائون ته: ”بتخانو آهي جنهن کي نوبهار چوندا آهن.“ محمد بن قاسم جي چوڻ تي بتخانو کوليائون ۽ هو پنهنجي اميرن سان گڏ اندر ويو. هڪ سنگمرمر جي ٺهيل مورتي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺائين، جنهن جي ٻانهن ۾ جواهرن ۽ ياقوتن جي جڙاءَ سان سونا ڪنگڻ پيل هئا. محمد بن قاسم هٿ ڊگهو ڪري، بت جي هٿ مان ڪنگڻ لاهي ورتو ۽ پوءِ نوبهار بت جي مجاور کي سڏي چيائين ته: ”توهان جو بت هيءُ آهي؟“ چيائين: ”هائوا ۾ ڪيس ٻه ڪنگڻ هئا جن مان هڪ نه ڏيکارجي.“ محمد بن قاسم چيو ته: آخر توهان جي معبود کي اهڙي خبر به نٿي پوي ته سندس ڪنگڻ ڪنهن وٽ آهي؟“ مجاور ڪنڌ ڪني هيٺ ڪيو. محمد بن قاسم مرڪي ڪنگڻ کيس واپس ڏنو، جو وري بت جي ٻانهن ۾ وڌائون.

محمد بن قاسم جو لڙائي ڪندڙن کي قتل ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم حڪم ڪيو ته: لڙائي ڪندڙ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو اگرچ فرمانبرداري لاءِ ڪنڌ جهڪائين ٿا، پر ڪين نہ ڇڏيو وڃي.“ جنهن تي لاڏيءَ چيو تہ: ”هن ملڪ جا ماڻهو رڙا آهن، ۽ ڪي واپاري آهن: هيءُ شهر انهن جي ڪري ئي آباد ۽ سرسبز آهي. سندن ئي ڪمائي ۽ ڪيتيءَ ڪري خزاني ۾ مال موجود ٿيو رهي. جيڪڏهن [٢٢٦] (انهن کي) قتل ڪندين تہ تهنجو مال هليو ويندو.“ محمد بن قاسم چيو: ”راڻي لاڏيءَ هيءُ فيصلو ڪيو، تہ انهن سڀني کي (جن) امانُ ڏنائين.“

هڪ شخص جو ٻاهر نڪري امانُ گهرڻ.

هن ڪتاب جا راوي ۽ هن تاريخ جا بيان ڪندڙ هن طرح ٻڌائين ٿا تہ: جيڪي ماڻهو قتل لاءِ جلادن جي حوالي ڪيا ويا هئا، تن مان هڪ شخص ٻاهر نڪري چيو تہ: ”مون وٽ هڪ عجيب (شَرڪَت) (١) آهي.“ جلاد چيو تہ ”مون کي ڏيکار.“ هن چيو تہ: ”امير کان سواءِ توکي نہ ڏيکاريندس.“ ٻوءِ محمد بن قاسم کي خبر ٻڌايائون جنهن چيو تہ: ”هن کي وٺي اچو.“ اچڻ تي ڇيائينس تہ: ”تو وٽ ڪهڙي عجيب شرڪت آهي؟“ هن چيو تہ: ”اهڙي شيءِ جا ڪنهن بہ نہ ڏٺي آهي.“ محمد بن قاسم چيو تہ: ”ڏيکار.“ برهمڻ چيو تہ: ”انهيءَ شرط سان، تہ مون کي

(١) هت لفظ ”عجبي“ آهي ۽ هيٺ ”عجيب“ يعني عجيب شيءِ. ڀهراڙيءَ جي زبان ۾ ”عجيب شيءِ کي ”شرڪت“ چوندا آهن، ۽ اسان بہ اهو لفظ ترجمي ۾ رکيو آهي (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

منهنجن تابعدارن، عيال ۽ ٻارن سيني کي امان ڏيندين؟'' محمد بن قاسم چيو ته: ''امان ڏنم.'' (برهمڻ) چيو ته: ''پنهنجي نشان مبارڪ سان دستخط ٿيل پروانو عطا ڪر.'' محمد بن قاسم سمجهيو ته شايد قيمتي جواهر يا قيمتي زيور وٺس آهن. سي پيش ڪندو [۽ انهيءَ ڪري پڪو پروانو صحيح ڪيائين]. جڏهن ڪر انجام ٿي چڪو ۽ دستاويز لکيو تڏهن ڏاڙهيءَ جون ڳنڍيون کولي ڪنڌيريائين، ۽ سندس (ڏاڙهي جي) چوٽي پير جي آڱوٺي سان وڃڻي اچي بيهي. نچڻ لڳو ۽ هن طرح چوڻ لڳو- شعر:

کس انديشه است اين عجب ڪه مرا ست
موئي ريشم همي ڪشان تا پا ست
[هي عجب منهنجي جهڙو ڪنهن نه ڏٺو
ڏاڙهي منهنجي رسي ٿي پيرن تي]

محمد بن قاسم کي تعجب ٿيو. جيڪي ماڻهو حاضر هئا تن چيو ته: ''هيءَ ڪهڙو عجائب آهي، جنهن جي وسيلي امان گهري ائس؟ هن اسان کي ٺڳيو آهي.'' [ٻر] محمد بن قاسم [٢٣٧] چيو ته: ''قول، قول آهي ۽ انجام، انجام: پنهنجي انجام کان ڦرڻ بزرگن جو ڪم نه آهي''- رباعي:

منکر تو بدان ڪه ذوفنون آيد مرد
در عهد وفا نگر، ڪه چون آيد مرد
در عهده عهد اگر برون آيد مرد
از هرچه گمان بري، فزون آيد مرد.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[هرگز نہ ڏسج تہ باڪمال آهي مرد
پر ڏس تہ وفا سان باجمال آهي مرد
انجام جو اگر پابند هو تو رهي
وڏ وڏهو گمان کان خوش خصال آهي مرد].

[آخر] امير محمد بن قاسم چيو تہ: ”هن کي قتل ٿو ڪريان پر قيد ۾ ٿو رکان، ۽ هيءَ حقيقت حجاج بن يوسف جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان تہ چاٿو فرمائي.“ پوءِ کيس سندس ٻہ سؤ قريبن ۽ لاڳاپيدارن سائهن سميت بند ڪري، سندس ذڪر حجاج ڏانهن خط ۾ لکيائين. حجاج هيءَ معاملو بصري ۽ ڪوفي جي عالمن کان پڇيو، ۽ وقت جي خليفہ وليد بن عبدالملڪ کي (بہ) خبر ڏني. خليفي ۽ علمائن جو جواب پهتو تہ: (هن کان اڳ) رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي اصحابن جي درميان بہ اهڙيون دعوائون (فيصل) ٿي چڪيون آهن. (ڏسو) الله جو قول (١): رِجَالٌ صَدَقُوا مَا عَاهَدُوا اللہَ عَلَيۡهِ (اهي مرد جن اهو وعدو سچو ڪيو جو الله سان ڪيو هئائون).

اهو جواب جڏهن حجاج جي خط ۾ پهتو، تڏهن انهيءَ کي سيني تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن سميت آزاد ڪيائين.

جيٿسينہ جو ڪيرج ڏانهن وڃڻ.

وڏن ۽ مکيہ مائهن کان (بدل) ڳالهيون ڪن ٿا تہ: جيٿسينہ ست سؤ پيادا ۽ سوار ساڻ ڪري ڪيرج جي قلعي

(١) سورة الأحزاب: رکوع -٣. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ پهتو، تڏهن ڪيرج جي راجا (سندس) استقبال ڪيو ۽ ڏاڍي مهرباني ڪري، خوب وعدن سان دلداري ڏيئي چيائين ته: ”توکي اسلامي لشڪر جي (خلاف) جنگ ۾ مدد ڪندس.“ دروهر راءِ [۲۳۸] جي رسم هئي ته: سڀڪنهن ڇهين مهيني هڪ ڏينهن واندو ٿيئي، زالن سان شراب پيئندو ۽ راڳ ناچ ڪندو هو، ۽ ڪنهن به اجنبيءَ کي سندس خلوت واريءَ مجلس ۾ اندر وڃڻ جي اجازت ڪانه ڏيندا هئا. قضا الاهي جو جڏهن جيسينه [بن] ڏاهر اتي پهتو، تڏهن راجا دروهر راءِ جي جشن جو ڏينهن هو. جيسينه ڏانهن ماڻهو موڪلي چيائين ته: ”اڄ اسان جي خلوت آهي، ۽ اگرچ ڪو به نامحرم اسان جي خلوتسراءِ ۾ اچي نٿو سگهي، پر تون اسان جو پيارو مهمان ۽ فرزند جي بجاءِ آهين تنهنڪري قدم رنج ڪري هليو اچ.“ [الهيءَ اڄ تي] جيسينه اچي راجا جي زالن جي وچ ۾ مجلس ۾ ويٺو. جيسينه ڪنڌ هيٺ ڪري زمين تي ليڪا ٻڌي ڪڍيا، ۽ انهن زالن ڏانهن نه نهاريائين. اتي دروهر چيو ته: ”هي ٽولو تنهنجون مائرون ڀينرون آهن؛ بيشڪ ڪنڌ مٿي ڪري نظارو ڏس.“

(جيسينه جو انڪار ڪرڻ): جيسينه چيو ته: ”اسان بنيادي راهب آهيون، تنهنڪري نامحرم عورتن ڏانهن نه ڏسندا آهيون.“ پوءِ راجا دروهر هن کي (زالن ڏانهن) ڏسڻ کان معافي ڏيئي، سندس پرهيزگاري ۽ حياءَ جي تعريف ڪئي؛

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڳالھه ٿا ڪن ته: جڏهن زالون اچي گڏ ٿيون ته. (انهن ۾) درٻهر جي پٽ، چنگي - يعني حسين ۽ جميله - (پڻ) هئي. جتنسينه پڻ بادشاهه ٿو ٻار هو جنهن جو حسن ڪامل هو: قد صنوبر جهڙو، صورت نازڪ، سيرت سهڻي، سندس الفاظ سوتين جهڙا، آواز مٺو، اکيون نظاريدار، ۽ ڳل لعل ۽ موتين جي مثل هئا. درٻهر جي پٽ هن، کي ڏٺو، ۽ (ڏسڻ سان) جتنسينه جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪري ويئي [٢٣٩]: هر گهڙي [ڪيس] ڏسندي ۽ ناز و ادا سان چاپلوسي ڪندي رهي.

جتنسينه جڏهن اوطاق ۾ موٽي آيو، تڏهن درٻهر جي پٽ انسي پنهنجي گهر ويئي، ۽ [وڃڻ سان] هڪ مُختفو (ماڻو) تيار ڪرائي انهيءَ ۾ ٿي ويئي، جو ٻانهيون ڪان ڪنائي، جتنسينه جي رهڻ واري جاءِ تي آئي. پوءِ مخفي مان لهي اندر ويئي. جتنسينه کي ننڊ اچي ويئي هئي، چنگيءَ مان شراب جي بوءِ سندس دماغ ۾ پهتي ته، سجاڳ ٿيو، ۽ چنگيءَ کي پنهنجي پاس ۾ ويٺل ڏسي تپ ڏيئي اٿيو ۽ چيائين: ”شهزاديءَ جو ڪهڙي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي؟ هن طرح ڪيئن آيا آهيو؟“ عورت چيو ته: ”اي احمق! هن حقيقت پڇڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. هڪ سهڻي ۽ جوان عورت عين انڌيري رات ۾ تو جهڙي شهزادي جي ديدار لاءِ اچي مٿيءَ ننڊ مان جاڳائي، تو سان همبستر ٿيڻ چاهي - خصوصاً مون جهڙي محبوب، جنهن جي ناز ۽ نخري تي ساري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دنيا مفتون آهي، ۽ منهنجي وصال لاءِ سارو جهان ديوانو؛ شهزادي کان هيءَ ڳالهه مخفي رهڻ نه گهربي هئي، ۽ حقيقت کي چڱيءَ طرح سمجهي وٺڻ گهربو هو، ۽ هن ڪاميابيءَ کي صبح تائين غنيمت سمجهڻ گهربو هو.“ جيئسينه ورانيو ته: ”اي راجا جي نياڻي! اسان کي پنهنجي نڪاح ٻڌي حلال عورت کان سواءِ ڪنهن به نامحرم عورت سان ميل ميلاپ رکڻ جي مجال نه آهي. هيءَ ڪم اسان کان نه ٿي سگهندو، ڇاڪاڻ ته اسين برهمڻ زاهد ۽ پرهيزگار آهيون. بزرگن، پرهيزگارن ۽ آزاد عالمن کي اغوا ڪم ڪرڻ نه جڳائين. خبردار! متان اسان کي هن وڏي گناهه ۾ ڦاسايو اٿيئي.“ هن (چڱي) گهڻيون ئي نيزاريون ڪيون، پر (جيسينه) به توجهه ڪونه ڪيو، ۽ ڪنهن به ٿي تريون هٿي ڇڏيائين.

چڱيءَ جو جيئسينه کان نااميد ٿيڻ.

نااميد ٿيڻ تي چڱيءَ چيو: ”اي جيئسينه! مون کي هن دلي ارادي [٣٣٠]، نفساني لذت ۽ روحاني خواهش کان محروم ڪيو اٿيئي، باقي مان به پاڻ تي واجب ٿي سمجهان ته پوريائين توکي برباد ڪنديس، تنهن کان پوءِ پاڻ کي ٻاهر جي خوراڪ بڻائينديس.“ پوءِ پنهنجي جاءِ تي موٽي آئي، ۽ ننڍا جا ڪپڙا پهري بستري تي ليٽي پيئي؛

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوءَ شام کان ٻيءَ ڏينهن تائين (ٻرهم) جي ٻاهه ۾ ٻڇي ۽ ٻجري رهي هئي، ۽ هيءَ بيت (١) ٿي پڙهيائين - رباعي:

”تا عشق و جمال تو شده دل سوزم،
وين شمع جمال تست جان افروزم،
انصاف بده، و گر نه فرياد کنم،
خود را و ترا و شهر درهم سوزم.“

[دلدار تنهنجي عشق منهنجي دل کي آ ساڙيو،
آ، سونهن تنهنجي شمع مثل جان کي ٻاريو،
آءٌ دانهن ڪنديس جلندو جنهن ۾ شهر ۽ تون مان،
تہ تہ منهنجا سڄڻ مون کي اڄي جلد جياريو.]

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهہ (سج) آسمان جي برجن مان نڪتو ۽ سرمائي پردو ڦاڙي ڦٽو ڪيائين (٢)، تڏهن بہ چڱي سُتي رهي. شراب جو نشو، جدائيءَ جي نشي سان شامل ٿيل هو ۽ منجهند تائين ڪڙو بابو بڻي هئي. هوڏانهن راجا درمهر جي هيءَ حالت ٿيندي هئي جو جيستائين سندس پيءُ چڱي نہ ايندي هئي ۽ سندس منهن نہ ڏسندو هو، تيستائين ڪاڏو پيتو نہ ڪائيندو هو. سنديس ڏاڍي عزت ۽ تعظيم ڪندو هو. سو اتي پيءُ جي جاءِ تي ويو. هن کي غمگين ۽ پريشان ڏسي چيائين تہ:

---

(١) چڱي فارسي دان ڪانہ هئي، غالباً، مراد تہ هن رباعي واري معنيٰ ۾ ڪو بيت ٿي پڙهيائين. حقيقت ۾ هيءَ افسانوي رنگ، فارسي مترجم جي ايجاد آهي. (نبي) (٢) يعني سج ڪني ڪڍي ۽ صبح ٿيو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”اي پٽ! اي راجا جي ڌيءُ! توکي ڇا ٿيو آهي جو تنهنجو لال چهرو مٿهون ميرو ۽ هيڊو ٿي پيو آهي؟“ (جواب): ڇوڪريءَ چيو ته: ”اي راءِ زادا! هن کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿيندو جو هن احمق سنڌيءَ جيئن ته مون کي عيش عشرت جي محفل ۾ ڏٺو آهي، سو ڪالهه رات حرمسراءِ ۾ لنگهي اچي مون کي پاڻ ڏانهن ڪوٺي لڌو، ۽ منهنجي نيڪ بختي ۽ پاڪدامني جي دامن کي، جا ڪڏهن به پليديءَ جي غبار سان ميري نه ٿي هئي، ۽ منهنجي پرهيزگار نفس ۽ صاف عزت کي، پنهنجي گناهه جي گندگيءَ سان گندو ڪري ۽ منهنجي پاڪائي جي پردي کي چاڪ ڪري چاهيائين. راجا کي هن کان منهنجو بدلو وٺڻ گهرجي، جيئن هن کان پوءِ ڪو به نالائق هن قسم جي خيانت ۽ دست درازي جي جرات نه ڪري سگهي.“ ڏروهر جي غضب جي باهه ڀڙڪي ۽ پٽ کي چيائين: ”هو اسان جو مهمان آهي، ۽ [پسن] راهب ۽ [۲۳۱] برهمڻ، پڻ اسان کي وسيلو ورتو اٿس، ۽ اسان کان مدد گهري رهيو آهي. انڪل هڪ هزار جنگي جوان ساڻ اٿس تنهنڪري ڪس ڪڍي نه سگهبو، جو اسان جي طرف جا گهڻا ئي ماڻهو ڪسي ويندا، پر سندس ڪوهه لاءِ رٿ ڪريان ٿو. تون اٿي ڪاڏو ڪاءِ. جڏهن صورت ۾ ڪابه حرڪت ڪانه ٿي آهي، تنهنڪري ڪو به ڏڪو داب ڪري ٿو سگهجي.

دروهر جي ڄيسينگهه سان بيوفائي ڪرڻ، ۽ سندس پٽ چچگيءَ جو ڄيسينگهه سان مڪر

پوءِ دروهر گهر ۾ اچي ٻن هٿياربند جلادن، هڪڙي ڪبير ٻهادر (١) ۽ ٻهنو (٢) نالي، کي گهرائي چيو ته "مان اڄ منجهند کان بعد ڄيسينگهه کي گهرائي مهماني ڪندس ڪاڏي ڪٿي کان ووهه شراب جي مجلس ۾ خلوت ڪري ڄيسينگهه سان شطرنج کيڏندس. توهان ٻئي پنهنجا هٿيارن سميت تيار رهجو، جڏهن آءٌ چوان، شاه مات شد، (بادشاهه مات ٿي ويو)، تڏهن توهان ترارون ڪڍي ڄيسينگهه کي قتل ڪري ڇڏجو."

هن حال جي هڪ سنڌيءَ کي خبر پئجي وئي، جو ڏاهر جو خدمتگار هو ۽ دروهر جي خاص ماڻهن سان دوستي هيس. هن هيءَ حقيقت ڄيسينگهه کي ٻڌائي، راجا دروهر جي نيڪيءَ کان (ڪيس) واقف ڪيو. ڪاڏي وقت جڏهن دروهر جو معتمد ڄيسينگهه کي سڏڻ آيو، تنهن وقت پنهنجن جانبازن جي سردارن مان (ٻن) نڪرن کي گهرائي چيائين ته:

---

(١) اصل ۾ "ڪبير ٻهدر" جا پڙهڻي ل، م مطابق آهي؛ ن، ب، ح، ڪ ۾ فقط "سهل"؛ پ: ٻهل روءِ س: سهل

(٢) "ٻهنو" پڙهڻي ل، م مطابق آهي؛ پ: لهڙو؛ ن، ب، ح، ڪ: ٻهو س: سهو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”اي تُورسيئنءَ ۽ سُورسيئنءَ (۱)! سان راجا دروهر جي مهمانيءَ تي وڃان ٿو. توهان هٿيارن سميت تيار ٿي مون سان گڏ هلو. اتي دروهر سان شطرنج کيڏندس، ۽ توهان هوشيار ٿي دروهر جي مٿان بيٺي رهجو، جيئن هو نه ڪا اچائي يا ٺڳي ڪري سگهي، ۽ نه رتي سگهي [۲۲۳]“.

جئيسينءَ جو ٻن هٿيار بندن سان اچڻ

اهڙي نموني سان بادشاهه جي دربار ۾ ويا. هوڏانهن دروهر ڪنهن کي به اهڙو حڪم ڏنو هو ته جيسينه سان گڏ ٻئي ڪنهن کي اندر نه ڇڏجو. تنهنڪري ٻئي بهادر اندر هليا آيا، ۽ اوچتو ئي اوچتو اچي دروهر جي مٿان بيٺا. شطرنج پوري ٿيڻ تي دروهر هنن [پنهنجن ماڻهن] کي اشاري ڪرڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪيو ته ٻه ماڻهو هٿيارن سان تيار ۽ هوشيار بيٺل ڏسي پشيمان ٿيو، ۽ چيائين ”شه مات نشده آن گوسفند را نمي بايد ڪشت“ (شاهه مات

(۱) اصل متن توڙي نسخن ۾ هنن نالن جي ٻڙهڻي ”تورسيه و سورسيه“ آهي. ”سيه“ دراصل ”سينه“ (يعني شينهن) آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان ٻنهي نالن ۾ ”ن“ وڌايو آهي. (ر، جي ٻڙهڻي ”تورسيه“ جي بدران ”ڪورسيه“ آهي، مگر ”تورسينه“ زياده صحيح آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ بعضي بهادري جو داد ڏيندي چوندا: ”واه تورسنگ!“: چوندا آهن مڙس ته ”مڙس تورسنگ آهي“ يعني بهادر ۽ پهلوان آهي. ”سنگ“ ساڳيو سينه يا شينهن جي معنيٰ ۾ آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نہ ٿيو، تنھنڪري انھيءَ ڳيڻتي ڪي ڪِين نہ ڳڻيو).
جيسِينگھہ سمجھيو تہ اھو اشارو آھي. پوءِ ھو اُتان اٿي پنھنجي اوطاق ۾ آيو، ۽ ڳوٺن سنجڻ جو حڪم ڪيائين. ايتري ۾ جيسِينگھہ غسل ڪري ھٿيار پَهري پنھنجي لشڪر ڪَسي تيار ڪري [ڳوٺن] مٿي وڃڻ جو حڪم ڪيو. [ھرڏانھن] دروھر ھڪ اعتماد جوڳو ماڻھو انھيءَ جانچ لاءِ موڪليو ھو تہ جيسِينگھہ ڇا ٿو ڪري. انھيءَ ماڻھو موٽي اچي چيو تہ: ”خدا جي رحمت ھجي انھيءَ ماڻھوءَ تي جنھن جي ذات پرھيزگاريءَ جي زيور سان سينگاريل ھجي. جنھن بنياد سگھورو ھو، جنھن ڪم ڀرا نہ ھئا، ھميشہ خوف ۽ اميد ۾ رھي طھارت ۽ پاڪيزگي جي ڪوشش ڪندو رھيو.“
(خبر): جڏھن ٿا تہ جيسِينگھہ غسل کان فارغ ٿي، ڪپڙا ڪاڍي، ھٿيار پھري، (گھوڙي) مٿي وڃي، وھٽن تي سامان لڏائي، راجا دروھر جي سراءِ جي اڏو آيو، ۽ ملاقات کان سواءِ ڪيس الوداع چئي، پنھنجي وڃڻ جو چاڻ ڪري، دوستن ۽ تابعدارن سميت روانو ٿي ويو: ھلندو وڃي جالھندر جي حد کان ڪشمير ۾ پھتو. انھيءَ بادشاھ جو نالو بلھرا(١) ھو، (۽) (٢) شاھ جي آستان (گادي جو ھنڌ؟) کي اسڻ ڪسڻ چوندا ھئا، (٢) جتي ھو (جيسِينگھہ) وڃي رھيو

(١) فارسي ايڊيشن مطابق ”بلھر“: جا غالباً ڇپ جي چُڪ آھي؛ ن، م: بلھر؛ ر: بھور. (ن۔ب) (٢)-(٢) اصل فارسي عبارت: ”اسہ کسہ آستان شاہ گفتندي“ جنھن جو مدار غالباً ڇپ تي آھي. ”اسہ کسہ“ جي بدران ل، م: انسہ کسہ؛ ن، ب، ح؛ سہ کسہ؛ س: اسر کسر. (ن۔ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تان جو عمر بن عبدالعزيز رضه جي خلافت ۾، ۽ دارالخلافت جي حڪم موجب عَمْرُو بن مُسْلِم الباهلي (١) وڃي اهو ملڪ فتح ڪيو [٣٣٣].

ڄيِسِينگهه جي بهادري ۽ سنڌس ٽالي جو سبب.

اروڙ جي ڪن برهمڻ کان روايت آهي ته: ڄيِسِينگهه [پٽ] ڏاهر مردانگي ۽ دانائيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس جنم جو قصو هن طرح هو ته: هڪ ڏينهن راجا ڏاهر شڪار جي سامان ۽ هٿيارن سان شڪارگاهه ۾ ويو. جڏهن شهر جي آسپاس (هڪ طرف) ڪتا، چيتا ۽ سگهڙ هرڻن تي ڇڏيائين، ۽ (ٻئي طرف) شاهين، باز ۽ شڪرا هوا ۾ اڏامڻ لڳا، ته (اوچتو) هڪ گجندڙ شينهن پيدا ٿي سانهن جو رستو روڪي ڇڏيو، (جنهنڪري) شڪارين جي لشڪر ۾ هيبت ۽ دانهوڙ مچي وئي. ڏاهر گهوڙي تان لهي پيادو ٿي شينهن جي سامهون ٿيو ۽ شينهن سان جنگ جو ارادو ڪيو. راجا ڏاهر چادر هٿ تي ويڙهي شينهن جي وات ۾ وجهي، ترار هڻي سندس ٻئي ٽنگون قلم ڪري ڇڏيون. تنهن کان پوءِ هٿ ڪڍي ترار هڻي

(١) فارسي متن ۾ "عمرو بن سلم اعلي"؛ ن جي ٻئي اهاڻي پڙهڻي آهي: "عمرو بن مسلم"، جو صحيح آهي؛ "اعلي" در اصل "الباهلي" جي تصحيف آهي؛ سڄو صحيح نالو عمرو بن مسلم الباهلي آهي، جيڪو ته عمر بن عبدالعزيز رضه جي خلافت ۾ اهوئي سنڌ جو گورنر هو. ڏسو آخر ۾ حاشيه [٣٣٣]. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌس پيٽ ڦاڙي وڌو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. هـــر ڌرانهن جيڪي ماڻهو آيا، سي انهن ٽڪرن جي ڏس وٺندا آيا. ڪن ٽڪرن کي ساٿ وٺي ويا، تن گهر اچي راڻيءَ کي راجا ڏاهر جي انهن ٽڪرن سان گڏجڻ جي خبر ڪئي. راجا ڏاهر جي زال پيٽ سان هئي، ۽ هن خبر ٻڌڻ تي، مڙس سان نهايت محبت سبب، بيهوش ٿي ڪري پيئي. جيستائين راجا ڏاهر شڪارگاهه مان موٽي آيو، تيستائين ٻئي ڪان عورت جو ساهه جسم کان جدا ٿي چڪو هو. ڏاهر اچي ڏٺو ته زال مئي پيئي آهي ۽ سنڌس پيٽ ۾ ٻار ڦٿڪي رهيو آهي. سنڌس پيٽ ڦاڙڻ جو حڪم ڏنائين: ٻار جيئرو نڪري آيو جنهن کي دائي جي حوالي ڪيائون ۽ ”جَيْسِيَنْهُ“ نالو رکيائون، جنهن جي معني [عربيءَ ۾] ”اَلْمُظَفَّرُ بِالْاَسَدِ“ (فاتح شير) ۽ پارسيءَ ۾ ”شير فيروز“.

احنف بن قيس جي ڏوهٽي رَوَاح بن اَسَد جو اروڙ تي مقرر ٿيڻ

هنن ڪنوارين [حڪايتن] جـــي سنواريندڙن ۽ هنن چڱين جي باغبانن، (١) علي بـــن محمد [کـــان جنهن] مَسْلَمَة بن مُحَارِب (١) ۽ عبدالرحمان بن عَبْدِ رَبِّهِ السليطي

---

(١)-(١) اصل متن ۾: ”از علي بن محمد بن سلمه بن محارب“. حقيقت ۾ هي ٻه ڌار ڌار نالا آهن. علي بن محمد (المدائني) ۽ مسلمه بن محارب. محمد ۽ سلمه جي وچ ۾ ”بن“ حقيقت ۾ ”عن“ (کان) جي بگڙيل صورتخطي آهي. ”سلمه“ به غلط آهي ۽ صحيح نالو مسلمه بن محارب بن زياد آهي، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ ص [٧٨] تي ۽ هن کان پوءِ ص [٢٢٤] تي اچي ٿو. (ن. ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪـان هن طرح روايـت ڪني آهي تـه: جڏهن [٢٢٤]
محمد بن قاسم، تختگاهه اروڙ- بغرور (١) کي پنهنجي اقتدار ۽
تابعداري هيٺ آنـدو، ۽ ميڻي [ماڻهو] سندس فرمانبردار
۽ حڪم جا بندا ٿيا، تڏهن آحنف بن قيس جي ڏوهٽي
رُواح بـن آسد کي اروڙ جـي گورنري تي مقرر ڪيائين،
شرعي ڪاروبار، دارالقضاء جـو ڪم ۽ خطابت جو عهدو،
صَدْرُ الامَامِ الاَجَلّ العالِم (مکيه امام وڏي عالم)، بَرهَانَ
المِلةَ وَالدِّينْ (دين ۽ قوم جي روشن دليل)، سَيفُ السنة
وَنَجمُ الشَرِيعَة (سنت جي تلوار ۽ شريعت جي ستاري)،
موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد (بن موسيٰ) بـن شيبان
بـن عثمان الثقفي (٢) رحمة الله عليهم اجمعين، جـي حوالي
ڪري حڪم ڪيائين تـه: رعيت جي دلجوئي واجب سمجهي
وجي ۽ يَاْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (يعني
نيڪي لاءِ تاڪيد ۽ بـديءَ کان منع) جو حڪم (بـين)

---

(١) پ ۾ "اروڙ بغرور" ۽ ٻين جملي نسخن ۾ "الور بغرور" آهي، مگر حقيقت ۾ اهي ٻن شهرن جا نالا آهن جن تہ بلاذري (ص ٤٣٩) چوي ٿو ته "سار محمد يريد الرور و بغرور". انهيءَ ڪري اسان ترجمي ۾ "اروڙ ۽ بغرور" لکيو آهي (ن - ب)

(٢) ڏنگين ۾ (بن موسيٰ)، مٿي ص [٩] تي پ جي پڙهڻي "طائي بن محمد بن موسيٰ" جي آڌار تي وڌايل آهي؛ هن صفحي تي جملي نسخن جي متفق پڙهڻي "طائي بن محمد" آهي؛ البت ص [٩] تي سواءِ پ جي ٻين جملي نسخن جي پڙهڻي "طائي بن موسيٰ بن محمد" آهي، (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻهمل ڦــ رهي: ۽ ٻنهي ڪــي خلق ۽ رعيت سان رعايت ڪرڻ جي بـشارت ڪري آزاد پروانو عطا ڪيائين. ٻـوءِ منزل ڪئيائين، ۽ هلندو ويو تان جو پاڦيه (١) جي قلعي [وٽ پهتو]، جو بياس نــديءَ جي ڏکــڻ ۾ هڪ قديم قلعو هو، ۽ اتي جو حاڪم (٢)، ڏاهر بــن چچ جو سؤٽ، ڪڪسو (٣) بن چندر بن سيلائچ هو (٢).

(٢) ڪڪسي (٣) تي فتح حاصل ڪرڻ ۽ هن جو محمد بن قاسم وٽ اچڻ (٤).

هو (ڪڪسو) ڏاهر بن چچ جي لڙائيءَ ۾ [مددگار ۽ موجود] هو، ۽ اتان شڪست کائي ڀڄي اچي انهيءَ قلعي ۾ ويٺو هو. اسلامي لشڪر جي قريب اچڻ تي ڍل ۽ ضمانت خدمت ۾ موڪليائين. وڏيرن ۽ مکيه ماڻهن (سان) حاضر ٿي خدمت جو شرف حاصل ڪيو. محمد بن قاسم انهن سان مهربانيءَ ســان پيش آيو، ۽ ڏاڍيون نوازشون ڪري پڇيائين تــه: "هيءُ ڪڪسو (٣)، اروڙ جو رهاڪو آهي؟. اتان ڇا سبب

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "باتيه" آهي جنهن کي اسان "پاڦيه" ڪري لکيو آهي. "باتيه" غالباً پ جي پڙهڻي آهي. ر: بابيه؛ ن: بابينه؛ م، س: بابيه. ب: باسه؛ ڪ: باهيه؛ ح: ٻنبه. (ن - ب) (٢)-(٢) هي عبارت فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جو مدار غالباً پ ۽ ب تي آهي. ن ۾ بہ اها عبارت انهيءَ طرح آهي (٣) اصل ۾: ڪڪسه (٤)-(٤) هي عنوان ر، م مطابق آهي ۽ پ، ب، ن ۾ موجود ڪونهي. ر ۾ هي عنوان هن طرح آهي "فتح ڪردن ڪڪسه و آمدن سيلائچ بن محمد بن قاسم." عنوان بعد عبارت هن طرح شروع ٿئي ٿي: "سيلائچ عمزاده داهر بود و او در جنگ داهر چچ بود - الخ." سواءِ پ، ن، ب جي ٻين نسخن ۾ بہ انهيءَ طرح آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو داناءُ عقلمند ۽ سچا هئا، ۽ [پڻ] امانت ۽ پرهيزگاريءَ سان موصوف. تنهنڪري ڪيس امان ني ڏجي ته جيئن هو [امان وٺي] دل جي قوت ۽ اميد جي روح سان حاضر ٿئي. [٢٣٥] هن کي تنهن وڏي ڳالهه ۾ پنهنجو صلاحڪار بنايو وڃي. آءٌ سائس سچائي ۽ وزارت جو رستو وچ ۾ قائم ڪريان ٿو."

ڪڪسي جي صلاحڪاري.

ڪڪسو هڪ ڄاتو شخص ۽ سنڌ جو داناءُ مرد هو، (تنهنڪري) خدمت ۾ حاضر ٿيو ني [محمد بن قاسم] کيس وقت ڏيا وقت پنهنجي تخت جي سامهون رکندو هو، ۽ ساڻس صلاح مشورو ڪندو هو—

شعر: لَا تَسْتَشِرْ غَيْرَ نَدْبٍ حَازِمٍ يَقِظٍ
قَدِ اسْتَوَىٰ مِنْهُ إِسْرَارٌ وَ إِعْلَانٌ

ترجمو: صلاح رکو تجربيڪار، هوشيار ۽ دورانديش سان ڪر، جنهن جي آڏو ڳجهه ۽ ظاهر برابر هجي.

—— ۽ سنڌس صلاح کان ٻاهر نه ويندو هو. هو سڀني اميرن ۽ سپهه سالارن جو اڳواڻ هو، ڏيلون ۽ آسپاس [جو ملڪ] سندس انتظام هيٺ هوندو هو. خزانو سندس مهر هيٺ ڏنو ويو هو. انهيءَ کان پوءِ هو هر لڙائيءَ ۾ محمد بن قاسم سان مددگار هو، ۽ سندس نالو "مبارڪ مشير" رکيو هئائين.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جي ملتان (١) ڏانهن ڪوچ ۽ ملتان (١) جي فتح

تنهن جو احوال.

سڪي کي درست ڪرڻ بعد، [محمد بن قاسم] انهيءَ قلعي کان ڪوچ ڪري، بياس ندي ٽپي اسڪلندہ (٢) جي قلعي ڏي ويو. انهيءَ قلعيوارن کي خبر پيئي ته عرب جو لشڪر آيو آهي سو جنگ لاءِ نڪري آيا. زائدة بن عميرِ الطائي (٣) ۽ ڪڪسو (لشڪر جا) اڳوڻ هئا: لڙائي شروع ڪيائون ۽ اهڙا سخت مقابلا ٿيا جو ٻنهي طرفن کان رت جون نديون وهي اٿي هليون. عربن اڳين نماز وقت تڪبير جو نعرو هڻي، هٿو هٿ حملو ڪيو. مشرڪ شڪست کائي وڃي قلعي ۾ پيا، [٢٣٦] ۽ قلعي جي مٿان تير ۽ منجنيق جا پٿر اڇلائڻ لڳا ۽ ست ڏينهن جنگ جاري رکيائون. ملتان جي حاڪم جي ڀائٽي- جو ملتان جي قلعي ۾ هو- ٻن کي لڙائون ڪيون، تان جو لشڪر جو اناج

---

(١) - (١) اصل ۾ "سڪه ملتان". وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه: ص [٢٣٦] (٢) ل، م: عڪسلنده؛ ن، ب، ح، س، ڪ: علڪنده؛ پ ۽ عذڪيده (٣) نسخن جي مختلف پڙهڻين جي بناءَ تي فارسي ايڊيشن ۾ "زائده بن عميرة الطائي" پڙهڻي قائم ڪئي ويئي آهي. مگر صحيح نالو "زائدة بن عمير الطائي" آهي، جيئن ته بلاذري (فتوح، ص ٤٣٩) محمد بن قاسم جي ملتان واري فتح جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: "قطع (محمد) نهر بياس الي الملتان، فقاتله اهل الملتان، فابلي زائدة بن عمير الطائي." (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪئي ويو، ۽(١) اسڪلنده جو (حاڪم) سيهرا (١) راتو واهه ڪري وڃي سڪه جي قلعي ۾ پهتو. سڪه، راوي ندي جي ڪناري تي هڪ عاليشان قلعو هو. حاڪم جي وڃڻ تي رعيت، ڪاريگرن ۽ واپارين [محمد بن قاسم ڏانهن] پيغام موڪليو ته: "اسان رعيت آهيون، هاڻي جيئن ته والي هليو ويو، تنهڪري اسان کي امان ڏي." محمد بن قاسم، واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي اسان ڏئي قلعي ۾ آيو، ۽ چئن هزارن هٿياربند مردن کي خونخوار ترار جو ڪاڄ بنائي، سندن پونئرن کي غلام ڪيائين. پوءِ عُتْبَه بن سَلْمَه تَمِيْمِيءَ (٢) کي اتي مقرر ڪري پاڻ (٣) سڪه ۽ ملتان (٣) ڏانهن رخ رکيائين. اهو راوي ندي جي ڏاکڻي ڪناري تي هڪ قلعو هو. بجهراطاڪيءَ (٤) جو ڏوهٽو بجهرا (٤) انهيءَ قلعي ۾ رهندو هو. جڏهن ان

---

(١) - (١) ترجمو فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جي عبارت "سيهرا اسڪلنده" آهي جنهن ۾ ترڪيب اضافي سمايل آهي. مختلف نسخن جون پڙهيون هن طرح آهن - ر، م: سهيرا سڪلنده، ن، ب س: سهرا بعد ڪنده؛ پ: سيهرا عيد ڪنده. (ن - ب) (٢) ر: عتبه ابن مسلمه تميمي (٣) - (٣) اصل فارسي عبارت "سڪه ملتان" ۽ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ص [٢٣٦-٣٧]. (ن - ب) (٤) فارسي ايڊيشن ۾ هنن ٻن جاين تي "بجهرا طاڪي" ۽ "بجهرا" پڙهيون ڏنيون ويون آهن، مگر ان بعد هيٺ "بجهرا" پڙهڻي ڏني وئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو پ ۽ م نسخن ۾ (جن تي فارسي ايڊيشن جو مدار آهي) "بجهرا" توڙي "بجهرا" ٻئي پڙهيون آهن. ٻن نسخن مان ر جي پڙهڻي "بجهرا"؛ ن جي "بجيهرا" يا "بجهرا"؛ ب جي "بجيهرا" ۽ س ڪ جي "بجهرا" آهي. لهذا بجهرا، بجهرا، بجهرا يا بجهيرا مان ڪابه پڙهڻي اختيار ڪري سگهجي ٿي. اسان ترجمي ۾ "بجهرا" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کــي خبر پئي تڏهن جنگ شروع ڪيائون. هر روز جڏهن عرب جو لشڪر قلعي جي اڳيان ايندو هو تــه قلعيوارا ٻاهر نڪري جنگ ڪندا هئا. سترهن ڏينهن تائين سخت لڙائيون ڪيائون. (هن لڙائي ۾) مشهور معروف همراهن مــان ويهه ڄڻا (١) شهيد ٿيا، ۽ شامي لشڪر مان جملي ٻــه سؤ پندرهن ساٿيو قتل ٿيا. ٻجهرا (٢) راوي ندي ٽپي ٻــار وٺوء. محمد بن قاسم دوستن جي شهيد ٿيڻ ڪري قسم کنيو هو تــه: ”هــن [سڪه جي] قلعي کــي ڍاهي ڇڏيندس.“ پوء سنڌس حڪم ڏيــڻ تي ســاري شهر کي ويران ڪيائون، ۽ ملتان ڏانـهـن (درياه) لنگهيا (٣). ملتان جــو راجا ڪندا (٣) ۽ ٻجهرا جنگ لاء نڪري آيا. [٢٣٧]

محمد بن قاسم جي راجا ڪندا (٣) سان جنگ ڪرڻ.

انهيء ڏينهن صبح ٿيڻ کان شــام جي ختم ٿيڻ تائين سخت لــڙائي هلي. جڏهن دنيا مصيبت زدن جهڙي ڪاري رلــئي اوڍي، ۽ ستارن جــو بادشاه غروب جي پــردي ۾

---

(١) ل، م: بيست و پنج (پنجويهه ڄڻا) (٢) ن، ب: ٻجهيرا؛ س، ڪ، م: ٻجهرا. (٣)-(٣) اصل ۾ ”ڪندا راي ملتان“؛ فارسي ايڊيشن ۾ ٻن لفظ اختيار ڪيل پڙهڻي آهي پ، ب، ڪ: ڪذاراي؛ م: ڪذاري؛ ڪذري؛ ن: ڪذاراي ؛ ر: ڪذاري ؛ ح : ڳذا راي، س: ڳذا راي، ڪند راي انهن پڙهڻن ۾ ”ڪذا راي“ عام پڙهڻي نظر اچي ٿي جا غالباً ”ڪندا راي“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. انهيء ڪري اسان فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي ”ڪندا راي“ کي ترجيح ڏني آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هليو ويو (١)، تڏهن ٻئي (لشڪر) پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا، ٻئي ڏينهن جڏهن صبح صادق اونداهي پردي مان نڪتو ۽ دنيا روشن ٿي، تڏهن ٻيو دفعو جنگ شروع ڪيائون. ٻنهي طرفن کان ڏاڍا ماڻهو قتل ٿيا. اها جنگ بدستور قائم رهي، ۽ ٻـن مهينن تـائين [قلعيوارا] قلعي مٿان منجنيق، غنڊرڪ (٢) پٿر ۽ تير وسائيندا رهيا، تان جو لشڪر ۾ اناج جي ڏاڍي تنگي اچي پيدا ٿي ـ اهڙيءَ حد تائين جو گڏهه جي سُنڍي وڃي پنج سؤ درهمن کي لڳي. ڏاهر جي سؤٽ، اُمر ڪورسيئـه (٣) ٻٽ چندر، ڏٺو ته: ”عرب جي لشڪر ۾ ڪابه سستي نه آئي آهي، ۽ مضبوط آهن؛ اسان کي ڪنهن به طرف کان مدد ڪانه آهي“؛ سو (٤) ڪشمير جي راجا (٤) جي خدمت ۾ هليو ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن عرب جي لشڪر ٻهچي لڙائي شروع ڪئي، ۽ ڪنهن به حيلي سان (قلعي کي) ڪاٽ ٿي نه لڳي سگهيو، ته (اوچتو) قلعي جي اندران هڪ ماڻهو ٻاهر نڪري آيو ۽ [اچي] امان گهرڻ لڳو. محمد بن قاسم کيس امان ڏني، پوءِ انهيءَ جي ڏس ڏيڻ تي، نديءَ جي ڪناري لـڳ، اتر

---

(١) يعني سج لهي اونداهي ٿي. (مترجم) (٢) غندرڪ = جنگ جو هڪ اوزار (Staingass) A warlike instrument (٣) ن، ب ۾ ”ڪراسيد“، ۽ باقي نسخن ۾ ”ڪورسيه“: فارسي ايڊيشن ۾ ٻنهين پڙهڻي اختيار ڪيل آهي ۽ اسان به ان کي ترجيح ڏني آهي، مگر ”ڪورسيه“ جي بدلي ”ڪورسيند“ (گهور شينهن؟) ڪري لکيو آهي. (ن ـ ب) (٤) - (٤) پ، ل، م، س، ڪ: شاه ڪشمير، ن، ب: راي ڪشمير.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طرف ڪاهن ڪاٽ هنيائون، ۽ ٻن ـ ٽن ڏينهن ڪان پوءِ انهيءَ جڳهه ڪان قلعي جي پٽ اچي پٽ تي پيئي ۽ قلعو فتح ٿيو. ڇهن هزارن جنگي سپاهين کي قتل ڪيائون ۽ سندن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن کي ٻانهن بنايائون. باقي واپارين، ڪاريگرن، ۽ هارين کي امان جو پروانو عطا ڪري، کين چيائين ته: "هاڻي جڏهن قلعو فتح ٿي چڪو آهي، تڏهن واجب آهي ته پنهنجي مال مان دارالخلافت جي خزاني جي ڍل ۽ فوجن جو حصو ڏيو، جيڪي هيڏي تڪليف ڪاٽي، سختي سهي جان جي بازي لڳائي، ڪيڏو عرصو ڪاٽ ۽ لڙاين ۾ مشغول رهيا آهن." [٢٣٨]

روڪڙ جي تقسيم ڪرڻ.

پوءِ شهر جي وڏيرن ۽ سڪيه ماڻهن جمع ٿي، سٺ هزار درم نور چاندي تقسيم ڪئي. هرهڪ سوار کي خاص طرح چار سؤ درم تور چاندي ملي. پوءِ [محمد بن قاسم] چيو ته: "هاڻي دارالخلافت جي خزاني جي مال واسطي دائمي طريقا سوچڻ کهرجن." انهن ويچارن ۾ ڪـالهيون ڪري رهيا هئا ته، اوچتو هڪ برهمڻ آيو ۽ چيائين تـه: "جڏهن ڪافرن جو ڏؤر پورو ٿيو، بتخانو ڍهي ويو، دنيا اسلام جي نور سان روشن ٿـي، ۽ بتخانن جي جڳهه تي مسجدون ۽ منبر ٺهي رهيا آهـن، [تڏهن آءٌ اوهان کـي هڪ سچي ڳالهه ٿو ٻڌايان] ته ملتان جي پيرمردن کان هن طرح ٻـڌو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ويو آهي ته: آڳاٽي سمي ۾ هن شهر جو هڪ راجا جوبن (١) نالي، ڪشمير جي راجا جي اولاد مان هو. هو هڪ برهمڻ ۽ راهب ساڌو هو ۽ پنهنجي طريقي ۾ پڪو هو. هميشه بتن جي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. سندس خزانو جڏهن گهڻو وڌي ويو، تڏهن ملتان جي اڀرندي پاسي کان سؤ گز هڪچورس هڪ حوض ٺهرائي، انهيءَ جي وچ ۾ پنجاهه هڪچؤرس گز هڪ بتخانو ٺهرايائين؛ [۽ انهيءَ بتخاني اندر] هڪ دڪان ٺهرايائين، ۽ انهيءَ دڪان ۾ ٽامي جا چاليهه مٽ ترتيب سان رکايائين؛ (٢) هر هڪ مٽ ۾ مغربي سون جي ڪاٺو جا ٽـي سؤ ٽيهه مـڻ پورو پورو خزاني طور رکايائين (٢): انهيءَ جي مٿان بتخانو آهي، جنهن ۾ ڳاڙهي سون جو بت وهاريل آهي؛ ۽ انهيءَ حوض جي چوڌاري وڻ رکايل آهن".

---

(١) پ: جسوبن، س: جوبن، ح: جوبن، ن ب: جسوبن، ر م: جسور. انهن مختلف پڙهڻين ۾ صحيح پڙهڻي جو پتو لڳائڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن پ جي پڙهڻيءَ کي "جوبن" جي غلط صورت قرار ڏجي ته پوءِ س ح ن ب ۾ به "جوبن" لفظ جي غلط صورتخطي نظر اچي ٿي. جيڪڏهن ن ب جي پڙهڻي صحيح قرار ڏجي ته پڻ پ س ح جي پڙهڻين ۾ انهيءَ لفظ جي غلط صورتخطي نظر اچي ٿي. ر م جي پڙهڻي انهن ٻنهي صورتن کان جداگانه آهي. انهيءَ لحاظ سان جوبن، جسوبن ۽ جسور مان ڪابه پڙهڻي اختيار ڪري سگهجي ٿي- اسان پ جي بناء تي "جوبن" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٣٩]. (ن ب). (٢) - (٢) هي جملو ن ب ڪ ۾ ڪونهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مَسَرَوِيءُ [بتخانو] (١)

ڪتابن جي مصنفن ۽ ڪهاڻين جي راوين، علي بن محمد [مدائني] کان هن طرح روايت ڪئي آهي جنهن چيو ته ابومحمد هنديءَ کان ٻڌو اٿم ته: محمد بن قاسم وزيرن، نائبن (گورنرن) ۽ خاص ماڻهن سان اچي انهيءَ بتخاني ۾ آيو، سون جو ٺهيل بت ڏٺائين، جنهن جون اکيون ڳاڙهي ياقوت مان ناهي ٺاهي منهن ۾ رکيل هيون. [٢٣٩]

محمد بن قاسم جو پڇڻ

محمد بن قاسم سمجهيو ته هيءُ ڪو آدمي آهي: سو ڪيس ڏک هڻڻ لاءِ تراڙ ڪڍيائين. اتي بتبان (٢) برهمڻ

(١) جملي نسخن ۾ هي عنوان جدا طور ڏنل ڪونهي، مگر هيٺين سٽ جي شروع ۾ ننڍي عنوان طور ڏنگين ۾ ڏنل آهي. فارسي ايڊيشن جي عبارت مطابق هن طرح آهي: (مستروي) مصنفان احاديث روايان اقاويل چنان روايت ڪرده اند - الخ. لفظ ”مستروي“، ر م ن ب ڪ س نسخن جي پڙهڻي مطابق آهي، مگر قديم نسخي پ جي پڙهڻي هن جاءِ تي ”ستروي“ آهي. متي ص [٣٧] تي به هي نالو اچي چڪو آهي ۽ اتي پ جي پڙهڻي ”سروي“ جا متن ۾ پڻ رکي وئي آهي. انهيءَ ڪري هن صفحي تي به پ جي پڙهڻي ساڳي لفظ ”سروي“ جي بگڙيل صورت آهي. صحيح لفظ به ”سروي“ آهي جو ملتان واري بتخاني يا مندر جو نالو هو. وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٣٩]. (ن- ب) (٢) بتبان= بت بان يعني بت جو راکو يا نگهبان. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چيو ته: ”اي عادل امير! هيءُ اهو بت آهي جو ملتان جي راجا جوبن (١) ناميو هو، جو مال دفن ڪري گذاري ويو.“ پوءِ محمد بن قاسم انهيءَ بت ڪڍڻ جو حڪم ڏنو، ان جي هيٺان ٻه سؤ تيهه مڻ سون ۽ چاليهه مٽ سون جي ڪاتر سان ڀريل نڪتا. جملي تيرهن هزار ٻه سؤ مڻ تور سون دفن ٿيل نڪتو. اهو سون ۽ بت خزاني ۾ آندائون؛ [تنهن کان سواءِ] جواهر ۽ موتي جيڪي ملتان جي شهر جي لٽ مان هٿ آيا سي ۽ ٻيا خزانا ۽ دفينا به هٿ ڪيائون.

بتخانو کولڻ ۽ خزانو ڪڍڻ

ابوالحسن مدائني، خُرَيْم بن عمْرَو کان روايت ڪئي آهي ته: جنهن ڏينهن بتخانو کولي خزانو ڪيائون، انهيءَ ڏينهن حجاج جو خط پهتو ته: ”اي سوٽ! تنهنجي لشڪر جي چڙهائي وقت مان ضامن هوس ته لشڪر وغيره جي تياريءَ ۾ ان جي سامان ۽ بندوبست تي دارالخلافت جي خزاني مان جيڪي به خرچ ٿيندو [تنهن جي جوابداري خليفي] وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي پاران مون ڪئي آهي: بلڪ انهيءَ کان ٻيڻو ڪيڏو واپس پهچائڻ منهنجي ذمي آهي. هينئر دارالخلافت جي خزاني مان حقيقت حال جي چاچ ڪئي ويئي ته معلوم ٿيو ته محمد بن قاسم جي

---

(١) ر: جيوبن؛ م: جيبوين يا جيسبوين؛ پ: جسوير؛ ن ب جسوين. اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو مٿي حاشيه ص ٣٥٦ ۽ پڻ آخر ۾ حاشيه ص [٢٤٩]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تياريءَ ۾ سٺ هزار درم تور خالص چانديءَ خرچ ٿي آهي؛ ۽ [ايستائين تنهنجي طرفان] جيڪا روڪڙ، جنس ۽ ڪپڙا واپس ادا ڪيا ويا آهن، تن جو تاريخوار مجمل ۽ مفصل (حساب ڪيو ويو ته [باقي تنهنجي ذمي] (١) هڪ سؤ ويهه هزار (١) درهم تور چانديءَ ني سڪهي ٿي، جا توڪي موڪلي آهي. جتي به ڪا پراڻي جاءِ يا ڪو ناليوارو ڳوٺ يا شهر هجي، اتي مسجدون ۽ ممبر ٺاهيا وڃن، ۽ خطبو ۽ سڪو دارالخلافت جي نالي جاري ڪيو وڃي. [٢٤٠] تون سولي ستاري ۽ موافق گهڙيءَ ۾ هيءُ لشڪر وٺي نڪتو آهين، انهيءَ ڪري ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي. ته ڪافرن جي ولايت مان جنهن طرف به رخ رکندين، سو تنهنجي هٿ هيٺ ايندو."

محمد بن قاسم جو شهر ملتان جي رعيت کي پابند ڪرڻ

پوءِ ملتان جي مکيه ۽ چونڊ ماڻهن کي پڪيءَ طرح پابند ڪري جامع مسجد ۽ منارو ٺهرايائين. امير دائود بن نَصْر بن وليد عمّاني کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيائين. خُرَيْم بن عبدالملڪ تميمي کي برهمپور (٢) جي قلعي تي،

(١) - ١) هيءَ انگ فارسي ايڊيشن ۾ ڏنل عبارت "صد و بيست هزار" مطابق آهي جا شايد ب جي عبارت آهي، ر م ن س: صد هزار و بيست من و بيست هزار؛ ب: صد هزار و بيست من هزار؛ ڪ: صد هزار و بيست و بيست هزار (٢) ر ن ۾ برهمپور. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو جهلم (١) ندي جي ڪناري تي آهي، جنهن کي سوبور (٢) سڏيندا آهن، مقرر ڪيائين. عِڪرِمَه بن رَيحان شاميءَ کي ملتان جي پسگردائي جو حاڪم بنايائين. احمد بن خزيمة (٣) بن عتبه مدنيءَ کي اشهار ۽ ڪرور (٤) جي قلعي جو والي مقرر ڪيائين. پوءِ رستي مال روانا ڪيائين، جيئن ديبل کان پيڙين ۾ چاڙهي، دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچايا وڃن. باقي ملتان ۾ رهيو، جتي اٽڪل پنجاهه هزار چوٽيا سورا هٿيارن پنوهارن ۽ جنگي اسبابن سان تيار ٿيا.

ابو حڪيم (٥) کي ڏهن هزارن سوارن جي لشڪر
سان قنوج موڪلڻ.

پوءِ ابو حڪيم (٥) شيبانيءَ کي ڏهن هزارن سوارن سان قنوج [جي راجا] تي چاڙهي موڪليائين ته جيئن دارالخلافت جو خط، اسلام جي دعوت ۽ بيت‌المال جي خزاني جي ڍل ادا

---

(١) ر ن: جبلم (٢) هي پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي. پ: سور براز؛ ر م: سوبور؛ ن ب ح: سور برو؛ ڪ: سور بدر. فارسي عبارت: "در حصار برهمپور بر ساحل آب جهلم که سو پور خوانند". ۾ ٻه اشتباه آهي: آيا سوپور جو ضمير "که" برهمپور ڏانهن يا جهلم سان لاڳو آهي؟ (ن - ب) (٣) فارسي ايڊيشن ۾ خزيمة آهي مگر پ س جي پڙهڻي "جريمه" ۽ ر ن جي پڙهڻي "خريمه" آهي. (٤) پ ر م ن ب ڪ: اجتهاد و ڪرور. متي ٢٣ ۽ ٥١ صفحن تي هنن شهرن جي نالن جي پڙهڻي متفق طور "اشتهار و ڪرور" آهي ۽ هت ٻه اهائي پڙهڻي قائم رکي وئي آهي. (ن - ب) (٥) جملي نسخن ۾ "ابوحليم"؛ نسان فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر جي ڪمائي پڙهڻي "ابوحڪيم" قائم رکي آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻ متعلق ڪيس ڏيکاري، ۽ ڪانئس بيعت ورتي. ٻئي (محمد بن قاسم) لشڪر ورتي ڪشمير جي سرحد تي اُنهيءَ هنڌ پهتو، جنهن کي پنج ماهيات (١) چوندا آهن ۽ هن جاءِ تي ڏاهر جي پيءَ، ڇچ [ٻٽ] ميلائيچ، صنوبر ۽ سپيدار يعني بيد جا وڻ پوکي [سرحد جو] نشان ڪيو هو، ۽ اها حد تنهن سر مقرر ڪيائين. [٢٤١]

لشڪر جو اوڌاپر (٢) پهچڻ، (٣) ۽ اَبُوحَڪِيمُ جو زَيْدَ

کي راجا [هرچندر ڏانهن] موڪلڻ (٣)

قنوج جو راجا انهن ڏينهن ۾ جهتل (يا جهشل) راءِ (٤) جو پٽ هو. جڏهن لشڪر اوڌاپر (٢) پهتو، تڏهن اَبُوحَڪِيمُ شَيْبَانِي جي حڪم ڪرڻ تي زَيْدَ بن عَمْرَوْ ڪلابيءَ کي حاضر ڪيائون. پوءِ چيائينس ته: "اي زيد! توکي

---

(١) هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي. ر م ن: پنج ناهيات. (ن ـ ب) (٢) پ ن ب س ڪ: اوردهاپر؛ ر م: اود هاقر. هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "اودهاپر" مطابق آهي. (ن ـ ب) (٣) ـ (٣) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "وفرستادن ابا حڪيم سرزيد [رابراي هرچندر]." هن فقره ۾ "سرزيد ـ الخ" قياسي پڙهڻي آهي، جنهن جي بدران پ ن ۾ "سرزال" ۽ ر م ب س ڪ ح ۾ "سرزيل" آهي "ابا حڪيم" (يعني ابو حڪيم) جي بداي، هن جاءِ تي توڙي هيٺ، سڀني نسخن ۾ "ابا حليم" آهي. (ن ـ ب) (٤) "جهتل" پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ قائم ڪيل آهي جا غالباً م مطابق آهي. هن جاءِ تي پ ن ب ح ڪ جي متفق پڙهڻي "جهشل راي" آهي، ۽ ر. جي "جهتل". جيئن ته هن جاءِ تي قديم پ جي پڙهڻي ب. "جهشل" آهي، انهيءَ ڪري، نسخن جي لحاظ سان، "جهتل" ۽ "جهشل" ٻئي پڙهڻيون هڪ جهڙيون وزندار آهن. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پيغام ڪڻي راءِ هرچندر [ڀٽ] جهتل (١) ڏانهن ويڄ ۽ اسلام جي تابعداريءَ جو حڪم پهچائي چوڻ گهرجي تہ: ”سمنڊ کان وٺي ڪشمير تائين جيڪي بادشاهہ ۽ راجائون آهن سي سڀ اسلام جي اقتدار هيٺ اچي چڪا آهن، ۽ امير عمادالدين (محمد بن قاسم)- جو عربن جو سپہ سالار ۽ ڪافرن کي مغلوب ڪندڙ آهي- جي تابعداري ڪري چڪا آهن؛ ڪي اسلام جي لڙائيءَ ۾ پورا ٿي چڪا آهن تہ ڪن وري پاڻ تي ڍل مقرر ڪئي آهي، جا دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچائيندا رهندا.“

قنوج جي راءِ هرچندر جو جواب.

راءِ هرچندر جواب ڏنو تہ: ”اٽڪل هڪ هزار ڇهہ سؤ سالن کان هي ملڪ اسان جي تصرف، انتظام ۽ حڪمراني هيٺ آهي. ڪنهن بہ مخالف کي اسان جي حدن کي لتاڙڻ، يا اسان سان جهيڙي ڪرڻ ۽ اسان جي بادشاهي ۾ دست اندازي ۽ تصرف جي طاقت نہ ٿي آهي. اسان کي توهان جي ڪهڙي پرواهہ آهي جو هن قسم جا گفتا ۽ ناممڪن خيالات دل ۾ آڻي رهيا آهيو! جيڪڏهن قاصد کي قيد يا بند ڪرڻ جائز هجي ها تہ هن گفتگو ۽ ناممڪن دعويٰ تي اهڙو حڪم ڪيو وڃي ها، جيئن ٻين مخالفن ۽ سردارن لاءِ نصيحت ٿئي ها. هاڻي تون موٽي وڃ ۽ وڃي پنهنجي امير کي چؤ تہ هڪٻئي جي قوت ۽ شان شوڪت

(١) ن ب ح س ڪ: جهتل؛ ر: جهتل. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي اندازي لڳائڻ لاءِ هڪٻئي سان مقابلو ڪرڻ ضروري آهي، جيئن ها ته توهان جي هيبت اسان تسي ويهي وئي، ها اسان جو غلبو توهـــان تي ٿئي [٣٤٣] ٻنهي ڌرين جي لڙائي ۽ بهادريءَ ۽ همت جي مشاهدي ڪرڻ کان پوءِ ئي صلح يا جنگ جو فيصلو ٿيندو.“

جڏهن راجا هرچندر جو پيغام محمد بـن قاسم کي پهتو ته وڏيرن، مکين، ماڻهن، اميرن، سپه سالارن، سولجرن، بهادرن ۽ ناٿين کـي سڏي چيائين: ”هن وقت تائين هندستان جي راجائـن کي الله تعاليٰ جي فضل ۽ آسماني مدد سان مغلوب ۽ خوار خراب ڪيو ويو آهي، ۽ فتح اسلامي لشڪر سان همراه ۽ رفيق رهي آهـي. اڄ جڏهن هن هٺيلي لعنتيءَ جي سامهون ٿيا آهيون، جنهن کي پنهنجي لشڪر ۽ هاٿين تي غرور آهي. تـڏهن الله تعاليٰ جي مدد تي ڀروسو رکي اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته هن کي برباد ڪري نتحمند ۽ ڪامياب ٿيون.“ [اهـو ٻڌي] سڀئي راجا هرچندر جي خلاف لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيا، ۽ بيعت ڪري انهيءَ لڙائي ۽ جنگ تي هڪٻئي کي ترغيب ڏيارڻ لڳا.

محمد بن قاسم کي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ. (١)

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهه (سج) رات جي پردي مان ظاهر ٿيو، تڏهن هڪ شتر سوار دارالخلافت جو

(١) هن عنوان کان وٺي ڪتاب جي آخر تائين، جملي احوال جڻ هڪ ڏند ڪٿا آهي، جنهن لاءِ ڪابه تاريخي سند موجود ڪانهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻروالو ڪٿي پهتو(١). محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني(١)، هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت سندس حرمسراء مان هن جون ٻہ، ڪنواريون ڌيئرون گرفتار ٿي آيون هيون، جي محمد بن قاسم حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جي درگاهہ ۾ موڪلي ڏنيون هيون. وقت جي خليفي غمخواريءَ خاطر کين حرمسراء جي حوالي ڪيو تہ ٻہ-ٽي ڏينهن آرام وٺي خلوت جي لائق ٿيڻ. ڪن ڏينهن کان پوءِ سندن ياد خليفي جي مبارڪ دل تي آئي، ۽ رات جو ٻنهي کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. خليفي وليد بن عبدالملڪ ترجمان کان پڇيو تہ: معلوم ڪر تہ هنن مان وڏي ڪهڙ آهي تہ انهيءَ کي روڪيو وڃي، ۽ ننڍيءَ کي پنهنجي ورڻ ڪنهن ٻئي وقت گهرايو وڃي. ترجمان خدمتگار پهريائين تہ انهن کان نالا پڇيا، وڏيءَ چيو تہ [٢٣٣]: منهنجو نالو ”سرياديو“ آهي. وڏيءَ کي گهرائي ننڍيءَ متعلق اشارو ڪيائين تہ هن کي وڃي سنڀاليو. جيئن هن کي ويهاري، منهن کولي، خليفي ڏانهس نهاريو تہ سندس ڪمال ۽ جمال تي حيران ٿي ويو، ۽ سندس خونخوار ناز و ادا هن جي دل کان صبر کسي ورتو. ”سريا ديو“ کي هٿ وجهي ٻانهن ڏانهن ڇڪيائين تہ ”سرياديو“ اٿي کڙي ٿي ۽ چيائين: ”بادشاهہ سلامت رهي! آءٌ غلام بادشاهہ جي خلوت جي

---

(١)-(١) هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جو مدار غالباً پ تي آهي. ن، ر: محمد بن علي ابوالحسن همداني. م، ب ح، س، ڪ ۾ بہ ”مدائني“ جي بدلي ”همداني“ آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لائق ٿئي ٿي سگهان، چاڪاڻ ته امير عادل عمادالدين محمد بن قاسم اسان کي ٽي ڏينهن پاڻ وٽ رکي پوءِ دارالخلافت جي خدمت ۾ موڪليو آهي. شايد توهان جو دستور ائين آهي؟ بادشاهن لاءِ هيءَ خواري جائز نه آهي.“ خليفي تي انهيءَ وقت عشق تمام غالب ٿي چڪو هو، ۽ صبر جهڙي مهار سندس هٿ مان نڪري چڪي هئي؛ [تنهنڪري] انهيءَ غيرت ڪمان کيس تحقيق ۽ جاچ جوچ جي طاقت نه رهي، ۽ هڪدم ڪاغذ ۽ قلم گهرائي پنهنجي هٿ سان پروانو لکيائين ته: ”محمد بن قاسم جتي به پهتو هجي ته کيس گهرجي ته پاڻ کي ڪچي ۽ کل ۾ بند ڪري دارالخلافت ڏانهن واپس ٿئي.“

محمد بن قاسم جو اوڌاپر (١) ۾ پهچڻ ۽ دارالخلافت جي پرواني جو وارد ٿيڻ.

محمد بن قاسم کي جڏهن هيءُ فرمان اوڌاپر (١) جي شهر ۾ پهتو، تڏهن سندس چوڻ تي کيس ڪچي ۽ چمڙي ۾ بند ڪري صندوق ۾ رکي واپس موڪليائون. محمد بن قاسم جان خدا پاڪ جي حوالي ڪئي، ۽ امراء، جيڪي جاين تي مقرر ٿيل هئا، سي پنهنجين ولايتن تي مستقيم رهيا. هن کي صندوق ۾ بند ڪري، وقت جي خليفي جي خدمت ۾ حاضر ڪيائون. خاص دربان کي چيائون ته: وليد بن عبدالملڪ بن مروان کي اطلاع ڪر ته محمد بن قاسم ثقفي [٢٦٩]

(١) پ، س: اودھاپور؛ ن: ارد ھاپور، ل، م، اود ھافر.

کي وٺي آيا آهن. خليفي پڇيو ته: ”جيئرو آهي يا مئل؟“ چيائون: ”شال خليفي جي عمر دائمي عزت ۽ دائمي بقاءَ ۾ هجي! جڏهن حڪم اوڏاهن (١) جي شهر ۾ پهتو، تڏهن حڪم موجب پاڻ کي هڪدم ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪرايائين، ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ ساهه حق پاڪ جي حوالي ڪري دارالبقا ڏانهن رحلت ڪري ويو. اميرن ۽ بادشاهن کي جن جن جاين تي مقرر ڪيو هئائين، تن اهي ولايتون پنهنجي قبضي ۾ ڪري، ممبرن تي خطبو دارالخلافت جي لقبن سان جاري رکيو آهي، ۽ پنهنجي حڪومت جي پيرويءَ ۾ وڏي ڪوشش ڪري رهيا آهن.“

خليفي جو صندوق کي کولڻ.

پوءِ خليفي صندوق جو در کوليو، انهيءَ پرده نشين عورت کي حاضر ڪرايو؛ (ان وقت) (٢) مورڙني جي ساوي ٽاري (٣) سندس (خليفي جي) هٿ ۾ هئي، جا هن (محمد بن قاسم) جي ڏندن تي گهمائي پوءِ چيائين ته: ”اي راجا جون ڌيئرون! اسان جو حڪم پنهنجن ڪامورن تي اهڙو هن طرح جاري آهي، انهيءَ لاءِ تہ سڀئي منتظر ۽ تابعدار رهندا اچن. جيئن ني قنوج ۾ اسان جو هيءُ حڪم ڪيئن پهتو ته پنهنجي پياري جان اسان جي حڪم تي فدا ڪيائين.

(١) ل، م: اود هاپور؛ ن: اود هاپر. (٢)-(٣) اصل عبارت: ”شاخ مورد سبز“. ”مورد“ جو لفظي ترجمو ”مورڙنو“ ڪيو ويو آهي. مورد هڪ چمڪندڙ پنن سان، سدا ساوو، خوشبوءِ دار ۽ اڇڙن گلن سان بوٽو آهي جنهن کي انگريزي ۾ *Myrtle* ۽ يوناني ٻوليءَ ۾ Murtus چئجي ٿو. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جي ڌيءُ چڱيءَ جي خليفي وليد بن عبدالملڪ سان گفتگو.

انهيءَ پرده‌نشين چڱيءَ منهن تان گهنڊ لاهي، زمين تي سر رکي چيو، ”شال خليفو گهڻن سالن تائين وڏڦڙ بخت ۽ وڏي نظام سان باقي رهي! داناءَ بادشاهه تي لازم آهي ته جيڪي به دوست يا دشمن کان ٻڌي [٣٢٥] سو عقل جي ڪسوٽيءَ تي ۽ دل جي صلاحڪار سان پرکي ۽ پيش ڏسي، جڏهن صحيح ۽ بيشڪ ثابت ٿئي، تڏهن عدالت جي رستي تي حڪم فرمائي، ته جيئن خدائي غضب ۾ گرفتار ۽ انساني طعنن جو شڪار نه ٿئي. توهان جو حڪم برابر هلي ٿو، پر دل مبارڪ حڪمت ۽ سمجهه کان خالي آهي. پاڪدامنيءَ جي خيال کان محمد بن قاسم اسان جي لاءِ پيءُ ۽ ڀاءُ جي بجاءِ هو، سندس دست‌درازي اسان غلامن تي ڪاڻ ڪانه هئي. ليڪن جنهن صورت ۾ هند ۽ سنڌ جي بادشاهه کي برباد ڪري، اسان جي ابن ڏاڏن جي بادشاهي ويران ۽ ضايع ڪيائين، ۽ اسان ٻنهي کي بادشاهيءَ تان (ڪيرائي) غلاميءَ جي درجي تي پهچايائين، تنهنڪري انتقام خاطر ڪيس مناسب بدلي ڏيڻ لاءِ، ۽ سندس بربادي‌ءَ دفع ڪرڻ واسطي، خليفي جي خدمت ۾ ڪوڙ ظاهر ڪيوسين. اسان جو مطلب پورو ٿيو ۽ هن ڪوڙ ۽ ملاوت ذريعي اسان کي هڙو انتقام حاصل ٿيو، ۽ خليفي قطعي حڪم جاري ڪيو. جيڪڏهن خليفي جو عقل شهوت جي پردي ۾ ڍڪجي نه وڃي ها، ۽ (پهريائين) جاچ ڪرڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

واجب سمجهي ها، ته هن پشيماني ۽ ملامت سان نه پرجي ها، جيڪڏهن محمد بن قاسم کي به عقل ۽ حڪمت باوري ڪري ها، ته باقي هڪ ڏينهن جي پنڌ تائين اڳتي وڌي اچي ها ۽ اني ٻان کي ڪچيءَ ڇمڙيءَ ۾ بند ڪرائي ها، جڏهن جاچ ٿئي ها ته آزاد ٿي وڃي ها، ۽ برباد نه ٿئي ها.“ خليفي کي [هي ٻڌي] افسوس ٿيو، ۽ نهايت افسوس وچان هٿ جي ٻنيءَ کي چڪ وجهڻ لڳو.

چچيءَ جو ٻيو پيرو گفتگو.

پرده نشين چچيءَ وري ٻيو دفعو زبان کولي خليفي ڏانهن نهاريو ته معلوم ڪيائين ته خليفي جي ڪاوڙ چوٽ چڙهيل آهي، (اني) چيائين ته: ”بادشاهه وڏي غلطي ڪئي آهي، جو ٻن ٻانهين خاطر اهڙي ماڻهوءَ کي [برباد ڪيائين] جنهن اسان جهڙيون لکين پرده نشين قيد ڪيون [٣٤٦]؛ هند ۽ سنڌ جي ستر بادشاهن کي تخت تان جنازي جي تختي تي ليٽايو؛ بتخانن جي بجاءِ مسجدون ۽ ممبر اڏايا ۽ منارا نهرايا، جيڪڏهن هن ڪان ڪا ٿوري بي ادبي يا ڪا اڻوڻندڙ حرڪت ٿي به هئي، ته به هڪ مطلبي ماڻهوءَ جي چوڻ تي محمد بن قاسم کي برباد ڪرڻ نه گهربو هو.“ [اني] خليفي حڪم ڏنو، ۽ انهي ٻينرن کي پت ۾ لنبي چڙهايائون.

انهيءَ وقت کان اڄ تائين اسلام جو جهنڊو ڏينهون ڏينهن زياده سربلند ۽ ترقي پذير آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دعاء

شال الله تعاليٰ جَلّتْ قُدْرَتُهٗ وَ تَقَدَّسَتْ أَسْمَائُهٗ، اسلام جي گذريل بادشاهن کي رحمت ۾ بدل رکي، ۽ وقت جي بادشاهن کي، جيڪي هن زماني جو قوام ۽ وقت جو نظام آهن، انساني دور جي ختم ٿيڻ تائين، ملڪ جي تخت تي دائم ۽ قائم رکي، ۽ سندن هيبت سان اسلام جي جهنڊي کي حادثن ۽ مصيبتن ۽ زماني جي اوچتين آفتن کان محفوظ رکي. بِعَوْنِهٖ وَ تَوْفِيْقِهٖ.

(١) مخاص ڪتاب: مِنْهَاجُ الدِّيْنِ وَالْمُلْكِ، اَلْحَضْرَةُ الصَّدْرُ الاَجَلُّ اَلْعَالِمُ عَيْنُ الْمُلْكِ (١)

پوءِ هي ڪتاب، جنهن جو لقب "مِنْهَاجُ الدِّيْنِ وَالْمُلْكِ الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" آهي، جو

(١)-(١) ن ۾ هيءَ عبارت هوبهو اٿين عنوان طور آيل آهي ۽ اسان ۾ ان مطابق عنوان طور ڏني آهي، سواءِ ان جي ته اصل عبارت ۾ زبرون زيرون ڪين آهن، ۽ "منهاج الدين" جي بدران "سماء الدين" آهي. ٻين جملي نسخن ۾ ۾ "منهاج الدين" جي بدران "سماء الدين" آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ٢٤٧)؛ مگر جيئن ته هيٺ دوباره ڪتاب جي ذڪر ثاني ۾ "منهاج الدين" آهي، انهيءَ ڪري اسان ۾ عنوان ۾ "سماء الدين" جي بدران "منهاج الدين" رکيو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٤٧]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هند ۽ سنڌ جي فتح بابت ۽ عرب جي عالمن ۽ ادب وارن حڪيمن جي تصنيف [٣٤٧] ۽ ذڪر جي صنعتن، فطرت جي عجائبات، عقل، فضيلت ۽ ضمير جي غرائبات سان سينگاريل آهي؛ جو دوست جي دلين جي حياتي ۽ انسان خواهه جنن لاءِ باغيچو آهي. عرب وارن جي ڏاناءُ جي تعريف بيان جي حد کان ٻاهر ۽ لشڪر جي مردانگيءَ جي توصيف ڳڻائي کان وڌيڪ آهي. تنهن جو بنياد حڪومت جي قاعدن جي بنياد رکڻ ۽ سياست جي ڳنڍين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي؛ جنهن جي ضمن ۾ دين ۽ دولت جون نصيحتون آهن، ۽ جو ملڪ ۽ ملت جي طريقن جو ضامن آهي. اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لغي ۾ وڏو درجو هوس، ۽ عرب جي بادشاهن کي هن جي پڙهڻ ڏانهن نهايت توجهه ۽ ان تي حد کان وڌيڪ فخر هو، ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي پردي ۾ (ڍڪيل) ۽ پهلوي (فارسي) ٻوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو. ايران جي ڪنهن به سينگاريندڙ، نه هن فتحنامه جي ڪنوار کي سينگاريو هو، ۽ اُڪي زبان جي سينگارخاني ۽ حڪمتن جي ٻنجڪي (ٻغچي) مان هن کي ڪو وڏو ڍڪايو هو؛ نه عقل جي خزاني مان ڪو زيور پهرايو هو، ۽ نه وري فصاحت جي ميدان ۽ بلاغت جي باغيچن مان هن ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو هو. ليڪن جنهن صورت ۾ زماني جي سخت حادثن هن، شڪسته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[حال مصنف] ڏاڍهن [رخ رکيو،] ۽ زماني جـون فوجون ۽ حادثن جون مصيبتون اچي سندس جي سفيني ۾ گڏ ٿيون. پريشانيءَ جا سڀ قسم موجود ۽ دلداريءَ جـا دروازا بند [ٿـي چڪا]، ۽ قسمين قسمين خطرن ۽ تڪين جـا اسباب ظاهر [ٿيا]. تـه انهيءَ حال سان هيءَ ڪتاب هـن بنده جي اڻپوري ذهن پورو ڪيو. وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ. [٢٤٨]•

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اشارا ۽ واڌارا*

٨/[٦] قباجــة السلاطين: يعني ناصرالدين قباچہ. لفظ "قباچہ" فارسي زبان ۾ "قبا" جي تصغير آهي، يعني ننڍڙي قبا يا ڪُڙتو، پر غالباً هي لفظ ترڪي آهي، جنهن جي معني آهي "وڏو ۽ عاليشان." انهيءَ لحاظ سان "قباجة السلاطين" جي معني ٿيندي "وڏي ۾ وڏو بادشاهه." ناصرالدين قباچہ جي وڌيڪ حالات لاءِ ڏسو "طبقات ناصري" ص ص ١٣٢، ١٤٤، ١٧٢ ۽ ١٧٤ (ع. م.)

٨/[٦] سلطان ابوالمظفر محمد بن سام: يعني سلطان معزالدين محمد بن سام غوري، جو هندستان جي تاريخ ۾ شهاب الدين غوري (٥٩٩–٦٠٢ هه) جي نالي سان مشهور آهي (ع. م.)

---

* هيٺين صفحن ۾ ڪتاب جي ڪن خاص حوالن کي کولي سمجهايو ويو آهي ۽ ڪن مونجهارن کي سلجهايو ويو آهي. هر اشاري جي آڏو ڏنل شروع وارا انگ هن ترجمي جا صفحا ڏيکارين ٿا، ۽ چورس ڏنگين وارا عدد اصل فارسي ڇاپي جا صفحا ڏيکارين ٿا. جي ترجمي جي متن ۾ پڻ ٿلهن ڪارن انگن ذريعي ڏيکاريل آهن: شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي جي فارسي ايڊيشن تان ورتل وضاحتن پويان (ع. م.) نشان ڏنو ويو آهي؛ هوڊي والا جي ڪتاب Studies in Indo-Muslim History تان ورتل حاشيا سندس نالي منسوب ڪيا ويا آهن؛ ۽ هن ترجمي جي ايڊيٽر (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) جي ڏنل سمجهاڻين ۽ اضافن پويان (ن. ب) جو نشان قائم ڪيو ويو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٩/[٧] قسيم اميرالمؤمنين ابـوالفتح قباجــة السلاطين : يعني ناصرالدين قباچہ جنهن کي انهن لقبن ســان لکيو ويو آهي. عوفي پڻ قاضي تنوخي جي ”كتاب الفرج بعد الشدة“ جـي سنڌس کيل فارسي ترجمي جـي مهاڳ ۾ ناصرالدين قباچہ کي ”ابوالفتح قباجة السلاطين قسيم اميرالمومنين“ جي القاب ســان لـکيو آهي ـ ڏســو مقدمة جوامع الحكايات، مطبوعہ لنڊن ١٩٣٩ع، صفحہ ١٥. (ن ـ ب) غوري بادشاهہ ”قسيم اميرالمومنين“ جي لقب سان سڏبا هئا، ۽ پـڻ غوري غلامن کي، جـن کيئي سال هندستان تـي حکومت کئي، هـن لقب ســان سڏيندا هئا. جيئن تـہ ناصرالدين قباچہ، سلطان معزالدين محمد بـن سام غوري جـي غلامن مان هو، ۽ پڻ سلطان قطب الدين ايبڪ جون بـہ نياڻيون هڪٻئي پـويــان نكاح ۾ آنديون هئائين، تنهنكري فتحنامي جي مصنف کيس انهيءَ لقب سان لکيو آهي. غوري بادشاهن کي هـي لقب ڇو ڏنو ويو تنهن لاءِ ڏسو ”طبقات ناصري“ ص ص. ٣٢ـ٣٨. (ع.ع.م)

١٣/[٩] امير عماد الدولة و الدين: فتحنامي ۾ هن صفحي تــوڙي [٩٣]، [١٠٦]، [١٤١]، [١٦٣] ۽ [٢٤٤] صفحن تي محمد بــن قاسم کي ”عمادالدين“ جي لقب سان ياد کيو ويو جو ظاهراً فتحنامي جي فارسي مترجم علي کوفي طرفان اضافو آهي، جنهن کي فرشته (برگس، ٤٠٢×٤) بـہ استعمال کيو آهي. فارسي مترجم ٻيءَ جاءِ تي (فتحنامي ص ١٢٧) محمد بن قاسم کي ”كريم الدين“ جي لقب سان سڏي ٿو. مترجم جي وقت ۾ اهڙن لقبن جو عام رواج هو، جنهن کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متاثر ٿي ھن محمد بن قاسم جي لاءِ بہ اھي لقبَ پنھنجي طرفان استعمال ڪيا. درحقيقت محمد بن قاسم واري زماني (پھرين صدي ھجري جي آخر) ۾ اھڙا لقب ناپيد ھئا، ۽ ڪنھن بہ عربي تاريخ ۾ محمد بن قاسم لاءِ اھڙا لقب استعمال ڪيل نہ آھن. البت محمد بن قاسم جو، عربي رواج موجب، ھڪ خاص ڪُنيہ ”ابو البھار“ ھو. عربي لغة ”تاج العروس“ جو مصنف، مشھور عرب عالم مرزباني جي حوالي سان لکي ٿو تہ: محمد بن قاسم کي ”بھار“ نالي ھڪ ٻولي سان خاص انس ھو، جنھنڪري ”ابو البھار“ (بھار جو پيءُ) جي ڪُنيہ سان سڏجڻ لڳو. تاج جو مصنف، الجوھري جي حوالي سان لکي ٿو تہ: ”بھار“ ھڪ ٻوٽو آھي جو بھار جي موسم ۾ اڀرندو آھي، جنھن کي عرب العرار، العرارة عَيْنُ البَقر توڙي بَھار البَرّ جي نالن سان سڏيندا آھن. ا.ھ. محمد بن قاسم جي ڪنيہ متعلق تاج العروس جو ھي حوالو نھايت ناياب ۽ قيمتي آھي، جنھن جي بناءَ تي فارسي مترجم جي ايجاد ڪيل لقبن ”عماد الدين“ ۽ ”ڪريم الدين“ جي لقبن جي ترديد ٿئي ٿي؛ ۽ محقق مؤرخن لاءِ محمد بن قاسم جي سچي نالي ”ابوالبھار محمد بن القاسم الثقفي“ جي تصديق. (ن - ب)

١٣/[٩] اروڙ: اسان متن ۾ ھن صفحي جي حاشيہ تي ڄاڻائي چڪا آھيون تہ فتحنامي جي نسبتاً قديم نسخي پ جي پڙھي ”اروڙ“ آھي باقي ٻين جملي نسخن جي پڙھي ”الور“ آھي. بلاذري (فتوح البلدان، مطبوعہ يورپ ص ص ٤٤٠-٤٣٩، ٤٤٠)،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

يعقوبي (مطبوعہ يورپ ٢×٣٣٦)، ابن الاثير (مطبوعہ مصر ص ص ٢٥٨×٤، ٢٨٢)، ابن حوقل (مطبوعہ يورپ ص ٢٣٠)، ياقوت [معجم البلدان (الرور)] وغيرهم عرب مؤرخن توڙي جغرافيدانن هن شهر جو نالو ”الرور“ ڪري لکيو آهي، جنهن جي شروع واري ”ال“ غالباً معرفه جي آهي. گمان غالب آهي ته قبل از اسلام هن مقام جو نالو ”رود“ هو جنهن جي معني نهر يا درياء. ياقوت، حمزه اصفهاني جو قول نقل ڪندي لکي ٿو ته: سنڌونديءَ جو قديم ايراني نالو ”مهران رود“ هو [معجم البلدان (مهران)]. جيئن ته هن مقام وٽ مهراڻ ڪتي ٻه شاخون ٿي پيو اٿيءَ ڪري درياه جي رخ جي اهميت جي لحاظ يا شايد انهن ٻن شاخن مان ايرنديءَ شاخ جي نالي جي لحاظ سان هن مقام جو نالو ٿي ”رود“ يا نهر پئجي ويو. محب الله ٻکري پنهنجي هڪ مختصر تاريخي تصنيف (قلمي) جي اٺين باب ”در تفصيل امصار و بلاد و حصار و قصبات سنده و وجه تسمية و لغة آنها“ هيٺ لکي ٿو ته: هن شهر کي ڪسري نوشيروان جي دور ۾ هڪ تاجر نالي ”مهماس بن اروخ بن هيلاج ارمني“ آباد ڪيو. هيءَ روايت به هن شهر جي بناء کي ايراني اقتدار واري دور سان وابسته ڪري ٿي ۽ انهيءَ لحاظ سان هن شهر جو ابتدائي فارسي الاصل نالو ”رود“ قدري قرين قياس نظر اچي ٿو. جو غالباً مقامي لهجي موجب ڦري ”روڙ“ ٿيو. عربن ان کي ”الرور“ سڏيو. جنهن جا مقامي لهجي جي لحاظ سان ٻيءَ ڦري ٻه اچار ٿيا: ”ارور“ (عربي اصول مطابق ”ل“ جي حذف سان] ۽ ”الور“ (بقاعدي، ”ل“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي قائم رکڻ ۽ "ر" جي حذف سان). اهـي ٻئي اچـار ڪم و بيش وينديءَ هن بوليءَ وقت تائين رائج رهيا. تعجب آهي جو سنڌي مورخن مثلاً مير معصوم، مير علي شير قانع وغيرهـا "الور" تلفظ اختيار ڪيو آهـي، حالانڪ "اروڙ" نسبتاً زيـاده صحيح آهـي . محقق بيرونـي ڪتاب الهند (متن ص ١٠٠، انگريزي ترجمو ١ × ٢٥٠) ۾ هن شهر جو نالو صـاف طور "اروڙ" لکيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو عوام به انهيءَ تلفظ جي مناسبت سان هن شهر کي "اروڙ" سڏين ٿا. هن قديم شهر جا آثار روهڙيءَ کان اٽڪل ٣ ميل ڪن ڏکڻ اوبـر طرف، اڀرندي ناريءَ جي پراڻي پيٽ جي اولهه ۾ موجوده ٽڪرن واهه جي اتـر طرف ٽڪر، تي موجود آهن، جتي اڄ تائين "روڙ" نالي ڳوٺ آبـاد آهي. ٽڪر جي هيٺان اتر-اولهه طرفان درياهه جي قديـم وهڪري وارو پيٽ صاف طور نظر اچي ٿو. هـي شهر اسلام کـان اڳ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دور کان وٺـي وينديءَ عربن جي حڪومت جـي اوائل دور ۾ تقريباً سنه ١٢٥هه تـائين سنڌ جـو تختگاهه رهيو، جنهن بعد منصور تختگاهه ٿيو. (ن-ب)

[٩]/١٣ اسمعيل بـن علي .... بـن شيبان الثقفي: هتي ڇـاپي ۾ غلطي ٿـي آهي. سچو صحيح نالو هـن طرح سڄوئي گهرجي: اسماعيل بن علي بن محمد بن موسي بن طائي بن يعقوب بـن طائي بـن محمد بـن موسي بن شيبان الثقفي." (ڏسو ڪتاب جي آخـر ۾ صحتنامو). فقط پ جـي پڙهڻي مطابق ٿي "يعقوب بن طائي بن محمد بن موسي بن شيبان" ٿيندو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مگر ٻين جملي نسخن ۾ ”يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شيبان“ آهي. اسان پ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته ص [٢٣٥] تي ب ۽ پ ٻنهي نسخن جي متفقه پڙهڻي ”يعقوب بن طائي بن محمد موسيٰ بن شيبان“ آهي. فارسي ايڊيشن ۾ پ جي پڙهڻي کي نظرانداز ڪري، ٻن نسخن جي پڙهڻي ”يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شيبان“ اختيار ڪئي وئي آهي، جنهن کي ص [٢٣٥] تي ٻنهي نسخن جي متفقه پڙهڻي سان مطابقت ڏيڻي ٿي پوندي. (ن.ب)

١٤/[٩] بکر: شهر بکر جو هي حوالو تقريباً ٦١٣ ھ جو آهي جڏهن فتحنامي جو مؤلف علي ڪوفي، عربي تاريخ جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ اُچ مان هلي اروڙ ۽ بکر ۾ آيو. ان وقت تائين اتي جا امام عربن جي ثقفي خاندان مان هئا. جي غالباً محمد بن قاسم جي فتح وقت اتي سڪونت پذير ٿيا. جنهن جي معني اروڙ سان گڏ بکر جو قديم شهر ته محمد بن قاسم جي وقت ۾ موجود هو. محمد بن قاسم جي فتوحات جي سلسلي ۾، مؤرخ بلاذري (فتوح البلدان، مطبوعه يورپ ص ص ٤٤٠-٤٤١) ۾ ٻن شهرن ”الرور و بغرور“ جا نالا گڏوگڏ آندا آهن، جن مان مراد ”اروڙ ۽ بکر“ ئي سمجهڻ گهرجي. (ن.ب)

١٥/[١١] شرف الملک رضي الدولة والدين: مٿي عبارت ظاهر آهي ته وزير شرف الملک رضي الدين، فتحنامي جي مؤلف علي ڪوفي جو مربي هو. هيٺ، صفحي ١٦ تي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چاڙايل آهي تہ هو حضرت ابوموسيٰ الاشعري جي اولاد مان هو ۽ سندس پٽ وزير عين‌الملڪ جي ذڪر مان ثابت آهي تہ سندس نالو ابوبڪر هو. ”نورالله مضجعہ و طيب ثراہ“ جي دعائيہ لفظن مان ظاهر آهي تہ فتحنامي جي انتساب وقت (سنہ ٦١٣هہ) وزير شرف‌الملڪ فوت ٿي چڪو هو. (ن.ب)

شرف‌الملڪ رضي‌الدين ابوبڪر، ناصرالدين قباچہ (٦٠٢-٦٢٥هہ) جو وزير هو. مصنف عوفي پنهنجي تاريخي ڪتاب ”لباب‌الالباب“ ۾ هيٺين رباعي سندس مدح ۾ قلمبند ڪئي آهي:

اي صدر بفر ملڪ عجم چون تو نيافت
شہ صاحب فرخندہ قدم چون تو نيافت
بسيار بگشت روز و شب دست بدست
تيغ و قلم و عدل و ڪرم چون تو نيافت

(ع.م)

[١٣/١٦] ملڪ جي ڏڪـــل (چوڙايل.... حسين بن ابي بڪر الاشعري؛ اصل القاب (سنڌي ترجمي هيٺ آيل) سميت سڄو نالـــو هـــن طرح آهـــي: ”عين‌المـــلڪ فخرالدولة والديـــن، نظام الاقاليم، جلال الوزراء حسين بن ابي بڪر بن محمد الاشعري“. هيءُ وزير عين الملڪ فخرالدين حسين، منڍين وزير شرف‌الملڪ رضي الـــدين ابوبڪر جو پٽ آهي ۽ علي ڪوفـــي فتحنامي ڏانهنس منسوب ڪيو آهي. غالباً سندس والد وزير شرف‌الملڪ جي وفات بعد ٿي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عين‌الملڪ، ناصرالدين قباچہ جو وزير ٿيو. هو عالمن جو وڏو قدردان ۽ مربي هو، ۽ سندس هن وزارت جي دؤر ۾ ئي مصنف عوفي پنهنجو ڪتاب ”لباب‌الالباب“ سنه ١٨-٦١٧/١٢٢٢ع ڌاري شهر اُچ ۾ لکي، سندس نالي منسوب ڪيو. ڏسو مقدمه جوامع الحڪايات، لنڊن، ١٩٢٩ع، ص ١٢. (ن.ب) سنه ٦٢٥هه ۾ جڏهن التمش جي وزير نظام‌الملڪ جنيدي اچي ناصرالدين قباچہ کي سنڌ ۾ بکر جي قلعي اندر گهيريو، ۽ قباچہ ذلت جي موت کان مهراڻ ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ختم ڪيو، تڏهن سندس باقي رهيل خدمتگار، جن مان وزير عين‌الملڪ، سندس پٽ بهاوالدين حسن، ”لباب‌الالباب“ جو مصنف عوفي ۽ ”طبقات ناصري“ جو مصنف منهاج سراج ۾ هئا، وڃي التمش جي جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. (ع.م)

ساڳئي سال (سنه ٦٠٥هه) سلطان التمش پنهنجي شهزادي رڪن‌الدين فيروز کي بدايون جو گورنر مقرر ڪيو ۽ عين‌الملڪ کي پڻ نوازي هن شهزادي جو ديوان يا وزير مقرر ڪيو. ڏسو طبقات ناصري ص ص. ٧٣-١٧٢ ۽ ٨٢-١٨١؛ ۽ تاريخ ايلٽ ڊاؤسن، جلد ٢، ص ص ٣٢٥ ۽ ٣٣٠. (هوڙي والا ص ٨٠)

٢١ / [١٥] ديبل: ديبل جي قدامت متعلق تحقيقاتي جي هن حوالي مان گمان نڪري ٿو تہ ديبل راءِ گهرانئي جي وقت (٦ صدي عيسوي) ۾ موجود هو. ديبل متعلق پهريون تاريخي حوالو بلاذريءَ جي ”فتوح‌البلدان“ ۾ ملي ٿو، جنهن مطابق سنه ١٥هه (٣٧-٦٣٦ع) ۾، حضرت عمر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي خلافت ۾ عمان جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي پنهنجي ڀائرن، مغيره ۽ حڪم جي هٿ هيٺ سنڌ ڏانهن هڪ مهم موڪلي، جنهن هندستان جي الهندي ڪناري جي ٽن بندرن ديبل، ڀروچ ۽ ٿاڻي تي فتحون حاصل ڪيون. ان بعد مسلم ڪمانڊرن عبيدالله بن نبهان ۽ بديل بن طهفة البجلي جي ديبل تي ٧١١ع کان اڳ جي حملن، محمد بن قاسم جي ٧١٢ع ۾ ديبل جي فتح، ۽ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي دور ۾ ديبل جا مسلسل حوالا ملن ٿا. عرب سياحن ۽ جغرافيدانن مسعودي (٤٣ - ٩٤٢ع)، اصطخري (٥١ - ٩٥٠ع)، ابن حوقل (٦٨ - ٩٤٣ع)، ۽ آخر ۾ مقدسي (٨٦-٩٨٥ع) خود ديبل ۾ آيا ۽ پنهنجا اکين ڏٺا حالات قلمبند ڪيائون. ازانسواءِ، غالباً ٻڌل بيانن جي بناءَ تي، ديبل متعلق هيٺيان حوالا ملن ٿا: سفرنامو مسعر بن مهلهل (٤٣ - ٩٤٢ع)، حدودالعالم (تصنيف ٩٨٢)، بيروني - ڪتاب الهند (١١ صدي عيسوي جو اوائل)، ادريسي (٥١-١١٥٠ع)، سمعاني (١٢٢٩- ١١٧٩ع)، ۽ ياقوت: معجم البلدان (٢٨-١٢٢٤ع). هندستان جي اسلامي تاريخ ۾ سلطان معزالدين محمد بن سام غوري جي فتح ديبل (٨٣-١١٨٢ع) ۽ سلطان جلال الدين خوارزمشاهه جي فتح ديبل (١٢٥٤ع) جا حوالا موجود آهن.

اهي جملي حوالا سنڌ جي انهيءَ ساڳئي قديم تاريخي بندر ديبل سان تعلق رکن ٿا، جنهن جو هن ڪتاب فتحنامي ۾ بار بار ذڪر آيو آهي ۽ جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو. انهيءَ ڪري تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته تقريباً ٦ صدي عيسوي کان وٺي تقريباً

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١٣ صدي جي نصف (٢٥٣ ع) تائين ديبل بندر بهتر يا زبون حالت ۾ قائم رهيو (١). گمان غالب آهي ته ڏهين صدي ۾ جيئن سنڌ ۾ عربي حڪومت جو زور ٽٽو تيئن سندن طاقت ۽ واپار جي مرڪز ديبل جي اهميت ۽ حفاظت ۾ گهٽجڻ لڳي، ٻئي طرف مقامي حالتن جي تبديل ۽

(١) سنه ١٩٥١ع ۾، مجلس علميه ڪراچي جي هڪ اجلاس ۾ ديبل جي محل وقوع جي موضوع تي بنده هڪ مقالو پڙهيو هو. ان موقعي تي شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي بندي جو ڌيان سيوطي جي ڪتاب "تاريخ الخلفاء" ۾ ديبل جي تباهي بابت هڪ حوالي ڏانهن ڇڪايو: جنهن موجب ديبل سنه ٢٨٠هه ۾ خوفناڪ زلزلي ۾ تباهه ٿي ويو. اسان انهيءَ حوالي کي مقالي ۾ درج ڪيو، مگر ان کي ضعيف ۽ غير معتبر قرار ڏنو ۽ ان تي تنقيد ڪئي (ڏسو "ديبل جو ممڪن محل وقوع" جي موضوع تي اسان جو انگريزي مقالو، مطبوعه "اسلامڪ ڪلچر" حيدرآباد دکن، ماهه جولاءِ ١٩٥٢ع، صفحو ٣٧). ان بعد مزيد تحقيق سان معلوم ٿيو ته درحقيقت سيوطي جي "تاريخ الخلفاء" (مطبع منيريه، مصر، ١٣٥١هه) غالباً ڪنهن غلط قلمي نسخي تان ڇاپي وئي آهي، جنهن ۾ شهر "اردبيل" جي بدران "ديبل" ڇپجي ويو آهي. انهيءَ جو هڪ دليل هيءُ آهي ته سيوطي، زلزلن تي هڪ خاص ڪتاب "ڪشف الصلصله عن وصف الزلزله" جي نالي سان لکيو، جنهن جو اب اباب، فاضل مستشرق اي. سپرينگر (A. Sprenger) پنهنجي انگريزي ترجمي ۾ ڏنو آهي، جو ايشيائڪ سوسائٽي آف بنگال جي جرنل، سال ١٨٤٣ع ۾ (ص ص. ٧٤١-٧٤٩) ڇپجي چڪو آهي. هن ترجمي جي صفحي ٧٤٣ تي صاف طور لکيل آهي ته سنه ٢٨٠ هجري وارو زلزلو اردبيل ۾ آيو. انهيءَ ڪري ديبل سان هن حادثي جو ڪوبه تعلق ڪونه آهي.

(ن- ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌوندي جي ڇوڙ وارين شاخن ۾ ڦير گهير سبب، خود ندي جي هڪ شاخ تي هڪ ٻئين بندر لاءِ سهوليت پيدا ٿي، جنهن تي ”لوهاراني“ نالو پيو. ١١ صدي جي شروع واري محقق بيروني ديبل سان گڏ هن ٻئي بندر ”لوهاراني“ جو ذڪر ڪيو آهي. غالباً هن ٻئين بندر جي سهوليت، ديبل جي اهميت کي آهستي آهستي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ايندڙ ٻن سؤ سالن اندر ديبل بالڪل ٻُـڏي ڦٽي ويو. چنانچ سنه ١٣٣٤ع ۾ جڏهين ابن بطوط، سنڌوندي رستي هيٺ سمنڊ طرف ويو ته اتي ”لاهري بندر“ کي ئي اوج تي ڏٺائين. البت هن ٻئين بندر کان ٦–٧ ميل پري، هن هڪ ڦٽل شهر جا آثار پڻ ڏٺا، جي شايد جهوني ديبل جا هئا.

بهر حال ديبل بندر تقريباً ڇهه سؤ ورهيه سنڌ جو هڪ مکيه بندر ٿي رهيو ۽ هن عرصي واري سنڌ جي سياسي خواه اقتصادي تاريخ پڻ ديبل سان وابسته هئي. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ ديبل بندر ڦٽي ويو مگر سنڌ وارن ان جي جاءِ نشين بندر کي وري بـه ديبل سڏيو، ڇاڪاڻ ته گذريل ڇهه سؤ سالن جي عرصي ۾ ”بندر“ ۽ نالو ”ديبل“ لازم ملزوم جو بڻجي چڪا هئا. پوئين زماني جي تاريخ هن عام رواج جي تصديق ڪري ٿي. ١٦٠ صدي عيسوي ۾ پورچوگيزن هن ساڳئي لاهري بندر کي ”لاهري بندر، ڊيئوُل ۽ سنڌي ڊيئوُلسنڊ“ ڪري لکيو آهي، ۽ ان بعد انگريزن به ان کي ”سنڌي ديوُل“ خواه ”لاڙي بندر“ ڪري سڏيو (١)؛ ساڳئي وقت ٺٽي ۾

---

(١) تصديق لاءِ ڏسو هيگ (Haig) جو ڪتاب "The Indus Delta Country"، مطبوع لنڊن، ١٨٩٤ع، ص ص. ٤٦، ٦٤، ۽ ٧٩.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هڪ دريائي بندر جي اهميت حاصل ڪئي ۽ ان کي به
ديبل جو نالو ڏنو ويو. چنانچ ابوالفضل ”آئين اڪبري“ ۾
ٺٽي کي ديبل سڏيو آهي؛ ۽ ساڳئي وقت مير معصوم لکي
ٿو ته سندس وقت ۾ لاهري بندر ٺوڙي ٺٽي ٺهي ڪ-ي
”ديبول بندر“ چيو وڃي ٿو (تاريخ معصومي فارسي ص ٦).
جيئن ته آڳاٽي وقت کان لاهري بندر تي به ديبل جو نالو
پنجي چڪو هو، انهيءَ ڪري اسان جي پوئين مؤرخ
مير علي شير قانع لاهري بندر ڪ-ي ”پراڻو ديبل“ ڪري
پاتيو (تحفة الڪرام ٣ X ٥٤-٢٥٣). ساڳيءَ طرح پير پٺو، جو
بگهاڙ شاخ جو هڪ بندر هو، تنهن کي به مقامي طرح ديبل
سڏيو ويو جيئن ته مير علي شير، تحفةالڪرام (٣ X ٢٤٧، ٢٥٢)
۾ اتي دفن ٿيل بزرگ شيخ حسين عرف پير پٺي کي ”ديبلي“
ڪري لکيو آهي.

مٿين وضاحت مان معلوم ٿي چڪو ته جيتوڻيڪ اصل
’ديبل‘ جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو، سو زماني
جي انقلاب سبب ڦٽي ويو، تاهم يادگار طور ان جو نالو
هلندو آيو ۽ بعد ۾ لوهاراني يا لاهري لاهوري بندر ۽
ٺوڙي ٺٽو، ٻئي ديبل سڏجڻ لڳا. انهيءَ ڪري انهن ٺهي
مان ڪنهن به هڪ کي اصلي قديم ديبل بندر سمجهڻ غلط ٿيندو.
محقق بيروني، جنهن ڀرپاسائين لوهاراني بندر جو
ذڪر ڪيو آهي، تنهن صاف لکيو آهي ته، ديبل هڪ
ساحلي بندر هو ۽ لوهاراني ان ڪان جدا ايرندي ڏانهن
سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ جو بندر هو (ڪتاب الهند،
عربي متن، ص ١٠٢). ٺٽي جو ته بنياد ئي گهڻو پوءِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سومرن جي حڪومت جي بالڪل آخر ۽ سمن جي اوائلي دؤر ۾ تقريباً ١٣٣٣-٣٧ع ڌاري پيو. انهيءَ ڪري پاٽنجر ۽ ڪننگهام جو لاهوري بندر کي اصلي ديبل بندر سمجهڻ، يا رچرڊ برٽن، ڪئپٽن مڪمرڊو، ڊلا روشي، رئنيل، ڊبليو هئملٽن، (ٿوري پاٽنجر ۽ برنس جو سنڌن بيءَ راءِ موجب) ۽ آخر ۾ هينري ڪزنس جو ٺٽي کي قديم ديبل سان شعبين ڪرڻ ظاهراً غلط آهي. ايليٽ، ڪراچي کي ديبل ٺهرائي ٿو جو صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته سنه ١٧٢٥ع کان اڳ ڪراچي جو وجود ئي ڪونه هو ۽ بندر طور ڪراچي ڀهربائين سنه ١٧٢٩ع ۾ استعمال ٿي. ميجر راورٽي، عرب مؤرخن ۽ جغرافيدانن جي حوالن کي نظرانداز ڪري، محقق ڪئپٽن نيوبورٽ جي بيان (سنه ١٦٦٦ع جي آڌار تي (جنهن ۾ پير پٺي کي "ديوٺل" سڏيو ويو آهي) پير پٺي کي ديبل قرار ڏئي ٿو. اسان اڳ چئي آيا آهيون ته ديبل جي زوال بعد جهڙيءَ طرح لاهريءَ بندر ۽ ٺٽي کي ديبل سڏيو ويو، اهڙيءَ طرح پير پٺي کي به ديبل سڏيو ويو.

ديبل جي جڳهه متعين ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان وقت جي عرب مؤرخن ۽ جغرافيدانن جي بيانن مان ڪن پڪن دليلن جو سهارو ورتو وڃي، ڇوته مشڪوڪ ۽ وضاحت طلب حوالا ڪنهن به خاطرخواه نتيجي تي نه پهچائيندا. مثلاً عرب جغرافيدانن ديبل جا طول ۽ عرض (ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ) ڏنا آهن، مگر اهي خود وضاحت طلب آهن: اول ته هرهڪ مصنف طول ۽ عرض جا مختلف

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

درجا ڏنا آهن؛ ۽ ٻيو ته يقين سان چئي نٿو سگهجي ته هنن ماڻهن ڪهڙي ڳالهه تي ڀاڙي ڪري اهي فاصلا گڏ ڪيا آهن. ساڳيءَ طرح عرب جغرافي نويسن ديبل جا مفاصلا ڏنا آهن، پر اهي به جملي وضاحت طلب آهن؛ اول ته جن شهرن کان ديبل جا مفاصلا ڏنا اٿن خود انهن شهرن جون جڳهيون معلوم نه آهن، ۽ ٻيو ته اهي مفاصلا ڏينهن جي پنڌن، يا منزلن ۽ مرحلن جي عدد، يا فرسخن ۽ ميلن ۾ ڏنل آهن: مگر ڪير چئي سگهجي ته هڪ ڏينهن جي پنڌ سان ڇا مراد آهي؛ يا هڪ منزل يا مرحلي جو ڪيترو مفاصلو سمجهڻ گهرجي؛ يا ان وقت جو فرسخ يا ميل ۾ ڪيترو مفاصلو قرار ڏجي. انهن مشڪوڪ اندازن جو نتيجو آهي جو ٻن محققن، ايليٽ ۽ هيگ، ٻنهي ديبل کي متعين ڪرڻ لاءِ پنهنجي دليلن جو مدار عرب مصنفن جي ڏنل مفاصلن تي رکيو آهي. مگر تنهن هوندي به ايليٽ ڪراچي کي ديبل ٺهرايو آهي ته هيگ وري ڪراچي کان اٽڪل ٥٠ ميل اوير ڏکڻ طرف، ڪکڙ بکيرا يا بيگ چڱيو (ٺٽي کان ويهه ميل کن ڏکڻ-اولهه) جي ڦٽل دڙن کي ديبل قرار ڏنو آهي.

اسان جي خيال ۾ ديبل جي ماڳ کي متعين ڪرڻ ۾، اصولي سوال هيءُ آهي ته آيا ديبل خود مهراڻ جي ڪناري تي، يا ان جي ڪنهن شاخ جي ڪپ تي، يا سمنڊ جي ساحل تي، يا سمنڊ جي ڪنهن ڪاريءَ جي ڪنڌيءَ تي هو؟ ان سلسلي ۾ هيٺيان حوالا غور طلب آهن: بقول ابن خردازبه ديبل مهراڻ جي ڪناري تي نه هو بلڪ مهراڻ جي چوڙ کان ٻه فرسنگ پري هو؛ اصطخري صاف طور ڄاڻائي ٿو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ته ديبل مهراڻ کان اولهه طرف سمنڊ تي هو؛ مسعودي چوي ٿو ته مهراڻ جو ڇوڙ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي پري هو؛ ابن حوقل لکي ٿو ته ديبل جو شهر مهراڻ کان اولهه طرف سمنڊ تي هو؛ بقول مقدسي، ديبل هڪ ساحلي شهر هو؛ ياقوت، مسعر بن مهلهل جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو ته ديبل سمنڊ جي ڪناري تي هو؛ بيروني جي تحقيق موجب ديبل سامونڊي ساحل تي هو ۽ لوهاراڻي بندر ان کان ايرندي طرف مهراڻ جي ڇوڙ وٽ هو، الخوارزمي (ڪتاب صورة الارض ۾) لکي ٿو ته ديبل سمنڊ تي هو؛ قلقشندي هڪ آڳاٽي ڪتاب ”اللباب“ جي حوالي سان لکي ٿو ته ”تحقيق ديبل هندي سمنڊ جي ساحل تي آهي.“

مٿين حوالن سان اصطخري، مسعودي، ابن حوقل ۽ مقدسي جا بيان اکين ڏٺا آهن. انهن بيانن مان هيٺيان پڪا پختا نتيجا نڪرن ٿا ته: (١) ديبل، مهراڻ يا ان جي ڪنهن به شاخ جي ڪناري تي ڪونه هو؛ (٢) ديبل مهراڻ کان ڪجهه پنڌ پري الهندي طرف هو، ۽ (٣) ديبل سامونڊي ساحل جو بندر هو. انهن يقيني نتيجن جي بناءَ تي به ٿٽي، ڀنڀور يا لاهري بندر کي ديبل سمجهڻ غلط ٿيندو. ديبل کي لازمي طور مٿين مصنفن جي وقت واري مهراڻ جي ڇوڙ کان اولهه طرف سمنڊ جي ساحل تي تلاش ڪرڻ گهرجي.

هاڻي سوال آهي ته انهيءَ عربي دور حڪومت واري عرصي ۾ مهراڻ جو ڇوڙ ڪٿي هو؟ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ خاطر خواهه حوالو موجود آهي: محمد بن قاسم جڏهن ديبل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح ڪيو (١٧١٢ع) ۾ ندهن پاڻ خشڪي رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو ۽ حڪم ڏنائين تہ منجنيقون وغيره جنگي سامان ٻيڙين ذريعي اچي. ”اهي ٻيڙيون ٻوءِ اتان هاڪاري انهيءَ پاڻيءَ رستي آندائون جنهن کي 'ساڪروقارو' تي سڏيائون“ (فتحنامو ص ١١٥). ساڪري واهڙ مان غالبا مراد قديم بگهاڙ ڦاٽ آهي جو ساڪري جي پرڳڻي مان وهندو رهيو آهي. ان وقت اهو اڃان ننيڙو واهڙ هو جو غالبا ٽي سؤ سال پوءِ، يعني ١١ صدي جي اوائلي ۾، ٻيو نمبر نندو درياء بڻجي پيو. ڇو تہ ان وقت ۾ محقق بيروني، سنڌ وٽ سنڌونديءَ جي ٻن سڪن ڇوڙ وارن شاخن جو ذڪر ڪيو آهي، هڪ ”منهن صغري“ (ننڍو منهن) ۽ ٻيو اڳتي ڏکڻ-اڀرندي طرف ”منهن ڪبري“ (وڏو منهن) [ڪتاب الهند، عربي متن ص ١٠٢]. لوهاراني بندر انهيءَ ننڍي منهن تي هو، جنهن کي موجوده تحقيق موجب بگهاڙ تسليم ڪيو ويو آهي. عرب جغرافي نويسن جا مهراڻ ۽ ديبل متعلق بيان، بيروني کان ٥٠-٦٠ سال اڳ واري عرصي جا آهن، جنهن وقت پڻ بگهاڙ، مهراڻ جي ٻئي نمبر سڪيہ ڇوڙ جي حيثيت ۾ يقيني طور موجود هوندو. ديبل، انهن جغرافي نويسن ۽ سياحن جي اکين ڏٺي بيانن موجب مهراڻ جي ڇوڙ کان بهرحال پري اولهہ طرف هو. انهيءَ ڪري، ديبل جي تلاش بگهاڙ جي پيٽ کان اولهہ طرف سامونڊي ساحل تي ڪرڻ گهرجي.

بگهاڙ جو قديم پيٽ ميرپور ساڪري تعلقي ۾ نمايان طور موجود آهي، جو هيٺ ميرپور ساڪري ۽ ٺٽارن جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شهر وچان اولهه طرف هلي، ڀهارن جي شهر کان اٽڪل ٣-۴ ميل اولهه طرف ور کائي ڏکڻ طرف وهي سڌو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ديبل ڀڳهاڙ جي اهي؛ قديم پيٽ کان اولهه طرف ساحل تي، وڃي ڪراچي ڀرسان ڪنهن جاءِ تي هو. ديبل جي تلاش ۽ تحقيق متعلق هي؛ نتيجو فيصلي ڪُن سمجهڻ گهرجي.

هاڻي ڪراچي کان وٺي هيٺ ڏکڻ - اوير طرف ڀگهاڙ جي ڀرائي پيٽ تائين، ٻيون به قديم بستيون جي بندر جي حيثيت رکي سگهن ٿيون سي هي آهن: ڪراچي، ڪلفٽن، گسري، واگهو در، بابا ابراهيم حيدري، ڀنڀور، رتو ڪوٽ، ساڙي سوروڙو ۽ ٿنپ واري مسجد، ڏارجا ۽ جاکي بندر، ۽ راڻي جو ڪوٽ.

انهن مان ڪراچي، جيئن اڳي بيان ٿي چڪو آهي، سڀ کان آخر ۾ بندر گاهه بڻيو ۽ ١٧٢٥ع کان اڳ هن جاءِ تي ڪو به بندر ڪونه هو. ساڳيءَ طرح ڪلفٽن ۽ گسري بہ ٻيون آباد ٿيل بستيون آهن، جني ڪي به خاص قديم آثار موجود ڪين آهن؛ البت ڪلفٽن تي عبدالله شاهه جو مزار آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جو خيال آهي ته بقول بلاذري (فتوح البلدان، طبع يورپ ص ص ٣٦-٣٥ع)، عبيدالله بن نبهان جنهن کي حجاج، بديل بن طهفة البجلي کان اڳ، ديبل تي چاڙهي موڪليو هو، اهو مزار انهيءَ جو ٿي آهي (ڏسو فتحنامو، فارسي ايڊيشن، ص ٥٥٢). حقيقت ۾ هيءَ دليل اهڙو وزندار نه آهي جاڪاڻ ته خود

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذريءَ جي لکيل موجب، تقريباً خود سنڌس ڏينهن واري (٢٣٥-٢٢٩ هه)، ديبل ۾ بديل بن طهفة جي قبر سا موجود هئي (فتوح، ص ٤٣٨) ۽ نه عبدالله بن نبهان جي، پر نه ڪلفٽن وارو موجوده مزار عبدالله شاهه بخاري طرف منسوب آهي، ۽ سنڌ اندر بخاري سيدن جي آمد جو زمانو ڪافي پوءِ جو آهي.

واگهودر يا ابراهيم حيدري تي قتل بستيءَ جا ڪجهه نشان موجود آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو ديبل هجي. پنهنجي يقيني طور هڪ قديم بستي آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو ديبل هجي.

رتو ڪوٽ، ابراهيم حيدري کان ڏکڻ - اوڀر طرف هاڻوڪي سامونڊي اراضي ۾ بيٺل هڪ قسم جو قلعو آهي جنهن جي سرن ۽ آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو پوئين زماني جو آهي.

پنهنجي ڪان الڪل ١٠-١١ ميل ڏکڻ - اولهه طرف، تعلقي ميرپور ساڪري جي ديهه ڪيراٽي واري سمنڊ جي ڀاڄي هيٺ آيل الهندي ايراضيءَ ۾ پڻ قتل ڪنڊرات آهن. جنهن کي هيئر مقامي طور "ماڙي مورڙو" چون ٿا. شايد اهيئي آثار آهن، جن کي مسٽر ڪارٽر (Carter) "ٺٽي واري مسجد" سڏيو آهي ۽ ديبل ڪري سمجهيو آهي (ڏسو هينري ڪزنس جو ڪتاب "سنڌ جا قديم آثار" ص ص ٢٧-١٢٦). ١٩٤٤ع ۾ بندي راقم انهن آثارن جو معائنو ڪيو، مگر اتي جيڪي پٿر جون قبرون ۽ مقام آهي اهو مڪلي جي قبرستان واري عرصي يا اڃا به پوءِ جو معلوم ٿئي ٿو. تقريباً ڏيڍ سؤ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سال کن اڳ هي ابراضي آباد هئي جا ٻـوءِ ڪاري هيٺ اچي ويئي. بهرحال هـن ابراضي ۾ به ڊيبل جو هئڻ قرين قياس آهي.

ڏاراجا، جا کي بندر ۽ راڻي جي ڪوٽ جا آثار، ٻهارن جي شهر کان اٽڪل ٥-٦ ميل کن اولهه طرف ۽ ٻگهاڙ جي قديم مجرا جي اتر- اولهه طرف آهن، جن جو اسان سنه ١٩٥٢ع ۾ معائنو ڪيو. راڻي جو ڪوٽ حقيقت ۾ راڻي ارجن جو ڪوٽ آهي، جنهن کي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ٻجار جوکيي هٿان مارايو. ڪوٽ جي اولهه طرف راڻي جي پٽ ”علي بن ارجن“، جو اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ مسلمان ٿـي وفات ڪيائين، جي قبر موجود آهـي ۽ جيتري قدر بندي کي ياد آهي ته ان تي سنه ١١٠٢هه لکيل آهي. بهرحال هوءَ ڪوٽ پوئين زماني جو آهي.

جاکي بندر ۽ ڏاراجه بندر جا آثار درياءَ جي هڪ قديم شاخ (ڦٽي ٻنياڻي؟) جـي ايرندين ڪنڌيءَ تي (راڻي جي ڪوٽ کان ميل کن اولهه طرف) موجود آهن. اهي ٻئي مقامي نالا آهن، جنهن جـو آڳاٽي تاريخ ۾ ڪوبه ذڪر ڪونهي. جاکي بندر ڏکڻ طرف ۽ ڏاراجه لڳو لڳ اتـر طرف، اُهي ٻه جدا نالن سان مگر غالباً هڪ ساڳـي قديم بستي جا ٿلها نشان آهن، ۽ گمان غالب آهي ته اهي آثار مشهور تاريخي بندر لاهري جـا آهـن. ڪيپٽن پوسٽنس (Postans) ١٨٣٤ع کـان ١٨٤٥ع واري عرصي اندر لکندي چوي ٿو ته ”ڏاراجه اڳ ٺٽي (جي واپار) جو مکيه بندر ۽ هڪ مشهور شهر هو، مگر درياءَ جي ڦير گهير سبب هن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بندر جي اهميت هاڻي گهٽجي وئي آهــي .... هن وقت ڏاراڄه يا لاري بندر جي بدران ڪراچيءَ کي ئي بندر طور استعمال ڪيو وڃي ٿو" (١).

مٿين وضاحت جي بناءَ تــي واگهودر، ڀنڀور، ۽ ماڙي موروڙ، ٽنهي واري مسجد مان ڪنهن به هڪ کي ديبل قرار ڏيئي سگهجي ٿو. انهن مان هر هڪ جڳهه تـي محڪمه آثار قديمه طرفان پوري طــرح کوٽائي ڪري وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهــي ۽ ازانسواءِ ڀنڀور کان وٺــي ڏاراڄه تائين سڄي ساموندي ساحل جــي ڇڻ پوري تلاش ڪري باقي رهيل کنڊرات جو پتو لڳائڻو آهي. اهڙي مڪمل کوجنا بعد ئي ڪنهن يقيني نتيجي تي پهچي سگهبو. مگر تاريخي روشني توڙي آثار قديمه جي هن وقت تائين ڪيل تحقيق جــي بناءَ تــي چئي سگهجي ٿو تــہ ڀنڀور جي کنڊرات جو ديبل هئڻ زياده ممڪن ۽ قرين قياس آهي. اسان جــي هن نظريــي جــي تائيد ۾ هيٺيان دليل قابل غور آهن:

(١) اول تہ عرب مؤرخن ۽ جغرافيه نويس مـان بلاذري (فتــوح - ص ٤٣٨) ۽ ياقــوت (المشترڪ ص ١٠٢ ۽ معجم البلدان تحت "الديبل") "خورالديبل" جو ذڪر ڪيو آهي. هينري ايليٽ "خور" جي معنيٰ اپسمنڊ (bay) ورتي آهي، انهيءَ لاءِ تــہ سندس نظريي جــي تائيد ٿئي جنهن موجب هو ڪراچي کي، جو هڪ ننڍڙي اپسمنڊ تي

(١) ڏسو ڪيپٽن پوسٽس جو ڪتاب Personal Observations on Sind مطبوعه، لنڊن، ١٨٤٣ع، ص ص ٢٧ ۽ ١٧.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، ديبل سمجهي ٿو. مگر خود عرب مصنف مان قلقشندي (صبح الاعشيٰ ٥ x ٦٤) ابن سعيد جي حوالي سان "خور" جي معنيٰ "خليج" لکي ٿو. "خليج" ۾ مختلف معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو، مگر ان جي عام معنيٰ آهي کاري (١). جيئنڪ هين "خورالديبل" جي معنيٰ "ديبل جي کاري" تسليم ڪجي ته انهيءَ مان هڪ ٻيو گمان هيءُ نڪرندو ته ديبل سمنڊ جي هڪ کاري تي هو. هاڻي ڪراچي کان وٺندي، ڏاراجه جي ڪنڌرات تائين هن وقت ٻي ڪاريون موجود آهن. گسري واري ڪاري، گذرو ڪاري جنهن جي منهن تي واگهودر آهي؛ ۽ سپ ڪان وڏي ۽ اهم گهارو ڪاري جنهن جي ڪناري تي ڀنڀور جا ڪنڌرات آهن. بقول مقدسي، (ان وقت) سمنڊ جو پاڻي ديبل جي شهر اندر مارڪيٽ تائين پهچي ويندو هو. اهو اهڃاڻ صرف ڀنڀور جي ڪنڌرات جي صورت حال سان لاڳو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اڄا تائين، ڀنڀور جي شهر واري ٽڪري جي اتر طرفان گهاري جو پاڻي اٿل ڪري وهي الهندي طرف واري تلاءَ ۾ اچي ٿو جو شهر جي آثارن جي حد ۾ آهي.

(٢) ٻيو ته ڀنڀور جا ڪنڌرات، واگهودر وغيره جڳهن جي ڀيٽ ۾ زياده وڏا ۽ وسيع آهن، جن ٻوٿين صدي کان وٺي سيني کوجنا ڪندڙن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي. چنانچ گذريل صدي ۾ ڊبوبراس جنهن ڀنڀور جو معائنو ڪيو، سو لکي ٿو ته هي "نهايت قديم ڪنڌرات آهن."

---

(١) انگريزي ۾ Estuary يا Creek ڏسو هيگ جو ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" ص ٢٤٦-٢٤٧.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ساڳيءَ طرح پاٽنجر لکيو آهي ”اڳاٽي وقت ۾ هيءَ ڪو وڏو شهر هو.“ ايليٽ ۽ ڪننگهام هنن ڪنڊرات جي قدامت جي بناءَ تي، ڀنڀور کي سڪندر اعظم جي زماني جو ”باربريڪان“ بندر سڏين ٿا. هينري ڪزنس، جو هندستان جي محڪمي آثار قديمه جو وڏو آفيسر هو سو به مڃي ٿو ته ”سنڌ جا باشندا هن کي هن صوبي جو قديم بندر ڪاهه سمجهن ٿا“ ۽ هو پاڻ به هن کي سڪندر اعظم جي ڏينهن جو بندر تسليم ڪري ٿو. مگر تنهن هوندي به هو ڀنڀور کي ديبل جي بدلي، عربن جي ڏينهن جو، ڪاري تي پيل هڪ ننڍو حفاظتي قلعو ڄاڻائي ٿو، ڇاڪاڻ ته سندس خيال ۾ هي هڪ بالڪل ڇوٽڙي بستي ”an insignificant site“ آهي. هينري ڪزنس جو هيءُ ريمارڪ نه فقط مٿين بيان جي برعڪس آهي مگر ڪنڊرات جي صورت حال جي به مخالف آهي. ڀنڀور جا ڪنڊرات درحقيقت ڪافي وسيع آهن. ڏري گهٽ بلاڪ ڪن ۾ ته ٽڪر واري ڪوٽ جا ڪنڊرات آهن، جنهن جي ويڪري ديوار ٽوڙي پاسن وارن برجن جا ليشان اڃا تائين پيل آهن. هن ڪوٽ جي ڏکڻ طرف ٽڪر تي به قديم آثار ڏري گهٽ اڌ بلاڪ ڪن ۾ پکڙيل آهن. اتر طرف ٽڪر هيٺ لڳ ڀڳ بلاڪ ڪن ۾ آثار موجود آهن جن ۾ ڪمرن ۽ کوئين جون بناوتون ۽ هڪ قديم کوهه موجود آهي. ٽڪر واري قلعي جي اتر-اولهه طرف وڏو تلاءُ موجود آهي ۽ هن تلاءَ جي ڏکڻ-اولهه طرفان ٻه بلاڪ ڪن ۾ ڪنڊرات آهن جن ۾ ٽڪر واري قلعي لڳ هيٺ الهندي، وڏن مٿن جون زمين دوز

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قطارون عبرت انگيز آهن. مطلب تہ، ڀنڀور جا کنڊرات، ٽڪر واري مٿاهين دڙي جي ڏاکڻي ڇيڙي کان وٺي، اتر طرف واري قديم رستي تائين پکڙيل آهن. قديم قبرستان هن رستي جي ڏکڻ طرفان لڳو لڳ آهي. انهن جملي وسيع آثارن کي "ڇوٽڙي بستي" سمجهڻ حقيقت جي خلاف آهي.

(٣) ٻيو تہ فتحنامي ۾ ديبل جي ٻُڌ واري مندر جو بيان ڏنل آهي جو چاليهہ گز اوچو هو. اهو اهڃاڻ بہ ڀنڀور جي صورت حال سان لڳي ٿو جنهن ۾ ٽڪر وارو اوچو دڙو ۽ انهيءَ تي قديم ديوار جا نيشان ۽ هڪ اوچي ابراغي نظر اچي ٿي، جا غالباً انهيءَ مندر جي هئي. فتحنامي ۾، محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ جي ٻين ٻُڌ مندرن جا نالا مليا ٿا: مثلاً: اشبار، ڪنوهار، وڪربهار، ۽ نوبهار. انهن نالن جي پڇاڙي ۾ "بهار"، يعني "وهار"، ٻُڌ مندرن جي خصوصي سڃاڻپ جي نيشاني آهي. اسان جي خيال ۾ ڀنڀور درحقيقت (ٻن + ڀور = ٻن + بهار) "ٻنبهار" يعني "وَڻ وهار" جي اصلي نالي جي بگڙيل صورت آهي، جو غالباً ديبل واري ٻُڌ. مندر جو اصلي نالو هو. انهيءَ لحاظ سان خود ڀنڀور جو نالو بہ ديبل جي اصليت تي غمازي ڪري ٿو.

(٤) محڪمي آثار قديمه طرفان ڀنڀور جي بستي جي جا کوٽائي ٿي آهي ۽ ان مان جي شيون هٿ آيون آهن، سي بہ هن نظريي جي تصديق ڪن ٿيون تہ غالباً هيءَ ديبل جي قديم بستي آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اول ١٩٢٠ ۽ ١٩٣٠ع واري عرصي ۾ محڪمي آثار قديمه طرفان هنن ڪنڊرات جي جا کوٽائي ٿي، تنهن مان ساڳيون اهڙيون شيون نڪتيون جهڙيون سنڌ جي عربي دؤر حڪومت واري گادي جي شهر منصوره مان لڌيون. تازو دوباره ١٩٥١ع ۾ هنن ڪنڊرات جي کوٽائي ٿي جنهن جي مفصل رپورٽ شايع ڪانه ٿي، مگر اخبار ”ڊان“ (Dawn, Karachi April 29, 1951) جي هڪ پرچي ۾ هڪ بيان ڇپيو ته هتان ٻين سنهن ٿانهن شين سان گڏ عربي خط نسخي ۾ لکيل تختيون ۽ عرب گورنر منصور جا ٨ صدي جي نصف آخر جا سڪا لڌا ويا آهن. اسان جي راءِ ۾ منصور بن جمهور جا سڪا وڌيڪ هن نظريي جي تائيد ڪن ٿا ته ڀنڀور جا ڪنڊرات قديم ديبل بندر جا آهن. منصور بن جمهور الڪلبي، اموي دؤر جي زوال وقت، تقريباً ١٣٠ هجري جي شروعات (٧٤٧ع جي آخر) ڌاري، عراق مان ڪهي اچي سنڌ تي زوري قبضو ڪيو ۽ اتي پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، جا تقريباً سنه ١٣٤ هجري جي نصف آخر (٧٥١ع جي پڇاڙي) تائين باقي رهي. منصور انهيءَ خودمختاري واري دؤر ۾ پنهنجي نالي سان سڪا جاري ڪيا. منصوره، جو سنڌ جي گادي هو، سو منصور جي طاقت جو مکيه مرڪز رهيو. سندس حڪومت ۽ طاقت جو ٻيو مکيه مرڪز غالباً ديبل هو، ڇاڪاڻ ته مؤرخ يعقوبي (٢ × ٤٠٧) لکي ٿو ته منصوره تي قبضي ڪرڻ بعد منصور، ديبل جي فتح لاءِ خاص طرح پنهنجي پاڻ منظور کي چاڙهي موڪليو هو. محڪمي آثار قديمه طرفان ڪيل کوٽائي مان منصوره جي ڪنڊرات مان اڳيئي منصور

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جا سڪا لڌا ويا آهن (ڏسو هينري ڪزنس جو ڪتاب ”سنڌ جا آثار قديمه“). ٻيا سڪا خصوصاً سنڌس طاقت جي ٻيٺي مرڪز ديبل ۾ مليا ڪپن، جي ڀنڀور جي کنڊرات مان مليا آهن. انهيءَ ڪري موجوده تحقيق موجب ڀنڀور جو ديبل هجڻ زياده قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. (١) (ن.ب)

٣١/[١٥] چار حڪمران مقرر هئا: پڻ راءِ گهراڻي جي نظام حڪومت لاءِ ڏسو هيٺ ص ص ٤٤-٤٥.

٣١/[١٥] ڪردن جي جبل ۽ ڪيڪانان تائين: ڪردن جا جبل، ڪرمان ۽ مڪران جي سرحد وارا جبل سمجهڻ گهرجن. حقيقت ۾ ڪُرد قبيلا، ڪرمان ڪان گهڻو اتر طرف ايران ۽ عراق واري سرحد تي رهندڙ آهن، مگر ڪرد توڙي ڪفچ ۽ بلوچ قبيلا ساڳيو تاريخي پس منظر رکن ٿا، ۽ ڪفچ (قفص يا ڪوچ) ۽ بلوچ قبيلن جون بستيون ڪرمان ۽ مڪران واري سرحد تي قديم وقت کان قائم هيون. اندازاً نوشڪي پاس ڪان اوليهه ڏکڻ طرف وارا جبل ڪردن جا جبل سمجهڻ گهرجن.

ڪيڪانان اهو ملڪ آهي جنهن کي راءِ گهراڻي جي اباڪاريءَ ۾ چين جي مشهور سياح هُون سنگ (Huen Tsang)

---

(١) هن تحقيق ۾ اسان پنهنجي مضمون جو خلاصو ڏنو معلومات جي اضافي سان پيش ڪيو آهي. مگر مفصل بحث ۽ حوالن لاءِ ڏسو اسان جو انگريزيءَ ۾ لکيل مضمون:

"The Most Probable Site of Debal the Famous Historical Port of Sind" (Islamic Culture, Hyderabad Deccan, Issue of July 1952).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”ڪي - ڪيانگ - نا“ سڏيو آهي (ڏسو ڪننگهام: قديم جاگرافي، ص ۱۰۰). شون سينگ جي بيان ۽ عرب مؤرخن جي متعدد حوالن جي بناء تي، هندي جي راءِ ۾ ڪيڪانان جو ملڪ گومل ندي، لوشڪي پاس، قصدار ۽ قندابيل (گنداوا) جي وچ وارو ملڪ هو. هن جاء تي راءِ گهراڻي جي حڪومت جي سرحد جو ذڪر آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان مراد، ڪيڪانان جي سرحد آهي- يعني سليمان جبل جي قطار جو اهو حصو جو گومل ندي کان شروع ٿي لوشڪي پاس تائين پهچي ٿو. انهي نقطهٔ نظر کان چڱ موجوده قلات رياست توڙي ساراوان ۽ جهالاوان جون رياستون به راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ شامل هيون. (ن- ب)

۳۱[۱۵] برهمڻ آباد: فتحناسي جي قلمي نسخن ۾ هن نالي جي صورتخطي ”برهمناباد“ آهي. بهرصورت هن نالي جي پڇاڙي ”آباد“ مان ظاهر آهي ته هي اصل ايراني نالو آهي. تاريخ مان به دليل لکري ٿو ته، هيءُ شهر غالباً ايران جي بادشاه بهمن اردشير جي حڪم سان بڌو ويو ۽ انهي لحاظ سان ان جو اصل نالو ”بهمن آباد“ هو. بهمن اردشير پنهنجي وسيع بادشاهي ۾ انهيءَ سان ٽي شهر جڙايا: هڪڙو بهمن آباد خراسان ۾ جو ”ري“ ۽ ”نيشابور“ جي شهرن جي درميان هو (۱)؛ ٻيو عراق (سواد) ۾ جنهن کي پهريائين ”ايذ اردشير“ جو نالو

---

(۱) ڏسو ابن خردازبه ص ۲۳؛ قدامة (ڪتاب الخراج) ص ۲۰۱، اصطخري ص ۲۸۴، حدودالعالم (طبع طهران) ص ۵۶، ۽ تاريخ بيق ص ۲۰۱۴.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏنو ويو، مگر بوءِ اهو به "بهمنيا" سڏجڻ لڳو ۽ خود مؤرخ طبري جي ڏينهن (٨٦٨_٩٣٢ ھ) ۾ پڻ موجود هو (طبري ج ١ ص ٨٧٠). جيئن ته سنڌ کي به ارد شير فتح ڪري پنهنجي بادشاهي هيٺ آندو هو ۽ سندس حياتيءَ ۾ سنڌ تي هن جا مسلسل گورنر مقرر ٿيندا آيا (حمزه اصفهاني: سني ملوک الارض والانبياء، ص ص ١٢_١٣)، انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پڻ سندس نالي سان شهر ٻڌو ويو هوندو. انهيءَ جي تصديق "مجمل التواريخ" مان ٿئي ٿي جنهن جو مصنف لکي ٿو ته بهمن اردشير هن پاسي به شهر ٻڌايا: هڪڙو ترڪن ۽ هندن جي سرحد قزدار ڪرڻ لاءِ قندابيل (گنداوا) ۽ ٻيو ٻڌو جي ٻروڪڻي ۾ "بهمن آباد" جنهن نالي سان هيٺئر منصوره کي سڏيو وڃي ٿو (مجمل التواريخ، طبع طهران ص ص ١١٧_١١٨).

غالباً گهڻو پوءِ جڏهن سنڌ ۾ برهمڻن جو دخل ٿيو تڏهن "بهمن آباد" نالي کي ڦيرائي "برهمن آباد" سڏيو ويو. برهمڻن جو سنڌ تي قبضو تعصب کان خالي ڪونه هو. هندستان جي برهمڻ راجا "قفند" پنهنجي پاءِ "ساميد" کي جڏهن سنڌ تي چاڙهي موڪليو، تڏهن هن بهمن آباد ۾ آتشڪده جي جاءِ تي بتخانو قائم ڪيو (مجمل التواريخ، ص ١١٩). شهر جي نالي جي ڦيرگهير شايد خود انهيءَ تعصب سبب يا برهمڻن جي دراز تسلط سبب يا سنڌي ٻوليءَ جي مقامي اچار سبب وجود ۾ آئي هجي. البيروني (ڪتاب الهند، عربي متن ص ١٣٠، ترجمه ١× ٢٦٠) ١١. صدي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي شروعات ڏاري ٻئي من شهر جو نالو ”ٻهمنوا“ لکيو آهي، جنهن مان ٻن هن شهر جي اصلي ايراني نالي جي تائيد ٿئي ٿي. البيروني وڌيڪ لکي ٿو ته برهمناباد درحقيقت ”ٻهمنوا“ آهي (ايضاً، ترجمو ١×٢١-١٦).

تحقيقات مان ظاهر آهي ته راءِ گهراڻي جي وقت ۾ برهمڻ آباد، لوهاڻي پرڳڻي جو مرڪزي شهر ۽ اتي جي حاڪم اگهم جي گاديءَ جو هنڌ هو (چچ نامو متن، ص ٤٧). محمد بن قاسم جي فتح وقت (٧١٠ع) ٻيو برهمڻ آباد هن ايراضيءَ جو مکيه قلعو هو. شهر هڪ مضبوط قلعي اندر هو جنهن کي چار دروازا هئا، ۽ هن شهر جي ايرندي پاسي کان ”جلوالي“ نالي نهر وهندڙ هئي (چچ نامو متن ص ص ٢٩٠-٢٩١). برهمڻ آباد جي مرڪزي حيثيت غالباً تڏهن کٽي جڏهن محمد بن قاسم جي پٽ عمروؒ، سنڌ جي گورنر الحڪم جي اياماڪاري ۾ (١١١-٢٢/١٢١ھ)، سنڌ ۾ شاندار فتوحات جي يادگار ۾ منصوره جو شهر ٻڌايو (بلاذري: فتوح البلدان ص ٤٤٤)، جو برهمڻ آباد کان ٻن فرسخن جي مفاصلي تي هو (ايضاً، ص ٤٣٩). جيتوڻيڪ هن نئين شهر جو نالو، الحڪم جي اياماڪاريءَ ۾ ڪيل فتوحات سبب ”المنصوره“ رکيو ويو، پر جيئن ته هي نئون شهر هن ساڳي برهمڻ آباد واري ايراضي تي ۽ سڄي سنڌ جو تختگاهه بڻيو، انهيءَ ڪري مقامي طور سنڌ وارن هن نئين شهر کي ٻيو برهمڻ آباد سڏيو. اصطخري (ص ١٧٠) ۽ ابن حوقل (ص ٣٢٦) صاف طور لکيو آهي ته سنڌيءَ ۾ منصوره کي ”برهمناباد“ جي نالي سان سڏيو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ئي عرب مؤرخن، منصوره جـي ٻن ٺين مقامي نالي برهمڻ آباد ۽ جهوني برهمڻ آباد (جو منصوره کان ٻه فرسنگ پري هو) ۾ تميز ڪرڻ لاءِ اصلي برهمڻ آباد کي (جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو هو) "برهمناباد قديمة" (بلاذري، فتوح البلدان ص ٤٣٩ع) يـا "برهمنابـاد قديم" (فتحنامو، متن ص ١٥٦ [١١٠]) يعني جهونو برهمڻ آباد ڪري سڏيو.

هاڻي سوال آهي ته اهو اصلي قديم برهمڻ آباد ڪهڙي جڳهه تي هو؟ هن سلسلي ۾ مٿيان ٻه حوالا نهايت قيمتي آهن: هڪ تـه برهمڻ آباد، نئين بڻايل شهر منصوره کان ٻـن فرسنگن جي مفاصلي تي هو، ۽ ٻيو ته ان جي اڀرندي طرف کان "جلوالي" ندي وهندڙ هئي. محڪمي آثار قديمه جـي طرفـان ١٩٢٠ـ ١٩٢٢ع واري عرصي ۾ جا کوٽائي ٿي ان مان يقيني طور ثابت ٿي چڪو آهي ته شهدادپور کان ٨ ميل کن اوڀر- ڏکڻ طرف ۽ جمڙائو واهه جي لڳو لڳ اوڀر طرف، دلور وارو مشهور ڀڙو ۽ ان جا وسيع کنڊرات درحقيقت عربي شهر منصوره جا کنڊرات آهن. عرب گورنرن جا لڌل سڪا، ٺڪر جو سامان ۽ قديم شاهي مسجد جا آثار قديمه وارن جي عربي تاريخ کان هن شهر جي مقامي نالي "ٻانڀڻا" سبب، هنن آثارن کي برهمڻ آباد ٺهرايو ويو آهي. حقيقت ۾ جهوني برهمڻ آباد کي هن شهر منصوره کان ٻـن فرسنگن جي مفاصلي تـي کولڻ گهرجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هاڻي جڏهن منصوره جي آثارن جي وچ کي (١) مرڪز بڻائجي، ٻن فرسنگن (يعني پنجن يا ڇهن ميلن) جي نيم قطر سان گول ڪڍجي ته قديم برهمڻ آباد انهيءَ گول جي گهيري واري لائين جي لڳ ڀڳ واقع هئڻ گهرجي. منصوره جي پسگردائي جو معائنو ٿو ڏيکاري ته ٽيا قديم ڦٽڙا ۽ آثار منصوره جي کنڊرات کان ڏکڻ- اوڀر، اوڀر ۽ اتر- اوڀر طرف پکڙيل آهن. منصوره کان اتر- اوڀر طرف "جراري" جو ڳوٺ آهي جنهن جو نالو قديم نهر "جلوالي" (= جروراي = جراري = جراري) جي هڪ يادگار آهي. انهيءَ اراضيءَ جو اسان پوريءَ طرح گشت ڪيو آهي ۽ اسان جي خيال ۾ "ڳاڙهي ڦٽي" (ڳوٺ ٻليي لغاري تعلقي سنجهوري جي لڳ اوڀر طرف) جا کنڊرات يا ڏيپر گهانگهري جي ڀر (جهول جي اولهه طرف) جي اولهه طرف وارا کنڊرات، انهن ٻن مان ڪنهن به هڪ جا آثار "قديم برهمڻ آباد" جا آثار آهن. اهي ٻئي کنڊرات منصوره کان اٽڪل ٥-٦ ميلن يعني ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي آهن. (ن-ب)

---

(١) خود منصوره جا موجوده آثار به گهڻي اراضي ۾ پکڙيل آهن ۽ اندازي طور جامع مسجد واري جاءِ شهر جي اوائلي بنياد واري اراضي سمجهڻ گهرجي: جامع مسجد واري جڳهه ڪهڙي، هينري ڪزنس جي ڪتاب "Antiquities of Sind" ۾ هنن آثارن جي ڪيل کوٽائي جي صورتحال واري نقشي ذريعي، آساني سان متعين ڪري سگهجي ٿو. اها جاءِ اوڀر طرف پيٽل نل جي اتر- اوڀر طرف آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣١/[١٥] نيرون ڪوٽ: فتحنامي ۾ ص ١٦٤/ [١٦] تي ڄاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم ديبل جي فتح بعد نيرون ڪوٽ ڏانهن ڪوچ ڪيو ۽ ڇهن ڏينهن جي پنڌ بعد ستين ڏينهن اچي نيرون ڪوٽ وٽ پهتو، جو ديبل کان پنجويهن فرسنگن جي مفاصلي تي هو. نيرون لڳ ''ٻروري'' جي جوءِ هئي جتي چراگاهہ هئا مگر مهراڻ جو پاڻي اچا اتي ڪونہ آيو هو. هن بيان مان ظاهر آهي ديبل کان نيرون ڪوٽ ڏانهن ايندي، محمد بن قاسم مهراڻ ڪونہ لنگهيو، جنهن جي معنيٰ تہ نيرون ڪوٽ مهراڻ جي اولهہ طرف هو. ديبل کان نيرون ڪوٽ ٢٥ فرسنگ يعني ٧٥ ميل پري هو. جيڪڏهن ڀنڀور وارا کنڊرات ديبل جا آهن، جيئن اسان مٿي بحث ڪري آيا آهيون تہ ڀنڀور (گهاري لڳ) کان حيدرآباد تقريباً ٧٥ ميلن جي مفاصلي تي آهي. حيدرآباد جي اولهہ-ڏکڻ طرف جتان هيٺئر درياءَ وهي ٿو، هڪ هيڏاهين ۽ آباد زمين واري اراضي آهي ۽ غالباً اها ئي ''ٻروري'' جي چراگاهن واري اراضي هئي، جنهن ۾ محمد بن قاسم اچي منزل انداز ٿيو.

سنڌ جي مقامي روايات موجب بہ، حيدرآباد جو شهر، نيرون ڪوٽ واري قديم بستي جي جاءِ تي اڏايل آهي (ڏسو تحفة الڪرام، ٣ × ١٧٧). حيدرآباد جو موجوده قلعو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سنہ ١٧٦٨ع ۾ تعمير ڪرايو ۽ پائنجي ٿو تہ هن جاءِ تي ان وقت کان اڳ بہ ڪا بستي موجود هئي. محب الله بکري پنهنجي مختصر تاريخ (قلمي) جي انهي باب ۾ حيدرآباد بابت لکي ٿو تہ: حيدرآباد دراصل نيرون جي ناني سان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مشهور آهي. شهر جو بنياد، ثبوت ۽ هجرت جي وچ واري عرصي ۾ پنجين سال پيو. مغلن جي فتح بعد هي شهر حيدرآباد سڏجڻ لڳو ڇاڪاڻ ته حيدر قلي (ارغون؟) هن کي نئين سر تعمير ڪرايو ۱۰ ھ. (ن-ب)

س ۲۳-] [۱۵] لوهاڻو، لاکه ۽ سمه ؛ لوهاڻو ان وقت ۾ سنڌ جو هڪ پرڳڻو هو، جنهن جو حاڪم، راءِ گهراڻي جي زوال وقت، اگهم هو. فتحنامي ۾ لوهاڻي جي حاڪم اگهم (ص ٥٥ - ٥٧) ۽ لوهاڻي جي جٽن (ص ٦٤) جو ذڪر آيو آهي. لوهاڻــي واري پرڳڻي ۾ لاکه، سمه ۽ سهته جــون اراضيون شامل هيون (ص ٥٥)، ۽ انهن اراضين تــي اهي نالا انهي جي رهندڙ قومن جـي پٺيان پيل هئا. لوهاڻو پرڳڻو غالباً سانگهڙ ضلعي جــي شهدادپــور ۽ سنجهوري تعلقن ۽ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي تي مشتمل هو. انهي اراضي ۾ سامعي، لاکاٽ ۽ لوهاڻو نالا اڄ ڏينهن تائين انهن قومن جي قديم بستين جا يادگار آهــن. شهدادپور کان هيٺ درياءَ جو هڪ پرانو ڏورو اڃا تائين ”لوهاڻو درياءَ“ سڏجي ٿو ڇاڪاڻ ته درياءَ جــي اها شاخ هن لوهاڻي پرڳڻي جي مکيه اراضي مان وهندڙ هئي. (ن - ب)

۲۳ [۱٦] بڌيه : هــيءَ قديم سنڌ جــو اتر- الهنديون پرڳڻو هو جو سيوستان يا سيوهڻ پرڳڻي جــي لڳو لڳ اتر ۾ هو، ۽ جو اندازاً موجوده لاڙڪاڻي ضلعي سڄي ۽ جيڪب آباد ضلعي جــي الهندي ڀاڱي تــي مشتمل هــو. اتر الهندي کان ڪيڪاڻان جو ترڪي پرڳڻو لاڳو هوس، فتحنامي جــي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

صفحي [۳۹] مان واضح آهي تہ راء گهرائي جي زوال وقت "ڪاڪا راڄ" هن ٻرکٽي جي گادي جو هنڌ هو.

بعد جي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قندابيل (گنداوا) هن ٻنهي ٻرکٽي جو سرحدي شهر هو، جنهن جي ٻرپان ڪيڪانان جو ڏاکڻيون علائقو "توران" هو. قندابيل بلڪل سرحد تي هو ايتري قدر جو ان کي ڪنهن وقت توران جي علائقي ۾ شمار ڪيو ويندو هو [ياقوت، بلدان (قندابيل) ۽ مقدسي ص ۴۸٦] حالانڪ قندابيل، ٻنهي ٻرکٽي جو مکيہ تجارتي شهر هو [ابن حوقل ص ۲۳۱]. (ن-ب)

۲۲/[۱۵] رونجهان: هن ڏالي سان اڄ ڏينهن ٽائين ٻہ شهر، رونجهاڻ مزاري ۽ رونجهاڻ جمالي، جيڪب آباد ضلع لڳ موجود آهن. شايد قديم رونجهاڻ علائقو انهيءَ ايراضي تي مشتمل هو. فتحنامي جي فارسي ترجمي (۶۱۳هہ) کان ۳۲ ورهيہ پوءِ سنہ ۶۴۵هہ ۾ بہ رونجهاڻ تي مغلن جي حملي جو تاريخي حوالو ملي ٿو جنهن ۾ "بوج" ۽ "رنجهان" افغانستان جي سرحد اندر ٻہ شهر ڄاڻايا ويا آهن (تاريخ نامہ هراة الهروي، ڪلڪتہ ۱۹۴۳ع، ص ص ۶۳-۱۶۲). انهيءَ جي معنيٰ تہ آڳاٽي وقت ۾ هن علائقي کي ڪافي اهميت هئي ۽ ستين صدي هجريءَ ۾ هن ايراضي تي غالباً افغانستان جو قبضو هو. (ن-ب)

۲۲/[۱۵] اسڪلنده: مجمل التواريخ جي مصنف هن شهر کي "عسقلند" ڪري لکيو آهي. هن شهر کي اڄ جي قديم شهر سان متعين ڪيو ويو آهي. ڏسو راورٽي جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪتاب "مهراڻ"، ص ص ۲۴۴-۲۵۵، حاشيه نمبر ۱۹۲. (ع.م)

۶۳/[۱۵] ڀاتيه: يعني ڀاٽيه، جنهن کي ڪن مصنفن "ڀاٽيه" ڪري لکيو آهي. فتحنامي ۾ صفحي [۳۳] تي چچ جي فتوحات جي بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته، قلعو ڀاٽيه، بياس ندي جي ڏاکڻي ڪناري تي هو. وري صفحي [۲۳۵] تي محمد بن قاسم جي فتوحات ۾ ڄاڻايل آهي ته اروڙ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم، اتر طرف وڌيو ۽ اول اول قلعي ڀاٽيه وٽ پهتو جو بياس ندي جي ڏکڻ طرف هڪ قديم قلعو هو، ۽ چچ جو ڀاٽيو، اروڙ طرفان ان جو حاڪم هو. ڀاٽيه فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم بياس ندي اڪري قلعي اسڪلنده کي گهيرو ڪيو ۽ ان جي فتح ڪرڻ بعد سڪه جي قلعي کي گهيرو ڪيائين جو راوي ندي جي ڏاکڻي ڪناري تي هڪ مضبوط قلعو هو. ان قلعي جي فتح بعد راوي ندي اڪري ملتان کي گهيرو ڪيائين (ايضا ص ۲۲۶-۲۳۷). اهي حوالا غالباً فتحنامي جي اصلي عربي رڪارڊ مطابق آهن ۽ انهيءَ ڪري ڀاٽيه جي محل وقوع متعين ڪرڻ ۾ اصولي سمجهڻ گهرجن. انهن حوالن مان ظاهر آهي ته چچ جي ڏينهن ۾ ڀاٽيه جي قلعي ۽ پرڳڻي جو انتظام ملتان جي بدلي اروڙ سان وابسته هو، ۽ ڀاٽيه اروڙ ۽ ملتان جي درميان بياس ندي جي ڏاکڻي ڪناري تي هو. محمد بن قاسم جي فتوحات مان ظاهر آهي ته ڀاٽيه، نسبتاً اروڙ کان ملتان کي ويجهو هو. تقريباً ٽي سؤ سال پوءِ به ڀاٽيه جو قلعو انهيءَ ساڳي نالي سان موجود هو ۽ محمود غزنوي جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتوحات ۾ ان جو ذڪر اچي ٿو: ان سلسلي ۾ تاريخ يميني جو مصنف (غزني وارو) لکي ٿو ته: ”ڀاٽيه، ملتان جي پرڀان آهي“ـ يعني ته سنڌ واري طرف آهي. ٻه صديون پوء، فتحنامي جو مترجم سنه ٦١٣هه ۾، موجوده زير بحث صفحي ٢٢/[٥٠١] تي چائي ٿو ته (هن وقت) ڀاٽيه کي ”الوازو ۽ چچ پور ٻه چوندا آهن.“ (ن-ب)

٢٣/[١٥] ديوهپور: اصل فارسي متن جي ص [١٥] تي ”ديوهنوز“ ۽ ص [٥١] تي ”ديودهنوز“ لکيل آهي. ٻوڻين پڙهڻي پ مطابق ”ديوهپور“ ۽ م مطابق ”ديوهنوز“ آهي. پ جي پڙهڻي سان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ نالو اصل ۾ ”ديوهپور“ آهي، جنهن کي تاريخ معصومي ۾ (ص ص ٢٨، ٣١) ”دبالپور“ لکيو ويو آهي. (ن-ب)

٢٣/[١٦] نيمروز: آڳاٽي وقت ۾ نيمروز هيٺين ملڪن جي گڏيل اراضي جو نالو هو: فارس، اصفهان، اهواز، بست، زابل، سجستان، سنڌ، مڪران ۽ ڪرمان. بعد ۾ اهو نالو، سجستان (سيستان) ۽ ان جي ڀرسگردائي واري خطي سان مخصوص ٿيو. (ڏسو الخفاجي جو ڪتاب ”شفاءالغليل“، ص ٣٢٤). سيستان هن وقت افغانستان جو هڪ ورهاڱو آهي. (ن-ب)

٣٦/[٣٦] چترور جو بادشاه: يعني چتور جو بادشاه. غالباً آڳاٽي وقت ۾ هن شهر جو نالو ”چترور“ هو. فتحنامي جي معتبر نسخن مثلاً پ، ز ۽ م جي پڙهڻي ۾ ”جترور“ آهي. البيروني ۾ ”ڪتاب الهند“ ۾ هن شهر جو نالو ”جترور“ لکيو آهي- بقوله: ”بازان ڪان ذڪع طرف (وهندي) اوهين ميواڙ پيچند ۽ جنهن جي گادي جترور آهي.“ (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣٩/[٢٨] راجا ڀعرث جو سر بدن کان ڌار ڪري ڇڏيائين: تحفة الڪرام (جلد ٣، ص ٧) جو مصنف چوي ٿو ته: "هيءُ واقعو نبي صلعم جي هجرت جي ٻورڻين سال جي لڳ ڀڳ آهي." (غ٠م٠ ٠)

٤٣/[٣١] وزير ٻڌيمن طاڪي: غالبا "طاڪي" نسبت آهي "تاڪيه" ڏانهن يعني "تاڪيه جو باشندو." تاڪيه جو ذڪر هن ڪان اڳ ص ٢٣/[١٥] تي اچي چڪو آهي ته راءِ سيهرس پنهنجو هڪ حڪمران ملتان ۾ مقرر ڪيو ۽ "سڪه، برهمپور، ڪرور، اشهار ۽ تاڪيه وينري ڪشمير جي حد تائين، انهيءَ جي حڪومت هيٺ رکيائين." هن عبارت مان ظاهر آهي ته تاڪيه ملتان سان لاڳو ۽ ملتان ۽ ڪشمير جي وچ وارو ملڪ هو. اڳتي صفحي ١٥/[٣٧] تي تاڪيه ۽ ڪشمير جي حد جو ذڪر آهي ۽ ڪشمير جي حد تاڪيه کان مٿي ڄاڻايل آهي: ٻي صفحي ٢٩٥/[٢٠٣] تي "بلاد طاڪيه" (طاڪيه جي شهرن) مان اهوئي گمان نڪري ٿو. وري صفحي ٣٥١/[٢٣٧] تي ملتان جي ڀسگردائي واري شهر "سڪه" جي حاڪم ٻجهراءِ کي "ٻجهراءِ طاڪي" جو ڏوهٽو ڄاڻايو ويو آهي. عرب مؤرخن جو "طاڪيه" يا "طاڪيو" ساڳيو "تڪاديش" آهي جنهن جو ذڪر هندستان جي تاريخ جي مقامي ماخذن ۾ ملي ٿو. (ن.ب)

٤٦/[٣٣] سرحد.......جا ترڪن سان لاڳو آهي: هن سرحد مان مراد غالباً سنڌ جي اتر طرف وارين ڪابلستان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ زابلستان جون سرحدون آهن، ڇاڪاڻ جو ان وقت انهن ملڪن جا باشندا ۽ حاڪم ترڪ هئا. (ن-ب)

٤٨/ [٣٥] ڪي ناني وارا دوست شهيد ٿيا: "شهادت" جي لفظ جي استعمال مان گمان نڪري ٿو ته ڇچ جي لشڪر ۾ ڪي مسلمان (عرب) پڻ شامل هئا. ان گمان جي تصديق اڳتي صفحي ٤٩ تي ٿئي ٿي، جتي ته ڇچ سندن سردار امير عين الدوله ريحان کي سڪه جو حاڪم مقرر ڪيو. (ن-ب)

٥٣/ [٣٩] سرڪوند ۽ پنبرڪو پڪو: سرڪوند معني بهادر؛ پنبرڪو يعني پنڊن يا بکارڻ جي رکيا ۽ ورش ڪندڙ. انهيءَ ساڳيءَ ترڪيب مان ص ٥٨/ [٤٢] تي بيو نالو "هٽرڪو" آيل آهي يعني هٽ جي بٽ جو محافظ؛ پڪو يعني پڪشُو يا پوڄاري، خصوصاً هڙ ڌرم جو. (ن ب)

٥٤/ [٣٩] ڪاڪا راڄ: يعني ڪاڪا قوم جو راڄ. سنڌ جي اتر الهندين ترڪئي ٻڪيڙه جي گاديءَ جو هنڌ "ڪاڪا راڄ" هو. تحفة الڪرام (٣×٢٢٣) ۾ ڪاڪا راڄ جو ذڪر اچي ٿو. غالباً ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تعلقي "ڪڪڙ" جو نالو انهيءَ قديم ڪاڪا راڄ جي بگڙيل صورت جي يادگار آهي. (ن-ب)

٥٦/ [٤١] ريگستان جي بادشاهه ڏانهن جنهن ڪي پٽي ۾ ڇوندا آهن: اصل عبارت ۾ "ملڪ رمل" آهي. رمل معني واري، جنهن ڪري ترجمي ۾ "ريگستان جو بادشاهه" لکيو ويو آهي. غالباً ان مان مراد جيسلمير ۽ ٻاهڙ مير جي ملڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو حاڪم آهي ڇاڪاڻ ته جيسلمير آڳاٽي وقت کان وٺي ڀٽين جي بستي رهي آهي، سنڌي نسبنامي جي هڪ آڳاٽي بيت ۾ چيل آهي ته: ”سنڌ سمو، ڪاڇي ڄتو، ڀاٽي جيسلمير.“ جيئن ته عربن جي فتوحات ۾ ”بالمد“ شهر جو نالو اچي ٿو جو غالباً ”ڀاٽيءَ مير“ آهي، انهيءَ لحاظ سان ”ملڪ رمل“ کي ”ڀاٽيءَ مير جو راجا“ تعبير ڪرڻ مناسب ٿيندو. والله اعلم بالصواب. (ن.ب)

۵۸/ [۴۲] ”ٻڌ نو وهار“: يعني نو وهار نالي ٻڌ جو مندر جنهن جو رکوال ”ٻڌرکو“ نالي شمني پروهت هو. صفحي ۶۲/ [۴۶] تي هن شمني جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته نو وهار جو مندر هڪ قديم عبادتگاهه هو جو ڪنهن وقت کان زماني جي گردش سبب زبون ٿي چڪو هو. جنهن کي نئين سر نهرائڻ لاءِ هن شمنيءَ، چچ کي خاص تاڪيد ڪيو.

۵۸/ [۴۳] ڪنوهار: هن صفحي تو ڙي اڳتي ۶۰-۶۱ صفحن جي عبارتن مان ظاهر آهي ته چچ جي سنڌ تي قبضي وقت ٻڌ جو هي مندر آباد هو ۽ ”ٻڌرکو“ شمني جو هڪ وڏي اثر ۽ رسوخ وارو شمني پروهت هو، سو هن مندر جو راهب يا مجاور هو. صفحي ۶۱/ [۳۴] تي ڄاڻايل آهي ته، برهمڻ آباد فتح ڪرڻ بعد، چچ هن پروهت کي، جو سندس مخالف هو، سزا ڏيڻ لاءِ ”هٿيار بند ماڻهن کي سوار ڪري ٻڌ. مندر ڪنوهار ڏانهن روانو ٿيو“، ۽ رستي ۾ هٿيار بند ماڻهن کي خاص هدايتون ڏنائين. انهيءَ مان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ظاهر آهي ته هيءَ مندر برهمڻ آباد جي شهر کان ٻاهر ڪجهه مفاصلي تي هو. انهيءَ جي تصديق صفحي ٦٢/[٤٥] تي ذڪر ڇچ جي هيٺين لفظن مان ٿئي ٿي، جي صلح بعد هن برهمڻ کي چيا: ”اءُ چاهيان ٿو ته اسان جو چوڻ وٺي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ وري موٽي اچين.“ صفحي ٦٣/[٤٦] تي مندر ڪنوهار مان ڇچ جي واپسي بابت جدا عنوان ڏنل آهي ته ”ڇچ جو برهمڻ آباد ڏانهن موٽي وڃڻ.“ انهن مڙني عبارتن مان ظاهر آهي ته ڪنوهار جو مندر برهمڻ آباد جي شهر کان ڪجهه مفاصلي تي ٻري هو. ٻڌ ڌرم وارن جو دستور به اهو هو جو پنهنجون عبادتگاهون اڪثر شهرن کان ٻاهر ساٺت ۽ تنهائي وارن جاين تي قائم ڪندا هئا.

هاڻي سوال آهي ته هيءَ ٻڌ-مندر ڪٿي هو؟ ڪزنس جي ڪتاب ”سنڌ جا آثار قديمه“ مان معلوم ٿيو ته منصوره کان ٦ ـ ميل اوڀر طرف ديهه دوفاني ۾ ”ڏيرگهاگهري جو ٿل“ (شهر جهول، تعلقي سنجهوري، کان تقريباً ٢ ميل اولهه طرف) وارا آثار ڪنهن قديم ٻڌ ڌرم جي مندر جا آهن. سن ١٩٥٢ ۾ مير الله بخش خان زميندار جهول جي مدد ۽ معاونت سان اسان هن ٿل جو معائنو ڪيو. گهري جانچ ۽ ماپ وٺڻ بعد معلوم ٿيو ته مندر جو هيءَ ٻڌل ٿل (Stupa) تقريباً ٥٠ فوٽ چورس متاهين ٿلهي تي ٻڌل هو. ٿل جو اندريون گهيرو ١٠ فوٽ نيم قطر ۽ ان جي گول ديوار جي ويڪر ١٢ فوٽ معلوم ٿي- هي ديوار اندران ڪچين سرن جي ۽ ٻاهران شايد پڪين سرن جي هئي. هن اوچي ٿلهي کان هيٺ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

زمين تائين لهواري ماپ ۳۰ درجن جي ڪنڊ تي، تخميناً ۳۰ فوٽ معلوم ٿي. هن ٽلهي جي هيٺين بناء ڪان انڪل ۲۶ فوٽ پري غالباً چوڏاري ننڍيون ڪوٺيون هيون. ڏکڻ طرفان هنن ڪوٺين واري قطار جي پڇڙ، مان ڪوٺين جي ماپ ۹ فوٽ چورس معلوم ٿي، ٽل واري ٽلهي جي چوڏاري هنن ڪوٺين جي ٻاهرين ديوار کي مدنظر رکندي اندازو ٿيو ته هيءَ ٻاهران چوڏاري پناهه واري ديوار تقريباً ۲۱۰- فوٽ چورس هئي، جا تخميناً مندر جي جملي اراضي هئي.

هن قديم آثارن جون اهي سڀئي موجوده سطحي نشانين تي مبني آهن ۽ انهيءَ ڪري اڻپوريون سمجهڻ گهرجن. پر مرحوم مير الله بخش خان ۽ سندس سوٽ مير جان محمد خان ان موقعي تي هڪ نهايت اهم واقعي جو ذڪر ڪيو، چيائون ته: ”۱۹۳۲ع ۾ براج جي ٺهڻ وقت اسان هن ٽل ڏي اتر طرفان ايندڙ واٽر ڪورس (جو هن وقت موجود آهي) ٺهرايو. هن واٽر ڪورس جي ٻن ورن مان هڪڙي ور وٽ (يعني ٽل جي اتر طرفان جتان واٽر ڪورس اولهه طرف مڙي ٿو يا ٽل جي اتر - اولهه طرف جتان هيءُ واٽرڪورس وري ڏکڻ طرف وڃي ٿو) اسان جي ماڻهن واٽر ڪورس کوٽيندي هڪ سخت چيڪي ڳوهيل مٽي جون هڪ ٻه ننڍيون ڪچيون سرون لڌيون، جن جي هڪ پاسي تي مهاتما ٻڌ جي تصوير هئي. ماڻهن سمجهيو ته هت شايد ڪو خزانو هجي سو وڏي ڪوٽيائون ۽ تقريباً اهڙيون سرن جو هڪ وڏو ڍڳ ڪڍي ٻاهر ڇڏيائون. اسان ڪنهي اهي سرون اچي ڏٺيون. سرون جيتوڻيڪ ڪچيون هيون پر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

امڙي ته ڪنهن ڇيڪي مٿيءَ مان اُڀيل هيون جو نهايت مضبوط ۽ سخت پئي نظر آيون. افسوس جو اسان ان وقت انهن مان ڪابه سر سنڀالي محفوظ ڪري ڪانه رکي.“

اهو ته ذڪر ۱۹۵۲ع جو آهي. مير الله بخش خان گذاري ويو. ظاهر آهي ته مير الله بخش خان ٽالپر سير جان محمد خان کي هن ٿل جي تاريخي پس منظر جي ڪابه خبر ڪانه هئي. اتفاق سان بندي کي به ان موقعي تي فتحنامي جو هيٺيون بيان ذهن ۾ ڪونه هو ته: ”ڇچ، هڏ ڪنوهار ۾ ٻهچي هن پروهت ڏانهن هليو ته ڪهس ڪرميءَ تي ويٺل ۽ پنهنجي عبادت ۾ مشغول ڏٺائين: مندر هٺ ۾ سخت [ڳوهيل] مٽي هئي، جنهن مان بت ناهي مهر جهڙي هڪ شيءِ انهن ٻن تي هندو ٺسي ويو. جهڙڪري انهن تي ٻڌ جي تصوير چٽجي ٿي پئي ۽ هو مڪمل ٿي ٿي پيا. تنهن کان پوءِ انهن کي هڪ جاءِ تي رکندو ٿي ويو.“ (فتحنامو ص ۶۱).

مير صاحب جن جي اکين ڏٺل تصوير وارن سيرن ۽ فتحنامي جي بيان ۾ سؤ في صدي مطابقت آهي. ۱۹۳۲ع ۾ جتان مانهن اهي سرون کوٽي ڪيڍون، اهو غالباً ڪنوهار جي هن راهب جو حجرو هو. بهرحال هن اکين ڏٺي ثابتي مان ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ”ڏيڀر ڪهاڳهريءَ جو ٿل“ اهو ساڳيو ٻڌ جو مندر ”ڪنوهار“ آهي جنهن جو ذڪر فتحنامي ۾ آهي. (ن ـ ب)

۶۵/ [۴۷] مٿي (لوهاڻي جي جتن تي) هيٺيان شرط پڪا ڪيائين: ظاهر آهي ته ڇچ، جو هڪ ٻڪو برهمڻ هو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تنهن جتن سان هندو قانون وارا ڇوت ڇات جا شرط لڳايا. هن سلسلي ۾ محقق هوڙي والا (ص ص ٨٦-٨٧) جا هيٺيان ريمارڪ قابل غور آهن:

"ڇڄ جتن سان چنڊالن وارو ورتاءُ ڪيو، جن جي باري ۾ منو جو چوڻ آهي ته: کين شهر کان ٻاهر رهائڻ گهرجي؛ ٻڪريون ۽ ڪتا؛ ۽ گڏهن جي کين ملڪيت هئڻ نه گهرجي؛ سندن ڪپڙا ميتن لاءِ استعمال ڪيل ڪپڙن سان هجن؛ سندن ٿانءَ ٿڪا ڀڳل ٺڪر ٿيا هئڻ گهرجن، ۽ سندن گهڻا لوها ۽ ڪٽ ڇاڙهيل هجن (ڏسو Institutes, x .12, 29-30)."

"جت سنڌ جا قديم باشندا آهن ۽ پاڻ ۾ ته کين آريا يا ٻين فاتحن غلاميءَ جي حالت تي پهچايو. ڪرڪ (Crooke) جي بيان موجب پنجاب ۾ راجپوتن، جاٽن سان پڻ ڪجهه اهڙي ساڳيوئي ورتاءُ ڪيو: نه کين ٻيڪو تي پڳ ٻڌڻ ڏنائون نه کين ڳاڙها رنگين ڪپڙا پهرڻ تي ڏنائون؛ شاديءَ وقت سندن گهوٽ کي موڙ ٻڌڻ جي ممانعت هئي ۽ زالن کي نڪ ۾ پائڻ جي منع هئي. سندن ڪنوارين سان اول راجپوتن جي همبستري جي رسم هئي؛ وبندي اڄ تائين، راجپوت پنهنجي ڳوٺن ۾ گهٽ ذات وارن کي رنگين ڪپڙا پهرڻ يا وڏيون ڳوڏون ٻڌڻ نه ڏيندا آهن (ڏسو *Tribes and Castes of the North- Western Provinces.* 1896, III/23).

"گجرات ۾ پڻ ساڳئي قسم جي ورتاءَ جو مثال ملي ٿو: فوربس (Forbes) لکي ٿو ته: سيڌراج جئسنگها جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اپامکاريءَ ۾ ڏيڻ لاءِ لازمي هو ته مٿي ساڻ ٻيا ورن جي سولي ڪپڙي ٽڪر وڌمين ۽ چئني ساڻ ڪو سڱ ٻڌي لٽڪائي ڇڏين ته مانهو (ڪيئن پري ڪان سڃاڻن ۾) ڪهڻ هٿ نه لائين - ڏسو .Ras Mala. Reprint, 1924,I/110 (هوڙي والا)

٦٦/[٤٨] ڪسريٰ بن هرمز جي مرڻ کانپوءِ بادشاهي جو ڪاروبار هڪ عورت جي هٿ ۾ اچي ويو هو: هن عورت جو نالو ''بُوران دُخت''[١٩] هو ۽ هوءَ ڪسريٰ بن هرمز جي ڌيءَ هئي. هوءَ ڪسريٰ جي مرڻ ڪانپوءِ يڪدم تخت تي ڪانه ويٺي بلڪ، بقول حمزه اصفهاني، ڪسريٰ بن هرمز جي مرڻ ڪانپوءِ ٨ مهينا قباذ بن ڪسريٰ بن شيرويه حڪومت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ اردشير بن شيرويه ڏيڍ سال حڪمراني ڪئي، انهن ٻنهي ڪانپوءِ بُوران دُخت بنت ڪسريٰ گادي تي ويٺي (سني ملوڪ الارض والانبياء، ص ٢٢). ساڳئي ڪتاب ۾ (ص ١٨) مصنف، موسيٰ بن عيسيٰ الڪسروي کان روايت ڪئي آهي ته قباذ ۽ اردشير ڪانپوءِ ۽ بوران دخت کان اڳ ۾، شهرزاد نالي هڪ ٻئين شخص به بادشاهي جون واڳون ورتيون مگر هو ساساني گهراڻي مان نه هو. حمزه اصفهاني جي حساب موجب بُوران دُخت جي حڪومت وارو عرصو هجري سال اٺين يا نائين مطابق ٿيندو، بشرطيڪ مسعودي جي روايت (مروج الذهب، جلد ١١- باب جوامع التواريخ) موجب يزد گرد جو قتل سنه ٣٢ هجري ۾ تسليم ڪجي. (ن - ب)

٦٦/[٤٨] ارمابيل: يعني ارمن بيلو جو موجوده لسٻيلي جو هڪ مشهور شهر هو ۽ سامونڊي ساحل جي نزديڪ هو. عرب مؤرخن ۽ جغرافيه نويسن جي ڪتابن ۾ (شايد ڪاتبن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي غلطي سبب) هن شهر جو نالو ”ارمائيل“ ۽ ”ارمبيل“ به ڪري لکيو ويو آهي. هن شهر جي محل وقوع متعلق ياقوت جي معجم البلدان (ارمبل) ۾ ڏنل بيان ڪافي واضح آهي، حالانڪ ان وقت جا ڏنل ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪ، هن وقت صحيح جڳهه متعين ڪرڻ لاءِ ڪارگر ٿي نٿا سگهن. بقول ياقوت: هيءَ ديبل ۽ مڪران جي وچ ڌاري سنڌ جو هڪ وڏو شهر آهي. شهر ۽ سمنڊ جي وچ ۾ اڌ فرسنگ (ڏيڍ ميل) جو مفاصلو آهي. هيءَ شهر ٽئين اقليم ۾ آهي. ان جو ڊگهائي ڦاڪ ۹۲ درجا ۱۵ دقيقا ۽ ويڪرائي ڦاڪ ۲۵ درجا ۴۶ دقيقا آهي. (ن ـ ب)

۴۹]/۶۶] پنجپور: فتحنامي جي جملي نسخن جي پڙهڻي ”ڪنزبور“ آهي جا دراصل ”قنزبور“ جي اُسي صورتخطي آهي. عرب جغرافيه نويسن جي تصنيفن ۾ هن شهر جي نالي جي صورتخطي ”قنزبور“ يا ”قنج بور“ لکيل آهي جا غالباً ڪاتبن جي غلطي آهي ۽ اصل صورتخطي ”قنزبور“ يا ”قنج بور“ آهي يعني ”پنج پور“. ۽ ”پنج پور“ غالباً ساڳيو اهو شهر جو هن وقت قلات رياست ۾ ”پنجگور“ جي نالي سان مشهور آهي ـ ان تصديق لاءِ ڏسو:

Le Strange: Lands of the Eester Caliphate, P. 3-9
(ع ـ م)

۴۹]/۶۷] ڇڇ بن سيلائج بن بساس: ڇڇ جي نسب متعلق فتحنامي ۾ هي واحد فقرو آهي. هوڙي والا جي خيال ۾ ڇڇ دراصل ”جَجّا“ (Jajja) آهي. ڪشمير جي راجا جَيَاپيڊ جي پاءُ جو پڻ اهو نالو هو (ڏسو ويديا: هسٽري آف ميڊيوَل انڊيا ۲ × ۱۵، ۲). ”ڇڇ نالو، مٿرا جي لڙدڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ميهابن جي هڪ سنه ١٠٥٠ع واري ڪتبي ۾ پڻ موجود آهي. ”ڄڄ“ دراصل ”يَيَاتِ“ جي پراڪرت صورت آهي. ڇڄ جي پيءُ جو نالو سيلائج اصل ۾ يقيني طور ”شيلادِتيا“ معلوم ٿئي ٿو. ڇڄ جي ڏاڏي جو نالو فتحنامي جي نسخن موجب ”بساس“ آهي جو ممڪن آهي ته ڪاتبن جي غلطي سبب ”بساس“ مان ڦيرائي ”بساس“ ڪري لکيو ويو هجي. جيڪڏهن ائين آهي تــ پــوءِ ”بساس“ هوڙي والا جي خيال ۾ شايد ”رشواسڪ“ هجي جو متڙا ۾ ٻڌ ڌرم جي ڪيترن ئي ڪتبن ۾ ملي ٿو (هوڙي والا ص ص ٨٠ ۽ ٨٦).

فتحنامي جي مطالعي مان ڇڄ ۽ سندس ڪٽنب جي ٻين ڀاتين جا نالا هيٺين طور ملن ٿا. (ن - ب)



More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۶۷/[۴۹] توارن: يعني قلات جو ڏاکڻيون حصو يا خزدار وارو علائقو. عرب جغرافيه نويسن جي بيانن سان پوري تصديق ٿئي ٿي ته مڪران جي ايرنديڻ سرحد قصدار (قزدار يا موجوده خزدار) وٽ ختم ٿي ٿئي، ۽ قصدار جي علائقي جو نالو توارن هو، جنهن جي گادي پڻ قصدار هو (ڏسو ابن حوقل ص ۲۳۳؛ مقدسي ص ص ۴۸۶ ۽ ۴۷۸؛ ياقوت - بلدان ۳ × ۵۵۷ ۽ المشترڪ ص ۲۹۶؛ قلقشندي عن ابن حوقل - صبح الاعشيٰ ۵ × ۶۶)، هن توران علائقي جي ايرنديڻ سرحد، سنڌ جي بڌيه علائقي جي سرحد سان مليل هئي ۽ بڌيه علائقي جو شهر قندابيل هن سرحد جو نيشان هو. توارن درحقيقت ڪيڪانان جو هڪ پرڳڻو هو. ڪيڪانان جو ڏاکڻيون حصوئي توارن وارو علائقو هو. امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا، ۱۹۰۸ع (۱۴ × ۲۷۵) ۾ توران کي موجوده جهالاوان رياست سان تعبير ڪيو ويو آهي. (ن - ب)

۶۷/[۴۹] قندابيل (يعني قندار): "يعني قندار" وارو فقرو غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم طرفان وڌايل آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان ترجمي ۾ ان کي ڏنگين اندر رکيو آهي. مگر اهو گماني اضافو صحيح نه آهي ۽ قندابيل کي قندار سمجهڻ بالڪل غلط آهي. جيئن مٿي ص ۶۷ واري نوٽ ۾ ۽ ان کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي. قندابيل، سنڌ جي اتر - الهندي پرڳڻي بڌيه ۽ توران يعني خزدار واري علائقي جو سرحدي شهر هو. قندابيل، موجوده گنداوا، جو بلوچستان جي ڪڇ - گنداوا پرڳڻي ۾ آهي، جي جاءِ تي يا ان جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آسپاس هو. گنداوا، شڪارپور کان بولان پاس واري قدم گس تي آهي. (ن - ب)

٦٧/[٤٩] پورالي ندي: ريات لسبيلي جي الهندي طرفان وهندڙ ندي، جا سون مياڻيءَ جي ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. (ن - ب)

٦٩/[٥٠] ڪنوج، سيهرس بن راسل جي حڪم هيٺ هو: هوڙي والا (ص ٨٠) سيهرس کي "شري هرشا" سمجهي ٿو. ڪنوج جو راجا هرشا مشهور آهي. البت سنڌس دؤر حڪومت ۽ هن واقعي جي وچ ۾ سن ۽ سال جي مطابقت غور طلب آهي. (ن - ب)

٦٩/[٥١] سيهرس پنهنجي ڀاءُ برهاس بن ڪسائس کي روانو ڪيو: ستي هن کان اڳ سيهرس جي پيءُ جو نالو راسل ڄاڻايو ويو آهي، پوءِ برهاس بن ڪسائس سندس ڀاءُ ڪيئن ٿيو؟ فارسي متن جي عبارت "برادر خود" (يعني پنهنجو ڀاءُ) آهي، جا ممڪن آهي ته دراصل "برادر زاده خود" (يعني پنهنجو ڀائٽيو) هجي. تحفة الڪرام (٣ × ٨) ۾ برهاس جي عيوض بساس آهي. (ن - ب)

٧٣/[٥٤] راوڙ: هن پوئين عرصي ۾ جن سنڌ جي تاريخ تي قلم کنيو آهي تن مان گهڻن راوڙ ۽ اروڙ کي هڪ سمجهيو آهي جو صحيح نه آهي. هن جاءِ واري عبارت مان ظاهر آهي ته راوڙ جي قلعي جو بنياد ڄيچ پنهنجي اياڪاريءَ ۾ رکيو مگر ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ هو مري ويو، ۽ ان بعد سندس پٽ ڏهرسينه ان کي مڪمل ڪرائي، اتي شهر آباد ڪيو جنهن جو نالو "راوڙ"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رکيائين، ان جي برعکس، اروڙ هڪ قديم شهر هو ۽ چچ کان اڳ راءِ گهراڻي جي ڏينهن ۾ به سنڌ جو تختگاهه هو، ازانسواءِ اروڙ اتر سنڌ ۾ (موجوده روهڙيءَ لڳ) هو، ۽ راوڙ هيٺ لاڙ ۾ مهراڻ جي دو آبي (Delta) واري پٽ اندر هڪ مضبوط حفاظتي قلعو هو.

راوڙ جي قلعي ۽ شهر جي صحيح جڳهه متعين ڪرڻ مشڪل آهي. البت ننچنامي ۾ محمد بن قاسم جي ڏاهر سان لڙائي واري احوال مان هيءَ پڪي نتيجو نڪري ٿو ته راوڙ هيٺ لاڙ ۾ مهراڻ جي چوڙ واري ايراضي ۾ هو. هيٺيان دليل قابل غور آهن:

(۱) اول ته محمد بن قاسم اتر طرف سيوستان (سيوهڻ) ۽ بڌيه جي علائقن فتح ڪرڻ بعد موٽي نيرون ڪوٽ ۾ آيو جو غالباً حيدرآباد واري جڳهه تي يا ان جي آسپاس هو. اتان هو ڪوچ ڪري اشبهار جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو ۽ وچي راوڙ جي حد سامهون، مگر درياءَ جي الهندي ڪناري تي، جهم ۽ ڪرهل جي پرڳڻن ۾ منزل انداز ٿيو ۽ وچي راوڙ جي حد سامهون، مگر درياءَ جي الهندي ڪناري تي، جهم ۽ ڪرهل جي پرڳڻن ۾ منزل انداز ٿيو (ص ص ۱۳۲ ۽ ۱۴۷). بعد جي تاريخي حوالن مان ثابت آهي ته ڪرهل يا ڪرهڙ، ٺٽي واري ايراضي جو حصو هو. پوءِ اتان ۾ منزل ڪٽي اچا ۾، هيٺ جهم جي پرڳڻي ۾ ساڪري جي ايراضيءَ ۾ وچي مهراڻ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ تختا تيار ڪرايائين (ص ۲۱۸). انهيءَ مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم لاڙ ۾ هيٺ ٺٽي ۽ سربور ساڪري واري ايراضي مان، جا مهراڻ جي چوڙ واري دوآبي ۽ پٽ جي سامهون الهندي طرف هئي، درياءَ ٽپيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(١) ٻيو تہ محمد بن قاسم جي اتي ۽ تياري ۽ تجويز وقت، لاڙ واري ايراضي جي جتن ۽ ساڪري جـــي وڏيرن جو ذڪر اچي ٿو (فتحنامو ص ١٢٤). جت بہ قديم زماني کـــان شاهبندر ٻوهڙن واري ايراضي ۾ رهندڙ آهن ۽ سنڌن اُنهن قديم بستين سبب ئي ٺٽي ضلعي جي ڏکڻ- اوير واري ايراضي تي قالو ئي "جاتي" پنجي ويو آهي.

(٢) ٽيو تہ محمد بن قاسم جو مهراڻ جي الهندي طرفان ٿي اوير طرف راوڙ جي قلعي تـائين پهچڻ واري بيان ۾ ڪيترن ئي ننڍن دريائن جو ذڪر اچي ٿو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تـــہ اها مهراڻ جي هيٺين دوآبي يـــا ڊيلٽا واري ايراضي هئي- اول تہ محمد بن قاسم ٻيڙين جي پل ٺهرائي مهراڻ جـي وڏي شاخ تان اُڀرندي طرف ٽپيو. آڏو جيسينہ "جوءِ ڪرتڪہ" يعني ڪوتڪہ نالي درياءَ جي هڪ ننڍي شاخ رستي اچي "ٻيٽ جي قلعي" جي حفاظت ڪئي (ص ٢١٠). هـن "ٻيٽ جي قلعي" کـــان ڪجهہ پري "جوءِ نيطري" يـــا درياءَ جي ٻي هڪ ننڍي شاخ "نيطري" نـــالي هئي جتي راسل گرفتار ٿيو (ص ٢٣٩). محمد بن قاسم "ٻيٽ جي قلعي" کان ڪوچ ڪري اجا بہ اڳتي "جوءِ ڏڏاواهہ" يعني ڏڏاواهہ راوي درياءَ جي اجا بہ هڪ ٻي شاخ تي وچي ڪئمپ ڪئي، جنهن کي راجا ڏاهر "هڏباري" جي نالي سان ئي سڏيو (ص ٢٤٢). اجا بہ محمد بن قاسم جي لشڪر ڏاهر جي فوج جي وچ ۾ هڪ "جوءِ" يـا "خليج" هئي (ص ٢٤٦ ۽ ٢٤١) جـــا ٽپي اسلامي لشڪر جنگ شروع ڪئي (ص ٢٤٦)، ۽ لڙائي ۾ عرب مجاهد وڙهندا وڙهندا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڃي راوڙ جي قلعي تائين پهتا (ص ٢٦٣). آخر محمد بن قاسم جي فتح ٿي ۽ ڏاهر راوڙ جي قلعي لڳ، "مهراڻ نديءَ جي وچ ۾ (يعني دوآبي ۾) ڏڏاواهه وٽ مارجي ويو" (ص ص ٢٦١ ۽ ٢٨١).

مٿئين جي متين حوالن مان صاف ظاهر آهي ته محمد بن قاسم، نيرون ڪوٽ کان گهڻو هيٺ لاڙ ۾ جهم، ڪرهل ۽ ساڪري جي ايراضيءَ ۾ ڪنهن هنڌان درياء ٽپيو، ۽ سندس لشڪر ۽ ڏاهر جي فوج جي وچ ۾ جنگ واري اراضي، مهراڻ جي دوآبي ۽ ان جي مختلف ڇوڙ وارين شاخن واري اراضي هئي، ۽ راوڙ جو قلعو خود هڪ اهڙي شاخ "ڏڏاواهه" جي لڳ هو.

مٿئين جي بيان مان هيءَ به صاف ظاهر آهي ته راوڙ، برهمڻ آباد کان يقيني طور گهڻو هيٺ لاڙ طرف هو ڇاڪاڻ ته راوڙ جي فتح بعد، محمد بن قاسم جڏهين برهمڻ آباد جو رخ ڪيو ته اول ڪوچ ڪندو 'بهرور' جي قلعي وٽ پهتو جو ٻن مهينن جي گهيري بعد فتح ڪيائين (ص ٢٨٧). اتان وري ڪوچ ڪندو "آخر محمد بن قاسم دهليله ۾ پهتو" ۽ اهو قلعو به ٻن مهينن جي گهيري بعد فتح ڪيائين (ص ص ٢٨٧–٢٨٨). ان بعد اتان برهمڻ آباد پهتو جو دهليله جي قلعي کي ويجهو هو (ص ٢٩١).

مٿين حوالن جي بناء تي، ڪزنس (سنڌ جا آثار قديمه، ص ٢٣) جو هيءُ خيال خام آهي ته راوڙ جو قلعو، اروڙ کان ٢٠ يا ٢٥ ميل اولهه يا اولهه–ڏکڻ طرف ڪنگري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي شهر کان ڪجهه هيٺ واقع هو. ساڳيءَ طرح ميجر راورٽي (سنڌ جو مهراڻ، ص ٢٧٢) جو تخمينو ته راوڙ، برهمڻ آباد کان اولهه طرف (ڪزنس جي اندازي موجب تقريباً ٩٠- ميل ڪن) هو، غلط آهي.

ڪزنس جي خيال ۾ (آثار قديمه ص ٢٣، فوٽ ١) محمد بن قاسم جو درياءَ جي دوآبي وارين مختلف شاخن مان گذرڻ ۽ تڪليفن ڏسڻ جو بيان ڪٿي به موجود ڪونهي، ۽ انهيءَ ڪري سندس خيال ۾ راوڙ جو دوآبي ۾ هئڻ ممڪن نه آهي. مگر هيءُ گمان غلط آهي ڇاڪاڻ ته فتحنامي جي مٿين حوالن ۾ دوآبي خواهه درياءَ جي مختلف نديءَ شاخن جو ذڪر موجود آهي. ميجر راورٽي به راوڙ جو دوآبي ۾ هئڻ ناممڪن سمجهي ٿو ڇاڪاڻ ته، سندس خيال ۾ (سنڌ جو مهراڻ، ص ٢٣٩ حاشيو) راوڙ تي محمد بن قاسم جي حملي وقت آبڪلاني جي موسم هئي، ۽ ان موسم ۾ دوآبي مان گذرڻ مشڪل آهي. راورٽي جو دليل ايڏو وزندار ناهي ڇاڪاڻ ته، فوج جو دوآبي مان گذرڻ ڪٿي مشڪل هجي مگر ناممڪن ناهي. پيو ته فتحنامي مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم جڏهن پهريائين نيرون ڪوٽ ۾ آيو، تڏهن اڃا اتي مهراڻ جو پاڻي ڪونه آيو هو مگر برساتن جي اوائلي موسم هئي ۽ پاڻي اچڻ وارو هو. ان بعد محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ فتح ڪيو، ۽ اتان مٿي وڃي سيوستان ۽ ٻڌيه جا علائقا فتح ڪيائين، ۽ اتان موٽي نيرون ڪوٽ ۾ آيو- پوءِ اتان وڃي اشبهار جو قلعو فتح ڪيائين ۽ ان بعد ڏاهر جي مقابلي لاءِ مهراڻ ٽپڻ جا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ـ ائياها ڪيائين. ان جي معنيٰ ته نيرون ڪوٽ ۾ سنڌس بهرين آمد بعد ڪافي عرصو گذري چڪو هو ۽ غالباً مهراڻ تنهن وقت آبڪلاڻي جي موسم تقريباً ختم ٿي چڪي هئي.

ڊاڪٽر دائود پوٽي جو گمان آهي ته "راوڙ" موجوده حيدرآباد واري جڳهه تي هو (فتحنامو، فارسي ايڊيشن، ص ٢٥٨ تي ذيل ص ٤٤ جو حاشيه). اهو گمان بہ درست ناهي ڇاڪاڻ ته حيدرآباد واري جڳهه تي غالباً "نيرون ڪوٽ" هو. ازانسواءِ فتحنامي جي حوالن ۾ صاف ظاهر آهي ته راوڙ هيٺ لاڙ ۾ جهيم، ڪرهل (نئي جي اتر اوير واري اراضي)، ۽ ساڪري طرف درياءَ جي دوآبي ۾ هو. هوڙي والا (ص ٨٧) جي راءِ ته راوڙ، نيرون ڪوٽ ۽ برهمڻ آباد جي وچ ۾ هو ـ پڻ مبهم آهي. هيگ، جنهن مهراڻ جي دوآبي ۽ ان جي قديم شاخن جي ڪافي تحقيق ڪئي، تنهن جي راءِ ۾ راوڙ، هيٺ لاڙ ۾ ونگي جي آسپاس، ايرندي ناري جي ڪپ تي، برهمڻ آباد کان تقريباً ٨ ميل ڏکڻ ۽ نيرون ڪوٽ کان اٽڪل ٧٠ ميل ڏکڻ ـ اوير طرف واقع هو (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص ص ٦٣-٦٤). هيءُ تخمينو فتحنامي جي حوالن جي روشني ۾ البت قريبن قياس آهي. اسان جي خيال ۾ راوڙ جو قلعو غالباً لاڙ ۾ موجوده ٺٽي ضلعي جي شاهبندر سب ڊويزن ۽ حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊي ڊويزن جي حدن ۾ ڪنهن جاءِ تي واقع هو. ـالي جي مناسبت سان، شاهبندر ڊويزن ۾ قديم شهر رڙي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جا ڪنڊرات شايد انهيءَ قديم راوڙ جي قلعي ۽ شهر جا هجن.

بهرحال راوڙ هيٺ لاڙ ۾ هو جتي غالباً سمنڊ جي ويجهي هئڻ سبب اونهاري ۾ به اتي جي "هوا سرائق" هئي، ۽ انهيءَ ڪري ڏاهر "گرميءَ جا چار مهينا راوڙ ۾ ترسندو هو" (فتحنامو ص ٩٣).

چئي نٿو سگهجي ته اهو شهر ڪيئن ۽ ڪڏهن ڊٺو. محمد بن قاسم جي فتح وقت به هن شهر کي: دريائي رستي تي واقع هئڻ سبب هڪ مرڪزي حيثيت حاصل هئي.. چنانچ برهمڻ آباد جي فتح بعد جڏهن محمد بن قاسم حڪومت جو نظام درست ڪيو تڏهن "نوبه بن دارس کي راوڙ جي قلعي تي مقرر ڪيائين، جيئن انهيءَ جاءِ ني ٻيڙيون تيار رکي؛ جيڪا به ٻيڙي مٿان يا هيٺان اچي خواه وڃي، ۽ جيڪڏهن انهيءَ ۾ جنگي سامان هجي ته جهلي راوڙ جي قلعي ۾ ڪٺي وڃي. انهيءَ (راوڙ) کان مٿي وارين ٻيڙين جو اختيار ابن زياد العبدي کي ڏنائين. ڪڇ وارو طرف.... هذيل بن سليمان الازدي کي ڏنائين" (فتحنامو ص ٣١٨). هن حوالي مان اهو دليل به نڪري ٿو ته راوڙ واري سرحد پريان ڪڇ جي سرحد سان لاڳو هئي. راوڙ جو شهر محمد بن قاسم جي فتوحات کان تقريباً پنج سؤ ورهيه پوءِ به شايد موجود هو، ڇاڪاڻ ته ياقوت پنهنجي ڪتاب معجم البلدان (راور) ۾، ١٢٢٤-١٢٢٨ع ڌاري لکي ٿو ته: "راوڙ، سنڌ ۾ هڪ وڏو شهر آهي جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو." بقول هرڙي والا (٨٧) راوڙ بابت هڪ حوالو ١٦١٢ع جو ملي ٿو. انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾، هڪ پهلوي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪتاب *"Dina-i- Mainog-i- Khirad"* جو فارسي منظوم ترجمو موجود آهي، جو سنه ١٦١٢ع ۾ *Rawar in Sind* جي هڪ رهاڪو مرزبان زرتشتي ڪيو (ڏسو: *Sachau, J. R. S. A. New Series, IV. 24; West Pahlavi Texts, III in Secred Books of the East, XXIV, Introduction, P. xxiii)* ممڪن آهي ته، هن ڪتاب جو "راور" اصل ۾ "ارور" جي غلط صورت هجي. پر جيڪڏهن اهو نالو ساڳيو زير بحث "راوڙ" جو آهي ته پوءِ چئبو ته ١٦١٢ع ڌاري راوڙ موجود هو. انهيءَ لحاظ سان شايد راوڙ ساڳيو شاهبندر سب ڊويزن وارو قديم ڦٽل شهر "رڙي" هجي جو مقامي روايتن مطابق ڪ. ٿي سؤ ورهيه اڳ برباد ٿيو. انهيءَ آخري دؤر ۾ رڙي جتن جي قوم جو مکيه شهر هو، جو شايد ڪاٺئن ڪيهرن جي قوم قرض جي عيوض پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، مثال مشهور آهي ته: "رڙي ڏکن ۾ رڙي، مليو جتن کي جواب." لاڙ ۾ ڪيهر قوم جو مڪمل زوال تقريباً ١٧ صدي عيسوي جي آخر ڌاري ٿيو؛ غالباً انهيءَ عرصي ۾ ئي رڙي جو شهر ڦٽو. (ن ب)

٩۵/[٧٠]: محمد علافي عرب: هيءَ محمد علافي غالباً ساڳيو "محمد حارث علافي" (يعني محمد بن حارث علافي) آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ص [٦٠] تي آيو آهي. ص [١٣٨] تي سندس نالو "محمد" آيو آهي؛ ص [١۴٠] تي "علافي." سڄي ڪتاب ۾ فقط ص [١٦٠] تي ئي سندس سڄو نالو "محمد حارث علافي" ڏنل آهي؛ ان بعد هر جڳهه، تي سندس نالو "محمد علافي" ڄاڻايل آهي. ڏسو ص ص [١٦٠-١٠۴]،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[١٧٠-١٧٢] ۽ [١٩٣-١٩٤]. محمد علافي اصل ۾ عرب نوج جي شامي لشڪر جي سپاهين مان هو - ڏسو ص [١٣٨].

اڳتي هن صفحي ٩٥ تي ڄاڻايل آهي تہ هن علافي شخص، عبدالرحمان بن آشعث کي ...... قتل ڪيو هو، اهو غلط آهي. علافين درحقيقت خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ مڪران جي گورنر سعيد بن آسلم ڪلابي کي قتل ڪيو هو ڇاڪاڻ تہ هن سندن هم وطن ۽ هم قوم سفهوي بن لام الحمامي نالي هڪ شخص کي ماريو هو - ڏسو هيٺ فتحنامو ص ص [٨٥-٨٦]. فتحنامہ ۾، سعيد خلاف هن سازش ۾ جن علافين حصو ورتو تن ۾ محمد بن حارث علافي جو نالو ڄاڻايل ڪونهي- ڏسو ص [٨٦]. مگر مؤرخ بلاذري، معاويي ۽ محمد بن حارث علافي ٻنهي کي هن سازش جا اڳواڻ ڪري لکيو آهي (فتوح البلدان، ص ٤٣٥). علافين سعيد کي قتل ڪري مڪران تي قبضو جمايو. ڏسو فتحنامو ص [٨٦]. تان جو سنہ ٨٥ هجري ڌاري حجاج، مجاعة بن سعر کي مڪران طرف روانو ڪيو جنهن جي اتي پهچڻ کان اڳ علافي ڀڄي وڃي سنڌ جي راجا ڏاهر سان پيڙا ٿيا. فتحنامو ص [٨٨]. انهيءَ لحاظ سان رمل جي راجا خلاف محمد علافي جي ڪارروائي سنہ ٨٥ هجري بعد سمجهڻ گهرجي. (ن - ب)

٩٧/[٧١] هند ۽ سنڌ جي شهرن تي اسلام جي لشڪر جي پهرين لڙائي رسول صلعم جي هجرت کان ١٥ ورهيہ پوءِ اميرالمومنين حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ واقع ٿي:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهو صحيح آهي ۽ مؤرخ بلاذري بن مدائني جي سند سان اسلام جي هن اوائلي حملي جي خبر نقل ڪئي آهي ته: حضرت عمر، سنه ١٥ هجري ۾ عثمان بن ابي العاص الثقفي کي بحرين ۽ عمان جو گورنر مقرر ڪيو، جنهن پنهنجي ڀاءُ الحڪم کي ٿاڻي (ٿاڻي، بمبئي طرف) ۽ بروص (ڀروچ، گجرات) تي حملي لاءِ موڪليو ۽ پنهنجي ٻئي ڀاءُ مغيره کي ديبل ڏانهن روانو ڪيو. (فتوح البلدان، ص ص ٣٢-٤٣١). البت هيٺ فتحنامي جي ص ٩٨ تي هن روايت جو پهريون حصو صحيح نه آهي ته مغيره کي ديبل ۾ لڙندي شهيد ٿيو. بلاذري صاف طور لکيو آهي ته هن دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ فتح حاصل ڪيائين (فتوح، ص ٤٣٢). ٻين تاريخي حوالن مان به ثابت آهي ته مغيره پوءِ زنده هو. هن حملي جي مڪمل تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو مضمون ”هندستان تي اوائلي عرب حملن جو سن تاريخ“، مطبوع ”اسلامڪ ڪلچر“ مخزن، جولاءِ ١٩٤٦ع، حيدرآباد دڪن. * (ن . ب)

٦٩/[٧٣] اميرالمومنين عثمان بن عفان رضه...... هند ۽ سنڌ جي لڙائي تي لشڪر موڪلڻ گهريو: حضرت عثمان جي هن ارادي لاءِ هڪ خاص سبب هو. فتحنامي ۾ هن واقعي کان اڳ واري هڪ لڙائي جا حضرت عمر جي خلافت ۾ اسلام ۽ سنڌ جي لشڪر جي وچ ۾ لڳي تنهن جو ذڪر ڪونهي. مگر، بقول طبري (١ × ٢٧٠٧) اسلام جو

* "The Probable Date of the Early Arab Expeditions to India", Islamic Culture, Hyderabad Deccan, Issue of July 1946.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لشڪر حڪم بن عمرو التغلبي جي سپہ سالاري هيٺ مڪران ۾ (ايران جي ساساني حڪومت جي گورنر جي فوج سان مقابلي ۾) هو، جو سنڌ جي لشڪر اوچتو ڌڪ ڏيڻ اچي اسلام جي لشڪر تي حملو ڪيو. غالباً سنڌ جي راجا طرفان هن "جنگ نهر" واري ڪمل اگرائي جي ڪري ڏني حضرت عثمان رضہ سنڌ تي لشڪر جو ارادو ڪيو. (ن ـ ب)

۹۹/[۷۳] لشڪر قندابيل ۽ مڪران ۾ هو: نقط قتجنامي جو هيءُ حوالو ڏني آهي جو انهيءَ وقت شهر قندابيل ۾ اسلام جي لشڪر جي موجودگي ڏيکاري ٿو. ٻئي ڪنهن بہ تاريخ ۾ ان جو ذڪر ڪونهي. غالباً هيءُ لشڪر عبدالله بن عامر وارو هو (ڏسو ـ بلاذري فتح سجستان)، يا حضرت عمر جي عهد ۾ ايران تي اسلامي لشڪر جي وسيع حملي (الانسياح يا General Invasion) واري فوج جو ڪو حصو هو. (ن ـ ب)

۱۰۰/[۷۴] شعر ـ وَأَهْلُكَنِّي لكم في كل يوم الخ: ابوزيد، ڪتاب النوادر (طبع بيروت ص ۱۶۱) ۾ هي بہ بيت، جاهلي شاعر علي بن طفيل السعدي ڏانهن منسوب ڪيا آهن. وري لسان العرب (جلد ب ص ۲۵۴) جي مصنف اهي عامر بن الطفيل السعدي ڏانهن منسوب ڪيا آهن. تاج العروس (جلد ۱۲، ص ۱۱۶) ۾ صرف ٻيو بيت شاعر جي نالي بغير ڏنل آهي. (بہ شڪريہ استاد عبدالعزيز الميمني). سر چارلس لايال هي بہ بيت عامر بن طفيل جي ديوان (ص ۱۵۸) ۾ درج ڪيا آهن، جتان درست ڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مت ڏنا ويا آهن. اهي ٻئي هيجوءَ ۽ ڪوار جا ٻيا لڳن ۽ تعجب آهي جو انهن کي مدح سمجهيو ويو آهي. (ع.ر)

١٠١/[٧٤] حضرت علي رضه جي تعريف ۾ شعر چيائين: يعني حڪيم بن جبلة هي شعر چيو. حڪيم، بنو الدبل جي قبيلي مان هو ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس سڄو نالو حڪيم بن جبلة بن حصين بن آسود بن ڪعب بن عامر بن الحارث بن الدبل (جمهرة ابن حزم. جلد ٢). سندس حالات ابن خلڪان (وفيات ٨٤٤) ۽ ابن حجر (اصابه ١ × ٧٧٩) تفصيل سان درج ڪيا آهن. حڪيم انهن چئن ڪمانڊرن مان هڪ هو جن حضرت عثمان رضه جي شهادت ۾ حصو ورتو (العقدالفريد ٢ × ٢٦٩-٢٦٦). حڪيم حضرت علي رضه جي طرفداري ۾ هو ۽ خارجين سان بصره جي نزديڪ "زابوقه" واري جنگ ۾، جا "نهروان" واري لڙائي کان اڳ لڳي، مارجي ويو. (رسالة للجاحظ في بني اميه، ملحقة في آخر ڪتاب "النزاع والتخاصم" للمقريزي، طبع مصر، ص ١٩٣). حضرت علي رضه جي منقبت ۾ سندس ارجوزه جون هيٺيون مصراعون "العقد الفريد": ٢ × ٦٥) ۾ ملن ٿيون:

دعاهُ حڪيمُ دعوةً سميعةً. نالَ بها المنزلةَ الرفيعةَ. (ن.ب)

١٠١/[٧٥] حڪيم بن جبله جو قول. ماءُ هنا وشل. الخ: بلاذري پڻ اها روايت حڪيم ڏانهن منسوب ڪئي آهي (فتوح البلدان، ص ٤٢٢)، غالباً اهو صحيح آهي. ياقوت پڻ "معجم البلدان" (٤×٦١٣) ۾ ساڳي اها روايت نقل ڪئي آهي. البت طبري (١ × ٢٧٠٧)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهـــي الفاظ صحار العبدي ڏانهن منسوب ڪيا آهـــن، جو مڪران جي ڪمانڊر حڪم بن عمرو التغلبي طرفـــان خمس ۽ غنائم کـــڻي قـــاصد طور حضرت عمر ڏانهن ويو هو (طبري ١ × ٢٧٠٧). مگر غالباً اهو صحيح نـــ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان وقت صحار العبدي خود، بقول طبري، ٻئي هڪ ڪمانڊر احنف بن قيس سان گڏ هو جنهن کيس ان وقت هرات ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو (ڏسو طبري ١×٢٦٨٢). ابن قتيبه پڻ "عيون الاخبار" (١٩٩×١) ۾ اهـــا رپورٽ ڪنهن شخص طرفان حضرت عمر جي آڏو ڪري ڄاڻائي آهي مگر ان شخص جو نالو ڪونہ ڏنو اٿس. "الاخبار الطوال" (طبع يورپ، ص ٣٢٦) ۽ "محاضرات راغب اصفهاني" (طبع مصر، ٢ × ٢٦٤) ۾ اهي الفاظ ابن القريہ ڏانهن منسوب ٿيل آهن. ٻئي طرف تقي الدين حموي جي "ثمرات الاوراق" (٢ × ٦١)، ابن حامد ڪرماني جي تاريخ ڪرمان. "عقدالعلي للموقف الاعلي". (طبع طهران، ص ٦٤)، قـــزوني "تاريخ گزيده" (ص ٢٧٠ ڏالي جي غلطيءَ سان) ۾ اهـــي الفاظ غضبان بن القبعشري نالي شخص ڏانهن منسوب آهن جي هن حجاج کي ٻڌايا. (ن . ب)

١٠٢/[٧٦] عبدالله کي سنڌ ڏانهن لشڪر موڪلڻ کان منـــع ڪري ڪرپہ ماڻهو نـــ موڪليائون: مـــؤرخ بلاذري پڻ هن ڳالهہ جي تائيد ڪري ٿو تہ حضرت عثمان حڪيم جي رپورٽ ٻڌڻ بعد ڪنهن بہ سپہ سالار کي انهيءَ سرحد تـــي جنگ لاءِ ڪونـــہ مـــوڪليو. "فلم يغزها احد"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(فتوح البلدان، ص ۴۳۳). مگر مؤرخ طبري سنہ ۲۹ هجري جي حالات هيٺ لکي ٿو تہ: حضرت عثمان رضہ عبيدالله بن معمرالتيمي کي مکران ڏانهن موڪليو جنهن اتي دشمن جي فوج جي پوري صفائي ڪئي ۽ وڌندو وڃي ”نهر“ تي پهتو ...... ان بعد عبيدالله کي فارس ڏانهن بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جڳهہ تي عمير بن عثمان بن سعد کي مقرر ڪيو ويو. [ان بعد غالباً فارس ۾ عبيدالله جي شهيد ٿيڻ بعد عمير کي فارس ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ابن ڪندير القشيري کي سندس جاءِ تي مڪران ۾ مقرر ڪيو ويو]. حضرت عثمان جي شهادت وقت عمير بن عثمان فارس جو ڪمانڊر هو ۽ ابن ڪِندِيرُ القُشَيْري مڪران جو ڪمانڊر هو. ڏسو طبري ۱×۲۸۲۹–۲۸۳۱؛ ابن الاثير ۳×۴۸–۴۹؛ ۽ ابن خلدون. بقية الجزء الثاني ص ۱۳۱–۳۲. (ن - ب)

۱۰۲/[۷٦] تڏهين شهر وارن جو پاڻ ۾ جهيڙو ۽ مخالفت ٿي پئي: ان وقت جي جهيڙي فساد جو مرڪز بصره هو ۽ انهيءَ ڪري شايد ”شهر“ مان مراد شهر بصره هجي. اصل فارسي متن ۾ ”اهل شهر“ آهي جو ٿي سگهي ٿو تہ اصل عربي عبارت ”اهل المدينة“ جو غلط ترجمو هجي. انهيءَ لحاظ سان ”شهر وارن“ مان مراد ”مديني وارا“ بہ ٿي سگهي ٿي. (ن - ب)

۱۰۳/[۷٦] حضرت علي رضہ ثاغر بن ذعر کي هندستان جي سرحد تي مقرر (ڪيو): ثاغر بن ذعر جو نالو فقط چچنامي ۾ ڏنل آهي ۽ باقي ٻين تواريخن ۾ ان جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذڪر ڪونهي. اڳتي هيٺ صفحي ١٠٣ / [٧٧] تي چاڙايل آهي ته. حارث بن مُرّہ ثاني هڪ بهادر سپہ سالار هن لشڪر، يعني ثاغر بن ذعر واري لشڪر ۾ هو. مورخ بلاذري جي قول موجب حضرت علي رضہ سنہ ٣٨ ھ. جي آخر يا سنہ ٣٩ جي شروع ۾ هن حارث بن مُرّہ العبدي کي هندستان جي محاذ جو سپہ سالار ڪري موڪليو هو، جنهن "اتي فتح حاصل ڪئي ۽ ڪافي مال غنيمت ۽ قيدي هٿ ڪيائين ۽ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ٻانها تقسيم ڪيائين- ان بعد (هو اتي رهيو) تان جو سنہ ٤٢ ھ ۾ هو ۽ سندس ساٿي، سواءِ ڪن ٿورن ساٿين جي قيقان (ڪيڪانان) جي ٻرڪٽي ۾ (ڪنهن جنگ ۾) مارجي ويا" (فتوح البلدان، ص ٤٣٢).

حارث بن مرة العبدي، حضرت علي رضہ جي حامين مان هو ۽ "صفين" واري لڙائي ۾ حضرت علي رضہ ڪيس پنهنجي لشڪر جي ساڄي حصي جو سپہ سالار مقرر ڪيو هو (ڏسو المنقري جو "ڪتاب الصفين"، طبع ايران، ص ١٠٧) حارث، ربيعہ قبيلي جي مشهور سخي سردارن مان هو ۽ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ٻانها تقسيم ڪيائين ۽ پنج سؤ گهوڙا بخشش طور ڏنائين- ڏسو محمد بن حبيب جو "ڪتاب المحبر"، طبع حيدرآباد دکن، ص ١٥٤. (ن - ب)

١٠٣/[٧٧] هذلي ڳالهہ ڪئي آهي ته: هذلي يعني ابوبڪر الهذلي. اسان جي خيال ۾ فتحنامي جي فارسي مترجم هن جاءِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تي هن ڪتاب جي مکيہ راوي ابوالحسن المدائني جو قول، اختصار سببان، نہ لکيو آهي، ورنہ سڄي عبارت هن طرح ٿيڻ گهرجي ها تہ: ”ابوالحسن چيو تہ: هذلي ڳالہہ ڪئي آهي. الخ“. اسان جي هن نظريي لاءِ دليل هيءُ آهي تہ ابوبڪر الهذلي درحقيقت ابوالحسن المدائني جو هڪ مکيہ ماخذ آهي، ۽ هذلي جون روايتون سنڌون سڌو سنڌس واتان تہ مگر اڪثر سنڌس روايتن ذريعي ئي اسان تائين پهتيون آهن. خود هن فتحنامي جي صفحن ١٠٥/[٧٨] ۽ ١٠٩/[٨١] تي هذلي جون ٻہ روايتون ابوالحسن (المدائني) جي وساطت سان نقل ٿيل آهن. صفحي ١٠٤/[٧٨] تي هذلي جي روايت مهلب ذريعي، ۽ مهلب ڪان وري ”تاريخ جي مصنفن“ ذريعي نقل ڪيل آهي؛ ۽ صفحي ١٠٨/[٨٠] تي هذلي جي روايت وري ”تاريخ جي سلجهائيندڙن“ جي واتان نقل ڪيل آهي. انهن ٻنهي ٻين حصن تي ٻہ ”تاريخ جي مصنفن“ ۽ ”تاريخ جي سلجهائيندڙن“ مان مراد غالباً ابوالحسن المدائني آهي، جوئي درحقيقت هن فتحنامي جو مکيہ راوي آهي. ٻين ڪتابن ۾ پڻ ابوالحسن المدائني جون ابوبڪر الهذلي کان نقل ڪيل تاريخي روايتون ملن ٿيون. مثلاً ڏسو بلاذريءَ جو ”ڪتاب انساب الاشراف“ مطبوع يورپ، جلد ١١، صفحہ ٢٢٧، ابوبڪر الهذلي تاريخ جي مکيہ راوين مان هو ۽ ان وقت جي اسلامي سلطنت جي مشرقي ملڪن، خصوصاً عراق ۽ سنڌ جي تاريخ جي ڪيس ڪافي ڄاڻ هئي. ان جو سبب غالباً اهو هو، جو هو مشرقي محاذ جي مکيہ شهر بصري جي عالمن مان هو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بقول همداني، ”ابوبکر الهذلي کان بصريا“ (ڪتاب البلدان، ص ١٦٧). مسعودي پنهنجي ڪتاب ”مروج الذهب“ (طبع پئرس ۴×١٢٢، ١٢٧) ۾ ڄاڻايو آهي ته ابوبکر الهذلي، پهرئين عباسي خليفي ابوالعباس سفاح (۷۵۰-۷۵۴ع) جي هم نشينن مان هو ۽ ساڻس سندس ڪچهريون ٿينديون هيون. (ن - ب)

۱۰۴/[۷۸] (امير معاويه) عبدالله بن سَوّار [العبدي] کي سنڌ تي مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين: بقول بلاذري (ص ۴۳۳)، عبدالله کي بصري جي وائسراءِ عبدالله بن عامر هن محاذ تي مقرر ڪيو؛ مگر بلاذري وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته ”ڪي چون ٿا ته معاويه کيس مقرر ڪيو“. فتحنامي جي هن روايت (ص ص ۱۰۵ ۽ ۱۰۶) موجب پڻ عبدالله جي تقرري براه راست امير معاويه ڏانهن منسوب ٿيل آهي، ۽ غالباً اهو صحيح آهي. مؤرخ بلاذري ان بعد عبدالله جي ”قيقان“ تي حملي ۽ اوائلي فتوحات جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڄاڻايو آهي ته عبدالله، امير معاويه کي اتي جا گهوڙا سوکڙي طور ڏنا (ص ۴۳۳). اهو بيان فتحنامي جي انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ته امير معاويه، عبدالله کي ڪيڪاناڻ جسي گهوڙن موڪلڻ لاءِ تاڪيد ڪيو هو.

۱۰۷/[۷۹] (عبدالله) ابن سوار ڪافي لڙائيءَ کان پوءِ شهيد ٿيو: بقول بلاذري (ص ۴۳۳) عبدالله بن سوار اوائلي فتوحات حاصل ڪري، سوکڙيون وغيره ساڻ امير معاويه جي ملاقات لاءِ آيو ۽ ورتي ڪجهه وقت ترسيو. ان بعد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن 'قيقانان' ڏانهن واپس ويو، تڏهن اتي جي ترڪن جو لشڪر مٿس غالب پيو ۽ کيس شهيد ڪيائون. ياقوت، 'معجم البلدان' (٤ × ٢١٧) ۾ ساڳي بلاذري واري عبارت نقل ڪرڻ بعد لکي ٿو ته: بقول خليفه بن خياط، سنه ٤٧ (هجري) ۾ عبدالله 'قيقانان' تي حملو ڪيو، جنهن ۾ ترڪن جو وڏو لشڪر جمع ٿيو ۽ (لڙائيءَ ۾) عبدالله ۽ پيو گڏو عام اسلامي لشڪر مارجي ويو. (ن - ب)

١٠٨/[٨٠] اعْوَرِشَنّيءَ: يعني شاعر بِشْرُ بن مُنْقِذ بن عبدالقيس، جو 'اباُمنقذ' جي ڪُنيه سان پڻ سڏبو هو ۽ عربي ادب ۾ عام طرح ”الاعورالشني“ جي نالي سان مشهور آهي. ”الشني“ نسبت آهي. ”بنوشن بن افصي بن عبدالقيس بن افصي“ ڏانهن. جيئن ته ”بنوشن“ جو ڀاڱو ”عبدالقيس“ قبيلي سان هو، ۽ عبدالله بن سوار پڻ عبدالقيس قبيلي جو ٽي شهسوار هـو، انهيءَ ڪري اعورشني کي مٿس فخر آهي. هو عهد اسلام جي اعليٰ شاعرن مان هو ۽ کيس ٻه پٽ هئا جي پڻ شاعر هئا ۽ ”جُهَنّم“ سڏبا هئا (سمط اللآلي، ص٨٢٧). جنگ جمل ۾ اعورُ، حضرت علي رضه جي لشڪر ۾ شامل هـو (”المؤتلف و المختلف“ لـلآمدي، تصحيح مستشرق سالم ڪرنڪوي ـ Krenkow، ص ٢٨). جنگ صفين ۾ پـڻ حضرت علي رضه سان شامل هو ۽ ڪيترائي اشعار سندس منقبت ۾ چيائين (”ڪتاب الصفين“ للمينقري، ص ص ٦، ٢١٥، ٢٢٥ ۽ ٢٤٩). اعور شني جو قـدري تذڪره ابـن قتيبه جـي ”طبقات الشعر والشعراء“ (ص ٤٠٦) ۾ موجود آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١١٥/[٨٤] پوراليءَ جي حد ۾ وفات ڪيائين: بقول بلاذري (ص ٤٢٤)، قصدار ۾ وفات ڪيائين. ”قلادة النحر في وفيات اعيان الدهر“ (نسخه قلمي، ڪتبخانو پير جهنڊو) ۾ ڄاڻايل آهي ته منذر سنه ٦١ هه ۾ وفات ڪئي. (ن - ب)

١١٦/[٨٤] حڪم بن منذر: حڪم پنهنجي پيءُ منذر جي وفات بعد، مڪران ۾ هندستان جي محاذ جو گورنر مقرر ٿيو. هو ڪوفي ۾ پنهنجي قبيلي عبدالقيس جو نهايت معتبر سردار هو (المحاسن و المساوي، ١ × ٧٤؛ المعارف لابن قتيبه، ص ١٧٢). بعد ۾ سندس چاچي عبدالله، حجاج جي خلاف بغاوت ڪئي، پر رستقاباذ وٽ مارجي ويو (المعارف، ص ٧٢:). اعزازت سبب حڪم جي مائٽ همدردي هئي، ۽ سندس موت تي مرثيه چيائين ته: ابا مَطَر اقفرتْ عيْنُ عَبْد قورنا - وكُلٌّ الي مان صيرتْ سوف يَصير - الخ - (بلاذري، الانساب، طبع يورپ، ١١×٢٩٦). غالباً انهيءَ ڪري ئي بالاخر حڪم کي حجاج هميشه لاءِ قيد ۾ رکيو، تان جو هو حجاج جي ”الديماس“ واري قيدخاني ۾ گذاري ويو. ڏسو بلاذري، الانساب، طبع جيروسلم، ٥ × ١٧١. (ن - ب)

١١٦/[٨٤] عبدالله [بن] الاعور الحرمازي اٿي هي شعر پڙهيا: اصل ”فارسي متن ۾ ”الحرمازي“ جي بدلي ”الخوازي“ آهي. مگر صحيح ”الحرمازي“ آهي. سندس نالو عبدالله بن الاعور آهي، مگر ڪوڙي هئڻ سبب ”الڪذاب الحرمازي“ جي نالي سان مشهور آهي (ابن قتيبه، الشعراء ص ٤٣٠). هو منذر ۽ سندس پٽ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم جـو خـاص مداح هـو. جاحظ "ڪتاب الحيوان" (١ × ٤٩) ۾ سندس مـدح جي هيءَ مصرع نقل ڪئي آهي:
قال الكزاب الحرمازي:
"يا ابن المعلي نزلت احد الكبر. داهية الدهر وصماء الغبر"
هن مصرع ۾ "ابن المعلي" مان مراد منذر (بن جارود وعربشر، بـن عمرو بن حنش بـن المُعَلّي) آهي. لغت "اللسان" (ماده: غبر) ۾ بـه هي مصرع مختلف روايت سان الحرمازي ڏانهن منسوب آهي ۽ ممدوح جـو نـالو بـہ صاف ظاهر آهي: "قال الحرمازي يمدح المنذر بن الجارود: انت لها منذر من بَيْنِ البَشَرِ. داهيةُ الدَّهْرِ وصَمّاءُ الغَبَرِ"
ابن قتيبة (الشعرو الشعراء ص ٤٣٠-٤٣١ ۽ المعارف - ص ١٢٧) هي فتحنامي وارو سـاڳيو شعر (قـدري مختلف روايت سان) "الكذاب الحرمازي" جو ڪري ڄاڻايو آهـي ۽ ان جو ڏنو آهي (الشعراء). ڪتاب المعارف ۾ اهو رجز هن طرح ڏنو اٿس:

يا حكم بن المنذر بن الجارود
سـرادق المجد عليک ممدود
انت الجواد بن الجواد المحمود
نَبتَّ في الجود و في بيت الجود
والعود قد ينبت في اصل العود. (ن - ب)

١٣٤/[١٨٩] چورن جو ٽولو جن کي نڪاهره چوندا هئا: مـؤرخ بلاذري (ص ٤٣٥) هـن ٽولي کي ميدن جي هڪ قـوم (قـوم من ميد) ڪري ڄاڻايو آهي، جن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"ٻيڙين ۾ چڙهي" حملو ڪري اچي جهاز ڦريو. تي سڱڏي ٿو ته تڪامره، ميد قوم جي هڪ شاخ هئي. خود ”چچنامي“ جي صفحي ١٢٦/[٩٠] تي ”ميدن جي ديبل“ جو ذڪر اچي ٿو- جنهن جي معني ته، ديبل بندر ميدن جو مرڪز هو. عرب مؤرخن جي حوالن مان گمان نڪري ٿو، ته، مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون جن جو پيشو ئي سامونڊي ڌاڙا ۽ ڦرون هو تن سڀني کي ميد جي نالي سان سڏيو ويو آهي. مؤرخ بلاذري (ص ٤٤٠) صاف طور ڄاڻايو آهي ته ميد آهي آهن جي سمنڊ ۾ ڌاڙا هڻن ٿا. ”الميد الذين يقطعون البحر.“ وري مڪران جي محاذ جي گورنر راشد بن عمر الجديدي جي باري ۾ لکي ٿو ته: اول انهيءَ واري پهاڙي علائقي ڪيڪانان تي حملو ڪري فتح حاصل ڪئي ۽ ان بعد ميدن سان (مڪران ۾) جنگ جوٽيائين، جنهن ۾ شهيد ٿيو (ص ٤٤٣). عباسي دور ۾ سنڌ جي گورنر موسيٰ بن عمران، قندابيل جي فتح بعد ميدن تي حملو ڪيو (ص ٤٤٥) ۽ سنڌ ۾ وري جتن جي مدد سان سمنڊ جي ڪناري ڪوٽائي، ميدن جي نشيب واري زمين پاڻيءَ سان ٻوڙائي کين تباهه ڪيائين (ص ٤٤٦). خود مؤرخ بلاذري جي ڏينهن ۾ سورٺ (ڪاٺياواڙ) جي ميدن سان بصره وارن جي لڙائي ٿي هئي (ص ٤٤٠). انهن حوالن مان ظاهر آهي ته مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪناري وارن سامونڊي ڌاڙيلن کي بلاذري ”ميد“ سڏيو آهي. لانگ ورٿ ڊيمس پنهنجي ڪتاب ”بلوچ قوم“ (ص ١٧) ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لکي ٿو ته: ميد يا ميڊ، سنڌ ۽ مڪران جي (ساموندي) ڪناري جا قديم مهاڻا آهن ۽ بلوچ اهو نالو حقارتاً استعمال ڪندا آهن. درياءَ سنڌ جي نزديڪ ميد نالي درياءَ جي مهاڻن سان لاڳو آهي ۽ اڪثر "ميڊ ۽ ماڇي" هڪ ئي نالا گڏ استعمال ٿيندا آهن.

سنڌ جا ميد غالباً سنڌ جي ساموندي ساحل جا مهربحر هئا. هالوڪو لفظ "ميه" شايد "ميد" جي بدليل صورت هجي. اڄ تائين ڪاري طرف حقارتاً چوندا آهن ته "تون ڪو ميد آهين" يا "تون ڪو ميهه آهين" يا "تون ڪو مي آهين." ڪراچي کان وٺندي ڪيٽي بندر تائين هن وقت انهن ماڻهن ۾ "نڪامره" يا ان جي بدليل تلفظ وارو ڪنهن به قبيلي جو نالو نٿو ملي. البت تحفة الڪرام جي هڪ حوالي مان (جيڪڏهن اهو سچو آهي) معلوم ٿئي ٿو ته "نڪامره" قوم ١١ صدي هجري جي نصف اول تائين موجود هئي. مير علي شير قانع لکي ٿو ته: شاهجهان بادشاهه، پنهنجي شهزادگي واري وقت ۾ جڏهن پنهنجي والد جهانگير بادشاهه کان ڪاوڙجي نڪتو آهيو، تڏهين نواب شريف خان (شرفا خان؟) ۽ ڪڪرالي جي جام سنڌس مخالفت ڪئي، مگر ڏاراجه جي رائي، "نڪامره قوم"، ۽ حمل جت سنڌس مدد معاونت ڪئي. انهيءَ ڪري تخت تي ويهڻ بعد شاهجهان، نواب امير خان کي سنه ١٠٣٧هه ۾ ٺٽي جو نواب مقرر ڪيو، ته سائن مٺو سلوڪ ڪري ۽ ڪڏن نوازي (تحفة الڪرام، مطبع ناصري، دهلي، ٣ × ٩٥).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪڏهين ١١ صدي هجري ۾ بہ ”نڪامره“ قوم موجود هئي، تہ انهيءَ حالت ۾ هن وقت ان قوم جي ماڻهن جو باقي هجڻ ڪافي ممڪن آهي، البت اهو قومي نالو غالباً متروڪ ٿي ويو آهي. ساموئي ساحل خواہ لاڙ جي ماڻهن جون اوڙڪون جي اسان کي معلوم ٿي سگهيون آهن سي هي آهن: لاڙ، ونگرا، ڏيلا (ديبي ڏاراجہ جا اصل باشندا)، هٿولاٽي، ليلگاڻي، ماڇي، جوباڻيا، ڪانڊيا، واهاري، هوڙاڻي، ٻوڪي، ڪڏاٽي، ڪنجاڙيا، سوڍاڻي، ٻڪيڙا، ٽيهاڻي، ٻالاري، ٿوري، ڏوراڻي وغيره. مگر نڪامره جو نالو ڪٿان بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. (ن-ب)

١٣٥/[٩٠] اهل عورت بني عزيز (يا نبي عزيز) قبيلي مان هئي: هن ٽالي وارو قبيلو ڪنهن بہ عربي ڪتاب ۾ نظر ڪونہ اچي. بقول بلاذري (فتوح البلدان ص ٤٣٥)، هيءَ عورت ”بني يربوع“ قبيلي مان هئي. مؤرخ بلاذريءَ جو قول زياده وزندار آهي. (ن-ب)

١٣١/[٩٤] محمد بن قاسم جو سندس چاچي جو پٽ ۽ ٻن ناني هو ۽ حجاج جي ڌيءَ سندس گهر ۾ هئي: هيءَ سمورو بيان حقيقت جي خلاف آهي: نہ محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي جو پٽ هو، نڪي هو حجاج جو ناني هو، ۽ نڪا حجاج جي ڪا ڌيءَ ئي سندس گهر ۾ هئي.

(١) اول تہ ابوعقيل جي آکهہ جي هيٺين شجري کي ڏسڻ گهرجي:-



مٿئين شجره مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي (محمد) جو پٽ نه آهي، مگر حجاج جي چاچي (محمد) جي پٽ (قاسم) جو پٽ آهي.

فتحنامي جي فارسي عبارت هن طرح آهي: "محمد قاسم پسر عم اوبود." هتي "پسر عم" ترجمو آهي عربي الفاظ "ابن عم" جو. عربيءَ ۾ چاچي جي پٽ خواه پوٽي ٻنهي کي "ابن عم" چئي سگهجي ٿو، مگر ان اصطلاح جو فارسي ترجمو، پڙهندڙن لاءِ غلط فهمي پيدا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري اسان سنڌي ترجمي جي متن ۾ وضاحت لاءِ "سندس چاچي [جي پٽ] جو پٽ" ڪري لکيو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۲) زير بحث صفحي تي محمد بن قاسم کي حجاج جو ڀاڻيو ۽ ناٺي ٻئي ڄاڻايو ويو آهي ۽ لکيو ويو آهي ته حجاج جي ڌيءَ سنڌ ڪهڙ ۾ هئي. مگر ص ص ۲۷۵-۷۶/[۱۹۰] تي "حجاج جي پنهنجي نياڻيءَ محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي حڪايت" ڏني ويئي آهي، جا غور طلب آهي. حقيقت ۾ اها محض هڪ "حڪايت" آهي ۽ هر نڪته نظر کان غير معتبر. اول ته هن حڪايت جي روايت ضعيف آهي، ۽ بني تميم جي ڪنهن غير معلوم شخص ڏانهن منسوب آهي، جنهن يزيد بن ڪنانه کان نقل ڪئي آهي. خود يزيد بن ڪنانه جو ذڪر ڪنهن به راوين جي قطار ۾ نظر نٿو اچي. ٻيو ته هن حڪايت ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان ورڻ وري سنڌ ڏيءَ گهرڻ ۽ حجاج جو ڪاوڙجي ۽ ٻيهري لکڻ مان سنڌ ڇڏ ڇاهڻ، محمد بن قاسم جي بلند اخلاق جي خلاف آهي. ازان سواءِ حجاج جي مشهور غصي ۽ ڪاوڙ آڏو محمد بن قاسم (جو ان وقت اڃا هڪ ڇوڪرو هو) جي مجال نه هئي، جو وري وري انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي. ٽيون ته هن حڪايت جو راوي چوي ٿو ته آءٌ ان وقت حجاج وٽ ويٺو هوس ۽ هي سڀ تماشو ڏسي رهيو هوس. گويا حجاج جي ڌيءَ جو سڱ جو فيصلو هن جي آڏو ئي رهيو هوا! چوٿون ته حڪايت جي آخر ۾ ڄاڻايل آهي ته حجاج بالآخر محمد بن قاسم کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ انهيءَ شرط تي ڏنو ڪيو ته جڏهن وڏو ٿيندو، تڏهن فارس ۽ هند تي حملا ڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهي ملڪ فتح ڪندو. اها اڳڪٿي به ڏيکاري ٿي تہ هي حڪايت محض هڪ افسانو آهي ۽ ان جا اندروني سقم ئي ان جي غير معتبر هئڻ لاءِ ڪافي ثبوت آهن.

مگر وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ خود اهو بہ ثابت ڪونهي تہ حجاج کي ڪا ڌيءَ بہ هئي. ابن حزم جو انساب عرب جو هڪ وڏو ڄاڻو ۽ ماهر آهي، تنهن پنهنجي ڪتاب "جمهرة انساب العرب" (ص ٢٥٥) ۾ حجاج جي اولاد ۾ صرف چار پٽ ڄاڻايا آهن: محمد، عبدالملڪ، آبان ۽ سليمان.

حقيقت هيءَ آهي تہ حجاج البت پنهنجي ڀيڻ زينب کي اختيار ڏنو هو تہ محمد بن قاسم ۽ حڪم بن ايوب (بن حڪم ابن ابي عقيل) منجهي مان جنهن سان وڻيس تنهن سان شادي ڪري؛ محمد بن قاسم ان وقت فقط ١٧- ورهين جو هو ۽ حڪم وڏي عمر جو هو. زينب (غالباً پنهنجي عمر جي لحاظ سان) حڪم کي پسند ڪيو، جنهن سان حجاج سندس شادي ڪرائي (ڪتاب الاغاني، جلد ٤، ص ٢٧).

مٿين وضاحت جي بناء تي فتحنامي، تحفة الڪرام، فرشتي (جلد ٤، ص ٤٠٣) ۽ مير معصوم (تاريخ معصومي، فارسي ص ٢١) جن جو ماخذ بہ فتحنامو آهي، جا بيان تہ محمد بن قاسم، حجاج جو ناٺي هو، ظاهراً غلط آهن.

هن سلسلي ۾ ضروري آهي تہ هت محمد بن قاسم جي شادي بابت فتحنامي جي ٻين حوالن جو بہ جائزو ونجي ۽ ان بـاري ۾ ڪنهن صحيح نتيجي تـي پهچجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتحنامي جي صفحي ۲۶۸/[۱۸۶] تي ڄاڻايل آهي تہ ڏاهر جي قتل کان پوءِ سندس زال لاڏي گرفتار ٿي ۽ محمد بن قاسم، حجاج کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي اجازت گهري جنهن خليفي وليد کي سفارش ڪئي، ۽ آخر دارالخلافت مان حڪم صادر ٿيو، ۽ محمد بن قاسم لاڏي کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو. ڀڄ ڏسو صفحو ۳۲۷/[۲۲۲].

هن حڪايت جو راوي هڪ مقامي ماڻهو ابو محمد هندي آهي، جنهن هيءَ ڳالهہ ابو مسهر عابي (؟) نالي هڪ شخص کان ٻڌي، جو خود هڪ گمنام ۽ مبهم شخص آهي. ڪنهن بہ عربي ماخذ مان هن حڪايت جي ذري جيتري بہ تصديق نٿي ٿئي، بلڪ خود فتحنامي ۾ ئي لاڏي جي باري ۾ متضاد بيانات آهن جي هن حڪايت جي ترديد ڪن ٿا. مثلاً ص ص۲۶۸-۲۶۹ تي خود لاڏيءَ جي زباني بيان ٿيل آهي تہ هو اسلامي لشڪر ۽ ڏاهر جي فوج واري جنگ ۾ لڙائيءَ جي ميدان ۾ گرفتار ٿي، مگر ص ص ۳۰۱-۳۰۲/[۲۰۵-۲۰۶] تي خود برهمڻاباد جي مکيہ ماڻهن جي حڪايت موجب، ڏاهر جي قتل بعد، لاڏي پنهنجي پٽ سان گڏ اچي برهمڻاباد جي قلعي ۾ ويٺي ۽ قلعي جي حفاظت جو بندوبست ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿي ويٺي، مگر اوچتو گرفتار ٿي. مطلب تہ فتحنامي جون اهي حڪايتون جن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي ۽ جن جي عربي ماخذ مان ڪابہ تصديق نٿي ٿئي، سي غير معتبر آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو لاڏيءَ کي خريد ڪري نڪاح ۾ آڻڻ به محض هڪ افسانو آهي.

هاڻي سوال آهي ته محمد بن قاسم ڪٿان شادي ڪئي؟ سنڌ ۾ پٽ عمرو ۽ قاسم تاريخي حيثيت رکن ٿا. عمرو سنڌ جو گورنر ۽ مشهور منصوره جو باني هو، ۽ پاڻ قاسم سڄا سارا پندرهن سال بصره جو گورنر ٿي رهيو: جنهن جي معني ته هو وڏو لائق هو ۽ سنڌ حڪمراني پبلڪ ۾ ڪافي مقبول هئي. هڪ خاص سبب اهو ٿي هو جو مشهور اُرجُوزَه گو شاعر رُوءبَه بن العجاج سنڌ مدح ۾ قصيدا چيا رُوءبَه پنهنجي هڪ ڊگهي آجوزه (مطلع: ”قلتُ وقد اقصر جهل الاَصوَرِ“، ڏسو ديوان روبه، ص ص ٥٧-٦٣) جي مصرع ١٩٣-١٩٧ ۾ چوي ٿو:

١٩٣ يانبي خندفٍ إنّي امرؤٌ مِن معشرٍ،
١٩٤ يتعدُّون انتصارَكَ قومُ المنتصرِ،
١٩٥ وهمُ على رغمِ العداةِ الزُّجَّرِ،
١٩٦ اخوالُ آبائِكَ في المَجدِ الثَّرِيّ،
١٩٧ سعدُ بنُ زيدٍ في الصَّميمِ الدَّوسَرِ،

(يعني ته آءٌ انهيءَ گروهه مان آهيان جي هر ڏکئي ڏينهن ني تنهنجي دشمن خلاف آهن ۽ تنهنجا مددگار آهن: اهو گروهه ”سعد بن زيد“ قبيلي جي شير مردن جو آهي جي تنهنجي خاندان جا ماماڻا ۽ وڏي شان ۽ مرتبي وارا آهن.)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن شعر ۾ ٻه ڳالهيون غور طلب آهن: (۱) شاعر، ”سعد بن زيد“ قبيلي جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو هو پاڻ هڪ فرد آهي. هائي، شاعر روبه بن العجاج، وڏي قبيلي بنوتميم جي هڪ شاخ ”بنو سعد بن مالڪ بن سعد بن زيدمنات بن تميم“ مان هو (ڏسو ابن حزم، الجمهرة ص ۲۰۴؛ ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص ۱۵۹) اهو پاڙو وري ”سعد بن زيدمنات“ جي وڏي شاخ مان هو جنهنڪري شاعر اختصار طور صرف ”سعد بن زيد“ ڪري لکيو آهي. (۲) ٻيو ته شاعر چوي ٿو ته هن قبيلي وارا سندس ممدوح قاسم جي خاندان جا ماماڻا آهن. سندس اصل الفاظ ”اخوال آبائڪ“ آهن يعني ’تنهن جي ابن جا ماماڻا‘. جنهن جي معنيٰ ته قاسم جي پيءُ، يعني محمد بن قاسم ۽ سندس ڀيءُ ڏاڏن جا ماماڻا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته محمد بن قاسم جي وڏن جون شاديون بنوتميم جي هن پاڙي مان ٿيل هيون، ۽ انهيءَ رسم موجب غالباً خود محمد بن قاسم جي شادي به بنوتميم جي هن ساڳئي پاڙي مان ٿي هوندي. حقيقت ۾ هو به ائين: ڇاڪاڻ ته مشهور محقق ۽ اديب خطيب تبريزي، شاعر روبه جي مٿين ارجوزه جي ۱۹۵ ۽ ۱۹۶ مصرعن جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو ته: ابو محمد چيو آهي ته مون سندس (شاعر روبه جي) سيبن جي قافيه واري قصيده جي هڪ مصرع ڏني آهي، جنهن مان سندس مراد آهي ته خود قاسم بن محمد جا ماماڻا بني سعد بن تميم منجهان آهن. ”يريد ان القاسم بن محمد له

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذؤولة في بني سعد بن تميم" (حاشيه ڪتاب تهذيب الالفاظ، ص ٦٨). هت "ابو محمد" مان مراد مشهور عالم "ابن السِڪّيت" آهي، جنهن جي شاهدي بالڪل مستند معجون گهرجي. مٿين حوالي ۽ وضاحت مان ثابت ٿئي ٿو ته اسان جي محمد بن قاسم جي پٽ قاسم جا ماماڻا بنوتميم قبيلي جي بنوسعد (بن مالڪ بن سعد بن زيد مناة بن تميم) پاڙي مان هئا، جنهن جي معنيٰ ته محمد بن قاسم، بنوتميم جي انهيءَ خاندان مان شادي ڪئي هئي. (ن ـ ب)

١٣١/[٩٤] حمزة بن بيض الحنفي هن شعر جو: حمزة بن بيض اموي دؤر جي مشهور شاعرن مان هو ۽ محمد بن قاسم جو همعصر هو. سنه ١٢٠ هه ۾ وفات ڪيائين. سندس حالات لاءِ ڏسو الاغاني. جلد ١٥ ص ص ١٤ ـ ٢٦؛ الامدي، الموتلف و المختلف ص ١٠٠؛ الڪتبي، فوات الوفيات، ١ × ١٨٨؛ العسڪري، معانيه، ١ × ١١؛ ابوحيان ٣ × ١٨٥؛ ابن عساڪر ٤ × ٤٤٠؛ التنوخي ٤ × ٨١، تاج العروس (بيض). حمزة جو هيءُ شعر مشهور آهي. ڏسو بلاذري، طبع يورپ ص ٤٤١؛ طبع مصر ص ٤٢٨؛ ابن الاثير ٤ × ٢٨٢؛ اليعقوبي ٢ × ٣٠٧؛ ابن قتيبه، عيون الاخبار ٢٢٩ × ١؛ المرزباني (پهرين مصرع جي مختلف روايت سان) ص ٤٨٢. نتخلص متابق، حمزه هيءُ اشعار محمد بن قاسم جي محاذ ـ هند تي تقرري جي موقعي تي مبارڪبادي‌ءَ طور چيا، مگر بقول ابن الاثير (٤ ـ ٢٨٢) حمزه اهي اشعار

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جي وفات حسرت آيات تي مرثيه طور تي چيا. غالباً ابن الاثير جو قول صحيح آهي، ڇاڪاڻ ته بلاذري (ص ٤٤٠) ۾ به محمد بن قاسم ۽ ٻين ثقفي خاندان جي ماڻهن کي قيد ۾ ايذائي مارڻ جي ذڪر ڪرڻ بعد اهي اشعار نقل ڪيا آهن. (ن ـ ب)

١٤٠/[٩٩] پوءِ .... محمد بن قاسم اتان ارمابيل ڏانهن روانو ٿيو: هن ڪان اڳ واري صفحي تي فقط ايترو ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم مڪران پهتو. فتحنامي جي اها عبارت اڻپوري آهي. بقول بلاذري (ص ٤٢٦)، 'محمد بن قاسم (شيراز مان) مڪران ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي ڪافي ڏينهن ترسيو. ان بعد قنزبور (١) آيو ۽ اهو شهر فتح ڪيائين؛ پوءِ اتان ارمابيل ۾ آيو'. بلاذريءَ جي هن بيان مان ظاهر آهي ته فتحنامي ۾ قنزبور يا پنجپور جي فتح جو ذڪر ڪٽيل آهي. انهيءَ ڪري بلاذري جي بيان جي روشني ۾، فتحنامي جي متنين عبارت ۾ "اتان" مان مراد قنزبور يا پنجپور سمجهڻ گهرجي. (ن ـ ب)

٤٠/[١٠٠] (محمد بن هارون) جڏهين ارمابيل جي منزل تي پهتو ته سندس عمر پوري ٿي .... کيس اتي دفن ڪيائون؛ بقول بلاذري محمد بن هارون "ارمابيل جي نزديڪ وفات ڪئي ۽ کيس قنبيل ۾ دفن ڪيائون".

---

(١) بلاذري جي ڇپيل تاريخ ۾ هن ڌالي جي پڙهڻي "قنزبور" آهي جا حقيقت ۾ "قنزبور" جي تحريف آهي. قنزبور يعني پنجبور، جو غالباً ساڳي انهيءَ جاءِ تي هو جتي موجوده "پنجگور" آهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محقق بلاذري جو قول وڌيڪ صحيح سمجهڻ گهرجي. فتحنامي جي عبارت کي بلاذريءَ جي بيان سان هن طرح تطبيق ڏيئي سگهجي ٿي ته "ارمابيل جي منزل" مان مراد علائقي ارمابيل جي ڪا منزل آهي، جا شهر ارمابيل جي ويجهو هئي جيئن ته بلاذري لکيو آهي. بلاذريءَ جو "قنبل" ساڳيو اهو شهر آهي جنهن کي عرب جغرافيه نويسن اڪثر "قنبلي" ڪري لکيو آهي. اسان جي خيال ۾ "قنبل" توڙي "قنبلي" دراصل غالبا "قنبيلو" يعني "ٻن ٻيلو" آهي، جو غالباً شهر لسٻيلي رياست جي گادي ٻيلو (جو غالباً عربن جو ارمابيل يعني ارمن ٻيلو آهي) جي لڳو لڳ نزديڪ هو. هن وقت شهر ٻيلي جي هڪ طرف "ٻير آري" جو مقبره ۽ زيارتگاهه آهي ۽ مقامي روايتن موجب اها ڪنهن اصحابي جي قبر آهي. ممڪن آهي ته محمد بن هارون جو نالو "ابن هارون" مان "هارون"، ۽ زماني گذرڻ بعد اهو مقامي تلفظ يا غلطي سبب ڦري "آري" ٿيو هجي. والله اعلم بالصواب. (ن ـ ب)

۱۴۲/[۱۰۱] جَهْمُ بن زَحْرٍ الجُعْفِي: سندس والد زَحْرُ بن قيس الجعفي، ڪوفي جي شريف سردارن ۽ شهسوارن مان هو ۽ وڏو بليغ مقرر هو (ابن عساڪر، تاريخ ڪبير ۵×۶۹). جنگ صفين ۾ حضرت علي رضه سان گڏ هو (ابن عساڪر، ايضاً، ۽ ڪتاب الصفين، ص ۱۱). سندس فرزند ۾ جملي شريف هئا (ابن عساڪر)، جن مان جهم بن زحر نهايت مشهور ٿيو، غالبا محمد بن قاسم جو همعصر هو، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جي سنڌ تي چڙهائي کان اڳ، جڏهن محمد بن قاسم فارس جو گورنر هو، تڏهن جهم سندس خاص سپه سالارن مان هو. سن ٩٢ هه جي شروع ۾ محمد بن قاسم پنهنجي هيڊ ڪوارٽر شيراز مان شهر ري جي فتح لاءِ تياريون ڪيون هيون، ۽ جهم بن زحر کي فوج سان اڳواٽ ري ڏانهن روانو ڪيو هئائين. مگر حجاج اوچتو محمد بن قاسم کي سنڌ جي محاذ جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ۽ جهم بن زحر کي به محمد بن قاسم وٽ واپس پهچڻ جو حڪم ڪيائين (بلاذري، ص ٤٣٦). بن زحر ان بعد سنڌ جي فتوحات ۾ محمد بن قاسم سان شامل رهيو - فتحنامو ص ص [١٠٦]، [١٥٦]، [١٧٢] ۽ ١٩٢]. غالباً سندس همت ۽ بهادري سبب محمد بن قاسم جي به ساڻس بي انتها محبت ٿي وئي. محمد بن قاسم ۽ جهم سنڌ جي فتوحات ۾ مشغول هئا جو اوچتو حجاج جو حڪم پهتو ته جهم کي خراسان جي محاذ ڏانهن بدلي ڪيو وڃي ته هو وڃي اتي جي ڪمانڊر قتيبه بن مسلم جي مدد ڪري. طبري (١٢٥٧×٢) هنن دوستن جي جدائي جو نهايت موثر لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي ته: "محمد (بن قاسم) جي جهم بن زحر سان نهايت محبت هئي، سو جڏهن جهم ڪانئس موڪلايو ته محمد روئي چيس ته: اي جهم! بس جدائي!!. جهم جواب ڏنو ته: "هائو - ٻيلا ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي."

جهم پوءِ وڃي خراسان محاذ جي مشهور ڪمانڊر قتيبة جي هٿ هيٺ پنهنجي نئين عهدي جي چارج ورتي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مگر محمد بن قاسم وانگر قتيبه کي پنهنجي سپه سالارن کي محبت سان گرويده ڪرڻ جو شايد گهٽ ڏانءُ هو. بهرحال جڏهن سليمان خليفو ٿيو ۽ قتيبه خلاف انتقامي ڪارروايون شروع ڪيائين ته قتيبه بغاوت ڪئي. جنهن ۾ جهم سندس ساٿ ڪونه ڏنو بلڪ شاهي فوجن جي اڳواڻي ڪري، قتيبه جو مقابلو ڪيو ۽ قتيبه جي شڪست ٿوڙي آخري گهڙي ۽ قتل (سن ٩٦ هه) جو مکيه اڳواڻ جهم ئي هو (طبري ٢×١٢٩٦-١٢٩٧). جهم ان بعد خراسان جي ڪمانڊر يزيد بن مهلب جو مکيه سپه سالار ٿي رهيو ۽ انهي جي جنگين، خاص طرح جرجان جي آخري فتح (سن ٩٨ هه)، ۾ هن جو وڏو حصو هو (طبري ٢×١٣١٩ ۽ ١٣٢٠-١٣٣٣)، ۽ يزيد بن مهلب کيس جرجان جو گورنر مقرر ڪيو (ايضاً ٢×١٣٥٣).

حضرت عمر بن عبدالعزيز رضه کان پوءِ جڏهن يزيد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو (سن ١٠١ هه)، تڏهين خراسان جي اڳئين ڪمانڊر يزيد بن مهلب جي ساٿين خلاف انتقامي ڪارراوايون شروع ٿيون، ۽ خراسان جي نئين ڪمانڊر ۽ وائسراءِ سعيد خذينه جي حڪم تي ٻين سان گڏ جهم بن زحر کي به گرفتار ڪري قيد ڪيو ويو. آخر قبيله ”باهله“ جي هڪ آفيسر هڪ دلير مرد کي عذاب ڏيئي پورو ڪيو، جنهن تي سعيد هڪ شخص کي ڪافي ملامت ڪئي (طبري ٢×١٢٩٧). انهيءَ شخص جو نالو زبير بن نشيط هو ۽ سعيد خذينه هميشه چوندو هو ته زبير جو خدا خانو خراب ڪري جو هن جهم جهڙي مڙس کي ڇچڙائي ماريو. جهم جي موت تي مشهور شاعر ثابت قطنه ازدي هي اشعار مرثيه طور چيا:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

أ تَذْهَبُ آمَامِي وَلَمْ أَسْقِ تَرفِلا
وَ أَشِيَاعَهُ الكأسَ التي صَبَّحُوا جَهْمَا
وَ لَمْ يَقْتَرِهَا السَّعْدِيُّ عَمْرَو بِنُ مَالِكٍ
فَيُشْعَبَ مِنْ حَوْضِ الْمَنَايَا لَهَا قِسْمَا

ڏسو بلاذري، انساب العرب، طبع جيروصلم، ١٦٢x٥.
(ن - ب)

١٤٢/[١٠١] عَطِيَّة بن سَعْد العَوفِي: عطية بن هڪ بهادر مرد هو ۽ محمد بن قاسم سان خاص محبت هيس. اول ۾ عطية هڪ بغاوت ۾ حصو ورتو هو، جنهنڪري حجاج جي انتقام جي ڊپ کان عراق ڇڏي فارس ڏانهن هليو ويو. اتي محمد بن قاسم گورنر هو ۽ حجاج جو کيس حڪم پهتو تہ عطية کي چار سو ڏرن جي سزا ڏئي. محمد بن قاسم، عطية کي حجاج جو حڪم ٻڌايو ۽ کيس سزا ڏنائين. (ڏسو طبري "ذيل المذيل من تاريخ الصحابة و التابعين" ملحق في آخر تاريخ الطبري ٩٤٢٤x٣؛ ۽ شذرات الذهب ١٤٤x١). مگر ان هوندي بہ عطية محمد بن قاسم کان منهن ڪين موڙيو، ۽ سنڌ جي فتح وقت سپہ سالار طور ساڻس شامل رهيو ۽ سنڌ جي فتحن ۾ پوري بهادري سان حصو ورتائين. ڏسو فتحنامو ص ص [١٠٦، ١٥٦، ١٧٢ ۽ ١٩٢]. (ن - ب)

١٤٣/[١٠٢] عبدالرحمان بن سُلَيْم الكَلْبِي: نهايت تجربيڪار سپہ سالارن مان هو. ڏهہ سال اڳ، سنہ ٨٢ هہ ۾ عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث خلاف "دَيرالجماجم واري جنگ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ هو حجاج جي فوج جي ساڄي طرف (ميمنه) جو سپه سالار هو (ابن خلدون ٣×٤٩)، ۽ انهيءَ جنگ ۾ ئي ابن الاشعث کي ڀڄڻو پيو دفعو شڪست آئي. عبدالرحمان وڏو بهادر هو ۽ بهادرن جو قدردان هو. هڪ دفعي مشهور سپه سالار مهلب وٽ آيو ۽ سندس نوجوان پٽن کي سوار ڏٺائين ۽ سندن همت ۽ طاقت جي تعريف ڪيائين. قال: آنس الله الاسلام بتلاحقکم. اما والله لئن لم تکونوا اسباط ابوة، انکم لاسباط ملحمة (جاحظ، البيان والتبيين ٢×١١٠ ۽ ابن خلڪان، الوفيات ٢×٢٦٦) عبدالرحمان، اموي گهراڻي جو هڪ وفادار آفيسر هو. حضرت عمر بن عبدالعزيز جي وفات بعد جڏهن يزيد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو، تڏهن عبدالرحمان کي خراسان جو گورنر مقرر ڪيائين، مگر ان وقت هن ئين خليفي جي خلاف هر طرف کان بغاوت ٿي، جنهنڪري عبدالرحمان عرض ڪيو ته ”تنهنجي دشمن سان مقابلو ڪرڻ مون کي خراسان جي گورنري کان وڌيڪ پسند آهي. مون کي ڀلي يزيد بن المهلب (باغي) جي مقابلي واري فوج ۾ جڳهه ڏي“ (طبري ٣ × ١٨٨-١٣٨٩). ان بعد عبدالرحمان غالباً باغي يزيد بن المهلب جي مقابلي لاءِ شاهي فوج جي ڪمانڊر مسلمة بن عبدالملڪ جو سپه سالار ٿي رهيو ۽ ان جي وڏي مدد ڪيائين. اهو ئي خاص سبب هو جو جڏهن ”مسلمة بن عبدالملڪ، يزيد بن المهلب جي مقابلي کان فارغ ٿيو ۽ کيس عراق جو وائسراءِ مقرر ڪيو ويو، تڏهن عبدالرحمان بن سليم الڪلبي کي بصره جو گورنر مقرر ڪيائين“ (ابن خلدون ٣×٨٠).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۴۳/[۱۰۲] سفيان بن آلابرد:- سفيان پڻ ”الڪلبي“ هو يعني بنوڪلب قبيله مان هو ۽ نهايت پختو مشق ۽ دلير سپه سالار هو جنهن خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ ”خارجين“ سان زبردست جنگيون ڪيون. سنه ۷۶ ۾ جڏهن شبيب خارجي، حجاج کي جنگ ۾ شڪست ڏيئي ڀڄايو، انڌهين خليفي عبدالملڪ، سفيان کي چار هزار فوج ڏيئي روانو ڪيو ۽ هن موت کي منهن ڏيئي شبيب جو مقابلو ڪري کيس شڪست ڏني (المسعودي، مروج الذهب، طبع پئرس، ۵×۳۲۱-۳۲۲؛ ابن خلدون، ۳×۱۵۶-۱۵۷ ۽ ۱۵۹). ان بعد سفيان، حجاج جو چونڊ ڪمانڊر ٿي رهيو جنهن کيس وڏي لشڪر سان طبرستان طرف، خارجين جي اڳوان قطري بن الفجاءة ۽ سندس سائين جي مقابلي لاءِ موڪليو. سفيان انهن سان مقابلا ڪري، کين ماري سات ڪيو. ان بعد دماوند ۽ طبرستان ۾ داخل ٿي اتي طاقت مضبوط ڪيائين ۽ اتيئي رهيو، تان جو ”دير جماجم“ واري جنگ کان ڪجهه اڳ حجاج اتان کيس فارغ ڪيو (ابن خلدون ۳×۱۶۱). جنگ ”دير جماجم“ ۾، جا حجاج ۽ باغي ڪمانڊر عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث جي وچ ۾ لڳي، سفيان حجاج جي لشڪر جي پيادل فوج جو سپه سالار هو (ابن خلدون ۳×۴۹). ظاهر آهي ته سنه ۷۶ هه کان وٺي سفيان فوجي سپه سالار ٿي رهيو هو ۽ سنه ۹۲ هه ۾ جڏهين کيس حجاج محمد بن قاسم جي فوج سان موڪليو، ان وقت کيس سورهن سالن جي فوجي سپه سالاري جو تجربو هو ۽ نهايت سخت جنگين ۾ بهرو وٺي چڪو هو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١٤٢ / [١٠٢] قَطَنُ^ بن مُدْرِكُ^ الڪلابي^ : فتحنامي ۾ هن نالي جي اهائي پڙهڻي آهي، مگر ابن عساڪر جي "التاريخ الڪبير" (٤×٣٩٠) ۾ "قطن بن مدرڪ الڪلابي" لکيل آهي ۽ ڄاڻايل آهي ته: "حجاج (پنهنجي سوٽ) حڪم بن ايوب ثقفي کي بصره جو گورنر مقرر ڪيو هو، مگر جڏهن (عبدالرحمان) ابن الاشعث بغاوت ڪئي (سنه ٨١ هـ) تڏهن کيس معزول ڪري قطن بن مدرڪ الڪلابي کي سندس جاء تي مقرر ڪيائين." غالباً هن بغاوت واري نازڪ وقت ۾ ئي قطن، حجاج جي وڏي مدد ڪئي؛ چاڪاڻ ته فتحنامي ۾ هن جاء تي خود حجاج جا پنهنجا الفاظ آهن ته قطن "اسان کي مشڪلات ۾ مدد ڪئي آهي، ۽ عزت جو لائق ۽ راستگو آهي .... ۽ حجاج جو هميشه مددگار رهيو آهي. (ن-ب)

١٤٣ /[١٠٤] جراح بن عبدالله: غالباً، جَرّاح بن عبدالله الحَڪمي^، جو بعد ۾ هڪ مشهور ڪمانڊر ٿيو، ۽ خليفي يزيد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ آرمينا ۾ فتحيون ڪيائين. خليفي عمر بن عبدالعزيز کيس پنهنجي عهد ۾ خراسان جو وائسراء مقرر ڪيو. ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ص ٢٠٢، ٢٠٦، ۽ ٤٢٦-٤٢٧. (ن - ب)

١٤٤ /[١٠٣] عَدْمَل^ بن فَرُّخ: يعني العَدْمَل بن الفرُّخ (بن سُعين بن أسْوَد بن عَمْرو بن جابر بن ثعلبه سُحَيّ بن العڪابة) العيجلي جو "بنو عيجل" قبيله جو مشهور

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شاعر هو (ابن حزم، الجمهرة ص ۲۹۵، ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص ۲۰۸). ڪنهن سبب سان هن شاعر ۽ حجاج جي وچ ۾ اڻبڻت ٿي جنهن تي عديل سندس هجو ۾ ڪي اشعار چيا. ان بعد آخرڪار هو حجاج جي هٿ چڙهي ويو ۽ ڪيس مارائڻ ٿي جو هن پنهنجا حجاج جي تعريف ۾ ڪي اڳيان چيل اشعار پڙهيا جنهن تي حجاج معافي ڏنس (البيان والتبيين، طبع مصر ۱۳۴۵ھ / ۱۹۲٦ع، جلد ۱ ص ۲۴۷). "نقائض جرير والفرزدق" ۾ هڪ جاءِ (نمبر ٦۴٦) تي جنگ "ذوقار" جي باري ۾ سندس اشعار نقل ٿيل آهن، ۽ ٻي جاءِ (نمبر ۱۰۹۰) تي مالڪ بن مسمع متعلق سندس مدحيہ اشعار ڏنل آهن. (ن ـ ب)

۱۴٦ / [۱۰۴] منجنيق........ جنهن جو نالو "عروس" هو: بلاذري (فتوح البلدان ص ۴۳۷) هن منجنيق جو نالو "عروس" لکيو آهي. (ن ـ ب)

۱۵۰ / [۱۰٦] نباته بن حنظله ڪلابي: نباته ٻه هڪ چونڊ شهسوارن مان هو جنهن کي حجاج، محمد بن قاسم جي لشڪر سان گڏ موڪليو هو. ڏسو فتحنامو ص ۲۷۸ / [۱۹۲]. نباته نه صرف هڪ قابل سپه سالار هو مگر سياست جو به ڄاڻو هو. فتحنامي جي حوالن مان ظاهر آهي ته نباته، ديبل (ص ۱٦۱ ـ ۱٦۲)، سيوستان (ص ۱۷۴)، ڏاهر سان دو بدو لڙائي ڪئي (ص ص ۲۲۴، ۲۷۸ ـ ۲۸۰)، ۽ برهمڻ آباد (ص ۲۹۴) وارين جنگين ۾ وڏو حصو ورتو. ازانسواءِ محمد بن قاسم طرفان مقامي حاڪمن سان سياسي صلح قائم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻ ۾ وڏو ڪم ڪيائين (ص ص ۱۷۴، ۱۸۷، ۱۹۵). نباته ٻيءِ اموي دؤر جي آخر ۾، مروان بن محمد جي ڏينهن ۾، شاهي فوجن جو هڪ مکيہ سپہ سالار هو. تقريباً ۱۲۸ هہ ۾ مروان بن محمد جي ڪمانڊر ان چيف، يزيد بن عمر بن هُبَيْرَه، ڪيس باغي سليمان بن حبيب بن المهلب جي مقابلي لاءِ موڪليو ۽ هن ڪيس وڏي شڪست ڏني (اليعقوبي ۲×۴۰۷ هہ). ان بعد يزيد بن عمر، نباته کي جرجان جو گورنر مقرر ڪيو، ۽ هو اتي رهيو تان جو بنو عباس جي پارٽي زور ورتو ۽ ابو مسلم خراساني، خراسان جي گورنر نصر بن سيار کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ پنهنجي سپہ سالار قحطبه بن شبيب کي زبردست لشڪر سان سنہ ۱۳۰ هہ ۾ جرجان ڏي موڪليائين. نباته انهيءَ جنگ ۾ ڇهن هزارن ماڻهن سان مارجي ويو (المسعودي، التنبيہ والاشرف، ص ۳۲۷، طبري ۲×٦-۲۰۰۳). (ن ب)

۱۵۰/[۱۰۷] ٻهريون ٻهريون ساڻهو جيڪو قلعي تي چڙهيو سو (شهر) ڪوفه جو صعدي بن خريمه هو: جو ماڻهو اول ديبل جي قلعي تي چڙهيو تنهن جو نالو مؤرخ بلاذري ڪونہ ڏنو آهي، البت هو لکي ٿو تہ پهريون ماڻهو جو قلعي تي چڙهيو سو ڪوفه جو رهاڪو هو ۽ "بنو مراد" قبيلي مان هو. بلاذري جي اصل عبارت هيءَ آهي: وَكَانَ اَوَّلُهُمْ صُعُودًا رَجُلٌ مِنْ مُرَادٍ مِنْ اَهْلِ الْكُوفَةِ (فتوح البلدان، ۴۲۵). هن عبارت تي غور ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ شايد فتحنامي جي اصلي ماخذ جي عربي عبارت صاف نہ هئي، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فارسي مترجم علي ڪوفي غالباً ”صعودا رجل بن“ جي لفظن کي ماڻهوءَ جو نالو سمجهي ”صعدي بن خريمه“ لکيو آهي. والله اعلم بالصواب. (ن. ب)

١٥١ / [١٠٧] عجل بن عبدالملڪ بن قيس الدمني: هن نالي جي آخري نسبة لفتحنامي جي جملي نسخن ۾ صاف لکيل ناهي ۽ انهيءَ ڪري مبهم آهي (ڏسو حاشيه ص ١٥١). البت ص ١٧٧ تي غالباً هن ساڳئي شخص جي پيءُ عبدالملڪ بن قيس بابت چاڻايل آهي ته هو ”آل جارود“ مان هو: جيئن ته ”آل جارود“ (يعني جارود جو اولاد) وارا ”عبدالقيس“ قبيلي مان هئا ۽ انهيءَ ڪري انهن جي نسبة ”العبدي“ هئي، انهيءَ ڪري شايد هيءُ مبهم لفظ ”الدمني“ به شايد دراصل ”العبدي“ آهي. (ن. ب)

١٥١ / [١٠٧] مهراڻ نديءَ تي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو .... [جا] ايرنديءَ مهراڻ جي طرف (يا مهراڻ جي ايرندي طرف) آهي: اصل فارسي عبارت هن طرح آهي: بجوي مهران رسيد بموضع .... از جانب شرقي مهران ... هن عبارت ۾ ”از جانب شرقي“ جي سنڌي لفظي معني ”(مهراڻ جي) ايرندي“ ٿيندي، جنهن جو مطلب ته، ديبل جو حاڪم چاهين، ديبل جي قلعي مان جو مهراڻ جي الهندي طرف هو، پنجي نڪتو ۽ آخرڪار مهراڻ ندي درياء جي ايرندي طرف ڪنهن مقام وٽ اچي پهتو: مگر مؤرخ بلاذري (فتوح البلدان ص ٤٤٢) سنڌ جي گورنر جليد جي فتوحات جي سلسلي ۾ ”بطيحة الشرقي“ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ "الشرقي" اسم خاص طور استعمال ٿيل آهي ۽ اسان جي خيال ۾ ان جي مراد "ايرندڙ مهراڻ" آهي يعني "مهراڻ جي ايرندڙ شاخ". انهيءَ اعتبار سان، فتحنامي ۾ هن جاءِ تي اصل عبارت غالباً "بجانب مهراڻ الشرقي" هئي جنهن جو فارسي ترجمو "ازجانب شرقي مهران" ڪيل آهي. ان جو سنڌي ترجمو اصل عبارت جي لحاظ سان "ايرندڙ مهراڻ جي طرف" وڌيڪ موزون نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته عبارت جي شروع ۾ به "جوڻي مهران" جا الفاظ آهن جنهن جي معني (بر تقدير "مهراڻ جي جوءِ") ٿيندي "مهراڻ ندي جي هڪ شاخ" جا مرڪزي مهراڻ کان جداگانه سمجهڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

۱۵۳ / [۱۰۷] "ڪارمتي" يعني "ڪاري مٽي". "ندمتي" يعني "گل سيمين": اسان جي خيال ۾ فتحنامي جا اصلي الفاظ صرف "ڪارمتي" ۽ "ندمتي" آهن جن جي تشريح فارسي مترجم طرفان آهي. چنانچه فارسي مترجم "ڪارمتي" جي معني "گل شور" (يعني "ڪاري مٽي") ۽ "ندمتي" جي معني "گل سيمين" (يعني "چاندي جهڙي يا سفيد") ڪئي آهي ۽ سنڌي ترجمو ۾ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. ۾ جيڪڏهن "ڪارمتي" جي معني "گل شور" يا ڪاري مٽي آهي ته "ندمتي" جي معني "ندي جي مٽي" يعني "مٺي مٽي" ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي ترجمي ۾ به "گل سيمين" جي بدلي "گل شيرين" هجڻ کپي. ٿي لحاظ سان وري جيڪڏهن "ندمتي" جو ترجمو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”گيل ميمين“ يعني (درياءَ جي چمڪي) ”چانديءَ جهڙي يا سفيد مٽي“ ڪيو ويو آهي ته ”ڪارمٽي“ ان جو ضد ”ڪاري (ڪلرائي) مٽي“ هئڻ گهرجي. (ن - ب)

۱۵۴ / [۱۰۹] حُمَيْدُ بن وَدَاعِ النّجدي: مگر صحيح نالو ”حُمَيْد بن وَدَاعِ البَحْري“ آهي. ڏسو هيٺ، نوٽ ص ۸ ۳ / [۲۱۷]. (ن - ب)

۱۵۶ / [۱۱۰] برهمنآباد قديم: يعني سنڌ جو اصلي قديم شهر برهمڻاباد جو محمد بن قاسم جي فتوحات کان اڳ سنڌ ۾ موجود هو. ان بعد اسلامي دوُر حڪومت ۾ محمد بن قاسم جي پٽ عَمْرُو سنڌ ۾ ”منصوره“ جو اٺون شهر ”برهمڻاباد“ کان ٻن فرسخن جي مفاصلي تي وسايو جنهن کي ٻئي مقامي ماڻهو ”برهمڻاباد“ سڏڻ لڳا. جيئن ته ”فتحنامي جو هيءُ تاريخي احوال اٽڪل ۳. صدي هجري ۾ لکيو ويو ۽ ان وقت صرف ”منصوره“ يا (مقامي ماڻهن جي اصطلاح ۾ جيئن) ”برهمڻاباد نئون“ موجود هو انهيءَ ڪري تاريخي وضاحت لاءِ محمد بن قاسم جي فتوحات واري اصلي برهمڻاباد کي ”برهمڻاباد قديم“ جي نالي سان سڏيو ويو. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو مٿي ص ص ۲۹۸ - ۲۹۹. (ن - ب)

۱۵۶ / [۱۱۱] (محمد بن قاسم جو ارمابيل ۾ منزل ڪرڻ): هيءُ عنوان ۽ هيٺ ڏنل بيان ته ”محمد بن قاسم ديبل کان ارمابيل جي لڙائيءَ جو ارادو ڪيو“، بلڪل بي موقعي ۽ بي معنيٰ آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(١) پهريون ته هي بيان بغير مستند جي ڏنل آهي.
(٢) ٻيو ته، هن کان اڳ (ص ص ١٤٠-١٤٢) ۾ تفصيل سان بيان ٿي چڪو آهي ته محمد بن قاسم مڪران مان ٿيندو، ارمائيل آيو ۽ اهو شهر فتح ڪيائين (ص ١٤٢). ان بعد ارمائيل کان اڳتي ديبل ڏانهن روانو ٿيو ص (١٤٢). مؤرخ بلاذري به صاف طور لکيو آهي ته محمد بن قاسم اول ارمائيل فتح ڪري ان بعد اتان ديبل ڏانهن روانو ٿيو (فتوح البلدان، ص ٤٣٦). انهيءَ ڪري ديبل فتح ڪرڻ بعد وري ارمائيل جي لڙائي لاءِ تياري ڪرڻ بي معنيٰ آهي.
(٣) ٽيون ته همٿ ١-١٦٢/[١١٥] صفحن تي نباتة بن حنظلة (جو محمد بن قاسم سان گڏ هو) جي زباني مان صاف ظاهر آهي ته محمد بن قاسم ديبل کان سيسم جي رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو. انهن واضح دليلن جي بناءَ تي هيءُ عنوان ۽ بيان بلڪل بي موقعي آهي ۽ غالباً نتحناسي جي فارسي مترجم جو وڌايل آهي.

ٿي سگهي ٿو ته اصل الفاظ صرف ايترا هجن ته: ”پوءِ محمد بن قاسم ديبل کان ارمائيل رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو مگر پوءِ اهو ارادو ترڪ ڪيائين، ۽ اچا ديبل ۾ ئي منزل انداز هو جو ڪيس راجا ڏاهر جو خط پهتو جو هن ڏانهس لکيو هو.“ ٿي سگهي ٿو ته اول محمد بن قاسم ارمائيل رستي نيرون ڪوٽ (جو غالباً حيدرآباد واري جاءِ تي هو) ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو هجي، ڇاڪاڻ ته (١) ارمائيل فتح ٿي چڪو هو ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مڪران جـون اسلامي فوجون سنڌس وڌنـدڙ لشڪر لاءِ پشت پناهه ٿي سگهيون ٿي. (٢) ارمابيل يا ارمن ٻيلي جو رياست لسٻيلي ۾ موجوده شهر ٻيلي جي آسپاس هو. اُتان شاهه بـلاول واري لڪ ذريـعـي ڪولڙي ۽ حيدرآباد ڏانـهـن ڪوهستاني علائقي وارو ڪس. بمقابلي ديبل ڪان ڏاهـر جي سنڌ واري علائقي مـان سڌو نيرون ڏانهن ويندڙ رستي ڪان شايد نسبتاً وڌيڪ محفوظ سمجهيو ويو هجي.

بهرحال اهڙي گمان لاءِ ترڙي نتحتاني جي هن عنوان ۽ بيان لاءِ ڪابه تاريخي سند موجود ڪانهي. (ن - ب)

١٥٧ / [١١١] هن ڪان اڳ ۾ بئي هڪ جي ملڪ ۾ ٻن اهڙو غرور پيدا ٿيو هـو .... ۽ الحڪم بن ابي العاص بن انهيءَ جي بيعت ڪئي هئي: اهـي الفاظ ڏاهر پنهنجي خط ۾ محمد بن قاسم ڏانهن لکيا. سنڌس مـراد آهي ته تو (محمد بن قاسم) ڪان اڳ ٻن هڪ شخص هـن طرف حملي جو خيال ڪيو هو ۽ الحڪم بن ابي العاص ٻن انهيءَ جـي بيعت ۾ هو.

ڏاهر، محمد بن قاسم ڪان گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ انهيءَ ڪري غالباً انهيءَ سپه سالار جو نالو ذهن ۾ ڪونه هوس. البت الحڪم بن ابي العاص جي ذڪر مان ظاهر آهي ته ڏاهر جو اشارو غالباً ديبل تي عربن جي ٻهرئين حملي جو آهي. تاريخ مان ثابت آهي ته انهيءَ حملي جو خيال بحرين ۽ عمان جـي گورنـر عثمان بن ابي العاص الثقفي، حضرت عمر جـي خلافت ۾ سنه ١٥ هه (٦٣٦-٣٧ع) ۾ ڪيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌس پاڻ الحڪم بن ابي العاص سنڌس بيعت ۾ هـو جنهن کـي مسند ذريعي ٿاڻي ۽ پروچ ڏانهن روانـو ڪيائين، ۽ پنهنجي ڀاءِ المغيره کـي ديبل ڏانهن روانـو ڪيائين (بـلاذري، فتوح البلدان ص ص ٤٣١-٤٣٢؛ پـڻ ڏسـو فتحنامو ص ص ٩٧-٩٨).

مٿين تاريخي حقيقت جي بناء تي جنهن شخص کي اول اول ديبل تي حملي جو خيال پيدا ٿيو، سو بحرين ۽ عمان جو گورنر عثمان بن العاص الثقفي هو. مگر هـو پاڻ سوامت جو تير کڻي ڪونه آيـو، جيئن ڏاهر جي خط ۾ بيان ٿيل آهي؛ بلڪ پنهنجي ڀائرن کـي ٿاڻي، پروچ ۽ ديبل ڏانهن موڪليائين. ساڻس سنڌس پـاڻ الحڪم بن ابي العاص جـي بيعت هئي ۽ نه "ابي العاص بن الحڪم" جي، جيئن فتحنامي جي اصل متن ۾ آهي (ڏسو حاشيه ١- ص ١٥٧). ازانسواءِ خود الحڪم بن ابي العاص ديبل تـي ڪونه ڪاهيو هـو، بلڪ سنڌس پاڻ الـمغيره بن ابي العاص ديبل تـي چڙهائي ڪئي هئي، پر المغيره ديبل ۾ سارجي ڪونه ويـو جيئن ڏاهر پنهنجي خط ۾ لکيو آهي؛ ڏاهر جو هيءَ بيان فتحنامي جي شروعاتـي روايت (ص ص ٩٧-٩٨) مطابق آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهـي ته المغيره ديبل واري جنگـ ۾ مارجـي ويـو، حالانڪ تاريخي اعتبار سان اهـو غلط آهي. ڏسو مٿي نوٽ، ٩٧[٧١].

آخر ۾ هيٺ (ص ١٥٨) هـز، ساڳئي خط ۾ ڏاهر، محمد بن قاسم کي لکي ٿو ته: "پاڻ کي غرور جي خواب ۾ مبتلا نه ڪر، نه ته تنهنجي عاقبت بہ اهـا ٿيندي جا بديل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ٿي.“ هن فقره مان گمان نڪري ٿو ته مٿيون شروع وارو اشارو به شايد بُدَّيل ڏانهن ئي هجي. مگر جي ائين هجي ها ته ڏاهر به سندس ذالو ڪٺي ها. ٻيو ته ”الحکم بن ابي العاص“ جو ٿورو ڪي گهڻو تعلق ديبل تي سنه ١٥ هجري واري حملي سان هو ۽ نه بُدَّيل واري حملي سان جو حجاج جي اياڪاريءَ ۾ سنه ٧٥ ھ کان بعد ۾ واقع ٿيو. البت جيڪڏهن فتحنامي جي اصلي پڙهڻي ”ابو العاص بن الحکم“ تسليم ڪجي ۽ چئجي ته ابو العاص مٿين الحکم جو پٽ هو جو بُديل سان جنگ ۾ شامل هو ته البت اها ڳالهه ٺهي سگهي ٿي. مگر ابو العاص بن الحکم جو حوالو ڪنهن به عربي ماخذ ۾ نظر نٿو اچي. (ن ـ ب)

١٦٣/[١١٥] ساڪري جو ٺارو: اصل فارسي متن ۾ ”ٺاله ساڪره“ جنهن جون ٻيون پڙهيون ”ساڪر“، ”ٺاله ساڪره“ ۽ ”دهند ساڪره“ آهن (ڏسو حاشيه ١، ص ١٦٢). ”ساڪره“ جو لفظ هن وقت به ”سيرپور ساڪري“ جي نالي ۾ موجود آهي يعني ته اها سيرپور جا ”ساڪره“ جي اراضيءَ ۾ آهي. انهيءَ لحاظ سان ”ٺاله ساڪره“، جنهن جي ذريعي محمد بن قاسم نيرون ڏانهن جنگي سامان سان ڀريل ٻيڙيون روانيون ڪيون، غالباً ”بگهياڙ ڦاٽ“ آهي جو ان وقت اڃا هڪ ننڍڙو واهڙ هو. پڻ ڏسو مٿي نوٽ ص ٣٨٦. (ن ـ ب)

٦٨/[١١٨] انهيءَ جاءِ وٽ ٻيٽو جنهن کي موج ٿا چون: يعني محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ مان سيوستان ڏانهن روانو ٿيو ۽ اول اول ”موج“ وٽ ٻيٽو جا نيرون ڪوٽ

کان ٿيهن نرسنگن ٿي هئي. لغت جي لحاظ سان "موج" معنيٰ ٺڪو وهندڙ پاڻي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته غالباً محمد بن قاسم ڪنهن "نڍڻ" وٽ پهتو جا برسات سبب وهي رهي هئي. نيرون ڪوٽ ۾ محمد بن قاسم دعا گهري هئي جنهن تي گهڻي برسات پئي هئي (ص ١٦٥) ان مان ظاهر آهي ته چوماسي جي مند شروع ٿي چڪي هئي. اڳتي هيٺ بيان مان ظاهر آهي ته "موج" وٽان روانگي ٿيڻ بعد محمد بن قاسم سڌو سيوستان (سهوڻ) جي قلعي وٽ وڃي پهتو، ۽ هن موج وٽ ئي اتي جا شمني (ٻڌ ڌرم جا زاهد) ڪنجي وٺي آيا ۽ ساڻس صلح جو پڪو عهدنامو ڪيائون.

مؤرخ بلاذري هن موقعي بابت لکي ٿو ته: محمد بن قاسم، "مهراڻ جي اوريان هڪ نهر کي عبور ڪيو، ۽ (اتي) سربيدس جا شمني وٽس آيا ۽ ساڻس صلح ڪيائون" (فتوح البلدان ص ٤٣٨). پر مؤرخ اليعقوبي (٢ × ٢٢٧) جو بيان آهي ته محمد بن قاسم "مهراڻ جي اورئين سنڌ جي هڪ نهر ٽپيو ۽ (اتان) مهيان (سيهوڻ) ڏانهن روانو ٿيو."

بلاذري ۽ يعقوبي جي هنن حوالن جي فتحنامي جي عبارت سان پوري مطابقت آهي، ۽ ظاهر آهي ته فتحنامي جي "موج" هنن مؤرخن جي "نهر" آهي: ٻئي مؤرخ، الهندي طرف ممالڪ اسلاميه مان لکندي چون ٿا ته: اها "مهراڻ جي اوريان" آهي، جنهن جي معنيٰ ته مهراڻ کان الهندي طرف هئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي جغرافيءَ تـي نظر ڪندي معلوم ٿئي ٿـو ته حيدرآباد (جتي غالباً قديم نيرون ڪوٽ هو) ۽ سيهوڻ جـي وچ تـي الهندي طرف واري ڪوهستاني اراضـيءَ ۾ سنڌوندي جـي ڪنهن به شاخ جـو هئڻ ممڪن ناهي. محمد بن قاسم ڪان اڳـ يا پوءِ جي تاريخ مان به هـن خيطي ۾ اهڙي ڪنهن الهندين شاخ جو ثبوت ڪونه ملي. جيڪڏهن هن خيطي ۾ مهراڻ جي الهندي طرف ڪا نهر ڪي سگهي ٿي ته اهـا ڪا ننڍي ٿي هوندي، ۽ فتحنامي جو لفظ ”موج“ انهيءَ دليل تي پڌرو شاهد آهي.

مگر سوال آهي ته ڪهڙي ننڍي هئي جا محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ کان سيهوڻ طرف ڪوچ ڪندي ٽپي؟ جيئن ته هـن اراضي ۾ صرف ننڍن سن تي هڪ ندايان ۽ قديم اٿن آهي، ۽ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته غالباً اهائي نئن آهي جنهن کـي فتحنامي ۾ ”موج“ ۽ عربي تـاريخن ۾ ”نهر“ سڏيو ويو آهي. فتحنامي مطابق، ”انئي جي شمنين (يعني ٻڌ ڌرم جي اڳوانن) محمد بن قاسم سان موافقت ڪئي“ (ص١٦٨). مگر ننڍن سن لڳـ ڪي به اهڙا آثار ڪين آهن جي انهن شمنين جي قديم بستي جو ڪو پتو ڏين. هن سلسلي ۾ مؤرخ بلاذري جـو بيان زيـاده قرين قياس آهـي. بقول بلاذري (ص ٤٣٨) محمد بن قاسم ”نهر .... ٽپي پـار پيو. ان بعد سربيدس (يـا سربندس) جـا شمني وٽس آيـا ۽ ساڻس صلح ڪيائون.“ ظاهر آهي ته اهـي شمني، محمد بن قاسم کي هن ”نهر“ اڪرڻ کان پـوءِ مليا يعني ته سنڌن بستي ”نهر“ جي ڀرپاسي ڪٿي هئي. هاڻي، ’ننڍن سن‘ جي الهندي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طرف عامري وٽ قدم ڏڙا ۽ کنبرات آهن ۽ ساڳئي طرح لکي وارو هنڌ به ڪافي قديم آهي جو ٻنهنجي نزديڪ وارن جبلن ۽ پاڻيءَ جي چشمي سبب ڌرم جي راهبن جي قيامگاهه لاءِ هڪ موزون مڪان آهي. غالباً اهي شمني انهيءَ جاءِ تي رهندڙ هئا؛ فتحنامي جي عبارت موجب، هنن اتان سيوهڻ جي حاڪم ٻجهراءِ ڏي پيغام موڪلي ٻئي ڪيس صلح لاءِ آماده ڪيو، جنهن جي معني ته اهي شمني سيوهڻ کان ڪو گهڻو پري ڪونه هئا. جيئن ته لکي سيوهڻ کان گهڻو پري نه آهي. انهيءَ ڪري، فتحنامي جي عبارت جي روشنيءَ ۾، اهو مقام ئي شمنين جي مسڪن ٿيڻ معلوم ٿئي ٿو.

فتحنامي ۾ چاڻايل آهي ته ”وج، نيرون ڪوٽ کان ٽيهن فرسنگن تي هئي. جيڪڏهن هڪ فرسنگ ٽن ميلن جي برابر ليکجي ته اهو مفاصلو ٩٠ ميل ٿيندو جو تقريباً حيدرآباد کان سيوهڻ جو مفاصلو آهي. انهيءَ ڪري يا ته جنهن وقت فتحنامو لکيو ويو، ان وقت فرسنگ جو مفاصلو تقريباً ڏيڍ ميل جي برابر هو، ڇاڪاڻ ته ٽڪڙ سڀ تقريباً حيدرآباد کان ٤٥ ميلن جي مفاصلي تي آهي؛ يا ته وري فتحنامي جي فارسي عبارت ۾ خلل آهي ۽ ممڪن آهي دراصل ”سي فرسنگ“ (يعني ٽيهه فرسنگ) جي بدلي ”بيست وسي فرسنگ“ (ٽيويهه فرسنگ) هجي. ٽي ميل في فرسنگ جي حساب سان اهو مفاصلو ٦٩ ميل ٿيندو جو لڳ ڀڳ حيدرآباد کان لکي جو مفاصلو آهي؛ فتحنامي جي عبارت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”اتي جا شمني“ مان مراد، جيئن مٿي سمجهايو ويو آهي، غالباً لکي جا شمني آهي، ۽ ڏنل مفاصلو به انهيءَ ماڳ سان لاڳو سمجهڻ گهرجي. والله علم بالصواب. (ن ـ ب)

١٦٨ / [١١٨] قلعي جو بادشاهه: يعني سيوهڻ جي قلعي جو بادشاهه. (ن ـ ب)

١٧١ / [١٢٠] سندس قلعو کنڀ نهر جي ڪناري تي سيسم [نالي] هو: يعني ته اهو قلعو ٻڌيه علائقي جي حاڪم جو هو جتي سيوهڻ جي حاڪم ٻجهراءِ ٻچي وڃي پناهه ورتي. ”ڪنڀ“ يا ”ڪنب“ وڏي شاهي تلاءَ يا ڍنڍ جي معني ۾ اڄ ڏينهن تائين استعمال ٿئي ٿو، جنهن مان دليل نڪري ٿو ته ”ڪنڀ“ غالباً ساڳي منڇر جي ڍنڍ آهي جا محمد بن قاسم جي ڏينهن ۾ به يقيني طور موجود هوندي. فتحنامي جي اصل فارسي عبارت ”آب ڪنبه“ آهي جنهن جي لفظي معني ”ڪنڀ جو پاڻي“ ۽ عام اصطلاحي معني ’ڪنڀ جي نهر‘ آهي. جيئن ته منڇر جي ڍنڍ قديم الهندين ناري سان ڳنڍيل هئي، انهيءَ ڪري ناري کي ”ڪنڀ نهر“ يا ’ڍنڍ واري نهر‘ چئي سگهجي ٿو. هيگ (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص ٥٨) تورڙي هوڙي والا (ص ٨٩) ٻنهي انهيءَ راءِ جا آهن ته ”ڪنڀ“ مان مراد منڇر ڍنڍ آهي. البت هيگ (ص ٥٨) جي خيال ۾ ”سيسم“ ساڳيو ”شاهه حسن“ آهي جو منڇر جي الهندين ڪناري تي آهي. سندس اهو گمان غالباً محض انهن ٻن نالن جي اچارن ۾ مناسبت تي مبني آهي، ۽ اسان جي خيال ۾ صحيح نه آهي. شاهه حسن ڪاٿي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پوئين زماني جي بستي آهي. سيهر جي قلعي جي بـاري ۾ صرف ايترو چئي سگهجي ٿـو تـه اهو يا منڇر جي ڍنڍ جي ڪناري تي يا قديم الهندين ناري جي ڪپ تي هو. (ن-ب)

١٧٣ / [١٣١] بندهان هيءَ بستي، ڪلپ جي ڪناري تـسي هئي، جتي محمد بن قـاسـم سيهـر جـسي قلعي تـسي چڙهائـي لاءِ اچي منزل ڪئي. بندهـان پڙهڻي قديـم نسخي ۾ جي آهي ۽ اسان انهيءَ کـي اختيار ڪيو آهي. ممڪن آهي تـه اصل سنڌي نالو "بند+هان" هجي ۽ منڇر جي ڪنهن قديم بند سبب انهيءَ بستي تـي اهـو نالو پيو هجي، يا ممڪن آهي تـه اهو نالو اصل ۾ "بندان" هجي. ر م نسخن جي پڙهڻي "بلهان" آهـي يعني تـه هن ناليءَ ۾ "ل" جو اضافو آهي. انهيءَ لحاظ سان هيگ (ص ٥٨) انهيءَ بستي کـي موجـوده "بلهڻ" (Bilhan) ڳوٺ (ديه ديهه) سان تعبير ڪري ٿو جو سيهوڻ کان ٧ ميل اولهه طرف منڇر جي ڪناري تي آهي. (ن-ب)

١٧٣/[١٣١] جنهن جو وڏو اڪر، گنگا جي انهيءَ گهڙ کان، جنهن کي اوندوهار ٿـا سڏين، آيـو هو: اصل فارسي عبارت منجهيل ۽ غالباً ناقص آهـي (ڏسو حاشيه ٣، ص ١٧٢)، ۽ انهيءَ ڪري ڪنهن ۾ صحيح نتيجي تـي پهچڻ مشڪل آهـي. ميجر راورٽي (مهران، حاشيـه ٥٠٠، ص ٢٣٤) محض اوٽ تـي پنهنجي پڙهڻي اختيار ڪئي آهي ۽ سنڌس پڙهڻي ۾ ڏنل شهرن جـي نالن جـو هوڙي والا (ص ٨٩) پتو ڏنو آهي، مگر جيئن تـه راورٽي جي پڙهڻي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محض خيالي آهي، انهيءَ ڪري هوڙي والا جي تشريح بہ بيسود آهي.

اصل فارسي عبارت ۾ ڇپيون ٿالو ”اڪر“ آهي جنهن کي اسان بہ ترجمي ۾ ”اڪر“ ڪري لکيو آهي. مگر اهو ٿالو ”اگر“ بہ ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌ جون اگر، ”آگرا“ ۽ آگڙا قومون ممڪن آهي تہ انهي ”اگر“ جي نسل مان هجن. اڳتي بہ هو خاص ٿالو اصل فارسي عبارت موجب ”ڪداره ڪنڪ“ آهي جنهن کي اسان ”گذاره گنگ“ سمجهي، ان جو ترجمو ”گنگا (ندي) جو گهٽ“ ڪيو آهي. فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر جي خيال ۾ شايد اهو ٿالو ڪنهن ملڪ يا سندر جو آهي (ڏسو فتحنامو فارسي متن، حاشيہ ٨، ص ١٢١). لفظ ”اوندوهار“ جي پڇاڙي ”وهار“ مان ظاهر آهي تہ اهو هڪ ٻڌ جي مندر جو ٿالو آهي. (ن-ب)

١٧٦ / [١٣٤] ٻهطلور: تحفتہ الڪرام (٢×٢٥) جي پڙهڻي ”ٻهلطور“ آهي.

١٧٧ / [١٦٤] حميد بن وداع النجدي: صحيح ٿالو ”حميد بن وداع البُحيري“ آهي. ڏسو هيسٽ، نوٽ ص ٣١٨/[٢١٧]. (ن-ب)

١٧٩/[١٣٥] ٻغرور جي قلعي جي مقابل ٻَڌيہ طرف جي اها اراضي. الخ: محمد بن قاسم ٻَڌيہ جو پرڳڻو سيهون وٺڻ بعد فتح ڪيو، جنهن جي معني تہ اهو سيهون کان ستي اتر طرف هو. هن پرڳڻي جي گادي ”ڪاڪا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راڄ“ شهر هو ۽ انهيءَ ناليءَ جو نشان هيٺئر به ”ڪڪر“ جي ناليءَ ۾ موجود آهي. انهيءَ جي معنيٰ ته ٻڌيه پرڳڻو، مهراڻ درياءَ جي ساڄي طرف سيهوڻ کان اتر طرف هو ۽ موجوده ضلعي دادو جو اترئون پاڱو ان ۾ شامل هو. مگر زير بحث عبارت مان، جو خود محمد بن قاسم جو بيان آهي، ظاهر آهي ته ٻڌيه جي اراضي اچا ۽ گهڻو اتر طرف لاڙڪاڻي ضلعي ۽ سکر ضلعي جي درياءَ جي سڄي طرف وارن پاڱن- وينديءَ ”بغرور جي قلعي جي مقابل“ يعني ته بغرور جي قلعي جي آمهون سامهون واري حد تائين هئي جا محمد بن قاسم فتح ڪئي. ظاهر آهي ته بغرور جو قلعو درياءَ جي هڪ طرف (ڪاڙهي) هو ۽ ٻڌيه جي حد سامهون درياءَ جي ٻئي طرف (ساڄي) هئي. اڳتي هلي اچا به واضح ڪيو ويو آهي ته بغرور جو قلعو، اروڙ جي پرڳڻي جي حد اندر ۽ راجا ڏاهر جي هٿ هيٺ هو. چچنامي جي مختلف نسخن جي پڙهڻين مطابق هن قلعي جو نالو ”بغرور“ يا ”اغرور“ چاڻايل آهي (ڏسو متن ص ۱۷۹، حاشيه ۲)، مگر صحيح ”بغرور“ آهي ۽ اروڙ سان وابستگي جي بناءَ تي اهو قديم ٻکر وارو قلعو سمجهڻ گهرجي- جنهن لاءِ ڏسو متي نوٽ ص ۱۳/[۹]. (ن ـ ب)

۱۸۰/[۱۳۶] ڏاهر جو سوٽ: يعني بجهراءِ بن چندر جنهن جو ذڪر مٿي ص ص ۱۶۸-۱۷۱ تي اچي چڪو آهي. (ن ـ ب)

۸۱/[۱۸۶] مهراڻ جي ايراڏي طرف انهيءَ ماڙيءَ ۾ جا ڪشها (ڪڇ) جي سمنڊ جو پيٽ آهي؛ فارسي ايڊيشن جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متن ۾ ”ڪشها“ جي بدلي ”ڪنبها“ پڙهڻ اختيار ڪئي وئي آهي، ۽ فاضل ايڊيٽر گمان ڪيو آهي ته ڪنبها جي سمنڊ (بحر ڪنبها) مان شايد ”ڪنيات جي نار“ ڏانهن اشارو آهي (ڏسو ”چچنامو“ فارسي ايڊيشن ص ۲۶۲، نوٽ ص ۱۲۶). مگر اهو گمان قرين قياس نه آهي. محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ مان خط لکندي انهيءَ ماٿري جو ذڪر ڪري ٿو جا مهراڻ درياءَ جي ايرندي طرف هئي، ۽ جتي ڏاهر جو هڪ گورنر حڪمران هو. ڪنيات جي نار جنهن جي ماٿري گجرات جو ڏاکڻيون حصو ٿي سگهي ٿو، سو ته سنڌ کان گهڻو پري ۽ ڏاهر جي حڪمرانيءَ کان ٻاهر هئا. محمد بن قاسم جي بيان مان هيٺ صاف ظاهر آهي ته انهيءَ ماٿريءَ جو گورنر ٻيٽ جي قلعي جو والي هو؛ چچنامي ۾ اڳتي ايندڙ ذڪر مان پڻ تصديق ٿئي ٿي ته اهو ٻيٽ جو قلعو مهراڻ جي دوآبي (Delta) ۾ هو. محمد بن قاسم يقيني طور انهيءَ دوآبي جو ذڪر ڪري رهيو آهي، جو مهراڻ جي ڇوڙ وارين ٻن مکيه شاخن جي وچ ۾ هو جي ٻئي غالباً ڏکڻ طرف تقريباً سڌيون، رڻ ۽ الهندين ٻراڻ جي قديم هيٺين جي لڳ ڀڳ ڪڇ جي اراضي جي سامهون ڇوڙ ڪنديون هيون. انهيءَ لحاظ مان مهراڻ جو هيٺيون دوآبو هڪ معنيٰ ۾ چڻ ڪڇ جي سمنڊ جو ڀيٽ هو. انهيءَ ڪري اسان متين عبارت ۾ ”بحر ڪنبها“ جي بدلي ”بحر ڪشها“ پڙهڻ اختيار ڪئي آهي، جو ”ڪشها“ به معنيٰ ”ڪڇ“ بلڪل قرين قياس آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١٨١ / [١٣٦] بسامي [پٽ] راسل: فتحنامي جي معتبر نسخن مطابق اهو نالو انهيءَ طرح ٿيندو. مگر اسان جي خيال ۾ هيءُ نالو اصل کان غلط ڏنل آهي؛ صحيح نالو وسايو [پٽ] سربند ٿين گهرجي.

هت محمد بن قاسم جي بيان مان ظاهر آهي ته هيءُ شخص ٻيٽ جي قلعي جو حاڪم هو ۽ ڏاهر جي مکيه ماڻهن مان هو، مگر سندس پٽ محمد بن قاسم ڏانهن مائل هو.

هيٺ فتحنامي جي بيان مان ظاهر آهي ته ٻيٽ جو حاڪم وسايو [پٽ] سربند هو (ص ٢٢٥)؛ هو پاڻ ۽ سندس هڪ پٽ راسل، ڏاهر جا پورا فرمانبردار هئا ۽ انهيءَ ڪري اهي ٻئي سندس ٻئي پٽ موڪي جا مخالف هئا (ص ٢٢٦). مگر موڪو شروع کان ئي محمد بن قاسم ڏانهن مائل هو ۽ بالاخر سائنس شامل ٿيو ۽ سندس اطاعت قبول ڪيائين (ص ص ١٩١-١٩٥، ٢٠٧). انهيءَ تاريخي سياق مان ظاهر آهي ته هن جاءِ تي صحيح نالو وسايو پٽ سربند هئڻ گهرجي ۽ نه بسامي پٽ راسل. "بسامي" غالباً "بسايه" جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ ڪاتب يا فارسي مترجم سهو وچان وسايي جي بيءَ "سربند" جي بدران سندس پٽ "راسل" جو نالو لکي ڇڏيو آهي؛ (ن-ب)

١٧٩/[١٣٣] اشبهار: فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي خيال ۾ اهو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ هو (ڏسو فارسي ايڊيشن، ص ١٦٢؛ حاشيه ص ١٣٢) مگر اهو صحيح نه آهي. محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ بعد نيرون ڪوٽ فتح ڪيو ۽ ان بعد سيوهڻ ڏانهن روانو ٿيو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ سيهوڻ ۽ ٻئي جي فتوحات بعد موٽي نيرون ڪوٽ آيو. انهيءَ دوران ۾ بلاذري جي "فتوح البلدان" خواه فتحنامي ۾ اشبهار جي فتح جو ڪوبه ذڪر ڪونهي، جنهن جي بناء تي چئجي ته اهو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيهوڻ جي وچ ۾ هو. هن قلعي تي محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ کان ڏکڻ لاڙ طرف مهراڻ لنگهه لاءِ ويندي وقت چڙهائي ڪئي. "اشبهار" جي نالي ۾ "بهار" جي پڇاڙيءَ مان ظاهر آهي ته هن قلعي وٽ ٻه ڪو ٻڌ ڌرم جو مندر هو. لنپه محمد خان لغ "ٿڌ - جا - ٽڪر" اهڃاڻ ڏين ٿا ته غالباً هي قلعو انهيءَ اراضي ۾ هو. (ن - ب)

١٩٠ / [١٣٢] ٻيٽ جي حاڪم جاهين سان جنگ جوٽي: هن کان اڳ ۾ اچي چڪو آهي ته جاهين ڏاهر جي طرفان ديبل جو حاڪم هو ۽ اتان ڀڄي نڪتو هو (ص ص ١٥١-١٥٢). هن عبارت مان گمان نڪري ٿو ته ڏاهر، هاڻي جاهين کي محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ ٻيٽ جي قلعي جو ڪمانڊر مقرر ڪيو هو ۽ ڪيس حڪومت جا ۾ ڪلي اختيار ڏنا هئا، جنهن جي تصديق هيٺ اينڊڙ صفحي ٢٠٨ مان ٿئي ٿي. لهذا هت انهي جي "حاڪم" مان مراد "ڪمانڊر" وٺڻ گهرجي، ورنه ٻيٽ جا حڪمران يا والي وسايو پٽ سربند ۽ سندس ٻه پٽ موڪو ۽ راسل هئا (ڏسو ص ٢٢٥-٢٢٦). (ن - ب)

١٩١/[١٣٣] وجورتڻ قصبه وارو ملڪ: اصل متن ۾ فتحنامي جي ڇهن قلمي نسخن جي پڙهڻي "ولايت قصبه

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وجورته" ۽ هڪ نسخي ب جي پڙهڻي "ولايت قصبه جورته" آهي (ڏسو متي ص ۱۹۱، حاشيه ۳)، "قصبه" معنيٰ مرڪزي شهر جنهن جو نالو جملي قلمي نسخن موجب "وجورته" يا "جورته" ٿي ٿو ڳهرجي. جيئن ته ڇهن نسخن ۾ "وجورته" ڏنل آهي، انهيءَ ڪري اسان به انهيءَ نالي کي ترجيح ڏني آهي، ۽ انهيءَ اصل عبارت جو ترجمو "وجورته قصبه وارو ملڪ" ڪيو آهي. فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر "قصبه" جي بدران "قصه" ۽ "وجورته" جي بدران "سورته" پڙهڻي اختيار ڪري، متن ۾ "ولايت قصه و سورته" ضبط ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ ته "ڪڇ (قصه) ۽ سورٺ وارو ملڪ". مگر ايڊيٽر جي اها پڙهڻي صرف گماني آهي، ۽ فتحنامي جي ڪنهن به قلمي نسخي مان ان جي تائيد نٿي ٿئي. ساڳي طرح ص ص ۹۵؛ ۽ ۲۱۹ تي به فاضل ايڊيٽر "قصبه" جي بدران "قصه" (يعني ڪڇ) ڪري لکيو آهي، مگر اسان اتي به جملي قلمي نسخن جي پڙهڻي "قصبه" کي ترجيح ڏني آهي.

مؤرخ بلاذري (ص ۴۳۸) محمد بن قاسم جي فتوحات وقت قصه يعني ڪڇ جي ملڪ جي راجا جو نالو راسل لکيو آهي، فتحنامي (ص ۲۱۸) ۾ جاڻايل آهي ته ڪڇ جو ملڪ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت ڪيرج جي راجا ڏروهر جي حڪمراني هيٺ هو (يعني ته شايد ڪڇ جو حاڪم راسل سندس تابع هو). بقول بلاذري (ص ۴۴۰)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم سنڌ ۽ ملتان فتح ڪرڻ بعد ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ني چڙهائي ڪئي ۽ سرَسُت (يعني سورٺ يا سراشترَ) وارن سان صلح ڪيو ۽ ڪيرج (يعني ڪيرا جو گجرات جي گادي هو) جي راجا دوهر (فتحنامي جو "دروهر") سان مقابلو ڪيو مگر شڪست کائي ڀڄي ويو. غالباً دوهه ۽ دروهر جي شڪست بعد ئي محمد بن قاسم قصه يا ڪڇ کي به سنڌ جي اسلامي حڪومت سان ملائي ڇڏيو ۽ اهو ملڪ پنهنجي گورنر سليمان بن هذيل الازدي جي حوالي ڪيائين (ڏسو فتحنامو ص ٣١٨). انهيءَ جي معني ته قصه يا ڪڇ بعد ۾ فتح ڪيو ويو ۽ ان جي مٿان سنڌون سنڌو هڪ عرب گورنر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ڪري زير بحث صفحي واري عبارت ۾ "قصه ۽ سورته" (يعني ڪڇ ۽ سورٺ) پڙهڻي فرض قياس نه ٿيندي، جاڪاڻ ته سنڌ ۾ مهراڻ عبور ڪرڻ وقت ئي محمد بن قاسم جو ڪڇ ۽ سورٺ وارو ملڪ موڪي پٽ وساني کي ڏيڻ مٿين تاريخي حوالن جي روشني ۾ بي معني نظر اچندو.

موڪي جو پيءُ وسايو، مهراڻ درياء جي پيٽ يعني دوآبي (Delta) جو والي هو، ۽ محمد بن قاسم موڪي کي اهو پيٽ وارو علائقو ڏنو ۽ ان سان گڏ "قصبه وجورته" واري اراضي پڻ ڏني (فتحنامو ص ١٩٥). پڻ فتحنامي ۾ (ص ١٩١) ڄاڻايل آهي ته محمد بن قاسم اها وجورته" واري اراضي موڪي کي "جاگير طور" ڏني جنهن مان ظاهر آهي ته اها ڪا ٿوري اراضي هئي ۽ نه "ڪڇ ۽ سورٺ" يعني ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جو سڄو ملڪ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وري فتحنامي ۾ (ص ٢١٩) ڄاڻايل آهي ته هن قصبه وجورته وارو ڀاڱو ريگستاني هو. هاڻي سنڌ جو ريگستاني حصو هڪ ڏکڻ - اوڀر طرف ٿرپارڪر ضلعي وارو ڀاڱو آهي؛ فتحنامي ۾ قصبه جو نالو ”وجورته“ لفظي اصليت جي لحاظ سان ”وگورته“ ٿي سگهي ٿو ۽ ممڪن آهي ته اهو مهراڻي ۽ ٿر وارو ساڳيو خطو هجي جنهن کي هينئر وڳو چئجي ٿو. والله اعلم بالصواب. (ن - ب)

١٩٦/[١٣٦] جيئن حجاج جي فرمان جي منڍ ۾ لکيل آهي: غالباً هن کان اڳ پهتل حجاج جي خط (ص ص ١٨٢-١٨٦) ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ ڏاهر ڏانهن پيغام کڻي ويندڙ قاصد جي باري ۾ خاص هدايتون ڏنل آهن. (ن - ب)

٢٠٦/[١٤٤] حمران سنه ٩٣ هه ۾ لکيو: هي فقره جنهن ۾ ڪاتب جو نالو ۽ سال ڪتابت موجود آهن، ڪافي تاريخي اهميت رکي ٿو، انهيءَ ڪري ڪاتب خواه سنه ڪتابت ٻئي غور طلب آهن. خط جو لکندڙ حُمران، غالباً حمران بن ابان آهي، جنهن جي سوانحعمري مختصر طور هن طرح آهي. حضرت ابوبڪر رضه جي عهد ۾ جڏهن اسلامي لشڪر حضرت خالد بن وليد، جي ڪمانڊ هيٺ عَيْنُ التَّمر فتح ڪيو، تڏهن پرسان هڪ گرجا ”النُّقَيْرة“ ۾ ٻارڙا ڪتابت يا صورتخطي جي سکيا وٺي رهيا هئا، جن ۾ حُمران به هو. اهي به پنهنجي وڏن سان گڏ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لڙائي جي قيدين جي حيثيت ۾ نظربند ٿيا. حمران کي حضرت عثمان رضه خريد ڪري آزاد ڪيو، ۽ کيس ان ڪتابت جي تعليم ڏياريائين؛ ان بعد هو حضرت عثمان رضه جو ڪاتب توڙي حاجب ٿي رهيو ۽ حضرت عثمان رضه جي دور ۾ شروع ۾ سندس حوالي هئي. پوءِ وري حضرت عثمان رضه طرفان بصره جو حاڪم مقرر ٿيو ۽ هڪ شخص عامر بن عبدالقيس التميمي جنهن حضرت عثمان جي شڪايت ٿي ڪئي، ان جي خلاف حضرت عثمان رضه ڏانهن رپورٽ لکيائين. عبدالملڪ جي عهد ۾ سندس حمايت ڪيائين ۽ مصعب بن زبير جي شهادت (جمادي الاول يا الاخره سنه ٧٢ هه) بعد بصره تي قبضو ڪيائين. زياد جي گورنري واري زماني ۾ ڪو وقت شيراز ۽ فارس جو گورنر هو. اول ۾ حجاج مٿس سخت ڪاوڙيو، ۽ سندس ملڪيت ضبط ڪيائين ۽ کيس سزا ٿي ڏنائين مگر خليفي عبدالملڪ حمران جي زوردار سفارش ڪئي، جنهن تي حجاج سندس ملڪيت واپس ڪئي ۽ خليفي ڪان ڪنيل قدم لاءِ معافي ورتي. حمران کي حديث جي راوين ۾ شمار ڪيو ويو آهي (ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ص ٣٤٧-٣٥٢ ۽ ٣٦٨؛ ۽ انساب الاشراف جلد ٤ ص ص ١٦٠، ١٦٢-١٦٤، جلد ٥ ص ص ٥٧-٥٨، ٦٦، ١٨٦؛ ابن قتيبة، ڪتاب المعارف ص ٢٢٢-٢٢٣؛ ابو علي القالي، الامالي ص ١٨٢؛ العقد الفريد، جلد ٢ ص ص ٩٢، ٢٠٨، ٢٦٥؛ ڪتاب المحبّر ص ٤٨٠؛ اصابه، رقم ١٨٩٨؛ طبري جلد ٢ ص ٧٩٩؛

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابن خلڪان، 393؛ تاريخ ابن ڪثير، تحت سنه ۷۵؛ المقدسي، جمع بين رجال الصحيحين، جلد ۱ ص ۱۱۵).

مٿين مختصر سوانح مان ظاهر آهي ته حمران ڪتابت جي فن جو ڄاڻو ۽ ڪاتب هو. حجاج جڏهين واسراء ٿيو (سنه ۷۵ هه) تڏهين جيئرو هو. سندس وفات بابت ڪا پڪي تاريخي ثابتي موجود ڪانهي. البت ابن حجر لکي ٿو ته: "هن ۷۰ هجري بعد بصره ۾ وفات ڪئي. ڪي چون ٿا ته سنه ۷۱ هجري ۾؛ ڪي چون ٿا ته ۷۵ هجري ۾ ۽ ڪي چون ٿا ته ۷۶ هجري ۾" (اصابه، جلد ۱ ص ۳۸۰). ابن حجر ڪافي بعد جو مصنف آهي ۽ سندس هن بيان مان ظاهر آهي ته ڪنهن به پوري پڪ ڪانهي ۽ ڪيس مليل روايتون محض گماني آهن. انهيءَ جي برعڪس، فتحنامي ۾ محفوظ ٿيل خود حمران جو اڪيل خط وڌيڪ معتبر آهي ۽ ان جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته هو ۹۳ هجري تائين جيئرو هو ۽ ان وقت هو حجاج جي ڪاتبن (منشين، سيڪريٽرين) مان هڪ هو. جيئن ته خالد بن وليد "عين التمر" سنه ۱۳ هه ۾ فتح ڪيو ۽ ان وقت حمران ٻارڙو هو يعني تقريباً ستن اٺن ورهين جو هو، ته انهيءَ حساب سان سنه ۹۳ هجري ۾ سندس عمر تقريباً ۸۷ يا ۸۸ ورهيه هوندي جا بلڪل قرين قياس آهي. (ن ـ ب)

۲۱۰/[۱۴۷] جهم ۽ ڪرهل جي پرڳڻن ـ الخ: جهم جو پرڳڻو غالباً انهيءَ سا ڳي اراضي تي مشتمل هو جنهن جو مرڪز "جهم پير" جي زيارتگاهه آهي. جهم پير معنيٰ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”جهم جي اراضي جو پير.“ ”جهر“ جي معنيٰ هيانهين نشيب واري زمين جا موجوده جهم پير کان اتر طرف ان شروع ٿئي ٿي ۽ وڃي ڏکڻ طرف هلي وڃي ٿي جن ۾ سونهري ۽ ڪينجهر جهڙيون ڍنڍون به اچي وڃن ٿيون. انهي نمڪدي يا جهم يعني نشيب واري سائري جو ڏاکڻيون ڏنگ تقريباً ڪينجهر ڍنڍ جو ڏاکڻيون ڇيڙو سمجهڻ گهرجي جو ٺٽي کان تقريباً ١٩ـ٢٠ ميل اتر طرف آهي.

”ڪرهل يا گرهل يا گوهر (نهڊو ۽ وڏو) ٺٽي جي پسگردائي ۾ هو جيئن ته ڪتاب بيان العارفين ۾ ڄاڻايل آهي. اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾ گرهر ٺٽي جي پرڳڻي ۾ داخل هو ـ ڏسو آئين اڪبري طبع بلاخمن، ص ٧٥٧“ (ع ـ م). اميرن جي ڏينهن تائين ٺٽي جي اتر ـ اوبر واري اراضي کي ”گرڙ“ سڏيندا هئا، جنهن ۾ خان سومرو هڪ طاقت وارو سردار هوندو هو ۽ بعضي اميرن جي به ڪان نه ڪڍندو هو. ظاهر آهي ته گرڙيا گرهر يا گرهل يا فتحنامي وارو قديم ڪرهل وارو پرڳڻو، جهم پرڳڻي جي لڳو لڳ ڏکڻ طرف هو ۽ ممڪن آهي ته ان جي ڏکڻي سرحد موجوده ٺٽي شهر کان به ڪائي ڏکڻ طرف تائين پکڙيل هجي. (ن ـ ب)

٢١٥/[١٥٠] پوءِ حجاج جي حڪم سان پڇيل ڪپهه آئي، سرڪي ۾ پوڙي خشڪ ڪندا ويا؛ مؤرخ بلاذري پڻ هن حقيقت جي تائيد ڪئي آهي ـ ”وعمد الحجاج

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

الي القطن المحلوج فنقع في الخل الخمر الحاذق ثم جفف في الظل" (فتوح البلدان ص ۴۲۶) - يعني ته حجاج جي تجويز موجب ڪپهه کي سرڪي ۾ آلو ڪري پوءِ ڇانو ۾ سڪايو ويو. (ن - ب)

۲۱۵/[۱۵۱] هن داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم روايت ڪئي آهي: "خواجه امام ابراهيم" مان مراد غالباً امام ابراهيم بن عبدالله بن الحسن بن الحسن بن علي بن ابي طالب آهي جو "قتيل با خمرا" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سنه ۱۴۵هه ۾ امام ابراهيم ۽ سندس ڀاءُ امام محمد ڪليو ڪلايو خليفي منصور عباسي جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ٻئي بالاخر شهيد ٿيا.

امام ابراهيم ڪان هن تاريخي روايت لاءِ ٻه اهم ثبوت آهن: (۱) پهريون ته امام ابراهيم هڪ وڏو عالم هو ۽ ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي شعبن ۾ دسترس هئس. "عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب" جي مصنف لکيو آهي ته: امام ابراهيم گهڻن ئي علمي شعبن جو وڏو ڄاڻو هو (ڪان ابراهيم من ڪبارالعماء في فنون ڪثيرة. ص ۸۵). وڌيڪ لکي ٿو ته جڏهن امام ابراهيم، خليفي منصور عباسي جي خوف کان خفيه زندگي گذاري رهيو هو، تڏهن بصره جي عالم مفضل بن محمد الضبي وٽ اچي رهيو ۽ ڪانئس قديم عربي شعر جا ڪتاب مطالعي لاءِ ورتائين ۽ انهن ڪتابن ۾ اسي (۸۰) چونڊ قصيدن تي پنهنجا نشان لڳايائين. سندس شهادت بعد مفضل اهي قصيدا "المفضليات" جي نالي سان شايع ڪيا (ا - م).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عربي ادب جي مشهور محقق علامہ عبدالعزيز الميمني سابق پروفيسر ۽ صدر شعبہ عربي مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ، ۱۴۴ ۾ "آل انڊيا اورينٽل ڪانفرنس" (بنارس) ۾ پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ مضبوط دليلن جي بناء تي مٿين نظريي جي تائيد ڪئي هئي تہ عربي شعر جو مشهور مجموعو "المفضليات" غالباً امام ابراهيم جي حسن انتخاب جو نتيجو آهي. هن سان ثابت ٿيو تہ امام ابراهيم هڪ وڏو اديب هو. مگر ادب کان سواء هو ٻين علمي شعبن ۾ بہ ماهر هو جيئن تہ "عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب" جي مصنف لکيو آهي: انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ غالباً کيس تاريخ ۾ بہ ڪافي دسترس هئي. (٢) سنڌس طرفان سنڌ جي هن تاريخي روايت جو ٻيو اهم ثبوت هيءَ آهي تہ امام ابراهيم خود سنڌ ۾ ڪجهہ وقت لاء آيو هو. جڏهن خليفي منصور عباسي، ابراهيم ۽ محمد جي والد عبدالله کي گرفتار ڪيو، تڏهن هي ٻئي ڀاءُ خوف کان عدن ڏانهن هليا آيا ۽ اتان ٻيڙين ذريعي سنڌ ۾ آيا. مگر ڪنهن جاسوس وڃي (منصور طرفان) سنڌ جي گورنر عمر بن حفص کي سندن خبر ڏني جنهنڪري هو وري اتان نڪتا ۽ ڪوفہ ۾ آيا (ڏسو طبري ٣ × ٢٨٢ ۽ ابن خلدون ٣ × ١٨٨). غالباً سنڌ ۾ انهيءَ مختصر قيام جي دوران ۾ ئي امام ابراهيم، سنڌ جي مشهور فاتح محمد بن قاسم جي تاريخي فتوحات جي تحقيق

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪني ۽ ڪاني وثـوق سان چئي سگهجي ٿو ته هي، روايت سندس تحقيق جو نتيجو آهي. (ن - ب)

٢٢٣/[١٥٥] اگهم جي رستي تي مقرر ڪيائين: يعني اهو رستو جنهن تـي اگهم جو شهر واقع هو. اگهم مان مراد غالباً ”اگهم ڪوٽ“ آهي جنهن بابت مير علي شير قانع لکي ٿـو ته: ان تي اهو نالو اگهم لوهاڻي جي پوپان پيو (تحفة الڪرام ٣×١٦٢). غالباً آڳاٽي زماني ۾ اها اراضي لوهاڻي پرڳڻي ۾ داخـــل هئي، جنهن جي گادي جو هنڌ برهمڻاباد هو. اگهم، راءِ گهراڻي جـي ڏينهن ۾ لوهاڻـي جي پـرڳڻي جـو حاڪم هـــو جنهن چچ جـــي مخالفت ڪئي (ڏسو فتحنامو ص ص ٥٥-٩٥). تحفة الڪرام جـــي مصنف جي اها راءِ قرين قياس آهي ته هن اگهم ئي اهو اگهم ڪوٽ جو شهر ٻڌايو. مير علي شير اگهم ڪوٽ ۾ مدفون اوليائن مان مخدوم اسمعيل سومري وغيره جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان ظاهر آهـي ته ”اگهم ڪوٽ“ مان سندس مراد اها قديم بستي آهي جنهن کي هينئر ”اگهاماڻو“ سڏجي ٿو، جو حيدرآباد کان تقريباً ٢٥-٢٠ ميل ڪن ڏکڻ-اوڀر طرف مهراڻ جي هڪ قديم مجرئي يا ڀوري تي واقع آهي. غالباً اهو ڀورو ساڳيو اهـــو آهي جو قديم برهمڻاباد واري اراضي مان وهندڙ هو جتي (شهدادپور ۽ ٽنڊه آدم کان اوپر طرفان) اڄ تائين ان کي ”لوهاڻو درياءُ“ چون ٿا، يعني ته قديم لوهاڻي پرڳڻي مان وهندڙ درياءَ. غالباً قديم برهمڻاباد کان وٺي اگهم ڪوٽ تائين، ان وقت جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مهراڻ درياءَ جي ماٿري لوهاڻي پرڳڻي ۾ داخل هئي جنهن تي اگهم جي حڪومت هئي. (ن ـ ب)

٢٣٢/[١٦١] پوءِ محمد علافي هن (ڏاهر) ڪان جدا ٿي بيلمان جي حڪومت ڏانهن هليو ويو: هيءَ روايت، محمد علافي بابت اڳتي ايندڙ بيانن جي خلاف آهي. هن روايت موجب محمد علافي ڏاهر کي ڇڏي هليو ويو ۽ بيلمان جي حڪومت ۾ وڃي رهيو تان جو ڏاهر جنگ ۾ مارجي ويو. مگر اڳتي ايندڙ بيانن مان ظاهر آهي ته محمد علافي ڏاهر ۽ سندس پٽ ڄاڻ وسندي سندن آخري شڪست تائين شامل رهيو. مثلاً جڏهن ڏاهر پنهنجي پٽ جيسينه کي اول اول محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ موڪليو ته محمد علافي به خاص صلاحڪار طور ساڻس گڏ ويو ۽ ان وقت ڏاهر کي جنگ جي حرڪت بابت پڻ پنهنجي راءِ کان واقف ڪيائين (ص ص ٢٤٥-٢٤٦) ڏاهر جي مارجڻ بعد پڻ هو سندس پٽ جيسينه جو حامي ۽ صلاحڪار ٿي ويو (ص ص ٢٨٠-٢٨١). البت جڏهن جيسينه نااميد ٿي برهمڻاباد جي قلعي مان به ڪوچ ڪيو ۽ سنڌ کي ڇڏي وڃي چترور جي ملڪ ۾ پناهه گزين ٿيو، تڏهين محمد علافي ڪانئس هميشه لاءِ موڪلائي پنهنجي راهه اختيار ڪئي (ص ٢٩٥)، ڇاڪاڻ ته هاڻي جيسينه جي حيثيت هڪ پناهه گزين جي هئي ۽ منجهس مقابلي جي طاقت ڪانه رهي هئي. محمد علافي ڪانئس جدا ٿي اول اول طاڪيه (يعني "ٽڪاديش" جو ملتان جي اتر ۾ هو) ۾ آيو ۽ اتان بالآخر ڪشمير جي راجا وٽ ويو جنهن سندس وڏي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مرحبا ڪني ۽ ٻيس جاگيرون ڏنائين جتي هو هميشه لاءِ وڃي مقيم ٿيو (ص ص ٢٩٥-٢٩٧).

٢٢٣/[١٦١] پوءِ محمد بن قاسم هن (محمد علافي) کي امان ڏيئي، کيس ملڪ جي وزارت جو پروانو لکي ڏنو- الخ: هتي لفظ "پوءِ" جو مطلب اهو نه آهي ته محمد علافي جي ڏاهر سان جيسيته ولسان ڇڏي وڃڻ کان "يڪدم پوءِ"؛ لفظ "پوءِ" صرف واقعات جو تسلسل ڏيکاري ٿو ۽ نه وقت جي قرابت، ۽ مطلب آهي ته "ان بعد"؛ يعني ته محمد علافي جڏهن ڏاهر ۽ سندس پٽ جي حمايت کان بالاخر هٿ ڪڍي جدا ٿيو ۽ وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ ٿي ويٺو، ان بعد ڪنهن موقعي تي محمد بن قاسم وٽ اچي پيش پيو ۽ هن کيس امان ڏنو. محمد علافي غالباً محمد بن قاسم اڳيان ملتان جي فتح بعد پيش پيو هوندو ڇاڪاڻ ته محمد علافي جو قيام "شاڪلهار" ديهه ۾ هو جتي کيس ڪشمير جي راجا طرفان پڪي جاگير مليل هئي (فتحنامو ص ٢٩٦) ۽ اهو "شاڪلهار"، ملتان ۽ تاڪيه (ڪاديش) جي اترئين سرحد تي ڪشمير جي سرحد لڳ هو (فتحنامو ص ٥١).

محمد بن قاسم جو محمد علافي کي امان ڏيڻ البت غور طلب آهي. محمد ۽ سندس ڀاءُ معاويه درحقيقت باغي هئا، جن مڪران جي گورنر سعيد بن اسلم ڪلابي کي قتل ڪيو هو؛ سندن سزا واسطي خود حجاج سنه ٨٥ هجري ڌاري مجاعه بن سعر تالي گورنر کي مڪران ڏانهن روانو ڪيو هو، مگر ان جي اچڻ کان اڳ علافي ڀڄي اچي سنڌ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي راجا ڏاهر سان پيڙا ٿيا هئا. ڏسو متي ص ص ۴۲۴-۴۲۵، نوٽ ۱۹۱ /[۲۷۰]. انهيءَ حالت ۾ حجاج جهڙي سرڪش وائسراء طرفان هيئر محمد علافي لاءِ امان جي ڪاب اميد ڪانہ هئي. پر پانهنجي تو ٺ شايد هن فيصلي ۾ محمد بن قاسم جي راءِ ۽ سفارش کي وڏو دخل هو. محمد علافي کي محمد بن قاسم امان شايد انهيءَ ڪري ڏنو جو هڪ تہ هن ڏاهر طرفان اسلامي لشڪر جي خلاف ترار ڪانہ ڪڍي ۽ ڏاهر کي صاف طور ٻڌايائين تہ "اسان مسلمان آهيون ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون جنگ نہ ڪنداسون ۽ نہ ترار ڪڍنداسون" (ص ۲۳۱). ٻيو وڏو سبب غالباً هيءُ هو جو محمد علافي، ڏاهر جي پٽ جيسينہ کان بالاخر جدا ٿي پنهنجي هوشياري ۽ قابليت سان ڪشمير جي راجا وٽ وڏو درجو حاصل ڪيو هو. سندس اهڙي وڏي لياقت هئي جنهن غالباً محمد بن قاسم کي متاثر ڪيو ۽ پيش پون بعد هن کيس امان ڏيئي پنهنجي طرفان سفير مقرر ڪيو. زير بحث صفحي تي اڳتي ڏنل عبارت مان ظاهر آهي تہ محمد علافي هڪ ڪامياب سياسي سفير ثابت ٿيو. (ن-ب)

۲۲۴/[۱۶۳] ڪيرج جو راجا سر بند، (۽) ڪنبہ يا ڪشہ جو مالڪ ڪوڪو پٽ موڪو: فتحنامي خواه مؤرخ بلاذري جي بيان موجب ڪيرج جو راجا دوهر يا دروهر هو، ۽ ڪڇ جو راجا راسل هو (ڏسو متي نوٽ ص ص ۴۷۴-۴۷۵). انهيءَ صورت ۾ هيءُ سربند شايد ڪيرج جي حڪمران خاندان جو ڪو فرد هو يا ان حڪومت جو ڪو ننڍو راجواڙو هو، ۽ ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن ڪشہ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مان مراد ڪڇ آهي نه، ڪوڪو به شايد انهي جي حڪمران گهراڻي جو ڪو فرد هو يا ان حڪومت جو ڪو ننڍو راجا. ن ب)

۲۳۸ / [۱٦٤] محمد بن ابي الحسن مدني ڪان روايت ڪئي اٿن: راوي جو نالو ٻنهي قلمي نسخن موجب ”محمد بن ابي الحسن مدني“ ۽ ب ن نسخن موجب ”محمد بن الحسن مدني“ طور ڏنل آهي. متي ص ۲۲٤ / [۱٦۲] تي ب ي هڪ روايت جملي نسخن جي متفق پڙهڻي موجب محمد بن حسن جي نالي منسوب آهي. ٿي سگهي ٿو ته انهن ٻنهي روايتن جو راوي ”محمد بن حسن مدني“ نالي ڪو شخص هجي. مگر گمان غالب آهي ته هنن ٻنهي جاين تي اصل صحيح نالو علي بن محمد ابوالحسن المدائني هو جنهن جي شروع واري حصي ”علي بن“ جي ڊهي وڃڻ بعد، ”محمد ابوالحسن المدائني“ واري فقري ۾ ”ابو“ کي ”بن“ بنايو ويو ۽ ”المدائني“ کي ”مدني“. مقدمي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته فتحنامي جو وڏو حصو ابوالحسن علي بن محمد المدائني جي تصنيف آهي ۽ اڪثر روايتون ان جون ئي جمع ڪيل آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان هيءَ ٻه روايتون به غالباً ان وٽان ئي آهن. (ن. ب)

۲٤۱ / [۱٦۷] وزير سياڪر: متي ص ۱۹۸ تي، هن صفحي تي ۽ ٻين هن کان اڳتي آيل بيانن مان ظاهر آهي ته وزير سياڪر، ڏاهر جو خاص صلاحڪار هو. هن نالي متعلق هوڊي والا جي تحقيق هيٺينءَ طرح آهي: ”اصل سنسڪرت نالو شايد ”شيڪشاڪر“ هجي، بمعني استاد يا رهبر، پڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هي نالو "پتشتڪر" ني سگهي ٿو جو ٻين شخصن جي علاوه، هڪ برهمن جو نالو هو جو سنه ۹۲۹ع ۾ ڪشمير جو راجا ٿيو ۽ ۹۴۸ع تائين رهيو (هرزي والا، ص ۹۰).

۳۵۱ / [۱۷۴] باقي ٻيا سوار ۽ ڪاتي، جاهين جي هٿ هيٺ، اسلامي لشڪر جي سامهون روانا ڪيائين: هي ۽ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ چوٿين ڏينهن واري جنگ جو بيان آهي. مگر متي ص ۲۴۳ تي چاڻايل آهي ته جاهين ٽئي ڏينهن واري جنگ ۾ مارجي ويو، انهيءَ ڪري يا ته هتي نالي ۾ غلطي آهي، يا ته هي ڪو ٻيو آهي. (ن-ب)

۳۵۲ / [۱۷۵]. زياد بن جلندیٰ ازدي: اصل متن ۾ "زياد بن جليدي ازدي" هو ۽ اسان "جليدي" جي تصحيح "جلندیٰ" ڪري مناسب سمجهي متن ۾ رکيو. مگر "جليدي"، "الحواري" جي بگڙيل صورتخطي به ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان نالي کي "زياد بن الحواري ازدي" به پڙهي سگهجي ٿو. غالباً هيءُ اهو ساڳيو شخص "زياد بن الحواري العتکي" آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ص ۲۷۰ / [۱۸۷] تي اچي ٿو، چاڪاڻ ته "العتکي" نسبة آهي، "بنو العتيک" بن الازد" ذاتهن ۽ انهيءَ ڪري 'عتکي" نسبة واري شخص کي "ازدي" به چئي سگهجي ٿو. مگر جيئن ته اسان هيٺ ص ۲۷۰ / [۱۸۷] جي نوٽ ۾ واضح ڪيو آهي، هيءُ شخص "زياد" نه بلڪ سندس پٽ "الحواري بن زياد" هئڻ گهرجي (ن-ب)

۳۵۳ / [۱۷۴]. خريم بن عروه مدني: جيئن ته جملي قلمي نسخن مطابق هن جاءِ تي انهيءَ نالي جي اها پڙهڻي آهي، انهيءَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري متن ۾ به ان کي انهيءَ ساڳيءَ طرح ورتو ويو آهي، مگر صحيح نالو يقيني طور ''خريم بن عمرو مدني'' سمجهڻ گهرجي. خريم جو ذڪر فتحنامي ۾ ڪيترن ئي جاين تي آيو آهي، ص ص ١٣٧ / [٩٨]، ١۴۴ / [١٠٣] ۽ ١٥٠ / [١٠٧] تي صرف ''خريم'' جي نالي سان ذڪر ٿيل آهي؛ ص ص ١۴٣ / [١٠٢]، ٢٧٨ / [١٩٢]، ٣١۴ / [٢٢٠] ۽ ٣٥١ [٢۴٠] تي پيءُ جي نالي سميت ''خريم بن عمرو'' طور آيل آهي؛ ص ٢٦٠ / [١٨٠] تي ڇاپي قلمي نسخن مطابق سڄو نالو نسبت سميت صاف طور ''خريم بن عمرو مدني'' ڏنل آهي ۽ ص ١٩۴ / [٢٠٢] تي نسبة ۾ ذرا تحريف آهي مگر ظاهراً اهو نالو ''خريم بن عمرو مدني'' آهي انهيءَ ڪري هن زير بحث نالي ۾ ''عروه'' يقيني طور ''عمرو'' جي تحريف آهي ۽ صحيح نالو ''خريم بن عمرو مدني'' سمجهڻ گهرجي. ص ٣٢٣ / [٢٢٠] تي ڏنل نالي ''جنيد بن عمرو'' ۾ به غالباً ''جنيد''، ''خريم'' جي تحريف آهي ۽ اتي به صحيح نالو ''خريم بن عمرو'' سمجهڻ گهرجي. (ن.ب)

٣٥٧ / [١٧٨] تميم بن زيد قيني: هن صفحي تي، ٽوڙي صفحن ٢٦٠ / [١٨٠] ۽ ٣١٢ / [٢١۴] تي، اصل فارسي متن ۾ هن نالي جي نسبة ''قيسي'' ڇاپيل آهي، مگر ڪالي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته صحيح نسبة ''قيني'' آهي، جا ''قضاعه'' جي قبيلي ''بَلْقَيْن يا آلْقَيْن بن جَسر'' ڏانهن منسوب آهي (ڏسو نقائض جرير و فرزدق، ص ص ١٣٠، ٦٧٥). نسبة ''القيني'' جي صورتخطي، ''العتبي'' ۽ ''القتبي'' نسبتن جي صورتخطي سان ايترو ته ملي ٿي جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهن ۾ اشتباه جي ڪافي گنجائش آهي، ۽ انهيءَ ڪري حافظ عبدالغني پنهنجي ڪتاب ”مشتبه النسبة“ (ص ٤٦) ۾ هن اشتباه ڏانهن خاص طرح اشارو ڪيو آهي. هن مصنف جو اهو اشارو بلڪل وزندار آهي ڇاڪاڻ ته مؤرخ بلاذري جي ڪتاب ”فتوح البلدان“ جي يورپ واري ايڊيشن (ص ٤٤٣) توڙي ياقوت جي ڪتاب معجم البلدان جي يورپ واري ايڊيشن (II/360) ۾ تميم بن زيد جي نسبة بلڪل هن اشتباه سبب ”العتبي“ ڪري لکي وئي آهي. مگر هيءَ نسبة اچا به ٻين اشتباهن جو مرتڪب ٿي آهي. جيئن ته فتحنامي توڙي ”معجم البلدان“ جي هڪ قلمي نسخي (حاشيو II/360) مطابق ان کي ”القيسي“ ڪري لکيو ويو آهي؛ ۽ تاريخ ابن خلدون (٣×٦٦–٦٧) ۾ ”الضبي“. مگر تميم بن زيد جي صحيح نسبة ”القيني“ آهي ۽ متعدد ڪتابن ۾ اها بالڪل انهيءَ طرح صحيح طور ذڪر آهي [ڏسو ديوان فرزدق، طبع ساوي، ص ١٩١؛ نقائض جرير و فرزدق، ص ص ٣٨٠–٣٨١ قلمي نسخي L، نمبر 3758 متحف برطانيه؛ ذيل آمالي (لابي علي القالي) ص ٧٧؛ الڪامل للمبرد، يورپ ايڊيشن، ١×٢٨٠؛ اللسان، ١×٢٤٧؛ ۽ ابن الاثير، ٤×٣٨٣].

فتحنامي جي ص ٢١٢/[٢١٤] مان ظاهر آهي ته تميم بن زيد، محمد بن قاسم جي فوج ۾ هڪ خاص لياقت وارو ماڻهو هو ۽ شهر برهمڻاباد جي برهمڻ ڪيش وچ ۾ آڻي محمد بن قاسم سان معاهدو ڪيو. تميم بن زيد جي انهيءَ لياقت ۽ محمد بن قاسم سان سنڌ جي فتوحات ۾ هنداس شموليت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ تجربي سبب ئي ڪيس تقريباً ۱۸-۱۹ سال ٻيهر سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو (فتوح البلدان، ص ۴۴۳) ۽ هو تقريباً ٻه سال ۱۰۹-۱۱۱ھ) انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. (ن.ب)

۲۶۳/[۱۸۴] ڏاهر هاٿيءَ تان لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو: هن حقيقت جي تصديق مؤرخ بلاذري جي روايت مان به ٿئي ٿي. و ترجل داهر و قاتل فقتل (فتوح البلدان ص ۴۳۸). يعني ته ڏاهر پيدل ٿي لڙائي ڪئي ۽ پوءِ قتل ٿيو. (ن - ب)

۲۶۶/[۱۸۵] ڏاهر جو سر ٻن (عمرو بن خالد) ئي ڌار ڪيو: مؤرخ بلاذري لکي ٿو ته المدائني جي روايت موجب ڏاهر کي بنو ڪلاب قبيلي جي هڪ شخص قتل ڪيو (فتوح البلدان، ص ۴۳۸). فتحنامي ۾ هيٺ ٻن صفحي تي عمرو بن خالد جي حجاج سان ڪيل گفتگو ڏنل آهي ۽ صفحي ۶۷: تي اهي اشعار ڏنل آهن جي هن حجاج اڳيان ڏاهر جي سر پيش ڪرڻ وقت پڙهيا. اهي ساڳيا اشعار بلاذري مٿي ڄاڻايل صفحي تي بنو ڪلاب قبيلي جي انهيءَ شخص ڏانهن منسوب ڪيا آهن جنهن ڏاهر کي قتل ڪيو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته عمرو بن خالد، بنو ڪلاب جي قبيلي مان هو ۽ هن ئي ڏاهر کي قتل ڪيو. البت بلاذري (فتوح، ص ص ۴۳۸-۴۳۹) اِها هڪ روايت ابن الڪلبي جي پڻ نقل ڪئي آهي جنهن موجب القاسم بن ثعلبه بن عبدالله بن حصن الطائي، ڏاهر کي قتل ڪيو. مگر ابن الڪلبي جي ڀيٽ ۾ مشرقي فتوحات جي سلسلي ۾ المدائني جي روايت زياده معتبر آهي، فتحنامي جي بيان توڙي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذري جي المدائني واري روايت، انهن ٻنهي جي مطابقت مان تصديق ٿئي ٿي ته عمرو بن خالد ڪلابي ڏاهر کي قتل ڪيو. (ن - ب)

٢٦٨/[١٨٥] محمد بن قاسم هن (ڏاهر جي زال لاڏي) کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو: اهو صحيح نه آهي- تفصيل لاءِ ڏسو مٿي ص ٤٤٣، بسلسلي نوٽ ص ١٣١ / [٩٤]. (ن - ب)

٢٧٠/[١٨٨] زياد بن الحَواريّ العَتَڪي^ اصل فارسي متن ۾ ”العتڪي“ جي بدران ”العبدي“ آهي، مگر انهيءَ نسبة سان اهو نالو ڪنهن به تاريخ ۾ نظر نٿو اچي. البت الحواري بن زياد بن عمرو العتڪي، بَنُو العَتِيڪ بن الازد قبيلي سان هڪ مشهور شخص ٿي گذريو آهي، ۽ الحواري جو پيءُ زياد، حجاج جي طرفان پوليس جو چيف هو (ابن دريد، ڪتاب الاشتقاق، ص ٢٨٤). غالباً زياد نه، مگر سندس پٽ الحواري جو زياده مشهور آهي، سو محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ شامل هو، ۽ انهيءَ ڪري متن ۾ به صحيح نالو ”الحواري بن زياد العتڪي“ هئڻ گهرجي. (ن - ب)

٢٧٥/[١٩٠] حجاج جي پنهنجي ڀائٽي محمد بن قاسم کي ذبح جي روايت: هي حڪايت تاريخي اعتبار سان بالڪل غير معتبر آهي، جيئن ته مٿي ص ٤٤١ نوٽ ص ١٣١ / [٩٤] ۾ تفصيل سان واضح ڪيو ويو آهي. (ن - ب)

٢٨٣/[١٩٤] لفظ ۽ زرنيخ، اصل فارسي متن ۾ ”زرنيخ“ جي بدلي ”زرداخ“ آهي جو هڪ مبهم لفظ آهي. متن ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن صفحي جي حاشيه هيٺ اسان واضح ڪيو آهي ته ”نفط ۽ زرنيخ“ هڪ قديم ڪيميائي اصطلاح آهي، ۽ ٻنهي لفظن ۾ ڄاڻايل واري ”خ“ ڏيکاري ٿي ته ”فرداخ“، ”زرنيخ“ جي بگڙيل صورتخطي آهي. هوڙي والا (ص ۹۳) فرداخ يا فرداج کي ”غرواه“ يا ”غراوه“ يا ”عراده“ جي بگڙيل صورت سمجهي ٿو جا قرين قياس ناهي. اول ته ٻنهي لفظن جي آخر ۾ ”خ“ ۽ ”ه“ اکرن ۾ ڪا اهڙي مناسبت ئي ڪانهي جا ڪاتب جي غلطي جو سبب بڻجي. ٻيو ته خود هوڙي والا جي بيان مطابق غرواه، غراوه، يا عراده جي معنيٰ ۽ تير آهي، مگر فتحنامي جي عبارت مان صاف ظاهر آهي ته ڪي شيءِ رات جي لڙائي ۾ ”نفط“ (يعني پيٽرول يا naptha تيل) سان گڏ استعمال ڪئي وئي. پٽرن جو تيل سان گڏ استعمال بي معنيٰ آهي، ۽ انهيءَ ڪري صحيح لفظ زرنيخ ئي آهي يعني هڙتال جو معدنيات مان آهي ۽ باهه جي الن ڀڙڪائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. (ن - ب)

۳۸۴/[۱۶۵] راجا ڏاهر جي پٽيءَ ”حسنه“ نالي پڻ اهڃاڻ ۾ هئي: ”حسنه“ نالو عربي آهي جو ڏاهر جي پٽيءَ جو ٿي نٿو سگهي. ممڪن آهي ته سندس نالو اهڙو هجي جنهن جي معنيٰ عربيءَ ۾ ”حسنه“ (سهڻي) هجي. مگر فتحنامي مان، سواءِ ”مائين“ جي ڏاهر جي ٻي ڪنهن به ڌيءَ جو نالو ثابت ڪونهي، ۽ انهيءَ کي پڻ راجا ڏاهر پنهنجي زال بنايو هو. انهيءَ حالت ۾ راجا ڏاهر جي هيءَ پٽيءَ ڪٿان پيدا ٿي! موجوده صورت ۾ هيءَ روايت بلڪل غير معتبر معلوم ٿئي ٿي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢٨٥ / [١٩٦] پوءِ اجازت موجب عبدالله انهيءَ (حسنه) کي نڪاح ۾ آندو: هيءَ ساڳي "حسنه" آهي جنهن جو ذڪر متين نوٽ ۾ اچي چڪو آهي. هيءَ بيان ٻه هڪ افسانو آهي. اول ته، عبدالله بن عباس رضه، وليد جي ڏينهن کان اڳ سنه ٦٨ ۾ وفات ڪري چڪو هو ۽ انهيءَ ڪري "حسنه" سان عبدالله نه، مگر سندس پٽ علي بن عبدالله جو وليد جي ڏينهن ۾ زنده هو تنهن شادي ڪئي هوندي، مگر اهو گمان ٻه نتحنامي جي هن کان اڳ آيل (ص ٢٧٩) بيان جي خلاف ٿيندو، جنهن موجب خود ڪعب بن مخارق (جو ان وقت خليفي وليد وٽ موجود هو). جي زباني بيان ٿيل آهي ته خليفي، ڏاهر جي ڀائيجي سندس حوالي ڪئي ۽ هن ساڻس شادي ڪئي مگر ڪيس منجهانئس اولاد ڪونه ٿيو. (ن-ب)

٢٨٦ / [١٩٧] نافع سنه نيانوي ۾ لکيو: خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي ته هيءَ نافع جو حجاج جو ڪاتب يا سيڪريٽري هو سو ڪير هو. هيٺيان نافع نالي شخص لڳ ڀڳ انهيءَ زماني جا آهن: (١) نافع بن جبير بن مطعم جو تابعي هو ۽ سنه ٩٩ هه ۾ وفات ڪيائين؛ (٢) نافع مولي آل زبير جو تاريخ جي مشهور راوين مان هو؛ (٣) نافع بن الحارث بن ڪلده، زياد جو ڀاءُ؛ (٤) نافع بن هرمز مولي عبدالله بن عمر رضه جو پڻ تابعي ۽ حديث جي معتبر راوين مان هو، ۽ حضرت عمر بن عبدالعزيز ڪيس نبي صلعم جي سنت سيکارڻ لاءِ مصر ڏانهن موڪليو هو. سنه ١١٧ يا ١٢٠ هه ۾ وفات ڪيائين. ممڪن آهي ته هي پويون نافع هن خط جو لکندڙ هجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢٨٩ / [١٩٩] هي اهي مسلمان زالون آهن جن حجاج جو ناٺو وٺي ڏني دانهون ڪيون: هي ڏاهر جي وزير سياڪر جي زباني آهي جنهن ڏاهر جي قتل بعد محمد بن قاسم اڳيان پيش پون وقت اهي زالون حاضر ڪيون. متي ص ١٢٥ تي چاٿايل آهي، ته جهازن جي ڦرجڻ وقت، بني عزيز قبيلي جي هڪ عورت هئي، جنهن حجاج جو ناٺو وٺي واهر لاءِ سڏ ڪيا. البت اڳتي وري چاٿايل آهي ته ديبل اندر قيد ۾ جملي مسلمان زالن حجاج جو ناٺو وٺي واهر لاءِ سڏ ڪيا. ان بعد ص ١٥٢ تي بيان ڏنل آهي ته جڏهن محمد بن قاسم ديبل فتح ڪيو تڏهن مسلمان زالون ۽ مرد جيڪي سرانديپ وارين ٻيڙين مان قيد ٿيا هئا يا جيڪي ٻيا ديبل جي لشڪر مان قيد ٿيا هئا سي سڀئي آزاد ڪيا ويا. وزير سياڪر جي متئين بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته گرفتار ڪيل قيدين مان ڪي چند زالون خود راجا ڏاهر وٽ قيد هيون جي سندس قتل بعد وزير سياڪر جي پيش پوڻ وقت حاضر ڪيون ويون.

٢٩١ / [٢٠١] جلوالي: هن صفحي تي اصل فارسي متن ۾ "برشط نهر جلوالي" (يعني جلوالي نهر جي ڪپ تي) الفاظ آيل آهن جنهن مان صاف ظاهر آهي ته "جلوالي" مهراڻ درياءَ جي ڪا هڪ ننڍي شاخ هئي. انهيءَ لحاظ مان هن ساڳئي صفحي تي "آبگير جلوالي" مان مراد "جلوالي جو ڍورو" آهي. وري صفحي ٣١٥ / [٢١٦] تي اصل فارسي متن "جوئي جلوالي" (يعني جلوالي جو ڍورو يا نهر) جو ذڪر آهي.

زير بحث صفحي مان پڻ ظاهر آهي ته نهر جلوالي، برهمڻاباد جي شهر جي ايرندي طرفان وهندڙ هئي ۽ محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن قاسم برهمڻاباد تي چڙهائي وقت هن نهر جي ڪناري تي اچي ڪئمپ ڪئي.

هي قديم نالو "جلوالي" (پاڻي واري) غالباً آهستي آهستي "جرواري" ۽ "جراري" ٿيو ۽ "جراڙي" جو ڳوٺ ۽ ديهه (شهدادپور کان ١٠ ميل اوڀر طرف) اڄ ڏينهن تائين مهراڻ جي انهيءَ قديم ڊوري يا شاخ جي قديم نالي جي يادگار طور موجود آهي. جراڙي وٽ انهيءَ قديم ڊوري جا نشان هن وقت به نمايان طور نظر اچن ٿا ۽ هي ڳوٺ انهيءَ قديم ڊوري جي بلڪل ڪپ تي آهي.

ميجر جنرل هيگ، جنهن ١٨٧٧ واري پيمائش (Survey) وقت مهراڻ جي پراڻي ڊورن جي ماپ ڪئي، هن نهر جلوالي جي مجرا ۽ پيٽ جو عرب جغرافيه نويسن جي بيانن ۽ پنهنجي معائني جي بناء تي پورو پتو ڏنو آهي. سندس بيان موجب: هيءَ شاخ، سڪرنڊ کان ١٠ ميل اوڀر طرف ڪٽري وٽان مکيه درياء مان نڪري، هيٺ منصوره جي اوڀر پاسي کان وهي، (ڏکڻ طرفان ور ڪري) منصوره کان ١٠ ـ ميل ڏکڻ ـ اولهه طرف اچي (مکيه درياء) لوهاڻي ۾ ڳڌبي هئي. ان جي جملي ڊيگهه يقيني طور ٥٠ ـ ميل ڪن هوندي .... اهــا شاخ عرب جغرافيه نويسن (نقشي ۾) مهراڻ درياء جي پيٽ واري سڌي لائين جي ڏاکڻي حصي ۾ اڌ گول جي صورت ۾ ڏيکاري آهي. ١٠ ھ (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص ١٢٥).

جلوالي جي انهيءَ قديم ڊوري جا نشان ڪٿي ڪٿي اڃا تائين موجود آهن ۽ تر جي ڪن پڙهيل ماڻهن کي اڃا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تائين انهيءَ جي پراڻي پٽ جو پتو آهي. سرزمين تي تحقيق ڪري ان بابت وڌيڪ هيٺيان حالات هٿ ڪيا ويا آهن، جي ميجر جنرل هيگ جي مٿين مختصر بيان تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهن ٿا.

جلوالي شاخ مڪيه درياءَ سان ڪلري وٽان نڪرندي هئي. ڪلري عرب جغرافيه نويسين جي نقشن ۾ ڏيکاريل آهي ۽ هن وقت اهو ٽالو شهدادپور تعلقي جي هڪ ديهه جي ٽالي ۾ محفوظ آهي جا نوابشاه کان ٣ ميل اوير طرف آهي. ڪلري کان هيٺ هن ڍوري جي ٻن وهڪرن جا نشان ملن ٿا: هڪ ته. گهاٽي ۽ مهرن کان ٻوءِ ڪوڙهيري وارو ڪرڙو جو شاهپورچاڪر جي اتران، پرهون جي الهندي طرفان ۽ دڪاڪ جي پيڙي جي اوير طرفان اچي ٿو؛ ۽ ٻيو هيٺ ڏکڻ طرف سمير وارو ڍورو جتي ٻوءِ سمراهه ٿيو. ڪلري ۽ سمير بابت ماموئي جي بيتن ۾ مثال مان هيٺيون قديم سنڌي بيت شاهد آهي ته:

سُمير ۾ نه ساريون ٿينديون، ڪلريءَ ۾ نه ڪمانڊ،
هاري ۽ هر ڏانڊ، نه جاڻان ڪيهيءَ ويا.

شاهپور چاڪر کان هيٺ اهو قديم ڍورو ڏکڻ اوير طرف وهي اچي موجوده جمڙائو واهه جي ”ڪنگ بني“ جي سوري جي اتر طرفان ايرندي ڏي ور کائيندو هو. اڳاٽي وقت ۾ انهيءَ حصي کي ”نار“ سڏيندا هئا ۽ شاهپور کان جمڙائو تائين واري پٽ کي اڃا تائين ”نار وارو پوٺو“ ڪري سڏين ٿا. جمڙائو کان اهو ڍورو اوير طرف (موجوده سنجهوري تعلقي ۾) ميرانپ جي جوءِ سان وهندو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو، جتي انهيءَ وهڪري جي جهرڻ ڏنڍن جا نيشان آهن جي مقامي طور "جعفر خان لغاري جا ڪنب" سڏجن ٿا. ان کان پوءِ بعد اهو ڏورو ور ڪري ڏکڻ طرف وهندو هو ۽ انهيءَ وهڪري جا نيشان ڪوٽ بلهي لغاري ۽ ڪوٽ ٻرڙا جي وچ ۾ واري جي صورت ۾ "صوفي جي ڏب" ۽ "طالب شاهه جي ڏب" جي نالي سان موجود آهن. ان بعد ميٽان ۽ چراڙي وارن وهي قديم شهر منصوره وٽ غالباً ٻه شاخو ٿيندو هو؛ مکيه شاخ شهر منصوره جي اوڀر طرفان ۽ ننڍي شاخ اولهه طرفان وهي شهر کان هيٺ ڪٿي وڃي گڏيون هيون ۽ منصوره جي شهر کي چڱي هڪ ٻيٽ بنائي ڇڏينديون هيون. قديم منصوره جي ڪنڊرات جي اوير تـوڙي لڳو لڳ اولهه طرف، انهن ٻن شاخن جا نيشان موجود آهن. ان بعد هي ڏورو منصوره جي شهر کان هيٺ، ڏکڻ طرفان ور ڪري اولهه طرف وهي غالباً شهبيگ مري جي گوٺ وٽ يا ان کان ذرا ڏکڻ طرف وڃي مکيه درياءَ لوهاڻي ۾ پوندو هو. لوهاڻي جو شاهي ٻيٽ اتي هيٺئر به بالڪل نمايان طور نظر اچي ٿو. (ن ـ ب)

٢٩٣ / [٣٠٢] ذوالحج مهيني جي پڇاڙي ۽ آچر جو ڏينهن سنه ٿياڻوي هو: فتحنامي ۾ ڏنل تاريخن ۾ وڏيون غلطيون آهن. مثلاً ص ٢٦١ تي چاڻايل آهي ته راجا ڏاهر، ١٠ ـ رمضان سنه ٩٣ هه ۾ راوڙ جي قلعي وٽ قتل ٿيو. ان بعد محمد بن قاسم بهرور ۽ دهليله جي قلعن ڏانهن روانو ٿيو. هرهڪ قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ ٻه مهينا کن گهيرو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻو پيس. انهان پوءِ برهمڻاباد آيو جتي سنڌس پهچڻ جي تاريخ وري مهينو رجب سنه ٩٣ هه ڄاڻايل آهي (ص ٢٩٢) برهمڻاباد کي ڇهه مهينا گهيري ڪندي گذرانس ڏا مگر، زير بحث صفحي جي عبارت موجب، اجا به هي سال سنه ٩٣هه ۾ ذوالحج جو مهينو آهي.

جيڪڏهن ڏاهر جي قتل واري تاريخ صحيح قرار ڏجي، ته به ٺلهي ليکي محمد بن قاسم رجب سنه ٩٤ هه ۾ برهمڻاباد پهتو هوندو ۽ ڇهن مهينن بعد ذوالحج جو مهينو سنه ٩٤ هه هوندو ۽ نه سنه ٩٣ هه. بتحقيق هوڙي والا (ص ٩٤) ڪيلينڊر موجب پڻ تاريخ ٢٩ ذوالحج سنه ٩٤ (٢٥ سپٽمبر ٧١٣ع) آچر جو ڏينهن ٿئي ٿو. (ن. ب)

٢٩٤/[٣٠٢] عطية تغلبي: هن جاءِ تي فارسي متن ۾ "عطية ثعلبي" آهي. هي ساڳيو نالو هن کان اڳ ص ٢٢٣ تي اچي چڪو آهي جتي پڻ هڪ پڙهڻي "عطيه ثعلبي" آهي، مگر ر م نسخن جي پڙهڻي موجب "تغلبي" معلوم ٿئي ٿو. جيئن ته "ثعلبي" نسبة غير معروف آهي اسان انهن ٻنهي جاين تي "تغلبي" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي.

مگر ٿي سگهي ٿو ته "عطية بن ثعلبي" دراصل ۾ "عطية بن ثعلبة" هجي. عطية بن ثعلبة جو نالو تاريخ ۾ پڻ ملي ٿو. هو بنوئين اموي دور جي مشهور واٿسراءِ ۽ ڪمانڊر يزيد بن عمر بن هبيرة الفزاري جو ليفٽيننٽ هو ۽ يزيد بن عمر کيس ضحاڪ خارجي جي خليفي عبيدة جي مقابلي لاءِ ڪوفه ڏانهن موڪليو هو. ڏسو تاريخ العيون والحدائق جلد ٣، ص ١٦٤. (ن. ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲۹۴ / [۲۰۲] خريم بن عمرو المدني: مٿي نوٽ ص ۲۵۲\[۱۷۴] تي هن نالي جي نسبة متعلق ڄاڻايو ويو آهي ته فتحنامي جون جملي پڙهيون "المدني" طرف رهنمائي ڪن ٿيون، مگر هڪ مستند تاريخي حوالي جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته "المدني" دراصل "المرّي" جي بگڙيل صورت آهي ۽ صحيح نالو غالباً "خريم بن عمرو المري" آهي. ابن عساڪر جي حوالي (التاريخ الڪبير ۵×۱۲۸) مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس سڄو نالو خريم بن عمرو بن الحارث بن خارجة بن سنان المري هو ۽ "خريم الناعم" جي لقب سان مشهور هو. حجاج وٽ سندس وڏي عزت هئي ۽ کيس وڏي ۽ وڏو شريف ڪري سمجهندو هو. هو شڪل جو ڪارو هو مگر عقل ۾ اڪابر هو. ڪائنس پڇيائون ته، نعمت ڪهڙي شيء آهي. چيائين ته پوڙهون اهي، ڇاڪاڻ ته ڏپ واري لاء لذت محال آهي؛ ٻيو هوند، ڇاڪاڻ ته اڻهوند لاء فرحت مشڪل آهي؛ ٽيو تندرستي، جو بيمار لاء خوشي محال آهي.

ابن عساڪر جو مٿيون حوالو (ته حجاج وٽ خريم جو وڏو قدر هو ۽ هو کيس وڏي ۽ وڏو شريف ڪري سمجهندو هو، ۽ خريم وڏو عقلمند ۽ داناء هو) فتحنامي ۾ خريم بابت آيل بيانات جي تصديق ڪري ٿو. مثلاً، فتحنامي ۾ ص ۱۴۴ تي خود حجاج جي زباني ڄاڻايل آهي ته "خريم .... سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ اخلاقن سان سينگاريل آهي." وري ص ص ۳۱۴ ـ ۳۲۵ تي ڄاڻايل آهي ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”خريم هڪ داناءُ ۽ هوشيار شخص هـو، ۽ تنهن مان گڏ دينددار ۽ امانت وارو هو.“ انهيءَ ڪري ڪافي وثـوق سان چئي سگهجي ٿو ته فتحنامي ۾ ”المدني“ دراصل ”المري“ جي تحريف آهي ۽ صحيح نالـو خُرَيْمُ بن عَمْرُو النُّمْري[8] سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

۲۹۵ / [۳۰۳] راجتري: متن جي عبارت مان ظاهر آهـي ته علائي، طاڪيه مان ٿيندو روهڙ جي سـرحـد تي پهتو جتان ”راجتري“ طرف خط لکيائين. عموماً، طاڪيه ”تڪاديش“ يا اتر پنجاب جو نالو آهي، مگر ٿي سگهي ٿو ته هت مراد قديم تاڪيشر وارو علائقو هجي، جتان ڪشمير جو تختگاه راجتري تمام گهڻو پري ڪونه هو. بيروني پنهنجي ”ڪتاب الهند“ (انگريزي تـرجمي، ۲۰۸x۱) لـکي ٿو تـه ”(ڪلارجڪ پهاڙ) هميشه تاڪيشر ۽ لوهاور جي اراضين مـان نظر اچي ٿـو .... ’راجـتوري‘ جـو شهر (هن جبل جي) چوٽيءَ کان (نقط) ٽن فرسنگن جي مفاصلي تـي آهي.“ فتحنامي ۾ پـٺ زير بحث صفحي تي چاڻايل آهي ته ”اهو تختگاه (راجتري) جبل ۾ آهي“، جنهن مان تصديق ٿئي ٿي ته فتحنامي جـو ”راجتري“ ساڳيو ڪشمير جو تختگاه ”راجتوري“ آهـي جنهن جو بيروني ذڪر ڪيو آهي. (ن-ب)

۳۰۲ / [۳۰۷] ۽ لاڏي گرفتار ٿـي: متان هلندڙ عبارت مان ظاهر آهي تـه ڏاهر جي زال لاڏي، راوڙ ۾ ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ برهمڻاباد ۾ آئي ۽ قلعي ۾ جنگ جـون تياريون ڪري محمد بن قاسم جو مقابلو ڪيائين، مگر اوچتو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قلعي جو دروازو کلي ويو ۽ محمد بن قاسم جي فوج وارن اچي لاڏيءَ کي گرفتار ڪيو. هيءُ بيان متي ص ٢٦٩ / [١٨٦] واري بيان جي مخالف آهي جنهن ۾ چاتايل آهي ته لاڏي، محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي وچ ۾ لڳل جنگ واري ميدان تي پاڻ کي آڻ ڏيڻ هيٺ ڪيرايو ۽ محمد بن قاسم جي ماڻهن هٿان گرفتار ٿي. وري ص ٣٠٤ / [٢٠٨] تي هيو متضاد بيان ڏنل آهي ته، برهمڻاباد جي قلعي فتح ٿيڻ بعد محمد بن قاسم ۽ برهمڻ جي درميان عهدنامو ٿيو ۽ ان بعد انهيءَ عهدنامي جي بناء تي ئي برهمڻ لاڏيءَ کي پوري مان ڪڍي محمد بن قاسم جي آڏو پيش ڪيو.

فتحنامي جي انهن متضاد حوالن مان ظاهر آهي ته لاڏيءَ جي گرفتاري ۽ ان بعد محمد بن قاسم جي ساڻس شادي وارا جملي بيان ضعيف ۽ هڪٻئي جي مخالف آهن ۽ انهيءَ ڪري تاريخي اعتبار کان غير معتبر. (ن.ب)

٣٠٣ / [٢٠٧] ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي: ڏاهر جون ٻه ڌيئون ٻڻ ٻين زالن جي وچ ۾ منهن ڍڪيو ويٺيون هيون، جن کي هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا ويهاريائين: يعني محمد بن قاسم کي معلوم ٿيو ته ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي، باقي ڏاهر جون ڌيئون گرفتار ٿيل زالن ۾ موجود هيون جن کي محمد بن قاسم جدا ڪري ويهاريو. فتحنامي ۾ هن قسم جون حڪايتون محض هڪ افسانو آهن. لاڏيءَ متعلق متضاد بيانات تي مٿين نوٽ ۾ تبصره ڪيو ويو آهي. هت واري، هن حڪايت کي دلچسپ بنائڻ لاءِ لاڏي جي علاوه ڏاهر جي ٻن ڌيئن کي ٻڻ شامل ڪيو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، ڏاهر حون کي ڏنئون گرفتار ٿين ها نه عرب مؤرخ ان اهم واقعي جو ضرور ذڪر ڪن ها. مگر ڪنهن به عربي تاريخ ۾ اهڙو ذڪر موجود ڪونهي. خود فتحنامي جي صفحي ٣٠٠ تي هن حڪايتن جي شروعات ئي هن طرح ڪئي وئي آهي ته ”برهمڻاباد جي مکيه ماڻهن کان ڏند ڪٿائن ۾ آئين ٿا (در افاويل مي آرند)“. انهيءَ ڪري اهي حڪايتون ۽ بيان محض افاويل ۽ ڏند ڪٿائون ئي سمجهڻ گهرجن. (ن.ب)

٢١١-١٤ / [٢١٤] سؤ درهمن اصل مال مان.... نائبن جي سامهون حفاظت ۾ رهي: ”اصل مال“ مان هت مراد غالباً زمين جي سرڪاري ڍل آهي ۽ ته مٿين چاڪاڻ ته، هيٺ صاف طور چاتايل آهي ته باقي جيڪي بچي سو خزاني ۾ پيارڻو وڃي. عبارت جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته جملي سرڪاري ڍل مان سؤ درهمن تي ٽي درهم، مقامي ماڻهن کي خير خيرات ۽ ٻين سماجي ڪمن لاءِ منظور ڪري ڏنا ويا، ۽ ڪمن تاڪيد ڪيو ويو ته انهيءَ رقم مان جيڪي برهمڻن جو حق هجي سو کين ادا ڪن.

هن عبارت جو پهريون ڀاڱو اصل فارسي متن ۾ هن طرح آهي: ”باقي در وجه خزانه در قلم اصحاب و حضور نواب در حفظ مي باشد.“ هوڙي والا (ص ٩٦) هن عبارت تي هيٺين طور پنهنجا مفيد ريمارڪ قلمبند ڪيا آهن:

تاريخي ڪتابن ۾، خواهه عام محاوري ۾ ’حضور‘ بمعني مرڪزي حاڪم يا حڪومت (Central Authority) جي استعمال ٿئي ٿو. لهذا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

'حضور نواب' جي معنيٰ ٿيندي محمد بن قاسم جي طرفان مقرر ڪيل 'هز ايڪسيلنسي گورنر' هن عبارت ۾ "اصحاب و حضور نواب" واري فقري ۾ 'و' زائد آهي ۽ صحيح فقرو "اصحاب، حضورِ نواب" ٿيڻ گهرجي، يعني ته، 'حضور نواب جا آفيسر.' لهذا هن جملي جو مطلب ٿيندو ته: باقي رقم خزاني ۾ پهچڻ گهرجي، ۽ اها رقم حضور نواب جا آفيسر مجرا ڏيئي داخل ڪندا.

مٿين وضاحت جي بناء تي متن ۾ هن جملي جي ڏلل ترجمي ۾ به آخري مطلب مطابق ترميم ڪرڻ گهرجي. (ن - ب)

٣١٣/[٢١٤] حَڪَمِ بن عَوانَة ڪَلبِي: ظاهر آهي ته حَڪَمِ بن عَوانَة سنڌ جي فتوحات ۾ محمد بن قاسم جي فوج ۾ شامل هو ۽ سنڌ ڪافي چڱي پوزيشن هئي جو برهمڻ محمد بن قاسم سان پنهنجي سياسي صلح ۾ ڪيس وچان آندو. سنڌ ۾ حَڪَم جي انهيءَ فوجي تجربي جي بناء تي ئي بعد ۾ تقريباً سنه ١١١ هه ڌاري ڪيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ ڏهه سال کن هو انهيءَ عهدي تي قائم رهيو ۽ وڏيون فتحون ڪيائين تان جو سنه ١٢٢-١٢١ هه ڌاري سنڌ ۾ ئي شهيد ٿيو. (ن - ب)

٣١٦/[٢١٧] هند جي شهرن ڪي - وندي چيڻ جي حد تائين - فتح ڪرڻ توتي لازمي آهي. امير قتيبه بن مسلم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قريشي کي [بن چين فتح ڪرڻ لاءِ] مقرر ڪيو ويو آهي، سڀ [عراقي] غـلام انهيءَ ڏانهن منتقل ڪريو ۽ [جَهْم بن زَحْر بن قيس کي به هن ڏانهن موڪليو وڃي؛ ۽] مقرر ڪيل [عراقي] لشڪر سائس گڏجي؛ فـارسي ايڊيشن جي اصل عبارت هن طرح آهي:

”برتو باد ڪہ بلاد هند تا بحد چين مسلم ڪني، و امير قتيبہ بـن مسلم الباهلي را نامـزد ڪرده شد، گر و گاني جملہ بوي تحويل ڪنند، و لشڪر نامزد ڪرده باوي ميرود“

هن فارسي عـبارت ۾ ظاهراً وڏو خلل آهي، ۽ ڪاتبن جي غلطيءَ سبب ڪي فقرا حذف ٿي ويا آهن جنهن ڪري ان مان ڪوبہ خاطر خواه مطلب ڪولہ نـو نڪري، اسان ڪافي تحقيق بعد عربي ماخذن مـان هن عبارت جي تصحيح ڪري ڪٽل فقرن جـو چورس ڏنگين ۾ اضافـو ڪيو آهي، ڪيل تصحيح جا هيٺيان پهلو غور طلب آهن:-

(١) اول تہ قُتَيْبَہ بن مُسْلِم عـام طرح تاريخن ۾ ”اَلْبَاهِلِي“ جي نسبة مان مشهور آهي مگر هت حجاج کيس ”قريشي“ سـڏي ٿو جنهن جا ٻہ سبب آهن:- پهريـون تہ باهلي قبيلي وارا ”مالڪ بن اَعْصُر بن سَعْد بن قَيْس عيلان بن مُضَر“ جو اولاد آهن (ابن حزم، جمهرة ص ٢٢٣) ۽ انهيءَ ڪري قريش مان آهـن جنهنڪري ڪنهن ”باهلي“ شخص کي ”قريشي“ سڏڻ صحيح آهي، مگر ٻيو خاص سبب جنهن جي ڪري قتيبہ کـي حجاج باهلي جي بـدلي قريشي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سڏي ٿو سو هيءَ آهي جو "باهلي" جي نسبت ۾ عربن جي نقطہ نظر کان ذرا عيب هو، ڇاڪاڻ تہ باهلي قبيلي وارن جي ڏاڏي مالڪ جي شادي "مَذحِج" قبيلي مان "باهلة بنت سعد بن سعد العشيرة" سان ٿي هئي. مالڪ جي مرڻ بعد، هنڌس پٽ مَعنُ وري پنهنجي پيءُ جي زال "باهلة" سان شادي ڪئي (ابن حزم، جمهرة ص ٢٣٤). انهيءَ ڪري ئي ڪي خاص سمجهدار عرب خود کي "باهلي" سڏائڻ کان عار سمجهندا هئا.... مشهور عرب عالم عبدالملڪ بن قُرَيْب الاَصمَعي، "قتيبة بن معن بن مالڪ" جي اولاد مان هو، مگر چوندو هو تہ "آءٌ باهلة جي اولاد مان ڪونہ آهيان، ڇاڪاڻ تہ قتيبة بن معن کي باهلة هرگز ڪونہ ڄڻيو هو" (ايضاً ص ٢٣٤). غالباً حجاج بہ انهيءَ عار جي خيال کان ئي امير قتيبة کي "باهلي" جي بدلي "قريشي" سڏي ٿو. قتيبة جو پورهي وار شجره هن طرح آهي: قتيبة بن مُسْلِم بن عَمْرُو الحُصَيْن بن رَبِيْعَة بن خالد بن آسِيْد الخير بن قُضاعِي بن هِلال بن سَلامَة بن ثَعلَبَة بن وائل بن مَعْن بن مالڪ بن آعصُر بن سَعد بن قَيْس عَيْلان بن مُضَر (ايضاً، ص ٢٣٤).

(٢) هيو تہ فتحنامي جي اصل ناقص فارسي عبارت (جنهن جي تصحيح ڪئي وڌي آهي) مان ظاهراً هيئيان انوسان نڪرن ٿا؛ هڪ تہ حجاج، محمد بن قاسم ڏانهن چين جي فتح لاءِ لکيو؛ ڪيس اهما پڻ خبر ڏنائين تہ امير قتيبه بن مسلم کي پڻ انهيءَ سلسلي ۾ مقرر ڪيو ويو آهي؛ ٻيو تہ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم ڏانهن لکيائين ته کي ماڻهو ڪنهن شخص جي حوالي ڪري، جي ساڻس گڏجي وڃن.

پوئين الوصان تي يعقوبي (٢×٤٦ ٢) جي هيٺين بيان مان روشني پوي ٿي: (نيرون جي صلح بعد) محمد بن قاسم، حجاج کان اڳتي وڌڻ جي اجازت گهري، جنهن تي لکيائينس ته پلي اڳتي وڌ، ۽ جيترو ملڪ تون فتح ڪندين ان جو حاڪم تون ئي آهين؛ پڻ خراسان جي گورنر قتيبة بن مسلم ڏي لکيائين ته اوهان ٻنهي مان جيڪو اڳ ۾ چين فتح ڪندو اهو ئي ان جو حاڪم ٿيندو. ٠١ هه. مؤرخ طبري (٢× ٩-١٨٩) پڻ لکيو آهي ته حجاج طرفان ”محمد ۽ قتيبة ٻنهي کي چين جي آچ ٿيل هئي.“

انهن ٻن معتبر حوالن جي بناء تي، عبارت جي پوئين ڀاڱي جي تصحيح ڪئي وئي آهي. عبارت جي پوئين ڀاڱي مان جو الوصان لکري ڏ.و. ان کي طبري (٢×١٢٥٧) جو هيٺيون بيان روشن ڪري ٿو:

> ”حجاج، محمد بن قاسم ثقفي ڏانهن لکيو ته تنهنجي طرفان عراق وارا (فوجي دستا) قتيبة (بن مسلم، خراسان جي ڪمانڊر) ڏانهن موڪل، ۽ جهم بن زحر بن قيس ڪيي پڻ روانو ڪر ڇاڪاڻ ته شامي فوج کان عراقي فوج ۾ عشق سندس واسطي بهتر آهي.... (چنانچ جهم بن زحر سنڌ مان عراقي فوج وٺي روانو ٿيو ۽ سنه ٩٥هه ۾ هو قتيبة وٽ پهتو.“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طبري جي هن معتبر حوالي جي بناء تي، فتحنامي جي هن ناقص عبارت جي ٻنهي ڀاڱي جي تصحيح ڪئي وئي آهي. (ن ـ ب)

٣١٦/[٢١٧] اي سوٽ! تون پڻ اهو ڪو ڪارنامو ڪج جيئن [تنهنجي پيءُ] قاسم جو نالو روشن ٿئي: اهي الفاظ حجاج طرفان محمد بن قاسم ڏانهن لکيل آهن. اصل فارسي متن ۾ ”سوٽ“ جي بدلي ”ابن عم“ (چاچي جو پٽ) آهي ۽ مٿي ص ٢٤٠ تي واضح ڪيو ويو آهي ته محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي جو پٽ نه بلڪ سوٽ (قاسم) جو پٽ هو. پيو ته حجاج، محمد بن قاسم کي لکي ٿو ته اهڙو ڪو ڪارنامو ڪر، جو تنهنجي پيءُ قاسم جو نالو روشن ٿئي. اهو هڪ همت افزائي جو عام فقرو آهي؛ مگر غالباً ان ۾ هڪ خاص حقيقت ڏانهن به اشارو آهي، ۽ اهو هيءُ ته محمد جو پيءُ قاسم ان وقت پنهنجي همعصرن جي پيٺ ۾ ابوجهل ۽ اباٺو هو ۽ انهيءَ ڪري ٿي ڪيس ”حمقيٰ ثقيف“ (يعني ثقفي قبيلي وارن ۾ اباٺو) سڏيندا هئا. (ڏسو ڪتاب المُحَبَّر، ص ٣٨٠). شايد حجاج جي مٿين فقره جي اها مراد آهي ته قاسم جي پنهنجي شهرت ابتري ڪانهي، انهيءَ ڪري تون ڪو اهڙو ڪارنامو ڪر، جو سندس نالو تنهنجي طفيل مشهور ٿئي. (ن ـ ب)

٣١٧/[٢١٧] شهر برهمڻاباد، يعني ٻانڀڙاهم: هت ”يعني ٻانڀڙاهم“ وارو فقرو غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم طرفان توضيح طور وڌايل آهي. سنڌيءَ ۾ برهمڻ کي عام

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طرح ٻانڀڻ جيڪو وجي ٿـو ۽ انهيءَ لحاظ سان برهمڻاباد کي مقامي طور "ٻانڀڻاهه" سڏيو ويو. مگر آڳاٽي وقت ۾ "ن" جو آچـار "ڻ" جي صورت ۾ هو، ۽ فتحنامي جي هيءَ عبارت تصديق ڪري ٿـي ته، سنه ٦١٣ هه ۾ جڏهين علي ڪوفي فتحنامي جـو ترجمو ڪيو، تڏهين هـن شهر کي مقامي طور "ٻانڀڻاهه" سڏيندا هئا. وڌيڪ لاءِ ڏسـو متي ص ٣٩٦، نوٽ ص ٢١/[١٥]. (ن - ب)

٣١٨/[٢١٧] وَداع بن حُمَيد البَحْري: فتحنامي ۾ متي ص ١٥٤ ۽ ص ١٧٧ تي "حميد بن وداع" جو ذڪر آيو آهي، جو غالباً هن شخص جو پٽ آهي، جنهن جو ڏالو ٻڍو "حميد" هو. بهرحال انهن صفحن تي توڙي هن صفحي تي انهن ٻنهي پيءُ پٽن جي نسبت "النجدي" ڇاپيل آهي، جنهن جـي وضاحت لاءِ زير بحث صفحي ٣١٨/[٢١٧] جو حاشيه ـ ١ ڏسڻ گهرجي. مگر "النجدي" حقيقت ۾ "البحري" جي بگڙيل صورتخطي آهي ۽ صحيح نسبة "البحري" ئي آهـي. ابن حـزم، پنهنجي ڪتاب "جمهرة انساب العرب" (ص ٢٩٨) ۾ لکي ٿـو ته "وداع بن حميد، بَنُو بَحْري" جي قبيلي مـان هو. هو وڏو اشراف هو ۽ (محاذ) هند جو حاڪم مقرر ٿيو. هي اهو سا ڳيو شخص آهي، جنهن مُهلب جي پٽن آوڏو قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ "کين اندر اچڻ نه ڏنائين."

ستئين بيان مان ابن حزم جـو اشارو شهر قنداٻيل جي قلعي ڏانهن آهي، جنهن جـو ذڪر عربي تاريخن ۾ مشهور

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي. يزيد بن مهلب عراق جي وائسراءِ پنهنجي طرفان وداع بن حميد کي قنداييل (گنداوا) جو گورنر مقرر ڪيو هو. ان بعد يزيد بن مهلب بغاوت ڪئي ۽ سندس پاٽر مفضل ۽ ٻيا، شاهي فوجن کان ڀڄي قندابيل طرف روانا ٿيا. ڪين اميد هئي ته قندابيل ۾ سندن خاص ماڻهو گورنر آهي ۽ انهي قلعي ۾ رهي مقابلو ڪندا. مگر جڏهين هو قندابيل پهتا ته وداع بن حميد قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ کين اندر داخل ٿيڻ نه ڏنائين (ڏسو طبري ٢×١٤١٢).

٣١٨/[٢١٨] ڪچ وارو ملڪ جو ڪيرج جي بادشاهه دروهو جي هٿ ۾ هو: عربي زبان ۾ ڌاريون دخيل ۽ مُعَرَّب لفظن ۾ صورتخطي جي تبديل جي لحاظ سان ”ڪيرج“ دراصل ”ڪيره“ جو عربي اچار آهي. ”ڪيره“ غالباً گجرات جو مشهور قديم شهر ”ڪَيرا“ اصل قديم اچار ”ڪيڙا“ يا ڪندا) آهي، جو هن وقت به ڪَيرا ضلعي جو هيڊڪوارٽر آهي. ڪيرا ضلعي جي اتر ۾ احمدآباد ضلعو، ۽ ماهي ڪنٺا ۽ ريوا ڪنٺا ايجنسي جي ننڍڙي رياست بالاسنور آهن؛ اولهه ۾ به احمدآباد ضلعو ۽ رياست ڪنبات اٿس؛ ۽ ڏکڻ ۽ اوڀر طرف ماهي ندي ۽ بڙودا رياست اٿس. ڪيرا جو شهر احمدآباد جي شهر کان ويهه ميل اولهه طرف آهي. ڪيرا جو شهر بلڪل آڳاٽو آهي، جنهن جي تاريخ مهاڀارت جي زماني تائين پهچي ٿي. انان لڌل هڪ ٽامي جي ٿالهيءَ تي ٥ـ صدي عيسوي جي اکريل سَنَدَ هن شهر جي قدامت تي شاهد آهي (ڏسو امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا، جلد ١٤، ص ٢٨٦). فتحنامي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي هنن حوالن مان ظاهر آهي ته ٨ صدي عيسوي ۾ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت هي شهر راجا دروهر جي گادي، جو شهر هو، ۽ ڪچ جو ملڪ به راجا دروهر جي حڪومت ۾ شامل هو.

زير بحث صفحي تي چاتايل آهي ته محمد بن قاسم ڪچ جو ملڪ، جو راجا دروهر جي هٿ ۾ هو، پنهنجي هڪ آفيسر هذيل بن سليمان الازدي جي حوالي ڪيو. اهو صحيح ٿي سگهي ٿو مگر هي بيان هن موقعي تي قبل ازوقت آهي؛ ڇو ته ڪيرج يا ڪيرا فتح ڪرڻ کان اڳ محمد بن قاسم، راجا دروهر جي حڪومت جو هڪ حصو کڻي ٿي پنهنجي هڪ آفيسر جي حوالي ڪري سگهيو! مؤرخ بلاذري (ص ٤٤٠) جي بيان مان صاف ظاهر آهي ته محمد بن قاسم، ملتان فتح ڪرڻ بعد ڪيرج فتح ڪيو. انهيءَ ڪري هذيل بن سليمان کي به انهيءَ فتح بعد ڪچ جو حاڪم مقرر ڪيو هوندائين. (ن - ب)

٣٣٠ / [٢١٨] ساوندي سمه: يعني سمن جو شهر ساوندي. اڳتي چاتايل آهي ته محمد بن قاسم، برهمڻاباد جي فتح ۽ انتظام بعد ڪوچ ڪيو ۽ آخر اچي ساوندي جي پسگردائي ۾ منزل ڪيائين جتي ”هڪ نزهت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاهه هو، جنهن کي ڍنڍ وکر بهار چوندا هئا“ (ص ٢٢١). ”وکر بهار“ جي نالي جي پڇاڙي ”بهار“ مان ظاهر آهي ته ”وکر بهار“ ٻڌ مت جو هڪ مندر هو. ”ڍنڍ وکر بهار“ جي نالي مان ظاهر آهي ته اها ڍنڍ به انهيءَ مندر جي نالي سان سڏبي هئي. هائي، محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن قاسم، برهمڻاباد جي فتح بعد متي اتر طرف الور ڏانهن وڃي رهيو هو. انهيءَ رخ تي ٻڌ جي مندر جو فقط هڪ نمايان نشان موجود آهي جنهن کي هن وقت ”ٿل مير رکڻ“ سڏجي ٿو، جو نوابشاهه ضلعي ۾ اسٽيشن دوڙ ۽ دولت پور جي وچ تي آهي. محڪمي آثار قديمه جي طرفان ڪيل تحقيق موجب ”ٿل مير رکڻ“ در حقيقت ٻڌ مت جي مندر جو ٿل (Stupa) آهي (ڏسو هينري ڪزنس، سنڌ جا آثار قديمه، ص ص ٩٨-٩٩). انهي ٿل کان اتر-اوڀر طرف تقريباً ٽن ميلن جي پنڌ تي ”ساوڙي“ جو ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ اراضي ۾ قديم دورن ۽ ڏينهن جا نشان اڄ ڏينهن تائين نمايان طور نظر اچن ٿا. انهن اهڃاڻن مان خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته فتحنامي واري ”ساوندي“ ساڳي اها موجوده ”ساوڙي“ آهي ۽ ٻئي مورخ بلاذري (فتوح البلدان، ص ٤٣٩) ”ساوندي“ جو تلفظ ”ساوندري“ ڪري لکيو آهي ۽ اهو اچار بہ موجوده نالي ”ساوڙي“ ۾ موجود آهي. ساوڙي جو ڳوٺ سنڌو ندي جي هڪ قديم ڊوري جي ڪپ تي آهي ۽ انهيءَ ڊوري جا نيشان ساوڙي جي ڳوٺ لڳ الهندي طرف اڄ تائين موجود آهن. مجمل التواريخ جي مصنف بہ لکيو آهي تہ قديم وقت ۾ ڪشمير جي راجا، ”ساوندي“ جي شهر کي سنڌو ندي جي ڪناري تي ٻڌايو هو.

فتحنامي جو ”وڪر بهار“ يقيني طور ”ٿل مير رکڻ“ وارو قديم ٻڌ جو مندر آهي ۽ هن ٻڌ جي مندر جي وجود جي تصديق فتحنامي جي هيٺين وڌيڪ حوالن مان ٿئي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ني تہ ”انهي باميء جا سڀ ماڻهو، شمني ۽ ٻڌ“ وارا واپاري هئا“ ۽ ٻواد ناٽي هڪ شمني کي محمد بن قاسم انتي جو مقامي سردار طور مقرر ڪيو هو (تحفنامو ص ٢٢١).

٢٢١ / [٢١٩] خميس جو ڏينهن ٣- ماهه محرم سنہ چوراڻوي: هيءَ تاريخ محمد بن قاسم جي برهمڻاباد مان منزل ڪٽي ساوندي طرف ڪوچ ڪرڻ جي آهي. هوڙي والا جي تحقيق موجب:

٣- محرم سنہ ٩٣ هہ = آرتوار، ٩- آڪٽوبر ٧١٢ع

٣- محرم سنہ ٩٥ هہ (رُوت) = خميس، ٢٨- سپٽمبر ٧١٣ع

هاڻي جيڪڏهين تحفامي جي عبارت ۾ ڏينهن صحيح ڄاڻايل آهي تہ پوءِ سنہ يقيني طور ٩٥ هہ ٿيندو. تاريخي تسلسل جي لحاظ سان بہ ٣- محرم سنہ ٩٥ هہ صحيح ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ محمد بن قاسم کي باقي اروڙ، سڪہ ۽ ملتان وغيرہ جي فتوحات لاءِ اڃا بہ ١٧ يا ١٨ مهينا ٻيڻ ٿا، جي ڪافي آهن. محمد بن قاسم کي خليفي وليد جي وفات (جمادي الاول سنہ ٩٦ هہ) بعد ئي معزول ڪري واپس گهرايو ويو. (هوڙي والا، ص ٩٦)

٢٢١ / [٢١٩] بدهيني [پٽ] بمن ڍول: اسان متن ۾ هن صفحي جي حاشيہ ۾ ڄاڻايو آهي تہ م ن ب نسخن جي پڙهڻي ”بديهي بمن دهول“ آهي ۽ ر جي پڙهڻي ”بديهني بمن دهول.“ هوڙي والا (ص ٩٧) جي گمان ۾ هي نالو شايد ”بدهي ورمن“

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(Buddivarman) هجي، ڇاڪاڻ تہ اهو نالو قديم ريڪارڊ ۾ مليل ٿو ۽ ٤٠٥ع ڌاري گجرات جي چالو ڪيہ گهراڻي جي هڪ راجا جو بہ اهو نالو هو. ان ڪري هيءَ گمان، فتحنامي ۾ هن نالي جي ڏنل صورتخطيءَ مطابق بہ قدري قرين قياس معلوم ٿئي ٿو: يعني تہ ''بديهي بمن'' = بدهي ورمن انهيءَ لحاظ سان هن نالي جي پڙهڻي 'ٻُڌِيُورمن [يا ٻُڌِيُورمن] ديول'' زياده موزون ٿيندي. (ن ـ ب)

٣٢٣ / [٣٣٠] سليمان بن نبهان ۽ [قبيلي] ڪِنده جي آزاد ڪيل غلام ابوفضة القشيري کي سڏي.... قسم ڏيئي، کين جنيد بن عمرو ۽ بني تميم منجهان جماعت سان محبت ڪرائي گڏي .... موڪليائين:

(١) اول تہ متن جي عبارت مان ظاهر آهي تہ سليمان بن نبهان ۽ ابوفضة القشيري ٻہ جدا شخص جدا نالا آهن. انهيءَ لحاظ سان ص ٢٥٦ / [١٧٧] تي ''نبهان ابوفضة قشيري'' غالباً در اصل ''(سليمان بن) نبهان (و) ابوفضة قشيري'' هو، مگر ڪاتب جي سهو ڪان ڏنگين ۾ رکيل الفاظ اصل نسخي مان رهجي ويا ۽ ان بعد جملي قلمي نسخن ۾ اها غلطي رهجي وئي. ص ٢٥٦ تي ''نبهان ابوفضة قشيري'' جي درستي ڪري ان کي ''سليمان بن نبهان ۽ ابوفضة قشيري'' لکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ يقيني طور چئي سگهجي ٿو تہ دراصل اهي ٻہ نالا آهن: قديم نسخي پ جي قرائة ۾ فعل جا صيغا جي ''نبهان ابوفضة قشيري'' ڏانهن ورن ٿا، سي جمع ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهن. مثلاً: مقابل شدند (سامهون ٿيا)؛ جنگ پيوستند (جنگ جوتايائون)، ڏاهر فوجي ديگر در مقابل ايشان فرستاد (ڏاهر ٻي فوج سندن مقابلي ۾ موڪلي)؛ دفع کردند (ڪافرن جي فوج کي هٽايائون)؛ وبسي کشتند (۽ گهڻي مارياٿون)؛ ۽ آخر ۾ زائد الفاظ ”تا بلشکر گاه داهر آمدند“

(۲) ٻيو ته هن عبارت ۾ جا لفظي تصحيح ڪئي وئي آهي تنهن لاءِ متن ص ٣٠٣ جو حاشيه ٢. ڏسڻ گهرجي. هن تصحيح موجب هن عبارت جو مطلب هي ٿئي ٿو ته محمد بن قاسم پنهنجي لشڪر جي ٻن گروهن جي وچ ۾ صلح ۽ محبت قائم ڪري ڪين گڏ ڊيوٽيءَ تي روانو ڪيو. اهي ٻه گروهه هي هئا: (١) بنو قشير ۽ سندن ساٿي (يعني سليمان بن نبهان ۽ ابوفضة قشيري وغيرهما)، ۽ (٢) بنو تميم ۽ سندن ساٿي (يعني جنيد بن عمرو وغيره). انهيءَ ٽرين ۾ محبت ڪرائڻ لاءِ هيٺيان سبب هئا:-

قديم زماني کان مضرية ۽ يمانية نسلن جي قبيلن ۾ عصبيت ۽ رقابت هئي. اسلام جي ابتدا ۾ اهو باهمي ضد ۽ حسد سڄي اسلامي اخوت سبب تقريباً ختم ٿي چڪو هو مگر بنو اميه جي دور واري سياست وري انهيءَ نسلي رقابت کي زور وٺايو. ان وقت ازد ۽ تميم جي قبيلن ذريعي وري اهي قبائلي جهيڙا شروع ٿيا ۽ اهي ٻه قبيلا ۽ سندن حامي جن هڪٻئي ۾ چانديا مڪمي ٿي پيا. انهيءَ ڪري اموي سلطنت جي تقريباً هر علائقي ۾ انهن قبيلن ۽ سندن حامين جي وچ ۾ جهيڙا جهگڙا شروع ٿيا. مثلاً خراسان ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ھر يماني ۽ ربيعي نسل جو شخص ’ازدي‘ سڏجڻ لڳو ۽ ھر مضري نسل جو شخص ’تميمي‘ سڏجڻ لڳو (ڏسو ديوان فرزدق: پئرس ايڊيشن ص ٥٣ ۽ قاھره ايڊيشن ص ٧٦٩). ھڪ طرف ’يماني - ربيعي - ازدي‘ گروھ، ۽ ٻئي طرف ’مضري- تميمي‘ گروھ جي وچ ۾ ضد ۽ رقابت ھر جاء موجود ھئي. محمد بن قاسم جي فوج ۾ پڻ انھن ٻنھي گروھن جا ماڻھو موجود ھئا. بنو قشير وارا ربيعي ھئا. ڇاڪاڻ تہ ھو بنو ڪعب بن ربيعة جي اولاد مان ھئا (ڏسو ابن حزم، جمھرة ص ٢٧٢) ۽ انھيء ڪري بنو تميم مان سندن نسلي رقابت ھئي. انھيء ڪري محمد بن قاسم ھن موقعي تي جڏھين ٻنھي گروھن جي ماڻھن کي ھڪ خاص ڊيوٽي تي روانو ٿي ڪيو تہ ٻنھي ڌرين کي قسم ڏئي پاڻ ۾ محبت ۽ صلح ڪرائي پوء روانو ڪيائين. (ن - ب)

٢٢٣/ [٢٠٢] ٻھراور: محمد بن قاسم، ساوندري يعني ساوڙي مان ڪوچ ڪري وڃي ”ٻھراور“ ۾ لٿو. جيئن تہ محمد بن قاسم اروڙ طرف وڃي رھيو ھو، ”ٻھراور“ جي تلاش ساوڙيء کان اتر طرف ڪرڻ گھرجي. ھن کان اڳ ڏنو ويو آھي تہ محمد بن قاسم برھمڻاباد ڏانھن ايندي ’جلوالي‘ جي ڍوري تي اچي منزل انداز ٿيو ھو، ۽ ساوندريء ۾ پڻ وڪر ٻھار جي ڍنڍ تي اچي لٿو. انھيء مان گمان نڪري ٿو تہ پاڻيء جي سھوليت جي لحاظ سان محمد بن قاسم جي فوج اڪثر درياء جي ڦاٽن جو ڪنارو وٺي پئي ھلي. لھذا بالڪل قرين قياس آھي تہ محمد بن قاسم ساوندري ڇڏڻ بعد مھراڻ جي ڪنھن شاخ يا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڊوري جو ڪپ وٽي اتر طرف ڪوچ ڪيو هجي، انهيءَ قديم ڊوري جا نيشان هن ماوڙي کان اتر طرف ڪارجائي، آمرجي، مسرجي واهه، ڇيهي جي اولهه طرف، پريسا ۽ هالائي ڀهلائي وٽان اچا تائين ظاهر پيا آهن.

انهيءَ قديم ڊوري جي رخ ۽ رستي جي لحاظ سان، "ڀهراور" مان "پريا" ۽ "ڀهلائي" جو گمان نڪري ٿو. ڀهلائي ڪافي پراڻي بستي آهي، ۽ جيئن هالائي (= هالا قوم جي بستي) تي هالا قوم جو پوڙان نالو پيل آهي تيئن ممڪن آهي ته ڀهلائي (پلائي = پراڻي = پوراڻي) تي پريا قوم جي پوڙان اهو نالو پيل هجي؛ انهيءَ گمان موجب ڀهلائي توڙي پريا، اهي ٻئي نالا پريا قوم جي بستين پويان پيل ٿا ڀانئجن، ۽ پريا قوم به سهڻن ۽ لاکن وانگر غالباً سنڌ جي هڪ آڳاڻي قوم هئي. ٿي سگهي ٿو ته "ڀهراور" (پراور = پريا) پريا قوم جي ڏاکڻي بستي هجي جا موجوده پريا شهر جي آسپاس هئي. سرزمين تي تلاش ۽ تحقيق ڪرڻ مان معلوم ٿيو ته اهو قديم ڊورو جنهن جا نيشان شهر پريا جي اوير طرفان موجود آهن. انهيءَ جي ڪناري تي قديم کنڊرات موجود آهن. انهن کنڊرات مان ڪافي عربي سڪا توڙي پيا قديم سڪا لڌا آهن جي محترم سيد امام علي شاهه، رئيس پريا، وٽ موجود آهن ۽ انهن سڪن مان پڪي ثابتي ملي ٿي ته اهي قديم بستيون عرب دور کان اڳ توڙي عرب دور ۾ موجود هيون. ساڳيءَ طرح موجود ڀهلائي به قديم کنڊرات تي ٻڌل آهي،

ڀڄائيندي ڪري لکڻ جو ”ٻڀراوڙ“ غالباً پرڀا جي اڳ هو، يا ٻيلائي وٽ هو. والله اعلم بالصواب. (ن - ب)

٢٢٦/[٢٣١] هو (گوڀي) چونڊو ٿي رهيو ته راجا ڏاهر اجا جيئرو آهي. الخ: متي ص ص ٢٨٦-٢٨٧ / [١٩٧-١٩٨] تي بيان ٿي آيو آهي ته گوپي کي ڏاهر جي موت جو اطلاع ملڻ سندس ڀاءُ جيسينه گهڻو اڳ ۾ ڏئي ڇڏيو هو. ظاهر آهي ته گوپي هيءَ خبر ڄاڻي ٻجهي لڪائي رهيو هو، ۽ پنهنجي فوج توڙي عوام کي ڏاهر جي زنده هئڻ ۽ مدد وٺي اچڻ جي اميد ڏياري، سندن دل مضبوط ڪري رهيو هو ته من مقابلي لاءِ تيار ٿي بيهن. (ن - ب)

٢٢٣/[٢٣٦] ڪيس ۾ ڪنگڻ هئا: يعني ته اروڙ جي بتخاني ۾ ٻه پٿر جي مورتي ڪسي ۾، سونا ڪنگڻ پيل هئا. انهن آڪاڻ سندن جي مورتين جي هٿن ۾ ڪنگڻ يا ڪنڌ ۾ واليون انهن مورتين جي قدامت جو نشان هيون، ۽ هڪ هزار ورهيه گذرڻ بعد مورتي ۾ ڪسي هڪ ڪنگڻ يا والي پائڻي ويندي هئي. ابن خلڪان لکي ٿو ته: ”انهن والين جي مقصد، يعني ته هڪ هزار ورهين بعد هڪ والي پهرائڻ، بابت اڪثر حوالا مان ٿا جي مورتين جي والين متعلق آهن. چون ٿا ته محمود (غزنوي) سومنات جي بت تي ليو، واليون پاتل ڏٺيون ۽ ڪيس ٻڌايو ويو ته هرهڪ والي هڪ هزار ورهيه جي پوڄا جي نشاني آهي“ وفيات الاعيان، ٢ ص ٨). ابن خلڪان جي هن بيان مان گمان نڪري ٿو ته محمد بن قاسم جي فتح وقت اروڙ جي بتخاني واري مورتي کي ٻه ٽي هزار ڪان متي ورهيه گذري چڪا هئا. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣٤٢/[٣٣٢] ڪبير پسدر ۽ ڀتو: هوڙي والا جي گمان ۾ شايد اهي ٻئي دراصل ”ڪاليڀدر“ يا ”ڪالڳيدر“ (Kalibhadra or Kalaghadra) ۽ ”ڀيرَوَ“ (Bhairav) هجن. (هوڙي والا، ص ٩٧)

٣٤٣/[٣٣٣] (جيسينه) هندو وچي ڇاهندر جي حد کان ڪشمير ۾ پهتو. الهيءِ بادشاهه جو نالو بلهرا هو، (۽) شاهه جي آستان (گاديءَ جو هنڌ؟) کي اسڪ ڪسه چوندا هئا، جتي هو وڃي رهيو. ٿاڻ جو عمر بن عبدالعزيز رضه جي خلافت ٿي: جملي نسخن ۾ اصل فارسي عبارت مبهم ۽ مشڪل آهي ۽ غالباً ان ۾ ڪي الفاظ ڪٽل آهن ۽ ڪن لفظن جون اصل پڙهيون بگڙيل آهن. بهرحال، زير مطالع نسخن جي پڙهين موجب معني هتي اهائي ڏيندي جا متي ڏني وئي آهي. البت هيٺيان نڪات غور طلب آهن:-

(١) د ۽ م جي پڙهتي ”ڪشمير“ جي بدلي ”ڪسه“ آهي؛ ”ڪسه“ مان مراد ”ڪشمير“ ئي آهي جا ٻين باقي نسخن جي پڙهتي آهي. هوڙي والا (ص ٩٨) لکي ٿو ته: ”ڪسه جو ملڪ“ مان مراد غالباً ڪشمير آهي، يعني ته ”کسا“ (Khasa) يا ”کشا“ (Khasha) صائون جو ملڪ، جن جو ذڪر ”راجترنجني“ ۽ ٻين سنسڪرت ڪتابن ۾ مليو ٿو. انهن ماڻهن جي باري ۾ چيل آهي ته ”اهي پير پنتسال“ جبلن جي ڏکڻ ـ اولهه طرف جهلم ۽ لوهر ۽ ڪشتوار (Kishtwar) جي وچ وارين ماٿرين ۾ رهندا هئا. انهن کي موجوده ”ککا“ (Khakha) قوم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مان مستحض ڪري سگهبي ٿو جنهن مان، ڪشمير جي ميدان ’ ورتستا‘ (Vitasta) ماٿري ۾ رهندڙ جملي انڊيا سردار ۽ مکي ماڻهو آهن“ بحوالي سر آرل سٽين، حاشيه راجترنجني، انگريزي ترجمو، ڪتاب - ١، بيت ٣١٧)۔ بقول سر جارج گريئرسن، کسا (قوم جا ماڻهو) نه صرف ڪشمير ۾ آهن مگر ’ ڪمائون‘ ۽ گڙهوال ۾ پڻ موجود آهن۔ ”آريائي زبان ڳالهائيندڙ جملي عوام جي هماليه جي هيٺين پاڳي ۾، ڪشمير کان وٺي، دار جيلنگ تائين، رهن ٿا سي ’ کسا‘ نسل مان آهن.“ (Indian Antiguary, 1914, p .151)۔

(٢) ڪشمير جي بادشاهه جو نالو ’ بلهرا‘ ۾ ڪانئي منجهائيندڙ آهي۔ ضروري آهي ته ’ بلهرا‘ ڪشمير جي ڪنهن راجا جو ذاتي نالو تسليم ڪجي ۽ نه لقب؛ ڇو ته ’ بلهرا‘ دکن جي راجائن جو لقب هو، جن جي گادي جو هنڌ ’ مانڪيڙ‘ هو، جنهن جي مسعودي وغيره عرب عالمن جي بيانن مان پوري تصديق ٿئي ٿي۔

مگر موجوده تحقيق مطابق ان وقت ۾ ڪشمير جي ڪنهن به ’ بلهرا‘ نالي راجا جو پتو نٿو پوي۔ سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي فتوحات جو سلسلو سنه ٧١٢ع کان شروع ٿئي ٿو، جيسينه تقريباً سنه ١٤ / ٧١٣ع ڌاري وڃي ڪشمير ۾ پناهه ورتي هوندي۔ مگر ان وقت ڪشمير ۾ ’ ڪارڪوٽه‘ (Karkota) گهراڻي جي حڪومت هئي۔ انهيءَ گهراڻي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو راجا جو ان وقت حڪمران هو، تنهن جو نالو ”لليتادتيه مُڪتاپيڊ“ هو، جنهن جي حڪومت جو عرصو اندازاً ٧١٣ع کان ٧٥٠ع تائين ڄاڻايو ويو آهي. (ڏسو رڪي جي ’گهرائين وار تاريخ‘، ص ٧٢، بحوالي راجترنجني). ان راجا کان اڳ جي راجا جو نالو ’چنداپيڊ‘ ڄاڻايو ويو آهي (بارنيٽ، ص ٦١). مگر جيئن ته ”ڪشمير جي انهن اڳاڻن راجائن جي سلسلي توڙي سنڌن سنن جي تحقيق اڃا پايي تڪميل تي نه پهتي آهي، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو ته فتحنامي جو هي قديم حوالو نسبتاً صحيح هجي.

(٢) شاهه جي آسمان کي اسه ڪسه چوندا هئا“. فارسي متن ۾ اصل عبارت هن طرح آهي: ”اسه ڪسه آسمان شاه گفتندي.“ هن عبارت ۾ ڀڃ خلل آهي، ۽ معني صرف ظاهري الفاظ موجب ڪئي وئي آهي. ”اسه ڪسه“ نالي ڪشمير جي گادي جو ڪنهن به ٻئي ماخذن مان پتو ڪونه پوي. ١١- صدي جي شروع ۾ ڪشمير جي گادي ”راجَوَري“ هو، جيئن بيروني لکيو آهي (ڏسو متي نوٽ ص ٥٠٠د). پڻ بيروني چوي ٿو ته ”بلور شاهه، شڪنان شاهه ۽ وخان شاهه ڪشمير جي اولهه طرف آهن“ (ڪتاب الهند، عربي متن ص ١٠١، انگريزي ترجمو ٢ ×٢٠٦). ممڪن آهي ته ”آسمان شاه“ به اهڙي طرح ملڪ جي ڪنهن پاڳي جو نالو هجي. هوڙي والا (ص ٩٨) جي خيال ۾، ’آسمان شاه‘ شايد ’آدشتان شاه‘ جي بگڙيل صورت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، ڪشمير جي گاديءَ جو هنڌ ”آدشٽان“ جي نالي سان سڏبو هو (بحوالي ايليٽ ۽ ڊائوسن ١×٦٤) مگر پروفيسر سخائو جي وضاحت موجب ”آدشٽان“ دراصل سنسڪرت لفظ ”آڌشٽان“ (Adhishthan) آهي، جنهن جي معني آهي ”گاديءَ جو هنڌ يا مکيه شهر“ (ڏسو ترجمو ڪتاب الهند، ٢٠×١٨١). اسان ترجمي ۾ پڻ انهيءَ لحاظ سان معني ڪئي آهي: آستان شاه= شاه جي آستان يعني شاهه جي گاديءَ جو هنڌ.

(٣) هت ڏنل بيان مان ظاهر آهي ته جيسينه سنڌ ڇڏي وڃي ڪشمير جي راجا وٽ پناهه ورتي ۽ ويندي حضرت عمر بن عبدالعزيز جي دور خلافت تائين اتي ٿي رهيو. مٿي ص ٢٩٥ / [٢٠٣] جيسينه جو علائقي سان لڳجي سنڌ ڇڏڻ واري بيان مان اهڙو معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن جيسينه چتور ۾ ترسي پيو ۽ علائقي ڪاڻس جدا ٿي ڪشمير ڏانهن روانو ٿيو، مگر هيٺ انهيءَ عبارت ۾ هڪ فقره آهي ته ”بوه آستان راجڙي طرف خط لکيائون.“ فعل ”لکيائون“ جي جمع واري صيغي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪشمير ۾ علائقي سان گڏ شايد جيسينه به شامل هو. پڻ ص ٢٩٦؛ تي جملي قلمي نسخن مطابق عنوان هن ريت آهي ”جيسينه جو ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ“ حالانڪ انهيءَ عنوان هيٺ ڏنل بيان ۾ جيسينه ڦالو ڏنل ڪرهڻي. اسان انهيءَ متعلق مٿي ص ٢٩٦: جي حاشيه - ١ ۾ ڄاڻايو آهي ته شايد هيٺ ڏنل بيان ۾ جيسينه جو نالو حذف ٿي ويو آهي، جنهن ته هن زير بحث صفحي جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عـبـارت مان جيسينه جـو ڪشمير وڃڻ صاف ظاهر آهي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته ص ۲۹۶ واري عنوان هيٺ ڏنل بيان ۾ ڪا غلطي آهي، جنهن سبب جيسينه جو نالو رهجي ويو آهي: مجموعي طرح سان ننچنامي جي هنن حوالن مان جيسينه جي ڪشمير وڃڻ جي تائيد ٿئي ٿي. (ن ـ ب)

۳۴۵/ [۲۳۳] عمرو بن مسلم الباهلي: ننچنامي جي هن عـبـارت موجب عمرو بن مسلم الباهلي، حضرت عمر بـن عبدالعزيز رحه جي خلافت ۾ سنڌ جو گورنر هـو ۽ ڪشمير طرف ملڪ فتح ڪيائين. مؤرخ بلاذري جي بيان مـان به هن حقيقت جي تائيد ٿئي ٿـي. بلاذري (فتوح، ص ص ۴۴۱-۴۴۲) لکي ٿـو ته: ”عمر بـن مسلم الباهلي، عمر (بن عبدالعزيز رحه) طرفـان انهيءَ (سنڌ ۽ هند) محاذ جو گورنر هو ۽ هندوستان جي ڪن ڀاڱن تي حملا ڪري فتحون حاصل ڪيائين.“ (ن ـ ب)

۳۴۷/ [۲۳۵] تختگاهه اروڙ- بغرور: يعني سنڌ جـو تختگاهه، جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪري پنهنجي تصرف ۽ تـابعداري هيٺ آندو. جيئن ته ان وقت اروڙ سان گڏ ٻيو مشهور ويجهو شهر ”بغرور“ هو جنهن جو نظام، حڪومت جي گادي اروڙ سان وابسته هـو (ننچنامو ص ۱۷۹) انهيءَ ڪري ٻنهي شهرن کي مجازاً تختگاهه، چاتو ويو آهي. هونءَ به سنڌ ۾ شهرن جـي ٻٽن نالن استعمال ڪرڻ جـو رواج آهي مثلاً هالائي- ٻهلائي، کمبت- ڪهڙا وغيرها. ”بغرور“ مان مراد بکر آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ ڏسي نوٽ ص ۱۷۹/ [۱۲۵] ڏسڻ گهرجي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣٤٨/[٣٣٥] ڪڪسو پٽ چندر پٽ سيلاٽج: نالو "ڪڪسو" شايد اصل ۾ "ڪاڪتسٿ" (Kokutstha) هجي، جو اهو نالو تقريباً ٧٤٠—٧٥٥ع ڌاري، قنوج جي پرتيهار گهراڻي جي راجائن ۾ ملي ٿو. راجا ڪاڪتسٿ، هن گهراڻي جي باني راجا ناگڀٽ بعد گادي تي ويٺو. (هوڙي والا ص ٩٨، بحوالي سمٿ ۽ ويديا)

٣٤٩/[٣٣٦] شعر: لَا تَسْتَشِيرُ غَيْرَ نَدْبٍ- الخ: هي شعر ابو الفتح البُستي جي نوليه قصيده جو آهي جنهن جي شروعات آهي: "زيادة المرء في دنياه نقصان." الدميري پنهنجي ڪتاب "حياة الحيوان" ۾ (ثعبان) جي ماتحت هي قصيدو نقل ڪيو آهي ۽ ان ڪي ابوالفتح بستي جوڙي ڪري ڄاڻايو اٿس؛ وڌيڪ لکيو اٿس ته "ڪي چون ٿا ته هي قصيدو اميرالمومنين راضي بالله (عباسي خليفي) جو آهي" مگر اها روايت ضعيف آهي. "حياة الحيوان" ۾ ذڪر قصيدي جي هيءَ پندرهين مصرع آهي ۽ ان جي پڙهڻي "حازمٍ يقظٍ" جي بدران "حازمٍ فطنٍ" آهي.

شاعر ابوالحسن علي بن محمد البستي، جو ابوالفتح البستي جي نالي سان مشهور آهي، تنهن سنه ٤٠٠ يا ٤٠١ هجري ۾ بخارا ۾ وفات ڪئي (ابن خلڪان ١×٣٥٧). فتحنامو ان کان اڳ جي تصنيف آهي، انهيءَ ڪري هي شعر فارسي مترجم پنهنجي طرفان مثال طور ڏنو آهي. فتحنامي جي عبارت سان به صاف ظاهر آهي ته نفس مضمون سان هن شعر جو ڪو به تعلق ڪونهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اشـ ۲۵۰:۳/[۳۳۶-۳۷] سڪه ۽ ملتان: متين ڇنوي صفحن تي ”سڪه ۽ ملتان“ جي ترجمي جي اصل فارسي عبارت ”سكة ملتان“ آهي، جا جملي نسخن جي متفقه پڙهڻي آهي. ترڪيب اضافي جي لحاظ سان ”سكة ملتان“ جو ترجمو ٿيندو ”ملتان جو سڪه“ جنهن جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون: (۱) ”ملتان پرڳڻي جو شهر سڪه“؛ انهيءَ معنيٰ جو مثال موجوده وقت ۾ حيدرآباد سنڌ ۽ حيدرآباد دکن جي نالن ۾ موجود آهي. مگر اهڙو مثال عرب جغرافيه نويسن جي اصطلاحن ۾ ورلي نظر اچي ٿو. (۲) ٻي معنيٰ ٿيندي ”شهر ملتان جو سڪه“ يعني ملتان جهڙي وڏي شهر جو هڪ جدا پاڙو جو بذات خود هڪ ننڍو شهر هجي، جنهن کي انگريزي ۾ *Suburb* چئجي. عربي جغرافيائي اصطلاح ۾ انهيءَ معنيٰ جا مثال همداني جي ”ڪتاب البلدان“ ۾ ملن ٿا. مثلاً ”سكة اصطفانوس بالبصرة“ (شهر بصره ۾ اصطفانوس جو سڪه)، ”سكة البخاريه بالبصره“ (شهر بصره ۾ البخاريه جو سڪه)، ”سكه ساسان بالري“ (شهر ري ۾ ساسان جو سڪه). غالباً ملتان ۽ سڪه ۾ لاڳيتا شهر هئا ۽ انهي جي وچان صرف راوي ندي وهندڙ هئي: سڪه، راوي ندي جي ڏاکڻي ڪناري (غالباً ڏکڻ ـ اولهه) تي هو ۽ ملتان ساميون ٻئي طرف.

متين وضاحت سان معلوم ٿيندو ته ”سڪه ملتان“ جو ترجمو جيڪڏهن ”ملتان جو سڪه“ ڪجي ته ٻه معنيٰ ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موهنجارو باقي رهندو. اهان آسانيءَ خاطر، ترجمي ۾ "مڪہ ۽ ملتان" رکيو آهي، جو حقيقت جي برعڪس ناهي؛ ڇاڪاڻ ته مڪہ ۽ ملتان بهرحال ٻہ جداگانہ شهر هئا. اهو بہ ممڪن آهي تہ شايد اصل فارسي عبارت ۾ "مڪہ و ملتان" هجي ۽ وچ وارو واو- عطف ڪاتبن جي ڀلن سبب خذف ٿي ويو هجي. مؤرخ بلاذري جي وقت ۾ (سنہ ٢٥٦ هہ) مڪہ جو شهر ويران ٿي ويو هو (ڏسو فتوح البلدان ص ٤٣٩). (ن - ب)

٣٥٤/ [٢٣٩] ست هزار درم تور چاندي تقسيم ڪئي. هرهڪ سوار کي خاص طرح چار سوءَ درم تور چاندي ملي؛ غالباً مراد آهي تہ ڪن خاص سوارن جن وڏي همت ۽ بهادري ڏيکاري هئي تن ۾ اها چاندي تقسيم ڪئي وئي؛ ورنہ سمجهو تہ محمد بن قاسم جي فوج ۾ جملي ١٥٠٠ سوار هئا، ۽ اهو تعداد تمام گهٽ هئڻ سبب قرين قياس نظر نٿو اچي. (ن - ب)

٣٥٥/ [٢٣٩] راجا جوبن: هوڊي والا جي خيال ۾ هي نالو 'چنبدهو' (يعني سمديو Samdadeva) هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هيٺين بيانن موجب هن ٿي سوني ٻت وارو مندر ٺهرايو هو:-

'سانٻ' جو جانبوت جي ڏيءَ جامبوتي مان ڪرشن جو پٽ هو، تنهن کي، آسور گهراڻي جي راجا 'باڻ' جي شڪست بعد، ملتان جو راجا مقرر ڪيو ويو. جامبوتي، ڪرشن کي پنهنجي ڏيءَ سان گڏ 'سيمنتڪ مڻ' (هڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيرو يا طاسمي پٿر) پيٺا طور ڏنو هو "جو روزانو اٺ بهارون (Bhors) سون جون پيدا ڪندو هو" (وشنو پراڻ، حال جي ايڊيٽ ڪيل ولسن جو انگريزي ترجمو، ٧٦x٦-٧٩). سامب ڪي درواسَس نالي فقير جي بد دعا سبب ڪوڙهه جي بيماري ٿي هئي، جنهن تي 'نارد' جي صلاح موجب هو وڃي ميترَ - وَنَ' جي وڻن ۽ ٻوٽن، ۽ ميترَ' (سورج ديوتا) جي مسلسل پوڄا سبب هن ڪي ڪوڙهه کان نجات ملي. پوءِ هن ميترَ' يعني سورج ديوتا جي پوڄا لاءِ هڪ مندر ۾ سونو بت ڪڙو ڪيو، ۽ اهڙي طرح مناسب، سج جي پوڄا جي شروعات ڪئي (ڀاوشيه پراڻ، بحوالي حاشيه ولسن - ايضاً، ٣٨١x٥، عسل ١٠؛ ٣٨١؛ پڻ ڪينگهام، هندستان جي قديم جاگرافي، ص ص ٣٣-٢٣٢). بيروني پڻ لکيو آهي ته ملتان جو هڪ قديم نالو 'سامبپُر' يعني 'سامب جو شهر' هو (الهند، ترجمو سخاؤ، ١x١٩٦). وري هتي هنڌ (ايضا ٢ ١٨٤) لکي ٿو ته "ملتان جي هندن جي هڪ وڏي ڏڻهن جو نالو 'سامبپُور ياترا' آهي، جو هو سج جي نمسڪار ۽ پوڄا پاڻ طور ملهائيندا آهن." (هوڙي والا ص ص ٩٨-٩٩).

٣٥٦/[٣٣٩] مستروي[٨] [بتخانو]: فارسي ايڊيشن ۾ هي لفظ "مستروي" ڪري لکيل آهي مگر فتحنامي جي قلمي نسخن جي پڙهڻ جي آڌار تي اسان 'مترَوي' پڙهڻ اختيار ڪئي آهي، جنهن لاءِ متن ص ٣٥٦ جو حاشيه -١ ڏسڻ گهرجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيٺين دليلن مطابق صحيح لفظ بہ يقيني طور ”منروي“ آهي، جو ملتان جي مندر جو نالو هو. (١) هن ڪان اڳ واري نوٽ موجب قديم هندو پراڻن جي بيانن مان تصديق ٿئي ٿي تہ ملتان وارو مندر ”سورج ديوتا“ جو مندر هو ۽ سورج ديوتا جي پوڄا لاءِ قائم ڪيو ويو هو (٢) محقق بيروني پنهنجي وڏڪ ڪيل تحقيق جي بناءِ تي لکيو آهي تہ ”هندستان جي مشهور بتن مان هڪ ملتان وارو بت آهي، جنهن جو نالو سج جي نالي پوبان آهي ۽ انهيءَ ڪري ان کي ’آدت‘ سڏجي ٿو“ (ڪتاب الهند، عربي متن: ص ٥٦؛ ۽ ڪتاب الجماهر ص ٤٩). (٣) هاڻي، ’منروي‘ جو خود سنسڪرت نالو ئي انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪري ٿو: من = دل، روح، جان، بوجهہ، ويچار، جان ۽ بوجهہ جو مرڪز. (”من“ مان لڪتل اصطلاح: دل لڳائڻ، برگزيدو سمجهڻ، عبادت ۽ ياد ڪرڻ). رَوِي = سج يا سورج ديوتا. سج جو قديم نالو. سج جي ٻارهن ”آدتين“ مان هڪ آدتيہ (سنسڪرت ڊڪشنري Sir Monier - William. انهيءَ ڪري منروي (من × روي) جي معنيٰ ٿي سج جي (ٻارهن عادتين مان) هڪ آدتيہ جي پاڪ پوڄا جو مرڪز، يا مجموعي طرح مان ’سورج ديوتا جي عبادتگاهہ.‘

ابن رستہ (ص ١٣٦) لکي ٿو تہ: (مقامي ماڻهو) چون ٿا تہ هي بت ٻہ هزار ورهيہ اڳ جو آهي.“ محقق بيروني (ڪتاب الهند ص ٥٦) لکي ٿو تہ: ”منڌن (مقامي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مائون) خيال ۾ هي بت 'ڪرتا جڳ' ۾ ٺهرايو ويو ۽ انهيءَ حساب سان هن وقت (٥- صدي هجري جي اوائل) تائين ان کي ٢١٦٤٣٢ سال گذري چڪا آهن."٢٩ (ن-ب)

٣٥٦ / [٢٣٩] سون جو ٺهيل بت ڏٺائين، جنهن جون اکيون ڳاڙهي ياقوت سان ٺاهيل سندس منهن ۾ رکيل هيون: هن صفحي تي توڙي هن کان اڳ واري صفحي تي ڄاڻايل آهي ته هيءُ بت سون جو هو. مگر محمد جي فتح وقت غالباً اهو سونو بت موجود نه هو. محمد بن قاسم، پنهنجي فراخدليءَ واري پاليسي موجب انهيءَ بت کي انهيءَ اصلوڪي حالت ۾ ڇڏيو (ڏسو هيٺ، نوٽ ص ٢٥٧) ۽ بعد ۾ اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي، جن ٤- صدي جي وچ ڌاري هن بت کي ڏٺو، تن جو بيان آهي ته 'سڄو بت هڪ قسم جي چمڙيءَ سان ڍڪيل آهي جا ڄڻ ٻڪريءَ جي ڳاڙهي ڳوڙهي رنگيل کل يا ڳاڙهي سختياڻي ڪپڙي مثل معلوم ٿئي ٿي؛ سواءِ اکين جي جسم جو ڪو به حصو نظر نٿو اچي. ڪي چون ٿا ته ڪاٺ جو ٺهيل آهي ۽ ڪي ان راءِ جي مخالف آهن' (اصطخري ص ١٧٤، ابن حوقل ص ٢٢٩ ۽ مقدسي ص ٤٨٣). بيروني کي ٥- صديءَ جي شروع ۾ تحقيق ڪندي معلوم ٿيو ته هيءُ بت ڪاٺ جو ٺهيل هو ۽ سڄو ٻڪري جي ڳاڙهي رنگيل چمڙيءَ سان ڍڪيل هو ۽ سندس اکين ۾ ڳاڙها ياقوت لڳل هئا (ڪتاب الهند، عربي متن ص ٥٦). هي بت بيرونيءَ کان اڳ تباهه ٿي چڪو هو، مگر اکين ۾ ڳاڙهن ياقوتن بابت سندس تحقيق بالڪل فتحنامي ۾ ڏنل حقيقت مطابق آهي، جنهن جي تصديق پڻ اصطخري (ص١٧٤

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابن حوقل (ص ٢٢٩) ۽ مقدسي (ص ٢٨٣) جي اکين ڏٺل بيان مان ٿئي ٿي ته مورتي جي اکين جي جاءِ تي ٻه جوهر لڳل هئا. غالباً ننجحامي جي فارسي مترجم ئي وڌاءُ خاطر هن بت کي سون جو بت ڪري ڄاڻايو آهي ڇاڪاڻ ته اهو بيان جملي اکين ڏٺل بيانن جي خلاف آهي. (ن-ب)

٣٥٦ / [٣٤٠] محمد بن قاسم سمجهيو ته هي ڪو آدمي آهي: هن بت جي صورت هوبهو ماڻهو جهڙي بنايل هئي. ابن حوقل (ص ٢٢٩) جو اکين ڏٺو بيان آهي ته، "هي بت انسان جي شڪل شبيه واري صورت جهڙو آهي." پڻ مقدسي (ص ٢٨٣) ۽ ابن رسته (ص ١٣٦) هن حقيقت جي تائيد ڪن ٿا ته "هيءُ بت ماڻهوءَ جي صورت جهڙو آهي." (ن-ب)

٣٥٧ / [٣٤٠] ان (بت) جي هيٺان ٻه سؤ ٽيهه من سون ۽ چاليهه مٽ سون جي ڪاٺر مان پرول نڪتا. جملي تيرهن هزار ٻه سؤ من تور سون دفن ٿيل نڪتو: هن ڪان اڳ ص ٣٥٥ تي ڄاڻايل آهي ته هرهڪ مٽ ۾ سون جي ڪاٺر جا "ٽي سؤ ٽيهه من" پيل هئا. انهيءَ حساب سان ته فقط چاليهن مٽن مان ئي (١٣٢٠٠ = ٤٠x٣٣٠) تيرهن هزار ٻه سؤ من سون نڪتو هوندو. انهيءَ ڪري يا ته مٿين عبارت ۾ پهريون "ٻه سؤ ٽيهه من" وارو فقرو محض وڌاءُ آهي ۽ غلط سمجهڻ گهرجي، يا ته وري بوٽين جوڙ ۾ غلطي آهي ۽ جملي سون (١٣٢٠٠x ٢٣٠ = ١٤٤٣٠) تيرهن هزار چار سؤ ٽيهه من ٿيڻ گهرجي.

اڪثر عرب مؤرخن ۽ جغرافيه نويسن پنهنجي تصنيفات ۾، محمد بن قاسم کي سون جي هن وڏي خزاني هٿ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهنڪري ملتان کي ان بعد عربيءَ ۾ ”فرج بيت الذهب“ يعني ”سون جي گهر واري سرحد“ (يا سون جي گهر وارو محاذ) ڪري سڏيو ويو. ڪم از ڪم ٽن مصنفن هن ملتان واري بتخاني مان سون جو هڪ اڻ ماپ وزن ۾ لکيو آهي. ستڌن متفقه بيان موجب هن بتخاني مان ”چاليهه ٻهارون سون جون هٿ آيون: هرهڪ ٻهار برابر ٽي سؤ ايڪٽيهه من جي*“ (ڏسو اصطخري ص ٥٦؛ البدء و التاريخ جلد ٤، ص ٧٧؛ ۽ ”مسالک الابصار“ مان محمد بن تغلق متعلق حالات جو انگريزي ۾ ”آلوسپس“ جو ڪمل ترجمو، ص ١٩). هنن بيانن موجب جملي سون جو وزن (١٣٢٤٠=٣٣٣×٤٠) تيرهن هزار ٽي سؤ ويهه من ٿين ٿا گهرجي. (ن.ب)

٣٥٧ / [٣٤٠] اهو سون ۽ بت خزاني ۾ آندائون: ٺٽي ص ٣٥٦ / [٢٢٩] واري نوٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته بت سون جو ڪونه هو مگر ڪاٺ جو هو، انهيءَ ڪري

---

* ”ٻهار“ هڪ ماپ جو نالو آهي، مگر ان جي وزن متعلق اختلاف راءِ آهي. جواليقي جي بيان موجب هڪ ٻهار سون يا چاندي جي ٽن قناطيرن جي برابر آهي ۽ هر هڪ قناطير هڪ سؤ رطل جي برابر آهي. مگر الفراءِ ۽ ابن الاعرابي جي راءِ موجب ”ٻهار“ عربن وٽ ٽن سؤن رطلن جي برابر آهي. ڪتاب المعرب ص ٢٧. تاج العروس (ماده: بهر) جي مصنف پڻ ”ٻهار“ جي معنيٰ لکندي ساڳيو جواليقي وارو بيان نقل ڪيو آهي. خفاجي لکي ٿو ته ”ٻهار“ هڪ ماپ آهي جو ٽن قناطيرن جي برابر آهي ۽ ڪي چون ٿا ته ٽن سؤن رطلن جي برابر آهي. (شفاء العليل ص ٤٣)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ان کي ڪٽڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. ازانسواءِ بتن کي ڪٽڻ يا تباھ ڪرڻ محمد بن قاسم جي پاليسي جي منافي هو. فتحنامي ۾ هن کان اڳ اروڙ جي فتح واري بيان مان واضح آهي تہ محمد بن قاسم اتي جي بتخاني ۽ ان ۾ رکيل مورتي جو معائنو ڪيو ۽ هڪ ڪنگڻ بت جي ٻانهن تان لاٿائين ۽ وري اهو مجاور کي واپس ڪيائين تہ ساڳيءَ طرح مورتي کي پارايو وڃي. زير بحث صفحي تي ڏرا مٿي ڄاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم بت کي ڪٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهو محض انهيءَ لاءِ تہ هيٺان پوريل خزانو هٿ ڪيو وڃي.

محمد بن قاسم کان پوءِ بہ عرب سياحن ۽ مؤرخن مسلسل طور ملتان جي بتخاني ۽ بت جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان ظاهر آهي تہ اهو بت اتي سالم حالت ۾ رکيل هو [ڏسو اکيڻ ڏنا بيان اصطخري (ص ١٧٤)، ابن حوقل (ص ١٢٩)، ۽ مقدسي (ص ٨٤-٤٨٣) جا ۽ پڻ تحقيقي بيان ابن خردازبہ (ص ٥٦)، ابن رستہ (ص ص ٣٧-١٣٥) جا ۽ پڻ حوالا، مصنف 'حدودالعالم' (ص ٤٤)، ابن الوردي (خريدة العجائب ص ص ٦٣-٦٢) ۽ ياقوت (معجم البلدان ٤×٦٨٩) جا.]

پنجين صدي هجري جي شروع ۾ جڏهين بيروني ملتان ۾ آيو تڏهين هيءَ بت اڳ تباھ ٿي چڪو هو. بيروني هن مورتي ۽ ان جي تباهي بابت پنهنجي ڪتاب الهند (ص ٥٦) ۾ هن طرح لکيو تہ: ”محمد بن قاسم بن منبہ هن بت جي ڳچيءَ ۾ ڳئون جي گوشت جو ٽڪر ٻڌي ڇڏيو هو، پوءِ جڏهين قرمطين جو (ملتان تي) غلبو ٿيو تڏهين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جلم بن شيبان هن بت کي ڀڳو، ان جي رکوالن کي قتل ڪيائين ۽ ان مندر کي .... جامع مسجد ۾ تبديل ڪيائين."

جيتوڻيڪ بيروني جي هن بيان جو پويون حصو صحيح آهي، مگر محمد بن قاسم بابت سندس ريمارڪ غلط آهي. معلوم ٿئي ٿو ته اها ڳالهه ڪتا بيروني کي مقامي ماڻهن کان ملي ۽ ان جي غلطيءَ جو وڏو ثبوت اهو آهي جو خود محمد بن قاسم جي ڏاڏي جو نالو ٿي غلط لکيل آهي. محمد بن قاسم جي ڏاڏي جو نالو "محمد" هو ۽ نه "منبه". ممڪن آهي ته بت جي اها توهين "بنو منبه" گهراڻي جي حاڪمن مان ڪنهن ڪئي هجي، جي قرمطين کان اڳ، واري زماني ۾ ملتان جا حاڪم هئا ۽ چو ته "منبه" جي نالي مان اهو ٿي گمان نڪري ٿو. محمد بن قاسم مقامي ماڻهن جي ڌرم جي پوري مخالفت ڪئي هئي جنهن تي لتحنامي تـوڙي بلاذري جا ڪيترائي حوالا شاهد آهن. معلوم ٿئي ٿو ته خود بيروني کي پوءِ هن غلط روايت جي خبر پنجي وئي ۽ اهيءَ ڪري پنهنجي ٻي تصنيف "ڪتاب الجماهر" (ص ٤٩) ۾ هن طرح لکيائين ته: "محمد بن قاسم ان بت کي صاح ۽ پلاڻي خاطر ائين جو ائين ڇڏي ڏنو، تان جو جلم بن شيبان ان کي (خليفي) مقتدر بالله جي دور قريب ۾ ڀڳو."

جلم بن شيبان مصر جي فاطمي خليفن جو داعي ۽ سپه سالار هو جنهن ان دور ۾ سنڌ ۽ ملتان تي غلبو حاصل ڪيو. هن سنه ٣٥٤هه ۾ هن بت کي ڀڳو، جيئن ته مصر جي فاطمي خليفي معز ڏانهن سندس لکيل خط مؤرخ آچر ڏينهن، ١٩- رمضان سنه ٣٥٤ هه مان ظاهر آهي (عماد الدين،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عيون الاخبار - قلمي نسخه - بشڪريه محترم استاد پروفيسر طاهر علي- حالا پرنسپال شاهه عبداللطيف ڪاليج، ميرپورخاص).
(ن - ب)

۳۵۱ / [۲۴۰] تياريءَ ۾ سٺ هزار درهم تور خالص چاندي خرچ ٿي آهي .... باقي هڪ سؤ ويهه هزار درهم تور چاندي .... توکي موڪلڻي آهي: جملي نسخن موجب فتحنامي جي عبارت اهين آهي. اهي الفاظ حجاج جي خط جا آهن، جيڪو فتحنامي موجب، محمد بن قاسم کي انهيءَ ڏينهن پهتو جنهن ڏينهن ملتان ۾ کيس خزانو هٿ آيو. انهيءَ جي معني ته اڃا محمد بن قاسم ملتان وارو خزانو حجاج ڏانهن ڪونه موڪليو هو.

پانهنجي ٿو ته هن عبارت ۾ خلل آهي. بقول هوڙي والا (ص ۱۰۰) اهين سمجهڻ عبث آهي ته ٻن ٽن سالن جي فتوحات جي تياريءَ ۾ صرف سٺ هزار درهم چاندي يعني ته الڪل ۱۵ هزار روپيه خرچ ٿيا هوندا. ۱۰ هه. هن باري ۾ بلاذري جو هيٺيون بيان غالباً صحيح آهي، ۽ فتحنامي ۾ محض ڪاتبن جي غلطي سبب انهيءَ ساڳي حقيقت کي ادا ڪرڻ ۾ ڀل ٿي آهي. بلاذري لکي ٿو ته: "حجاج حساب لڳايو ته ڏٺائين ته محمد بن قاسم (جي حملي) تي سٺ هزار هزار درهم خرچ ڪيو هئائين، ۽ کيس هڪ سؤ ويهه هزار هزار (محمد بن قاسم طرفان) پهچي چڪا هئا. انهيءَ تي چيائين ته: اسان پنهنجي ڪاوڙ ٺاري، بدلو ورتو، ۽ سٺ هزار درهم ۽ ڏاهر جي سر جو اضافو ڪيو" (فتوح البلدان، ص ۴۴۰).
فتحنامي جي عبارت ۾ ٻنهي جاين تي "هزار هزار" جي بدران

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

صرف ”هزار“ لکيو ويو آهي جو غالباً ڪاتب جي غلطي آهي. بلاذري جي عبارت مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم جي فتوحات تي جملي ٦ ڪروڙ درهم خرچ ٿيو ۽ ١٢ ڪروڙ درهم محمد بن قاسم طرفان شاهي خزاني ۾ پهتا. (ن - ب)

٣٥٩/ [٣٤١] اشهار ۽ ڪرور: فتحنامي ۾ هن صفحي تي آيل هن ڪان اڳ ص ص [١٥، ٣٧] تي هنن ٻنهي شهرن جا نالا گڏوگڏ ڏنل آهن، جنهن مان پاڻچي ٿو ته اهي ٻئي شهر ساڳئي طرف ۽ هڪٻئي کان ويجها هئا. ’ڪرور‘ جو نالو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. ’ڪرور پڪا‘ ملتان ضلعي جي تعلقي لوڌران ۾، لوڌران اسٽيشن کان ٢٤ ميل اوير طرف واقع آهي. (ن - ب)

٣٦٠/ [٣٤٣] اوڌاپر: مختلف نسخن جي پڙهڻين مطابق ’اوردهابر‘ يا ’اودهاتر‘. مير معصوم (تاريخ معصومي ص ٢٨) نه معلوم ڪهڙي بناء تي هن شهر کي ’ديپالپور‘ ڪري لکيو آهي. هوڙي والا ڄاڻايو آهي ته ميجر راورٽي جي خيال ۾ فتحنامي جو ’اوڌاپر‘ يقيني طور اديپور (Odipur) آهي جو الوان (Alwana) کان ١٤ ميل ڏکڻ طرف ’گهڪهر‘ جي ڪناري تي آهي. ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا واري به راورٽي جي اها راء اختيار ڪئي آهي. مگر هيءُ نالو بلڪل مبهم آهي ۽ ان جي جڳهه متعين ڪرڻ مشڪل آهي. (هوڙي والا، ص ١٠٠).

٣٦١/ [٣٤٤] راء هرچند [پٽ] جهتل: فتحنامي جي بيان موجب راء هرچندر، محمد بن قاسم جي فتوحات وقت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قنوج جو راجا هو. نالن جي مناسبت جي لحاظ سان ’هرچندر‘ کي ”هرشا“ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. مگر قنوج جو مشهور راجا هرشا سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت کان اڳ گذاري ويو هو. هيءَ راءِ هر چندر قنوج جو ڪو ٻيو راجا هو جو شايد هرشا بعد حڪمران ٿيو. (ن ـ ب)

٣٦٤ ـ ٣٦٧ / [٢٤٣ ـ ٢٤٧] محمد بن قاسم ڪي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ .... چچ‌نامه جو ٻيو پڙو گفتگو: هن صفحن تي پنجن مختلف عنوانن هيٺ جيڪا حڪايت محمد بن قاسم جي گرفتاري ۽ موت بابت ڏنل آهي، سا محض هڪ ڏندڪٿا آهي، جنهن جو آڳاٽن تاريخي ڪتابن ۾ ذري جيترو به ذڪر ڪونهي. البت پوئين دور جي مصنفن، فتحنامي جي هن افساني کي بنا سوچ سمجهه جي پنهنجي ڪتابن ۾ داخل ڪيو ۽ انهيءَ ڪري نظام الدين بخشي جي ”طبقات اڪبري“، مير معصوم جي ”تاريخ معصومي“ ۽ مير علي شير قانع جي ”تحفة‌الڪرام“ ذريعي هن جڙتو افساني جي وڌيڪ اشاعت ٿي آهي.

هن حڪايت جا هيٺيان اندروني سقم ٿي ثابت ڪن ٿا ته هيءَ محض هڪ افسانو آهي جنهن جو بنياد محمد بن قاسم بابت پڙل مقامي ڏند ڪٿائن تي رکيل آهي:-

(١) پهرين ته ص ٣٦٣ / [٢٤٣] تي هن افساني کي تاريخي رنگ ڏيڻ لاءِ ان کي ٻن راوين، محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. هنن نالن کي پڙهندي گمان ٿئي ٿو ته شايد اهو هڪ نالو ”علي بن محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابوالحسن مدائني" هجي جو مدائني جو سچو نالو آهي. مگر فتحنامي جي جملي نسخن ۾ اهي ٻئي جدا نالا ڏنل آهن، ۽ ازانسواء "علي بن محمد" کي "محمد بن علي" ڪري لکڻ کي ڪاتبن جي غلطي طرف منسوب ڪرڻ قرين قياس ناهي، جيئن ته ابوالحسن مدائني هڪ نهايت معتبر راوي آهي جنهن جون فتحنامي ۾ ڏنل ٻيون سڀ روايتون تاريخ جي ڪسوٽي تي پرکي سگهجن ٿيون، انهيءَ ڪري جنهن شخص هي ڏنل ڪتا فتحنامي ۾ شامل ڪئي آهي تنهن غالباً عمداً ۽ ارادتاً ان کي نقط ابوالحسن مدائني ڏانهن منسوب ڪرڻ جي بدلي ساڻس گڏ محمد بن علي نالي ٻئي هڪ گمنام راوي کي پڻ شامل ڪيو آهي.

(٢) ٻيو ته ص ٣٦٣ / [٢٤٣] تي چاڻايل آهي ته "راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت سندس حرم سراء مان ٻه جون ٻه ڪنواريون ڌيئرون گرفتار ٿي آيون هيون" فتحنامي جي اڳين بيان مان ثابت آهي ته راجا ڏاهر راوڙ جي قلعي وٽ قتل ٿيو ۽ اتي ٻئي صرف سندس زال لاڏي جي گرفتاري جو قصو ڏنل آهي ۽ نه سندس ٻن ڌيئرن جي گرفتاري جو. البت ڏاهر جي ٻن ڌيئرن ۽ لاڏي جي گرفتاري جو قصو صفحي ٣٠٢ / [٢٠٧] تي برهمڻاباد جي فتح وقت بيان ٿيل آهي ۽ مٿي صفحي ٥٠١ تي ڏنل نوٽ ۾ انهيءَ متضاد ۽ غير معتبر بيان تي تبصره ڪيو ويو آهي. ظاهر آهي ته ڏاهر جي ڌيئرن بابت خود فتحنامي جا بيان هڪٻئي جي مخالف آهن ۽ هن قصي کي غير معتبر ثابت ڪن ٿا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(٣) ٽيون ته ساڳئي ص ٣٤٣/[٢٦٣] تي چاتايل آهي محمد بن قاسم اهي ڏاهر جون ٻه ڌيئرون ”حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جي درگاهه ۾ موڪلي ڏنيون هيون.“ مگر محمد بن قاسم جي فتوحات وقت بغداد جو شهر اڃا وجود ۾ ئي ڪونه هو، بلڪ چاليهن ورهين کان پوءِ ٻڌو ويو. ان وقت دارالخلافت دمشق هو. هن بنيادي تاريخي غلطيءَ مان صاف ظاهر آهي ته هيءُ هڪ من گهڙت افسانو آهي، جو گهڻو پوءِ قصي طور ايجاد ڪري فتحنامي ۾ شامل ڪيو ويو.

(٤) چوٿون ته ص ص ٣٦٤-٣٦٥/[٢٤٤-٢٤٥] تي چاتايل آهي ته محمد بن قاسم کي هٿي ئي ڪچي کل ۾ ونڍهي صندوق ۾ بند ڪري ڪئي ويا ۽ خليفي وٽ ان جو لاش پهتو. معتبر عربي تاريخون هن بيان جي واضح طور ترديد ڪن ٿيون.

(٥) پنجون ته ص ٣٦٧/[٢٤٧] تي چاتايل آهي خليفي کي جڏهين ڏاهر جي ڌيئرن جي ڪوڙ ۽ مڪر جي خبر پئي تڏهين ڪين جيئرو پٽ ۾ لنباڻي ڇڏيائين. هيءُ هڪ اهڙو واقعو آهي جو جيڪڏهين سچو هجي ها ته عربي تاريخن ۾ ان جو ذڪر هجي ها، مگر اهڙو ڪو اشارو به موجود ڪونهي.

اهي مٿيان اندروني سُڃڻ ئي هن سڄي بيان کي هڪ جڙتو ۽ من گهڙت افسانو ثابت ڪن ٿا. معتبر عربي تاريخن مطابق محمد بن قاسم جي دردناڪ پڄاڻي ۽ وفات

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي حقيقت هيٺينءَ طرح آهي ۽ اها ڪلي طور هن جزئي..و انساني جي ترديد ڪري ٿي:-

خليفي وليد جي وقت ۾ حجاج جي طاقت جو اوج هو. انهيءَ عرصي ۾ حجاج جي اختيار ڪيل پاليسي سبب (١) هڪ ته، ڪي خاص ماڻهو حجاج جي دشمنيءَ جو شڪار بنيا: خليفي وليد جي وفات بعد اهي ماڻهو ئي خليفي سليمان جا خاص صلاحڪار ۽ وڏا آفيسر بنيا ۽ انهن حجاج جي عزيزن ۽ خاص ماڻهن کان حجاج جا بدلا ورتا. محمد بن قاسم به انهيءَ بدلي جو شڪار بڻيو. (٢) ٻيو ته انهن خاص شخصن سان جڏهن حجاج جي دشمني ٿي ته انهن وجهي خليفي وليد جي پاڻ ۽ وليعهد سليمان وٽ بناهه ورتي جنهنڪري حجاج ذاتي طور سليمان جو دشمن ٿي پيو. پوءِ سليمان جڏهن خليفو ٿيو، تڏهين حجاج واري ذاتي عداوت سبب هن پنهنجي مکيه صلاحڪارن جي پاليسيءَ جي پيروي ڪئي، جنهن موجب حجاج جو بدلو سندس عزيزن ۽ خاص ماڻهن کان ورتو ويو جن ۾ محمد بن قاسم اول نمبر هو. (٣) ٽيون ته وليعهد سليمان سان ذاتي عداوت هئڻ سبب حجاج سائس سياسي عداوت ڪئي ۽ خليفي وليد جي انهيءَ تجويز کي زور وٺايو، جنهن موجب سليمان کي وليعهد جي درجي تان هٽائي خليفي وليد جي پٽ عبدالعزيز کي وليعهد بنايو وڃو. حجاج جي انهيءَ سياسي عداوت جو بدلو سليمان خليفي بڻجڻ بعد سندس عزيزن ۽ خاص ماڻهن خصوصاً محمد بن قاسم کان ورتو. حجاج جون اهي دشمنيون ۽ مرڪزي سياست ۾ اهڙي تبديلي ٿي محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن قاسم جي گرفتاري ۽ دردناڪ پڄاڻي جا خاص سبب هئا، جن تي هيٺ معتبر تاريخي حوالن ذريعي روشني وڌي وڃي ٿي:

(١) حجاج جي مهلب جي پٽن سان دشمني:- سنه ٧٥ هه ۾ خليفي عبدالملڪ، حجاج کي پنهنجو خاص آفيسر ڪري مقرر ڪيو ۽ حجاج پوري جبر ۽ تشدد سان حڪومت جي مخالفن کي ختم ڪيو ۽ فسادن جي پاڙ پٽي ڪڍي. مگر سنه ٨١ هه ۾ خود حڪومت جي هڪ آفيسر ۽ حجاج جي زبردست، عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث، بغاوت ڪئي. ابن الاشعث مشرقي محاذ جو ڪمانڊر هو ۽ سيستان طرف فتحون حاصل ڪيون هئائين. بصره، فارس، ڪرمان ۽ سيستان جو انتظام به سندس هٿ هيٺ هو (١). ابن الاشعث جي بغاوت، حجاج کي خود حڪومت جي طاقتور آفيسرن کان بدظن ڪيو. ان وقت حڪومت جو ٻيو ڪامياب ڪمانڊر مهلب ابن ابي صفراء هو. مهلب پاڻ حڪومت جو نهايت وفادار آفيسر هو، مگر حجاج کي سندس پٽن کان خدشو پيدا ٿيو ڇاڪاڻ ته اهي سيئي شينهن مڙس هئا ۽ سندن اثر ۽ رسوخ، همت ۽ مردانگيءَ جون حجاج وٽ خاص خبرون پهتل هيون (٢). خصوصاً مهلب جي پٽ يزيد جي اثر ۽ رسوخ، طاقت ۽ غرور بابت حجاج کي معلوم ٿي چڪو هو (٣). بلڪ ستارن جو حساب لڳائي ڪن ڪيس ٻڌايو هو ته يزيد نالي شخص ئي تنهنجو جاءِ نشين ٿيندو (٤).

---

(١) ابن الاثير ٤×٢٢٩ (٢) ابن خلدون ٥×٣ (٣) ابن خلڪان، انگريزي ترجمو III/515-16 (٤) ايضاً IV/164

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهيءَ ڪري حجاج ويتر يزيد بن مهلب کي نفرت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳو (١).

يزيد جي پيءُ مهلب جو خليفي عبدالملڪ وٽ وڏو قدر هو، انهيءَ ڪري سندس حياتيءَ ۾ حجاج ڪوبه قدم کڻي نه سگهيو. مهلب ٨٢ هه ۾ وفات ڪئي، مگر ان وقت ابن الاشعث جي بغاوت زور هئي ۽ حجاج ان جي دفع ڪرڻ ۾ مشغول هو انهيءَ ڪري يزيد کي سندس پيءُ مهلب جي جاءِ تي خراسان جو گورنر مقرر ڪيائين. مگر سنه ٨٥ هه ۾ ابن الاشعث جو خاتمو ٿيو ۽ حجاج، يزيد کي خراسان جي گورنري تان معزول ڪيو (٢). يزيد هاڻي وڃي خليفي عبدالملڪ جي پٽ سليمان جو سهارو ورتو، ۽ حجاج جڏهن عبدالملڪ ڏانهن يزيد ۽ سندس پائرن خلاف لکيو ته انهن بيت المال جي رقمن ۾ خيانت ڪئي آهي ۽ انهيءَ باري ۾ مسلسل لکندو رهيو تڏهن خليفي ڏانهس لکيو ته هو وڃي سليمان سان پيڙا ٿيا آهن انهيءَ ڪري سندن پچر ڇڏي ڏي (٣).

انهيءَ جواب تي حجاج، عبدالملڪ جي باقي عهد ۾ يزيد ۽ سندس پائرن جي پچر ڇڏي ڏني مگر جڏهن عبدالملڪ شوال سنه ٨٦ هه ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ وليد خليفو ٿيو، تڏهين حجاج کي هٿي ملي وئي ۽ هن يزيد جي ڀاءُ حبيب کي ڪرمان جي گورنري تان معزول ڪيو ۽ سندس ٻئي ڀاءُ عبدالملڪ کي پوليس آفيسري تان معزول ڪيو

(١) ابن خلڪان، عربي متن ٢×٢٦٥، انگريزي ترجمو IV/64
(٢) طبري ٢×١١٣٨ (٣) طبري ٢×١٢١٦-١٢١٢

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ تنهي پاٽرن کي سنه ٨٦ ۾ گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو (١) ۽ کين قيد ۾ سخت عذاب ڏياريائين (٢). چئن سالن جي قيد ۽ عذاب بعد سنه ٩٠هه ۾ يزيد ۽ سندس پاٽر حجاج جي قيد مان ڀڄي نڪتا ۽ وڃي خليفي وليد جي ڀاءُ ۽ وليعهد سليمان وٽ پناهه ورتائون (٣). حجاج جي اها دشمني ۽ سختي هنن کي وسرڻ جي ڪانه هئي؛ انهيءَ ڪري جڏهين حجاج مري ويو ۽ خليفو وليد به مري ويو ۽ سندن مربي سليمان خليفو ٿيو، تڏهين يزيد حجاج جو جاءِنشين مقرر ٿيو ۽ هن حجاج جي دشمني وارو بدلو حجاج جي سائين ۽ عزيزن، خصوصاً محمد بن قاسم کان ورتو.

(٢) حجاج جي وليعهد سليمان سان ذاتي دشمني:- خليفي عبدالملڪ توڙي خليفي وليد جي ڏينهن ۾ سليمان، يزيد بن مهلب ۽ سندس پاٽرن جو حامي ٿي بيٺو ۽ کين پنهنجي پناهه ۽ حفاظت ۾ رهايائين، جنهنڪري حجاج کين ڪجهه به نه ڪري سگهيو. انهيءَ ڪري حجاج جي سليمان سان ذاتي عداوت ٿي پئي. وليد جي ڏينهن ۾ حجاج جي طاقت جو اوج هو ۽ انهيءَ ڪري سليمان کي وليعهد هوندي به دڙڪي طور لکي موڪليائين ته "تون ته مس جي هڪ نقطي وانگر آهين؛ چاهيان ته توکي ڌاهي ڇڏيان چاهيان ته توکي باقي رکان" (٤). حجاج انهيءَ سرڪشي

---

(١) طبري ٢×١١٨٢ (٢) طبري ٢×١٢١٠؛ يعقوبي ٢×٣٤٤-٣٤٥؛ ابن الاثير ٤×٢٦٢؛ ۽ ابن خلڪان، انگريزي ترجمو 17/165
(٣) طبري ٢×١٢٠٨ (٤) جاحظ: البيان ١×٢٠٥؛ محاضرات راغب اصفهاني ١×١٠٦.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سبب سليمان کي ٻه سور ڏيڻي چڙيا هئا، مگر سندس خليفي ٿيڻ کان اڳ هو مري چڪو هو، انهيءَ ڪري سليمان پنهنجا سڀ بدلا حجاج جي عزيزن کان ورتا ۽ محمد بن قاسم ب، انهيءَ عداوت جو شڪار ٿي ويو.

(٣) وليعهد سليمان جي خلاف سياسي سازش ۾ حجاج جي شرڪت:- خليفي عبدالملڪ پنهنجي وفات کان هڪ سال اڳ سنه ٨٥هه ۾ ڪانئس پوءِ خلافت جو سلسلو هن طرح مقرر ڪيو ته: اول سندس پٽ وليد خليفو ٿئي ۽ ان بعد سندس ٻيو پٽ سليمان. انهيءَ تي عوام کان ٻه بيعت ورتائين ۽ خود پاڻ پڻ وليد ۽ ان بعد سليمان کي بيعت ڏنائين (١). مگر وليد پنهنجي خلافت جي آخري دور ۾ ڪوشش ڪئي ته ڪانئس پوءِ سندس پٽ عبدالعزيز خليفو ٿئي ۽ نه سندس ڀاءُ سليمان. انهيءَ لاءِ اول پنهنجي ڀاءُ سليمان کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر جڏهن هن انڪار ڪيو تڏهن حڪومت جي وڏن آفيسرن ۽ گورنرن ڏي لکيائين ته هو سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز جي بيعت ڪن. انهيءَ تي عراق جي وائسراءِ حجاج، خراسان جي ڪمانڊر ۽ گورنر قتيبة بن مسلم ۽ ٻين خاص شخصن سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز جي بيعت ڪئي (٢). انهن ٻين خاص ماڻهن ۾ غالباً آفريقا جو فاتح موسيٰ بن نُصَير اللخمي،

---

(١) طبري ٢×١١٧٠؛ بلاذري، انساب الاشراف ١١×٢٤٣ (٢) طبري ٢×١٢٧٤ ۽ ١٢٨٤. العيون والحدائق ٣×١٧؛ نقائض، ص ص ٣٥١ - ٣٥٣؛ ديوان فرزدق طبع پئرس ص ٥٢؛ طبع قاهره ص ٧٦٨؛ ابن خلڪان، انگريزي ترجمو، IV/183.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالله القسري، عبدالرحمان بن حيان المُري، حجاج جو سوٽ حڪم بن ايوب ۽ حجاج جي سوٽ عمر جو پٽ يوسف بن عمر الثقفي شامل هئا ڇاڪاڻ ته سليمان جڏهن خليفو ٿيو تڏهين انهن سڀني کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو ۽ کين سخت عذاب ڏنا ويا (١). گمان غالب آهي ته حجاج نه صرف پاڻ پنهنجي سر عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪئي مگر سليمان کي خلافت کان محروم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري طاقت لڳايائين ۽ پنهنجي قبيلي آل ابو عقيل جي سڀني سربرآورده شخص کي سليمان جي بيعت ٽوڙي عبدالعزيز کي بيعت ڏيڻ تي آماده ڪيائين. پنهنجي زبردست آفيسرن ڏانهن پڻ هن اهڙا آرڊر جاري ڪيا، جيئن ته طبري پنهنجي پختو سند سان هلوات ڪلبي جي زباني روايت نقل ڪئي آهي جنهن چيو ته: "اسين محمد بن قاسم سان گڏ هندستان ۾ هئاسون جو حجاج جو خط پهتو ته سليمان جي بيعت ترڪ ڪريو." (٢)

جيڪڏهين حجاج ان تحرڪ بعد ڪجهه وڌيڪ عرصو جيئرو رهي ها ته سليمان خلاف گهڻو ڪجهه ڪري ڇڏي ها، ۽ جي هو وليد جي موت تائين زنده رهي ها ته شايد سليمان کي خلافت کان هميشه لاءِ محروم ڪري ڇڏي ها. مگر حجاج پوءِ جلدئي رمضان مهيني سنه ٩٥ ۾ گذاري ويو، ۽ خليفي وليد جي جيئن سڄي ڪانهن پنهنجي پٽ جنهنڪري هو سليمان خلاف هلايل تحريڪ کي ڪامياب نه ڪري

(١) يعقوبي ٢×٢٥٣. (٢) طبري ٢×١٢٧٥.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سگهيو. پوءِ سگهوئي وليد پڻ جمادي الثاني سنه ٩٦ ۾ وفات ڪئي، ۽ سليمان پنهنجي پيءُ جي ڪيل وصيت ۽ بيعت موجب خليفو ٿيو ۽ عن هاڻي پنهنجي مرڻي مخالفن خلاف سختي سان ڪارروايون شروع ڪيون.

سليمان جي خليفي ٿيڻ سان مرڪزي سياست ۾ ڦيرو آيو. حجاج واري جاءِ تي جنهن شخص کي خليفي وليد مقرر ڪيو هو تنهن کي معزول ڪري، سليمان انهيءَ جاءِ تي حجاج جي دشمن ۽ پنهنجي ساٿي يزيد بن مهلب کي عراق جو وائسراءِ مقرر ڪيو. اڳئين خليفي وليد جي سياسي حامين خلاف پڻ ڪارروايون شروع ڪيون ويون. آفريقا جي فاتح موسيٰ بن نُصَيرؓ کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو. سرحد چين ۽ ڪاشغر جي فاتح قتيبه بن مسلم الباهلي جنهن حجاج سان گڏ خليفي وليد جو ساٿ ڏنو هو ۽ وليعهد سليمان جي بيعت ترڪ ڪري عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪئي، تنهن مرڪزي سياست ۾ آيل ڦيرو ڏسي بغاوت شروع ڪئي، مگر سندس ڪوئي لشڪر ڪانئس ڦري ويو انهيءَ ڪري هو بالاخر شاهي لشڪر هٿان قتل ٿي ويو. عبدالله قسري کي مڪه جي نظامت تان معزول ڪيو ويو. حجاج جي قبيلي آل ابي عقيل جي ماڻهن ۽ حجاج جي عزيزن جي گرفتاري، عذاب، ۽ موت لاءِ خاص اهتمام ڪيا ويا. يزيد بن مهلب جي صلاح سان صالح بن عبدالرحمان نالي شخص کي خليفي سليمان عراق جو ونهيو آفيسر خاص انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو ته هو آل بي عقيل جي ماڻهن ۽ حجاج جي واسطيدارن کي گرفتار ڪري قيد ۾ رکي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ کين سخت عذاب ڏيئي ماري پورو ڪري (١). صالح کي حجاج سان ذاتي دشمني هئي ڇاڪاڻ ته حجاج، سندس پاءُ آدم کي خارجي هئڻ سبب قتل ڪرايو هو (٢) انهيءَ ڪري هو انهيءَ ڪم جي پوربان هٿ ٿوئي لڳو.

محمد بن قاسم، حجاج جو عزيز ۽ خاص ساٿيو هو ۽ "فاتح سنڌ" هئڻ سبب آل ابي عقيل جي قبيلي ۾ پڻ برک هو. ازانسواءِ حجاج ڏانهن سليمان جي بيعت ڇڏڻ ۽ عبدالعزيز بن وليد جي بيعت ڪرڻ لاءِ پڻ لکيو هو (٣). انهيءَ ڪري محمد بن قاسم کي فوراً معزول ڪري سندس جاءِ تي يزيد بن ابي ڪبشة سڪسڪي کي سنڌ جو نئون گورنر مقرر ڪيو ويو. سنڌ جي هن نئين گورنر سان گڏ عراق جي نئين وانسراءِ يزيد بن مهلب جي ڀاءُ معاويه بن مهلب کي خاص طرح محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. ازانسواءِ ساڻن گڏ "عڪ" قبيلي جي هڪ شخص کي محمد بن قاسم جي قيد هئڻ واري حالت ۾ مزيد نگراني لاءِ پڻ موڪليو ويو (٤).

ڇنڇر ڏينهن ١٣- جمادي الاخر سنه ٩٦ هه (٢٣

(١) طبري ٢×١٨١، ١٣٠٩؛ الجهشياري ص ٤٩؛ ابن خلڪان، عربي متن ٢×٢٧٣، انگريزي ترجمو IV/385 (٢) بلاذري، فتوح البلدان ص ٤٤١ (٣) طبري ٢×١٢٧٥ (٤) ڏسو بلاذري، فتوح ص ص ٤٤٠-٤٤١، ۽ پڻ هيٺ نقل ڪيل محمد بن قاسم جو شعر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فبروري سنه ٧١٥ع) وليد وفات ڪئي هئي (١) ۽ انهيءَ ساڳئي ڏينهن سليمان بيعت وٺي (٢) حڪومت قبضي ۾ ڪري ورتي. جيئن تہ حجاج جي آفيسرن ۽ واسطيدارن کان سليمان کي خدشو هو انهيءَ ڪري محمد بن قاسم جي معزولي، سنڌ جي نئين گورنر جي تقرري ۽ سنڌس عملي جي سنڌ ڏانهن روانگي بہ فوراً انهيءَ تاريخ بعد ٿي هوندي.

فتحنامي جي بيان موجب محمد بن قاسم ان وقت هندستان جي فتح جون تياريون ڪري رهيو هو ۽ قنوج تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ سندس لشڪر اوڏاہر ۾ منزل انداز هو جو ڪيس دارالخلافت طرفان سندس معزولي جو حڪم پهتو. محمد بن قاسم هائي واپس موٽيو ۽ حڪم جي بجا آوري ۾ نئين گورنر آڏو وڃي پاڻ کي پيش ڪيائين، جنهن کيس گرفتار ڪيو. بعد ۾ گرفتاري واري عرصي ۾ محمد بن قاسم هيٺيان شعر چيا جن مان نئين گورنر ۽ سندس عملي جي اختيار ڪيل پاليسي ۽ محمد بن قاسم جي تاثرات تي روشني پوي ٿي:-

١- أَضَاعُونِي وَأَيَّ فَتًى أَضَاعُوا … (printed:) آتنفني بنوُ مَروانَ سَمْعِي وَطاعَتِي
وَ إنّي عَلَى مَا فَاتَني لَصَبُورُ

---

(١) طبري (٢١٦٩×٢١) لکي ٿو تہ سيني سيرت نگارن جو اتفاق آهي تہ وليد سنہ ٩٦ هہ جمادي الاخر جي وچ ڌاري ڇنڇر ڏينهن وفات ڪئي. حساب موجب ڇنڇر جو ڏينهن تاريخ ١٣- جمادي الاخر سنہ ٩٦ هہ تي هو. (٢ طبري ×١٢٨٠.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢- فَتَحْتَ لَهُمْ مَابَيْنَ سَابُوْرِ بِالْقَنَا
إلَى الْهِنْدِ مِنْهُمْ زَاحِفٌ وَ مُغِيْرٌ

٣- فَتَحْتَ لَهُمْ مَابَيْنَ جُرْجَانَ بِالْقَنَا
إلَي الصِّيْنِ اَلْقِي مَرَّةً وَ اَغِيْرُ

٤- لَوْ كُنْتَ اَجْمَعْتَ الْقَرَارَ، لَوُطِّئَتْ
إنَاثٌ اُعِدَّتْ لِلْوَ غي وَ ذُكُوْرُ

٥- وَ مَا دَخَلَتْ خَيْلُ السَّكَاسِكِ اَرْضَنَا
وَلاَ كَانَ مِنْ عَكٍّ عَلَيَّ اَمِيْرُ

٦- وَلاَ كُنْتَ لِلْعَبْدِ الْمَزُوْنِيْ تَابِعاً
فَيَا لَكَ دَهْرٌ بِالْكِرَامِ عَثُوْرُ (١)

[(جا بنو مروان گهراڻو (يعني خليفو سليمان) منهنجي مڪمل وناداري وساري چڪو آهي، حالانڪ آءٌ پنهنجي ڪسيل حق تي صابر آهيان! (٢) مون سنڌن واسطي ٿيزن جي حملن سان (ايران جي شهر) سابور ۽ (اوپر طرف) سرحد هند (مڪران) جي وچ وارو ملڪ فتح ڪيو، ۽ (٣) ۽ پڻ سنڌن واسطي (ايران ۾) جرجان کان

(١) مرزباني (معجم، ص ٤١٢) محمد بن قاسم جا هي جملي ڇهه بيت (پوءِ ٻن بيتن جي روايت ٿوري لفظي ڦير گهير سان) نقل ڪيا آهن. پوءِ ٽي بيت بلاذري (فتوح البلدان، ص ٤٤١) توڙي ابن الاثير (٤ × ٢٨٢) نقل ڪيا آهن ۽ بلاذري جي روايت موجب هت ڏنا ويا آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چين (جي طرف) وارو وڃون علائقو ٿن سان مسلسل حملا ڪندي فتح ڪيو. (۴) (هت سنڌ ۾) جيڪڏهن اڃا (سندن خلاف) به ڪي مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڪري رهيا هئا، ته جيڪر ڪيترائي جنگي مرد ۽ عورتون تباهه ٿي وڃن ها؛ (۵) ۽ اڪي ڪي فوجون اسان جي حد ۾ داخل ٿين ها ۽ اڪي ”عڪ“ قبيلي جو هڪ شخص سندن مٿان حڪم هلائي ها؛ (۶) ۽ وري هڪ مزولي غلام (يعني معاويه بن مهلب) جو اڃا تابع ٿيان ها. پر واه اي زمانا! تنهنجون ڇڳن ڪي ڇوٽون!!!]

محمد بن قاسم پنهنجي انهن شعرن ۾ جي جذبات ظاهر ڪيا آهن تن مان صاف طور معلوم ٿئي ٿو ته هو بيحد ڏکويل هو.

محمد بن قاسم کي حاڪم ڪهڙائي سان سندس وفاداري تي پورو پروسو هو ۽ انهيءَ ڪري ڪيس خليفي طرفان ڪنهن به ايذاءَ جو انديشو ڪونه هو. سندس اهڙي پروسي لاءِ سبب هئا، هڪ ته محمد بن قاسم ۱۵ ورهين جي ننڍي عمر ۾ ايران طرف فوجي ڪمانڊر مقرر ٿيو جتي ڪرد قبيلن جي فسادن کي پنجو ڏنائين، سابور ۽ جرجان طرف وارا علائقا فتح ڪيائين (جيئن ته سندس شعر مان ظاهر آهي)، شيراز جو شهر ٻڌائي ان کي حڪومت جي گادي ۽ واپار جو مرڪز بنايائين، ۽ آخر ۾ ”ري“ جي شهر تي حملي لاءِ پنهنجي فوج تيار ڪئي ڪيائين (۱) جو ڪيس

---

(۱) محمد بن قاسم صرف ٻن سالن اندر ايران ۾ اهي ڪارناما ڪيا جن جي تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ لکيل مضمون بعنوان ”محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شخصيت جو مطالعو“. اسلامڪ ڪلچر، بابت ماهه آڪٽوبر ۱۹۵۲ع، حيدرآباد دکن، ص ص ۲۵۱—۲۵۵.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي فتح لاءِ ڪمانڊر - اِن - چيف مقرر ڪيو ويو ۽ اتان شيراز مان هو سڌو سنڌ طرف روانو ٿيو ۽ سندس باقي وقت سنڌ جي فتوحات ۾ صرف ٿيو. هڪ ڪامياب فوجي ڪمانڊر جي انهن مشغولين ۽ مرڪزي حڪومت جي سياسي دائري کان دوري سبب محمد بن قاسم جو مرڪزي سياست مان ڪوبہ واسطو ڪونہ رهيو هو ۽ انهيءَ ڪري مرڪزي سياسي سازشن کان سندس دامن پاڪ هو. پيو تہ جيتوڻيڪ اهو ثابت آهي تہ حجاج طرفان ڪنهن سليمان جي بيعت ترڪ ڪرڻ جو خط پهتو هو، مگر اهو ثابت ناهي تہ محمد بن قاسم ان تي ڪو عمل ڪيو. غالباً اهو خط حجاج پنهنجي حياتيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ لکيو ۽ محمد بن قاسم تائين انهيءَ خط پهچڻ واري عرصي ۾ شايد هو بيمار ٿيو ۽ اجا محمد بن قاسم انهيءَ خط تي عمل ئي ڪونہ ڪيو جو حجاج گذاري ويو. جيڪڏهين محمد بن قاسم خليفي سليمان جي بيعت ترڪ ڪري ها تہ هنن شعرن ۾ پنهنجي مڪمل وفاداري جو دم نہ ڀري ها. ٻيون تہ غالباً پنهنجي ننڍڙي جي ڄڻ ۽ فوجي ڪاررواين ۾ پوري مشغولي سبب محمد بن قاسم کي مرڪزي سياست طرف خاص توجه نہ رهيو، ۽ هزار ڪوهہ دور رهڻ سبب حجاج جي پيدا ڪيل دشمنين جو بہ ڪيس صحيح علم ڪونہ هو، انهيءَ ڪري لشين خليفي طرفان انتقام جو ڪيس انديشو نہ رهيو. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم پنهنجي معزولي جي حڪم جي بنا چون چرا جي تعميل ڪئي ۽ اچي سنڌ جي نئين مقرر ڪيل گورنر جي اڳيان پاڻ کي پيش ڪيائين.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(٢) سندس انهن شعرن مان پيو اهو ثابت ٿئي ٿو ته محمد بن قاسم پنهنجي وفاداري ۽ فرمانبرداري جو ثبوت ڏنو ۽ اچي پيش پيو ۽ کيس اميد هئي ته ساڻس برو برتاءُ نه ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن کيس انتقامي ڪارروائي جو خدشو هجي ها ۽ هو مخالفت ۽ مقابلي جو فيصلو ڪري ها ته کيس مقابلي جي پوري طاقت هئي. انهيءَ حالت ۾ شاهي فوج جا ڪافي ماڻهو مرن ها ۽ نئين گورنر ابو ڪبشة سڪسڪي جي فوج سنڌ ۾ داخل ٿي ڪانه سگهي ها: اڪي هو محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري سگهن ها، اڪي هڪ قبيلي جو هڪ رواجي ماڻهو سندس مٿان نگران ٿئي ها ۽ اڪي معاويه بن مهلب جهڙي مزوني (ازد قبيلي جو) غلام جو محمد بن قاسم تابع بڻجي ها. محمد بن قاسم جي انهيءَ نظريي ۾ صداقت هئي. سنڌ هڪ دور افتاده پرڳڻو هو جتي مرڪزي طاقت جو زور ڏکيو هلي سگهي ها. ان سواءِ محمد بن قاسم پنهنجي اهليت ۽ لياقت سبب نه صرف پنهنجي عرب فوجن ۾ مقبول هو مگر پنهنجي رواداري، صلح ۽ انصاف واري پاليسي سان ملڪ جي مقامي حڪمرانن، آفيسرن ۽ عوام کي پڻ همدرد ۽ دوست بڻائي ڇڏيو هئائين انهيءَ ڪري سندس فوج خواه مقامي باشندا ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿي بيهن ها.

باوجود انهيءَ طاقت ۽ مقبوليت جي محمد بن قاسم بغاوت کان منهن موڙيو ۽ فرمانبرداريءَ سان پيش پيو. کيس گرفتار ڪري قيد ڪرڻ بعد شاهي آفيسرن يقيني طور ساڻس انتقامي ڪارروائي ڪئي. عراق جي نئين وائسراءِ يزيد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن مهلب جو ڀاءُ معاويه بن مهلب، جنهن کي خاص طور محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ موڪليو ويو، سو محمد بن قاسم کي ڪَل ٻارائي هٿڪڙيون هڻي وٺي روانو ٿيو (۱). محمد بن قاسم جي اهڙي بيعزتي ۽ ڪيس اهڙيءَ ڏري برتاءَ سان ٻڌي وٺي وڃڻ واري حادثي ملڪ جي مقامي باشندن کي به سخت صدمو پهچايو. بلاذري لکي ٿو ته انهيءَ تي هندستان وارا رنا ۽ گجرات جي شهر 'ڪيرا' ۾ محمد بن قاسم جي يادگار ۾ سندس تصويرون بڻايائون (۲).

محمد بن قاسم کي انهيءَ گرفتاري واري حالت ۾ هن انتقامي ڪارروائي جي پرواهه ڪانه هئي، مگر هن اموين حڪومت جي اهڙي غير دانشمندانه پاليسي تي ڪيس افسوس ٿيو، ۽ همعصر شاعر عبدالله بن عمر العرجي جو (۳) هيٺيون شعر مثال طور پڙهيائين (۴) ته:-

اَضَاعُوْنِيْ وَ اَيَّ فَتًي اَضَاعُوْا
لِيَوْمِ كَرِيْهَةٍ وَ سِدَادِ ثَغْرٍ

(۱) يعقوبي (۲۵۶×۲) غلطي وچان معاويه بن مهلب جي بدران حبيب بن مهلب لکيو آهي؛ مگر محمد بن قاسم سان سندس ڪيل برتاءَ بابت چوي ٿو ته "البسه المسوح وقيده وحبسه". بلاذري (فتوح البلدان ص ۴۴۰) صحيح طور معاويه بن مهلب جو نالو ڄاڻايو آهي.
(۲) بلاذري فتوح البلدان، ص ۴۴۰. (۳) بتصديق آغاني جلد ۱۵، ص ۲۰؛ حريري، درّة الغواص ص ۶۷؛ ۽ خفاجي، شرح درة الغواص. (پويان ٻه حوالا بشڪريه استاد عبدالعزيز ميمڻ سابق پروفيسر ۽ صدر شعبهء عربي، مسلم يونيورسٽي علیگڑھ) (۴) ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ۴۴۰ ۽ ابن الاثير ۴×۲۶۰. هنن ٻنهي ڪتابن ۾ شاعر جو نالو ڏنل ڪونهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

يعني تہ: موت کي وڃايائون، ۽ ڪهڙي نہ جوانمرد کي
هٿان وڃايائون، (جو جنگ واري) ڪٺين ڏکيئي ڏينهن
۽ سرحد جي بچاءَ لاءِ (ڪم اچڻ ها)!

مگر سليمان ۽ سندس صلاحڪارن جي انتقامي جذبي
ملڪي ۽ قومي مصلحت کي ڪونہ ڏٺو ۽ مردن جو قدر
ڪونہ ڪيو. آفريقا جو فاتح موسيٰ بن نصير، چين جو فاتح
قتيبة بن مسلم، ۽ سنڌ ۽ هند جو فاتح محمد بن قاسم ٽيئي
اموي حڪمرانن جي شديد تعصب ۽ انتقام جو شڪار ٿي ويا.
معاويہ بن مهلب پنهنجي قيدي محمد بن قاسم کي وٺي
عراق جي وائسراءِ جي مرڪزي شهر 'واسط' ۾ عراق جي
روينيو آفيسر صالح بن عبدالرحمان جي آڏو پيش ڪيو جنهن
کي خاص طور حجاج جي قبيلي 'آل ابي عقيل' جي ماڻهن
کي قيد ۾ چيچلائي مارڻ جو ڪم سپرد ٿيل هو. صالح
پنهنجي هنن قيدين کي عذاب ڏيڻ لاءِ هڪ خاص آفيسر
مقرر ڪيو ۽ جيئن تہ عراق جي نئين وائسراءِ يزيد بن مهلب
کي خاص طرح حجاج جي ماڻس ڪيل دشمنين ۽ ظلمن جو
بدلو وٺڻو هو انهيءَ ڪري غالباً سندس خوشنودي خاطر ٿي
صالح هنن قيدين کي عذاب ڏيڻ لاءِ يزيد جي ڀاءُ عبدالملڪ
بن مهلب کي مقرر ڪيو (١). مگر اهي قيد و بند ۽ عذاب
محمد بن قاسم جهڙي جوانمرد جي همت ۽ حوصلي کي
ٽوڙي نہ سگهيا، ۽ انهيءَ بيوسيءَ جي حالت ۾ بہ هي شعر
چيائين تہ:

---

(١) طبري ٢ × ١٢٨٣، ابن خلدون ٣ × ٦٨، ۽ ابن خلڪان،
عربي متن ٢ × ٢٧١ ۽ انگريزي ترجمو IV/183.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فَلَئِنْ ثَوَيْتُ بِوَاسِطٍ وَبِأَرْضِهَا
رَهْنَ الْحَدِيدِ مُكَبَّلاً مَغْلُولاً
فَلَرُبَّ فِتْيَةِ فَارِسٍ قَدْ رُعْتُهَا
وَلَرُبَّ قِرْنٍ قَدْ تَرَكْتُ قَتِيلاً (١)

يعني ته: ”(هن وقت) جيتوڻيڪ آءٌ شهر واسط ۽ ان جي سر زمين ۾ لوهه جي قيدن ڪڙن ۾ ٻڌل ۽ جڪڙيل آهيان ته به (ڪو وقت هو جو) مون ايران جي ڪيترن ئي شهسوارن کي زير ڪيو، ۽ ڪيترن ئي پنهنجي جوڙ جيس پهلوانن کي ماري مات ڪيو.“

مگر جيئن ته صالح کي محمد بن قاسم ۽ ٻين کي سخت عذاب ڏئي ڇچلائي مارڻو هو، انهيءَ ڪري واسط جي هن هيبتناڪ قيدخاني ۾ ئي محمد بن قاسم پنهنجي همت ۽ حوصلو قائم رکندي، صبر ۽ شڪر سان پنهنجي جان بحق تسليم ڪئي. قرائن مان ڄاڻي سگهجي ٿو ته اهو المناڪ حادثو سنه ٩٦هه/ ٧١٥ع جي ٻئين نصف ۾ واقع ٿيو. بهرحال محمد بن قاسم جي اها دردناڪ پڄاڻي مرڪزي سياست ۾ آيل ڦيري ۽ نون حڪمرانن جي بي انتها انتقامي جذبي سببان ٿي جنهن جو ڏاهر جي ڌيئرن واري منگهڙت افسانوي سان ڪوبه تعلق ڪونه هو. (ن - ب)

٣٦٨ / [٣٤٧] مخلص ڪتاب: منهاج الدين...... عين الملڪ: متن ص ٣٦٨ جي حاشيه ـ ١ ۾ وضاحت ڪئي

(١) بلاذري، فتوح البلدان ص ٤٤٣؛ ابن الاثير ٤×٨٢.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وٺي آهي ته هي سڄو عنوان آهي، ۽ نسخي ن ۾ به اهو سڄو فقره عنوان طور ڏنل آهي. مگر فارسي ايڊيشن [ص ٢٤٧] ۾ هن سڄي فقره جي بدلي محض 'مخلص ڪتاب' ڪي عنوان طور ڏنو ويو آهي، جنهنڪري هيٺين عبارت ۾ مونجهارو پيدا ٿيو آهي ۽ انهيءَ ڪري فاضل ايڊيٽر هن سڄي فصل کي 'مضطرب ۽ مخرب' قرار ڏنو آهي.

پيو ته هن عنوان هيٺ، فارسي مترجم علي ڪوفي هن ونهنجي فارسي ۾ ترجمي ڪيل ڪتاب لاءِ جو نالو لقب طور انتخاب ڪيو آهي، ان جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ اصل ڪتاب جو عربيءَ ۾ هو، تنهن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ۽ ان کي فارسي زبان جي رنگين عبارت ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت بيان ڪئي آهي. انهيءَ ڪري ظاهراً هن عنوان جي مراد آهي 'مخلص ڪتاب فلان'. انهيءَ لحاظ سان "منهاج الدين و الملک، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" باوجود ڏيکه جي هن فارسي ترجمي جو مترجم طرفان انتخاب ڪيل لقب آهي. فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر هن لقب جي پوئين حصي يعني "الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" کي هيٺين عبارت ۾ زائد سمجهي متن مان خارج ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪ سڀني نسخن ۾ اهو سڄو لقب موجود آهي.

ڪتاب جي جملي قلمي نسخن ۾ هن عنوان واري فقره جو شروع وارو لفظ 'منهاج الدين' جي بدران 'سماء الدين' ڏنو ويو آهي. مگر هن عنوان جي هيٺ جا عبارت آهي، ان ۾ جملي قلمي نسخن مطابق اهو شروع وارو لفظ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

”منهاج الدين“ آهي، انهيءَ ڪري اسان انهيءَ هيٺين صاف عبارت جي بناءَ تي عنوان ۾ پڻ ”سماءِ الدين“ جي بدران ”منهاج الدين“ کي ترجيح ڏيئي رکيو آهي. برٽش ميوزيم جي قلمي نسخن ۾ ”منهاج الدين“ ۽ ”منهاج الدين والملڪ“ پڙهڻين جي بناءَ تي ريو (Rieu) هن ڪتاب جا اهڃي نالا تسليم ڪري ٿو (ڏسو فهرست ريو، جلد ۳ ص ۹۴۹ - No. 435).

ٻيو ته هن عنوان واري فقره جو آخري لفظ، ڪتاب جي الهن قلمي نسخن مطابق جي فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي زير مطالعي هئا، ”عين الملڪ“ جي بدران ”علاءِ الملڪ“ آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، ص ۲۴۷، حاشيه ۱۵) مگر فاضل ايڊيٽر ”علاءِ الملڪ“ جي بدران ”عين الملڪ“ پڙهڻي کي قرين قياس سمجهي اها پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. نسخي ن جي پڙهڻي صاف طور ”عين الملڪ“ ئي آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان پڻ انهيءَ پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ”عين الملڪ“ اصلي ۽ صحيح پڙهڻي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي شروع ۾ ص ص ۱۵-۱۶ / [۱۱-۱۲] تي مترجم علي ڪوفي هن پنهنجي ترجمي ٿيل ڪتاب کي پنهنجي مربين، مرحوم وزير شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪر بن محمد الاشعري ۽ سندس زنده فرزند وزير عين الملڪ فخرالدين حسين بن ابي بڪر الاشعري، ڏانهن منسوب ڪيو آهي. ڪتاب جي ترجمي پوري ڪرڻ وقت وري کو خيال آيس جو هن ترجمي کي پنهنجي زنده مربي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وزير عين الملڪ“ جي خوشنودي خاطر سنڌس نالي ٻوڀان ”منهاج الدين و الملڪ، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ جو لقب ڏنائين.

هت اهو نقطو سمجهڻ ضروري آهي ته ”منهاج الدين .... عين الملڪ“ ڪتاب جو ”لقب“ آهي ۽ نه نالو. خود مترجم اصلي فارسي متن [ص ٢٤٧] ۾ ”ملقب است“ جا الفاظ استعمال ڪيا آهن ۽ نه ’مسمي است‘. ٻيو ته هن لقب ۾ مترجم جي مربي وزير عين الملڪ جو خطاب ڪم آندل آهي جنهن مان ظاهر آهي ته هيءُ لقب خود مترجم پنهنجي هن ڪيل فارسي ترجمي لاءِ ايجاد ڪيو آهي ۽ اهو ڪو هن ڪتاب جو اصل لقب ڪونهي.

مترجم طرفان سنڌس ترجمي لاءِ ايڏو ڏگهو لقب جو ”منهاج الدين و الملڪ“ جهڙن وڏن لفظن سان شروع ٿئي ٿو، البت تعجب خيز آهي. مگر مٿي ص ٣٧٢ تي، نوٽ ص ١٣/[٩] هيٺ، هن حقيقت طرف اشارو ڪيو ويو آهي ته مترجم جي ذهن ۾ اهڙن لقبن جو جن جي آخر ۾ ’دين‘ هجي، تن جو وڏو چلاءُ هو. انهيءَ ڪري مترجم هر موقعي تي پنهنجي طرفان انهيءَ قسم جا لقب استعمال ڪيا. چنانچ محمد بن قاسم لاءِ ”عماد الدين“ ۽ ”ڪرم الدين“ جا لقب ايجاد ڪيائين، حالانڪ محمد بن قاسم جو ڪنيه ”ابو البهار“ هو جنهن کان مترجم بيخبر هو. ساڳيءَ طرح ص [١٢] تي مترجم نبي صلعم جي اصحابي حضرت ابوموسي الاشعري رض لاءِ ”ڪريم الدين“ جو لقب استعمال ڪيو آهي؛ ص [٢٣٥] تي محمد بن قاسم طرفان مقرر ڪيل قاضي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موسيٰ بن يعقوب لاءِ ”برهان الملة و الدين“ جو لقب اختيار ڪيو اٿس؛ ۽ ص [٩] تي هن قاضي جي اولاد مان قاضي اسمٰعيل لاءِ ”ڪمال الملة و الدين“ جو لقب آندو اٿس. سندس لقببازيءَ جي انهي شغف ۽ شوق، مترجم علي ڪوفي کي هن پنهنجي فارسي ترجمي لاءِ پڻ ”منهاج الدين و الملڪ، الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملڪ“ جهڙي ڍگهي لقب ايجاد ڪرڻ تي آماده ڪيو، جنهن ۾ عام مروج لقبن واري خوبي توڙي سندس مربي وزير عين الملڪ جي خوشنودي، ٻئي سمايل هيون. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١- ڪتابن جي نالن جي فهرست

["اشارن ۽ واڌارن" ۽ متن جي حاشين ۾ جن ڪتابن جا حوالا مصحح (ن-ب) طرفان ڏنل آهن، تن جا سڄا نالا الف-بي وار ترتيب موجب هن فهرست ۾ ڏنا ويا آهن. جهڙيءَ طرح سان حاشين ۾ ڪتاب جو حوالو، مصنف يا ڪتاب جي نالي سان ڏنو ويو آهي، اهڙيءَ طرح فهرست ۾ به، ان جي شروعات ڪئي وئي آهي اڪثر ڪتابن جي شروعات مصنفن جي نالن سان ڪئي وئي آهي وڌيڪ سڃاڻپ خاطر هر عربي ڪتاب آڏو "ع"، فارسي ڪتاب آڏو "ف" ۽ انگريزي ڪتاب آڏو "گ" جون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن. انگريزي ڪتابن جا نالا فهرست ۾ ترجمو ڪري رکيا ويا آهن.(ن.ب)

ع ١. الاغاني: ڪتاب الاغاني، قاهره ١٣٢٣هه.

ع ٢. الآمدي: المؤتلف والمختلف، تصحيح 'سالم ڪرنڪوي' (Krenkow)، قاهره.

ع ٣. الاخبار الطوال، مطبع بريل، ليڊن (هالنڊ) ١٨٨٨ع.

ع ٤. ابن الاثير: ڪتاب الڪامل في التاريخ، مطبع بولاق.

ف ٥. ابـن حامـد ڪرماني: تاريخ ڪرمان "عقدالعلي للموقف الاعلي"، طهران ١٣١١ شمسي.

ع ٦. ابـن حجر عسقلاني: ڪتاب الاصابة في تميز الصحابة، ٿن جلدن ۾، قاهره ١٣٢٨هه.

ع ٧. ابن حزم: جمهرة انساب العرب، قاهره ١٩٤٨ع.

ع ٨. ابن حوقل، ڪتاب المسالڪ و الممالڪ، مطبع بريل، ليڊن ١٨٧٢ع.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ۹. ابن خرداذبه: ڪتاب المسالڪ والممالڪ، ليڊن.

ع ۱۰. ابن خلدون: تاريخ - ڪتاب العبر - الخ، قاهره ۱۲۸۴ هه.

ع ۱۱. ابن خلڪان: وفيات الاعيان، عربي متن، المطبعة الميمنية، قاهره ۱۳۱۰ هه (۲) انگريزي ترجمو دِسلين (Da Slane)، پئرس - لنڊن، ۷۱-۱۸۴۳ع.

ع ۱۲. ابن دريد: ڪتاب الاشتقاق، غوتنجن، جرمني، ۱۸۵۴ع.

ع ۱۳. ابن رسته: ڪتاب الاعلاق النفيسة، ليڊن، ۱۹۰۴ع.

ع ۱۴. ابن عبدربه: العقد الفريد، قاهره ۱۳۰۲ هه.

ع ۱۵. ابن عساڪر: التاريخ الڪبير، دمشق ۱۳۳۲ هه.

ع ۱۶. ابن قتيبة: طبقات الشعر والشعراء، ليڊن، ۱۹۰۴.

ع ۱۷. ابن قتيبة: عيون الاخبار، دارالڪتب، قاهره ۱۹۲۵ع.

ع ۱۸. ابن قتيبة: ڪتاب المعارف، غوتنجن، ۱۸۵۰ع.

ع ۱۹. ابن الوردي: خريدة العجائب، قاهره، ۱۲۸۵ هه.

ع ۲۰. ابوحيان التوحيدي: ڪتاب الامتاع و المؤانسة، قاهره ۱۹۴۲ع.

ع ۲۱. ابوزيد: ڪتاب النوادر، طبع بيروت.

ع ۲۲. ابو علي القالي: (۱) ڪتاب الامالي، ۽ (۲) ذيل الامالي، طبع دارالڪتب، قاهره.

گ ۲۳. اسلامڪ ڪلچر (مخزن)، حيدرآباد دکن: مقالات نبي بخش خان بلوچ -

۱- "هندستان تي اوائلي عرب حملن جو سن تاريخ"، ماهه جولاءِ ۱۹۴۶ع.

۲- "ديبل جو ممڪن محل وقوع"، ماهه جولاءِ ۱۹۵۲ع.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢٣. "محمد بن قاسم جي خاندان ۽ شخصيت جو مطالعو"، ماهه آڪٽوبر ١٩٥٣ع.
ع ٢٤. الاصطخري: ڪتاب مسالڪ الممالڪ، لنڊن ١٨٧٠ع.
گ ٢٥. امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا، جلد ١٤، لنڊن ١٩٠٨ع.
گ ٢٦. ايليٽ ۽ ڊائوسن: هندستان جي تاريخ، مقامي مورخن جي زباني، جلد اول، لنڊن ١٨٦٧ع.
ع ٢٧. بخاري: التاريخ الڪبير، حيدرآباد دڪن، ١٣٦١ هه / ١٩٤٢ع.
ع ٢٨. البدء والتاريخ، تصنيف ابوزيدالبلخي، پئرس ١٩٠٧ع.
ع ٢٩. بلاذري، احمد بن يحييٰ: انساب الاشراف (١) جلد ٤-٥، طبع جيروسلم (٢) جلد ١١، عڪس، طبع يورپ.
ع ٣٠. بلاذري: فتوح البلدان (١) طبع ليڊن ١٨٦٦ع (٢) طبع قاهره، ١٣٥٠ هه / ١٩٣٢ع.
ع ٣١. بيروني: ڪتاب الهند، (١) عربي متن تصحيح سخاؤ، (٢) انگريزي ترجمو سخاؤ، لنڊن، ١٨٨٨ع.
ع ٣٢. بيروني: ڪتاب الجماهر في معرفة الجواهر، دائرة المعارف، حيدرآباد دڪن، ١٣٥٥ هه.
گ ٣٣. پوسٽنس، ڪئپٽن: سنڌ بابت ذاتي رايا، لنڊن ١٩٤٣ع.
ع ٣٤. تاج العروس، مشهور عربي لغت، طبع قاهره.
٣٥. تاريخ بيهق، تصنيف بيهقي معروف بابن فندق، طهران ١٣١٧ شمسي.
ف ٣٦. تاريخ گزيده، حمدالله مستوفي، گب ميموريل، لنڊن.
ف ٣٧. تاريخ نامه هرات، تاليف هروي، ڪلڪته ١٩٤٣ع.
ع ٣٨. تقي الدين حموي: ثمرات الاوراق فيما طاب من نوادر الادب وراق، قاهره ١٣٠٢ هه.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ف ٣٩. تحفة الكرام، جلد ٣، مطبع ناصري، دهلي.

ع ٤٠. جاحظ: رسالة في بني امية (مطبوعه في آخر "كتاب النزاع و التخاصم" للمقريزي)، قاهره.

ع ٤١. جاحظ: كتاب البيان و التبيين، قاهره ١٣٤٥ھ/١٩٢٦ع.

ع ٤٢. جاحظ: كتاب الحيوان، قاهره ١٣٢٤ ھ/١٩٠٦ع.

ع ٤٣. الجهشياري: كتاب الوزراء والكتاب، قاهره ١٩٣٨ع.

ع ٤٤. جواليقي: كتاب المعرب من الكلام الاعجمي علي حروف المعجم، ليزگ ١٨٦٧ع.

ع ٤٥. حافظ عبدالغني: كتاب مشتبه النسبة، اللهآباد، ١٣٢٧ھ.

ف ٤٦. حدود العالم من المشرق إلي المغرب، طهران ١٣٥٢ شمسي.

ع ٤٧. حريري: دُرّة الغواص، مطبع الجوائب، استنبول، ١٢٩٩ھ.

ع ٤٨. حمزه اصفهاني: سني ملوك الأرض والانبياء، كاوياني پريس، برلن.

ع ٤٩. خطيب تبريزي: كتاب تهذيب الالفاظ، بيروت ١٨٩٥ع.

ع ٥٠. الخفاجي: شرح درة الغواص، مطبع الجوائب، استنبول، ١٢٩٩ ھ.

ع ٥١. الخفاجي: شفاء العليل فيما في كلام العرب من الدخيل، قاهره ١٢٨٢ ھ.

ع ٥٢. الدميري: حياة الحيوان، قاهره ١٣١٩ ھ.

ع ٥٣. ديوان رؤبة بن العجاج، برلن ١٤٠٣ع.

ع ٥٤. ديوان عامر بن طفيل، گب ميموريل، لندن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ٥٥. ديوان فرزدق، (١) طبع پئرس ١٨٧٠ع (٢) طبع قاهره ١٣٥٤ ه/١٩٣٦، (٣) طبع ميونچ ١٩٠٠ع.

گ ٥٦. ڊان اخبار، ڪراچي مؤرخ ٢٩- اپريل ١٩٥١ع.

گ ٥٧. راورٽي: سنڌ جو مهراڻ ۽ ان جون شاخون، جرنل ايشاٽڪ سوسائٽي آف بينگال، ڪلڪته ١٨٨٢ع.

گ ٥٨. ري: اتر - اولهه هندستان جي گهراڻن وار تاريخ، ڪلڪته ١٩٠٦ع.

ع ٥٩. سمعاني؛ ڪتاب الانساب، گب ميموريل، لنڊن.

ع ٦٠. سمط اللآلي، صنع عبدالعزيز الميمني، قاهره ١٣٥٤ه/١٩٣٦ع

ع ٦١. سيوطي جلال الدين: تاريخ الخلفاء، مطبع منيره، قاهره ١٣٥١ع.

گ ٦٢. سيوطي جلال الدين: ڪشف الصلصلة عن وصف الزلزلة، انگريزي ترجمو اي. سپرنگر، جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، سال ١٨٤٣ع.

ع ٦٣. شذارت الذهب في اخبار من ذهب، تاليف ابن عماد الحنبلي، قاهره ١٣٥٠/١٩٣١ع.

ع ٦٤. طبري، ابو جعفر محمد بن جرير: تاريخ الرسل و الملوڪ، مطبع بريل، ليڊن.

ع ٦٥. طبري، ابوجعفر محمد بن جرير: ذيل المذيل من تاريخ الصحابه والتابعين، تاريخ طبري جلد ٣- جي آخر ۾ ڇپيل، ليڊن.

ع ٦٦. العسڪري: ديوان المعالي، قاهره ١٣٥٢ ه.

ع ٦٧. عمادالدين: عيون الاخبار (قلمي).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ٦٨. عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب، تاليف احمد بن علي الداؤدي، بمبئي ١٣١٨ هه.
ع ٦٩. العيون و الحدائق في اخبار الحقائق، ليدن ١٨٦٥ع.
گ ٧٠. فرشتة: تاريخ فرشتة، انگريزي ترجمه، برگس.
ع ٧١. قدامة بن جعفر: كتاب الخراج، بطبع بريل، ليدن.
ع ٧٢. قلادة النهر في وفيات اعيان الدهر، (قلمي نسخو كتبخانو پير جهندو).
ع ٧٣. قلقشندي: صبح الاعشي، مطبعة اميريه، قاهره.
ع ٧٤. الكتبي: فوات الوفيات، قاهره ١٢٨٣/١٢٩٩ هه.
گ ٧٥. ڪزنس هينري: سنڌ جا آثار قديمه، ڪلڪته، ١٩٢٩ع
ع ٧٦. ڪنگهام: هندستان جي قديم جاگرافي، ڪلڪته، ١٩٢٤ع.
گ ٧٧. لانگورٿ، ڊيمس: بلوچ قوم، رائل ايشيائڪ سوسائٽي، لنڊن ١٩٣٤ع.
ع ٧٨. اللسان: لسان العرب، مشهور عربي لغت، طبع قاهره.
ع ٧٩. المبرد: الكامل في الادب، لپزگ ١٨٦٤ع.
ف ٨٠. مجمل التواريخ و القصص، طهران، ١٣١٨ شمسي.
ع ٨١. المحاسن والمساوي، تصنيف البيهقي، قاهره ١٣٢٥هه/١٩٠٦ع
ع ٨٢. محاضرات راغب اصفهاني، قاهره ١٢٨٢ هه.
ف ٨٣. محب الله بكري: تاريخ سنڌ (قلمي نسخه مولانا محمد ابراهيم گڙهي ياسيني).
ع ٨٤. محمد بن حبيب: كتاب المحبر، حيدرآباد دكن.
ع ٨٥. مرزباني: معجم الشعراء، تصحيح 'سالم كرنكوي'، قاهره ١٣٥٤ هه.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ع ۸٦. المسعودي: التنبيه والاشراف، ليدن، ١٨٩٤ع.
ع ۸۷. المسعودي: مروج الذهب، پئرس ايڊيشن.
ع ۸۸. معصومي: تاريخ معصومي، تاليف مير محمد معصوم، تصحيح شمس العلماء ع. م. دائود پوٽا بمبئي ١٩٣٨ع.
ع ۸۹. مقدسي: احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم، ليدن ١٨٧٧ع.
ع ۹۰. مقدسي، محمد بن طاهر: جمع بين رجال الصحيحين، حيدرآباد دکن، ١٣٢٣هه.
گ ۹۱. مقدمه جوامع الحڪايات، ڊاڪٽر نظام الدين، لنڊن ١٩٣٩ع.
ع ۹۲. منقري، نصر بن مزاحم: ڪتاب الصفين، طهران.
گ ۹۳. مونير - وليم: سنسڪرت - انگلش ڊڪشنري، آڪسفورڊ ١٨٩٩ع.
ع ۹۴. نقائض جرير والفرزدق، ليدن ١٢-١٩٠٨ع.
ع ۹۵. النويري: نهاية الارب، دارالڪتب، قاهره.
ع ۹٦. همداني، ابن الفقيه: ڪتاب البلدان، ليدن، ١٨٨٥ع.
گ ۹۷. هوڙي والا: هندي - مسلم تاريخ بابت مطالعات، بمبئي ١٩٢٩ع.
گ ۹۸. هيگ، ميجر جنرل: سنڌو جي دوآبي وارو ملڪ، لنڊن ١٨٩٤ع.
ع ۹۹. اليعقوبي: تاريخ ابن الواضح اليعقوبي، ليدن ١٨٨٣ع.
ع ۱۰۰. ياقوت: ڪتاب المشترک وضعا و المفترق صقعا، غوتنجن، ١٨٤٥ع.
ع ۱۰۱. ياقوت: معجم البلدان، ايڊٽ ووسٽنفيلڊ، ليپزگ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢- ماڻهن جي نالن جي فهرست

آبان بن حجاج ٤٤٢
آدم نبي ٣
آدم (بني عبدالرحمان) ٤٥:
آري پير ٤٤٨
ابراهيم بن عبدالله امام ٢١٥، ٤٨٠، ٤٨١
ابن الاثير ٣٧٤، ٤٤٩، ٤٤٧، ٥٣٩
ابن الاشعث (پڻ ڏسو عبدالرحمان) ٤٥٢، ٥٤٠
ابن الاعرابي ٥٣٠
ابن بطوطه ٣٨١
ابن حامد، ڪرماني ٤٢٩
ابن حجر ٤٢٨، ٤٧٨
ابن حزم ٤٥٥، ٥٠٥، ٥١٥
ابن حوقل ٣٧٤، ٣٧٩، ٣٨٥، ٣٩٨، ٤٠٣، ٤١٦، ٥٢٨-٢٩، ٥٣١
ابن خرداذبه ٣٨٤، ٥٣١
ابن خلاص البکري ١١٢
ابن خلدون ١٠٥، ٤٥٢، ٤٥٣، ٤٨١، ٥٣٩
ابن خاڪان ٤٢٨، ٤٥٢، ٥١٧، ٥٢٣، ٥٣٩
ابن دريد ٤٥٥، ٥٩١
ابن رستہ ٥٢٧، ٥٢٩، ٥٣١
ابن زياد العبدي ٣١٨، ٢٢٣
ابن سعيد ٣٩١
ابن سلمه ١٠٩
ابن سوار (پڻ ڏسو عبدالله) ١٠٧، ١٠٨، ١١٣
ابن شيبه جديدي ٣١٩
ابن عساکر ٤٥٤
ابن علوان البڪري ٣٢٠
ابن قتيبة ١٠٩، ٤٢٩، ٤٣٤، ٤٣٦
ابن القريه ٤٢٩
ابن ڪنديرالقشيري ٤٣٠
ابن مره (سنان بن سلمه) ١١٣
ابن المعلي (منذر بن جارود) ١٠٣، ٤٣٦
ابن مغيره ١٣٧، ١٤٣، ١٥٠
ابن منظر بحري ١٤٠
ابن الوردي ٥٣١
ابو ايوب هاشمي ٢٧٨
ابوبڪربن محمد(ڏسو شرف الملڪ)
ابوبڪر الهذلي (ڏسو هذلي)
ابوالبهار (ڏسو محمد بن قاسم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابوالحسن [مدائني] ۱۰۵، ۱۰۷، ۱۰۹، ۱۳۳، ۱۳۴، ۲۶۱
ابو حکیم ۳۵۹، ۳۶۰
ابو زید ۴۲۷
ابو صابر همداني ۲۵۲
ابو العاص ۹۸
ابو العاص بن الحکم ۴۹۳
ابوالعباس سفاح (خلیفة) ۴۲۳
ابوعقیل ۱۳۱، ۴۴۰
ابو الفتح البستي (شاعر) ۵۲۳
ابوالفتح قباچه، ناصرالدین ۳۷۲
ابو نضة القشیري ۲۵۶، ۲۶۰، ۳۲۳، ۵۱۳، ۵۱۴
ابوالفضل ۲۸۲
ابو قیس ۲۷۰
ابوکبشه سکسکي ۵۵۰
ابوالليث (التميمي هندي) ۱۶۴، ۲۶۱
ابومحمد (ابن السيرافي) ۴۴۵، ۴۴۶
ابو محمد هندي ۱۴۶، ۲۶۷، ۳۵۶، ۴۴۳
ابومسلم خرساني ۴۵۶
ابو مسهر عابي (؟) ۲۶۷، ۴۴۳
ابوموسي اشعري رض ۱۵، ۱۶، ۹۸، ۹۹، ۳۷۷، ۵۵۶
ابي بن ارجن ۲۴۹
اجسين ۴۸
احمد میان اختر، قاضي ۱۵۹، ۲۲۲، ۲۸۲
احمد بن خزیمة ۳۵۹
احنف بن قیس ۱۰۹، ۳۴۶، ۳۴۷
ادریسي ۳۷۹
اردشیر ۲۹۷، ۴۱۳
ازدي ۵۱۵
اسحاق بن ایوب ۳۳، ۱۳۷
اسرهیل ۲۵۱
اسمعیل سومره، مخدوم ۴۸۲
اسمعیل بن اسلم ۱۲۱
اسمعیل بن علي ثقفي (قاضي) ۱۳، ۳۷۵، ۵۷۵
اسود (راوي) ۱۰۹
اسیار ۲۵۱
اصطخري ۳۷۹، ۳۸۴، ۳۸۵، ۳۹۸، ۵۳۱
اعورشني (شاعر) ۴۳۴
اکبر بادشاه ۴۷۹
اگهم (راجا) ۵۵، ۶۰، ۶۲، ۶۵، ۷۳، ۹۲، ۳۹۸، ۴۰۲، ۴۸۲، ۴۸۳
التتمش ۳۷۸
الله بخش خان میر ۴۰۹، ۴۱۱

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

امام علي شاهه، ٥١٦
امير خان نواب ٤٣٨
اويس بن قيس ٢٤٦
ايوب بن حڪم ٤٤٠
ايلمٽ ٣٨٣، ٣٨٤، ٣٩٠، ٣٩٢

ب

باٺ، راجا ٥١٤
باهلة بنت سعد ٥٠٥
بناور بن بجر ٢٣٣
بجار جوکيه ٣٨٩
ٻجهاري ٢٥١
ٻجهراء (راءِ گهرائي مان) ٤٨، ٥٠
ٻجهراء بن چندر (ڏاهر جو سوٽ)
١٦٨، ١٧١، ١٧٦، ٤٦٦،
٤٦٧، ٤٧٠
ٻجهراء طاڪي ٣٥١، ٤٠٦
ٻجهراء (ٻجهراء طاڪي جو ڏوهٽو)
٣٥٢، ٤٠٦
بده رکو (ٻڌ رکو) ٥٨
ٻڌهي ورمن (ڏسو ٻڌي ورمن)
بديل بن طهفة ١٢٧، ١٣١، ١٣٥،
١٥٣، ١٥٨، ١٦٤، ٢٧٩، ٣٨٧،
٣٨٨،
٤٦٢، ٤٦٣، ٤٩٤
برنس ٣٨٣
بساس (بسباس) ٤١٥

برهاس بن ڪساٽس ٦٩، ٧١،
٤١٧
بساي پٽ راسل ١٨١، ٤٧٢
بشر بن خالد ١٣١
بشر پٽ ڊول ٢٤٩
بشر بن زياد ١٢١
بشر بن عطية ٢٥٢
بشر بن عيسي ١٢٢
بشر بن منقذ (اعورشني) ٤٣٤
بڪر بن وائل ١٤٤
بلاذري ٥، ١، ٢٧، ١٣٢،
١٤٢، ٣٧٤، ٢٧٦، ٣٧٨،
٣٨٧، ٣٨٨، ٣٩٨، ٣٩٩، ٤٢٥،
٤٢٩، ٤٣١، ٤٣٣، ٤٣٧،
٣٣٩، ٤٤٦، ٤٤٩، ٤٥١،
٤٥٤، ٤٥٧، ٤٦٠، ٤٦٢،
٤٦٤، ٤٦٥، ٤٧٣، ٤٧٤، ٤٧٩،
٤٨٥، ٤٨٩، ٥١٠، ٥١١،
٥٢٢، ٥٢٥
بلهرا ٣٤٤، ٥١٨
بواد شمني ٣٢١، ٥١٢
بوران دخت ٤١٣
بهاؤالدين حسن ٣٧٨
بهمن اردشير ٣٦، ٣٩٧
بهندوير (پندوير) ٢١٩

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيروني ۲۹۵، ۲۷۵، ۲۷۹، ۳۸۱،
۳۸۲، ۳۸۵، ۳۸٦، ۳۹۷، ۳۹۸،
۴۰۵، ۵۰۰، ۵۲۰، ۵۲٦،
۵۲۸، ۵۳۱، ۵۳۲
بيل (بيان) ۲۵۰
بيلمان ۲۲۲، ۴۸۳

ٻ

ٻڌ ٦۱
ٻڌ رکو (بده رکو) ۵۸، ۴۰۷،
۴۰۸
ٻڌيمن ۲۴، ۲۵، ۴۳، ۴۵، ۷۷،
۷۹، ۸۱، ۸٦، ۸۸، ۹۰، ۹۱،
۹۴، ۹۵، ۳۴۰، ۴۰٦
ٻڌيو ٽ يمن ديول ۳۲۲، ۵۱۲
ٻڌي ورمن (بدهي ورمن) ۵۱۳

ڀ

ڀنڊرکو يکو ۵۳
ڀنڊرکو شمني ۱٦۷، ۱۸۷
ڀيمن ۱۷۳
ڀنڊوير شمني ۲۱۹

پ

پالنجر ۳۸۳، ۳۹۲
پرمل ديو ۳٦۳
پوسٽنس ۲۸۹
پهنو ۳۴۲
پير آري ۴۴۸
پير پٽو ۳۸۲

ت

تراب ۲۲۹
تقي الدين حموي ۴۲۹
تميم بن زيد قيني ۲۵۷، ۲٦۰،
۳۰۲، ۴۸۸، ۴۸۹
تنوخي قاضي ۳۷۲
تورسينه

ث

ثابت قطنه (شاعر) ۴۵۰
ثاغر بن ذعر ۱۰۲، ۴۳۰، ۴۳۱
ثقيف ۲۷۷

ج

جاحظ ۱۰۵، ۴۳٦، ۴۵۲
جاماسپ ۱۸۷
جامبوت ۵۲۵
جامبوتي ۵۲۵
جان محمد، مير ۴۱۰، ۴۱۱
جاهين ۱۵۱، ۱۵۲، ۱۹۰، ۲۰۸،
۴۵۷، ۴۷۳
جراح بن عبدالله ۱۴۳، ۴۵۴
جسوم راء ۲۲۰
جعفر بن سليمان ۲۷۸، ۲۷۹
جعونة ۱۴۷، ۱۴۹
جعونة بن عقبه ۱٦۴
جلال الدين خوارزم شاه ۲۷۹
جلم بن شيبان ۵۳۲

جنبد ۴۵۷
جنيد (خريم؟) بن عمرو ۳۲۳، ۵۱۴
جنبدهو ۵۲۵
جوڻ، راجا ۳۵۵، ۳۵۷، ۵۲۵
جوڻو ۲۵۰
جوهري ۳۷۳
جهانگير بادشاه ۴۳۸
جهڪل راء ۲۵۰، ۳۶۰
جهم بن زحر ۱۴۲، ۱۵۰، ۲۲۴، ۲۴۷، ۲۷۸، ۳۱۲، ۴۴۸، ۴۵۱، ۵۰۴، ۵۰۶
جهم بن سامة ۲۹۷
جيبن ۲۴۹
جيسينه ۱۲۸، ۱۲۹، ۱۴۰؛ ۱۵۶، ۱۵۷، ۲۱۰، ۲۲۵، ۲۲۶، ۲۲۳، ۲۳۶، ۲۳۸، ۲۴۵، ۲۴۹، ۲۸۰، ۲۸۱، ۲۸۳، ۲۸۶، ۲۹۱، ۲۹۴، ۲۹۶، ۲۹۸، ۳۰۱، ۳۳۰، ۳۳۶، ۳۳۹، ۳۴۲، ۳۴۶، ۴۱۴، ۴۱۹، ۴۸۳، ۴۸۵، ۵۱۳، ۵۱۷، ۵۱۸، ۵۲۰، ۵۲۲،

چ

چتر، راجا ۴۷
چچ (پٽ ڏهر سينه پٽ چچ) ۹۳، ۴۱۵
چچ (پٽ ڏهر سينه پٽ ڏاهر) ۲۸۶، ۴۱۵
چچ پٽ سيلائج (راجا) ۲۴، ۶۹؛ ۷۲؛ ۷۴؛ ۹۸، ۲۸۱، ۳۰۶، ۳۱۲، ۳۱۳، ۳۶۰، ۴۰۴، ۴۰۷، ۴۰۹، ۴۱۱، ۴۱۲، ۴۱۴؛ ۴۱۵؛ ۴۱۷، ۴۱۸، ۴۸۲،
چچ وڏو ۷۰
چگي ۳۳۸، ۳۴۲، ۳۶۶، ۳۶۷، ۵۳۵
چندر ۴۱، ۴۳، ۶۹، ۷۰، ۷۳، ۹۲
چندرام هاله ۲۰۸، ۲۰۹

ح

حاتم بن قتيبة ۱۰۷
حارث بن مرة ۱۰۳، ۴۳۱
حبيب بن المهلب ۵۴۰
حبيبة العظمي ۲۷۸
حبيش ۲۶۴، ۲۶۵
حجاج بن قاسم ۴۴۰
حجاج بن يوسف ۱۱۵، ۱۱۷، ۱۲۰، ۱۲۷، ۱۲۹، ۱۳۸، ۱۴۰، ۱۴۴، ۱۴۸، ۱۴۹، ۱۵۵، ۱۶۲، ۱۶۴، ۱۶۶، ۱۶۸، ۱۷۱، ۱۷۷، ۱۷۸، ۱۸۰، ۱۸۲، ۱۸۶، ۱۸۷، ۱۸۹، ۱۹۰؛

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۹۶، ۲۰۲، ۲۰۶، ۲۰۷، ۲۱۲، ۲۱۳، ۲۱۵، ۲۱۸، ۲۳۵، ۲۳۷، ۲۶۷، ۲۶۹، ۲۷۱، ۲۸۷، ۲۸۴، ۲۸۵، ۲۸۹، ۲۹۹، ۳۰۰، ۳۱۰، ۳۱۱، ۳۱۵، ۳۱۷، ۳۲۱، ۳۲۲، ۳۳۲، ۳۳۶، ۳۵۷، ۳۸۷، ۴۲۵، ۴۲۹، ۴۳۵، ۴۳۹، ۴۴۱، ۴۴۳، ۴۴۹، ۴۵۱، ۴۵۵، ۴۶۳، ۴۷۶، ۴۸۰، ۴۸۴، ۴۸۵، ۴۹۰، ۴۹۱، ۴۹۳، ۴۹۴، ۴۹۹، ۵۰۴، ۵۰۷، ۵۳۳، ۵۳۸، ۵۴۳، ۵۴۵، ۵۴۹، ۵۵۲،

حذیفہ ۱۲۲

حرمازي (دیکھو عبداللہ بن الاعور)

حسن بن محبة ۲۴۸

حسنہ ۴۸۴، ۴۹۲، ۴۹۳

حسن، شیخ عرف پیر پلو ۳۸۲

حسن بن ابي بکر (عین الملک وزیر) ۱۶، ۱۸، ۳۷۷، ۳۷۸، ۵۵۵، ۵۵۷

حکم بن ابي العاص ۱۵۷، ۳۷۹، ۴۲۶، ۴۶۱، ۴۶۳

حکم بن ابي عقیل ۴۴۰

حکم بن ایوب ۴۴۰، ۴۴۲، ۴۵۴

حکم بن عروۃ ۱۵۵

حکم بن عمرو التغلبي ۴۲۷، ۴۲۹

حکم بن عوانة کلبي ۳۰۲، ۵۰۳

حکم بن منذر ۱۰۵، ۱۱۶، ۴۳۵، ۴۳۶

حکم بن جبلة ۹۹، ۱۰۱، ۱۰۲، ۴۲۸، ۴۲۹

حمران ۲۰۵، ۲۰۶، ۲۳۶، ۴۷۶، ۴۷۸

حمزہ اصفهاني ۳۷۴، ۳۹۷، ۴۰۳

حمزہ بن بیض (شاعر) ۱۲۱، ۴۴۶

حمل جت ۴۳۸

حمید بن وداع ۱۵۴، ۱۷۷، ۴۵۹، ۴۶۹

حنظلة کلابي ۳۱۹

حیدر قلي ارغون ۴۰۲

خ

خالد انصاري ۳۱۹

خالد بن ولید ۴۷۶، ۴۷۸

خان سومرو ۴۷۹

خطیب تبریزي ۴۴۵

خریم بن عبدالملک ۳۵۸

خریم بن عمرو (مرّي) ۱۳۷، ۱۴۳، ۱۴۴، ۱۵۰، ۲۶۰، ۲۷۸، ۲۹۴، ۳۲۴، ۳۵۷، ۴۹۹، ۵۰۰

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خرہم بن عروہ مدنی (صحیح :
خرہم بن عمرو سری) ۲۵۲،
۴۸۷، ۴۸۸
خفاجی ۴۰۵
خلیفۃ بن خیاط ۴۳۴
خوارزمی ۳۸۵

د

دارس بن ایوب ۲۶۰، ۲۷۸
داؤد بن نصر ۳۵۸
داؤدپوتہ، عمر بن محمد ۲۳۰،
۳۷۱، ۳۸۰، ۳۸۷، ۴۲۲
دروانسی ۵۲۶
دروہر ۳۱۸، ۳۳۷، ۳۳۸،
۳۴۰، ۳۴۴، ۳۷۴، ۴۷۵، ۴۸۵،
۵۰۹، ۵۱۰
دلاروشی ۳۸۳
دہوراج ۲۸۸

ڊ

ڊیمس لانگ ورتھ ۴۳۷

ڏ

ڏاہر (راجا) ۱۳، ۲۱، ۴۰،
۷۰، ۷۳، ۷۵، ۸۶، ۸۸، ۹۱،
۹۳، ۹۷، ۱۲۳، ۱۲۶، ۱۲۸،
۱۳۰، ۱۴۰، ۱۵۱، ۱۵۲،
۱۵۵، ۱۵۶، ۱۵۸، ۱۶۵،
۱۶۷، ۱۶۸، ۱۷۶، ۱۸۱،
۱۸۳، ۱۸۴، ۱۸۶، ۱۸۸،
۱۹۱، ۱۹۲، ۱۹۴، ۱۹۶،
۲۰۲، ۲۰۶، ۲۰۸، ۲۱۰،
۲۱۱، ۲۱۷، ۲۲۲، ۲۲۵،
۲۲۸، ۲۳۰، ۲۳۸، ۲۴۱، ۲۴۷،
۲۴۹، ۲۵۲، ۲۵۶، ۲۵۹،
۲۶۱، ۲۶۶، ۲۶۸، ۲۷۴، ۲۷۸،
۲۷۹، ۲۸۱، ۲۸۲، ۲۸۴،
۲۸۶، ۲۸۸، ۲۸۹، ۲۹۸،
۲۹۹، ۳۰۱، ۳۰۴، ۳۰۶،
۳۱۲، ۳۲۶، ۳۲۷، ۳۳۰، ۳۳۱،
۳۴۲، ۳۴۵، ۳۴۶، ۳۴۸،
۳۵۳، ۳۶۰، ۳۶۳، ۳۶۶،
۴۱۸، ۴۲۱، ۴۲۳، ۴۲۵، ۴۴۳،
۴۵۵، ۴۶۰، ۴۶۳، ۴۷۰، ۴۷۳،
۴۷۶، ۴۸۳، ۴۸۷، ۴۹۰، ۴۹۴،
۴۹۷، ۴۹۸، ۵۰۰، ۵۰۲، ۵۱۴،
۵۱۷، ۵۳۳، ۵۳۶، ۵۳۷،
۵۵۳
ڏہرسینہ ۴۰، ۷۰، ۷۳، ۷۴،
۸۰، ۸۱، ۸۳، ۹۳، ۲۵۰،
۴۱۷
ڏہسیو ۶۰

ڍ

ڍبوڍ راس ۳۹۱

ڊ

ڊول پٹ چندر ۲۸۶

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذ

ذڪوان بن علوان ۱۵۰، ۲۲۴، ۲۴۶، ۲۴۸، ۲۵۲، ۲۷۰، ۲۷۸

ر

راڄ بن چندر ۷۳
راسل پٽ وسايو ۲۲۶، ۲۳۸، ۲۴۱، ۴۱۹، ۴۷۲، ۴۷۳
راسل (ڪنوج جو) ۲، ۷۲، ۷۳، ۴۱۷
راسل (ڪڇ جا راجا) ۴۷۴
راسل رسني ۱۸۹
راشد جديدي ۱۱۰، ۱۱۲، ۴۳۷
رام (حاجب) ۲۴، ۲۷
رام سيه برهمڻ ۲۵۸
راورتي، ميجر ۳۸۳، ۴۰۴، ۴۲۱، ۴۶۸، ۵۳۴
ربيع بن زياد ۹۸
ربيعة ۱۰۸
رچرڊ برٽن ۳۸۳
رڪن الدين فيروز ۳۷۸
رواح بن اسد ۳۴۶، ۳۴۷
رؤبة (شاعر) ۴۴۴، ۴۴۵
ريحان مدني ۴۹، ۴۰۷
رينيل ۳۸۳
ربو ۵۵۵

ز

زائدة بن عمير الطائي ۳۵۰
زبير بن نشيط ۴۵۰
زياد (ابن ابيه) ۱۰۸، ۱۰۹، ۱۱۲، ۴۷۷
زياد بن الحواري العتڪي (ازدي) ۲۵۴، ۲۷۰، ۴۸۷، ۴۹۱
زينب ۴۴۲
زيد بن عمرو ۳۶۰

س

سامب ۵۲۵، ۵۲۶
سامه بن ديوائج ۹۸
ساميد ۳۹۷
ساهسي راءِ ۲۴، ۲۸، ۳۱، ۳۳، ۳۷، ۳۹، ۴۳، ۴۴
ستبان ۵۷
ستينگاس ۲۵۳
سڌ راج جيسنها ۴۱۲
سربند ۶۰، ۶۲، ۶۵، ۲۳۴، ۴۸۵
سرڪونڊ ۵۳، ۴۰۷
سريا ديو ۳۶۳
سعيد بن اسلم ۱۱۷، ۱۲۲، ۴۲۵، ۴۸۴
سعيد، امير ۲۴۸
سعيد خذينه ۴۵۰

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سفهوي بن لام ١١٧-١١٨،
٤٢٥
سفيان بن الابرد ١٤٣
سڪندر ٨١، ١٨٧، ١٩٢
سلمه ١١٢
سليمان بن حبيب ٤٥٦
سليمان بن حجاج ٤٤٢
سليمان بن حڪم ٤٤٠
سليمان بن عبدالملڪ (خليفو)
٤٥٠، ٥٣٨، ٥٤٠-٥٤٧،
٥٤٩، ٥٥٢
سليمان علافي ١٢٠
سليمان بن نبهان ٢٢٢-٢٢٣،
٣٢٣، ٥١٣-٥١٤
سليمان بن هذيل ازدي ٤٧٥
سنان بن سلمه ١٠٨-١١٣
سنج ٢٥١
سندر ١٣
سوين راءِ ياتيه ٧٤-٧٥
سوديو ١٥٥
سور سينه ٣٤٣
سوڻهن ديوي ٢٧-٢٨، ٣٣-
٣٥، ٣٩-٤٠
سياڪر وزير ١٩٨-١٩٩،
٢٤١، ٢٤٤، ٢٨٠، ٢٨٩،
٣١٢-٣١٣، ٣٨٢، ٤٩٤،

سيلائج ٢٤، ٢٦، ٤١-٤٢،
٥٦، ٣٢٨، ٥١٥
سيهرا ٣٥١
سيهرس بن راسل ٦٩، ٧١، ٤١٧
سيهرس بن ساهسي راءِ ٢١، ٢٣-
٢٤، ٤٣، ٤٤، ٦٦، ٤٠٦
سيهول ٤٨

ش

شامي ٢٠١، ٢٠٨
شاهجهان بادشاهه ٤٣٨
شبيب خارجي ٤٥٣
شجاع حبشي ١٥٨
شجاع منهيه ٤٧
شرف الملڪ وزير (ابوبڪر)
٥١، ١٧، ٣٧٦، ٥٥٥
شريف خان نواب ٤٣٨
شلادتيا (سيلائج) ٤١٥
شمني (ارماپل جو) ٦٦
شمني بواد (وڪرمهار جو) ٣٢١
شمني هندبرڪو (نيرون جو)
١٢٥، ١٢٦، ١٨٧-١٨٨
شمني پنڊوير (وزير) ٢١٩، ٢٢٠
شمني جام ١٧٦
شمني راسل رسني ١٨٩
شمني (موج جو) ١٦٨
شمني ميگهدتيه (نيرون جو) ٢٢٣
شوان سينگ ٣٩٥-٣٩٦

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شہاب الدین غوری (دیکھو محمد بن سام)
شہزاد ۴۱۳

ص

صابر یشکری ۳۲۰
صارم ہمدانی ۲۹۴
صالح بن عبدالرحمان ۵۴۵، ۵۵۲–۵۵۳
صحار العبدی ۴۲۹
صعدی بن خریمہ (؟) ۱۵۰، ۴۵۶–۴۵۷
صعصعہ ۱۲۱
صاب بن قاسم ۲۷۸

ط

طاکی وزیر ۴۳
طاہر علی پروفیسر ۵۳۳
طاطرس بن بجر ۲۳۳
طبری ۱۰۴، ۱۳۷، ۳۹۷، ۴۲۶، ۴۲۸–۴۳۰، ۴۴۹، ۴۵۲، ۴۸۱، ۵۰۶، ۵۰۷
طیار ۲۱۲

ع

عامر بن الحارث ۱۰۲
عامر بن طفیل ۴۲۷
عامر بن عبدالقیس ۴۷۷
عامر بن عبداللہ ۱۳۰
عبداللہ شاہ ۳۸۷–۳۸۸
عبداللہ علافی ۱۱۸
عبداللہ القسری ۵۴۳–۵۴۴
عبداللہ بن الاعور حرمازی ۱۱۲، ۴۳۵–۴۳۶
عبداللہ بن سوار ۱۰۴، ۱۰۶–۱۰۸، ۱۱۳، ۴۳۳–۴۳۴
عبداللہ بن عامر ۹۹، ۱۰۴–۱۰۶، ۴۲۷، ۴۲۹، ۴۳۳
عبداللہ بن عباس ۲۸۰–۲۸۵، ۴۹۳
عبداللہ بن عبدالرحیم علافی ۱۱۸
عبداللہ بن عبدالرحمان ۱۰۷
عبداللہ بن عمر ۹۹
عبداللہ بن عمر العرجی (شاعر)
عبدربہ ۱۲۹
عبدالرحمان، ابن الاشعث ۹۵، ۴۲۵، ۴۵۲–۴۵۴، ۵۳۹–۵۴۰
عبدالرحمان بن سلیم ۱۴۳، ۴۵۱،
عبدالرحمان بن حیان ۵۴۳
عبدالرحمان بن عبدربہ ۱۱۰، ۱۳۹، ۳۲۵، ۳۴۶
عبدالرحیم ۱۱۸
عبدالرزاق ۱۱۰
عبدالعزیز بن ولید ۱۱۵، ۵۳۸، ۵۴۲–۵۴۵

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالعزیز المهمنی ۱۱۳، ۱۱۹، ۱۲۱ ـ ۱۲۲، ۱۴۵، ۱۴۷، ۲۷۰، ۲۷۳، ۴۲۷، ۴۸۱
عبدالملک، خلیفہ ۱۱۷، ۴۲۵، ۴۵۳، ۴۷۷، ۵۳۹، ۵۴۲
عبدالملک مدنی ۲۹۴
عبدالملک بن حجاج ۴۴۲
عبدالملک بن عبداللہ ۳۲۰
عبدالملک بن قریب (الاصمعی) ۵۰۵
عبدالملک بن قیس ۱۳۹، ۱۷۶ ـ ۱۷۷، ۴۵۷
عبدالملک بن مہلب ۵۵۲
عبید بن عتاب ۲۴۷
عبیداللہ بن زیاد ۱۱۴، ۱۱۶
عبیداللہ بن معمر ۴۳۰
عبیداللہ بن نبهان ۱۲۷، ۳۷۹، ۳۸۷ـ۳۸۸
عبیدة ۴۹۸
عتبہ ۳۵۱
عثمان رضہ (امیرالمومنین) ۹۹، ۱۰۱، ۴۲۶ ـ ۴۳۰، ۴۷۷
عثمان بن ابی العاص ۹۷، ۳۷۹، ۴۲۶، ۴۶۱ ـ ۴۶۲
عجل بن عبدالملک ۱۵۰، ۴۵۷
عدیل بن فرخ (شاعر) ۱۴۴، ۴۲۵، ۴۵۴
عطا بن مالک ۱۵۰، ۲۴۶، ۲۴۸
عطیة تغلبی ۲۲۳، ۲۲۹، ۴۹۸
عطیة بن سعد ۱۴۲، ۳۵۱
عقیل ۲۶۸
عکرمہ بن ریحان ۳۵۹
علافی ۹۵ـ۹۶، ۱۱۷، ۱۲۳ـ ۱۲۴
علافی سلیمان ۱۲۰
علافی عبداللہ ۴۱۸
علافی (دیکھو محمد بن حارث)
علافی (دیکھو محمد بن معاویہ)
علافی (دیکھو معاویہ بن حارث)
علی رضہ (امیرالمومنین) ۱۰۰، ۱۰۲ ـ ۱۰۳، ۴۲۸، ۴۳۰ـ ۴۳۱، ۴۳۴
علی بن ارجن ۳۸۹
علی بن حامد کوفی ۱۱، ۲۹، ۳۷۲، ۳۷۶ ـ ۳۷۷، ۴۵۷، ۵۰۸، ۵۵۴ ـ ۵۵۷
علی بن طفیل السعدی ۴۲۷
علی بن طفیل، غنوی ۹۹
علی بن عبداللہ ۲۷۸، ۴۹۳
علی بن محمد (دیکھو مدائنی)
علی شیر قانع ۳۷۵، ۳۸۲، ۴۳۸، ۴۸۲، ۴۳۵

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عمادالدين (ڏسو محمد بن قاسم)
عمر رضه (اميرالمومنين) ١٦،
٩٧- ٩٩، ٣١٤، ٣٧٨
٤٢٥-٤٢٧، ٤٢٩
عمر بن حفص ٤٨١
عمر بن عبدالعزيز رضه ٣٤٥،
٤٥٠، ٤٥٢، ٤٥٤، ٤٩٣،
٥١٨، ٥٢١، ٥٣٢،
عمر بن عبدالله بن عمر ١٠٤
عمر بن محمد ثقفي ٤٤٠، ٥٤٣
عمر بن خالد ٢٢٦ - ٢٦٧،
٤٩٠-٤٩١
عمرو بن محمد تميمي ١٢٢
عمرو بن محمد بن قاسم ٣٩٨،
٤٤٠، ٤٤٤، ٤٥٩
عمرو بن مختار ٣٢٣-٣٢٤
عمرو بن مسلم ٣٤٥، ٥٢٢
عمرو بن مغيره ٢٢٦
عمير ٤٣٠
عوفي ٣٧٢، ٣٧٧-٣٧٨
عون ١٥٠
عيسيٰ بن موسيٰ ١٠٨
عين‌الملڪ وزير (ڏسو حسين
بن ابي بڪر)

غ

غضبان ٤٢٩
غلام شاه ڪلهوڙه ٣٨٩

ف

فراس عتڪي ٣٢٠
فراء ٥٣٠
فرزق (شاعر) ١٠٥، ١١٨-١١٩
فرعون ١
فرقد بن مغيره ١٢٢، ٢٥٥
فوربس ٤١٢

ق

قاسم (راوي) ١٠٤
قاسم بن ثعلبة ٤٩٠
قاسم بن محمد ٧٣، ٣١٦،
٤٤٠، ٤٤٤، ٥٠٧
قابل بن هاشم ٢٦٤
قباچه، سلطان ناصرالدين ٨، ٩،
٢٧، ٣٧١-٣٧٢، ٣٧٧، ٣٧٨
قباذ بن ڪسري ٤١٣
قبله ١٥٣
قتيبة بن اشعث ٩٥، ١١٨
قتيبة بن بشر ٢٥٠
قتيبة بن مسلم ٣١٦، ٤٤٩-
٤٥٠، ٥٠٣-٥٠٦، ٥٤٢،
٥٤٤، ٥٥٢
قتيبة بن معن ٥٠٥
قحطبة ٤٥٦
قطب الدين ايبڪ سلطان ٣٧٢
قطن ١٤٣، ٤٥٤
قطري ٤٥٣

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قفند ۳۹۷
قلقشندي ۳۸۵، ۳۹۱، ۴۱۶
قيس بن ثعلبه ۳۲۰
قيس بن عبدالملڪ ۳۱۹
قيس بن هيثم ۱۰۵

ڪ

ڪارٽر ۳۸۸
ڪاڪو ۵۴، ۱۷۰، ۱۷۲،
۱۷۴- ۱۷۶
ڪبير پلر ۳۴۲، ۵۱۸
ڪحلي ذهلي ۲۶۰
ڪذاب حرمازي (ڏسو عبدالله
بن الاعور)
ڪرشن ۵۲۵
ڪروڪ ۴۱۲
ڪرزنس ۳۸۳، ۳۸۸، ۳۹۲،
۳۹۵، ۴۰۰، ۴۰۹، ۴۲۰-
۴۲۱، ۵۱۱
ڪسري نوشيروان ۲۷۴
ڪسري بن هرمز ۶۶، ۴۱۳
ڪعب ۲۷۱-۲۷۲۲۷۸-۲۷۹،
۲۸۴، ۴۹۳
ڪڪسو ۳۴۸- ۳۵۰، ۵۲۳
ڪليب ۱۱۸
ڪندا، راجا ۳۵۲
ڪننگهام ۳۸۳، ۳۹۲، ۳۹۶
کوار تنڊو ۲۴۹
کوار وڏو ۲۴۹
کورسينه ۳۵۳

ک

کوکو ۲۳۴، ۲۵۰، ۴۸۵-۴۸۶

گ

گوپي ۲۲۲، ۲۸۶، ۲۹۷، ۳۲۶،
۳۲۸، ۳۳۰- ۳۳۱، ۵۱۷
گيان پٽ ٿاهر ۲۳۴
گيهه پٽ بشر ۲۵۰

ل

لاڏي، رائي ۲۶۸- ۲۶۹،
۳۰۱- ۳۰۴، ۳۲۷، ۳۳۴،
۵۳۶، ۵۰۰، ۵۰۱
لانگ ورٿ (ڏسو "ڊيمس")
لاءِ ال، سر چارلس ۴۲۷
لقيامار ۲۵۱
للتادتيه مکتاپيد ۵۲۰

م

مالک بن اعصر ۵۰۴
مالک بن مسمع ۴۵۵
ماين ۴۰، ۴۳- ۴۷، ۷۸، ۸۰-
۸۳، ۲۸۰- ۲۸۲، ۴۹۲
مبارڪ شير (ڪڪسو) ۳۴۹
متو، راجا ۵۳- ۵۶، ۶۹
مجاشع بن نوبه ۱۴۳

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مجاعة بن سعر ۱۲۲- ۱۲۳،
۴۲۵، ۴۸۴
محب اللہ بکري ۳۷۴، ۴۰۱
محرز بن ثابت ۲۳۰، ۲۴۶-۲۴۸
محلق، ابي صلعم ۳، ۵-۷، ۴۰۶،
۴۲۵، ۴۹۳، ۵۲۶
محمد، امير ساوندي سمه ۳۲۰
محمد بن ابي الحسن مدني
۲۳۸، ۴۸۶
محمد بن تغلق ۵۳۰
محمد بن حارث علافي ۲۳۱،
۴۲۴، ۴۲۵
محمد بن حبيب ۴۳۱
محمد بن حجاج ۴۴۲
محمد بن حسن ۲۳۴
محمد بن حکم ۴۴۰، ۵۳۲
محمد بن زياد ۲۵۲، ۲۶۰
محمد بن سام (سلطان معزالدين
غوري) ۸- ۹، ۳۷۱-۳۷۲،
۳۷۹
محمد بن عبدالله ۴۸۰-۴۸۱
محمد بن عبدالرحمان ۱۲۱
محمد بن علي ۳۶۳، ۵۳۵-۵۳۶
محمد بن قاسم ۱۳، ۲۱، ۱۳۰-
۱۳۱، ۱۳۴- ۱۳۷، ۱۳۹-
۱۴۱، ۱۴۴، ۱۴۶، ۱۴۹،
۱۵۱، ۱۵۳ ۱۵۵، ۱۵۷،
۱۶۱-۱۶۲، ۱۶۴-۱۶۹، ۱۷۰-
۱۷۲، ۱۷۴- ۱۷۸، ۱۸۲،
۱۸۶- ۱۹۷، ۲۰۱- ۲۰۲،
۲۰۶- ۲۱۳، ۲۱۵- ۲۱۸،
۲۲۲، ۲۲۴- ۲۲۶، ۲۲۸-
۲۳۰، ۲۳۳- ۲۳۵، ۲۳۸،
۲۴۰- ۲۴۳، ۲۴۷- ۲۴۸،
۲۵۲- ۲۵۳، ۲۵۵- ۲۶۲،
۲۶۴- ۲۷۲، ۲۷۴، ۲۷۷،
۲۸۲- ۲۸۳، ۲۸۵- ۲۹۳،
۲۹۸، ۳۰۰، ۳۰۲- ۳۱۰،
۳۱۲، ۳۱۵، ۳۱۷، ۳۲۰-
۳۲۱، ۳۲۳- ۳۳۰، ۳۳۲،
۳۳۶، ۳۴۷- ۴۵۴، ۳۵۶-
۳۵۸، ۳۶۰- ۳۶۱، ۳۶۴-
۳۶۷، ۳۷۲، ۳۷۳، ۳۷۶،
۳۷۹، ۳۸۲، ۳۸۵، ۳۹۳،
۳۹۸- ۳۹۹، ۳۰۱، ۴۰۴،
۴۱۸- ۴۲۱، ۴۲۳، ۴۳۹-
۴۴۳، ۴۴۵- ۴۵۱، ۴۵۳،
۴۵۵، ۴۵۹- ۴۶۵- ۴۶۷-
۴۷۵، ۴۸۱، ۴۸۳- ۴۸۵،
۴۸۷، ۴۸۹، ۴۹۱، ۴۹۵،
۴۹۷- ۴۹۸، ۵۰۰- ۵۰۱،
۵۰۳، ۵۰۵- ۵۰۷، ۵۱۰-
۵۱۲، ۵۱۴- ۵۱۵، ۵۱۷،
۵۱۹، ۵۲۵، ۵۲۸- ۵۲۹،
۵۳۱- ۵۳۵، ۵۳۷- ۵۳۹،
۵۴۱- ۵۴۳، ۵۴۵- ۵۴۶،
۵۴۸- ۵۴۹، ۵۵۱، ۵۵۶

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن مصعب ۱۴۲، ۲۰۹–
۲۱۰، ۲۲۴، ۲۵۲، ۲۶۱
محمد بن معاویة علافي ۹۵،
۱۱۸، ۱۹۸–۲۰۰، ۲۳۱–
۲۳۶، ۲۴۵–۲۴۷، ۲۸۰–
۲۸۱، ۲۹۵–۲۹۷، ۴۲۴–
۴۲۵، ۴۸۳–۴۸۵، ۵۰۰،
۵۲۱
محمد بن هارون ۱۲۳–۱۲۴،
۱۲۶–۱۲۷، ۱۳۹–۱۴۰،
۴۴۷–۴۴۸
محمد بن یوسف ۴۶۰
محمود غزنوي ۴۰۴، ۵۱۷
مخارق بن کعب ۲۵۲
مدائني، ابوالحسن علي بن محمد
۱۰۵، ۱۰۷، ۱۰۹، ۱۳۱،
۱۳۳–۱۳۴، ۱۴۵، ۲۶۰،
۲۶۱، ۳۲۵، ۳۴۶، ۳۵۶–
۳۵۷، ۳۶۳، ۴۲۶، ۴۳۲،
۵۳۵–۵۳۶
مرداس بن هدبة ۲۰۷
مر زبان زرتشي ۲۲۴
مروان بن اشحم ۲۵۷
مروان بن محمد ۴۵۶
مسعر بن مهلهل ۳۷۹، ۳۵۸
مسعود تمیمي ۳۱۹
مسعود کلبي ۲۵۲
مسعودي ۳۷۹، ۳۸۵، ۴۱۳،
۴۳۳، ۴۵۳، ۴۵۶
مسلمة بن عبدالملک ۴۵۲
مسلمة بن محارب ۱۰۵، ۳۴۶
مشجد (مشیجد) ۲۵۰
مصعب ثقفي ۲۷۷
مصعب بن زبیر ۲۷۷
معاویة بن ابي سفیان ۱۰۴،
۱۰۶–۱۱۰، ۴۳۳
معاویة بن حارث علافي ۴۲۵،
۴۸۴
معاویة بن مهلب ۳۷۳، ۵۴۸،
۵۵۰–۵۵۳
معز (خلیفه) ۵۳۲
معصوم، میر ۳۷۵، ۳۸۲، ۴۴۲،
۵۳۴–۵۳۵
معن ۵۰۵
مغیرة ۹۸، ۳۷۹، ۴۲۶، ۴۶۴
مفضل ضبي ۴۸۰
مقدسي ۳۶۴، ۳۷۹، ۳۸۵، ۳۹۱،
۴۰۳، ۴۱۶، ۵۲۹
مقتدر بالله ۵۳۲
مکمردو ۳۸۳
ملیح ۳۲۰
منذر بن جارود (ابن المعلي)
۱۱۱، ۱۱۳، ۱۱۵، ۴۳۵–۴۳۶
منصور (خلیفه) ۴۸۰–۴۸۱
منصور بن جمهور ۳۹۴
منظور بن جمهور ۳۹۴

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

منو ٤١٢

منهاج سراج ٢٧٨

موسيٰ بن سنان ١٤٢

موسيٰ بن عمران ٤٢٧

موسيٰ بن عيسيٰ ٤١٣

موسيٰ بن نصير ٥٤٢، ٥٤٤، ٥٥٢

موسيٰ بن يعقوب ٣٤٧، ٥٥٧

موکو پٽ وسائو ١٩١-١٩٥، ٢٠١-٢٠٧، ٢١٠، ٢١٣، ٢٢٤-٢٢٦، ٢٣٨، ٢٤٠، ٢٤٧، ٢٦٠، ٢٩٣-٢٩٤، ٢٩٩، ٣١٢-٣١٣

مولاي اسلام ديبلي ١٩٦-١٩٧

مونير ولير ٥٢٧

مهترائچ ١٥٣

مهرت ٣٢-٣٩، ٤٠٦

مهلب بن ابي صفراء ١٠٤، ٤٣٢، ٤٥٢، ٥٠٨، ٥٣٩-٥٤٠

مهماس ٣٧٣

مهندر وزير ٢١٩

مهني بن عکه ٣٢٠

ميگهدوتيه ٢٢٣

ن

نارد ٥٢٦

نانک سمني ٥٨

ناصرالدين سلطان (ڏسو قباچه)

نافع بن حارث ٤٩٣

نافع بن جبير ٤٩٣

نافع بن هرمز ٤٩٣

نوگيٽ ٥٢٣

نائلو ٢٥٠

نباته بن حنظلة ١٥٠، ١٦١، ١٧٤، ١٨٧، ١٩٤-١٩٥، ٢٢٤، ٢٤٨، ٢٥٢، ٢٦٠، ٢٧٨، ٢٩٤، ٤٥٥-٤٥٦

نبهان ٢٢٧، ٢٥٦

نبي بخش خان بلوچ ٣٧١

نصر بن سفيان ١٠٤

نصر بن سيار ٤٥٦

نظام الدين ٥٣٥

نظام الملک جنيدي ٢٧٨

نوبة بن دارس ٣١٨، ٤٢٣

نوبة بن هارون ٢٩٠

نوشيروان ١٩

نيو پورٽ ٣٨٣

نيامر بن بجر ٢٣٣

هه

هارون بن ذراع ١٢٣

هاشم ١٠٥

هال ٥٢٦

هذلي (ابوبکر) ١٠٣-١٠٥، ١٠٨-١٠٩، ٤٣١-٤٣٣

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هذيل ۲۵۲، ۲۷۸، ۳۱۸، ۴۲۳،
۵۱۰

هرشا، راجا ۴۱۷

هرچندر، راءِ ۳۶۰-۳۶۲،
۵۳۴-۵۳۵

هلوات ڪلبي ۱۳۷، ۵۴۳

همداني ۴۳۳

هرڙي والا ۳۷۱، ۳۷۸، ۴۰۲-
۴۱۵، ۴۱۷، ۴۶۷-۴۶۹
۴۸۷، ۴۹۲، ۴۹۸، ۵۰۲،
۵۱۴، ۵۲۵-۵۲۶، ۵۳۳-
۵۳۴

هنملڻ ۳۸۳

هيثم ۱۰۵

هنگ ۳۸۱، ۳۸۴-۳۹۱، ۴۲۲،
۴۶۷- ۴۶۸، ۴۹۵-۴۹۶

و

وداع بن حميد ۳۱۸، ۵۰۸-۵۰۹

وسايو ٻٽ سربند ۲۲۵-۲۲۶،
۲۳۹، ۴۷۲-۴۷۳

وسط اسعدي ۱۲۵

وفاء بن عبدالرحمان ۳۶۰

وکيو ٻٽ ڏاهر ۳۳۰

وکيو ٻٽ ڪاڪو ۵۴

ولسن ۵۲۶

وليد (خليفو) ۹۷، ۱۲۳، ۱۲۶،
۲۶۸، ۲۷۷، ۲۷۹، ۲۸۴،
۳۳۶، ۳۵۷، ۳۶۳-۳۶۴،
۳۶۶، ۴۴۳، ۴۹۳، ۵۱۲،
۵۳۸، ۵۴۱-۵۴۲

ي

ياسر بن سوار ۱۰۶

ياقوت ۳۷۴، ۳۸۵، ۳۹۰، ۴۱۴،
۴۱۶، ۴۲۸، ۴۳۴، ۵۳۱

يحيٰ ۴۴۰

يزدگرد ۴۱۳

يزيد بن ابي ڪبشه ۵۴۵

يزيد بن عبدالملڪ ۴۵۰، ۴۵۲،
۴۵۴

يزيد بن عمر ۴۵۶، ۴۹۸

يزيد بن ڪنانة ۲۷۵-۴۴۰

يزيد بن مجالد ۲۷۰

يزيد بن مهلب ۴۵۰، ۵۰۹،
۵۳۹-۵۴۰، ۵۴۵، ۵۵۱-
۵۵۲

يسار ۱۱۱

يعقوب بن طائي ۲۷۶

يعقوبي ۳۷۴، ۳۹۴، ۴۵۶،
۴۶۴، ۵۰۲

يوسف بن حڪم ۴۴۰

يوسف بن عمر ۴۴۰، ۵۴۳

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۳- ملڪن، ماڳن، قومن، قبيلن، ندين، واهن، ڍنڍن، ڏورن وغيرها جي نالن جي فهرست

الف

آرمونيا ۴۵۴
آرزڪا ۵۴۲، ۵۴۴، ۵۵۲
آل ابي عامل (آڪهه) ۴۳۹، ۵۴۳-۵۴۵، ۵۵۲
آل جاروذ ۱۷۷، ۴۵۷
ابراهيم حمدري (ڳوٺ) ۳۸۸
ابيذ ارد شير (شهر) ۳۹۲
ابرندو نارو ۲۲
احمد آباد ۵۰۹
اڄ ۱۲-۱۳، ۳۷۸، ۴۰۳
اقهپور ۵۰۴
اردبيل ۱۰۵، ۳۸۰
ارل (ڏورو) ۱۶۹
ارمن بيله (ارمابيل) ۴۱۳، ۴۶۱
ارمابيل ۶۶-۶۷، ۱۰۴، ۱۴۰-۱۴۲، ۱۵۵، ۴۴۷-۴۴۸، ۴۵۹-۴۶۰
اروڙ (الور) ۱۳، ۲۱، ۲۳، ۲۵، ۳۶، ۳۹، ۴۱-۴۲، ۵۲-۵۳، ۶۸، ۷۳-۷۵، ۷۷، ۸۳، ۸۵-۸۸، ۹۲-۹۳، ۱۲۸، ۱۷۹، ۲۸۶، ۲۹۷، ۳۱۰، ۳۱۵، ۳۲۶-۳۳۰، ۳۴۵-۳۴۸، ۳۷۳، ۳۷۵-۳۷۶، ۴۰۴، ۴۱۷-۴۱۸، ۴۲۰، ۴۷۰، ۵۱۱-۵۱۲، ۵۱۵، ۵۱۷، ۵۲۲، ۵۳۱
ازد (قبيلو) ۱۱۷، ۲۵۳، ۵۱۴، ۵۵۰
اسڪندره ۲۲، ۴۲-۴۸، ۳۵۰-۳۵۱، ۴۰۳-۴۰۴
اسه ڪند ۳۴۴، ۵۱۸، ۵۲۰
اشبهار (قلعو) ۴۱۸، ۴۲۱، ۴۷۲
اشهار (قلعو، علائقو) ۴۳، ۵۱، ۱۸۹، ۳۲۰، ۳۵۹، ۳۹۳، ۴۰۶، ۴۷۳، ۵۴۴
اصفهان ۴۰۵
افغانستان ۴۰۳، ۴۰۵
اگهم (اگهم ڪوٽ، اگهامائو) ۲۲۳، ۴۸۲
اڪر (قوم) ۴۶۸
الوان (شهر) ۵۳۴
آمرجي ۵۱۶
ارد ندو هار ۱۷۲، ۴۶۹

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آوتاپور ۳۶۰، ۳۶۴-۳۶۵، ۵۳۴، ۵۴۶
اهواز ۴۰۵
ایران ۲، ۸، ۱۲، ۱۶، ۱۸، ۲۳، ۴۴، ۲۶، ۲۷۲، ۳۲۹، ۳۹۵-۳۹۶، ۵۴۷-۵۴۸، ۵۵۳

ب

بابریکان (بندر) ۳۹۲
بارانسي (گھراٹو؟) ۶۹
بازان (ملک) ۴۰۵
باهلة (قبیلو) ۴۵۰
بحرین ۹۷-۹۸، ۴۲۶، ۴۲۱-۴۶۲
بدایون ۳۷۸
برج (شهر) ۳۰۳
برهاس (ملک یا شهر) ۲۳
بروري (ماگھ) ۱۶۴، ۱۶۶، ۴۰۱
بروص (بروچ) ۴۲۶
برهمپور ۲۳، ۵۱، ۳۵۸، ۴۰۶
برهمناباد (برهمن آباد) ۲۱، ۵۵-۵۷، ۵۹، ۶۰، ۶۲-۶۵، ۷۰، ۷۳-۷۴، ۸۱، ۹۲-۹۳، ۱۵۶، ۲۸۱، ۲۸۶-۲۸۷، ۲۹۱-۲۹۲، ۲۹۸، ۲۹۹-۳۰۱، ۳۰۹، ۳۱۲، ۳۱۵، ۳۱۷، ۳۲۰، ۲۹۶، ۳۹۸-۴۰۰، ۴۰۸-۴۰۹، ۴۲۰-۴۲۳، ۴۴۳، ۴۵۵، ۴۵۹، ۴۸۲-۴۸۳، ۴۸۹، ۴۹۴-۴۹۵، ۴۹۸، ۵۰۰-۵۰۲، ۵۰۷-۵۰۸، ۵۱۰-۵۱۱، ۵۱۵، ۵۳۶
بروندا ۵۰۹
بست (شهر) ۳۰۵
بصره ۱۰۰، ۱۵۰، ۱۸۹، ۴۲۸، ۴۳۰، ۴۳۲-۴۳۳، ۴۳۷، ۴۵۲، ۴۵۴، ۴۷۷-۴۷۸، ۴۸۰، ۵۲۴، ۵۳۹
بغداد ۳۶۳، ۵۳۷
بغرور (بکر) ۱۷۹، ۳۴۷، ۴۶۹-۴۷۰، ۵۲۲
بکهاڙ (قلات) ۳۸۲، ۳۸۶-۳۸۷، ۳۸۹
بکر ۱۳، ۳۷۲، ۳۷۸، ۴۷۰، ۵۲۲
بکر بن وائل (قبیلو) ۲۵۳-۲۵۴، ۳۲۰
بکري (دیهه) ۱۲۹
بلور شاه (ملک) ۵۲۰
بلوچ ۱۲۴، ۳۹۵، ۴۳۷
بنارس ۴۸۱
بنو امیه ۵۱۴
بنو ثقیف ۲۷۳
بنو الدّیل ۴۲۸
بنو العتیک ۴۸۷، ۴۹۱

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بنو تميم ۱۴۵، ۲۵۳-۲۵۵،
۲۷۵، ۲۷۸، ۳۱۹، ۳۲۳،
۴۴۵-۴۴۶، ۵۱۳-۵۱۴
بنو حنظلة ۲۲۹
بنو جديد ۳۱۹
بنو عباس ۴۵۶
بنو عجل ۴۵۴
بنو عزيز ۱۲۵، ۴۳۹، ۴۹۴
بنو سامه ۹۵
بنو سعد ۴۴۶
بنو سَلمۃ ۲۱۸
بنو ڪعب بن ربيعه ۵۱۵
بنو قشير ۵۱۴-۵۱۵
بنو قيس ۲۷۰
بنو ڪلاب ۱۲۰، ۴۹۰
بنو ڪلب ۴۵۳
بنو مراد ۴۵۶
بنو مروان ۵۴۷
بنو شَنّ ۴۳۴
بنوره (دروازو) ۲۹۲
بند ڪاهوبه ۷۰
بندهان (بستي) ۱۷۳، ۴۲۸
بولان لڪ ۴۱۷
بهارند (دروازو) ۲۹۲
ڀهراور ۳۲۳-۳۲۴، ۵۱۵-۵۱۷
ڀهرج ۱۰۲، ۱۱۱، ۱۱۷

ڀڙور ۲۸۷، ۲۸۹، ۴۳۰، ۴۹۷
ڀٽلور ۱۷۶، ۴۶۹
ڀولاڻي ۵۱۷
ٻهمن آباد ۳۹۷
ٻهمنوا ۳۹۸
ٻهمنيا ۳۹۷
بياس ندي ۴۶، ۴۸، ۳۴۸،
۳۵۰، ۴۰۴
بيروت ۱۱۹

ٻ

ٻاءِ ميل ۴۰۷
ٻڌ نو وهار (مندر) ۵۸، ۴۰۸
ٻڌ ڪنو هار (مندر) ۴۱۱
ٻڌيه (علائقو) ۲۲، ۵۳، ۹۴،
۱۱۲، ۱۷۰، ۲۸۶، ۴۰۲،
۴۰۷، ۴۱۶، ۴۱۸، ۴۲۱،
۴۶۷، ۴۶۹-۴۷۰، ۴۷۳
ٻرڙا، ڳوٺ ۴۹۷
ٻرهون ڳوٺ ۴۹۶
ٻلوچ ڳوٺ ۴۶۸
ٻهارا ڳوٺ ۳۸۶، ۳۸۹
ٻيٽ (علائقو ۽ قلعو) ۱۹۵،
۲۰۸، ۲۱۰، ۲۲۴-۲۲۵،
۲۲۹، ۲۳۹، ۴۱۹، ۴۷۱-
۴۷۳، ۴۷۵
ٻيراڻي ڳوٺ ۲۲

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڀ

ڀاٽيه (علائقو ۽ قلعو) ۲۲، ۴۶-۴۷، ۷۴، ۲۸۶، ۲۹۳، ۳۴۸، ۴۰۴-۴۰۵
ڀٽي ۵۶، ۱۸۹، ۲۲۴
ڀروچ ۳۷۹، ۴۶۲
ڀريا ۵۱۶-۵۱۷
ڀنڀور ۳۸۷-۳۸۸، ۳۹۰-۳۹۵

پ

پاڙاري (پاڙو) ۴۳۹
پرنهار (گهراڻو) ۵۲۳
پکيڙا (پاڙو) ۴۳۹
پليه لغاري ڳوٺ ۴۰۰، ۴۹۷
پنجاب ۴۱۲، ۵۰۰
پنجپور ۶۶، ۴۱۴
پنجگور (پنجپور) ۴۱۴
پنج ماهيات (ماڳ) ۵۲، ۳۶۰
پورالي ندي ۶۷، ۱۱۵، ۴۱۷
پورچوگيز ۳۸۱
پير پٺو ۳۸۲-۳۸۳، ۳۸۵
پير پٽسال ۵۱۸

ت

تاڪيشر ۵۰۰
تاڪيه (تڪاديش) ۲۳، ۵۱، ۴۰۶، ۴۸۴
تانم (ٿاٿو) ۴۲۶
ترڪ (ترڪي ۽ گلو) ۴۶، ۳۷۱، ۴۰۲، ۴۰۷، ۴۳۴
تلواڙو ۲۲، ۴۰۵
توران ۶۷، ۱۵۸، ۴۰۳، ۴۱۶

ٿ

ٿاٿر (ٿاٿو) ۳۷۹، ۴۲۶، ۴۶۲
ٿرپارڪر ۴۷۶
ٿٻ واري مسجد ۳۸۷-۳۹۰

ٽ

ٽالٻيا (پاڙو) ۴۳۹
ٽنڊه آدم ۲۲، ۴۸۳
ٽنڊه (محمد خان) ڀوڙن ۴۲۲
ٽنڊه محمد خان ۴۷۳
ٽيڀاڻي ۴۳۹

ٺ

ٺٽو ۲۸۲، ۳۸۳، ۳۸۵، ۳۸۹، ۴۱۸-۴۲۰، ۴۲۲، ۴۲۸، ۴۷۹
ٺڪر ۷۲، ۲۲۴
ٺل مير رکڻ ۵۱۱
ٺوري (پاڙو) ۴۳۹

ج

جاٽي ۴۱۹
جاٽ قوم ۴۱۲
جاکي بندر ۳۸۷، ۳۸۹
جالنڌر ۳۴۴، ۵۱۸

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جت قوم ٦٤، ١٢٣، ١٨٩، ٢٢٤، ٢٥١، ٣١٢-٣١٣، ٣١٥، ٣٢٢، ٤١٢، ٤١٩، ٤٣٧
جرجان ٤٥٦، ٥٤٧-٥٤٨،
جرم (شهر) ١٠٥
جزيره ياقوت (سرانديپ) ١٢٤
جلوالي (نهر يا ڍورو) ٢٩١، ٣١٥، ٣٩٨-٣٩٩، ٣٩٤-٣٩٦، ٥١٥
جمڙائو واه ٣٩٩، ٤٩٦
جنگان (علائقو) ٢٢
جنگن وعوزا اوکاما (ماڳ؟) ٢٩٥
جهلم ندي ٣٥٩، ٥١٨
جوباڻيا (ڳوٺ) ٤٣٩
جوءِ ڏڏا واه (دريا جي شاخ) ٤١٩
جوءِ کوتکه (") ٤١٩
جوءِ نبناري (") ٤١٩
جيپور ٢٣٠، ٢٤١
جيسلمير ٢٨٨، ٤٠٧-٤٠٨
جيکب آباد ٤٠٢-٤٠٣
جيوڻ ١٩١، ٢٠٧، ٢٣٠، ٤٢١

ڄ

ڄراڙي ڳوٺ ٤٠٠، ٤٩٥، ٤٩٧

جهه

جهالا وان ٣٩٦، ٤١٦
جهم، جهمم (علائقو) ٢٠٩-٢١٠، ٢١٨، ٢٢٤، ٢٢٧، ٤١٨، ٤٢٠، ٤٢٢، ٤٧٨-٤٧٩
جهم پير (ماڳ) ٤٧٨-٤٧٩
جهول شهر ٤٠٠، ٤٠٩

چ

چالو کيه گهراڻو ٥١٣
چترور (چتور؟) ٣٦، ٣٨-٣٩، ٢٩٤-٢٩٥، ٢٩٧، ٣٣٠، ٤٠٥، ٤٨٣، ٥٢١
چچ پور ٢٢، ٤٠٥
چنا، قوم ١٧٣، ١٧٥
چنڊال، قوم ٤١٢
چنيسر (شهر) ٢٩٢، ٢٩٨
چين ١٣٠، ٣١٦، ٣٩٥، ٥٠٣-٥٠٥، ٥٤٤، ٥٤٨، ٥٥٢
چيهو (ڳوٺ) ٥١٢
حجاز ٣
حيدرآباد دکن ٣٨٠، ٥٢٤
حيدرآباد سنڌ ٤٠١-٤٠٢، ٤١٨، ٤٢٢، ٤٦٠-٤٦١، ٤٦٥، ٤٩٦، ٥٢٤
خراسان ٢، ٨، ١٢، ١٦، ١٨، ١٢٣، ٣٩٦، ٤٤٩، ٤٥٢، ٤٥٤، ٤٥٦، ٥٠٦، ٥١٤، ٥٤٠، ٥٤٢

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خرداو ۴۱۶

ڊ

دادو ۴۷۰
دار جلنگ ۵۱۹
ديلا (پاڙو) ۴۳۹
ددھا واہ (ڏڏ واہ) ۲۴۱، ۲۸۱
دکن ۵۱۹
ڈُکاک (پاڙو) ۴۹۶
دلور ۳۹۹
دماوند ۴۵۳
دمشق ۵۳۷
دوڙ ۵۱۱
دوناني (ديھہ) ۴۰۹
دولت پور ۵۱۱
دھتايت (ماڳ) ۵۳
دھليلہ (قلعو) ۲۸۷-۲۹۱،
۳۱۹، ۳۲۰، ۴۹۷
ديپالپور ۵۳۴
ديبل ۲۱-۲۲، ۲۵، ۵۶، ۹۸،
۱۲۴-۱۲۸، ۱۳۷، ۱۳۹-
۱۴۳، ۱۴۶-۱۴۸، ۱۵۲-
۱۵۶، ۱۶۱-۱۶۵، ۱۸۲،
۱۸۹، ۱۹۶، ۳۱۴، ۳۲۱،
۳۵۹، ۳۷۸-۳۹۶، ۴۰۱،
۴۲۶، ۴۳۷، ۴۵۵-۴۵۷،
۴۵۹-۴۶۳، ۴۷۲-۴۷۳،
۴۹۴
ديرالجماجم (ماڳ) ۴۵۱، ۴۵۳
ديماس (قيدخانو) ۴۳۵
ديوھپور ۲۲، ۷۰، ۷۲، ۴۰۵

ڏ

ڏاراجا ۲۸۷-۳۹۰، ۴۳۸
ڏڏ واہ ۴۱۹-۴۲۰

ڏ

ڏوبر گھانگھري جو ڏل ۴۰۰
۴۰۹، ۴۱۱

ڊ

ڊوکي (پاڙو) ۴۳۹

ڍ

ڍوراڻي (پاڙو) ۴۳۹

ذ

ذھل جو قبيلو (بنو ذھل) ۱۸۸
ذوقار (جنگ جي جاء) ۴۵۵

ر

راجپوت ۴۱۲
راجوڙي ۵۰۰، ۵۲۰-۵۲۱
راڻي (ارجن) جو کوٽ ۳۸۷،
۳۸۹
راوڙ (قلعو) ۷۳-۷۴، ۹۳، ۱۹۰-
۱۹۱، ۲۰۱، ۲۰۷، ۲۲۲،
۲۲۹-۲۳۰، ۲۴۲، ۲۶۱،
۲۶۳، ۲۷۳، ۲۷۸، ۲۸۰-
۲۸۳، ۲۸۵-۲۸۷، ۲۹۵،
۳۱۸، ۴۱۷-۴۲۴، ۴۹۷،
۵۰۰، ۵۳۶

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راوي ندي ۴۸-۴۹، ۳۵۱-
۳۵۲، ۴۰۴، ۵۲۴
رتو ڪوٽ ۳۷۸-۳۸۸
رڙي (قديم بستي) ۴۲۲، ۴۲۴
رستقاباذ ۴۳۵
رمل (ريگستان، ملڪ) ۷۰،
۷۴، ۹۴-۹۶، ۲۹۳، ۴۰۸، ۴۲۵
رود ۳۵۶
روستان ۲۹۵
روم ۸، ۱۲
رونجهان ۲۲، ۴۰۳
رونجهان جمالي ۴۰۳
رونجهان مرازي ۴۰۳
روهڙي ۳۷۵، ۳۱۸
روم ۲۹۵، ۵۰۰
ري (شهر) ۳۹۶، ۴۴۹، ۵۲۴،
۵۴۸
ريوا ڪنلا ۵۰۹

ز

زابل، زابلستان ۴۰۵، ۴۰۷
زابوقه (جنگ جي جاءِ) ۴۲۸

س

سابور (شهر، علائقو) ۵۴۷-۵۴۸
ساساني (گهرائو) ۴۱۳
ساڪرو (علائقو) ۱۹۴، ۲۱۸،
۲۲۴، ۳۸۲، ۴۱۸-۴۲۰،
۴۲۲
ساڪرو نارو (ٻگهاڙ؟) ۱۲۲،
۳۸۱، ۴۶۳
سالوج (قلعو، علائقو) ۱۷۲
سانگهڙ ۴۰۳
ساهتي ۴۰۲
ساوڙي (ساونڌري، ساونڌي)
۳۲۰-۳۲۱، ۵۱۰-۵۱۲،
۵۱۵-۵۱۶
سرانديپ (سلون) ۱۲۴-۱۲۵
۱۵۲-۱۵۳، ۱۶۰، ۳۲۹،
۳۹۶، ۴۲۴-۴۲۵، ۴۷۵،
۴۹۴، ۴۹۶-۴۹۷
سمّي ديول ۳۸۱
سعد بن زيد مناة (قبيلو) ۴۴۵
سڪرابو ۳۹۵
سکر (ضلعو) ۴۷۰
سڪه (قلعو) ۲۳، ۲۵، ۴۸-
۴۹، ۳۵۰-۳۵۲، ۴۰۴،
۴۰۶-۴۰۷، ۵۱۲، ۵۲۴-
۵۲۵
سليمان جبل ۲۹۶
سما (قوم) ۱۲، ۵۳، ۵۵، ۳۲۴،
۳۸۳
سمه (علائقو) ۲۲، ۳۱۳، ۴۰۲
سمير جو ڊورو ۴۹۶
سنجهورو (تعلقو) ۲۰۹، ۴۰۰،
۴۹۲، ۴۹۶

سنڌ ۲۱، ۴۰، ۴۳، ۶۷، ۹۳، ۹۵،
۹۷-۹۹، ۱۰۱، ۱۰۲، ۱۰۴،
۱۱۰، ۱۱۷، ۱۲۳، ۱۲۷،
۱۳۵، ۱۳۷، ۱۳۹، ۱۴۸،
۱۵۶–۱۵۸، ۱۶۴، ۱۸۲،
۱۹۲–۱۹۳، ۱۹۸، ۲۱۲،
۲۲۳، ۲۴۶، ۲۷۰–۲۷۱،
۲۷۴، ۲۷۷، ۲۹۹، ۳۰۷،
۳۱۵–۳۱۶، ۳۲۴، ۳۲۹،
۳۴۳، ۳۵۴، ۳۶۶–۳۶۷،
۳۶۹، ۳۷۵، ۳۷۸–۳۸۰،
۳۹۴، ۳۹۷–۳۹۸، ۴۰۱–
۴۰۲، ۴۰۵–۴۰۸، ۴۱۴،
۴۱۶–۴۱۸، ۴۲۳، ۴۲۵–
۴۲۷، ۴۲۹، ۴۳۲، ۴۳۳–
۴۳۷–۴۳۸، ۴۴۴، ۴۴۹،
۴۵۱، ۴۵۷–۴۵۸، ۴۶۱،
۴۶۴–۴۶۵، ۴۷۱، ۴۷۵–
۴۷۶، ۴۸۱، ۴۸۳–۴۸۴،
۴۸۹–۴۹۰، ۵۰۳، ۵۰۶،
۵۱۶، ۵۱۹، ۵۲۱–۵۲۲،
۵۳۵، ۵۴۵–۵۴۶، ۵۴۸–
۵۵۰، ۵۵۲
سنڌو ندي ۲۲، ۱۲۹، ۳۷۴،
۳۸۱–۳۸۲، ۳۸۶، ۴۶۵
سيهان (سيوهڻ) ۴۶۴
سهتا (قوم) ۵۵، ۳۱۳، ۵۱۶
سهته (علائقو) ۳۲۵–۳۲۶
سوپور (= برهمپور) ۳۵۹
سوڍائي (ٻاڙو) ۴۳۹
سورٺ (سوراشترا) ۴۳۷، ۴۷۵
سومرا ۳۸۳
سومنات ۵۱۷
سون مياڻي (ڪاري) ۴۱۷
سونهري (ڍنڍ) ۳۷۹
سوهڻ ندي (مهراڻ) ۲۱
سهر (ملڪ) ۲۸۸
سيستان (سجستان) ۱۱۱، ۳۲۴،
۴۰۵، ۵۳۹
سيسم (بستي) ۱۶۲، ۴۶۰
سيسم (قلعو) ۱۷۱، ۱۷۴، ۱۷۶،
۱۷۷، ۱۸۰، ۴۶۷–۴۶۸
سيوستان (سيوهڻ قلعو ۽ علائقو)
۲۲، ۲۶، ۵۳–۵۵، ۶۹، ۹۳،
۱۶۷–۱۶۹، ۱۷۱–۱۷۲،
۱۷۷، ۱۸۰، ۲۰۸–۲۱۰،
۳۱۹، ۴۰۲، ۴۱۸، ۴۲۱،
۴۵۵، ۴۶۳–۴۶۴
سيوهڻ ۵۵، ۴۶۵–۴۷۰، ۴۷۲–
۴۷۳
سيوس (قوم) ۵۴

ش

شاڪلهار (قلعو) ۵۱، ۲۹۶–
۲۹۷، ۴۸۴

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شام ۸، ۱۲-۱۳، ۱۶، ۱۳۳، ۱۳۶، ۱۴۱، ۱۵۶، ۱۹۸، ۲۷۷، ۳۱۲، ۳۱۴
شاه بلاول (لڪ) ۴۶۱
شاه بندر ۴۱۹، ۴۲۲، ۴۲۴
شاهپور چاڪر ۴۹۶
شاه حسن (ڳوٺ) ۴۶۷
شڪارپور ۴۱۷
شڪاڻ شاه (ملڪ) ۵۲۰
شمني (سمني) ۴۶۴-۴۶۵
شهبيگ مري (ڳوٺ) ۴۹۷
شهدادپور ۲۲، ۳۹۹، ۴۰۲، ۴۸۴، ۴۹۵-۴۹۶
شيراز ۴۹، ۱۳۶، ۱۳۹، ۴۴۹، ۴۷۷، ۵۴۸

ص

صوبي جي ڏپ ۴۹۷
صفين (جنگ جي جاءِ) ۴۳۲، ۴۳۴

ط

طاڪيه (تاڪيه، تڪاديش) ۲۹۵، ۴۸۳، ۵۰۰
طالب شاه جي ڏپ ۴۹۷
طبرستان ۴۵۳

ع

عاليه (قبيلو) ۲۵۳
عامري ڳوٺ ۴۶۶
عبدالقيس (قبيلو) ۱۰۶، ۲۵۳، ۴۳۴-۴۳۵، ۴۵۷
عدن ۴۸۱
عراق ۸، ۱۲، ۹۸، ۱۱۷، ۱۳۵-۱۳۶، ۱۶۱، ۲۱۱، ۲۶۹-۲۷۱، ۲۸۴، ۳۱۲، ۳۲۸، ۳۹۴-۳۹۶، ۴۳۲، ۴۵۱-۴۵۲، ۵۰۶، ۵۰۹، ۵۴۲، ۵۴۴، ۵۴۵، ۵۵۰، ۵۵۲
عرب (قوم ۽ ملڪ) ۱۳، ۱۶، ۹۵، ۹۶، ۱۱۰-۱۱۱، ۱۲۱، ۱۳۰، ۱۴۰-۱۴۲، ۱۵۶، ۱۶۴، ۱۶۸-۱۶۹، ۱۷۳-۱۷۴، ۱۷۶، ۱۷۸-۱۷۹، ۱۸۵، ۱۸۷، ۱۹۱، ۱۹۷-۱۹۸، ۲۰۸، ۲۱۲، ۲۳۲، ۲۳۹، ۲۴۱، ۲۴۷، ۲۵۲-۲۵۳، ۲۵۷، ۲۶۳، ۲۶۹، ۲۷۷، ۲۹۱، ۲۹۴، ۲۹۸، ۳۰۰-۳۰۱، ۳۲۶، ۳۵۰، ۳۵۳، ۳۶۹، ۳۷۴، ۳۷۹، ۳۸۳-۳۸۴، ۴۹۵-۴۹۶، ۵۰۲، ۵۰۶، ۵۲۴، ۵۲۹، ۵۵۰
عڪ (قبيلو) ۵۴۵، ۵۴۸، ۵۵۰
علافي (قبيلي وارا) ۱۴۰
عليڳڙه مسلم يونيورسٽي ۴۸۱

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عمان ٩٨، ١٠٥، ١١٨، ١٢٧، ٣٧٩، ٤٢٦، ٤٦١
عين التمر (بستي) ٤٧٢، ٤٧٨

ف

فارس ٩٣، ٢٧٦، ٣١٤، ٤٠٥، ٤٤٠، ٤٤٩، ٤٧٧، ٥٣٦
فنزبور (پنجپور) ٤٤٧

ق

قاجِجاق (ماڳ) ٢٤١
قازرون (ملڪ) ١٢٤
قاهره ١١٩
قحطاني عرب (عربن جو نسل) ٣١٩
قرمطي (فرقي جو نالو) ٥٣١
قريش (قبيلو) ٥٠٤
قسطنطنيه ٨٩
قصبة (شهو) ١٩٥، ٢١٩، ٢٧٥
قصدار (خزدار) ٣٩٦، ٤١٦، ٤٣٥
قلات ٣٩٦
قنبلي ٤٤٧-٤٤٨
قندابيل (گنداوا؟) ٦٨، ٩٩، ١٢١، ١٢٣، ١٧٦، ٣٩٦-٣٩٧، ٤٠٣، ٤١٦، ٤٢٧، ٤٣٧، ٥٠٨-٥٠٩
قنوج (ڏسو ڪنوج)

قيقان (= ڪيڪانان) ٤٣١، ٤٣٣-٤٣٤

ڪ

ڪابلستان ٤٠٢
ڪاٺياواڙ ٣٢٧، ٤٧٥
ڪارڪوٽ (گهراڻو) ٥١٩
ڪارمتي (ماڳ) ١٥٢، ٤٥٨
ڪاشغر ٥٤٤
ڪاڪاراج ٥٤، ٤٠٣، ٤٠٧، ٤٢٩
ڪچ ٢١٩، ٤٢٣، ٤٧٤-٤٧٥، ٤٨٥-٤٨٦، ٥٠٩-٥١٠
ڪڏائي (پاڙو) ٤٣٩
ڪراچي ٣٨٣-٣٨٤، ٣٨٧، ٣٩٠، ٤٣٨
ڪُرد (نسل) ٣٩٥
ڪردان (ملڪ) ٢٣
ڪردن جو جبل ٢١، ٣٩٥
ڪرمان ٢٣، ٢٥، ٩٧، ٩٨، ١١٥، ٣٩٥، ٤٠٥، ٥٣٩-٥٤٠
ڪرور ٢٣، ٥١، ٣٥٩، ٤٠٦، ٥٣٤
ڪرهل (= گرهڙ علائقو) ٢١٠، ٢١٨، ٤٢٠، ٤٢٢، ٤٧٨-٤٧٩

ڪشمير ١٣، ٢١، ٢٣، ٤٩-٥٢، ٧٠، ٢٣٣، ٢٩٥- ٢٩٧، ٣٢٣، ٣٤٤، ٣٥٣، ٣٥٥، ٣٦٠- ٣٦١، ٤٠٦، ٤١٤، ٤٣٥، ٤٧٠، ٤٨٣- ٤٨٥، ٤٨٧، ٥٠٠، ٥١١، ٥١٨- ٥٢٢

ڪفچ (نسل) ٣٩٥

ڪڪرالہ (علائقو) ٤٣٨

ڪنڪڙ ٣٠٧، ٤٧٠

ڪڪڙ ٻڪرا ٣٨٤

ڪلري ١٢٤، ٤٩٦

ڪلفٽن ٣٨٧، ٣٨٨

ڪمائون ٥١٩

ڪنب جعفر خان لغاري ٤٩٧

ڪنبه ٢٣٤، ٢٣٩، ٢٥٠، ٤٨٥

ڪنڀ (نهر) ١٧١-١٧٢، ٤٦٧-٤٦٨

ڪندراه ٢٢٣

ڪنده (قبيلو) ٢٥٦، ٣٢٣، ٥١٣

ڪنگ ٻني ٤٩٦

ڪنگري شهر ٤٢٠

ڪنوج (قنوج) ١٣، ٦٩، ٨٩، ٢٣٤، ٣٥٩- ٣٦١، ٣٦٥، ٤١٧، ٥٢٣، ٥٣٥، ٥٤٦

ڪنڌار (بندر) ٥٨، ٦٠-٦١، ٣٩٣، ٤٠٨-٤٠٩، ٤١١

ڪونڪه (نهر) ٢١٠، ٤١٩

ڪوٽڙي ٤٦١، ٤٦٤

ڪوفه ٢٧٢، ٤٥٦، ٤٨١، ٤٩٨

ڪونهيرو (ڪرڙو) ٤٩٦

ڪوه پايه ٢٢، ١٠٢-١٠٣، ١١١، ٣١٤

ڪوه منڌر ١١١

ڪيٽي بندر ٤٣٨

ڪيچ ۽ ڳنڊو ٤١٦

ڪيرج (ڪيرا شهر) ١٠٥، ٢٢٤، ٣١٨، ٣٣٦- ٣٣٧، ٤٧٤- ٤٧٥، ٤٨٥، ٥٠٩- ٥١٠، ٥٥١

ڪيڪانان ٢١، ٢٣، ١٠٢، ١٠٤، ١٠٦، ١١١- ١١٢، ٢٨٦، ٣٩٥- ٣٩٦، ٤٠٢- ٤٠٣، ٤١٦، ٤٣٣، ٤٣٧

ڪينجهر ڍنڍ ٤٧٩

ڪيهر (قوم) ٤٢٤

ک

کارجاڻي ٥١٦

کٽرو (کاري) ٣٩١

کمار، کڪا (قوم) ٥١٨، ٥١٩

کنڀات ٤٧١، ٥٠٩

کهڙا ٥٢٢

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪوراڻي (ديهه) ۳۸۸
ڪوڙا ۵۰۹

گ

گجاڙيا (پاڙو) ۴۳۹
گجرات ۴۱۲، ۴۷۱، ۴۷۵، ۵۰۹، ۵۱۳، ۵۵۱
گذاره گنگ (گنگا جو ڪوٺڙ) ۴۶۹
گرهڙ (ڪرهل) ۴۱۸
گسري ۳۸۷، ۳۹۱
گنبٽ ۵۲۲
گنداوا (قنداييل) ۴۱۲-۴۱۷
گومل ندي ۳۹۶

ڳ

ڳاڙهو پڙو ۴۰۰

گھ

گهارو ۳۹۱، ۴۰۱
گهاروال ۵۱۹
گهگهر ۵۳۴

ل

لاڙ ۴۳۹
لاڙا (پاڙو) ۴۳۹
لاڙڪاڻو ۴۰۲، ۴۰۷، ۴۷۰
لاڪا (قوم) ۵۵، ۵۱۶
لاڪاٽ ۲۲، ۴۰۲
لاڪو (علائقو) ۲۲، ۳۱۳، ۴۰۲
لاهري (لاهوري، لاري، لوهاراڻي)
بندر ۳۸۱-۳۸۳، ۳۸۵-۳۸۶، ۳۸۹-۳۹۰
لس ٻيلو ۴۱۳، ۴۱۷، ۴۴۸، ۴۶۱
لڪي ۴۶۶-۴۶۷
لنڊن ۳۷۲، ۳۷۸، ۳۸۱
لوتران ۵۳۴
لوهاڻا قوم ۲۲، ۷۰
لوهاور ۵۰۰
لوهاڻو درياء ۲۲، ۴۰۲
لوهاڻو (پرڳڻو) ۲۲، ۵۵-۵۷، ۶۲، ۶۴، ۹۲، ۳۱۲-۳۱۳، ۳۱۵، ۳۲۵، ۳۹۸، ۴۰۲، ۴۸۲-۴۸۳، ۴۹۵، ۴۹۷
لوهر ۵۱۸
ليلگاڻي (پاڙو) ۴۲۹

م

ماڇي (قوم) ۴۳۹
ماڙي موريو ۳۸۷-۳۸۸، ۳۹۰
مالڪيڙ ۵۱۹
ماهي ندي ۵۰۹
ماهي ڪنٺا ۵۰۹
متڙون ۵۲۶
متڙا ۴۱۴-۴۱۵
مذحج ۵۰۵
مسرجي واڻ ۵۱۶
مصر ۱۰۵، ۳۷۴، ۴۵۵، ۴۹۳، ۵۳۲

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مضربة (قبيلو) ۵۱۴
مکران ۲۱-۲۲، ۵۵، ۶۵-۶۷،
۹۸-۹۹، ۱۰۳-۱۰۴، ۱۰۷،
۱۰۹-۱۱۰، ۱۱۷-۱۱۸،
۱۲۰، ۱۲۳، ۱۲۷، ۱۳۹،
۱۵۸، ۲۱۲، ۳۲۴، ۳۸۸،
۳۹۵، ۴۰۵، ۴۱۴، ۴۱۶،
۴۲۵، ۴۲۷، ۴۲۹-۴۳۰،
۴۳۵، ۴۳۷-۴۳۸، ۴۴۷،
۴۶۰-۴۶۱، ۴۸۴، ۵۴۴،
۵۴۷
ملتان ۲۳، ۴۸-۵۰، ۲۳۴، ۳۱۵،
۳۵۰-۳۵۲، ۳۵۴-۳۵۵،
۳۵۷-۳۵۹، ۴۰۴-۴۰۶،
۴۷۵، ۴۸۳-۴۸۴، ۵۱۰،
۵۱۲، ۵۲۱-۵۲۷، ۵۳۰-
۵۳۳
منڇر ڍنڍ ۴۶۸
منروي (ڀتخالو) ۵۰، ۳۵۶،
۵۲۶-۵۲۷
منصوره ۳۷۵، ۳۹۲، ۳۹۷-
۴۰۰، ۴۰۹، ۴۴۴، ۴۵۹،
۴۶۷، ۴۹۵، ۴۹۷، ۵۱۵
منهل ۲۸۸، ۳۲۱
موج ۱۲۸، ۴۶۳-۴۶۶
مهراڻ ۲۱، ۹۲، ۱۵۱، ۱۵۶،
۱۶۴، ۱۶۷، ۱۷۷-۱۷۸،
۱۸۱-۱۸۲، ۱۸۵، ۱۸۹-
۱۹۰، ۱۹۲-۱۹۸، ۲۰۰-
۲۰۱، ۲۰۳، ۲۰۶-۲۰۸،
۲۱۵-۲۱۶، ۲۱۸، ۲۲۲،
۲۲۴، ۲۲۶-۲۲۸، ۲۳۵،
۲۴۴، ۲۷۷، ۲۸۱، ۳۷۴،
۳۷۸، ۳۸۴-۳۸۶، ۴۰۱،
۴۱۸-۴۲۲، ۴۵۷-۴۵۸،
۴۶۴-۴۶۵، ۴۶۸، ۴۷۰-
۴۷۱، ۴۷۳، ۴۷۵، ۴۸۲-
۴۸۳، ۴۹۴-۴۹۵، ۵۰۹،
۵۱۵
مهراڻو ۴۷۶
مهلا (گبوٽ) ۴۹۷
ميد، ميڊ (قوم) ۱۲۶، ۴۳۶-
۴۳۸
ميرپور خاص ۵۳۳
ميرپور ساڪرو ۳۸۶، ۳۸۸،
۴۱۸، ۴۶۳
ميواڙ ۴۰۵

(ن)

ناراڻي ۲۴۱
نرواله صندل (ماڪب) ۳۳۰
نڪامره ۱۱۷، ۴۳۶-۴۳۹
نميلة (قبيلو) ۲۵۲
نهر ۴۲۷، ۴۳۰
نهروان (جنگ) ۴۲۸
نواب شاه ۴۰۲، ۴۹۶، ۵۱۱
نوبهار (مندر) ۳۳۳، ۲۹۳،
۵۱۷

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نوشڪي (لڪ) ٣٩٦
نو وهار (مندر) ٥٨، ٦٣، ٤٠٨
نئين سن ٤٦٥-٤٦٦
نيرون ڪوٽ ٢١، ١٢٨، ١٣٠، ١٤٠، ١٥٦، ١٦٢، ١٦٤- ١٦٦، ١٦٨، ١٧٨، ١٨٠، ١٨٦-١٨٨، ٢٢٣، ٣٢٠، ٢٨٦، ٣٩٥، ٤٠١، ٤١٨، ٤٢٠-٤٢٢، ٤٦١، ٤٦٣، ٤٦٥-٤٦٦، ٤٧١-٤٧٣، ٥٠٦
نيشاپور ٣٩٦
نيطري (نهر) ٤١٩
نيمروز ٢٣-٢٤، ٤٠٥

هه

هاشي ٧٠
هالا (قوم) ٥١٦
هالا (تعلقو) ٤٠٢
هالائي ٻهلائي ٥١٦، ٥٢٢
هڏباري (درياءَ جي شاخ) ٤١٩
هرات ٤٢٩
هند، (هندستان) ٨، ١٢، ١٨، ٢١، ٤٦، ٥٦-٥٧، ٦٠، ٦٦، ٦٨-٦٩، ٧٥، ٧٧، ٩٣، ٩٦، ٩٧-٩٩، ١٠١- ١٠٢، ١٠٨-١١٠، ١١٦- ١١٧، ١٢٣، ١٢٧، ١٣٠- ١٣٣، ١٣٥، ١٣٩، ١٤٨، ١٥٣، ١٥٦-١٥٨، ١٧٥، ١٧٨، ١٨١، ١٨٦-١٨٧، ١٩٢، ١٩٣، ٢٠٧، ٢٤٢، ٢٧١، ٢٧٦-٢٧٧، ٢٩٠، ٢٩٩، ٣٠٥، ٣٠٧، ٣١٥- ٣١٦، ٣٢٦، ٣٢٩، ٣٦٢، ٣٦٢-٣٦٧، ٣٦٩، ٣٧١، ٣٧٩، ٣٩٧، ٤٠٢، ٤٢٥- ٤٢٦، ٤٣٠، ٤٣١، ٤٣٥، ٤٤٠، ٤٤٦، ٥٠٣، ٥٠٨، ٥٢٢، ٥٢٦-٥٢٧، ٥٤٣، ٥٤٦
هوسڙي ١٦٤
هُولائي (ٻاڙو) ٤٣٩

و

واسط ٥٥٢-٥٥٣
واڳهودر ٣٧٨-٣٨٧، ٣٩٠- ٣٩١
ونسنا (ماڙي) ٥١٩
وجورته ١٩١، ٤٧٣
وخان شاه ٥٢٠
وڏاتيه ٢٩٠
وڪر ٻهار (ٻڌي ۽ مندر) ٣٢١، ٣٩٣، ٥١٠-٥١١، ٥١٥
ولهاري (ٻاڙو) ٤٣٩
ونگرا (ٻاڙو) ٤٣٩
ونگو (علائقو) ٤٢٢، ٤٧٦

ي

يماڻي قبيلو ٥١٤-٥١٥
يورپ ٣٧٣-٣٧٤

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٤- ڪتاب فتحنامي جي عنوانن جي فهرست

صفحو	عنوان
الف	مصحح طرفان ديباچو
ج	مصحح طرفان مقدمه
١	مؤلف علي محمد طرفان ڪتاب جي تمهيد
٨	سلطان ناصرالدين قباچه جي تعريف
١١	هن ڪتاب جوڙڻ جو سبب
١٤	ڪتاب جي حقيقت
١٥	وزير شرف الملڪ جي مدح
١٨	مؤلف طرفان معذرت
٢١	ڪتاب جي شروعات (راءِ گهرائو)
٢٤	چچ جو رام حاجب جي خدمت ۾ اچڻ
٢٧	وزارت جو چچ بن سيلائج جي حوالي ٿيڻ
٢٨	راڻي سوهڻن ديوي جو چچ تي عاشق ٿيڻ
٣٢	ساهسي راءِ جو دارالفنا مان انتقال ڪرڻ [برهمڻ گهرائو]
٣٤	چچ جو راجا ساهسي راءِ جي تخت تي ويهڻ
٣٧	چچ جو مهرت سان جنگ ڪرڻ ۽ ڪيس ٽڪين ۾ سان قتل ڪرڻ
٣٩	چچ جي راڻي سوهڻن ديوي سان شادي ڪرڻ
٤١	چچ جو پنهنجي ڀاءُ چندر کي اروڙ جي شهر ۾ نائب مقرر ڪرڻ
٤٢	چچ جو پنهنجي ڀاءُ چندر کي پنهنجي نائب بنائڻ بابت پروانو
٤٣	چچ جو بُڌيمن وزير کان ولايت جي احوال ۽ سهرس راءِ جي ملڪ جي حدن بابت پڇڻ
٤٤	وزير بُڌيمن جي تقرير ڪرڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٤٥ ڇچ جو اروڙ جي حڪومت جي حدن جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ۽ حدون نروار ڪرڻ

٤٦ ڇچ جو اسڪلنده جي قلعي ڏانهن وڃڻ

٤٨ ڇچ جي سڪہ ۽ ملتان جي طرف وڃڻ

٤٩ قاصد جو ڪشمير کان هٿين خالي موٽڻ

٥٠ ڇچ جو ملتان جي قلعي ۾ پنهنجو نائب وهاري مٿي وڃڻ

٥٢ ڪشمير سان حد مقرر ڪري ڇچ جو موٽڻ

٥٤ لشڪر جو سيوستان وڃڻ

٥٥ ڇچ جو برهمناباد طرف لوهاڻي جي (بادشاهه) اگهم ڏانهن قاصد موڪلڻ

٥٦ ڇچ جو لوهاڻي جي (حاڪم) اگهم کي گهرائڻ لاءِ فرمان موڪلڻ

٥٧ ڇچ جو برهمناباد شهر وٽ اچڻ ۽ لوهاڻي جي (حاڪم) اگهم سان جنگ ڪرڻ

٥٩ ڇچ جو فرمان

٦٠ ڇچ جو اگهم جي زال سان شادي ڪرڻ، ۽ پنهنجي ڀائٽيي سنڌس پٽ سرٻند کي ڏيڻ

٦١ ڇچ جو پروهت وٽ وڃڻ ۽ ڪانڪس احوال پڇڻ

٦٣ ڇچ جو برهمناباد ڏانهن موٽي وڃڻ

٦٤ ڇچ جو برهمناباد ۾ منزل ڪري اتي جي رهاڪن تي ڍل مقرر ڪرڻ

٦٥ ڇچ جو ڪرمان طرف وڃڻ مڪران جي حد ظاهر ڪرڻ

٦٧ ڇچ جو ارمابيل ڏانهن وڃڻ ۽ اتي ڍل مقرر ڪرڻ

٦٨ (ڇچ جي مرڻ بعد سندس ڀاءُ) چندر بن سيلائج جو اروڙ جي تخت تي ويهڻ

٦٩ سيوستان جي راجا مٿي جو (ڪنوج جي راجا سيهرس ڏانهن مدد لاءِ) وڃڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٦٩ سيھرس جي طرفان جواب
٧١ سيھرس جو ڏاھر بن چچ ڏانھن قاصد موڪلڻ
٧٣ چندر جو چچ جي گاديءَ تي ويھڻ
٧٤ [ڌرسيه جو پنھنجي] ڀيڻ کي ، ڀاٽيا جي راءِ جي حوالي
ڪرڻ لاءِ اروڙ موڪلڻ
٧٦ ڏاھر جو ڀيڻ بابت پڇڻ لاءِ نجوميءَ وٽ وڃڻ
٧٧ نجوميءَ جو ارشاد
٧٧ بڌيمن وزير جي راجا ڏاھر کي صلاح ڏيڻ
٨٩ بڌيمن وزير جو طلسم
٨٠ ڏاھر جو ڌرسيه ڏانھن تعظيم سان خط لکي موڪلڻ
٨٠ ڏاھر جو خط ڌرسيه کي پھچڻ
٨١ بڌيمن وزير جو ڏاھر کي روڪڻ
٨٢ ڏاھر جو ڌرسيه ڏانھن لکيو موڪلڻ
٨٣ ڌرسيه جو ڏاھر کي ھٿ ڪرڻ لاءِ اروڙ وڃڻ
٨٥ ڌرسيه جي ڏاھر کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ
٨٦ ڏاھر جي وزير سان صلاح ڪرڻ
٨٨ ڌرسيه جو ھاٿيءَ تي ويھي اروڙ جي قلعي ۾ اچڻ
٩٠ ڏاھر کي ڌرسيه جي موت جي خبر پوڻ
٩٢ ڌرسيه کي ساڙڻ
٩٣ ڏاھر جو برھمناباد جي قلعي ڏانھن وڃڻ
٩٤ رمل جي بادشاھ جو راجا ڏاھر جي جنگ تي اچڻ
٩٥ محمد علافي عرب جو رمل جي بادشاھ جي جنگ تي
[خلفاءِ راشدين]
٩٧ خلفاءِ راشدين کان وليد تائين تاريخ
١٠٢ اميرالمومنين علي بن ابي طالب رضي الله عنه جي خلافت
١٠٣ ھند جي جنگ جي خبر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[بنو اميه: معاويه بن ابي سفيان]
١٠٤ مُعَاوِيَہ بن آبي سُفيَانَ جي خلافت
١٠٨ هند جي سرحد تي سِنان بن سَلَمَہ بن المحبق الهذلي
جو والي ٿيڻ
١٠٩ راشد بن عَمرو الجَديدي جو هند جي سرحد تي والي ٿيڻ
١١١ [سِنانَ بن سَلمہ جي دوباره اِيالت]
١١٤ مُنذر بن جارُود بن بِشر جو والي ٿيڻ
١١٥ حَڪم بن منذر جو والي ٿيڻ
[عبدالملڪ]
١١٧ عَبدالملڪ بن مروان جي خلافت
١١٨ علافين ؛ سندن بغاوت جي خبر
١٢٢ مُجاعة بن سعر بن يزيد بن حذيفہ [التميمي] جو والي ٿيڻ
[وليد بن عبدالملڪ]
١٢٣ محمد بن هارون بن ذراع النمري جو والي ٿيڻ
١٢٤ سرانديپ کان خليفي (وليد) ڏانهن موڪليل تحفن ؛
سوکڙين جو ديبل وٽ لٽجڻ
١٢٦ حجاج جو ڏاهر ڏانهن قاصد موڪلڻ
١٢٦ حجاج جي دارالخلافت کان سنڌ تي چڙهائي لاءِ اجازت گهرڻ
١٢٨ جيسينه بن ڏاهر جو نيرون کان ڀڄڻ
١٢٩ بديل جي شهيد ٿيڻ جي خبر
[محمد بن قاسم جي تقرري]
١٣١ محمد بن قاسم جو سنڌ جي محاذ تي والي ٿيڻ
١٣٢ حجاج جو (دارالخلافت ڏانهن) خط

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۳۳ دارالخلافت ۾ خط جو موڪلڻ ۽ لشڪر لاءِ هندستان جي سفر جي اجازت

۱۳۳ حجاج جو شام ڏانهن لکڻ

۱۳۴ جمعي جي ڏينهن حجاج جو خطبو ڏيڻ

[فتوحات مڪران]

۱۳۹ محمد بن قاسم جو مڪران اچڻ

۱۴۰ محمد بن هارون جو محمد بن قاسم سان گڏجي روانو ٿيڻ

۱۴۰ لشڪر جو ارمابيل ڪان اڳتي وڌڻ

۱۴۱ ارمابيل جي منزل تي محمد بن قاسم کي حجاج جو فرمان پهچڻ

[فتح ديبل]

۱۴۲ عرب جي لشڪر جي (ديبل تي حملي لاءِ) تياري ۽ حجاج جو خط پهچڻ

۱۴۷ جَعَوُنَه جو منجنيق سان بتخاني جي جهنڊي کي ڀڃڻ

۱۴۹ محمد بن قاسم جو جَعَوُنَه منجنيقيءَ کي پاڻ وٽ سڏڻ

۱۵۲ (ديبل جي) جنهن برهمڻ کي محمد بن قاسم امان ڏني هئي تنهن کي وٺي اچڻ

۱۵۳ ”قبله“ والي جيلر کي وٺي اچڻ

۱۵۳ محمد بن قاسم جو ترجمان ڪان پڇڻ

۱۵۴ قيدين ڪان حال پڇڻ

۱۵۵ ديبل جي غنيمتن، غلامن خواه روڪڙ مان پنجون حصو وصول ڪرڻ

۱۵۵ ديبل جي لٽجڻ جي خبر راجا ڏاهر کي پهچڻ

۱۵۶ (محمد بن قاسم جو ارمابيل ۾ منزل ڪرڻ)

۱۵۶ راجا ڏاهر جو خط

۱۵۸ محمد بن قاسم جو ڏاهر ڏانهن خط

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[فتح نيرون]
١٦١ ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم جو نيرون ڏانهن وڃڻ
١٦٣ محمد بن قاسم کي حجاج جو خط پهچڻ
١٦٤ ديبل جي خبر ۽ نيرون وارن جو حجاج بن يوسف کان پروانو وٺڻ
١٦٦ محمد بن قاسم جو پنهنجا اعتماد جوڳا ماڻهو نيرون ۾ موڪلڻ
١٦٧ شمني جو تحائف سميت محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ
[فتوحات سيوستان ۽ ٻڌيه]
١٦٨ سيوستان ۽ ان جي ڀرسان ڀسگردائيءَ فتح ڪرڻ ۽ قلعي وٺڻ جي خبر
١٦٩ لشڪر جي سيوستان سان جنگ ڪرڻ
١٧١ سيوستان جو هٿ آئڻ ۽ ٻجهراءِ جو ڀڄي وڃڻ
١٨٢ منڪيه ماڻهن جو ڪاڪي بن ڪوتل وٽ اچڻ
١٧٤ ڪاڪي جو نُباته بن حنظله سان گڏجي محمد بن قاسم جي خدمت ۾ وڃڻ ۽ بيعت ڪرڻ
١٧٧ حجاج طرفان مهراڻ لنگهي ڏاهر سان جنگ جوٽڻ جو حڪم پهچڻ
١٧٨ عرب جي لشڪر جو نيرون ڪوٽ موٽي اچڻ
١٧٨ محمد بن قاسم جو خط لکي حجاج کي احوال ٻڌائڻ
١٨٢ محمد بن قاسم وٽ حجاج جو خط پهچڻ
١٨٦ محمد بن قاسم جي نيرون ڪوٽ ۾ پهچڻ جي ڏاهر کي خبر پوڻ
١٨٨ محمد بن قاسم جي نيرون جي شمني کي خلعت پهرائڻ
[فتح اشبهار ۽ مهراڻ ٽپڻ جي تياري]
١٩٠ مهراڻ جي ڪناري واري منزل تي محمد بن قاسم جي لڙائي ڪرڻ
١٩١ موڪي [پٽ] وسايي جي عهدنامي جي ڏاهر کي خبر پوڻ
١٩٣ موڪي جو محمد بن قاسم سان عهدنامو ڪرڻ
١٩٤ موڪي جي چوڻ تي محمد بن قاسم جو نباته بن حنظله کي موڪلڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

١٩٥ نباته جو وڃي موڪي کي گرفتار ڪرڻ
١٩٦ محمد بن قاسم جو شامي قاصد ۽ مولاي اسلام کي موڪلڻ
١٩٦ شامي قاصد جو ڏاهر وٽ وڃڻ
١٩٧ ڏاهر جو ڌمڪارڻ
١٩٧ شاميءَ جو پيغام ادا ڪرڻ
١٩٨ ڏاهر جي سياڪر وزير سان صلاح ڪرڻ
٢٠٠ علافيءَ جي ڏاهر کي نصيحت ڪرڻ
٢٠١ راجا ڏاهر جو پيغام
٢٠١ محمد بن قاسم جي قاصدن جو ڏاهر وٽان واپس اچڻ
٢٠٢ محمد بن قاسم کي حجاج جو خط پهچڻ
٢٠٦ حجاج جو خط پڙهڻ ۽ محمدبن قاسم جو سائين کي خطاب پڙهڻ
٢٠٧ ڏاهر جو مهراڻ جي ڪناري تي سامهون اچڻ
٢٠٨ شاميءَ جو شهيد ٿيڻ
٢٠٩ محمد بن مصعب جو سيوستان وڃڻ
٢١٠ جيسينه جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ بيٽ جي قلعي ۾ اچڻ
٢١١ ڏاهر جو محمد بن قاسم ڏانهن پيغام
٢١٢ حجاج جي قاصد طيار جو خبر لهي موٽي وڃڻ
٢١٣ حجاج جو ٻه هزار گهوڙا، خط سان گڏ محمد بن قاسم
ڏانهن موڪلڻ
٢١٥ محمد بن قاسم جو حجاج جو خط پڙهڻ
٢١٥ حجاج بن يوسف جو سرڪو موڪلڻ
٢١٥ مهراڻ جي الهندي ڪناري تي حجاج جو خط پهچڻ
[مهراڻ عبور ڪرڻ]
٢١٨ محمد بن قاسم جي مهراڻ ٽپڻ جي خبر
٢٢٠ ڏاهر جو وزير کي جواب ڏيڻ
٢٢١ راجا ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢٢٢ محمد بن قاسم جو مهراڻ جي ايرندي طرف ٽپڻ جي خبر

٢٢٢ سليمان جو لڙائي تي وڃڻ

٢٢۴ محمد بن قاسم جي ٻاڙيءَ لهڻ لاءِ جاچ ڪرڻ

٢٢۵ ڏاهر کي موکي ڀٽ وسائي جي ماڻهن اٿڻ جي خبر پوڻ

٢٢۵ راسل کي حڪومت ڏيڻ

٢٢٦ ڏاهر وٽ موکي جي بغاوت جي خبر اچڻ

٢٢٨ ڏاهر جو دربان کي اسلام جي فتح جي خبر آڻڻ تي سزا ڏيڻ

٢٢٩ لهڻ لاءِ پل ٻڌڻ

٢٢٩ عرب جي لشڪر جو مهراڻ مان لنگهڻ

٢٣٠ ڏاهر کي لهي اچڻ جي خبر پوڻ

٢٣١ ڏاهر جو محمد علافيءَ کي گهرائڻ

٢٣٢ محمد علافيءَ جي درخواست ۽ ڏاهر جو ان کي جواب ڏيڻ

٢٣٢ محمد علافيءَ جو هليو وڃڻ

٢٣٣ محمد بن قاسم جو محمد علافيءَ کي امان ڏيڻ

٢٣۴ ڏاهر جي علافيءَ سان صلاح ڪرڻ

٢٣۵ محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن لکيو موڪلڻ

٢٣۵ حجاج جو خط محمد بن قاسم کي پهچڻ

[ڏاهر سان جنگ ۽ فتح]

٢٣٦ ڏاهر جو جيسينه کي جنگ جي مقدمه طور موڪلڻ

٢٣٨ ڏاهر جو پهرئين ڏينهن جنگ ڪرڻ ۽ راسل جي بيعت ڪرڻ

٢۴٠ راسل جو محمد بن قاسم سان عهدنامو ڪرڻ

٢۴١ محمد بن قاسم جو جيوَر جي منزل تي لهڻ

٢۴٢ ٻئي ڏينهن جنگ ڪرڻ

٢۴٣ ٽئين ڏينهن ڏاهر جي عربن سان جنگ ڪرڻ

٢۴۴ چوٿين ڏينهن جي جنگ

٢۴۵ ڏاهر جو محمد علافيءَ کي پنهنجي پٽ جيسينه سان موڪلڻ

٢۴٧ چوٿين ڏينهن ڏاهر جي عربن جي لشڪر سان جنگ ڪرڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢٤٨ خميس جي ڏينهن جنگ ڪرڻ
٢٤٩ تاريخ ڏهين رمضان سنه ٩٣ ترانوي هجري جو واقعو
٢٥٢ اسلامي لشڪر جو ميمنه، ميسره ۽ قلب کي تيار ڪرڻ
٢٥٣ محمد بن قاسم جو خطاب
٢٥٥ محمد بن قاسم جو جنگي جوانن کي تاڪيد
٢٥٥ محمد بن قاسم جو ٻارن کي خطاب ڪرڻ
٢٥٦ ڪن ماڻهن جو امان گهرڻ لاءِ اچڻ
٢٥٧ محمد بن قاسم جو همراه چونڊڻ
٢٥٧ عرب جي لشڪر جو ڪافرن تي حملو ڪرڻ
٢٥٨ شجاع حبشي جو شهيد ٿيڻ
٢٦٠ محمد بن قاسم جو ساٿين کي سڏڻ
٢٦١ محمد بن قاسم جو حملو ڪرڻ
٢٦١ ڏاهر جي ڪسڻ جي خبر
٢٦٢ زالن جو آواز ظاهر ٿيڻ
٢٦٢ ڏاهر جو پوئتي ورڻ
٢٦٤ محمد بن قاسم جو پڙهو ڏيارڻ
٢٦٨ ڏاهر جي زال لاڏي جي سندس گرفتاري بابت خبر پڌائڻ
٢٦٩ محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن ڏاهر جي مارجڻ ۽ فتح بابت لکڻ
٢٧٠ ڏاهر جو سر عراق ڏانهن موڪلڻ
٢٧١ امير حجاج جي ڪعب سان گفتگو
٢٧٥ حجاج جي پنهنجي ڀائٽي محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي حڪايت
٢٧٦ حجاج جو ڪوفه جي جامع مسجد ۾ خطبو ڏيڻ
٢٧٧ محمد بن قاسم جي فتحنامي جي جواب ۾ حجاج جو خط لکڻ [فتح راوڙ]
٢٧٨ راوڙ جي غلامن جي خبر
٢٨٠ جيسينه جو راوڙ جي قلعي ۾ تياري ڪري جنگ ڪرڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٢٨٢ محمد بن قاسم جو راوڙ جو قلعو وٺڻ ۽ ڏاهر جي زالن
ماڻهن جو پاڻ ساڙڻ
٢٨٣ ٻانهن، روڪڙ ۽ ڪوڙن جي تعداد جو بيان
٢٨٤ حجاج جو ڏاهر جو سر ۽ ان جا جهنڊا دارالخلافت ڏانهن موڪلڻ
٢٨٥ راوڙ جي فتح جي خبر ملڻ کان پوءِ حجاج جو محمد
بن قاسم ڏانهن خط
٢٨٦ جيسينه جو برهمڻاباد مان اروڙ، ٻاٽيه ۽ ٻين پاسن ڏانهن
خط لکڻ
[فتح ٻهرور ۽ دهليله]
٢٨٧ ٻهرور ۽ دهليله جي لڙائي ۽ فتح جي خبر
٢٨٨ دهليله جي راجا جو ڀڄي وڃڻ
٢٨٩ دهليله جي فتح ۽ خزاني جو پنجون حصو دارالخلافت
ڏانهن موڪلڻ
٢٨٩ سياڪر وزير جو اچڻ ۽ امان گهرڻ
٢٨٩ سياڪر جو وزير ٿيڻ
٢٩٠ نوبة بن هارون کي دهليله جي حڪومت ڏيڻ
(فتح برهمڻاباد]
٢٩١ عرب لشڪر جي برهمڻاباد جي اپرندي پاسي جلوالي
ڍوري جي ڪناري تي لهڻ
٢٩٢ پورن رجب تي محمد بن قاسم جو پهچڻ (۽ جنگ شروع ڪرڻ)
٢٩٣ محمد بن قاسم جو موڪي ڏانهن ساڙو موڪلڻ
٢٩٤ جيسينه جو چترور وڃڻ
٢٩٦ [علافيءَ جو] ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ
٢٩٦ ڪشمير جي راجا جي [علافيءَ کي] عزت ڏيڻ
٢٩٧ [جيسينه جو چترور ڏانهن وڃڻ]
٢٩٩ برهمڻاباد وارن جي پڪي انجام تي محمد بن قاسم جو
کين امان ڏيڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

٣٠١ جيسينه ۽ راجا ڏاهر جي زال جو مقابلي لاءِ بيهڻ جي خبر
٣٠٢ ڏاهر جي زال لاڏيءَ ۽ ٻن ڌين کي گرفتار ڪرڻ
٣٠٢ غنيمت جي مال جو اندازو
٣٠٢ واپارين ۽ ڪاريگرن کي امان ڏيڻ
٣٠٣ ڏاهر جي لاڳاپيدار برهمڻن جي خبر
٣٠٣ برهمڻن جو محمد بن قاسم وٽ اچڻ

٣٠۴ محمد بن قاسم جو برهمڻن سان وعدو ڪرڻ ۽ امان ڏيڻ
٣٠۵ برهمڻن ۽ ملڪ جي امينن کي مقرر ڪرڻ
٣٠۵ ڪاريگر، واپارين ۽ ڪڙمين کي لکڻ
٣٠۵ مقرر ڍل جي وصول ڪرڻ لاءِ نائب مقرر ڪرڻ
٣٠٦ برهمڻن جو عرض ڪرڻ
٣٠٦ برهمڻن لاءِ حڪم
٣٠٦ برهمڻن تي ڪم مقرر ڪرڻ
٣٠٧ برهمڻن جو زور وٺي واهڻن ۾ وڃڻ
٣٠٨ واهڻن ۽ شهرن تي ڍل مقرر ڪرڻ
٣٠٨ محمد بن قاسم جي خلق سان مهرباني ڪرڻ
٣٠٩ محمد بن قاسم جو برهمڻاباد وارن کي پروانو ڏيڻ
٣٠٩ محمد بن قاسم جو جواب ڏيڻ
٣١٠ محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکڻ
٣١١ حجاج جو لکيو پهچڻ
٣١٢ محمد بن قاسم جو برهمڻاباد وارن کي امان ۽ پروانو ڏيڻ
٣١٢ محمد بن قاسم جو سياڪر وزير کي سڏڻ
٣١۵ محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن خط
٣١۵ حجاج جو جواب
٣١٧ حجاج جا خط پهچڻ
٣١٧ برهمڻاباد شهر جي چئن اگهوائن کي ملڪ جي سرداري
لاءِ پروانو ڏيڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[فتح اروڙ]

٣٢٠ محمد بن قاسم جي برهمڻاباد مان رواني ٿيڻ جي خبر
٣٢٤ سمن جو استقبال تي اچڻ
٣٢٥ محمد بن قاسم جي لوهاڻي مان سيته علائقي ڏانهن منزل ڪٽڻ
٣٢٦ اروڙ وارن سان جنگ ڪرڻ
٣٢٧ ڏاهر جي زال لاڏيءَ جو اروڙ جي قلعي وارن سان ڳالهائڻ
٣٢٨ هڪ جادوگرياڻي جي ڏاهر جي موت بابت جاچ ڪرڻ
٣٢٩ پڪو انجام وٺي اروڙ جو قلعو حوالي ڪرڻ
٣٣١ رعيت ۽ ڪاسبين جي امان گهرڻ
٣٣٢ قلعي وارن جو انجام
٣٣٣ محمد بن قاسم جو قلعي ۾ اچڻ
٣٣٣ محمد بن قاسم جو لڙائي ڪندڙن کي قتل ڪرڻ
٣٣٤ هڪ شخص جو ٻاهر نڪري امان گهرڻ
٣٣٦ جيسينه جو ڪيرج ڏانهن وڃڻ
٣٣٩ چچ‍يءَ جو جيسينه کان نااميد ٿيڻ
٣٤٢ دروهر جي جيسينه سان بيوفائي رٿڻ
٣٤٣ جيسينه جو ٻن هٿيارٻندن سان اچڻ
٣٤٥ جيسينه جي بهادري ۽ سندس ڀائي جو سبب
٣٤٦ آحنف جي ڏوهٽي رواح جو اروڙ تي مقرر ٿيڻ

[فتوحات ملتان]

٣٤٨ قلعي ٻاٻيه جي حاڪم ڪڪسي تي فتح حاصل ڪرڻ
٣٤٩ ڪڪسي جي صلاح ڪاري
٣٥٠ سڪه ۽ ملتان جي فتح ٿيڻ جو احوال
٣٥٢ محمد بن قاسم جي راجا ڪندا سان جنگ ڪرڻ
٣٥٤ ملتان جي فتح ۽ روڪڙ جي تقسيم ڪرڻ
٣٥٨ ملتوي بتخانو

٣٥٦ محمد بن قاسم جو پلجڻ
٣٥٧ بنديخانو کولڻ ۽ خزانو کڻڻ
٣٥٨ محمد بن قاسم جو شهر ملتان جي رعيت کي پابند ڪرڻ
[قنوج تي حملي جي تياري]
٣٥٩ ابو حڪيم کي ڏهن هزارن سوارن سان قنوج ڏانهن موڪلڻ
٣٦٠ لشڪر جو اوڏانهن پهچڻ ۽ ابو حڪيم جو زيد کي راجا هرچندر ڏانهن موڪلڻ
٣٦١ قنوج جي راءِ هرچندر جو جواب
[محمد بن قاسم جي معزولي]
٣٦٢ محمد بن قاسم کي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ
٣٦٤ محمد بن قاسم کي اوڏانهن به پروانو پهچڻ
٣٦٥ خليفي جو (محمد بن قاسم جي نعش واري) صندوق کولڻ
٣٦٦ ڏاهر جي ڌيءَ چڱيءَ جي خليفي وليد سان گفتگو
٣٦٧ چڱيءَ جي ابو ٻيرو گفتگو
[ڪتاب جو خاتمو]
٣٦٨ دعاء
٣٦٨ ڪتاب جي پڇاڙي ۽ ٿاڦو
[مصحح طرفان اشارا، واڌارا ۽ فهرستون]
٣٧١–٥٥٧ اشارا ۽ واڌارا
٥٥٨–٥٦٤ ڪتابن جي فهرست
٥٦٥–٥٨١ ماڻهن جي نالن جي فهرست
٥٨٢–٥٩٥ ملڪن ماڳن، قومن قبيلن، ندين واهن، ڍنڍن
ڍورن جي نالن جي فهرست
٥٩٦–٦٠٨ ڪتاب فتحنامي جي عنوانن جي فهرست

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪجھ ڪتاب

سنڌ جي اقتصادي تاريخ	مترجم سراج الحق
سنڌ جي دربار	مترجم محمد حنيف صديقي
سيٺ نائونمل جون يادگيريون	مترجم محمد حنيف صديقي
تاريخ سنڌ، ڪلهوڙا دؤر، ٻہ جلد	مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري
تذڪره امير خاني	مولف: سيد حسام الدين راشدي
تحفة الڪرام	مصنف مير علي شير "قانع"
لب تاريخ سنڌ	مصنف خانبهادر خداداد خان
تاريخ مظهر شاهجهاني	تاليف: يوسف ميرڪ
اسلام جي تبليغ يعني	
اسلام جي اشاعت جي تاريخ	منصف ٽي، ڊبليو ارنولڊ
تذڪره مشاهير سنڌ ٣ ڀاڱا	مولانا دين محمد وفائي
تاريخ معصومي	مخدوم امير احمد
تاريخ ريگستان	استاد رائچند
تحفة الطاهرين	شيخ محمد اعظم بن شفيع ٺٽوي
برائو بارگر	منگهارام اوجها
سنڌ، هڪ عام جائزو	ايڇ ٽي. لئمبرڪ
قديم سنڌ	ڀيرومل مهرچند آڏواڻي